

سنڌو سڀيتا جو عظيم ورثو

# موهن جو دڙو

تحقيق ۽ تلخيص

احسان دانش

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌو سڀيتا جو عظيم ورثو

# موهن جو دڙو

ترتيب ۽ تلخيص:

احسان دانش

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2012ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ



چاپو پهريون | سال 2012ع | تعداد 1000



هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.


قيمت: ٻه سؤ پنجاسي رپيا

**(Price. Rs: 285-00)**


<u>خريداري لاءِ رابطو:</u>

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب ميسرز ايليگينٽ پريس ڪراچيءَ، مان الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

’سنڌو سڀيتا جو عظيم ورثو- موهن جو دڙو‘ ڪتاب دنيا جي قديم تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي عظيم اهڃاڻ (موهن جو دڙو) جي تاريخ تي مشتمل هڪ اهم تاريخي ۽ معلوماتي دستاويز آهي. جنهن ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ تي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن ۽ محققن جا مقالا شامل آهن.

هِن ڪتاب ۾ سنڌو ماٿر جي هِن اوائلي تهذيبي ورثي متعلق ٽڙيل پکڙيل مواد کي احسان دانش صاحب وڏي محنت سان يڪجا ڪري قديم دور جي ثقافتي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ تاريخ تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، تہ جيئن تاريخ جي مختلف دورن جا باب محفوظ ٿي سگهن.

هيءُ ڪتاب آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي تہ اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

26 ربيع الثاني 1433هہ
20- مارچ 2012ع

(الهڏتو وگهيو)
سيڪريٽري

# انتساب

اُن شخصيت جي نالي
جنهن جي رهنمائيءَ منزلن جي رسائي ممڪن بڻائي
جنهن جي پيار جيون گهارڻ جو سليقو بخشيو
جنهن جي ئي وجود سان آءٌ آهيان
اها شخصيت منهنجو والد ۽ سنڌ جو ناميارو محقق آهي
ڊاڪٽر بشير احمد شاد
جنهن جي محبت کي لفظن ۾ ماپائڻ مشڪل آهي.

احسان دانش

# ستاءُ


| | | |
|---|---|---|
| • ٻه اکر | مرتب | 9 |
| • مقدمو | احسان دانش | 14 |
| | | 65 |


## موهن جي دڙي جي تهذيب


| | | |
|---|---|---|
| 1. سنڌو تهذيب- عروج ۽ زوال | ايچ.ٽي لئمبرڪ | 67 |
| 2. سنڌو تهذيب جا خالق | تاج صحرائي | 95 |
| 3. موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو؟ | محمد يوسف ابڙو ”شاڪر“ | 128 |
| 4. سنڌوماٿر جي عظيم سڀيتا | سبط حسين | 137 |
| 5. موهن جي دڙي وارو ملڪ | جين فيئرلي | 144 |
| 6. لاڙڪاڻي ضلعي جي آثار قديمه جي تاريخ ۽ موئن جو دڙو | ڊاڪٽر غلام رسول سومرو | 155 |
| 7. مهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ عاليشان سڀيتا | پيرومل مهرچند آڏواڻي | 163 |
| 8. کوهن وارو شهر، موهن جو دڙو | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 181 |
| 9. موهن جي دڙي جون بستيون ۽ شهري اڏاوت جي رٿابندي | محمد ادريس صديقي | 200 |
| 10. موئن جي دڙي واري قديم تهذيب | رحيمداد مولائي شيدائي | 217 |
| 11. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب، موهن جو دڙو | غلام قادر بروهي | 225 |
| 12. قديم سنڌي ڪاريگر | آصف رضا موريو | 233 |
| 13. قديم سنڌ ۽ ان جا رابطا | جمناداس اختر | 239 |
| 14. موهن جي دڙي جو پرڏيهي واپار | دادا سنڌي | 244 |

15. موهن جي دڙي وارن جو مذهب — محمد ادريس صديقي — 252
16. سنڌي ثقافت جو سرچشمو موهن جو دڙو — ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر — 258
17. موهن جي دڙي ۾ عمارت سازيءَ تي تحقيق ۽ تنقيدي جائزو — غلام مصطفيٰ شر — 269
18. قديم سنڌوماتريءَ جي ديومالا — بدر ابڙو — 275


## موهن جي دڙي جي ٻولي


19. سنڌو لکت جو اڀياس — اسڪوپارپولا — 287
20. سنڌ جي اوائلي ٻولي — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — 307
21. موهن جي دڙي واري ٻولي — ڊاڪٽر غلام علي الانا — 317
22. سنڌي ٻولي — سراج الحق ميمڻ — 324
23. سنڌوماتريءَ جو پراچين رسم الخط — انيس انصاري — 340

# پيش لفظ

هن ڪتاب ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻولي جهڙن موضوعن تي نهايت ڪارائتا مقالا شامل آهن، جيڪي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ محققن جي تحقيق جو نچوڙ آهن. انهن مقالن مان ڪي انگريزي ۽ اردو ٻولين مان ترجمو ڪيل آهن. پر منهنجي شعوري ڪوشش اها ئي رهي ته اڄ هن ڪتاب ۾ ”موهن جي دڙي“ جي حوالي سان ”سنڌ“ جي عالمن جي ٿڙيل پکڙيل ڪم کي سميٽي اوهان جي سامهون آڻيان، ان جا ٻه سبب آهن: 1. اسان جي عالمن ۽ محققن کي اڪثر اها شڪايت رهي آهي ته سنڌ جي تاريخ توڙي قديم آثارن تي اڪثر ڌارين ڪم ڪيو آهي ۽ هميشه هنن پنهنجن مفادن مطابق اسان تي پنهنجي ڳالهه مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. 2. سنڌ جا عالم ۽ محقق جن جو تعلق هن ڌرتيءَ سان آهي، موهن جي دڙي بابت انهن جي نقطءِ نگاهه کي اوهان جي سامهون آڻجي.

مقالن جي غير معمولي طوالت ۽ هن ڪتاب ۾ ورجاءَ کي مدنظر رکندي ڪافي مقالن کي ضرورت آهر مختصر به ڪيو آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي ته ان اختصار سان مقالن جو روح به برقرار رهي. تنهن جي باوجود به اگر ائين ڪرڻ سان ڪنهن ليکڪ جي دل آزاري ٿي آهي ته اڳ اڳواٽ معذرت خواهه آهيان. ڪتاب ۾ شامل مقالا توڙي جو نوان نه آهن، پر انهن جي اهميت کان انڪار ممڪن نه آهي. انهن ٿڙيل پکڙيل ۽ اهم مقالن کي سهيڙڻ ۽ سميٽڻ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهرين ڪوشش آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ موهن جي دڙي تي هن وقت تائين ٿيل تحقيق جي پهرين ڪڙي تصور ڪرڻ کپي. اهڙي طرح ٻي ٽين ۽ چوٿين ڪڙيءَ ذريعي

اڄ تائين تيل تحقيق کي سامهون آڻي سگهجي ٿو..... جيئن مٿي ذڪر ٿيو تہ هن ڪتاب ۾ مقامي محققن جي تحقيقي ڪم کي اوليت ڏيندي سندن مواد شامل ڪيو ويو آهي، پر تنهن جي باوجود ڪجهہ ٻاهرين ليکڪن جا اهم مقالا پڻ شامل ڪرڻ ضروري سمجهيا اٿم.

هتي آءٌ هڪ وضاحت جنهن کي ٻين لفظن ۾ اعتراف بہ چئي سگهجي ٿو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ منهنجو آرڪيالاجي جي شعبي سان ڪوئي تعلق نہ آهي، ها البتہ تحقيق طرف طبيعت مائل هجڻ ڪري وقتاً فوقتاً اهڙو مطالعو رهيو آهي، جنهن ڪري اهو موضوع مون لاءِ اهميت جو ڪارڻ رهيو آهي. جڏهن مون هن ڪم ۾ هٿ وجهڻ جو سوچيو تہ مون کي اندازو نہ هيو تہ ان لاءِ مون کي رُڪ جا چڻا چٻڻا پوندا، بظاهر هي سهيڙ پيل سولي لڳندي هجي، پر مون کي ان ڪم ۾ پريا ٽي ورهيہ لڳا. ان وچ ۾ هن سموري مواد کي سهيڙيندڙ ڪيئي معاملا ۽ مونجهارا پيدا ٿيا. بهرحال هن وقت ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، آءٌ انهن معاملن ۽ مونجهارن کي سلجهائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان، اهو اوهان خود اندازو لڳائي سگهو ٿا.

هن ڪتاب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: 1. موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن 2. موهن جي دڙي جي ٻولي. ٻنهي حصن ۾ شامل سمورا مقالا پنهنجن موضوعن جي حوالي سان نهايت جامع آهن.

پهرين حصي ۾ دنيا جي مڃيل محقق ايچ-ٽي ليمبرڪ جو مقالو سنڌ ۾ تهذيب جي ڦهلاءَ عروج ۽ زوال جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. سنڌ جي صحرائن جي مسافر تاج صحرائيءَ جو مقالو سنڌ جي قديم آثارن متعلق سندس تحقيق جو نچوڙ آهي، جنهن ۾ هن دليلن سان ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو سڀيتا جا اڏيندڙ ڪي ڏاريا نہ پر خود هتان جا مقامي رهندڙ يعني سنڌي هئا. محمد يوسف ابڙي موهن جي دڙي جي نالي جي اصليت ۽ حقيقت تي محققانہ بحث ڪيو آهي. اردو جي عالم سبط حسن پنهنجي مقالي ۾ سنڌو ماٿر جي عظيم سڀيتا جا نغما ڳايا آهن.

انگريز مصنف جين فيئرلي جنهن سنڌو درياهه تي هڪ اهم ڪتاب ”سنڌو شينهن درياهه“ لکيو آهي، تنهن جو مقالو موهن جي دڙي جي پس گردائي ۽ تهذيب تي روشني وجهي ٿو. ڊاڪٽر غلام رسول سومرو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تهذيبي اوسر تي ڳالهائيندي موهن جي دڙي جي اهميت ۽ افاديت اجاگر ڪري ٿو. سنڌ جو وڏو محقق ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان ونئي سنڌ ۾ عظيم سڀيتا جي اجاگر ٿيڻ تائين مرحلي وار معلومات مهيا ڪئي آهي. ناليواري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي تحقيقي مقالي ۾ موهن جي دڙي جي قدامت ۽ اهميت تي روشني وجهندي، موهن جي دڙي کي اصحاب الرس جي حوالي سان ڪوهن وارو شهر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اردو ٻوليءَ ۾ آثار قديمه جي حوالي سان ڪم ڪندڙ برک محقق محمد ادريس صديقي جنهن موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب ”وادئ سنڌ ڪي تهذيب“ لکيو آهي، ان جا هن ڪتاب ۾ ٻه مقالا شامل آهن، جن مان پهرين مقالي ۾ هن موهن جي دڙي جي سائيٽ بابت تفصيلي احوال لکندي ان دور جي انسان کي سلام پيش ڪيو آهي.

سنڌ جي شيدائي رحمیداد مولائي شيدائي موهن جي دڙي جي ڇڻ تهن مان لڌل مختلف شين جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏيندي ان زماني جي ماڻهن جي ”لاش دفنائڻ جي رسم“ جو پڻ احوال ڏنو آهي. غلام قادر بروهي جي مقالي ۾ موهن جي دڙي ۾ خوراڪ ۽ زراعت، ان جي پاڻدن، درياهه جي ڪناري لڳ بندرگاهه، اتي رهندڙ ماڻهن جي اصل نسل ۽ زوال جي سببن تي سنو مواد موجود آهي. نوجوان محقق آصف رضا موريو، موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان لڌل مختلف موتين ۽ پٿرن مان ٺهيل زيورن، ڦٽي، آئيني توڙي ٻئي سامان جي موجودگيءَ مان تاريخي حوالن سان ثابت ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو نئي دنيا ۾ سينگار جا اولين خالق هئا.

هندستاني محقق جمنا داس اختر قديم سنڌ جي دنيا جي ٻين ملڪن سان رابطن يا پرڏيهي واپار تي ڀرپور نموني لکيو آهي. ساڳي ئي موضوع تي هڪ قدم اڳتي ناليواري سنڌي محقق ۽ تاريخدان دادا سنڌي پنهنجي مقالي ۾ وضاحت سان لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ محمد ادريس صديقيءَ جو ٻيو مقالو موهن جي دڙي وارن جي مذهب بابت بهترين ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. سنڌ جي هڪ ٻئي محقق ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي مقالي ۾ وري اهو ثابت ڪيل آهي ته موهن جو دڙو سنڌ جي ثقافت جو سرچشمو آهي. شاهه لطيف يونيورسٽي جي آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شر جو مقالو بنيادي طور هڪ فني اڀياس آهي. جنهن ۾ هن موهن جي دڙي ۾ عمارت سازي تي 1987ع تائين ٿيل تحقيق جو تنقيدي جائزو ورتو آهي. ڪتاب جي پهرين حصي جو آخري مضمون سنڌ جي سيلاني ۽ سنڌوءَ جي مسافر بدر ابڙو جو آهي جنهن ۾ هن موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۽ ٻين تصويرن پنيان مروج ڏيو مالائي قصن ۽ ڪهاڻين کي اجاگر ڪيو آهي. هن مضمون ۾ قديم سنڌوماتريءَ جي ڏند ڪٿائن جي حوالي سان هڪ دلچسپ پهلو کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي ٻي حصي ۾ پنج مقالا شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي موضوع جي حوالي سان تمام وڏي اهميت رکن ٿا ۽ حقيقت ۾ انهن مقالن جي مطالعي کان سواءِ قديم سنڌي ٻولي ۽ لکت کي سمجهڻ محال آهي. هن حصي جو پهريون مقالو فنلئنڊ سان تعلق رکندڙ مشهور ماهر لسانيات ۽ محقق آسڪو پارپولا جو آهي، جنهن ۾ هن سنڌو لکت تي ٿيل مرحليوار تحقيق جو فني جائزو پيش ڪيو آهي. هي هڪ ڳوڙهو علمي مقالو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم محقق ۽ دانشور شمس العماءُ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقالي جو اختصار به هن حصي ۾ شامل آهي، ڊاڪٽر صاحب جي هن مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي حوالي سان نهايت ڪارائتو بحث ٿيل آهي.

موهن جي دڙي واري ٻوليءَ تي سنڌ جي مشهور ماهر لسانيات ڊاڪٽر غلام علي الانا جي مقالي جو اختصار بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ اهميت تي ڀرپور روشني وڌي آهي. ساڳي طرح معروف ليکڪ سراج الحق ميمڻ جنهن ”سنڌي ٻولي“ جي عنوان سان ڪتاب لکي، سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ حقيقت تي پنهنجي جدا راءِ ڏني هئي، جو مقالو پڻ هن حصي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ متعلق پيش ڪيل مختلف نظرين تي ڳالهائيندي پنهنجو موقف پيش ڪيو آهي. آخر ۾ سنڌي ساهت جي سدا روشن ستاري بهترين ڪهاڻيڪار ۽ محقق انيس انصاري جو اهو مقالو شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻولي، خاص طور موهن جي دڙي واري ٻوليءَ جي باري ۾ الڳ الڳ ڏيهي پرڏيهي عالمن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جا حوالا ڏئي سنڌي ٻوليءَ جي پراچين رسم الخط تي ڀرپور نموني لکيو آهي.

آخر ۾ آءٌ انهن مڙني دوستن ۽ مهربانن جي دل جي گهرائين سان ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان منهنجي مدد ۽ همت افزائي ڪئي، خاص طور تي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، رياضت برڙو، فياض لطيف، دين محمد ڪلهوڙو، وفا اسلم ۽ رضوان گل جون مهربانيون مڃڻ مان پاڻ تي فرض ٿو سمجهان. وڏا وڙ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ جا جن منهنجي هن پورهيي کي قبوليت جو شرف بخشيو.

ليڪچرار-شعبو سنڌي
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

احسان دانش
0300-3431374

**احسان دانش**

# مقدمو

هي سڄي ڪائنات راز ۽ ڳجهه آهي. ان ڳجهه کي کولڻ لاءِ انسان کي عقل ۽ ادراڪ جون دريون کولڻيون پونديون. خلائن ۾ ڪهڪشائن کان وٺي ذرتيءَ تي واريءَ جي ذرن تائين سموري ڪائناتي سچ کي پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ نگاهه جي گهرائي ۽ شعور جي روشني ضروري آهي. ڪائنات جي قدامت ۽ ذرتيءَ جي ڪهنائپ بابت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون اسان جي ڪنن ۾ گونجيون آهن. تخليق ڪائنات جو سلسلو ۽ دنيا جو وجود سائنسي نظريي کان وٺي مذهبي نظريي تائين مختلف حوالن سان ثابت ٿي چڪو آهي، پر قومن جي وجود توڙي تهذيب ۽ تمدن جي سلسلي ۾ اڃا تحقيق هلندڙ آهي. محققن جي تحقيق موجب دنيا جي قديم ترين مهذب قومن ۾ ايراني، عراقي، بابلي، لاطيني، يوناني، مصري، هندي، سنڌي وغيره شامل آهن.

قديم تهذيبن جي جاچنا جي سلسلي ۾ آثار قديمه جي ماهرن تحقيق بعد ڪنهن بہ خطي جي عمر جي ڪٿ جي حوالي سان ڪي اصول قائم ڪيا آهن، جن جي بنياد تي اسين ڪنهن بہ خطي جي تاريخ، تهذيب ۽ قدامت جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا. اهڙي ڄاڻ جا اهم وسيلا الڳ الڳ جاين تان مليل قديم زماني جي پٿرن ۽ ڌاتن مان ٺهيل اوزار آهن. انهي طرح مختلف قسم جي پٿرن ۽ جدا جدا ڌاتن مان اوزارن جي پرک جي بنياد تي قديم آثارن جي ماهرن قديم دورن کي الڳ الڳ نالا پڻ ڏنا آهن. جهڙوڪ قديم پٿر وارو دور/قديم پاهڻي دور (Old Stone Age)، نئون پاهڻي دور (New Stone Age)، ٽامي وارو دور (Copper Age)، ٽامي ۽ قلعي وارو دور (Bronze Age)، لوهه وارو دور (Iron Age)، ۽ ڪلن جو دور (Machine Age). سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي تاريخ جا ورق ورائڻ سان مذڪوره سمورن دورن جا آثار ۽ اهڃاڻ نظر اچن ٿا.

شين جي پرک ۽ عمر جي ڪٿ جي حوالي سان جديد سائنسي طريقي ريڊيو ڪاربن وسيلي پڻ مدد ورتي ويندي آهي. سر مورٽيمر

وهيلر لکيو آهي تہ ”1949ع ۾ قديم حيواني ۽ نباتاتي شين جي سنڌن ريڊيو ڪاربن جز (C14) جي بنياد تي نتيجو طئي ڪرڻ جي طريقي سان تاريخ کان اڳ ۽ غير تاريخي آثار قديمہ جو تعين وقت جو هڪ نئون اسلوب وجود ۾ آيو هو. جيتوڻيڪ ان طريقي ۾ بہ غلطيون ۽ غير يقيني عنصر موجود آهن، پوءِ بہ ان سان نوان معيار دستياب ٿيا آهن، جن جي وسيلي اسين وڏي پئماني تي ۽ ملائي سلائي ڪافي صحيح طور تي گذريل 40 هزار سالن ۾ انسان جي ڪارنامن متعلق پنهنجي زاويہ نگاهہ کي ٺيڪ ڪيو آهي.“ (1)

تمدن اتي ترقي ڪندو آهي جتي انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگيءَ جي لاءِ زبردست ڪشمڪش هوندي آهي. موسمي فضا (Atmosphere)، پاڻيءَ واري فضا (Hydrosphere)، جابلو فضا (lithosphere)، حياتياتي فضا (Biosphere) ڪيس زندگيءَ ۾ ترقي ڪرڻ ۾ يا تہ مدد وٺائين ٿا يا تہ روڪين ٿا... نيل وادي، ايجن ٻيٽ (Agean Island)، اردن جي ماٿري، دجلہ ۽ فرات جي ماٿري، ايران جو مٿاهون پَٽ، ڪئپسٽن اَرال جي دريا گذار وادي، سنڌو ماٿري، گوبي علائقو ۽ يانگسي ماٿري (yangtse Velly) انهن سيني علائقن پنهنجي پنهنجي زميني مٿاڇري (Soil) ۽ آبهوا مطابق نرالي قسم جون مخصوص تهذيبون پيدا ڪيون آهن ۽ هر علائقي ٻي علائقي کي انساني تمدن پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. (2)

سنڌ ۾ تهذيبي اوسر ۽ قديم آثار:

سنڌو ماٿر جي تهذيب دنيا جي قديم ترين ۽ متمدن تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌ جي ڌرتيءَ هينئن اڄ بہ هزارين ۽ لکين سال پراڻين تهذيبن جا آثار لڪل آهن، جيڪي آثار قديمہ جي ماهرن، محققن ۽ پارکن جي نظرن جا منتظر آهن. سنڌ هئڻ بہ برصغير جو هڪ وڏو تهذيبي خطو رهي آهي، جنهن جي گواهيءَ لاءِ اهي آثار ۽ اهڃاڻ ئي ڪافي آهن جيڪي هن وقت تائين ٿيل کوٽائين جي نتيجي ۾ دنيا جي اکين اڳيان آيا آهن.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تاريخ کان گهڻو اڳ واري دور ۽ پٿر واري دور سان تعلق رکندڙ اوزار پڻ هٿ آيا آهن. هينري ڪزنس لکيو آهي تہ ”تاريخ کان اڳ جي تمام پراڻي دور سان لاڳاپيل پٿر جي

پوئين دور سان واسطو رکندڙ پٿر جا اوزار جهڙوڪ ڏنگريون (Cores) ۽ پاساڙا (Flakes) جن مان پهرين کي مڏا ۽ پوئين کي تکي ڌار وارا اوزار سڏيو ويندو آهي. پٿر جا اهڙا اوزار سنڌو ماٿريءَ، خاص ڪري سکر ۽ روهڙي جي آس پاس، نمولائتي چُنَ جي پٿر مان ملندڙ چقمقي پاهڻ مان نهيل مليا آهن. هي احوال ڪلڪتي جي تاريخ کان اڳ وارن آثارن بابت نهيل ميوزيم جي ڪيٽالاگ مان ورتو ويو آهي. سنڌ ۾ سکر ۽ روهڙيءَ جي آس پاس چقمقي پٿر مان نهيل ڏنگرين Cores ۽ پاساڙن (Flakes) جا ڪي نمونا مليا آهن، جيڪي نمولائتي پٿر مان جڙيل آهن. انهن مان گهٽيون ڏنگريون ٽن کان چئن انچن تائين ڊگهيون آهن. ڪجهه ننڍيون پر وڏيڪ ڊنگائتيون ۽ موزرن ڏنگريون، سکر وٽان سنڌو درياءَ جي پيٽ مان لڌيون ويون آهن. (3)

دنيا جون سڀئي وڏيون تهذيبون اڪثر دريائن جي ڪپرن ۽ ڪنارن يا پرپاسي جي ماٿرين ۾ ئي اسريون ۽ اپريون آهن. اهو ئي سبب آهي جو هن وقت تائين سڄي دنيا ۾ قديم آثارن جي کوجنا جا مرڪز دريائن جا پراڻا وهڪرا ۽ ڪنارا ئي رهيا آهن، ساڳي طرح سنڌ ۾ به قديم تهذيب جي دريافت جي حوالي سان گهڻي ۾ گهڻا آثار سنڌو درياءَ توڙي هاڪڙي جي ڪنارن سان ئي مليا آهن، جنهن جو وڏو مثال موهن جو دڙو آهي. حقيقت ۾ سنڌوءَ جو ڪپر سنڌ ۾ عظيم تهذيبن جي جنم ڀومي آهي.

ناميارو تاريخ نويس ول ڊيورانٽ لفظ ”هندو“ کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظ ”سنڌو“ مان نڪتل ڄاڻايو آهي. هو لکي ٿو ته ”مغربي پنجاب جي سرزمين کي هڪ هزار ميل طويل درياءِ سنڌ سيراب ڪري ٿو. ان جو نالو مقامي زبان جي لفظ ”سنڌو“ يعني دريا مان ورتل آهي. ايراني قوم سڄي اتر هند کي سنڌو جڏهن ته هند کي ”هندوستان“ يعني ”دريائن جي سرزمين“ جي نالي سان سڏيو آهي. وقت سان گڏوگڏ لفظ سنڌو مان لفظ ”هندو“ نڪتو ۽ حملي آور يونانين انهيءَ لفظ مان ”انڊيا“ اخذ ڪيو.(4)

قديم دور ۾ سنڌ جا اڪثر ڪري سڀئي اهم ۽ مرڪزي شهر، قلعا ۽ ڪوٽ گهڻي قدر سنڌو درياءَ جي ڪناري سان آباد ڪيل هئا. انهن

جي آبادي جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو هو، جو جنهن هنڌ اها بستي ۽ شهر آباد ڪيو ويندو هو، تہ سڀ کان پهريان اهو ڏسندا هئا تہ انهيءَ هنڌ جي آس پاس وارو علائقو زرخيز ۽ شاداب هجي ۽ انساني ضرورتن جون سڀئي گهرجون سولائيءَ سان ميسر ٿي سگهن. ساڳي وقت آمدرفت ۽ وڻج واپار جا ذريعا بہ آسان هجن، انهيءَ لحاظ سان دريائي وَٽِ وارا علائقا سڀ کان موزون ڪري سمجهيا ويندا هئا، انهي ڪري سنڌ جي قديم رهاڪن وڏا شهر، قلعا، ڪوٽ ۽ بستيون سنڌوءَ جي پڪَ سان آباد ڪيا هئا. سنڌ جي انهي قديم تهذيبي ۽ تمدني ورثي مان اها ساک ٿي ملي تہ جڏهن دنيا ۾ هر طرف کان جهالت ۽ اونداهي ڇانئيل هئي تہ عين انهيءَ وقت سنڌ ۾ هڪ عظيم تهذيب ۽ تمدن جو سورج روشن هو، جنهن جي شعاعن سڄي دنيا کي منور پئي ڪيو." (5)

سنڌ اندر هن وقت تائين آثارِ قديمہ جي کوٽائي توڙي تحقيق جي حوالي سان جوڳو ڪم ٿي نہ سگهيو آهي. جيڪو ٿورو گهڻو ۽ ابتدائي ڪم ڪيو ويو آهي، سو بہ گهڻو ڪري غيرملڪي محققن ئي ڪيو آهي. ملڪي سطح تي قديم آثارن جي رڳو چند ماهرن جا ئي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. بهرحال اڄ ڏينهن تائين ان سلسلي ۾ جيڪو ۽ جيترو بہ ڪم ٿيو آهي، رڳو ان جي بنياد تي ئي اسين سنڌو ماٿر جي سڀيتا ۽ اتهاس تي نظر وجهنداسين تہ هن خطي ۾ اهڙا ڪيئي قديم آثار نظر ايندا جن جي مٽيءَ مان هزارين سالن جي تاريخ جو هڳاءُ ملندو. هتي پهريان آءٌ سنڌ جي قديم ۽ قتل شهرن، اهم ڪوٽن ۽ قلعن جو ذڪر ڪندس جنهن بعد سنڌو ماٿري جي عظمت جي گواهي ڏيندڙ نمايان دڙن ۽ پڙن بابت ڪجهہ ڄاڻ مهيا ڪندس.

سنڌ جا قديم قتل شهر ۽ اهم ڪوٽ ۽ قلعا:

هتي آءٌ سنڌ جي انهن عظيم ۽ قديم شهرن توڙي ڪوٽن ۽ قلعن جو ذڪر ڪندس جن جو سنڌ جي تهذيبي تاريخ ۾ اهم حصو رهيو آهي، مختصر طور انهن جي قدامت ۽ اهميت تي پڻ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس. سنڌو ماٿري جي تهذيب جي پکيڙ جي حوالي سان محمد ادريس صديقي لکي ٿو تہ "سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ علائقي ۾ پکڙيل هئي، ان جي اثر جو دائرو بابلي

تهذيب کان چوٽي ۽ مصري تهذيب کان ٻيٽي علائي تائين پکڙيل هيو ۽ جيئن جيئن باقياتي کوجنا اڳتي وڌندي رهي ٿي، تيئن تيئن ان جا پلاند پري کان پري تائين پهچندا رهن ٿا. ان وسيع علائقي ۾ هزارين بستيون آباد رهيون هونديون جن مان ڪيترين جا پار پتا لڌا ويا آهن. (6)

دنيا جو پهريون نقشو بطليموس تيار ڪيو، جنهن مان قديم سنڌ جي خبر پوي ٿي، ان نقشي جو ڪجهه حصو لنڊسي صاحب (Lindsay) "تاريخ قديم جهاز راني ۽ واپار" ۾ ڏيکاريو آهي. مٿين نقشي ۾ سنڌ ۾ فقط پٽالا بندرگاهه جو نالو ڏيکاريل آهي. مشهور ۽ خاص سنڌ ۽ گجرات جو نقشو ابن حوقل بغدادي سنه 343هه/ 943ع ۾ تيار ڪيو. مٿيون نقشو ايلٽ صاحب کي ائوڌ جي ڪتب خاني مان هٿ لڳو. سندس نقل علامه سيد سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب "عرب وهند کي تعلقات" ۾ ڏنو آهي. مؤرخن جو مٿين نقشي متعلق چوڻ آهي ته گجرات ۽ سنڌ جو دنيا ۾ هي پهريون نقشو ليکجڻ ۾ اچي ٿو. پوئين نقشي مان سنڌ جي بندرگاهن مان اسان کي ڇهن جي آسانيءَ سان خبر پئجي سگهي ٿي، جي اتر کان ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ڪپ تائين يا سنڌو نديءَ جي چوڙ تائين هيٺين نالن سان ڏيکاريل آهن: 1. الور 2. بلري 3. منصوره 4. امنجابري 5. نيرون 6. دابيل. (7)

## الور (اروڙ):

الور يا اروڙ سنڌ جي قديم ترين شهرن مان هڪ آهي. جيڪو روهڙيءَ کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي واقع آهي. هن شهر جو وڏو حصو سنڌ جي ٻين قديم ۽ تاريخ کان اڳ وارن شهرن وانگر هن وقت مٽيءَ جو ڍير بڻيل آهي.

ابن خردازبه سن 250هه ڪتاب "المسالڪ و الممالڪ" ۾ الور کي "وور" جي نالي سان ڏيکاري ٿو، ڪي "الرور" لکن ٿا. سنڌ جون حدون ان زماني ۾ قنڌار ۽ ڪشمير تائين هيون ۽ هي شهر سنڌ جي سلطنت جو مرڪز ۽ تخت گاهه هو. ابو الفدا الور بابت لکي ٿو ته هي وسيع شهر ملتان جيڏو هيو. (8)

قديم زماني ۾ هي شهر هاڪڙو درياء جي ڪناري آباد هيو. درياء جي رخ تبديل ڪرڻ يا ڪن ٻين سببن جي ڪري هي شهر ويران ۽

برباد ٿيو. معلوم ٿئي ٿو تہ هي شهر سنڌ جي ٻين قديم ماڳن وانگر هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا بربادي جو شڪار ٿيو آهي. ڇو تہ محقق هن شهر جي قدامت جي حوالي سان پيرو ڪٽندي پٿر واري زماني (Stone Age) تائين پهچن ٿا.

آثار قديمہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اروڙ واري سرزمين پٿر واري دور کان آباد رهندي آئي آهي. درياء جي تري مان ۽ ٽڪرين مان پٿر جي دور جون شيون هٿ آيون آهن. نہ فقط ايترو پر هتي جا رهاڪو هتي جي پٿرن مان ڪپ گهڙي ٻاهر موڪليندا هئا، ڇا ڪاڻ تہ ان زماني ۾ وڏڻ جون شيون بہ مضبوط پٿر مان ناهيون وينديون هيون. آثار قديمہ جي ماهر ليفٽيننٽ ٽيو ملو اندازو لڳايو آهي، تہ هيءَ سرزمين پٿر واري دور ۾ بہ آباد هئي ۽ هتي هڪ وڏو وسندڙ شهر آباد هو. ٻي ماهر ڊاڪٽر بئفورڊ جو خيال آهي، تہ هتان لڌل شيون هندستان ۾ ٻين هنڌن تان لڌل اهڙي قسم جي شين کان وڌيڪ خوبصورت آهن ۽ ميڪسيڪو جي قديم تهذيب سان مشابهت رکن ٿيون. (9)

روهڙي شهر کان لڳ ڀڳ اڍائي ميلن جي فاصلي تي ”هڪڙا“ نالي قديم آباديءَ جا آثار پڻ موجود آهن. هڪڙا جيتوڻيڪ سنڌ جو هڪ قبيلو يا ذات بہ آهي، پر محققن ان نالي کي قديم درياءَ هاڪڙي سان منسوب ڪيو آهي. جيڪو ڪنهن زماني ۾ ان علائقي کي آباد ڪندو هو. 1955ع ۾ ڪئپٽن ڪيرڪلي هڪڙا جي قديم آثارن بابت لکيو آهي ”وڏو نارو واهہ کوٽائيندي، وڏي ايراضيءَ ۾ پڪين سرن جا ڍڳ نظر آيا. ڏهن فوٽن جي کوٽائيءَ تي ڪيترن ئي گهرن جا بنياد ظاهر ٿيا. اهي بنياد پٿرن سان نهيل هئا، يا انهن ۾ سرون ۽ پٿر گڏ ڪتب آندل هئا. اهي بنياد اهڙي نموني جا هئا، جهڙا اروڙ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتان ڪيتريون ئي شيون لڌيون ويون. جهڙوڪ نڪر جا ٽانو، پاٽي پيئڻ جا ڪپا، دلا، مٽ ۽ وڏي مقدار ۾ ٻارن جا رانديڪا. معلوم ٿئي ٿو تہ هي شهر ٽڪريءَ تي اڏيل هيو.“ (10)

## ڪوٽ ڏيجي:

ڪوٽ ڏيجي خيرپور ميرس کان ڏکڻ طرف 20 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي قومي شاهراهہ تي واقع آهي. هي سنڌ جي قديم آباد شهرن مان

هڪ آهي، ڪوٽ ڏيجيءَ جون ٽڪريون ۽ دڙا اڄ به پنهنجي اندر ڪيئي قديم آثار ۽ اهڃاڻ رکن ٿا. هتان پٿر جي دور سان تعلق رکندڙ ڪيتريون ئي شيون جهڙوڪ وڍ ڪُٺ ۽ شڪار جا اوزار، رانديڪي طور ناهيل نڪر جون بيل گاڏيون، عورتن جا هار، چوڙيون وغيره لڌيون ويون آهن. هي شهر قديم هاڪڙي درياءَ جي ڪپر تي آباد هيو ۽ ان وقت سنڌ جي اهم تهذيبي مرڪزن ۾ شمار ٿيندو هيو. ڪوٽ ڏيجي جي پهاڙن جي گود ۾ هزارين سالن جي تاريخ دفن آهي.

اشتياق انصاري لکيو آهي ته ”ان پهاڙن جي دامن ۾ هڪ اهڙي وستيءَ جا آثار به هٿ آيا آهن، جيڪي ڪوٽ ڏيجيءَ جي قديم تهذيب کان به اڳ جا لڳن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪوٽ ڏيجي جي آس پاس قدم قدم تي انساني ارتقائي دور جا نشان موجود آهن. سنڌ جي ان حصي کي تهذيب جو پينگهو به چئي سگهجي ٿو. ڪوٽ ڏيجي قلعي جي پرسان تاريخ کان پنج هزار سال پراڻا آثار 1955-57ع ۾ کوٽي هٿ ڪيا ويا آهن. هي کنڊرات ڊيگهه ۾ ڇهه سؤ فٽ ويڪر ۾ چار سؤ فٽ ۽ زمين کان چاليهه فٽ کن بلنديءَ تي آهن.(11)

هن جڳهه تي آباديءَ جا 16 تهه ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن مان آخري ٽي تهه خاص طور تي سنڌ جي تهذيب جي نمائندگي ڪن ٿا. چوٿون تهه گڏيل سڏيل آهي باقي هڪ تهه قديم ترين تمدن جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن کي خاص طور ڪوٽ ڏيجي تمدن جو نالو ڏنو ويو آهي. 5730 سالن جي اڌ زندگي (Half life) جي بنياد تي ڪوٽ ڏيجي جي هڪ پوءِ واري زماني جو تهه (مٿان کان نمبر 14) ڪاربن 14 جي طريقي سان قبل مسيح 1600+140 سال پراڻو مڃيو ويو آهي ۽ تهه نمبر 14 جي تاريخ قبل مسيح 2600+145 تعين ڪئي وئي آهي... ڪوٽ ڏيجي جو تمدن آس پاس ۾ هڙپه يا سنڌو ماٿري جي تمدن جي اچڻ کان ڪافي عرصو پوءِ تائين به وجود ۾ رهيو. (12)

ڪوٽ ڏيجي جي قديم کنڊرن جي سامهون قومي شاهراهه جي ٻئي پاسي هڪ عظيم الشان قلعو تعمير ٿيل آهي، جيڪو ٽالپرن جي دور جو يادگار آهي. ان قلعي کي ”ڪوٽ ڏيجي جو قلعو“ سڏيو وڃي ٿو.

سيوهڻ وارو قلعو (ڪافر قلعو):

سيوهڻ ننڍي ڪنڊ جي پراڻن شهرن مان هڪ آهي. مختلف دورن ۾ ان هنڌ جا جدا جدا نالا رهيا آهن. ايرانين ان کي سيوستان ۽ سجستان، يونانين سندو ماتا ۽ سنديمانا، ٽالمي، پسڪا ۽ پيسيڊا، آرين شوستان ۽ شروستان، عربن سهبان، سندوسان، سيوي، سنڌوستان، يورپين سيوان، ميهوان ۽ سيوهڻ سڏيو آهي. سيوهڻ لاءِ پڪي طرح چئي سگهجي ٿو ته ويدن جي زماني کان به اڳ آباد رهندو آيو آهي. (13)

سيوهڻ شهر جي اتر طرف پنهنجي شاندار ماضيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائيندڙ قلعو نظر اچي ٿو، جنهن کي مقامي ماڻهو ڪافر قلعو پڻ ڪوٺيندا آهن. اهو قلعو هن وقت نهايت زبون حالت ۾ هڪ دڙي جي روپ ۾ موجود آهي. مرزا قليچ بيگ لکيو آهي "جڏهن سڪندر بادشاهه پنجاب ۽ سنڌ ۾ آيو هو تڏهن سنديمانا شهر، جنهن جو بادشاهه سامبس نالي هو، سو سندس پيش وڃي پيو. پائنجي ٿو ته اهو شهر سيوهڻ جو هو ۽ سامبس ڪو سمو بادشاهه هو. اهو قلعو به انهن ڏينهن جو آهي جو انهيءَ کي ڪافر قلعو سڏيندا آهن، جو عربن جي فتح کان اڳي جو آهي. (14)

برهمڻ آباد:

برهمڻ آباد سنڌ جو قديم ڦٽل شهر آهي، جنهن جا ڪنڊر اڄ به هزارن سالن ۽ ڪيئي صدين جي تاريخ بيان ڪن ٿا. برهمڻ آباد سنڌو درياهه جي اوير ڪناري شهدادپور ريلوي اسٽيشن کان 8 ميلن جي پنڌ تي ۽ حيدرآباد کان 43 ميلن جي فاصلي تي اتر اوير پاسي واقع آهي.

هي شهر، جو ڀانيرا لکڻ ۾ ٿو اچي، سو شايد ٻانيٺاه آهي، يعني ٻانيٽن جو شهر يا برهمڻ آباد، جو قديم نالو هيس. ڪن جو چوڻ آهي ته اصل ان جو نالو بهمن آباد يا بهمينه هو نه برهمن آباد، جو بهمن اسفنديار جو ٻڌايل هو ۽ عيسوي سن کان اٽڪل پنج سؤ ورهيه اڳي هو. اهو شهر سنڌو نديءَ يا هاڪڙي درياء جي ڪنڌيءَ تي هو. عربن جي ڏينهن ۾ انهيءَ قديم شهر جي جاءِ تي منصوره شهر ٻڌايو ويو، جو ملتان کان به زياده آباد ۽ وڏو هو. محمود غزنويءَ جي ڪاهن کان پوءِ اهو منصوره

شهر بہ گم ٿي ويو. ليڪن اڪثر چوڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ جڏهن هندو راجائن جي ڏينهن ۾ الور گاديءَ جو هنڌ هو، تڏهن برهمڻ آباد وڏو وسندڙ ۽ قلعي وارو شهر هو، جو عربن جي هٿن ۾ اچڻ کان پوءِ ويران ٿي ويو.(15)

سنڌ جو هي قديم ماڳ هن وقت ان حد تائين ڦٽي چڪو آهي جو هاڻي اهو ڪنهن دڙي جو ڏيک ڏئي ٿو، هن شهر جي کنڊرن مان کيئي شيون لڌيون ويون آهن جهڙوڪ نڪر جا ڪينهو، ٻاراٽا راندڪا، شيشي ۽ پٿر جا مٽيا، شيشي جي ٿانون جا ٽڪرا، ٽامي جا سڪا، پڳل مورتيون وغيره.

هن ڦٽي (برهمڻ آباد) جي اونهي کوٽائيءَ اها ڳالهہ ظاهر ڪئي آهي تہ، هن پراڻي شهر کي آباد ڪرڻ جا گهٽ ۾ گهٽ بہ ڌار ڌار دور آهن. مٿين تهہ جي پٽين جا بنياد، ننڍي تختيءَ وارين سرن سان جوڙيل آهن، جن کي مسلمان سر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ڪٿي وري ٻنهي کي گڏائي ڪم آندو ويو آهي. پر هندو سر جو في سيڪڙو استعمال تمام ٿورو رکيو ويو آهي، جنهن جو عرب حملي کان اڳ ۾ عام رواج هو. (16)

## نيرون ڪوٽ:

نيرون ڪوٽ حيدرآباد جو اوائلي نالو آهي. هي سنڌ جي قديم ماڳن ۾ شمار ٿئي ٿو. هي دراصل سنڌ جو هڪ قديم بندر رهيو آهي، جنهن کي پٽالا جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو. مولائي شيدائي لکيو آهي تہ ”سن 327 ق.م ۾ جڏهن اسڪندر مقدوني سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن پٽالو موجود هو. هتي جي راجا موڪوسيس اسڪندر جي آڌر مڃي. اسڪندر هن بندرگاهہ کي پنهنجو بحري مرڪز جوڙي پنهنجي سردار نيرڪوس کي جهازن جو دستو ڏيئي عربي سمنڊ رستي ايراني نار ڏانهن ڏياري موڪليائين. اسڪندر کانپوءِ مصر تي بطليموس خاندان وارن حڪومت ڪئي، تن جا جهاز هن بندرگاهہ جي وسيلي هندستان سان واپار ڪندا هئا. شراب، شيشي جو سامان، ڌاتو ڏيئي هتان سوٽي، ريشمي ڪپڙو ۽ مسالا خريد ڪندا هئا.“ (17) شيدائي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ ”علامہ شمس الدين محمد بن محمود شهروزي ڪتاب ”نزهتہ

الارواح و روضة الافراح في تاريخ الحڪماءَ المتقدمين والمتاخرين“ ۾ نيرون کي ”بيرون مدينته بالسند“ ڏيکاريو آهي. مورخ ۽ جاگرافي نويس ابو الفدا سنڌ جي هن بندرگاهه کي ”بيرون“ سڏيو آهي. علامہ بلاذري مشهور ڪتاب ”فتوح البلدان“ ۾ نيرون کي ”بالنون“ سڏي ٿو. لکي ٿو تہ هي شهر سنڌو نديءَ جي اولهندي ڪناري ديبل ۽ منصوره جي وچ ۾ آهي. ڪپتان ميڪمرڊ ۽ سر چارلس ايليٽ ڪافي تحقيقات سان بيان ڪن ٿا تہ هن شهر جو نالو بيرون هو، جنهن کي غلطيءَ سان عربي جاگرافيدانن بالنون نالي ڏيکاريو آهي. اڳتي هلي ايليٽ لکي ٿو تہ هن شهر جي جاءِ وقوع ان سڙڪ تي آهي جا ٺٽي کان حيدرآباد ڏانهن وڃي ٿي. ابن حوقل جي نقشي تي جيڪڏهن غور ڪبو تہ هي شهر اسان کي ديبل ۽ منصوره جي وچ ۾ نظر اچي ٿو.“ (18)

نيرون ڪوٽ جي باري ۾ مرزا قليچ بيگ جي راءِ ڪجهہ هن ريت آهي ”اصل هندو راجائن جي راڄ ۾ نيرون شمني نالي اُتي حاڪم رهندو هو ۽ اتي بہ هڪڙو ڪوٽ هوندو هو، جيئن ڪن ٻين وڏن شهرن ۾ ڪافر قلعا هوندا هئا. جڏهن محمد بن قاسم آيو، تڏهن هنن قلعي جا در کولي هن کي ڏنا ۽ معافي مليل. نيرون ڪوٽ درياءَ جي ڪناري تي هو، پر درياء ان جي اپرندي کان وهندو هو.“ (19)

ديبل:

ديبل، جنهن کي ديول، دابل ۽ ٻين نالن سان سڏيو ويو آهي، سنڌ جي قديم بندرگاهن مان هڪ هيو. فرانسيسي محقق موسيو سيڊيو لکيو آهي تہ ”عرب ۾ ڪنيات ۽ سنڌ ۾ ديبل بہ مکيہ بندر هئا.“ هيءُ اهو ئي ڦٽل بندر آهي جنهن کي يوناني جاگرافيدان ٽالمي باربري ۽ پيريپلس جي لکندڙن باربريڪان ڪري لکيو آهي. ڪراچيءَ کان سمنڊ رستي چاليهہ ميل ۽ خشڪيءَ رستي 35 ميل اوپر ۾ قومي شاهراهہ کان ٽي ميل پري ٺٽي ضلعي جي گهارو ڪاري جي ساڄي ڪپ تي هي ڪنڊر موجود آهن. ديبل جي بربادي کانپوءِ ساڳي جاءِ تي سنڌ جو تاريخي شهر ڀنڀور اڏيو ويو. جنهن کي سسئيءَ جو شهر چيو وڃي ٿو. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سسئي پنهون وارن سرن ۾ هن شهر جو ڪافي ذڪر آيل آهي. گهڻن محققن کي ان راءِ تي اعتراض آهي تہ ڀنڀور ئي اصل قديم

بندرگاهه آهي، پر تازي کوجنا ۽ تحقيق مان اهو ثابت ٿي ويو آهي ته ڀنڀور ئي اهو قديم بندرگاهه آهي، جيڪو اسلامي دور کان اڳ ۾ موجود هو.

ديبل جي جاءِ وقوع واري بحث کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”ڀنڀور نيشنل سيمينار 1983“ جي موقعي تي ڪيل تقرير ۾ ڏاڍي سهڻي نموني سلجهايو آهي، فرمائي ٿو ”هن کان اڳ ديبل تي لکڻ وارا آثار قديمه جا ماهر ٻاهريان صاحب هئا، جن کي مقامي حالتن جي پوري سڌ ڪانه هئي... انهن ۾ اليٽ (Elliot)، هيگ (Haig)، ڪرو (Crow) ۽ ڪزنس (Cousens) شامل آهن، جن مان ڪنهن چيو ته ڪراچي ديبل آهي ته ڪنهن واگهوڏر ديبل بڻايو. ڪنهن چيو ته ساڪرو جي پرسان آهي، ته هيگ چيو ته ٺٽي جي ديهه ڪاڪڙ بکيرا ۾ ديبل واقع آهي! پر اهي سڀ گماني ڳالهيون هيون. انهن صاحبن جي نظر اڳاٽن مستند عربي ماخذن ۽ تاريخن تي نه هئي، جنهن ڪري هو پوري تحقيقي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان قاصر رهيا..... سمنڊ جي ڪناري/ڪاڙي تي هيءَ ڀنڀور وارو ئي هڪ ماڳ آهي جيڪو اڳاٽو آهي.... ڪزنس جيڪو آثار قديمه جو سرڪردو هو، تنهن ڀنڀور جي شاهي ڪنڊرن کي هڪ ننڍڙو ۽ رواجي ماڳ چئي نظر انداز ڪري ڇڏيو! بحرحال هن وقت پاڪستان جي آثار قديمه جي کاتي جي ڪيل تحقيق جي بنياد تي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته هي ماڳ (ڀنڀور) اهو ئي تاريخي شهر ديبل آهي... آءٌ به ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هن ماڳ (ڀنڀور) کان سواءِ ٻيو ڪو به ماڳ ”ديبل“ نه ٿو ٿي سگهي.“ (20)

ڀنڀور جي کوٽائيءَ بعد مليل قديم آثارن جي قدامت ۽ تاريخ تي روشني وجهندي ڊاڪٽر ايف-اي خان لکيو آهي ”وڏي پيماني تي ٿيل ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان قلعي واري بندر-شهر جا چٽا اهڃاڻ مليا آهن، جنهن مان چئن مختلف تهذيبن جا آثارِ قديمه، هنر، فن ۽ ٻيون متفرق شيون مليون آهن. قلعي جي کوٽائي جي نتيجي ۾ مختلف دور تاريخي (Chronological) ترتيب سان مليا آهن. جيڪي مسلمان اميه ۽ عباسي دور،

هندو-ساساني دور ۽ ستين پارٿين دور تي مشتمل آهن، ۽ تيرهين صدي عيسوي کان ٻي صدي قبل مسيح تائين ڦهليل آهن. (21)

سنڌ ۾ ٻڌ اسٽوپا ۽ قديم دڙا.

سنڌ اندر قديم زماني ۾ ٻڌ ڌرم جو راڄ رهيو آهي، جن جا اثر ۽ اهڃاڻ اڄ به سنڌ ۾ مختلف ماڳن تي ٻڌ اسٽوپا يا ٻڌڪن دڙن جي روپ ۾ موجود آهن. اهڙن دڙن يا اسٽوپا مان موهن جي دڙي تي ٺهيل اسٽوپا قدري وڌيڪ اهميت وارو آهي. موهن جو دڙو اهو ماڳ آهي جتان سنڌ ۾ قديم ۽ عظيم تهذيب جو سورج طلوع ٿئي ٿو. ان اسٽوپا جي تعمير ٻي صدي عيسوي ۾ ٻڌائي وڃي ٿي. جڏهن ته سنڌ اندر ٻڌ دور جا ڪي اهڙا اسٽوپا پڻ ملن ٿا، جن جو تعلق پهرين صدي عيسوي يا ان کان به گهٽ اڳ سان آهي. سنڌ تي ٻڌ ڌرم جو راڄ ڪئي صدين تائين رهيو، جنهن جو آغاز عيسوي صدي کان سوين سال اڳ نظر اچي ٿو. گوتم ٻڌ جي زماني کان مشهور راجا اشوڪ، جيڪو لڳ ڀڳ اڍائي سو سال ق.م گوتم ٻڌ جو پوئلڳ هيو، ان تائين سنڌ اندر ٻڌ ڌرم ڇانئيل رهيو، جنهن بعد ان جا اثرات مختلف دڙن (اسٽوپا) ۽ ٺلن جي روپ ۾ ستين صدي عيسوي تائين به نظر اچن ٿا.

تاريخي لحاظ کان سنڌ پرڳڻي تي عيسوي سن کان اٽڪل ٻه هزار ورهيه اڳ ڌارين حملا ڪيا هئا. جنهن جو اثر سنڌ تي تمام گهٽ پيو هو. انهن ڌارين جا حملا مذهبي روپ ۾ هئا، جن جي مذهب ۽ راڄ نيتي ڳالهين جو اثر سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي تمام گهٽ پيو. ان مان سڀ کان وڌيڪ 'جين ڌرم' ۽ 'ٻڌ ڌرم' جو لاڳاپو ۽ واسطو سنڌ سان ڪافي رهيو هو. تاريخ جي عالمن جو رايو آهي ته عيسوي سن کان 467 يا 477 کان اڳ جين ڌرم جو پايو وجهندڙ 'آچاريه مهاوير' هندستان جي بهار صوبي جي وئشالي نالي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.... ڊاڪٽر سمٿ جو قول آهي ته مهاوير 527 ق.م وفات ڪئي، مگر دوارڪا پرشاد شرما جو چوڻ آهي ته مهاوير 900 ق.م کان اڳ ٿي گذريو آهي. سندس نئون پنٿ 'جين' اڪثر گهٽي تعداد ۾ گجرات، راجپوتانا ۽ بهار جي علائقن ۾ ڦهليو ۽ سنڌ ۾ به ان جو ڪافي اثر رهيو. انهي ساڳي دور ۾ "ٻڌ ڌرم" ڪن ٿورن سالن جي وڇوٽيءَ سان وجود ۾ آيو. گوتم ٻڌ ان مذهب

جو باني هيو.... چندر گپت جي دور ۾ ”مئگستينز“ سياح جو چوڻ آهي تہ گوتم ٻڌ سنڌ ۾ بہ آيو هو ۽ هتي ٻڌ ڌرم جي زور شور سان پرچار ڪئي هئائين. (22)

ستين صدي عيسوي ۾، هن ستيانگ ٻڌائي ٿو تہ سنڌ ۾ ست سو ’سنگھارام‘ آهن، جن ۾ ڏهہ هزار شمني رهن ٿا ۽ نندي چڪر جو پاٺ ڪن ٿا. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن ’تاٿا گاتا‘ (گوتم ٻڌ) زنده هو، تہ هن ملڪ ۾ عام جام پيو ايندو هو، ۽ جتي جتي اشوڪا، هن مقدس انسان جي اچڻ جا نشان ڏٺا تہ هن اتي اسُتوپا تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙي ريت سنڌ ۾ سوين استوپا ٺھجي ويا. (22)

گوتم ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ ان مذهب جو پرچارڪ (’نٿ گت‘) سنڌ ۾ آيو هو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي اهم ۽ مرڪزي شهرن ۾ ٻڌ ڌرم جون مڙهيون، مندر ۽ ٿل قائم ڪيا هئائين.... 900 ق.م سنڌ ’ادين‘ نالي هڪ چڪرورتي راجا ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو. چون ٿا تہ هي پاڻ جين ڌرم جي باني مهاوير جو پاٽيجو هو. هن جي راڄ ڌاني ’وتيبا پتن‘ هو، جو سنڌو درياهہ جي ڪناري تي هو. سوامي دوارڪا پرشاد شرما جو قول آهي تہ ”شايد اهو ”موهن جي دڙي“ وارو ملڪ هجي.“ مگر سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ’ٻُڌ ڌرم‘ جو زور راجا اشوڪ جي دور ۾ ٿيو. راجا اشوڪ گوتم ٻڌ جون هانيون سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليون هيون، جن جي مٿان وڏا شاهي مندر، ٿل ۽ مڙهيون قائم ڪيون ويون. (24)

هتي آءٌ سنڌ جي اهڙن استوپا ۽ ٻين ٿلهن دڙن ۽ ٿڙن جو ذڪر ڪندس جن کي سنڌ جي قديم آثارن ۽ تهذيبي تاريخ جي حوالي سان وڏي اهميت حاصل آهي. ذڪر هيٺ ايندڙ قديم دڙن مان ڪافي اهڙا آهن جيڪي دراصل سنڌ جا قديم ۽ وسندڙ شهر هئا، جيڪي وقت جي طوفان سان مليا ميٽ ٿي هاڻي مٽيءَ جي ڍير جي صورت ۾ نظر اچن ٿا.

## چانهون جو دڙو:

موهن جي دڙي کان ڏکڻ جي پاسي لڳ ڀڳ 80 ميلن جي فاصلي تي چانهون جو دڙو نظر اچي ٿو. جيڪو سڪرنڊ جي قريب ڳوٺ جمال ڪيريو لڳ واقع آهي. هتي ٿلهہ آثارن مان ٽي دڙا واضح نظر اچن ٿا. انهن دڙن کي چانهونءَ جا دڙا ڪوٺيو وڃي ٿو. مٿن اهو نالو ڪئين پيو

تنهن لاءِ مقامي ماڻهن جا مفروضا پنهنجي جاءِ تي، پر ڪا اطمينان جوڳي وضاحت يا حقيقت سامهون نہ آئي آهي. سنڌ جي ٻين قديم ۽ قُتل شهرن وانگر هي شهر پڻ سنڌوءَ جي ڪپ تي آباد هيو. محققن جو خيال آهي تہ چانهونءَ جا ٽئي دڙا پهريان گڏيل هئا، جيڪي وقت بوقت ٻوڏن اچڻ ڪري جدا جدا ٿي ٽن دڙن جو روپ وٺي بيٺا.

چانهونءَ جو دڙو سنڌ جي قديم دڙن مان هڪ آهي، هن دڙي کي موهن جي دڙي ۽ هڙپا جيترو قديم ڄاڻايو ويو آهي. 1931 ۽ 36-1935 ڌاري هن دڙي جي مرحليوار کوٽائين ڪان پوءِ هتان ڪيئي اهڙيون شيون هٿ آيون، جيڪي ان جي قدامت کي ظاهر ڪن ٿيون. هن دڙي جي عمر موهن جي دڙي ۽ ان جي بربادي کان بعد واري دور تائين ٻڌائي وڃي ٿي.

هتان(چانهونءَ جو دڙو) جو خاص دڙو نل نمبر 2 آهي. هن ۾ سنڌو تهذيب جي دور جا ٽي جدا جدا تہ موجود آهن، جن مان پتو پوي ٿو تہ هيءَ بستي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀيرا ٻوڏ هيٺ اچي تباهہ ٿي ۽ ٻہ ڀيرا وري آباد ڪئي وئي، ان دور ڪانپوءَ ڪجهہ عرصو پوءِ هي بستي غير آباد رهي، ۽ پوءِ وري ان کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ مٽيءَ جي ڪچين سرن جو ٿلهو ناهي ٿورو مٿي ڪيو ويو، ۽ پوءِ ان ٿهلي مٿان گهر ٻڌا ويا. کوٽائي ڪيل حصي جون عمارتون 25 فوٽ ويڪري سڙڪ تي آهن....هتان ڪُٽِ، ٽامي، سپيءَ ۽ عاج جو سامان ناهڻ جون شيون بہ گهڻي تعداد ۾ لڌيون آهن. هتان ٽامي جا اوزار ۽ غير مڪمل ڌاتوءَ جا پگهاريل ٽڪرا بہ تمام گهڻا لڌا آهن. ٻي نل جي مٿين تہہ تي هڪ اهڙي دور جون باقيات مليون آهن، جي سنڌ جي جهڪر جي دڙي واري تهذيب سان مشابهت رکڻ ٿيون ..... باقياتي شهادتن مان هي اندازو ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو سنڌو تهذيب جي پوئين دور (Post Urban phase) ۾ هتي اچي آباد ٿيا.(25)

## ڪاهوءَ جو دڙو:

ڪاهوءَ جو دڙو ميرپورخاص شهر جي قريب واقع آهي. هي دڙو پنهنجي ڪندرن اندر هڪ وسندڙ ۽ آباد شهر جي ڪهاڻي رکي ٿو. آثار قديمہ جي ماهرن مطابق هي هڪ قديم ٻڌ اسٽوپا آهي. 1910ع ۾ هينري ڪزنس هن دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي ۽ منجهس ڪيئي اهم شيون

دريافت ڪيون، جن مان سڀ کان اهم مهاتما گوتم ٻڌ جون ڪيئي مورتيون ۽ مٽيءَ جي سرن/ ڦرهين تي چٽيل تصويريون شامل آهن. ان کان علاوه هتان ڪافي تعداد ۾ ٽامي جا سڪا پڻ لڌا ويا آهن. ڪزنس کان پوءِ هن دڙي جي باقي کوٽائي پنڊارڪر ڪرائي جنهن کي خاص طور ”ٻُڌ ستاوا“ جو وڏو بينل بت مليو جيڪو چيرولي جو ٺهيل هو ۽ مٿس سون جو پَٽ چڙهيل هو.

ڪاهوءَ جي دڙي جي قدامت جو هن وقت تائين صحيح اندازو نہ لڳايو ويو آهي پر ڪجھ محققن ان دڙي کي 400 عيسوي کان پوءِ جو ڄاڻايو آهي. ان سلسلي ۾ هينري ڪزنس جي راءِ آهي تہ ”هر شيءِ کي ڌيان ۾ رکندي، مون کي سمجھ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ هن ميرپورخاص واري اسٽوپا (ڪاهوءَ جو دڙو) کي 400 عيسويءَ کانپوءِ واري دور سان ڪيئن ڳنڍجي؟ ممڪن اهو آهي تہ هن اسٽوپا جي اڏاوت ڪنهن اڳين پراڻي اسٽوپا جي بنياد تي ٿي آهي، جنهن کي اشوڪا تعمير ڪرائڻ جو حڪم ڪيو هو، جنهن ۾ خود مهاتما ٻڌ جا تبرڪ رکيل هئا. ٻيا تبرڪ جهڙوڪ چمچيءَ برابر رک جيڪا دوباره تعمير وقت ان سان گڏ رکي وئي هئي، پر اهي سڀ انومان ۽ اندازا آهن. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ هن اسٽوپا جي چوڦير مڙهيون هيون، جن جا اڄ کنڊر موجود آهن. اهي ڪڏون جن مان سرون ٺاهڻ پٽين لاءِ ڪڍيون ويون آهن، سي گنڌارا جي مڙهين جي نقشن جي ياد ڏيارن ٿيون.“ (26)

سڌيرڻ جو پڙو/ٿل:

هي پڙو لاڙ ۾ نوراني ريلوي اسٽيشن ۽ گاجيا واھ جي قريب آهي. هن ٿل کي ٻُڌ ڌرم جي اسٽوپائن سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. پري کان هي هڪ مٽيءَ جي دڙي وانگر ئي نظر اچي ٿو، جنهن جي وچ تي مٽيءَ جي سرن ۽ گاري سان اسٽوپا ٺهيل آهي.

هن دڙي جي نالي پٺيان هڪ عجيب ڏند ڪٿا ٻڌائي وڃي ٿي ڪزنس مطابق ”چيو وڃي ٿو تہ نيرو نالي هڪ هندو راجا هو، جيڪو حيدرآباد تي راڄ ڪندو هو. ان ڪري سندس نالو نيرون ڪوٽ آهي. هتي عوام ۾ مشهور هڪ ڏند ڪٿائي عشقيہ ڪهاڻي هيئن آهي تہ: سڌيرڻ نالي بادشاھ جو هڪ پاڻيو هو، جيڪو بادشاھ جي راڻيءَ سان

محبت ڪندو هو. جڏهن اها ڳالهه پڌري ٿي پئي ته شهزادي سڌيرڻ محلات ڇڏي ڀڄي اچي هن جڳهه ۾ پناهه ورتي. پوءِ زمين جو دڙو ان مٿان وري ويو ۽ سڌيرڻ جو دڙو مشهور ٿي ويو. وقت گذرڻ کان پوءِ ماڻهن جو عام زيارت گاهه بڻجي ويو. راڻي جنهن کان اهو گناهه ٿيو هو، سا به ان دڙي جي ڀرسان هڪ ننڍڙي دڙي ۾ دفن ڪئي وئي. هن دڙي جي حيثيت جيروشلم جي ڀرسان ابوشلم جي ٿلهه وانگر هئي، جنهن کي زيارتي روزانو پٿرن ۽ پٿرن سان ڇٽيندا هئا. سچيءَ ڳالهه جي ثابتي اهو دڙو آهي. (27)

سڌيرڻ جي دڙي جي کوٽائي بعد منجهائس گوتم ٻڌ جون مورتيون پڻ لڌيون ويون. ان کان علاوه ڊاگوبا پڻ هٿ آيو، جيڪو زمين جي اندرين تهه ۾ هڪ ننڍڙي قبر جي صورت ۾ هيو. ڊاگوبا کي کوٽڻ سان منجهائس ڪاٺ جو ٻورو هٿ آيو. ڪزنس جي خيال ۾ "ممڪن آهي ته گوتم ٻڌ جون هانيون ان ڊاگوبا جي تري ۾ رکيون ويون هجن." ڊاڪٽر غلام علي الانا آثار قديمه جي ماهرن جا حوالا ڏيندي لکيو آهي ته "جهونا ڳڙهه جي ٻوريا اسٽوپا مان گوتم ٻڌ جون هانيون ساڳي حالت ۾ لڌيون ويون هيون، جهڙي حالت ۾ سڌيرڻ جي ٿل مان لڌيون ويون هيون. انهي ڪري هي ٿل راجا ڪنشڪ جي زماني جو ئي ٿي سگهي ٿو، ۽ هن جي تعمير پهرين صدي عيسوي ۾ ئي ٿي هوندي." (28)

### مير رکڻ جو ٿل/دڙو:

هي قديم دڙو نوابشاهه ويجهو سنڌو درياءَ جي هڪ پراڻي وهڪري جي الهندي ڪناري ريلوي اسٽيشن ٻانڌي کان اولهه ڏکڻ طرف 22 ڪلو ميٽر ۽ دولت پور کان ڏکڻ اوڀر پاسي تقريباً 14 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي. هي دڙو انن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. ڪزنس مطابق 'سنڌ ۾ هي اڪيلو ئي اسٽوپا آهي، جنهن کي ڪنهن حد تائين پورو چئي سگهجي ٿو.' محققن جو چوڻ آهي ته هي هڪ ٻوڌي اسٽوپا آهي.

مير رکڻ جي ٿل جي نالي جي حوالي سان مقامي ماڻهن وٽ مختلف ڏند ڪٿائون مشهور آهن. لڳي ٿو ته هن ماڳ جو اصل نالو ڪو ٻيو هوندو، جنهن کان گهڻو گهڻو پوءِ ان تي اهو نالو پيو هوندو. جيئن ڪزنس چيو آهي ته 'ان جو نالو مسلمانڪو ٿو لڳي.' هن پنهنجي ڪتاب

"The Antiquities of Sind" ۾ مسٽر گبس جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته "اهي کنڊر پري کان ڇڪشش ۽ من موهيندڙ آهن...(هي ٿل) اٽڪل 60 فوٽ کن اوچو آهي. هن جي ٻاهرين تعمير اعليٰ قسم جي پڪين سرن سان ٿيل آهي." (29) هن ٿل ۾ جيڪي سرون ڪتب آنديون ويون آهن تن تي خوبصورت نقش ونگار ۽ اُڪر جو نفيس ڪم ٿيل آهي.

سنڪاجن جو دڙو:

هي دڙو ڪراچي کان ٽي سؤ ميلن جي فاصلي تي اولهه طرف عربي سمنڊ جي پتڻ کان لڳ ڀڳ 25 ميل اتر طرف واقع آهي. کوٽائي بعد هتان قديم دور جا ڪيئي آثار پڌرا ٿيا. جن مان اوائلي دور جون انيڪ ٺڪريون، ٽانو، پٿر جا چاقو، پٿر مان ٺهيل تير جو منهن، ٽامي جي نپيل ڪارائيءَ نموني واري ڪهاڙي ۽ مٽيءَ مان ٺهيل ٻيون شيون جهڙوڪ چٽساليءَ وارا ۽ سوراخدار ٽانو به مليا آهن. ان قسم جا سوراخدار ٽانو هڙاپا مان به لڌا ويا آهن، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي درو ساڳي تهذيب سان لاڳاپو رکي ٿو.

بدين ضلعي ۾ قديم دڙا:

لاڙ سنڌ جو انتهائي زرخيز خطو آهي، جتي آثار قديمه جي حوالي سان وڌو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. محمد سومار شيخ لاڙ کي دڙن جي دنيا سڏيو آهي. بدين لاڙ جو مرڪزي ۽ اهم ضلعو آهي، هن ضلعي جي پس گردائي ۾ جيترا دڙا ۽ پڙا آهن اوترا شايد ئي سنڌ جي ڪنهن ٻي ضلعي ۾ نظر اچن. اهڙن ڦٽل دڙن جو انگ 100 جي قريب آهي، پر افسوس جو اهي ماڳ آثار قديمه جي ماهرن جي توجهه جو مرڪز نه رهيا آهن، هيٺ ايندڙ دڙن مان يقينن ڪي اهڙا به آهن جن جو تعلق موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيبن سان جوڙي سگهجي ٿو، اهڙي شاهديءَ لاءِ انهن دڙن مان لڌل ٺڪر جا ٽانو ۽ سون چاندي ۽ ٽامي جا سڪا، مختلف قسم جون مهرون، بت ۽ اهڙيون ٻيون شيون ڪافي آهن.

بدين ضلعي اندر مختلف قسم جا دڙا نظر اچن ٿا، جن مان ڪجهه زمين ۾ غرق ٿيل آهن ته ڪي وري الڳ الڳ ماپ ۾ زمين کان ٻاهر ظاهر آهن. محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب "بدين ضلعي جي ثقافتي

تاريخ“ ۾ مذڪوره دڙن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، جنهن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ذڪر هيٺ ايندڙ دڙن مان اڪثر تي ڪنهن بزرگ يا اوليا جي تڪيي سبب سندس نسبت سان نالو رکيو ويو آهي يا وري ڪنهن مقامي ذات يا پرپاسي جي ڳوٺ جي حوالي سان مٿن اهڙا نالا پيا آهن.

اهي دڙا جيڪي زمين دوز آهن تن ۾ آهيرن جو دڙو، ناٿ فقير جو دڙو وغيره اچي وڃن ٿا. 3 فوٽ مٿي نظر ايندڙ دڙن ۾ ستين جو دڙو، درس ٻاگهل جو دڙو، سهٽيءَ جو دڙو، راهوءَ جو دڙو، ڪانگٽيءَ جو دڙو، وڇٽو دڙو، رتو پڙو، وغيره. 4 فوٽ مٿي نظر ايندڙ دڙن ۾ تاجن جو دڙو، جياٽ، ڦاڙهن نوتيارن جو دڙو، شاهه ڏراهه ۽ ڪڏ. 5 فوٽن کان مٿي وارن دڙن ۾ شهاب الدين جو دڙو، اونن جو دڙو، هبيءَ جو دڙو، ڪوڪل جو دڙو، مرڪان جو دڙو وغيره. جيڪي دڙا زمين کان 8 فوٽ مٿي آهن تن ۾ پنونءَ جو دڙو، توت جو دڙو، ساميءَ جو دڙو، شيخ پير ڦرهيو پنداري، اوڍ جو دڙو، ڪڪرن جو دڙو وغيره. 10 فوٽ مٿي نظر ايندڙ دڙن ۾ پلو خاصخيليءَ جو دڙو، پني جو دڙو، آرٽيءَ جو دڙو، آڏٽ جو دڙو، رڙيءَ جو دڙو وغيره. جيڪي دڙا 12 فوٽ اوچا آهن تن ۾ ڪاٽ ٻانيڻ، نر جو دڙو، مانجهيءَ جو دڙو، نري وغيره. زمين کان 15 فوٽن جي اوچائيءَ وارن دڙن ۾ دلن جو دڙو، بديڻ، ٽڏي ماجاٽيءَ جو دڙو ۽ لنجاريءَ جو دڙو شامل آهن. جڏهن ته بدين ضلعي ۾ ڪجهه اهڙا دڙا به آهن، جن جي اوچائي 20 کان 25 فوٽ تائين به آهي. انهن دڙن کي بدين ضلعي جي وڏن ۽ اهم دڙن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. اهڙن دڙن ۾ مالهين جو دڙو، روپا ماڙي، اگهاماٽو، نري، لداٽو ۽ ٻيا ڳڻي سگهجن ٿا. بدين جي مذڪوره دڙن جي آثار قديم جي حوالي سان وڏي اهميت آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن قديم کنڊرن جي کوٽائي ڪرائي منجهن لڪل ڳجهه ظاهر ڪيا وڃن.

بهم جو پڙو:

هي پڙو ضلعي نوابشاهه جي شهر ٻانڌي جي ڏکڻ ۾ ٻن ميلن جي فاصلي تي مين ريلوي لائين ۽ امر جي واهه جي درميان واقع آهي. بهم

جو پڙو جنهن کي مقامي ماڻهو پڙو پنگو، پڙو ڀهم ۽ ٻاڙهي پڙي ٻہ چوندا آهن، تنهنجي ڪل ايراضي 24 ايڪڙ ٻڌائي وڃي ٿي، پر هن ماڳ جا آثار اتر اولهہ پاسي وڌيڪ چئن ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن. روينيو رڪارڊ مطابق هن پڙي جي ايراضي 40 ايڪڙ ٻڌائي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي مطابق 'پڙو ڀهم' جو مطلب آهي 'غير معروف دڙو'..... ڀهم جي پڙي مان اهي آثار ۽ شيون ملن ٿيون، جي موهن جي دڙي ۽ چانهونءَ جي دڙي ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن پراڻن برباد ٿيل شهرن مان هٿ آيون آهن. چٽسالي ٿيل ٺڪر جا ٿانو، چوڙا، سڪا ۽ ٻيون اهڙيون شيون ثابت ڪن ٿيون تہ سنڌ جي قديم سڀيتا اتر کان ڏکڻ واري حصي تائين ساڳي رنگ ۽ ڍنگ ۾ موجود هئي. (30) آثار قديمہ جي ماهر ڊاڪٽر محمد رفيق مغل جي تحقيق مطابق 'پڙو ڀهم' جي سموري وستي باهہ لڳڻ جي ڪري تباهہ ٿي هئي....... پڙو ڀهم مان ڪيل ڇڪاس مان ثابت ٿيو آهي تہ اها وستي اٺڪل اٺين صدي عيسوي کان جڏهن ان جو بنياد پيو هو، قلعي يا ڪوٽ اندر هوندي. اتي گهٽ ۾ گهٽ پنج سؤ سالن تائين ڪنهن بہ وڏي ثقافتي تبديليءَ جو اهڃاڻ نہ ٿو ملي........ ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ اٺين صدي عيسوي جي شروعاتي دور ۾ ڀهم جو پڙو جي پس گردائي واري ايراضيءَ ۾ ٻوڌي ماڻهو رهندا هئا. تنهنڪري ڀهرو ور پڙو ضرور ڀهم جي پڙي ويجهو هوندو. (31)

نوابشاهہ ضلعي ۾ مورو شهر کان 5 ميلن جي فاصلي تي 'گچيرو' نالي هڪ قديم ماڳ جا نشان پڻ ملن ٿا، ان کان علاوه هن ضلعي ۾ 'رتوپڙو' ۽ ٻيا قديم آثار پڻ نظرِ تحقيق جا طالب آهن.

## ضلعي سانگهڙ جا قديم دڙا:

ضلعي سانگهڙ ۾ پڻ ڪيئي قديم ماڳ مڪان، دڙا ۽ پڙا نظر اچن ٿا، جن مان ماڙي سبڙ، دلور جا دڙا، ڏيپر گهانگهرو، رتو ڪوٽ، سون چڙي جو پڙو وغيره اهم آهن. مذڪوره دڙن مان ڪن کي تاريخ کان اڳ واري دور سان پڻ منسوب ڪيو ويو آهي.

ماڙي سبزُ:

ماڙي سبزُ ضلعي سانگھڙ جي تمام قديم ماڳن مان هڪ آهي. عبدالله ملاح لکيو آهي تہ هن جاءِ تي ڪيترائي عالم ۽ محقق آيا ۽ هنن قديم آثارن جو معائنو ڪيو. 1924ع کان اڳ ۾ پاڪستان جي محڪمہ آثار قديمہ وارن هنن دڙن جو معائنو ڪيو هو. سندن چوڻ موجب ”هي دڙا ديهہ ماڙي سبزُ ۾ نوان ڏاهري ريلوي اسٽيشن جي پر ۾ آهن. چوڏاري پوک هيٺ آيل زمين اٿس، جنهن جي وچ ۾ تي سؤ فوٽ ۽ بہ سؤ فوٽ ويڪرو پنجن فوٽن جي اوچائيءَ جو دڙو آهي، جنهن جي مٿان سرون ۽ ٺڪرانو پکڙيل آهي، جتان ڳاڙهين ٺڪرين تي ڪاري رنگ جي استعمال جا نمونا ۽ هڪ ڊگهي جي شڪل جو رانديڪو هٿ ڪيا ويا، جيڪي هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب سان تعلق رکن ٿا.“ (32)

دلور جا دڙا:

هي دڙا ٽنڊي آدم کان اٽڪل 10 ميل اوڀر طرف جمڙائو واهہ جي ڪپي ڪناري تي موجود آهن. هي دڙا راجا دلوراءِ جي نالي پٺيان مشهور آهن. مسٽر اي. ايف بيلاسس ۽ سي ڊبليو رچرڊسن جڏهن 1954ع ۾ هن دڙي تي اچي ابتدائي طور ڪجهہ کوٽائي شروع ڪئي تہ هنن ان ماڳ کي سنڌ جو قديم شهر برهمڻ آباد قرار ڏنو.

1892ع ۾ راورٽي پنهنجي ڪتاب ’مهراڻ آف سنڌ‘ جي مجمل التواريخ جي نظريي جي حمايت ڪئي تہ ايران جي بادشاهہ بهمن سنڌ جي بڌ پرڳڻي جو علائقو فتح ڪري، اتي هڪ شهر بهمن آباد جي نالي سان آباد ڪيو. ليمبرڪ ۽ ڊاڪٽر بلوچ انهي نظريي جي حمايت ڪئي آهي تہ هي آثار ان بهمن آباد جا آهن، جنهن کان پوءِ برهمڻ آباد سڏيو ويو.... محڪمہ آثار قديمہ جي گڏريل سالن جي کوٽائيءَ مان گهرن جي ڪمرن مان بريل ڪاٺ ۽ سڙيل شين جي ليٽ سان ٻاهرين حملي آورن جي تباهي جا آثار نمايان آهن، جيڪي پڪ سان محمود غزنويءَ جي هٿان منصوره جي تباهي ۽ وڙهڻ کي ثابت ڪن ٿا. (33)

ڏيپر گھانگھرو:

هي دڙن جو هڪ سلسلو آهي جيڪو تعلقي سنجهوري ۾ جهول کان ٽي ميل ڏکڻ اوڀر طرف ٽنڊي آدم واري رستي جي ڀرسان پاسي نظر اچي ٿو. ان مقام کي ڏيپر جو ٿل پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. ڏيپر گھانگھرو، دلور جي دڙن جو ئي تسلسل محسوس ٿئي ٿو. انهن ٻنهي دڙن جي وچ ۾ رڳو پنجن ڇهن ميلن جو فاصلو آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته متان اهي ٻئي ڪنهن هڪڙي ئي پراڻي شهر جا آثار هجن.

1954ع ۾ بيلاسس ۽ رچرڊ سن دلور جي دڙن سان گڏ هنن دڙن جو پڻ معائنو ڪيو ۽ کوٽائي ڪرائي، سندن خيال ۾ هتي وزيرِ اعظم جي رهائش هئي ۽ مرڪزي حاڪم جو تخت گاهه برهمڻ آباد دلور جي دڙن تي هوندو هو. 1884 ۾ راروٽي خيال ظاهر ڪيو ته ڏيپر گھانگھري واري جاءِ تي ٻڌ ڌرم جي عبادت گاهه 'نووهار' هئي. ممڪن آهي ته هيءَ جاءِ برهمڻ آباد هجي.... ڊاڪٽر بلوچ صاحب به مٿئين نظريي جي حمايت ڪري ٿو ۽ ڏيپر گھانگھري کي ئي برهمڻ آباد جا قديم آثار مڃي ٿو. (34)

نهٽو/ڳاڙهو پڙو:

ٿر پارڪر ضلعو به سنڌ جي قديم آثارن، ماڳن مڪانن، ڪوٽن ۽ قلعن، دڙن ۽ پڙن جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. خاص طور عمرڪوٽ ۽ نئون ڪوٽ جي وچ واري علائقي ۾ اهڙا قتل آثار ۽ اهجاڻ گھڻا ملن ٿا. جن ۾ ملير جي پٽ،ڪيجداڙي، راڄهاري، نهٽو (ڳاڙهو پڙو)، لاليءَ جو پڙو، آرياٽيءَ جو دڙو، ڳاڙهيارو پڙو وغيره قابلِ ذڪر آهن. مٿين دڙن تي آثار قديمه واري کاتي طرفان ڪا تحقيقي نظر نه وڌي وئي آهي ۽ نه ئي وري ڪا کوٽائي ٿي آهي. نهٽو تي ٿورو گھڻو ڪم ٿيو آهي پر اهو به ناڪافي آهي.

تعلقي مٺي ۾، نبي سر کان ڇهه ميل ڏکڻ طرف، ڊوري ناري (هاڪڙي) جي ڪابي ڪپ تي واقع آهي.... پٿن سان لاڳاپيل دڙي تي هڪ ڪوٽ جا چٽا اهجاڻ پڻ آهن، هي ڪوٽ پوئين زماني جو آهي. هتي پڪڙيل نڪرانو، تاريخ کان اڳ واري دور جي نڪرين جهڙو آهي، جن

مان ڪجهہ جهڪر واري زماني جون لڳن ٿيون. هي دڙو پنجن ڇهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي ۽ اوچائي اٽڪل پنجويهہ کن فوٽ اٽس ۽ سڄو پڪل مٽيءَ جي ٺڪرن ۽ انهن مان ڇٽيل ڳاڙهي مٽيءَ سان ڍڪيو پيو آهي. هن جي مٿاڇري تي ٺنگر ٽانو، ٺڪر جا ڪنگڻ، چقمقي پهڻ جا مختلف ٽڪا اوزار، گهٽ قيمتي پٿرن جا ٽڪر، ٽامي جون تارون ۽ ڌاتوءَ جا ٽڪر جام ملن ٿا. ڪجهہ ٽانون جي ٺڪرين تي ڇٽسالي ۽ گل ٻوٽا نهيل آهن.... معلوم ٿئي ٿو تہ نهٽو، سنڌو تهذيب جي زماني جي وسندي آهي، جنهن کي چانهونءَ جي دڙي وانگر، جهڪر ۽ جهانگار وارن ماٺهن اچي والاريو. (35)

ٽرڙيءَ جو دڙو.

شڪارپور سنڌ جي قديم ۽ تاريخي شهرن مان هڪ آهي. هي شهر صدين کان آباد آهي. شهر جي آس پاس ڪيئي ٿڏل ماڳ نظر اچن ٿا، جتان مليل شيون ڏسي شڪارپور واري خطي جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، پر انهن سيني مان اهميت وارو ماڳ آهي 'ٽرڙيءَ جو دڙو'.

تاج صحرائي لکيو آهي تہ "ضلعو شڪاربور اڄ کان ڏڇي ٻہ جيڪڏهن چوان تہ ساڍا ٽي ۽ چار هزار سال قديم ورثي جو مالڪ ۽ وارث آهي. اهو قديم ورثو انڊس هاءِ وي تي ڳڙهي ياسين ۽ ڏکڻ جي وچ ۾، رستي سان لڳ، اولهہ طرف ابن اوڊي جي ڳوٺڙي وٽ 'ٽرڙيءَ جي دڙن' ۾ دفن ٿيل آهي. اتان جيڪي اسان کي وسٽيون مليون سي موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان حاصل ٿيڻ جهڙين قديم وسٽين جهڙيون آهن. اهي نادر ۽ وڏي ملهہ واريون وسٽيون مون قديم آثارن جي کن ماهرن کي ڏيکاريون آهن ۽ انهن سيني صاحبن ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ واقعي دڙي جو تعلق تاريخ کان اڳ واري دور سان آهي ۽ جهڪر جي دڙن جو هم عصر ٿيندو، يعني موهن جي دڙي واري تهذيب جو پورو دور (1800_1500 سال ق.م)..... دڙو اولهہ کان اوپر طرف ساڍا ست سؤ فوٽ ڊگهو ۽ اتر کان ڏکڻ طرف چار سؤ فوٽ موڪرو ٿيندو. دڙو آس پاس جي زمينن کان اٽڪل ٽيهہ فوٽ اوچو آهي.(36)

لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي جا قديم آثار ۽ دڙا:

تهذيبي ۽ تاريخي حوالي سان لاڙڪاڻو سنڌو ماتر جو انتهائي مهذب قديم خطو آهي، موهن جو دڙو ۽ جهڪر جو دڙو جا آثار اڄ به هن خطي جي هزارن سالن جي تاريخ جي گواهي ڏئي رهيا آهن، پر مذڪوره معروف دڙن (جن جي کنڊرن ۾ بيشڪ وڏي تهذيبي ورثو سمايل آهي) کان علاوه به لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي واري علائقي ۾ لاتعداد دڙا، ڀڙا، ٿل ۽ ٻيا قديم آثار موجود آهن، جن تي آرڪيالاجي کاتي طرفان تحقيق جي ضرورت آهي. لاڙڪاڻي جي اردگرد گهڻو ڪري ڏوڪري، رتوديرو، وارهه، قنبر ۽ شهدادڪوٽ تعلق ۾ قديم آثارن جا اهڃاڻ ۽ قتل آبادين جا دڙا وڏي انگ ۾ نظر اچن ٿا. موهن جي دڙو متعلق اوهان کي اڳتي گهڻو ڪجهه پڙهڻ لاءِ ملندو، تنهنڪري هتي لاڙڪاڻي جي ٻئي اهم دڙن يعني "جهڪر جي دڙي" کان علاوه انهن قديم دڙن جو ذڪر ڪبو جن تي ڪو جوڳو تحقيقي ڪم نه ٿي سگهيو آهي.

جهڪر جو دڙو:

جهڪر جو دڙو، موهن جي دڙي واري تهذيب جو تسلسل ۽ قدامت جي لحاظ کان سندس همعصر آهي. هي دڙو لاڙڪاڻي کان اولهه طرف وڳڻ ڏانهن ويندڙ روڊ تي 18 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي ساڄي طرف ڳوٺ 'منو ديرو' لڳ نظر ايندو. هن دڙي جو ڏيل ئي پنهنجي عظمت جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. 63 فوٽ اوچي هن دڙي جي نالي بابت عجيب ڏند ڪٿائون منسوب آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته هتي جهڪر نالي راجا رهندو هو، تنهن جي پنيان مٿس اهو نالو پيو. ڪي چون ته هي شهر دلو راءِ جي زماني جو آهي، جنهن هتي پنهنجو خزانو پوريو هو، تنهن ڪري مٿس خزاني وارو شهر يعني جهڪر نالو پيو. بهرحال جيترا وات اوتريون ڳالهيون. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکيو آهي ته "حقيقت هي آهي ته هي شهر "ار" کان آيل قوم آباد ڪيو." (37)

قديم زماني ۾ سنڌ کان ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندڙ ٽئن عظيم شاهراهن مان هڪ 'مولا لڪ' جيڪا بلوچستان کان ٿيندي سنڌ ۾ داخل ٿيندي هئي، اها شاهراهه لاڙڪاڻي مان جهڪر جي دڙي ڀرسان گذرندي

هئي، جنهن وسيلي قديم زماني ۾ تجارت جو سلسلو هلندو هو ۽ ايران ۽ افغانستان جا ماڻهو واپاري قافلن جي صورت ۾ انهيءَ شاهراهه ذريعي سنڌ ۾ ايندا هئا.

1935ع ۾ هن دڙي جي کوٽائي آثارِ قديمه جي ماهر اين-جي مجمدار ڪرائي. کوٽائي دوران هتان ڪيئي اهڙيون شيون مليون، جيڪي تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکن پيون. ان کوٽائيءَ مان ٺڪر جا ٿانو، ٽامي جا سڪا، مهرون، ٽامي جي هڪ پالي جو منهن ويره هٿ اچڻ ڪانپوءِ جڏهن انهن شين جي عمر جو ڪاٿو لڳايو ويو ته اهي ٿي ڪان چار هزار سال ق.م يعني موهن جي دڙي واري دور سان تعلق رکن پيون. آثاربدايئن تا ته جهڪر جو شهر موهن جي دڙي جي تباهيءَ ڪان گهڻو بعد تائين به آباد رهيو، جنهن جي ثبوت طور هتي پنجين صدي عيسوي ۾ رائج سڪا پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. جهڪر جي دڙي وارو اسٽوپا اڄ به ڪافي حد تائين سالم آهي، محققن هن کي ٻڌ دور جو اسٽوپا سڏيو آهي.

لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي وارن ڦتل شهرن ۽ دڙن جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ۽ هدايت منگي جو ڪافي حد تائين کوج وارو ابتدائي ڪم ٿيل آهي، جيڪو مضمونن جي شڪل ۾ اخبارن ۽ ڪتابن ۾ ملي ٿو، پر ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته هنن صاحبن ڪجهه اهڙن دڙن جي به نشاندهي ڪئي آهي، جن تي اڃا قديم آثارن جي ماهرن جي نظر ئي نه وئي آهي. هيٺ لاڙڪاڻي جي ڪجهه دڙن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو، جنهن مان اندازو ٿيندو ته هي خطو قديم آثارن جي حوالي سان ڪيڏو مالا مال آهي.

چوٽياريون/ راڻيءَ جو دڙو

هي دڙو جهڪر جي دڙي جي بلڪل ويجهو آهي. هتان مليل ٺڪراني ۽ ٻين شين کي ڏسي گمان ٿئي ٿو ته اهو ماڳ جهڪر جو ئي همعصر آهي.

انڊس هاءِ وي تي لاڙڪاڻي ڪان 7 ڪلو ميٽر اولهه ڏکڻ ۾ جهڪر جي دڙي کي هن ايراضيءَ جو اڪيلو قديم ماڳ نه سمجهڻ

گهرجي، چاڪاڻ تہ جهڪر جي ڏکڻ ۾ بہ انڊس هاءِ وي جي الهندي پاسي نمايان نظر اچن ٿا. جهڪر کان رڳو بہ ڪلو ميٽر ڏکڻ اولهہ طرف ٻڌا ڳوٺ وٽ چوٽياريون يا راڻي جي دڙي جا 5-6 ايڪڙن ۾ وڏا دڙا انتهائي اهم آهن، جن مان الهندو دڙو 45 کن فوٽ اوچو 50-60 فوٽ ويڪرو آهي ۽ باقي ڏکڻ وارو حصو ڪجهہ گهٽ اوچائيءَ ۾ آهي، جڏهن تہ اڀرندو ننڍو دڙو پنهنجي ساخت سبب قائم ۽ دائم آهي.... هي دڙو ڏسڻ وٽان آهي، جتان جهڪر جي ٺڪرين سان مشابهہ ٺڪرانو ۽ ڌاتو جا ذرا وڏي تعداد ۾ اجا ملي رهيا آهن. دڙو روڊ کان ڪل هڪ ڪلو ميٽر پري آهي، پر آرڪيالاجيءَ جا صاحب اڃان ان تي نہ پهتا آهن ۽ نہ ئي ان جو ڪٿي ذڪر ملي ٿو. (38)

## خيرپور جوسو وارو دڙو:

هي دڙو لاڙڪاڻي جي ڳوٺ خيرپور جوسو جي سامهون اوڀر واري پاسي ٿُلن آثارن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. هي آثار ڪافي وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل نظر اچن ٿا.

هنن دڙن تان مليل ٺڪرانو موهن جي دڙي جي وڏن ٿانون جي ٺڪرن جهڙو آهي. دڙن جي اوچائي 40-45 فوٽن کان بہ مٿي ڏسجي ٿي. ڌاتوءَ جا ساوا ٺڪر پڻ هنن دڙن تان ملن ٿا... ڏسجي ٿو تہ جهڪر جي زماني جي ڪا وڏي وستي هئي. (39)

## روجهاڻ:

هي پڻ لاڙڪاڻي جو هڪ قديم ماڳ آهي، جيڪو هاڻي ٿُلن دڙي جي صورت ۾ موجود آهي. هن دڙي تي اهو نالو ڪيئن پيو، تنهن جي ڪا سُڌ نہ آهي. هن دڙي بابت هدايت منگي ڪافي تفصيلي ڄاڻ ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ "لاڙڪاڻي کان نصير آباد وايا رشيد وڳڻ روڊ تي لاڙڪاڻي کان ڏهاڪو ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي خيرپور جوسي ويندڙ روڊ تي ڪابي پاسي عثمان سامتيہ ڳوٺ پرسان هڪ اوچو ۽ هاڻي 5-6 ايڪڙن ۾ پکڙيل دڙو، ساريال جي ٻنين جي وچ ۾ موجود آهي. جنهن کي علائقي جا ماڻهو روجهاڻ جي نالي سان سڏين ٿا. هن دڙي کي مينهن

ننڍين وڏن دڙن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ورنه هڪ ڪرو دڙو نظر ٿو اچي. موهن جي دڙي جي وڏن نيڪري ٽانون سان مشابهه نيڪرانو هن دڙي جي اهميت کي وڌائي ٿو ڇڏي. دڙي سان لڳو لڳ اتر ۾ اولهه کان اوڀر ويندڙ ڪنهن پراڻي، اوائلي سڙڪ جا نشان به ملن ٿا، جنهن سان مقامي ماڻهو بيل گاڏيون زمينن ڏانهن ڪاهي وڃن ٿا. هي شاهي رستو روجهاڻ، خيرپور جوسي جي دڙن، جهڪر سان اولهه ۾ ۽ اوڀر ۾ دودائڪي دڙي سان ٿڏهوڪين وسندين کي ملائيندڙ هوندو، يا ٿي سگهي ٿو ته اهو بلوچستان جي ٿڏهوڪين وسندين سان رابطي جو ذريعو به هجي. هي دڙو خيرپور جوسي کان هن طرف ايندڙ رستي وسيلي 4-5 ڪلو ميٽرن تي ٻنهي ماڳن کي پاڻ ۾ هاڻي به ملائي ٿو. 2 ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي نصير آباد روڊ جي الهندي پاسي گهٽ ۾ گهٽ اهڙا 3-4 اوائلي دڙا موجود آهن، جن جي چوڌاري هاڻي ساريال فصل جون ٻنيون اچي ويون آهن.“ (40)

تعلقي وارهه جا دڙا

تعلقي وارهه ۾ ڪيئي قتل آثار ۽ دڙا نظر اچن ٿا، جن جي خاڪ هينان تاريخ دفن ٿيل آهي. اهڙن دڙن ۾ چنهڙ جو دڙو (نصير آباد)، ولهيءَ جو دڙو، ڊانبيءَ جو دڙو، ڏنگ پٽ جو دڙو، بدامر جو دڙو، سريمڻ جو ڪوٽ/دڙو، نانگ جو دڙو، راٻاڙي ۽ دوپٽي جا دڙا ۽ ليلا جي ماڙي وغيره شامل آهن. مٿين دڙن مان ڪن جي اوچائي 15 کان 20 فوٽن تائين ۽ ڪن جي ان کان گهٽ آهي. انهن دڙن تي ڪا خاص تحقيق نه ٿي سگهي آهي. مذڪوره دڙن مان راٻاڙي ۽ دوپٽي دڙا پنهنجي نالن جي اعتبار کان منفرد آهن. انهن دڙن بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ”راٻاڙي جو اشتقاق هن طرح آهي: را=راجا+ٻاري= ڪچهري. يعني راجا جي ڪچهريءَ واري جڳهه. دوپٽي جواشتقاق هن طرح آهي دو= ٻه+ پٽي = ميدان يعني ٻن ميدانن وارو دڙو. هي دڙو بدامر ڍنڍ جي اتر ڪناري تي موجود آهي. وارهه تعلقي جي سيني دڙن کان اوچو ۽ ويڪرو آهي. دڙي جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ دڙو سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي ڪنهن راجا جي ڪچهريءَ جي جڳهه هئي. هن دڙي سان گڏ

ٻيو دڙو بہ موجود آهي، جنهن کي دوپٽي جو دڙو چيو ويندو آهي. (41) نوجوان محقق دين محمد ڪلهوڙي راٻاري جي دڙي جي لوڪيشن يونين ڪائونسل ڏيري جي ديهہ جاگير-6 ۾ قنبر کان 30 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي ڄاڻائي آهي.

تعلقي نصيرآباد جي دڙن مان چنهڙ جي دڙي کي بہ خصوصي اهميت حاصل آهي، جيڪو نهايت پراڻن دڙن ۾ شمار ٿئي ٿو. مسٽر مجمدار سنڌ ۾ آثارِ قديمہ جي کوج جي حوالي سان جن دڙن جو معائنو ڪيو، تن ۾ چنهڙ جو دڙو بہ شامل آهي. هي دڙو ضلعي قنبر-شهدادڪوٽ جي تعلقي نصير آباد جي شهر جي قريب واقع آهي. هن دڙي تي مقامي ماڻهن ڪيئي قبرون ناهي ڇڏيون آهن، هن وقت متاهينءَ تي فقط هڪ دڙو نظر اچي ٿو، جنهن تي پڻ قبرون آهن.

متاچري تي قديم زماني جو نيڪرانو بہ ملي ٿو ۽ اولهہ اتر ۾ ڏکڻ اولهہ ۾ هن دڙي سان لاڳاپيل ڍير بہ موجود آهن. هي اهڙو دڙو آهي. جيڪو جهڪر، دودائڪي، موهين ۽ ٻين دڙن کان 20 کان 30 ڪلو ميٽر پري اڪيلو بيٺو آهي. (42)

قنبر تعلقي جا دڙا.

قنبر تعلقي ۾ پڻ ڪيئي قديم دڙا نظر اچن ٿا، جن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي. اهڙن قنل دڙن ۾ ڪاروهر جو دڙو، ڏانڊيهڙ جو دڙو، راٻاري دڙو، نوزمان جو دڙو، نونرن جو دڙو، دانو جو دڙو، يارو جو دڙو، ڏيروءَ جو دڙو وغيره قابلِ ذڪر آهن. هنن مان اڪثر دڙا ڪن شخصيتن جي نالن يا ذاتين پٺيان مشهور آهن. متين دڙن مان ڏانڊيهڙ جو دڙو قدامت جي لحاظ کان خصوصي اهميت جو حامل آهي.

هي دڙو (ڏانڊيهڙ دڙو) قنبر جي اولهہ ۾ 40 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. پراڻي زماني جو قنل شهر ٻڌايو وڃي ٿو، وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. هن جي کوٽائيءَ مان مورتيون ۽ نڪر جا ٿانو ملن ٿا. پائنجي ٿو تہ هي سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جو ماڳ آهي. شايد زميني زلزلي سبب تباهہ ٿيو. (43)

شهدادڪوٽ تعلقي جا دڙا.

شهدادڪوٽ تعلقي ۾ جيڪي پراڻا دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن ۾ بگو دڙو، سون دڙو، شاهپور جمالي جو دڙو، ڪڙڪ جو دڙو، غفور شاهه وارو دڙو، ڏگ جو دڙو ڪافي اهم آهن. هنن دڙن بابت ڪو جوڳو تحقيقي مواد نہ ٿو ملي، مقامي ماڻهن وٽ انهن دڙن متعلق رڳو ڏند ڪٿائون ۽ مفروضا آهن. آرڪيالاجي کاتي وارن بہ انهن دڙن تي ڪو توجہ نہ ڏنو آهي. البت هدايت منگي پنهنجي اندازي مطابق شاهپور جي دڙي کي بہ هزار سال پراڻو ڪوٺيو آهي، پر ان لاءِ هن ڪو دليل نہ ڏنو آهي. هو لکي ٿو تہ "هي (شاهپور جمالي جو دڙو) هڪ نہ بلڪ ويهارو ايڪڙن تي مشتمل دڙن جي هڪ قطار آهي، جيڪا شهدادڪوٽ، ڳڙهي خيرو روڊ تي، شهدادڪوٽ کان 7-6 ڪلوميٽر اتر طرف ۽ روڊ جي اوير ۾ آهي.... ڏکڻ ۾ چاليهہ فوٽ ڪن.اوچا دڙا اٽڪل بہ هزار سال پراڻي دؤر جا ياسن ٿا. ٺڪر نوبر مان ان دور جو اندازو ٿئي ٿو.(44)

رتوديرو تعلقي جا دڙا.

رتوديرو تعلقي ۾ بہ اهم ۽ نهايت قديم دڙا ملن ٿا. 1. ٻنيرو 2. پنجو دڙو. هنن مان ٻنيرو دڙو قديم آثارن جي ماهرن جي نظرن مان گذريو آهي. 1929ع ۾ جڏهن اين. جي مجمدار سنڌ جي قديم ماڳن جي کوٽائيءَ وارو ڪم هٿ ۾ کنيو هو تہ مذڪوره دڙي جو پڻ معائنو ڪيو هو. هن پنهنجي مشهور ڪتاب "ايڪسپلوريشنس ان سنڌ" ۾ هن ماڳ جو سرسري ذڪر ڪيو آهي.

ٻنيرو دڙو آرڪيالاجيڪل سائيٽ ۾ شامل، سنڌو تهذيب جو هڪ اهم ماڳ آهي. هي دڙو نئون ديرو، رتوديرو روڊ سان خانواهہ اسٽاپ جي اولهہ ۾ لباڻن جي ڳوٺ جي پرسان موجود آهي. هن ماڳ کي 'ٻنيرو' يا 'ٻنيور دڙو' پڻ سڏيندا آهن. وسيع ايراضيءَ ۾ ڦهليل هي دڙو، سنڌ ۾ ٻڌ دور جي اهم باقيات ۾ شامل آهي....ٻنيري دڙي کي مسٽر مجمدار ميهڙ جي پرسان 'ناسو دڙو' ۽ نصير آباد لڳ 'چنهڙ دڙي' کان بہ

وڏيڪ پراڻو سمجهي ٿو. هن دڙي مان ڪيترائي سڪا، ٽانو، مڻيا، زيورن جا ٽڪرا، هڏا ۽ نڪراٽو لڀن ٿا. چون ٿا ته هتان هڪ خوبصورت مورتي به لڌي وئي هئي. (45)

### ڏوڪري تعلقي جا دڙا:

لاڙڪاڻي جو تعلقو ڏوڪري آثار قديمه جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. دنيا جي قديم ۽ عظيم تهذيب موهن جو دڙو پڻ هن ئي تعلقي ۾ اچي ٿو. ڏوڪري تعلقي ۾ مختلف قسمَ جا دڙا ۽ ٻيا قديم ماڳ موجود آهن، جن ۾ دودائڪو دڙو، ڏامراهن/ ڪانڌڙن جا دڙا، ٿلهي، سارنگ قبرستان، آداڻ وغيره شامل آهن. جن مان مکيه ٻن دڙن جو هتي مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

### دودائڪو دڙو:

رشيد وڳڻ، نصير آباد روڊ سان وجي محراب سنديلي ڳوٺ کان ڪابي لهڻو پوندو، جتان دودائڪو دڙو به اڍائي ڪلو ميٽر آهي. خير، دودائڪو دڙو، جهڪر ۽ روجهاڻ جي دور جو ئي هڪ دڙو ڀاسي ٿو. جنهن کي ڏکڻ ۾ هاڻي ساريال جون ٻنيون سوڙهو ڪري ويون آهن، پوءِ به 15 کن ايڪڙن ۾ 25-30 فوٽ اوچو هيءُ دڙو هيٺ مٿاهين سميت موجود آهي. مٿين دڙن سان مشابهه هن دڙي جون ٺڪريون ان کي انهن جو سهيوڳي ثابت ڪن ٿيون... ڪڏن اندر ڪنهن سڙيل دور جي مٽيءَ جا به تهه پڻ ڏيرن ۾ نظر اچن ٿا. دڙي جي اتر ۾ ويهه ويهه فوٽ ڊگهيون قبرون ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿيون ته ڳيريلي جي هن علائقي ۾ جنگ و جدل جا معرڪا ٿيا آهن، جن جا شهيد اجتماعي قبرن ۾ پوريا ويا آهن. (46)

### ڏامراهن/ڪانڌڙن جا دڙا:

تعلقي ڏوڪري جي شهر باڍهه جي ڏکڻ ۾ پراڻي عظيم سٽڪ کان ڇهن ستن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي ڪانڌڙن جي ڳوٺ ۾ هي قديم دڙن جو سلسلو نظر اچي ٿو. اين. جي مجمدار به هنن دڙن جو معائنو ڪيو هو. وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هنن دڙن جي قدامت موهن جي دڙي واري پوئين دور جيتري سمجهي وڃي ٿي، جو ته هنن دڙن تان

مليل نڪر ناہر موهن جي دڙي مان لڌل نڪرن ۽ ٽانون جهڙا ئي آهن، ٻيو تہ هي دڙو موهن جي دڙي کان اوپر اولهہ ڪنڌ تي رڳو 10 ميلن جي فاصلي تي آهي، تنهنڪري بہ محققن جو سنڌن قدامت جي حوالي سان گمان پڪ ۾ متجي ٿو.

هنن (دڙن) تي پهچڻ جا هاڻي ٽي رستا آهن. هڪ باڊهہ کان بوٽرو روڊ سان، ٻيو نصيرآباد کان ميهڙ روڊ وٽي ڏامراهہ واهہ جي ڪاٻي ڪپر سان، ٽيون باڊهہ کان رائيس ڪئنال وٽي ڏامراهہ ريگيوليٽر وٽان ڪانڊڙن ڏانهن ڏامراهہ واهہ جي ڪپر سان... هنن دڙن جو بہ عجيب اسرار آهي. اٽڪل هڪ ڪلوميٽر چورس جي پکيڙ ۾ ڦهليل هنن دڙن ۾ اهي وڏا اجگر ٽانو متيءَ ۾ پوريا پيا آهن، جيڪي موهين جي ميوزم ۾ رکيل آهن. انهن وڏن ٽانون جا مُنهن لنين ڪهاڙين سان ماڻهن پيجي بہ چڏيا آهن، پر ڪي تہ صفا سڄا بہ پوريا پيا آهن جيڪي مٿان نظر تا اچن. اتر واري حصي ۾ 'نڪر جي هڪ نالي' سڏي شهر کان ٻاهر ويندي محسوس ٿئي ٿي، جيڪا اجا پوريل آهي. اپرندي پاسي بہ اوچا دڙا نڪرن، پڳل سرن ۽ سڙيل متيءَ جي ڪيڪن توڙي سرن جي پور سان ستيل نظر تا اچن. (47)

موهن جو دڙو:

دنيا ۾ جڏهن بہ متمدن قومن جي تهذيب ۽ تاريخ تي تحقيقي روشني وڌي وئي آهي تڏهن موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن کي اهميت واري نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي، چو تہ موهن جو دڙو نہ رڳو سنڌ پر سڄي جهان لاءِ عظيم تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو اهڃاڻ آهي. سنڌو ماٿر جي هن وڏي تهذيبي ورثي موهن جي دڙي تي پهرين تحقيقي نظر مسٽر آر. جي بئنرجي، جي پئي، جنهن 1922ع ۾ هن دڙي جي کوٽائي جو ابتدائي ڪم شروع ڪري، دنيا اڳيان هڪ حيران ڪندڙ تهذيبي سرمايي کي متعارف ڪرايو. هن 1918ع کان 1922ع تائين سنڌ ۽ پنجاب جي انهن علائقن ۾ پنڌ ڪيو، جن علائقن مان سڪندرِ اعظم 326 ق.م اڳ گذريو هو ۽ الڳ الڳ جڳهن تي هن 12 ٽنيا لڳرائي مٿن يوناني ۽ هندستاني زبانن ۾ ڪتبا لکرايا هئا. بئنرجي کي اصل انهن ڪتبن جي

ئي ڳولا هئي، ان ڀاڃي سان هن سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب ڳولي لڌي.

مسٽر بئنرجي ٻهاولپور رياست کان وٺي جتان هاڪڙي نديءَ جو وهڪرو معلوم ٿئي ٿو، ويندي کيرٿر جبل جي قطارن تائين 18 جاين تي سنڌو نديءَ جي جهوني وهڪري جا رخ معلوم ڪيا. اپر سنڌ جي سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 28 وڏن ۽ 53 ننڍن ويران ڳوٺن جو پتو ڪڍيو، جن کي محڪمہ آثار قديمہ وارا ٻڌ ڌرم جي زماني جا ڳوٺ سڏين ٿا. (48)

موهن جي دڙي جي باقي کوٽائي سر جان مارشل تڏهوڪي ڊائريڪٽر جنرل محڪمہ آثار قديمہ، مقامي مزدورن وسيلي پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي. هن وقت تائين هن دڙي جي مرحليوار کوٽائي جي نتيجي ۾ سموري ايراضيءَ جو فقط 10 سيڪڙو کوٽائي مس ٿي سگهي آهي، جيڪڏهن باقي 90 سيڪڙو کوٽائي ٿئي ته هوند دنيا آڏو هن قديم شهر جي تهذيب ۽ تمدن جا ڪيئي راز کلي سامهون ايندا. تنهن جي باوجود اڄ سوڏو موهن جي دڙي جي حوالي سان جيڪا بہ تحقيق ٿي آهي، ان مان هن خطي کي هڪ وڏو متمدن خطبو ثابت ڪرڻ ۽ دنيا جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي معلومات ملي آهي.

اسين سنڌ جا ماڻهو ان حد تائين خوش نصيب ضرور آهيون تہ اسين دنيا جي ان عظيم تهذيب جا وارث آهيون جيڪا پنج هزار سال اڳ بہ پنهنجي اوج تي هئي، انهن ماڻهن کي اٺڻ ويهڻ جو ڍنگ هيو ۽ صلح جو ۽ امن پسند هئا. اسين ان تهذيب جي پونئير هجڻ ناتي پنهنجو سر فخر سان اوچو تہ ڪيون ٿا. پر افسوس جو هن وقت تائين موهن جي دڙي تي تحقيقي حوالي سان اوترو ڪم نہ ڪري سگهيا آهيون، جيترو ڪرڻ کپي. اسان جي عام ماڻهوءَ وٽ تہ اجا اها ساڃاهہ بہ ڪونهي تہ ”موهن جي دڙي جي اهميت ڪهڙي آهي!“ ۽ اهي اگر ان کي بچائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهن تہ ان کي وڌيڪ برباد ڪرڻ ۾ تہ پاڳي پائيوار نہ ٿين. اسين اڃا موهن جي دڙي جي نالي وارو سُٺ بہ ڪو نہ سلجهائي سگهيا آهيون. جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪن پنهنجي

سمجهه ۽ ساڃاهه آهه تہ ڪن وري روايتن ۽ مفروضن جي بنيادن تي نالي جي اصليت ۽ حقيقت تي راءِ زني ڪئي آهي.

دڙي جو اصل نالو:

موهن جي دڙي جي نالي جي حوالي سان مختلف عالمن جي مختلف راءِ رهي آهي ۽ الڳ الڳ دليلن وسيلي هنن پنهنجي ڳالهه کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نتيجي ۾ هن دڙي جا ڪيئي نالا پڙهڻ ۾ اچن ٿا، جن ۾ موهن جو دڙو، موئن جو دڙو، مئن جو دڙو، معن جودڙو، موعين جو دڙو، مُهن جو دڙو، مُهين جو دڙو، مهي جو دڙو وغيره شامل آهن.

پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جي تحقيق مطابق هن دڙي کي عام طرح "مُهن جو دڙ" سڏجي ٿو. آرڪيالاجي کاتي وارن انهي نالي جي معني ڄاڻائي آهي "Mound of the Dead " هن دڙي مان ظاهر آهي تہ هو سمجهن ٿا تہ اهو نالو اصل ۾ آهي "مئن جو دڙو" ۽ رڳو چُڪ کان "مئن" بدران "موهن" لکيو اٿن. سرزمين تي وڃي کو پڇا ڪندو تہ پڪ ٿيندس تہ صحيح اچار آهي "مُهن جو دڙو" ۽ ڪي "مهين جو دڙو" بہ چون ٿا. ٻنهي جي معني آهي "مات ٿيلن جو دڙو". 49

موهن جي دڙي پرسان ڳوٺ ٻلهڙيجي جو رهاڪو ناميارو ليکڪ انور پيرزادو هن دڙي کي "مُهين جو دڙو" سڏيو آهي ۽ ان لاءِ پنهنجا دليل پڻ ڏنا آهن. هن لکيو آهي تہ 1922ع ۾ انگريزن جڏهن هن دڙي جي اوسي پاسي ۾ ڳوٺ ٻلهڙيجي، حسن واهڻ، ٻگي ۽ ٻنديءَ مان معلوم ڪيو هوندو تہ اتي جي ماڻهن کين ٻڌايو هوندو تہ اهو "مُهين جو دڙو" آهي. اسان چوندا آهيون "مهون" هتان بہ ڪلوميٽر آهي، وڃون ٿا "مهين"، تي، وغيره وغيره .....اهو ٻڌي انگريزن ان نالي کي انگريزيءَ ۾ (Mohen jo |Daro) لکيو هوندو. ان مان موهن لفظ جي معني ونڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ موهن Mohan انگريزيءَ ۾ ٻئي طريقي سان لکيو ويندو آهي. 50

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ لکيو آهي تہ موهن جو دڙو اصل ۾ "معن جو دڙو" آهي، يعني معن قوم جو ڊٺل شهر. معن قوم عرب الباعده ۾

شامل آهي، جن عربستان مان نڪري دنيا جي مختلف ملڪن تي حڪومت ڪئي آهي. ڪتبن مان ظاهر آهي ته معن تبع ۾ سباجي قومن جو هن ڪان سواءِ سنڌ، ايران، عراق ۽ حبش (ائبيسينا) تي راڄ هو.(51)

محمد ادريس صديقي لکي ٿو ته "موهن جي دڙي جو مقامي نالو "مئن جو دڙو" آهي. ڪوتائي ڪرڻ وارا ماڻهو مڪاني زبان نه ڄاڻيندا هئا. "تن کي 'موهن' لفظ وڌيڪ سهڻو لڳو، تنهنڪري انهن موئن جي بجا 'موهن' جو لفظ استعمال ڪيو. هينئر اهو نالو ايترو ته عام ٿي ويو آهي، جو اصل نالي جي اهميت ئي نه رهي آهي. سنڌ ۾ باوجود هن جي ته اڳين حڪومت جي سرڪاري گزيٽ ۾ اصل نالي کي قانوني حيثيت ڏني وئي هئي، پر جيڪو غلط استعمال عوام ۾ عام ٿي ويو، "سو اڄ مشهور آهي ۽ بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي."(52)

ڀائي دوارڪا پرساد روچيرام شرما دڙي جي نالي بابت هن طرح لکيو آهي "سنڌ جي هن قابل فخر کنڊر تي مهن جو دڙو نالو ڪيئن پيو؟ سنسڪرت جي انهي مش اکر کي پراڪرت ڀاشا ۾ مهه چيو ٿو وڃي. انهيءَ آثار تي مهن جو دڙو معنيٰ قتل ٿيل ماڻهن جو دڙو يا ڍير. هن معنيٰ کي قبول ڪرڻ کان پوءِ اسان کي اهو ئي انومان ڪڍڻو پوندو ته هن کنڊر تي موهن جو دڙو نالو انهيءَ جي ڪري پيو، جو ماڻهن جي دلين ۾ اهو وشواس ويٺل هو ته انهي کنڊر تي قتل ٿيل (مهن) موجود آهن. باقي هي جو اڄڪلهه عام ريت هن جهوني کنڊر کي موهن جي دڙي جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي سو سراسر غلط آهي.(53)

هن دڙي جي اصلي نالي جي کوج جي حوالي سان سراج ان بحث کي هنن لفظن ۾ سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي "اسان جي ڪن عالمن محض تنگ دليءَ جي ڪري موهن جي دڙي جو نالو مٽائي موئن جو دڙو لکڻ ۽ چوڻ شروع ڪيو آهي. سندن استدلال اهو آهي ته تاريخي طرح موهن نالي ڪو به راجا سنڌ جي تاريخ ۾ نه گذريو آهي ۽ ٻيو ان دڙي کي اهو نالو هندن جو ڏنل آهي، ان ڪري اهو نالو مٽائي 'موئن جو دڙو' رکڻ گهرجي. جنهن مان اها معنيٰ نڪرندي ته اهو مئل ماڻهن جو دڙو آهي. اهڙي قسم جي هلڪڙي مذهبي تنگدليءَ جي بنيادي تي سنڌ

جي تاريخ سان اهڙا ويل وهائڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. هندن ان تاريخ کي هندو بنائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمان ان کي اسلام قبولايو. موهن جي دڙي ۾ تہ هرويرو هندو نالو "موهن" ڳولڻ جي تہ تڪليف ورتي وئي آهي. ان لفظ "موهن" جو هندو نالي "موهن" سان ڪو پري جو بہ واسطو ڪونهي. هي نالو اصل ۾ هڪ قبيلي جو نالو آهي ۽ ان دڙي جو اصل نالو هو. "مهن جو دڙو" جو وقت گذرڻ سان اچار ۾ وڏي واڌ ڪائي مهن "موهن" بنيو آهي. مهن هڪ قبيلي جو نالو هو جو مڇيءَ تي گذران ڪندو هو ۽ ٻيڙين ذريعي وڏي وڏي توڙي ننڍي پيماني تي مڇي ماري پنهنجو گذر ڪندو هو."(54)

مٿين راين جي روشنيءَ ۾ هتي آءٌ پنهنجي راءِ رکڻ بہ مناسب ٿو سمجهان، ڇو تہ منهنجو تعلق موهن جي دڙي جي قريبي ۽ موجوده وڏي شهر لاڙڪاڻي سان آهي، تنهنڪري نہ رڳو موهن جي دڙي متعلق مقامي ماڻهن جون ڏند ڪٿائون ۽ مفروضا ٻڌا آهن پر ڪيترائي دفعا دڙي تي وڃڻ ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ رهڻ جو موقعو بہ مليو آهي. مٿي جن محققن ۽ عالمن جا رايا پيش ڪيا ويا آهن تن مان ڪيترائي رايا بي وزن آهن ۽ انهن محققن جا دليل قابل قبول نہ آهن. محترم محمد ادريس صديقي مطابق "ڪوتائي ڪرڻ وارا ماڻهو مڪاني زبان نہ ڄاڻيندا هئا، تن کي 'موهن' لفظن وڌيڪ سهڻو لڳو، تنهنڪري انهن موئن جي بجاءِ 'موهن' جو لفظ استعمال ڪيو." منهنجي خيال ۾ اهو ڪو پختو دليل نہ آهي، هونءَ بہ 'موهن' ۽ 'موئن' ۾ تلفظ جي لحاظ کان ڪو گهڻو فرق نہ آهي، جيڪڏهن انگريز لفظ 'موهن' اچاري سگهن پيا تہ سندن لاءِ لفظ 'موئن' اچارڻ ڪو ڏکيو نہ هو.

محترم سراج الحق ميمڻ جي راءِ ۾ "مسلمانن 'موهن جو دڙو' نالو ان ڪري نہ قبوليو آهي جو اهو ڪنهن هندوءَ جو نالو ٿي سگهي ٿو." ايترو ضرور آهي تہ ڪن عقيدتمندن يا انتها پسند هندن موهن لفظ کي شري ڪرشن مهراج جي هڪ نالي 'موهن' سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر مٿي بيان ڪيل راين خود ٻين هندو ليکڪن ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي ۽ دوارڪا پرساد شرما "موهن جو

دڙو" واري نالي کي رد ڪيو آهي. دوار ڪا پرساد ته اڳتي هلي ان ڳالهه جي شديد لفظن ۾ ترديد ڪئي آهي ته لفظ 'موهن' جوشري ڪرشن مهراج جي نالي 'موهن' سان ڪو به تعلق نه آهي. تنهن ڪري ان نالي پنيان مذهبي تنگ دليءَ واري ڳالهه مناسب نه آهي. ها البته سراج صاحب جو اهو امڪان قابل توجهه ۽ قابل تحقيق آهي ته پراڻي زماني ۾ ان شهر تي اهو نالو پيو.

آءٌ ذاتي طور انور پيرزادي جي راءِ سان سهمت آهيان، هن جيڪي دليل ڏنا آهن انهن ۾ وزن آهي، موهن جي دڙي جي آس پاس وارن ڳوٺن مان اڄ به اگر ڪوئي هن دڙي جو نالو پڇندو ته مقامي ماڻهو ڪيس اهو ئي چوندا ته اهو 'مهين جو دڙو' آهي، ۽ ان ڪان علائقي ۾ اهو نالو صدين ڪان وٺي رائج آهي، مان سمجهان ٿو تحقيق جي حوالي سان زميني حقيقتن کي ڪافي اهميت هوندي آهي تنهن ڪري هن دڙي جو اصل نالو 'مهين جو دڙو' سمجهڻ کپي، هتي ٻي ڳالهه پڻ توجهه لائق آهي جنهن جو اشارو محترم سراج الحق ميمڻ پڻ ڏنو آهي سا اها ته ٿي سگهي ٿو ته هن دڙي تي ڪنهن پراڻي قوم جي نالي پنيان نالو پيو هجي. تاريخ جا ورق ورائي ڏسبو ته سنڌ ۾ قديم دور کان ٻن قومن جو تاريخن ۾ ذڪر اچي ٿو،1. جاٽ ۽ 2 مهي يا ميد. اهو امڪان به رد نه ٿو ڪري سگهجي ته مهي قوم جنهن جي گذران جو اهم وسيلو مڇي مارڻ هو، سا اڳتي هلي مهي مان نون جي اضافي سان منهن ٻڌجي وئي هجي، اهڙي طرح اڳتي هلي ان قوم ۽ شهر جي بربادي‌ءَ کان پوءِ اهو هنڌ مقامي ماڻهن وٽ 'مهين جو دڙو' جي نالي سان مشهور ٿي ويو هجي..... پر چو ته هن دڙي کي هن وقت عالمي سطح تي "موهن جو دڙو" جي نالي سان شهرت ملي چڪي آهي تنهنڪري غلط العام يا غلط العوام ئي صحيح قبول ڪرڻو پوي ٿو، جيئن سيوستان کي سيهوڻ الور کي اروڙ طور قبول ڪيو ويو آهي.

### قدامت ۽ اهميت

موهن جي دڙي جي قدامت ۽ اهميت کان ڪنهن کي به انڪار ناهي، سنڌ ڌرتيءَ تي صدين کان ڪر ڪنيون بيٺل دڙي (شهر) جي عظيم تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال اڳ هن ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي مهذب

۽ شائستہ هجڻ جي گواهي ڏئي ٿي. فن عمارت سازيءَ کان وٺي، فن مجسمہ سازي ۽ فن مصوريءَ کان وٺي فن تحرير تائين هن تهذيب جي مختلف پهلوئن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو آهي. هتي موهن جي دڙي جي قدامت ۽ اهميت تي مختصر طور روشني وجهڻ کان اڳ مناسب ٿيندو تہ هن عظيم تهذيب جي ذڪر سان گڏوگڏ سندس ڪلهي جوسي ڪن ٻين تهذيبن جو پڻ مختصر طور ذڪر ڪجي ۽ معلوم ڪجي تہ دنيا جي ڪهڙن خطن ۾ تهذيب جا ابتدائي سلا اپريا. انهيءَ سلسلي ۾ جان مارشل ڪافي تفصيل سان لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ "عالمن کي کوجنائون ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ ڪي ئي هزار ورهيہ اڳي اهڙا سڀاوا هنڌ ايشيا ۽ آفريقا ۾ فقط بہ چار هئا، جتي تهذيب ۽ سڀيتا جا سلا اول اپريا، جي پوءِ وڏي وڻ ٿيا. هڪڙو مصر ملڪ ۾ نيل نديءَ واري ماٿري، ٻيو ميسوپوٽيميا ڏي فرات (يوفريٽس) ۽ دجلہ ٽائگرس) ندين جي ماٿري، ٽيون چين ولايت ۾ هوئنگ هو ۽ يانگٽسيڪانگ واري ماٿر ۽ چوٿون پنجاب ۽ سنڌ ۾ سنڌو نديءَ واري ماٿر. مطلب تہ دنيا ۾ چار ٻختاور قومون آهن، جن جي اوائل ۾ پاڙيءَ جو سهنج هو، جنهن ڪري ٻين قومن کان اڳ ترقي ڪيائون. انهن مان هڪڙي آريہ قوم هئي، جنهن جو اولاد اڄ تائين هندستان، ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ جو گھڻو ڀاڱو والاري وينو آهي. ٻي توراني قوم هئي، جنهن جو اولاد چين، جپان ۽ تبيت ۾ آهي. ٽين سيميٽڪ قوم هئي، جنهن جي هٽ ۾ عربستان ۽ ايشيا جو الهندو طرف بہ هو، چوٿين هيميٽڪ قوم هئي، انهن چئن ٻختاور قومن مان اسان جو وڏو واسطو آريہ قوم سان آهي، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ سنڌو ماٿر وسائي ۽ انهيءَ قوم جو اولاد هندستان جا ڪيترائي هندو آهن ۽ اڳاٽن هندن مان هن وقت ڪيترا مسلمان آهن. هاڻي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو، تہ قديم دنيا ۾ سڀيتا جا جيڪي اوائلي ماڳ هئا، تن مان هڪ سنڌو ماٿر هئي، جنهن جهڙي وسيع ۽ پري پاڳي ماٿر سڄي ايشيا کنڊ جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ ٻي ڪانهي.(55)

دنيا جي تهذيبن جي تاريخ تي نظر وجهندي سنڌو ماٿر جي قديم تهذيب جي حوالي سان جڏهن تاريخ کان اڳ واري دور ۾ سندس واپاري

۽ تجارتي تعلقات کي جاچي ڏسبو تہ مليل شهادتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم دور ۾ سنڌ جي ماڻهن جا سندس ئي ڪلهي جوسي تهذيبن مان ڪيترين سان ويجها لاڳاپا هئا. ميڪڊونيل لکي ٿو تہ ”ماهرن جو اندازو آهي تہ موهن جو دڙو جي تهذيب ان وقت عروج تي پهتل هئي جڏهن پهريون اهرام مصر تعمير هيٺ هيو، سندس سميري ۽ بابلي تهذيبن سان تجارتي، مذهبي ۽ فني رابطہ موجود هئا. (56) خاص طور عراق (ميسوپوٽيما) جي ماڻهن سان سندن گهرو واپاري تعلق هيو.

ڪوجنائن ذريعي ميسوپوٽيما ۽ سنڌو ماٿر ۾ واپاري لاڳاپن جو پتو پيو آهي. درياهہ ذريعي سوين اقتصادي ۽ مذهبي ڳانڍاپن جو پتو ’ار‘ ۽ ’اڪاد‘ جي حڪمران سارگن ڪان وني ”آئزن لارسا جي“ دؤرن 2370-1900 ق.م) تائين ملي ٿو.(57 )

تاريخ جي زماني کان اڳ جيڪو موهن جي دڙي ۽ عراق جي سامي تهذيب جو پاڻ ۾ گهرو تعلق هو تنهن کي پهريان ”اندو سامي“ تهذيب نالو ڏنو ويو. مگر پوءِ ان جي بجاءِ ’اندس‘ نالو رکيو ويو ، ڇو تہ عراق سان سنڌ جو تعلق نہ فقط تمدن جو هو پر واپار ۽ بين حالتن جي ڪري بہ هو..... ار [عراق ۾ هڪ شهر جو نالو جتي حضرت ابراهيمؑ پيدا ٿيو هو] جي کوٽائي مان مسٽر ولي کي گهرن جو هڪ محلو هٿ لڳو، جي موهن جي دڙي وارن گهرن سان لڳ ڀڳ نظر آيا ٿي جنهن مان ڏکڻ عراق ۽ سنڌ جي تعلقات جي وڏي ثابتي ملي آهي.(58 )

سنڌو لوڪن ۽ ڏکڻ ميسوپوٽيما ۾ واقع ار جي ماڻهن جي درميان واپاري تعلقات جي موجودگيءَ جي حقيقي صورت ۾ انتهائي اوائلي شهادت، ار جي شهري رياست وارن اڳاٽن بادشاهن جي شاهي قبرستان مان، جيڪي 2700 سال ق.م کان بہ اڳي اتي حڪومت ڪندا هئا، هڪ اهڙي مٽڪي جي دستيابيءَ جي صورت ۾ ملي آهي، جيڪو مخصوص ’سنڌو‘ ساخت جو آهي.... پروفيسر پگٽ جو رايو آهي تہ سنڌو لوڪن جو سمير وارن سان واپار ڏکڻ بلوچستان ۾ واقع ’ڪلي‘ لوڪن سان ناتن هئڻ جي ڪري وڌيو جن جا سمير سان قديم گهراڻن واري دور ۾ پنهنجا سڌا تعلقات قائم ٿيل هئا.(59)

سنڌو ماتر جي رهاڪن ٻين جي سڀيتا تان نقل ڪو نہ ڪيو، پر پاڻ ٻين ڪيترين قومن وٽائن پرايو، جنهن ڪري سنڌ جي اوائلي تاريخ ڪيتري قدر دنيا جي تهذيب جي شروعات جي تاريخ ڪري سمجهڻ گهرجي.(60 )

موهن جي دڙي جي قدامت جي حوالي سان ول ڊيو رانٽ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، محمد رفيق مغل ۽ ٻين محققن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ لکي ٿو تہ هن دڙي جي ثقافتي شين جي انڪشاف کان اڳ تاريخدان ائين وسهندا هئا، تہ تاريخ جي ابتدا يونان کان ٿي، يورپ جا ڪي ليکڪ وري انهيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا هئا تہ برصغير جا ماڻهو تيسين جهالت ۽ اڻ ڄاڻائي جي چادر تاڻيون سمهيا پيا هئا، جيسين يورپي قومن جي ڏاڏي پوٽن (cousins) آرين غفلت جي ننڊ مان کين سجاڳ نہ ڪيو. حالانڪ سنڌ ۾ آرين جي آمد کان تاريخ بلڪل بي خبر آهي. بعض تاريخ نويس ان خيال جا آهن تہ جيڪڏهن فرضي طور آرين جي آمد کي سنڌ ۾ قبول بہ ڪجي تہ پوءِ بہ اهي چوڏهن سؤ (1400) سال قبل مسيح ۾ آيا هوندا. جڏهن تہ موهن جي دڙي جي عظيم ثقافت جو بنياد ٽي هزار (3000) سال قبل مسيح ۾ پئجي چڪو هو، جو آهستي آهستي اڍائي هزار (2500) سال قبل مسيح تائين اها ثقافت هڪ عاليشان تهذيب جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي.(61)

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو بار بار ويران ۽ آباد ٿيندو رهيو آهي. ماهرن جو خيال آهي تہ گهٽ مان گهٽ 7 شهر انهي هنڌ هڪ ٻئي جي مٿان آباد ٿيا آهن. انهن جو زمانو 7 حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ تازو زمانو ۽ ٻيو وچون ۽ ٽيون تمام جهونو (تاريخ کان بہ اڳ جو) زمانو. پڪين سرن جي عمارتن مان پتو لڳي ٿو ان وقت ماڻهو آسودي حال هئا. سر جان مارشل جو خيال آهي تہ 3250 ۽ 2750 عيسوي سن کان اڳ واري زماني ۾ اهو شهر آباد هو، ۽ انهيءَ جو لاڳاپو ڏاتوءَ ۽ پٿر جي تهذيب جي زماني سان چيو وڃي ٿو ۽ اهو زمانو بلڪل اوائلي نہ چئبو مگر ان هوندي بہ ايستائين پهچڻ ۾ هن کي ڪيترو ئي عرصو لڳو هوندو. ڪن جو هيءَ چوڻ آهي تہ اها تهذيب 7 هزار ورهيہ جهوني آهي. (62)

موهن جي دڙي جي عظيم سڀيتا، جنهن ڏانهن دنيا ڀر جا عالم ۽ محقق هميشه متوجه رهيا آهن، جي اهميت ۽ افاديت کان ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. ڇو ته موهن جي دڙي جي قديم آثارن کي ئي تهذيب جي پهرين گهر جو درجو پڻ حاصل آهي.

موهن جي دڙي جي ڪنڊرن ۾ شهري اڏاوت جي هنن شاندار نشانن کي ڏسي، جيڪي اڄ به جديد کان جديد پيا لڳن، هڪ انگريز مصنف ائين لکڻ لاءِ مجبور ٿي پيو ته هن اتي بيهي ائين ٿي محسوس ڪيو ڄڻ هو اڄ جي لنڪا شهر جي ڪنڊرن ۾ بيٺو هو. وڏيڪ چيائين ته موهن جي دڙي جي شاهراهه اول ۽ شاهراهه مشرق جي ميلاپ وارو هنڌ ته ڪيس آڪسفورڊ سرڪس جو چوراهو ٿي معلوم ٿيو. ڏسڻ ۾ ته هي ڳالهيون ڄڻ خوش فهميءَ واريون پيون پائنجن، پر حقيقتن جي انهيءَ اپياس مان پتو پوي ٿو ته اهي دلڪش تشبيهون بي بنياد نه آهن. (63)

عظيم تهذيب:

موهن جو دڙو دنيا جي عظيم تهذيب جو گهوارو آهي. هن قتل شهر جون ديوارون ۽ گهٽيون سنڌس عظمت جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿيون. هن خاموش قتل شهر جو نظارو عجيب طلسماتي ڏيک ڏئي ٿو. موهن جي دڙي جي ڪنڊرن اڳيان بيهي ٿوري دير لاءِ اکيون بند ڪري سوچجي ٿو ته هن عظيم شهر جي آبادي ۽ خوشحالي جو منظر اکين اڳيان ڦري اچي ٿو. جتي پورهيتن جي مٿن تي سائي گاهه جون ڀريون نظر اچن ٿيون، ڏاند گاڏين جا چيڪاٽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، هڪ پاسي نازڪ نفيس ۽ حسين نرتڪين جو ناچ ۽ ٻي پاسي کوهه تان پاڻي ڀريندي جيڏين سرتين جا ٽهڪ ..... سنڌن چيلهه ۽ مٿي تي رکيل گهاگهرون ڪيڏيون نه سونهن ٿيون، هڪ طرف نيروليءَ جي دڪان تي رنگن جي ڏنڪ ۽ رونق آهي ته ٻئي پاسي اناج جي گودامن ۽ بازارن ۾ ماڻهن جي پيهه.... پر اکيون کلڻ تي هڪ لک آباديءَ واري ان شهر ۾ هر طرف موت جهڙي خاموشي آهي...... موهن جي دڙي جو اسٽوپا، گهٽيون، دڪان، کوهه، وڏو تلاءُ، گهر، آڱر ۽ رستا اداسيءَ جو ويس اوڍيل نظر اچن ٿا. انهن ويران ۽ اداس ڪنڊرن کي ڏسي، سنڌو ماٿر جي انهن اوائلي انسانن کي دنيا ۾ تهذيب جي باني چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نه ٿي ٿئي. موهن

جي دڙي جي واسين جي مهذب زندگيءَ کي ڏسندي هن دور جي ماڻهوءَ جي شعور جا پردا کلن ٿا ۽ تاريخي حوالي سان انسان جي تهذيبي، معاشي، معاشرتي ۽ ذهني ارتقا جو به پتو پوي ٿو.

سر جان مارشل جو چوڻ آهي ته ماڻهن جي ڪونيدار ۽ چڱي نموني ۾ ٺهيل گهرن ۽ عياشي ۽ جي اسباب ۽ صفائي جي بلند اصولن ۽ لڌل شين جي نوعيت مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته سوشل ۽ شهري زندگي عراق ۾ مصر جي رهاڪن کان گهٽي قدر اتم ۽ اعليٰ درجي جي هئي. جيتري قدر مون کي معلوم آهي ته نه مصر ۽ نه سامي قومون عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيه اڳ اهڙي درجي واري گهرن ۾ رهنديون هيون جي اڄڪلهه سنڌ جي کوٽائي مان مليا آهي. ان کان پوءِ ٻن سالن جي تحقيقات بعد سر جان مارشل لکي ٿو ته موهن جي دڙي جي رهڻ وارن گهرن ۽ دڪانن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اتي جي ماڻهن جي زندگي ان وقت بابل (عراق) واديءِ نيل (مصر) جي رهاڪن کان تمام گهٽي اڳتي وڌيل هئي.....وري 1931ع ۾ سر جان مارشل لکي ٿو ته ”اسان هن چوڻ ۾ حق تي آهيون ته موهن جي دڙي جو تلاءُ ان جا ڪشادا ’صحت بخش گهر‘ کوهن ۽ پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ وارا سسٽم ظاهر ڪن ٿا ته شهر جا معمولي ماڻهو به هڪ اهڙي آرام ۽ عيش سان زندگي گذاريندا هئا جا ان وقت جي مهذب دنيا ۾ ڪٿي به نظر ڪا نه ٿي اچي.(64)

موهن جي دڙي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي يا معياري زندگي صفائي سٿرائي جي پابندي، نظم و ضبط ۽ پر امن زندگي گذارڻ وارن اصولن توڙي عمارت سازي (آرڪيٽيڪچر) مجسمه سازي، اعليٰ درجي جو ڪپڙو تيار ڪرڻ ۽ ٻين هنرن مان سندن متمدن زندگيءَ جو عڪس پسي سگهجي ٿو. موهن جي دڙي جا ماڻهو موجوده دؤر جي ترقي يافته ملڪن وانگر پاڙيسري ۽ ٻين ملڪن سان درآمدي ۽ برآمدي واپار ڪندا هئا. معدنيات ۽ گهڻ قيمتي پٿر پري پري کان گهرائيندا هئا. ڪانياواڙ، افغانستان ۽ ايران کان مختلف قسم جا پٿر جهڙوڪ فيروزه لاجورد وغيره ۽ چاندي درآمد ڪيا ويندا هئا. سائي ۽ نيري رنگ جا پٿر تبت ۽ وسطي ايشيا مان، قعلي خراسان مان ۽ ڪاٺ هماليه مان طلب ڪيو

ويندو هيو. اهڙيءَ طرح سنڌ مان مختلف قسم جا ڌاتو الڳ الڳ ملڪن ڏانهن برآمد ڪيا ويندا هئا.

جان مارشل دعويٰ ڪئي آهي تہ ڪپهہ جي پيداوار پهرين پهرين سنڌو ماٿريءَ ۾ ٿي، يعني دنيا ۾ ڪپهہ پهرين پهرين سنڌ ۾ پيدا ڪئي وئي. ڪپهہ ڪاتڻ، ڪپڙي اڻڻ ۽ ڪپڙي سازيءَ جو هنر سنڌ کان شروع ٿيو.... هتي 'سنڌڻ' جي نالي سان هڪ قسم جو بهترين ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو، جيڪو مغرب طرفان ميسوپوٽيما ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو، ۽ ماهرن اها بہ دعويٰ ڪئي آهي تہ مصر جي بادشاهن جون مميون (لاش) 'سنڌڻ' ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪيون ويندڀون هيون. (65)

سنڌو تهذيب جي دلچسپ خاصيت، ان جون طويل عمر واريون روايتون آهن، جي اڄ بہ زندهہ آهن. موهن جي دڙي جي آس پاس رهندڙ ڪنڀر اڄ بہ اهڙا ٿانو ٺاهين ٿا، جي سندن وڏڙا قديم دور ۾ ٺاهيندا هئا. گهٽو وزن ڍوئيندڙ گاڏيون (ڏاند گاڏيون) اڄ بہ سڄي سنڌ ۾ ڏسجن ٿيون. هي گاڏيون موهن جي دڙي جي پڪل رانديڪن جو ڏيک ڏين ٿيون. جيتوڻيڪ اڄ اسان وٽ موهن جي دڙي واري ڏاند گاڏيءَ جو اصلي نمونو موجود ڪونهي، پر پوءِ بہ يقين آهي تہ رانديڪي واري ڏاند گاڏي ان سان ڪافي هڪ جهڙائي رکي ٿي. ڪپڙي جي ڇُر جون علامتون بہ سنڌو سڀيتا واري دور کان هلندڙ آهن. موهن جي دڙي جي ڦولدانيءَ واري چٽسالي سنڌ جي ڪيس جهڙي آهي، جيڪو آڏاڻن تي تيار ڪيو ويندو آهي. (66)

قديم عراق، سمير، شام، قبرص، ايشياءِ ڪوچڪ، وسط ايشيا، يونان ۽ خليج جي رياستن ۾ جيڪي کوٽايون ٿيون آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم سنڌ جا واپاري خشڪيءَ ۽ سمنڊ جي رستن جو استعمال ڪندي انهن ملڪن سان واپار ڪندا هئا. دجلہ ۽ فرات جي ڪنارن جي ويجهو سامرا، فرات جي قريب 'باغوت' نالي هڪ جاءِ تي ۽ نينوا ۾ چار هزار سال اڳ جا ٺڪر جا ٿانو مليا آهن جن تي مورن جون تصويرون آهن، انهن مان چار مور وات ۾ ڦريون جهلي بيٺا آهن ۽ وچ ۾ 'سواستيڪا' جو نشانو نهيل آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا جي بيان مطابق مور برصغير جو پکي آهي. ان جو مطلب تہ ڇهہ هزار سال پهريان

سنڌ جا متمدن تاجر مغربي ايشيا ۾ بين شين کان علاوه مور بہ برآمد ڪندا هئا. (67)

مختصر طور ائين چئجي تہ سنڌو ماٿر جي تهذيب ۽ موهن جي دڙي جي ماڻهن پنهنجي هنر، ڪاريگري ۽ ذهانت وسيلي سوين صديون اڳ ئي دنيا تي هڪ اهم ۽ نمايا قوم طور پنهنجي ڇاپ ڇڏي ۽ تهذيبي تاريخ ۾ پنهنجي عظمت جا نشان قائم ڪيا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ تاريخ عالم شاهد آهي تہ موهن جي دڙي جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت دنيا جي مڙني متمدن قومن ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي.

ٻولي:

دنيا جي ڪنهن بہ خطي جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، معاشي ۽ معاشرتي حالتن، علمي، ادبي ۽ سياسي چرپر ۽ ان خطي جي ماڻهن جي ذهني ۽ شعوري ارتقا جو اندازو لڳائڻ لاءِ ان خطي جي ٻولي جي ڄاڻ ۽ اڀياس ضروري آهي. بين لفظن ۾ ٻولي جي سرت ۽ سمجھ کان سواءِ ڪنهن بہ سماج جو مطالعو سمجھ ۽ ساڃاھ هڪ اوکو ڪم آهي. ڇو تہ ٻولي اهڙي روشني آهي جيڪا پنهنجي دور جي ڏنڌلي تاريخ کي اجرو ڪري پيش ڪري ٿي، اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي قديم تهذيبن مان جنهن جنهن خطي جي ٻوليءَ کي عالم ۽ لسانيات جا ماهر پڙهڻ ۾ ڪامياب ويا آهن، ان خطي جا وڏا راز جهان آڏو نروار ٿيا آهن، پر موهن جي دڙي جي ٻولي اڃان تائين دنيا اڳيان هڪ ڳجھ ئي رهي آهي. جنهن ڏينهن ان ڳجھ جي ڳنڍ کلي وئي، تنهن ڏينهن يقينن اسان جي اڳيان سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جا نوان رخ سامهون ايندا.

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان لڌل مهرن تي اڪريل مختلف علامتن ۽ اکرن جي روشنيءَ ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي محققن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي دنيا جي ڪيترين ئي قديم ٻولين سان تقابلي جائزو وٺندي، موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش جي حوالي سان ابتدائي ڪم ڪيو آهي. هتان مليل مهرن تي لکيل اکرن جي باري ۾ محققن اِلڳ الڳ رايا ڏنا آهن ڪن ۾ انهن تحريرن کي بي معنيٰ تحريرون يا تعويذ وغيره سمجهي نظر انداز ڪيو تہ ڪن وري انهن

سيلن تي لکيل اکرن کي فلڪيات جي علم ڄاڻهن لاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌن چوڻ هو تہ اهي موسم، آب هوا يا ستارن تي مبني پيش گوئين جو هڪ رڪارڊ بہ ٿي سگهن ٿا. موهن جي دڙي مان مليل انهن مهرن تي ڪجهہ اهڙا اکر بہ ملن ٿا جيڪي قديم چيني، مصري ۽ يوناني تهذيبن ۾ پڻ مروج رهيا آهن. لڌل مهرن جي اکرن کي پهرين سٽ ۾ سڄي کان کٻي ۽ ٻي سٽ ۾ کٻي کان سڄي پڙهيو وڃي ٿو.

آسڪو پارپولا موهن جي دڙي جي دريافت ۽ مهرن ملڻ بابت لکي ٿو تہ ”کوٽائيءَ دوران بئنرجي کي ڪجهہ تعداد ۾ مهرون مليون. هن هڪ دم سڃاتو تہ اهي هڙاپا مان دريافت ڪيل مهرن واري نوعيت جون هيون. اهڙي کوجنا بعد سن 1931ع ۽ 1934ع ڌاري 'هڙپا' ۽ 'موئن جي دڙي' جي وڏي پيماني تي کوٽائي شروع ڪرائي وئي. کوٽائيءَ دوران جيڪا معلومات حاصل ڪئي وئي، تنهن کي جامع صورت ۾ 1931ع، 1938ع ۽ 1940ع ۾ ستن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. انهن مضمونن ۾ تقريباً اڍائي هزار مهرن جا تفصيل، عڪس ۽ مختلف نپن تي آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي مختلف اکر اڪريل هئا، تن جو ذڪر ڪيو ويو. حقيقت هيءَ آهي تہ انهن مهرن قديم سنڌو تهذيب جي کوجنا ۾ هڪ اهم ۽ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي.“ (68)

موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن مان ڪن تي جيڪي اکر لکيل آهن، تن تي الڳ الڳ شين جهڙوڪ مختلف جانورن مڇي، ڍڳي، ڪتي وغيره جي تصويرن ۽ انوکين شڪلين وارو روپ نظر اچي ٿو. اهڙي تصويري لکت دنيا جي ٻين قديم کنڊرن جي کوٽائي مان بہ مهرن توڙي مختلف قسم جي ٺڪرين تي هٿ آئي آهي.

اهي ماڻهو (موئن جي دڙي جا ماڻهو) لکڻ جي فن کان چڱيءَ ريت واقف هئا، پر شايد وڻن جي ڇوڏن يا پتن تي لکندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو عراق ۽ مصر جي ابتڙ هتي هڪ بہ باضابطہ تحرير نہ ملي آهي ۽ نہ ئي وري آئينده ڪائي اميد آهي، البتہ مٽيءَ تي ڪوتيل لفظ ضرور ملي سگهيا آهن. انهن نقشن جو تعداد ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ انهن تي تقريباً ٽي سؤ علامتون موجود آهن. ٽي حصا علامتون اهڙيون آهن جن جو تڪرار ڏهہ ڀيرا ٿيو آهي، بہ ڊزن علامتن جو سؤ دفعا البتہ هڪ

علامت اهڙي آهي جنهن جو تڪرار 800 ڀيرا ٿيو آهي. اهي تاجرن جون ذاتي مهرون هيون، جن سان سندن مال اسباب جي سڃاڻپ ٿيندي هئي. انهن مهرن تي ڏڳي، هاٿي، گينڊي، هرڻ، مڇيءَ جي ڪنڊي، ڏانداري، جهاز، تير، ڪمان، ڪپهه جي گل، ڦٽي، ڍهل، هٽ، ڦيٿي، جبل وغيره جون علامتون نهيل آهن. ان کان علاوه ڪجهه رسمن جي نشاندهي به ڪئي وئي آهي. انهن رسمن جو تعلق پوکن جي واڍ ويجهه سان هيو.(69)

موئن جي دڙي جي مهرن تي اڪريل مختلف علامتن کي جدا جدا عالمن الڳ الڳ ٻولين ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”سر اليگزينڊر ڪننگهام، ڊاڪٽر ڪي. پي جيسوال ۽ راءِ بهادر بشن انهن نشانين کي سنسڪرت چئي ان زبان ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڪاربن 14 ۽ ٻين تجربن ثابت ڪيو آهي ته موئن جي دڙي جي سيپتا آرين جي هندو پاڪ ۾ اچڻ کان اڳ جي آهي. ان ڪري آر لينڊ زائڊ پڻ تاريخي بنياد تي ان لکت کي سنسڪرت سان ڳنڍڻ غلط قرار ڏنو آهي...... مهاديون لکي ٿو ته سنڌي لکت کي سائنسي طريقن سان ڇڪاسيندي ان فيصلي تي پهچجي ٿو ته اها پنهنجي بناوت مان ئي غير هند يورپي زبان آهي ۽ سندس لاڳاپو دراوڙي زبان سان تي سگهي ٿو. پروفيسر اسٽيفن لينگڊن ۽ سي. جي گئڊ جي خيال مطابق سنڌي لکت جا نشان سميري لکت سان ملي اچن ٿا، ان ڪري ڊاڪٽر ايل. اي ويڊل انهن مهرن کي سميري رسم الخط جي مدد سان پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته سنڌ سميري نو آبادي هئي. آرليند زائڊ ان دعويٰ کي غلط چيو آهي ۽ ڪيس تاريخ کان ناواقفيت ۽ غير سائنسي قرار ڏنو آهي.... ڊاڪٽر پران ناٿ سنڌي لکت کي برهمي حرفن سان مشابهت ڏئي ڪن مهرن کي پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ ان ۾ ديوي ديوتائن جا نالا پڙهيا آهن، جن مان ڪن جو سميري قوم سان تعلق هو ۽ ڪن جو پراڻ ۽ نانترڪ مذهب سان. ان ڳالهه جي ترديد ۾ اهو چوڻ آهي ته نانترڪ ۽ پراڻن جو مذهب سنڌو تهذيب جي وڌڻ وسڻ کان سوين سال پوءِ جو آهي.“ (70)

1965ع ۾ سوويت يونين جي ٻن محققن ڪجهه علامتن کي پڙهيو ۽ انهيءَ مفروضي جي بنياد تي ته سنڌو ماٿريءَ جي زبان دراوڙي هئي، ان نتيجي تي پهتا ته مڇي جي علامت لفظ 'مِن' جي نمائندگي ڪري

تي ۽ ان جي معنيٰ آهي مڇي، ستارو ۽ چمڪڻ. اهڙي طرح ڪپهه جي علامت 'اِل' (ڪپهه يا گهر) عورت جي علامت 'اما' (ماءُ، سرخ يا ديوي) ڦٽيءَ جي علامت 'پنتي' (ڦٽي يا عورت) ڏانداريءَ جي علامت 'ميتي' (هر، پوک، سردار) جي نمائندگي ڪري ٿي، پر نقشن جو تعداد ايڏو گهٽ آهي جو انهن جي مدد سان هتان جي قديم ٻوليءَ جي آوازن ۽ لفظن جو تعين نه ٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري ان جي لغت يا گرامر ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار نقش گهربل هوندا. (71)

اٽليءَ جي هڪ عالم پيرو ميرگي 1934ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ قديم سنڌي لکت کي بروهي ٻوليءَ ۾ هجڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. جڏهن ته پارپولا ان ڳالهه جي نفي ڪندي لکي ٿو "گذريل چئن هزار سالن جي دوران بروهي ٻولي ڪافي حد تائين تبديليءَ جو شڪار ٿي چڪي آهي، ان ڪري ان ٻوليءَ جي موجوده سٽاءَ مطابق سنڌي لکت کي پڙهڻ اجايو آهي." (72)

قديم سنڌي ٻوليءَ جي حقيقت ۽ موئن جي دڙي جي لکت جي حوالي سان اڄ تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي يا جيئن مٿي ڪجهه عالمن جا رايا ڏنا ويا آهن، تن مان اجان ان ٻوليءَ متعلق ڪو پختو ۽ نوس دليل نظر نه ٿو اچي پر مٿي بيان ڪيل قياس آرايون پڻ اهميت رکن ٿيون، جن جي بنياد تي موهن جي دڙي جي لکت تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ ۾ مدد ملندي. سنڌ جي عالمن ڪاڪو ڀيرو مل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ ۽ ڪجهه ٻين سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان اهم ڪم ڪيو آهي ۽ الڳ الڳ نظريا پيش ڪندي موهن جي دڙي جي لکت بابت پنهنجي راءِ ڏني آهي ۽ ناليواري محقق ۽ مترجم عطا محمد ڀنڀري موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. پر سنڌو ماٿر جو هي عظيم ورثو خاص طور سنڌ جي عالمن ۽ محققن جو اجان به وڌيڪ توجهه گهري ٿو.

# حوالا


1. سر مورٽيمر وهيلر ”واديءِ سنڌ اور تهذيبن“ (ترجمو: زبير رضوي) بڪ هوم لاهور سيپٽمبر 2003ع، ص 71
2. پروفيسر ماڻڪ پٿاوالا ”سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب“ ڪتاب A Physical and Economic Geograpy of Sind جي هڪ باب جو ترجمو (سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي) ٽه ماهي ”مهراڻ“ نمبر 1 ۽ 2-1966ع، ص 105
3. هينري ڪزنس ”سنڌ جا قديم آثار“ (ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو) سنڌي ادبي بورڊ 1995ع، ص 76

40Wil Durant Story of civilization vol 1 our oriental Heritage Page 16

4. قريشي حامد علي خانائي، ٻهم جو ٻڙو- ڳاڙهو ٻڙو مقالو) ٽه ماهي مهراڻ 3-1985ع، ص 205
5. محمد ادريس صديقي سنڌو ماٿر جي سڀيتا (ترجمو: شمس سرڪي) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1995ع، ص 37
6. مولائي شيدائي، سنڌ جا قديم بندرگاهه (مقالو) الوحيد ”بمبئيءَ کان سنڌ آزادي نمبر“ سيپٽمبر 1979ع، ص 79
7. ساڳيو، ص 80
8. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، هاڪڙي درياءَ جي ماٿري ۽ ان جا قديم شهر (مقالو) مندوار ”سنڌ“ (ڇهون ڪتاب) ص 149
9. ساڳيو، ص 151
10. اشتياق انصاري سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا سنڌيڪا 1996ع، ص 378
11. سر مورٽيمر وهيلر ”واديءِ سنڌ اور تهذيبين“ (ترجمو:زبير رضوي) بڪ هوم لاهور سيپٽمبر 2003ع، ص 45
12. اشتياق انصاري (حوالو مٿي ڏنل ساڳيو) ص 95
13. مرزا قليچ بيگ ”قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ سنڌي ادبي بورڊ 1981ع، ص 22
14. ساڳيو، ص 75

15. هينري ڪزنس (حوالو مٿي ڏنل)، ص 86

16. مولائي شيدائي (حوالو مٿي ڏنل)، ص 80

17. ساڳيو

18. مرزا قليچ بيگ (حوالو مٿي ڏنل)، ص 58-59

19. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀنڀور - ديبل جو اصل ماڳ (تقرير) ڪتاب "ڀنڀور ۽ ديبل" (سهيڙيندڙ: عبدالقادر منگي) ٿر پبليڪيشن مٺي 1993ع، ص 4-5

20. ڊاڪٽر ايف-اي خان، ڀنڀور-ديبل جو ماڳ (مقالو) ڪتاب "ڀنڀور ۽ ديبل" (سهيڙيندڙ: عبدالقادر منگي) ٿر پبليڪيشن مٺي 1993ع، ص 14

21. قريشي حامد علي خانائي (حوالو ساڳيو)، ص 14-213

22. هينري ڪزنس (حوالو ساڳيو)، ص 166

23. قريشي حامد علي خانائي (حوالو ساڳيو)، ص 214

24. محمد ادريس صديقي (حوالو ساڳيو)، ص 52-53-54

25. هينري ڪزنس (حوالو ساڳيو)، ص 169

26. ساڳيو، ص 178

27. ڊاڪٽر غلام علي الانا، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1977ع، ص 109

M.R.A.S, The Antiquities of Sind (With Historical Henry Cousens, 290
Government of India Central Publication Branch 1929 p.167 : Outlines) Calcutta

28. قريشي حامد علي خانائي (حوالو ساڳيو)، ص 212

29. ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، ڀهر جي پڙي جا قديم آثار (مقالو) (ترجمو: مراد علي مرزا) ٽه ماهي "مهراڻ" 2-3 1991ع، ص 77-79-80

30. عبدالله ورياهه ضلعي سانگهڙ جا قديم آثار (مقالو) ڪتاب "سانگهڙ صدين کان" (مرتب: عبدالله ورياهه) سانگهڙ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي 1992ع، ص 183

31. ساڳيو ص 185-87

32. ساڳيو ص 187-88

33. عبدالله ورياھ نهتو، ٿر جو هڪ قديم ماڳ (مقالو) ڪتاب "ٿر" (مرتب: عبدالقادر منگي) ٿر پبليڪيشن مٺي 1993ع، ص 81-178-79

34. تاج صحرائي ٿرڙيءَ جو دڙو شڪارپور ضلعي جو قديم آثار (مقالو) ڪتاب "شڪارپور صدين کان" (مرتب: ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو) شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 1988ع، ص 137

35. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ "لاڙڪاڻو-ماضي ۽ حال" (مرتب: بدر ڌامراهو) موهن جودڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو 2001ع، ص 70

36. هدايت منگي "ٻہ هزار سال اڳ واري سنڌ جا آثار" (مقالو) روزاني "عوامي آواز"، اربع 8 سيپٽمبر 1993ع

37. ساڳيو

38. ساڳيو

39. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ (حوالو ساڳيو)، ص 72

40. هدايت منگي (حوالو ساڳيو)

41. دين محمد ڪلهوڙو "قنبر جا تاريخي ماڳ ۽ مڪان" (مقالو) ڪتاب "لاڙڪاڻو-تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو" (مرتب: احسان دانش) لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 2005ع، ص 149

42. هدايت منگي "ٻہ هزار سال اڳ واري سنڌ جا آثار" (مقالو) روزاني "عوامي آواز" اربع 7 سيپٽمبر 1993ع

43. امام راشدي "رتيديري جا قديم ماڳ" (مقالو) ڪتاب "لاڙڪاڻو-تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو" (مرتب: احسان دانش) لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 2005ع، ص 171-72

44. هدايت منگي (حوالو ساڳيو) 8 سيپٽمبر 1993ع

45. ساڳو

46. "سنڌ جي قديم تاريخ ۽ قديم تهذيب موهن جو دڙو" الوحيد اسپيشل ايڊيشن 'سنڌ آزاد نمبر'، ص 5

47. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ 1980ع، ص 78

48. انور پيرزادو ”متان وساريو “ انور پيرزادو اڪيڊمي 2007ع، ص 60

49. انيس انصاري ”سنڌو ماتريءَ جو پراچين رسم الخط“ ڪتاب ”لاڙڪاڻو صدين کان“ (مرتب:ڊاڪٽر بشير احمد شاد) 1995 ع، ص 70

50. محمد ادريس صديقي (حوالو ساڳيو)، ص 37

51. ڀائي دوارڪا پرساد روچيرام ”سنڌ جو پراچين اتهاس“ ڀاڱو پهريون، ص 47

52. سراج ”سنڌي ٻولي“ ڇاپو پهريون اپريل 1994ع، ص 20_119

53. Sir John Marshall (Mohen jo Daro and Indus civilization) vol.1 p.94

54. Will Durant Story of Civilization vol.1 (our oriental Heritage)p. 17

55. Mallowan. M., The Mechanics of Ancient Trade in Western Asia Iraq (111) London 1965 p.p1-9

56. ”سنڌ جي قديم تاريخ ۽ تهذيب-موهن جو دڙو“ الوحيد اسپيشل ايڊيشن ”سنڌ آزاد نمبر“، ص 7 ۽ 10

57. ايچ.ٽي لئبمرڪ ”سنڌ_ مسلمان جي فتح کان اڳ“ (ترجمو: سومار علي سومرو) سنڌي ادبي بورڊ 1984ع، ص 38_37

58. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي (حوالي ساڳيو)، ص 50

59. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1991ع، ص 82-81

60. ”سنڌ جي قديم تاريخ ۽ قديم تهذيب، موهن جو دڙو“ الوحيد اسپيشل ايڊيشن ”سنڌ آزاد نمبر“، ص 8-7

61. محمد ادريس صديقي (حوالو ساڳيو)، ص 57 56

62. ”سنڌ جي قديم تاريخ ۽ قديم تهذيب_ موهن جو دڙو“ الوحيد اسپيشل ايڊيشن ”سنڌ آزاد نمبر“، ص 8-7

63. قريشي حامد علي خانائي (حوالو ساڳيو)، ص 186

660 Bunting, Ehel-jane w., sindhi tombs and textiles-The Persistence .64 of pattern,university of Mexico press U.S.A p.65

65. جمنا داس اختر "قديم سنڌ اور اس کي روابط" جنگ مڊويڪ 'مهران رنگ' 12 اگسٽ 1987ع، ص 10
66. آسڪو پارپولا "سنڌو لکت جو اڀياس" ڪتاب 'سنڌ صدين کان' (مرتب:ممتاز مرزا) شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1982ع، ص 22-121
67. سبط حسن "پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا" مڪتبہ دانيال ڪراچي (ٻارهون ايڊيشن) 1999ع، ص 71
68. انيس انصاري (حوالو ساڳيو) 69_69_67
69. سبط حسن (حوالو ساڳيو) 71_72
70. انيس انصاري (حوالو ساڳيو) 71

اولهه واري پاسي کان موهن جي دڙي جو نظارو



# موهن جي دڙي جو فضائي نظارو





# شهر جون ڪجهه خيالي تصويرون







# موهن جي دڙي جو پروهت









موهن جي دڙي مان مليل انساني ڍانچا







موهن جي دڙي مان مليل ماتا ديوي جون مختلف مورتيون



## موهن جي دڙي جي نرتڪي









# موهن جي دڙي جو وڏو حوض









موهن جي دڙي مان مليل ڪجھہ ٿانوَ





## موهن جي دڙي مان مليل ڪجھہ رانديڪا







## موهن جي دڙي مان مليل هار سينگار جو سامان



## مختلف تصويرن واريون مهرون



# موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ ثقافت

ايچ.ٽي ليمبرڪ

# سنڌو تهذيب ـ عروج ۽ زوال

سنڌو تهذيب کي ٻين کان نمايان ۽ جدا ڪندڙ انتهائي لاجواب خصوصيت طور تسليم ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود جڏهن به ان جو ڪو نئون مثال سنڌو ماٿريءَ جي "بادشاهي شهر" کان دور ۽ اڃا به وڌيڪ دور واقع ڪنهن علائقي مان ملندو، تڏهن اهو وري نئين سر آثار قديم جي کوجنائن لاءِ حيران ۽ متعجب ڪرڻ جو سامان مهيا ڪندو. نڪر جي ٽانون جي ساڳي شڪل ۽ صورت ۽ مٽن نڪتل ساڳين ڇٽن ۽ تصويرن جو بار بار ۽ باقائدگيءَ سان ايڏيءَ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ ڦهليل شهرن مان لڀڻ، ماڻهوءَ جي دل ۾ الهندي يورپ ۾ "سامائين" برتنن جي وسيع ايراضيءَ ۾ دريافت جو خيال پيدا ڪري ٿو، پر ان مان هي نتيجو نٿو ڪڍي سگهجي ته سنڌوءَ جا نڪر وارا ٽانو خود سنڌو سلطنت ۾ شامل ٿيل علائقن ۾ تقسيم ڪرڻ جي غرض سان ڪو وڏي پيماني تي ٺاهيا ويندا هئا. مئڪي چوي ٿو ته نڪر جي ٽانون جي جنس کي خيال ۾ آڻيندي، معلوم پيو ٿئي ته "موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي ماڻهن ۾ تخليقي قوت جي انتهائي حد تائين ڪوتاهي ۽ ڪمي هئي" (1) پر حقيقت ۾ انهن وٽ تخليقي قوت جي شايد ايتريقدر ڪمي ڪانه هئي، جيتري اها دٻائي ويندي هئي يا ڄاڻي ٻجهي ان جي حوصلہ شڪني ڪئي ويندي هئي. يعني ائين ڪٿي چئجي ته سنڌو لوڪن جي ماتحت ايراضين مان هر ايراضيءَ ۾، انهيءَ "صنعت" جي فن ۽ مهارت جي نظم ۽ ضبط جو ڪو مرڪزي ادارو باقاعدگيءَ سان ڪم هلائيندو هو ۽ سڄيءَ "سلطنت" ۾ هڪ مرڪز تان نڪر جي ٽانون جي تقسيم نہ، بلڪ تربيت يافتہ ڪاريگرن جي تقسيم ٿيندي هئي. اها ئي حالت ٽامي ۾ پتل جي اوزارن جي آهي. انهن اوزارن جا هر شهر ۾، جتان به اهي لڌا آهن، ساڳي قسم ۽ ماپ جا نمونا ڪم ۾ آندل ڏٺا ويا اهن ۽ هر هنڌ انهن جي هڪ ئي مقرر نمونن جي حد بندي رائج ملي آهي. اوزارن جي ناهڻ جي فن ۾ انهي حيرت انگيز ۽ عجيب هڪ جهڙائيءَ جا به ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ان کان علاوه عام استعمال ۾ ايندڙ سپني قديم شين

جي ساخت ۾ ( مهرن وارن ”تعويذن“ کان علاوه) فني ۽ حرفتي مهارت، پروفيسر پگٽ جي قول موجب ڪڏهن به ماهرانه يڪرنگي ڪان متي نٿي پهچي. اهڙيءَ يڪسانيت جو سبب هن قياس ڪرڻ سان نهايت آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿو ته سنڌو سلطنت جي دور ۾ سنڌن هر هڪ هنر ۽ فن جو نظام انهيءَ فن سان وابسته جماعت هلائيندي هئي.

ترڪيب ۽ فني طريقي ۾، زمان توڙي مڪان جي لحاظ کان جمود ۽ قدامت پسنديءَ کي عام طرح سان ’سنڌو‘ وارن ملڪن جي هنرن لاءِ مخصوص سمجهيو ويو آهي. اهو هن طرح جو انهيءَ تهذيب جي زندگيءَ جي سڄي دور ۾، جيڪو هن وقت تائين ڪيل کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيو آهي، ان جي ڪاريگرن ۽ هنرن ۾ ڪو به قابل قدر واڌارو يا سڌارو ڪو نه ٿيو. گذريل چند سالن کان وٺي انهيءَ نظرئي سان ڪجهه قدر اختلاف ڪيو ويو آهي، پر اهو انهن خصوصيتن جي وڏيءَ اڪثريت متعلق صحيح آهي، جيڪي انتهائي حد تائين ذاتي ۽ خصوصي طرح سنڌو لوڪن جون آهن. چنانچه ذاتن مان نهيل اوزارن توڙي ’سنڌو‘ تحرير جي سلسلي ۾ نهايت آڳاٽن ۽ ويجهي کان ويجهي دور وارن نمونن ۾ ڪو به فرق نظر نه ٿو اچي. سر جان مارشل جو بيان آهي ته سنڌس طرفان موهن جي دڙي ۾ ڪيل تهن جي ورچ ان جي اڏاوتي آثارن جي دورن سان واسطو رکي ٿي، ۽ نه مختلف تهن مان لڌل ’قديم شين‘ جي نوعيت تي، چاڪاڻ ته ”عام طور انهن قديم دور جي ننڍين کان ننڍين ۽ وڏين کان وڏين شين جي صورت ۽ نموني ۾ اهڙو نه مختصر ۽ ٿورڙو فرق ظاهر آهي، جو دڙي جي هڪ تهه مان لڌل شين کي ٻئي تهه مان لڌل شين کان جدا ۽ الڳ ڪرڻ ممڪن ئي ناهي.“

انهيءَ باري ۾ هن وڌيڪ تبصرو ڪندي لکيو آهي ته ”جيڪڏهن موهن جي دڙي جي آباديءَ جو عرصو ڊگهو هجي ها، ته پوءِ جيڪا يڪسانيت هتي ڏٺي ويئي آهي، سا هوند ممڪن نه رهي ها“ هن جيتري کوٽائي پاڻ ڪئي هئي، تنهن جو هن اندازو لڳايو هو ته ان وڏ ۾ وڏ پنج سؤ سالن جي عرصي جي نمائندگي ڪئي ٿي. پر ”جنهن منزل تي هيءَ تهذيب اسان جي اڳيان ظاهري ٿي ٿئي، ان منزل تي اها اسان کي اڳي ئي پوريءَ طرح سان پنهنجي بلوغت کي پهتل نظر اچي ٿي ۽ انهيءَ ڪري

اسين هيءَ اندازو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا تہ اها پنهنجي اوسر جو هڪ وڏو دور ان منزل کان اڳ ئي گذاري چڪي هئي(2). بهرحال هيءَ ڳالهہ بہ ڪنهن ثابت ٿيل حد تائين پختي ڪانهي تہ ڪن خاص حالتن ۾، هنرن ۽ ڪاريگرين جي طريقن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڊگهي عرصي تائين ڪا تبديلي رونما نہ ٿي ٿئي تہ اها ڪا غير معمولي يا غير فطري ڳالهہ آهي. سر ليئو ناردو وليءَ "تل اشنا الالخ" مان لڌل ٺڪر جي ٿانون ۾ هڪ هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي دوران ساڳيءَ هڪ حيرت انگيز يڪسانيت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي.(3) اسين ان باري ۾ کهڙي بہ راءِ رکون، تہ آيا هنرن ۽ ڪاريگرن جي معيار ۾ ترقي ۽ واڌارو ڊگهي ۽ لاڳيتي انساني تهذيب جي عرصي جي هڪ قدرتي ۽ لازمي وصف آهي يا نہ، بهرحال اسان کي اهو بہ ڄڻائي ٿو تہ اسين سر مارٽيمر وهيلر جي هن بيان کي بہ خيال ۾ رکون تہ "سنڌو لوڪن جي تمدن جي هن نام نهاد يڪسانيت کي وڌائي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ اها يڪسانيت جيتري قدر قديم دور جي ڪاريگرن جي جبلي ۽ فطري قدامت پسندي جو نتيجو ٿي سگهي ٿي، اوتري قدر اهو نتيجو اسان جي پنهنجي تحقيق ۽ تطبيق جي ناقص ۽ فرسوده طريقن جي ڪري پڻ اخذ ڪيل ٿو پائنجي." ان جي باوجود، سر مارٽيمر پاڻ بہ اها شاهدي ڏئي ٿو تہ خصوصاً سنڌو لوڪن جي ٺڪر جي ٿانون جي ساخت ۾ "سنڌو تهذيب جي پوين دورن ۾ فني معيار جو تنزل ظاهر ظهور ڏسي سگهجي ٿو. ميڪي خود بہ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو هو تہ ٺڪر جي ٿانون جي ڇٽ ساليءَ جو پوين دورن جي پيٽ ۾، اوائلي دورن ۾ وڌيڪ عام رواج هو.(4) جيسين مهرن جو واسطو آهي، تہ واٽس، هڙاپا جي انتهائي هيٺانهين سطح مان مليل هڪ اهڙي ننڍڙيءَ سهڻيءَ مهر ڏانهن توجهہ ڇڪايو آهي، جيڪا مخصوص قسم جي اوچي معيار جي جڙيل هئي.

ٻئي طرف، مئڪي موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي تختين جو خاص طرح بيان ڪيو آهي، جي ان جي پوئين دور سان واسطو رکنديون آهن ۽ اهي ڪاريگريءَ جي ڪنهن خاص معيار جون معلوم نہ ٿي ٿيون. مطلب تہ جيڪي بہ ٿوريون گهڻيون فن ۽ ڪاريگريءَ جون تبديليون نظر آيون آهن، سي اڪثر حالتن ۾ بهتريءَ بدران خرابيءَ ڏانهن لاڙو رکنديون

ڏنيون ويون آهن باقي جيسيتائين ميسوپوٽيميا وارن جي ساڳين مثالن جو معاملو آهي، تہ انهيءَ سلسلي ۾ بہ ووليءَ سمير جي ڌاتوگرن جي فن ۾ آيل. ”افسوسناڪ ابتريءَ“ ڏانهن ئي ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪا انهن ۾ اوائلي گھراڻي جي دور وارن اعليٰ درجي جي پتل جي پلتيل اوزارن جي پيٽ ۾ اڪيديا واري زماني جي ناتارن جي هٿان، بي ڍنگي طريقي سان متڙڪن سان ڪٽيل ستيل شين جي صورت ۾ آيل هئي. سميريا جي بين قديم دور وارين شين ۾ بہ هو انهن جي ”عقل ۽ ڪاريگريءَ ۾ آهستي آهستي آيل تنزل جي نشاندهي ڪري ٿو. هن جي انهي سلسلي ۾ اها ئي راءِ آهي تہ انهن جي ڪاريگري جي جميل ۽ بينل طور طريقن سندن فن جي اصليت ڪي درجي بدرجي ختم ڪري ڇڏيو.“ (5)

اهي ڳالهيون فوري اسان کي ڦيرائي گھرائي انهيءَ اصلوڪي خيال تي پهچائين ٿيون تہ سنڌو لوڪن جون مکيہ صنعتي ۽ ڪاريگريءَ جون شيون هڪ سخت ۽ اڏول جماعتي نظام جي تحت هيون، ڇاڪاڻ تہ اسان جو اهو خيال هن عام تصور سان پوريءَ طرح نهڪي اچي ٿو تہ سنڌو تهذيب جي شهرن ۾ زندگيءَ جو نظام صدين تائين ڪن اهڙن حڪمرانن جي ضابطي هيٺ هلندڙ هو، جن جو سجو اختيار ڪلي تسليم ٿيل مذهبي قائدن ۽ دستورن تحت هلندڙ هو. پروفيسر پگٽ جي لفظن ۾ ”ان جي پنهنجي روزمره جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي بہ صدين تائين جيئن جو تيئن محفوظ رکڻ ۽ ان جي اهڙي حيرت انگيز دستور پسنديءَ مان.... يقينن هڪ اهڙي سماجي نظام جي نشاندهي ٿئي ٿي، جنهن ۾ (مندر) جي ناقابل تبديل روايتن کي وقت جي حڪمران جي ذاتي آرزوئن ۽ خواهشن کان وڌيڪ وڏي اهميت حاصل هئي (6).“ اهڙيءَ طرح، جاين جي بار بار نئين سر نهڻ جي صورت ۾ بہ گھٽين جي اصلوڪين حدن جي باريڪيءَ سان ڪيل حفاظت، دستياب ٿيل بيشمار وٽن ۾ ڪوڙن وٽن جي ڪلي عدم موجودگي (جن سچن ۽ تز وٽن جي آذار تي انهيءَ زماني جي مروج تور ۽ ماپ جي اڪائيءَ ٻيڻ ۽ اڌو ڏهائيءَ جو نظام اخذ ڪيو ويو آهي) گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ محنت ۽ سچائيءَ سان بنايل نظام کي صاف ڪرڻ جو معياري انتظام — اهي سڀ ڳالهيون هڪ خبردار ۽ قابل شهري انتظاميہ جي نشاندهي ڪن ٿيون.

ساڳيءَ طرح سان اناج جا وڏا وڏا گدام ۽ (هڙاپا ۾) انهن سان گڏ اناج ڪي ڪٽي سٽي صاف ڪرڻ جا تلها، ۽ ساڳئي وقت مزورن جي رهڻ لاءِ نهيل جهوپڙين ۽ ڪچن گهرن جون "ڏکيون قطارون،" ملڪ جي زراعتي معيشت تي رياست جي ضابطي جو ثبوت پيش ڪري رهيون آهن، ۽ انهيءَ حڪومت جي نوعيت جو عڪس موهن جي دڙي واري ڪوٽ تي تعمير ٿيل عمارتن مان پڻ ملي ٿو، ۽ انهيءَ نوعيت جي تصديق، هڙاپا جي ساڳئي قسم جي ڪوٽ جي پٽ سان جلوسن ڏسڻ لاءِ نهيل تلهن مان پڻ ٿئي ٿي. ڇا، اهي "بلند جايون" ڪنهن اهڙي "قومي" سرپرست ديوتا جون ته نه هيون، جنهن جي نمائندگي وقت جي پروهت- راجا يا پروهتن جي پشت مان پيدا ٿيل وارثن طرفان ڪئي ويندي هئي جن جو انتظامي اوزار هڪ اهڙي باضابطه دفتري حڪومت هئي، جنهن جو بنيادي پاليسي اصول هي هو ته اها ئي "بهتر ڄاڻي ٿي" ته سنڌو ديس ۽ ان جي ماتحت علائقن ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي ڀلائي ڇا ۾ هئي؟

اهو سخت ۽ اڏول نظام پنهنجي پوري جوڀن ۾ ڪيترو وقت هليو سو ڪنهن به طرح سان واضح ڪونهي. جيئن ته اسين موهن جي دڙي ۽ چانهون دڙي جي هيٺانهن طبقن ۾ زيرِ زمين پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب انهن گاديءَ وارن مکيه شهرن جي انتهائي اوائلي ۽ ابتدائي آبادين وارن حصن تائين نه ٿا پهچي سگهون ۽ جڏير جي دڙي ۽ نوهتو جي پرسان ڳاڙهي ڀڙي جي شهادتن جو به اجا انتظار ئي ڪرڻو پوي ٿو. ان ڪري اسان کي نسبتاً "باهر ڀرين" شهادتن تي غور ڪرڻو پوي ٿو، جيڪي سردست اسان وٽ موجود آهن، پوءِ انهن جو اصل حقيقتن جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ في الحال قدر ۽ قيمت ڇا به هجي. سنڌو لوڪن جو لوٿل تي قبضو شايد ٽن صدين تائين هليو، جنهن کان پوءِ انهن جو ضابطو ختم ٿي ويو، يا ڪنهن ٻئي تمدن واريءَ اهڙيءَ قوم جي وڌندڙ اثر جي دٻاءَ کان جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هلڪو ٿيندي نظر اچي ٿو، جيڪا شايد انهيءَ علائقي جي اصلوڪن رهاڪن تي ئي مشتمل هئي ۽ جنهن پنهنجي ڀرين حڪمرانن جي تمدن جون ڪجهه روايتون پنهنجي لاءِ انتظامي سهولت طور ڪٽي اختيار ڪيون هيون. سنڌو لوڪن جي

حڪمراني دور کان بعد واري دور سان واسطو رکندڙ هتان جي آرضي ته مان لڌل شين جي ريڊيو، ڪاربان چڪاس مان ان دور جو اهڙو سال مليو آهي، جيڪو اُر جي تباهيءَ واري سال کان ڪو گهڻو پوءِ جو نه آهي. راجستان جي ”ڪالي بنگن“ آثارن مان لڌل شين جي ساڳئي طريقي سان ڪيل چڪاس مان مليل سال پڻ ٻڌائين ٿا ته سنڌو لوڪ انهيءَ جاءِ کي به انهيءَ ئي دور ۾ ترڪ ڪري ويا هئا. جيتوڻيڪ اُها سر زمين اُن زماني ۾، ساموندي واپار جي مانائيءَ جي خطرناڪ اثر هيٺ به اچا آيل ڪانه هئي. هن جاءِ تي پڻ سنڌو لوڪن جي حڪومت جو دور ٽن سؤ سالن تائين هليل نظر اچي ٿو. (7) اهڙيءَ طرح هيءُ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ” سنڌو سلطنت“ پنهنجي طاقت جي چوٽيءَ واري نڪتي تي سال 2150 قبل مسيح ڌاري پهتي هئي ۽ سال 1750 قبل مسيح کان اڳي ئي انهيءَ نڪتي تان هٽڻ ۽ هيٺ لهڻ لڳي هئي.

جڏهن اسين گاديءَ واري شهر، موهن جي دڙي، طرف ڌيان ڪريون ٿا، تڏهن ايئن پيو معلوم ٿئي ته جنهن زماني ۾ اُر اچا ترقيءَ جي اوج تي هو، تڏهن سنڌو تهذيب جو هيءُ شاهه شهر، اڳي ئي زوال پذير ٿي چڪو هو، نه فقط آباديءَ وارو سيني کان متيون ته، بلڪ ان سان لڳو لڳ هينيون ته به، جيڪي بيئي وقت جي لحاظ کان هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي جي نمائندگي ڪن ٿا، ان جي تنزل جا بيشمار ثبوت ظاهر ڪري رهيا آهن. اتفاق سان موهن جي دڙي ۾ ريڊيو ڪاربن طريقي سان اڳ ۾ ئي جسمي شين جي تحقيقات ڪئي ويئي. مثلاً سڑيل ڪٺڪ جي داڻن جي، جيڪي پوئين زماني واري آباديءَ جي سطح مان هٿ آيا هئا ۽ انهن جي چڪاس مان ڪٺڪ جي داڻن جي عمر بابت اهڙا سال مليا، جيڪي ”ان(ڏکڻ عراق) جي زوال واري سن جي سالن سان (8) نهڪي بيهن ٿا. جيتوڻيڪ اڪيلي هن تجربي تي اهڙي نتيجي لاءِ ڀروسو ڪرڻ اعتبار جوڳي ڳالهه ڪانهي، ان جي باوجود هن خيال لاءِ معقول سبب ملي ٿو ته موهن جو دڙو سميريا جي اُر واري دور کان پوءِ به قائم هو، پر انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ جو اهو شهر ابتريءَ واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي وجود کي جيئن تيئن ڪري محض گهلي رهيو هو. اُن جي انهيءَ دور جي جاچنا ڪرڻ کان اڳ ۾، اسان کي ڪجهه

پنتي نهاري، هن ڳالهه تي غور ڪرڻ گهرجي ته هن شهر جي زندگيءَ تي طبعي حالات، خصوصاً سنڌو نديءَ جي چال چلت جون ان کان اڳين دورن ۾ ڪهڙيءَ طرح اثر انداز ٿيڻ جو امڪان هو.

موهن جي دڙي جي پوئين دور کان اڳ جي صدين- ڇهن يا ڪجهه وڌيڪ؟ جي عرصي ۾، جنهن ۾ موهن جي دڙي جي صورتحال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو شهر آسپاس واري ميدان کان درجي بدرجي اتانهون ٿيندو رهيو هو. کوٽائي ڪندڙن جي مختلف جماعتن منجهان سيني کان اوائلي کوٽائي ڪندڙن آباديءَ وارن مختلف تهن جي چاليهن فوٽن هيٺ تائين بلڪل سڌي سنئين کوٽائي ڪئي ۽ هيءَ ڳالهه حيرت انگيز معلوم ٿيندي ته ڊاڪٽر مئڪي طرفان چاليهن فوٽن جي اونهائيءَ وارن تهن جو وقت جي لحاظ کان پهريون اندازو فقط ٽي صديون هو ۽ هُن شهر جي هِن اوچائيءَ طرف اهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان واڌ لاءِ ٻوڏين ۾ ٿيندڙ تباهيءَ کي بنيادي سبب طور شمار ڪرڻ تي ڪيو. هن جي طرفان انهيءَ باري ۾ اصرار ڪيو ويو ته پڪين سرن سان، اهڙيءَ آب و هوا ۾، جهڙي سنڌ جي اترئين خصي ۾ ملي ٿي، ڪنهن قسم جي ڏکيءَ عمر کي منسوب ڪرڻ غلطي آهي. جن ماڻهن ٿوري ئي مينهن پوڻ کان پوءِ، پڪين سرن کي ڪلر جي اثر کان پڇندي پُرندي ڏٺو آهي، سي انهيءَ ڳالهه کي فوري طور محسوس ڪندا ته هن حالت ۾ پاڻي ۽ گهم ڪيڏو وڏو نقصان ڪري سگهن ٿا.” ان کان سواءِ ” گهرن مان گند ڪچري جي ڦٽي ڪرڻ، پٽين ۽ ڇتين تان پاڻيءَ سان گپ چڪ جي ڳري هيٺ لهڻ،.....۽ هوا جي ذريعي دريائي چيڪي مٽيءَ جي ذرن جي جمع ٿيڻ ڪري، شهر جي آباديءَ واري سڄي دور ۾ ان جي سطح ۾ مستقل طور آهستي آهستي واڌ ايندي رهي، ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جڏهن به گهرن جي فرش ۽ ٻاهرين گهٽين جي سطحن ۾ آيل فرق تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿي ٿيو، تڏهن پٽين، فرشن ۽ ڇتين جي سطح کي مٿي ڪرڻ ضروري ٿي پيو.“ سر ليئونارڊو ولي ڏاڍيءَ وضاحت سان ڏيکاري ٿو ته ڪيئن نه اُر شهر ۾ به جاين جون سطحون، سيلاب جي سبب کان اثر پذير ٿيڻ کانسواءِ ئي، مستقل طور ساڳئي اهڙي ئي طريقي سان مٿي چڙهنديون ٿي رهيون. (9)

موهن جي دڙي جي پسگردائيءَ واري سيلابي ميدان جي سطح سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ سان گڏ ريٽ جي مخصوص عمل جي ڪري پڻ درجي بدرجي مٿي چڙهندي رهي هوندي. جيتوٽيڪ ميداني علائقي جي سطح جي چاڙهه جي رفتار، شهر جي سطح ۾ اينڊز واڌ جي ڀيٽ ۾ گهٽي قدر گهٽ هوندي، اسان کي اهو معلوم ناهي ته انهيءَ زماني ۾ سنڌو نديءَ جو وهڪرو ڪهڙو هو ۽ نه وري اها خبر آهي ته اها هڪ ئي شاخ جي صورت ۾ سمنڊ ۾ وڃي ڇڙندي هئي يا موهن جي دڙي کان ڪجهه مٿيرو اها ٻن شاخن ۾ ورهائجي شمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ان کان سواءِ اهو ممڪن آهي ته سنڌو لوڪن جي دور ۾ ستلج ندي هاڪڙا نارا ۾ وڃي پوندي هئي ۽ نه سنڌو نديءَ ۾، جيسين سنڌو نديءَ جو واسطو آهي، ته انهيءَ نديءَ گذريل ٻن هزار سالن جي دوران سنڌ مان جيڪي ڀيٽ ڦيرايا آهن، تن ۾ ثابتين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان جي ٻن شاخن واري صورت انهيءَ مدت جي ٻه ڀاڱي ٽئين حصي جي دوران قائم رهي، جنهن کانپوءِ ست صديون اها ندي هڪ ئي يڪي وهڪري جي صورت ۾ وهي، سمنڊ ۾ ڇڙڻ کان ٿورو اڳي، وڃي هڪ ننڍڙي ڪيٽي ٺاهيندي (10) هئي، اهو ممڪن آهي ته سنڌو ندي پنهنجي هيناڻهين حصي ۾، اڳي پڻ تمام گهٽيءَ مدت جي دوران هڪ ئي وهڪري رستي يا ورهائجي ٻن شاخن ۾ وهڻ جو نمونو واري وٿيءَ سان اختيار ڪندي رهي آهي.

سنڌو لوڪن لاءِ هڪ ئي اهڙيءَ نديءَ جي اٿل واريءَ حد اندر شهر جو بنياد ٻڌڻ جي ڀيٽ ۾، جيڪا پنهنجي پاڻيءَ جي سڄي مقدار ۽ ريٽ کي ڪٽي سڄيءَ سنڌ مان گذري وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري، درياءَ جي ٻن وڏين شاخن مان ڪهڙيءَ به هڪ جي ويجهڙائيءَ ۾ بنياد وجهڻ گهٽ خطري وارو هو، ۽ جڏهن سنڌو ندي هڪ ئي وهڪري جي صورت ۾ موهن جي دڙي جي پاسي کان وهندڙ هجي ها، يا جڏهن اها پنهنجي پاڻيءَ ۽ ريٽ جي سمورو يا گهڻو مقدار انهيءَ هڪ شاخ وچان ڏکي سمنڊ تائين پهچائيندڙ هجي ها، جنهن جي قريب اهو شهر ٻڌل هو، ته پوءِ ڪئي سال لنگهي سگهيا ٿي، جو پاڻيءَ جي ڪا تمام وڏي اٿل ٿي

سگهي ها ۽ ان جي نتيجي ۾ گهٽي مقدار ۾ ريٽ جي جمع ٿيڻ جي توقع ڪري سگهجي ها.

سر ڪلاڊ انگليز، جيڪو سنڌو نديءَ جي معاملات جي متعلق اعليٰ ترين اختياري آهي. انهيءَ سيلابي ميدان جي تمام وڏي ۽ دور تائين ڦهليل علائقي ۾ درياءَ جي انهيءَ عمل ذريعي سطح ۾ اينڌڙ سراسري چاڙهه جو تخمينو هڪ صديءَ پنيان ست انچ لڳايو آهي، پر سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ شاخ (يڪي هڪ ويڪري واريءَ) جي آسپاس ۽ ويجهڙائيءَ واري ميدان جي صورت ۾ اُها سراسري ”هڪ سؤ سالن ۾ هڪ فوٽ جيتري هجي ها. بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، هن انهيءَ تخميني لڳائڻ ۾ ستلج نديءَ جي اهڙي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار کي ڌيان ۾ رکيو آهي. اسان کي هن هنڌ سر جان مارشل جي هن راءِ کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ”جنهن رفتار سان درياءَ جو ريٽ ڄمندو ۽ گڏ ٿيندو رهيو، اهو (موجوده رفتار جي بنياد تي) ڪافي وڌيڪ ٿي سگهيو ٿي، ڇو تہ سنڌو ندي هڪ سست رفتار سان وهندڙ درياءُ آهي، ۽ ان جي نتيجي ۾ ان جي پيٽ ۾ ريٽ وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان گڏ ٿيندو(11) رهي ٿو.“ يقيناً، جيڪڏهن ڊاڪٽر ڊيل جي کوٽاين دوران جيڪي1965-64ع ۾ موهن جي دڙي ۾ ڪيون ويون، شهر جي آباديءَ واريءَ سطح جي گند ڪچري جا ذرا پرزا ايتريقدر گهٽيءَ اونهائيءَ مان باهر ڪڍيا ويا، جيڪا موهن جي دڙي جي پسگردائيءَ واري ميدان جي مٿاڇري کان اوڻيتاليهہ فوٽ هيٺ هئي، تہ پوءِ ماڻهوءَ کي هي نتيجو ڪڍڻو پوندو تہ يا درياءَ جي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار انتهائي تيز هئي، يا انهيءَ سرزمين تي ماڻهن جي آبادي انهيءَ زماني کان گهڻو اڳي ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ عام طرح سان سنڌو ماٿريءَ واريءَ تهذيب جي ظهور ۾ اچڻ متعلق عقيدو رکيو وڃي ٿو. هن هنڌ تي سر جان مارشل طرفان ڏنل هڪ بيءَ راءِ کي جاءِ ڏيڻ موزون ٿيندو.... ”مجموعي طور انهيءَ سڄي مسئلي تي غور ڪرڻ سان واضع ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿريءَ واري تهذيب درياءَ جي ڪپن تي انهيءَ زماني کان ڪيئي صديون اڳ وجود ۾ اچي چڪي هوندي، جڏهن اها پوءِ اسان جي ڄاڻ ۾ آئي آهي، ڪيترو اڳي، تنهن بابت ماڻهو فقط اندازو ئي ڪري سگهي ٿو، پر ائين چوڻ معقول ۽ مناسب ٿيندو

ته اهڙي نتيجي جي ظهور پذير ٿيڻ لاءِ هڪ هزار سال به تمام گهٽ عرصو شمار ڪري سگهجي ٿو.“ (12)

ڊاڪٽر ڊيل جي تحقيقات ڪان اڳ، ميدان جي مٿاڇري ڪان هيٺ، اونهي ۾ اونها هنڌ، جن تي ڪليل کوٽاين ذريعي آباديءَ جا آثار ظاهر ٿيا هئا، سي سن 1932ع ۾ چوويهه فوٽ ۽ سن 1950ع ۾ چويهه فوٽ هيٺ هئا، ٻنهي حالتن ۾ زير زمين پاڻيءَ جي موجودگيءَ وڌيڪ هيٺ کوٽاين ڪرڻ جو رستو روڪي ڇڏيو. انهن هنڌن تي آباديءَ جون اهڙيون سطحون انهيءَ ٿلهي ۽ اڻ ٽٽل پٽي ڪان گهٽو هيٺ موجود هيون، جيڪي مارشل ۽ مئڪي طرفان ”اوائلي دور“ جي نالي سان سڏيون ويون آهن، انهيءَ انتهائي اونهي نقطي ڪان، جتان سجاڻپ ۾ اچي سگهندڙ شيون، جهڙوڪ: ڪچيون سرون، هٿ آيون آهن، هينئين مفاصلي ڪي حساب ۾ آڻڻ سان، انهن سطحن جي قدامت ڪي 2400-2500ق.م ڪان وڌيڪ دور نه ٿو رکي سگهجي. اسين، البت اهو فرض ڪري سگهون ٿا ته اهي نقطا انهيءَ زماني جي آسپاس واري ٻاهرئين ميدان ۾ عام سطح سان مطابقت رکن ٿا. جيڪڏهن ائين هجي ها ته چوئيتاليهن صدين جي دوران مٿاڇري جي چوويهن فوٽن تائين مٿي چڙهڻ واري عمل جي سراسري رفتار ست انچ في صديءَ جي حساب سان ٿي هوندي. ممڪن آهي ته اها رفتار ڪجهه وڌيڪ تڪڙي هجي. هينئين شهر ۾ ڊي- ڪي دڙو، جتي اهي تحقيقي ڪارروايون ڪيون ويون هيون. سنڌو لوڪن جي آباديءَ جي اوچي ڪان اوچي سطح، انهيءَ نقطي ڪان، جتي سن 1932ع ۾ کيل کوٽاين ۾ ماٿهو پهتا هئا. اٽڪل چائيتاليهه فوٽ مٿي بيٺل آهي. انهيءَ هنڌ جي آسپاس کيل کوٽاين ۾ ٻن هنڌن تي ”مئڪي“ کي ڊنل جاين ۽ پٽين جون وڏي مقدار ۾ نشانيون نظر آيون، جن کي هن انهيءَ پڪي پختي شهر جي زندگيءَ جي ٻن مختلف دورن ۾ آيل غير معمولي ٻوڏ جي اثرات سان تعبير ڪيو. اڏاوتن جي اها ڊاهه ڊوهه مئڪي انهن ٻنهي سطحن ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي ڇڏيل ريٽ جي موجودگيءَ جو بيان نه ڪيو آهي. ڏهن فوٽن جي غمق واري مفاصلي تي موجود ٻن مختلف مٿاڇرن تي ٿيل آهي. انهن ٻنهي سطحن جي ”درمياني“ وقفي کي، جيڪو ٿلهي ليکي ٽن دورن تي

مشتمل آهي، موهن جي دڙي جو ”انتهائي ترقيءَ ۽ نهايت خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ وارو دور“ چئجي ٿو. (13) ميسوپوٽيميا واريءَ هن شهادت مان، ته اهو دور ”اُر“ واري ٽئين گهراڻي جي ابتدا ۽ ”لارسا“ دور جي اختتام جي وچ تي آيو هو، جنهن جو اسان اڳيئي ذڪر ڪري آيا آهيون. اهو نتيجو اخذ ڪرڻ صحيح معلوم ٿئي ٿو. اسين جيڪڏهن انهيءَ دور کي 2050 کان 1850 ق.م تائين ٻن صدين جو عرصو فرض ڪري وٺنداسون ته اسين اصل حقيقت جي گهڻو قريب نه ته ان کان گهڻو پري نه ٿا ٿي سگهون ۽ انهيءَ دور ۾ جاين جون سطحون هڪ سؤ سالن جي پنيان اٽڪل پنجن فوٽن جي حساب سان مٿي چڙهيون هونديون.

مئڪي کي شهر جي اندرين حدن ۾ پنهنجي کيل کوٽاين مان جيڪي شهادتون هٿ آيون، تن کي هن پسگردائيءَ واري ميدان ۾ جدا جدا هنڌن تي کوٽيل کاهين مان دستياب ٿيل شين سان ملائي نتيجن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جاين مان ٻن ۾، جن مان هڪ جاءِ ”دي-ڪي دڙي“ جي اترينءَ ڪنڊ وٽ هئي، هن کي ڳريل ۽ ڀُريل سرن جي ٻن تهن جي وچ ۾ وارياسي مٽيءَ جو هڪ تلهه مليو. انهن جي آڌار تي هو هنن نتيجن تي پهچي ٿو ته مٽيءَ جو مٿانهون ۽ تراڪڙو تهه انهيءَ ساڳئي سيلاب جي نتيجي ۾ پاڻيءَ مان آنرجي جميو آهي، جيڪو شهر جي اوج واري زماني ۾ آيو هو ۽ ان جي ڀڳل ٽٽل جاين جا ٽڪر ٽوٽا زمين تي وڇائي هليو ويو هو، ۽ هيٺانهون ۽ وڌيڪ اونهي ڇيڪي مٽيءَ وارو سخت تهه شهر جي انهيءَ دور کان اڳ ۾ آيل ڪنهن اوائلي سيلاب جي تباهيءَ جي نشاندهي (14) ڪري ٿو. آنرجي هيٺ وينل انهن ٻن جدا جدا تهن کي، مئڪي جي ارض سطح جي ماپ جي بنيادي انگ سان ڀيٽيندي، ظاهر ٿئي ٿو ته انهن ٻن تهن مان پهريون تهه ميدان جي موجوده سطح کان ڪي ڏهه فوٽ مٿي آهي، ۽ هيٺيون تهه انهيءَ سطح جي لڳ ڀڳ سنوت تي واقعي آهي. وري، ٻاهرئين ميدان جي انهن ٻنهي متبادل تهن جون سطحون ان جي موجوده سطح کان هيٺ ترتيبوار هڪ کان ٽن فوٽن، ۽ ڇهن ۽ ستن فوٽن جي درميان موجود ڏٺيون ويون. جيڪڏهن انتهائي محتاط حساب لڳايو وڃي ته ميدان جو مٿاڇرو سراسر طور هڪ صديءَ جي پويان ست انچ مٿي چڙهيو آهي، ته پوءِ ايئن نظر

ايندو ته مٿئين وارين ڪاهين ۾ جن سيلابن وارياسي مٽيءَ جا اهي ته ناهيا هوندا. سي، ڪن مناسب صدين جي وڇوٽيءَ سان، خود عيسوي سن جي شروع کان پوءِ ئي آيا هوندا. مٿڪي، شهر جي مٿي چڙهندڙ سطحن ۽ ٻاهر ميدان جي قدرتي چاڙهه جي وچ ۾ نسبتي تعلق ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾، هن ڳالهه جو خيال ئي نه رکيو آهي ته موهن جي دڙي جي اوج واري زماني ۽ ان جي آخري دورن ۾ ڪيتري قدر نه وڏي ناموافقت هوندي. بهرحال، هو پاڻ ئي اها ڳالهه قبول ڪري ٿو ته "جيئن ته شهر کان ٻاهرئين ميدان جي سطح شهر جي گهٽين جي سطح کان ڪافي حد تائين هيٺ هوندي، ان ڪري ٻوڏ جي پاڻيءَ جو، سواءِ ڪنهن وڏيءَ ٻوڏ جي، گهٽين ۾ اندر داخل ٿيڻ مشڪل هوندو، پر سيلابن جو عمارتن تي، سم جي صورت ۾، جيڪو خطرناڪ اثر ٿي رهيو هو. تنهن جو ثبوت اسان جي کوٽاين مان مليل پڳل ٽنل سرن جا هيٺ جميل ته آهن. شهر جي تاريخ جي وچولي ٽئين درجي وارين پٽين کي پاڻيءَ مان آنرجي هيٺ وينل مٽيءَ کان پڻ زبردست نقصان پهتو آهي ۽ انهيءَ دور جو اختتام پاڻيءَ جي سيمي سبب دڙي جي حد کان زياده آلي ٿي وڃڻ ڪري آيو. اها حقيقت هن مان ثابت آهي ته شهر جي رستن جي پاسن کان نهيل تلهن جهڙيون هلڪيون اڏاوتون به ويهي رهيون آهن."

هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي ته کوٽائي ڪندڙ طرفان دريائي ريت جي انهن ٽن تلهن تهن بابت، جيڪي کيس ڊي-ڪي دڙي جي مرڪزي حصي ۾ جدا جدا سطحن تي مليا"، هڪ لفظ به نه چيو ويو آهي. اهڙو هڪ ٻي مثال، جيڪو مون کي نظر ۾ اچي ٿو ۽ جيڪو مٿڪي کي شهر جي "آباديءَ واري حصي جي اندر" کوٽائي ڪندي سامهون آيو، سو هڪ تمام اوائلي ته ۾ هو، جيڪو سنڌن سطحي ماپ جي بنيادي انگ کان پنجٽيهه فوٽ هيٺ ۽ ٻاهرئين سيلابي ميدان جي جديد سطح کان چوڏهن فوٽ هيٺ هو. هو چوي ٿو ته "انهيءَ بنيادي سطح کان هيٺ سخت مٽيءَ جي ته ۾ ڪٿي ڪٿي خاڪي رنگ جي واريءَ جي موجودگي ان دور ۾ اتي سيلاب اچڻ جو واضح ثبوت (15) آهي." انهيءَ سخت مٽيءَ جي ته مان ڪو پروسي جوڳو مطلب ڪڍڻ هڪ مسئلو آهي. عمارتن جي سطح سان ان جي نسبتي تعلق مان اهو معلوم ٿئي ٿو

تہ اهو تهہ شهر جي تاريخ جي اوائلي زماني ۾ ڄميو آهي، پر خود ان جي پنهنجي ڪافي گهٽي ٿولهہ- ڏهن فوٽن ڪان مٿيري- ڏيکاري ٿي تہ اهو هنڌ، جيڪوشهر جي آباد علائقي جي آخري ڇيڙي ڪان گهڻو پري ڪونهي، طويل زماني تائين بار بار سيلابن جي زد ۾ ايندو رهيو آهي. بهرحال، جيڪڏهن مئڪي ”ڊي ڪي دڙي“ وارين سندس ڪوتاين مان مليل شهادتن جي مطلب ڪڍڻ ۾ صحيح آهي تہ پوءِ اسان ڪي هيءُ نتيجو ڪڍڻو پوي ٿو تہ موهن جي دڙي جي تاريخ جي وچولي دور ۾ ٻن يا ٽن صدين جي وقفي سان اتڪل ٽي غير معمولي ٻوڏون آيون هيون. انهن جهڙيون ٻوڏون غير معمولي اسباب جي نتيجي ۾ ايندڀون آهن، جهڙوڪ: هماليا جبلن جي مٿانهين چوٽين وٽ جبل جي ڪن وڏين ڇپن يا برف جي وڏين ڇپن جن سنڌونديءَ يا ان جي معاون (16) درياهن جي بالائي حصن ۾ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي هيٺ وهي اچڻ ڪان ڪنهن وڏيءَ مدت تائين روڪي رکيو هو، تن جي اوچتو ٽٽڻ سبب پاڻيءَ جي اٿاهہ مقدار جو انهن رڪاوٽن مان آزاد ٿي هيٺئين طرف وڏيءَ طاقت ۽ وڏي زور سان وهي اچڻ، پر هن ڳالهہ جو پوءِ بہ گهڻو امڪان ڪونهي تہ خود اهڙيون تباهہ ڪن اٿلون بہ، جيڪي اهڙن غيرمعمولي واقعن جي رونما ٿيڻ سان پيدا ٿين ٿيون. پاڻيءَ جو ايڏو مقدار ڪٽي ايندڀون هونديون، جو اهو موهن جي دڙي جي ايڏين اوچين گهٽين تائين اندر بار بار داخل ٿي ويندو هوندو. پر هيءَ حقيقت ناقابل ترديد آهي تہ شهر جي ٻاهرين حصن وارين عمارتن جي پٽين جي چوڏاري رڳو پنجن فوٽن تائين ٻوڏ جو پاڻي بہ لڳاتار ڪجهہ هفتا جيڪڏهن بيهي ٿي سگهيو، تہ پوءِ اهو نہ فقط انهن پٽين کي ڳاري، ڪيرائي سگهيو ٿي، پر سيمو ڪري ڪافي ڪجهہ اندر پرو بہ پنهنجو اثر پيدا ڪري سگهيو ٿي. گهٽي قدر خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ انهيءَ ريت درياهہ جو سيلابي پاڻي شهر جي مٿانهين سطحن ۾ وڏي پيماني تي جاين کي ڪيرائڻ ۽ انهن جي ملبي جي جمع ٿيڻ جو سبب بڻايو. ان ڪان ڪجهہ گهٽ پيماني جي تباهي مٿي بيان ڪيل واقعن ڪان گهٽ ڊرامائي واقعن جي نتيجي ۾ بہ ٿي سگهي هوندي. جهڙوڪ: هماليہ جبلن جي علائقي ۾ پاڇاتي موسم ۾ برف جو تيزيءَ سان ڳرڻ ۽ ساڳئي وقت تي جبلن ڪان هيٺ ميداني

علائقي ۾ زوردار برساتين جو شروع ٿيڻ ۽ شهر جي طويل حد تائين تاريخ جي مختلف دورن ۾، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ، اهڙي نموني سان آيل پاڻيءَ جي جهجهي مقدار واريون غير متوقع ٻوڏون ۽ انهن جي چر ۽ سيمي جا مضر اثرات.

هن ڳالهه جو اڳي ئي ذڪر ڪيو ويو آهي ته موهن جي دڙي وارو ڪوٽ، شهر جي الهندي علائقي ۾ ڪچين سرن ۽ چيڪي مٽيءَ جي تمام وڏي ٿلهي تي مصنوعي طور ناهيل اٽڪل ويهن فوٽن جي اوچي دڙي تي اڏيو ويو هو. سر جان مارشل انهيءَ حقيقت مان اهو اندازو لڳايو ته انهيءَ ڳالهه جو مقصد سرڪاري عمارتن کي ”سيلابن“ سبب ٿيندڙ ان نقصان کان محفوظ ڪرڻ هو. ساڳيو ئي مقصد، ننڍي پيماني تي ۽ ساڳئي سامان مان ٺهيل انهن پڪن بنيادن يا انهن هيٺانهن ۽ ننڍن ٿلهن منجهان هڪ جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو شهر جي اوائلي دور جو آهي، جنهن ۾ بعد ۾ اضافو به ڪيل آهي، اهو ”ڪچين سرن جي ڳري پري ڳنڍجي هڪ ٿي وڃڻ سان هڪ يڪو پڪو مواد نظر اچي رهيو هو.“(17) هڪ ٻئي اهڙي اوائلي مثال بابت هو چوي ٿو ته ”هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ شبهو نظر نه ٿو اچي ته اهو پراڻ ان وقت ڪيل آهي، جڏهن انهيءَ عمارت کي ٻوڏ جي اثر کان بچائڻ جي ارادي سان جاٽي واٽي مٽي ڪرٽو پيو هوندو.“ مارشل ته، هيءَ به دعويٰ ڪري ٿو ته ”سواءِ ڪن تمام ننڍين جاين جي سيني ۾ فرش جي هڪ حصي کي ٿلهي جي صورت ۾ ايترو مٿي ۽ مضبوط ڪيو ويو هو، جو اهو جاءِ کي انهن ٻوڏين جي اثر کان محفوظ رکي سگهي، جيڪي انهيءَ دور ۾ سال بسال شهر لاءِ خطرو بنجڻ لڳيون هيون.“ مئڪي هن کان وڌيڪ محتاط هو. پوئين دور جو بيان ڪندي، هو لکي ٿو”ڪنهن سبب ڪري جيڪو غير معمولي ٻوڏين سان واسطو رکندڙ معلوم ٿئي ٿو، بعد جي دور واريون گهٽيون جايون، اهڙن ٿلهن جي مٿان ناهيون ويون آهن. جيڪي انهن جاين مٿيءَ يا ڪن حالتن ۾ سرن پچائڻ جي ڀٺن مان ڊوئي آندل سروٽن وغيره سان پري ناهيا ويا هئا..... آءٌ هن خيال جو آهيان ته ٻوڏين ۾ موهن دڙي جون گهٽيون جايون ڌرتيءَ جي هيٺ ويهي رهڻ ڪري ڪريون آهن..... گهٽيون جايون..... خاص مٿانهين جي مٿان به ٺهيل ناهن ۽

اهي انهن اوائلي هيٺ ويهي رهيل جاين جي مٿان تعمير ڪيل معلوم ٿين ٿيون ۽ اهڙيءَ طرح اُهي سم سبب اڳوڻين هيٺ ويهي رهيل جاين جو واضح ثبوت پيش ڪن ٿيون.“ (18) هڪ ٻئي هنڌ تي هو چوي ٿو ته ”هن ڳالهه ڪي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته پڪيءَ سر مان نهيل جاءِ ۽ سروٽن جا ٽڪرا پاڻيءَ ڪي ڇهڻ جا اثرائتا مئل ڪڪر آهن، جن ۾ پاڻيءَ جي سطح کان گهڻو مٿي تائين پاڻيءَ جي آلاڻ پهچي ويندي آهي....“ هو ڊي. ڪي ايراضيءَ ۽ پرپاسي واريءَ سر زمين جي ڪن ٻين حصن ۾ مليل مٿانهين جو حوالو ڏيندي، چوي ٿو: اڪثر حالتن ۾ گهم ۽ آلاڻ ڪچين سرن ڪي اهڙيءَ طرح ملائي ڇڏيو آهي، جو اهو سڄو مواد مٽيءَ جي هڪ وڏي ڇپ نظر اچي ٿي.... انهن مان اڪثر مٿانهان شهر جي وچولي زماني جي ٻئي دور ۾ پهرين وڏي سيلاب کان پوءِ جنهن جي اسان ڪي ثابتي ملي آهي، ناهيا ويا هئا. جيتوڻيڪ اهڙي چيڪيءَ مٽيءَ جي نهيل پڪي ٿلهي جو هينيون حصو ڪجهه وقت تائين ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل به رهي ها، تڏهن به ان مٿان نهيل جاين ڪي پاڻيءَ جي ڇهجي مٿي چڙهڻ واري عمل کان پڪين سرن يا انهن جي ٽڪر ٽوٽن مان نهيل ٿلهن کان گهٽ نقصان پهچڻ جو خطرو هو.“(19)

ان ڪري ڪوٽائيءَ جو ڪم ڪندي پهرينءَ جماعت جا ماڻهو هن باري ۾ به- چِتا ٿي پيا ته انهن مٿانهن جو مقصد جاين ڪي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي سيمي واري عمل جي ذريعي آلاڻ جي مٿي پهچڻ واريءَ آخري سطح کان به مٿي ڪرڻو. سيلابي ميدان جي سطح شهر جي آباديءَ واريءَ سطح جي درميان، جيئن ته وڌندڙ نامطابقت آهي، ان ڪري هاڻ اها ڳالهه بلڪل واضح آهي ته شهر جي جاين ڪي پاڻيءَ جي سيمي جي نتيجي ۾ پهچندڙ تباهيءَ کان ئي اصلي ۽ حقيقي خطرو هو.

ممڪن آهي ته شهر جي ڪن اهڙن حصن ۾، جيڪي ان جي آخري چيڙي کان پري هئا (۽ ان طرح سان پاڻيءَ جي سيمي کان، ٽوٽي آسپاس واري پاڻيءَ کان، جيڪو ٻاهر ڪليل پٽن تي، هفتن تائين ٽن يا ڇئن فوٽن تائين موجود ٿي رهيو، محفوظ هئا)، ڪڏهن ڪن ٻين سببن ڪري به جايون اهڙن ٿلهن تي ناهيون ويندون هيون. انهيءَ باري ۾ ڪوٽ واري دڙي جو مثال اڳي ئي ڏنو ويو آهي، سرڪاري عمارتن ڪي

دشمنن يا حملہ آور ڌاڙيلن جي زد کان محفوظ رکڻ يا شان و شوڪت لاءِ پڻ اهڙي طريقي سان مٿانهينءَ سطح تي ٺاهيو ويندو هو، جيڪڏهن پروهت-راجا هو، تہ ان جو محل بہ اهڙيءَ طرح اوچائيءَ تي اڏجي سگهيو ٿي، جو اهو سڄي شهر جي مٿان ڪر ڪنيو بيٺو هجي! شهر جي وڏيڪ شاهوڪار ۽ خوشحال رهاڪن لاءِ، سنڌن جاين کي مٿانهينءَ تي جوڙائڻ لاءِ جيڪي بيا مقصد ٿي پئي سگهيا، تن مان هڪ انهيءَ ڳتيل شهر ۾ اونهاري جي موسم وارين پوساتيندڙ راتين ۾ وڌيڪ تازي ۽ بهتر هوا حاصل ڪرڻ جو مقصد بہ ٿي سگهيو هوندو. ساڳيءَ طرح اهو بہ ممڪن هو تہ شاهوڪار گهراڻا سنڌن پاسن ۾ رهندڙ گهٽ ذاتين وارن همساين جو، انهن جي گهرن اندر نهارڻ ناپسند ڪري، پنهنجين جاين کي مٿيرو جوڙائيندا هوندا. اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙي گرم موسم ۾، جاين جون ڇتيون عام طرح سان اوچيون ۽ سڌيون سنيون هونديون، جيئن اهي اڄ بہ ان پاسي جي عام رهائشي جاين ۾ ڏسجن ٿيون.

هاڻي اسين انهيءَ منزل تي پهتا آهيون، جتي اسين انهيءَ نمايان تبديليءَ جي اهميت تي غور ڪري سگهون ٿا، جيڪا موهن جي دڙي جي زندگيءَ جي آخري دور کي انهن سيني ڳالهين کان جدا ڪري ٿي، جيڪي اتي اڳي واقعي ٿي چڪيون هيون. شهر جي کوٽائي ڪندڙ پهرينءَ جماعت جا اڳواڻ، سر جان مارشل ۽ ڊاڪٽر مئڪي، ٻيئي هن راءِ جا هئا تہ شهر جي زندگيءَ جو اهو پويون ڊنڊلو دور اهڙي وقت تي نئين سر آبادڪاريءَ جي صورت ۾ شروع ٿيو، جڏهن اهو ڪافي گهٽي عرصي لاءِ ان کان اڳ مڪمل يا جزوي طور خيال ڪيو ويو هو. مئڪي جي راءِ موجب موهن جودڙو انهن ٻن قيامت خيز سيلابن منجهان ٻئي سيلاب جي دوران، جن جو اڳيئي ذڪر ٿي چڪو آهي، خالي ڪيو ويو هو، تباهہ ٿيل ايراضيءَ جي مٽيءَ ۾ مليل ڪلر جو غير معمولي حد تائين گهٽو حصو انهيءَ نظريي کي هٿي ڏئي ٿو تہ اهو علائقو ڪجهہ وقت لاءِ غيرآباد ۽ قدرتي عناصر جي رحم ۽ وڪرم تي ٺڏڪو پيو رهيو. (20)

پر اها جاءِ وري ٻيهر آباد ڪئي ويئي ۽ سا بہ "سنڌو" لوڪن طرفان، پر نئون شهر پراڻي جي پيٺ ۾ نمايان طور سادو ۽ گهٽ درجي وارو

هو. عمارتن جو معيار بي ڍنگو بڻجي چڪو آهي. جو گهرن جون جايون گهٽو ڪري انهن سرن مان نهيل معلوم ٿين ٿيون، جيڪي اڳين اوچاين تان ڊاهي ڊوهي آنديون ويئون آهن، ۽ اهي ڪڏون، جن مان مٽي ڪڍي وئي آهي، سي چڻ ته ڪنهن بم جي اثر ڪان وجود ۾ آيل ڪڏن وانگر سڄيءَ ايراضيءَ جي قابل استعمال حدن ڪي سوڙهو ڪن ٿيون، جنهن تي نئين اڏاوت ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ ڪري جايون هڪ ٻئي جي مٿان چڙهيو بيٺيون آهن. خوشحاليءَ واري دور جون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون بنان سوچ سمجهه جي ننڍين ننڍين ڪوٺڙين ۾ ورهايون ويئون آهن ۽ گهٽين جي مقرر ٿيل انهن حدن ۾ ناجائز حددخليون ٿيل آهن، جن کي گذريل ڪيترين ئي صدين جي دوران سختيءَ سان برقرار رکيو ويو هو. اُڀرائيءَ ۾ نهيل بي ڍنگن دڪانن جون وڏن رستن جي پاسن ڪان قطارون نهيون بيٺيون آهن، ۽ تعميري رٿائن جي معيارن ۾ آيل ابتريءَ جو هڪ وڏيڪ نمايان مثال اهو آهي ته ڪنڀارن جون آويون، جيڪي اڳين ڏينهن ۾ شهر جي اندرين حدن اندر ڪڏهن به برداشت نه ڪيون وڃن ها، هاڻي هتي هُتي قائم ٿيل ڏسجن ٿيون، ۽ حد ته اها آهي، جو انهن مان هڪ آوي ته رستي جي بلڪل وچ تي بيٺي آهي. (22)

صاف ظاهر ته شهري انتظاميا جو سخت ضابطو، جيڪو شهر جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي طويل عرصي جو هڪ نمايان نشان هو، سو ان جي پوئين دور جي ابتريءَ سان گڏوگڏ غائب ٿي چڪو آهي. هيءَ موهن جو دڙو اهو ساڳيو هڪ عظيم قوم جي گاديءَ جو شهر ۽ هڪ تجارتي سلطنت جو دارالحڪومت باقي نه رهيو آهي، ۽ نه وري هاڻي اهو پروهت- راجا جي رهڻ وارو مرڪزي شهر ئي رهيو آهي. هاڻي اتي ڪاريگرن، پيٽ گذر ڪندڙ ڪڙمين ڪاسبين ۽ مزدورن جو مجموعو اچي گڏ ٿيو آهي، جيڪي انهيءَ سرزمين تي هڪ ٻئي سان اٽڪيا پيا آهن. جيڪي توريون گهٽيون شيون اتي نهن ٿيون، سي هاڻي ڏيساور لاءِ نه، پر شايد شين جي ڏي وٺ جي بنياد تي داخلي کپت لاءِ ٺاهيون وڃن ٿيون. بنان ڪنهن شڪ جي، اهو تنزل گذريل دور جي پڇاڙيءَ ڌاري ئي شروع ٿي چڪو هو، جڏهن ته شهر جو ساموندي واپار ختم ٿي چڪو هو، جنهن ڪان هڪدم پوءِ "سلطنت" جي حدن اندر واقع تجارتي

مرڪزن ۽ واپار وارن شاهراهن تي رهندڙ رعيتي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل بي آراميءَ ۽ مقامي بدانتظاميءَ جي نتيجي ۾ قاعدي ۽ قانون جي ضابطي ۾ ڪجهه هلڪائي ۽ ڍلائي اچي ويئي. يقيناً، انهيءَ طاقتور واپاري قوم جي ماڻهن ڪي، جيڪي صدين ڪان وني موهن جي دڙي جي عظمت ۽ دولت سان سجاتا ويندا هئا. جڏهن اهو مسئلو طئي ڪرڻو پيو هوندو ته انهيءَ شهر ۾ وري بيهر آباد ٿجي يا نه، جنهن ڪي اهڙيءَ بربادي ۽ تباهيءَ مان گذرڻو پيو هو، پنهنجي دل ۽ من ڪان خوب پڇڻو پيو هوندو ۽ گهڻي وقت تائين شش و پنج ۾ گذارڻو پيو هوندو. هنن ضرور پاڻ ڪان اهڙا سوال پڇيا هوندا ته اتي رهي وري بيهر واپار ڪي وڏائي سگهبو يا وڏيڪ عقلمنديءَ جو طريقو اهو ٿيندو ته پنهنجا نقصان هميشه لاءِ برداشت ڪري ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن-شايد هڙاپا ۽ اترئين صوبي ڏانهن- لڏي هليو وڃجي-جيڪي ان وقت تائين سرسبز ۽ شاداب هئا. شايد هنن ڪي درياءَ جي آئينده جي ٻوڏن جي ظاهري خطرن آخرڪار فيصلي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هجي. هيءَ ڳالهه ڪا ناممڪن ناهي ته اهو فيصلو هنن انهن موقعن مان ڪنهن هڪ تي ڪيو هجي، جڏهن ته سنڌو درياءِ ڪنهن دور ۾ لاڳيتا ڪي سال ڦوڪجي مٿان لهندو هو، ۽ پاڻيءَ جو تباهڪن مقدار ساڻ آڻيندو هو. جيئن مئڪي هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته ”هر سال (هنن ٻن لفظن تي مصنف طرفان زور ڏنل آهي) شهر جي چوڌاري ٻن يا وڌيڪ فوٽن جيتري وڌي پاڻيءَ ڪان وڌيڪ بيهڻ سان ئي شهر جي شاهوڪار ۽ خوشحال طبقي جي لڏ پلاڻ لازمي بنجي ويندي هوندي، .... جاڪاڻ ته ان صورت ۾، بيڙين جي مدد ڪان سواءِ هنن لاءِ مال اسباب جو آڻ نيڻ ناممڪن بنجي ويندو هوندو.“ ظاهر آهي ته لاڳيتن اهڙن موقعن تي بريءَ طرح ستايل ”واپاري برادريءَ“ جا ماڻهو وڌيڪ برداشت نه ڪري سگهيا هوندا، ۽ نيٺ هڪ ڀيري ٻاهر نڪري پوڻ ڪانپوءِ هو وري واپس نه آيا هجن. ان ڪان پوءِ هنن جو ڪهڙو حشر ٿيو، تنهن جي اسان ڪي ڪا خبر ڪانهي.

امڪان آهي ته ”عام ماڻهو“، جن ڪنهن عرصي ڪان پوءِ بيهر اچي شهر آباد ڪيو، تن ۾ سنڌو لوڪن جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو به شامل هجن، شايد اهي ”لوهم جي دڙي“ ۽ ”جهڪر“جا رهاڪو هئا، ۽

ڪي شايد ”چانهون دڙي“ کان آيل ٻوڏ جا ستايل پناهگير هيا، هن ڳالهه ۾ شڪ جو امڪان ڪونهي تہ چانهون دڙي جي شهر جي ماڻهن کي هڪ ٻئي پنيان آيل ٻوڏين جي ڪري اتان نڪرڻو پيو هو، جن ان شهر ۾ سندن رهائشي علائقي جي ڪجهہ حصي کي زمين دوز ڪري ڇڏيو هو، بهرحال اسين هن باري ۾ خاطري سان ڪجهہ نہ ٿا چئي سگهون تہ اتي اهي سيلاب بہ انهيءَ وقت ئي آيا هئا، جڏهن موهن جي دڙي واري اها ”خاص“ ٻوڏ آئي هئي، جنهن ”تاجر برادريءَ“ جي ماڻهن کي دائمي طور ۽ ”عام ماڻهن“ کي عارضي طور اتان لڏڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، (24) ڪنهن عام طبعي تباهيءَ ۽ بربادي جي سوال کان قطع نظر، ٻاهرين ضلعن ۾ وڌندڙ بي آرامي ۽ عدم سلامتي، گاديءَ واري شهر جي ڪمزور ٿي ويل مرڪزي اختياريءَ جو پڻ سڌو سنئون نتيجو سمجهي سگهجي ٿي. بهرحال هن ڳالهہ جي مڃڻ لاءِ ڪو بہ سبب ڪونهي تہ انهيءَ شديد سيلاب جو، جنهن جي ڪري موهن جي دڙي يا ڪنهن ٻئي شئي کي عارضي طور ڇڏڻو پيو هو، انهيءَ جي آسپاس جي زرعي پيداوار تي بہ ڪو خاص نقصانڪار اثر پئجي سگهيو هوندو. هن ڳالهہ جو اڳئي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ سنڌ ۾ ايندڙ سخت ٻوڏن جا ذيلي اثر عام طور فائدي مند ٿيندا آهن، انهن جي نتيجي ۾ سيلابي پوک جي لائق ايراضيون وڌي وينديون آهن. انهيءَ ڪري، خاص طرح ”موهن جي دڙي“ جي شهر جي آخري دور ۾ ان جي آدمشماري ان جي اوج واري زماني جي ڀيٽ ۾ جيڪڏهن وڌيڪ نہ، تہ بہ اوتري ئي نظر اچي ٿي. ابتري ۽ تنزل فقط صنعت ۽ حرفت جي معيار ۾ آيل هو. ساڳئي وقت آسپاس جي ”ستايلن“ کي ڪشش ڪرڻ لاءِ، وري بہ انهيءَ شهر ۾ گذر سفر، جاءِ توڙي پناهہ ۽ نسبتي طور سلامتيءَ جا ڪافي ذريعا موجود نظر آيا هوندا. پروفيسر پگٽ انهيءَ وقت ڏاري ڪُلي (kulli) ۽ موهن جي دڙي جي ماڻهن جا درميان لاڳاپن ۾ وڌيڪ ويجهڙائيءَ اچڻ جي ثبوت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، ۽ ساڳئي ئي دور ۾ هو. بلوچستان ۾ ڪن ٻين هنڌن جا اهڙا مثال پيش ڪري ٿو، جن ۾ ٻين ”ثقافتن“ جي پراڻن ۽ قديم دور جي قائم ٿيل ڳوٺن کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو آهي ۽ انهن جي باشندن کي ماري ڪٽي ختم ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جي مٿان وري

نيون آباديون قائم ڪيل آهن. بهرحال ائين پيو پائنجي ته اسان کي انهي دور يا انهن دورن کي وڏيڪ باريڪيءَ سان طئي ڪرڻ لاءِ جڏهن اها بربادي ۽ تباهي آئي هئي.(25) وڌيڪ ثابتين هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي. بهرحال انهيءَ جي وچ ۾ "سنڌ جي شاهه شهر" ۾ "پرلهه کان اڳ جي سرچائي" اجا به وڌيڪ ٽن يا زياده نسلن تائين گهلبي رهي.

مون اها راءِ ڏني هئي ته موهن جي دڙي جي آخري پڄاڻي شايد ڪنهن اهڙيءَ قدرتي آفت جي نتيجي ۾ آئي هوندي، جنهن اتان جي باشندن کي گذر سفر جي ذريعن کان محروم ڪيو هوندو. مثال طور سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ آيل ڪو وڏو ڦيرو. درياءَ جيئن وڌيڪ ڏکهي عرصي لاءِ پنهنجو دستوري وهڪرو قائم رکيو هوندو. جنهن مان شهر جي پسگردائيءَ ۽ ويجهڙائيءَ وارو علائقو رواجي طرح چڱي خاصيءَ باقائدگيءَ سان، ۽ ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ ايندڙ پاڻيءَ جي اٿل مان آباد ٿيندو رهندو هو- ۽ اهڙين تقريبن لاڳيتن هڪجهڙين حالتن جي مدد اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ستن کان وٺي اٺ صديون سمجهڻ گهرجي-ٿيئن ان جي لَٽ ۽ ريت جي تهه به تهه جمڻ ڪري درياءَ جي تري جي مٽي ڪجهي اچڻ، ۽ ان کان پوءِ ان جي پاڻيءَ جي وهڪري جو هيٺانهين سطح اختيار ڪري بئي مُنهن سان وهڻ لاءِ زبردست ڦيرو کائڻ-ان جا امڪان اوڏائي وڌي ويا هوندا. اهڙيءَ طرح انهيءَ زماني ڏاري هن ڳالهه جو هڪ زبردست طبعي امڪان صاف نظر پئي آيو هوندو ته درياءَ جي پيٽ ۾ جلد ڦيرو اچڻ وارو آهي. سنڌو ماٿريءَ وچان گذريل ٻن هزار سالن جي عرصي دوران سنڌو درياءَ جي سڄي تاريخ اهڙن رخن بدلائڻ جي ڏکهي تاريخ رهي آهي، جن جي نتيجي ۾ متاثر علائقن جي ڪيفيت آسودگيءَ ۽ نيم- ريگستاني حالتن جي درميان ڦرندي گهرندي رهي آهي. (26) مون کي يقين آهي ته صحيح واقعو اهڙن ئي واقعن مان هڪ هو. درياءَ جي پيٽ ۾ هيءَ وڏو ڦيرو ان جي شهر کان اصلوڪي اوپرندي پاسي واري رخ ۾ آيو، ۽ درياءَ اتان کان هٽي موهن جي دڙي کان ٽيهارو ميل پري اوير طرف وهڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ان اهي زمينون جن کي هو اڳي سائو ۽ آباد ڪندو آيو هو، خشڪ ساليءَ جي حالت ۾ فقط وقتي بارش جي رحم و ڪرم تي تيزيءَ سان ويران ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنيون.

ممڪن آهي تہ انهيءَ تبديليءَ مڪمل نااُميديءَ جي صورتحال جو احساس نہ ٿيو هجي، پر هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ جيڪڏهن اڳي نہ، تہ عين انهيءَ ابتريءَ جي وقت، موهن جي دڙي جي ڪمزوريءَ الهندي طرف وارن ”وحشين“ کي ان تي حملي ڪرڻ لاءِ هرڪائڻ جو ڪم ڏنو، هنن جا پهريان حملا ”ڏک هنيو ۽ ڀڄو“ جهڙا هوندا. پڳٽ پوئين دور جي هڪ اهڙي قبرستان جي نشاندهي ڪري ٿو. جيڪو امڪان آهي تہ انهن حملہ آورن جو ئي هڪ قبرستان هجي. آباديءَ جي پوئين زماني وارين سطحن جي کوٽاين مان، اُنهن علامتن کان علاوہ، ننڍيون تراريون ۽ ڀاهي واريون سهٽيون ڪهاڙيون پڻ مليون آهن، جيڪي سنڌو ديس ۾ ناياب هيون.

پر اتر ايران ۾ ان کان بہ ڪجهہ پرپرو اولهہ طرف عام هيون، (27) شهر جي رهاڪن کي بهرحال جلد ئي احساس ٿيو هوندو تہ دشمن وڏيک تعداد ۾ وري جاڙ ٿو موٽي، هيءَ ڳالهہ خاص طور تي توجہ جي قابل آهي تہ انهيءَ وقت ڏاري ماڻهن پنهنجيون قيمتي شيون زمين ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيون هيون. شهر جي کوٽائي ڪندڙ پهرين ماهرن کي ان جي آخري آباديءَ وارين مٿانهين سطحن مان قيمتي هيرن، جواهرن ۽ سون جا ڪيئي دفينا هٿ آيا هئا. وڏندڙ بي دليءَ ۽ همت هارڻ جي ڪري ماڻهن جلد ئي محسوس ڪري ورتو هوندو تہ ڀرپور هٿياربند وحشين جو هاڻي هو گهڻي وقت تائين مقابلو نہ ڪري سگهندا.

انساني هڏن جي پڃرن جا ڍڳ، جن تي ڌڪن ۽ گهائن جا نشان صاف نظر اچن ٿا، موهن جي دڙي جي مختلف حصن ۾ هڪ ئي هنڌ تي ڪَنا ملن ٿا ۽ انهن مان اڪثر شهر جي بلڪل آباديءَ وارين سطحن مان دستياب ٿيا آهن. اهي شهر جي انتهائي پوئين دور ۾ ان تي ٿيل حملن ۾ ماريل هوندا، ۽ ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي اُهي بہ هجن، جيڪي شهر ۾ ٿيل ”آخري ڪوس“ ۾ قتل ٿيا هجن، جيئن منهنجو رايو آهي، جيڪڏهن سنڌو نديءَ پنهنجو وهڪرو بدلايو هو، ۽ شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪٽي بہ پوکي راهي ڪرڻ ذري گهٽ ناقابلِ عمل ٿي ويئي هئي، تہ آباديءَ جو وڏو حصو گذر اوقات جي تلاش ۾ اڳيئي اتان لڏي هليو ويو هوندو. اهڙا ڪي ٿورا ئي ماڻهو هوندا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن بحاليءَ

جي اميد ۽ آسري ۾ پنهنجن گهرن گهاٽن کي چنبڙيا پيا هوندا، ۽ اهي ئي هئا، جيڪي نيٺ وڃي ترار جو کاڄ بڻيا.

فاتح قوم جي ماڻهن جو موهن جي دڙي ۾ آباد ٿي ويهڻ جو ثبوت نہ ٿو ملي، حالانڪ اُهي جهڪر، لوهم دڙي ۽ چانهُون دڙي جي ويران سرزمينن ۾ آباد ٿي ويٺا هئا. سنڌو تهذيب جي هِن شاهہ شهر کي هُنن طرفان اِيئن نظر انداز ڪرڻ جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ هنن کي سابق دارالحڪومت واري شهر جي آسپاس پوکيءَ راهيءَ جا ڪي آثار نظر نہ آيا هوندا. جيتوڻيڪ انهن ماڻهن لاءِ هيءُ اندازو ئي ڪري سگهجي ٿو تہ انهن جي زندگيءَ جي طرز نيم-خانہ بدوشيءَ واري هئي، ۽ اُهي فقط پنهنجي مال جي ڌڻن مان ٿيندڙ اُپت ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ ئي ڪڏهن ڪڏهن زراعت ڪندا هئا. انهن حملہ آور ماڻهن جي دور جا، جن کي اسان "جُهڪڙ وارن لوڪن" جي نالي سان ڄاڻو ٿا، جيڪي قديم اوزار مليا آهن، انهن جو گهٽي کان گهٽو تعداد ۽ گهٽي کان گهٽا مختلف نمونا چانهُون جي دڙي مان دستياب ٿيا آهن، ۽ اهي بلوچستان جي پري پري تائين منتشر ٿيل هنڌن مان هٿ آيل شين سان بہ مماثلت رکن ٿا، انهن هنڌن ۾ شاهي-ٽمپ وارو ڪُڄائو قبرستان ۽ اتر ايران جي سرزمين پڻ شامل آهن، انهن جي مليل نشانن ۾ ڪي مهرون بہ آهن، جي ايشيا مائنر مان هٿ آيل شين جي ياد تازي ڪن ٿيون. (28)

جيستائين مون کي معلوم آهي، هيءَ راءِ ڪڏهن بہ ڪنهن عالم طرفان ڪانہ ڏني وئي آهي تہ اُهي "وحشي لوڪ" رگ ويد وارا آريا هئا، چيو وڃي ٿو تہ اُهي آريائي هئا، جن سنڌو تهذيب کي موتمار ڌڪ هنيو هو. گهڻو وقت ٿيو تہ اِها راءِ پيش ڪئي ويئي هئي تہ ويدن جي اشلوڪن ۾ "دَسيُنَ" جي جن شهر پناهہ وارن شهرن جو اندر يا اگني ديوتائن هٿان تباهہ و برباد ٿيڻ جو بار بار ذڪر ٿيل آهي، سي ضرور سنڌو لوڪن جا شهر هوندا، ٻئي طرف ويد ۾ ذڪر ڪيل مال وند ۽ تاجر "پڻي" جن کي سنڌي لوڪن سان شناخت ڪرڻ جي راءِ اول ئي سنہ 1926ع (29) ۾ ڏني ويئي هئي. پروفيسر بَرو، سن 1962ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ رگ ويد جي اشلوڪن مان بہ ٽڪرا نقل ڪيا، تن مان پهريون ٽڪرو جڏهن بعد واري دور ۾ لکيل هڪ "برهمڻ" نظم

جي اشلوڪ سان گڏ پڙهجي ٿو، تڏهن اهو هن نظريي جي يقيناً تائيد ڪري ٿو ته آريا حملہ آورن سچن پچن ننڍن توڙي وڏن شهرن کي ناس ڪيو هو، جيڪي سنڌو لوڪن کان علاوه بين ڪن ماڻهن جا به پئي ٿي سگهيا. ٻيو هڪ ٽڪرو به، جنهن ۾ هڪ "تباهہ ٿيل" شهر جي نالي، ۽ ان جي زير ڪرڻ ۽ شهرين جي عام ڪوس ڪرڻ جو نالو ڏنو ويو آهي، انهيءَ راءِ جي تائيد ڪري ٿو. (30) ان جي باوجود آءٌ انهيءَ سلسلي ۾ موهن جي دڙي کي ۽ ان جي آخري آباديءَ وارين سطحن مان گهڻن لاشن جي دريافت کي حوالي طور پيش ڪرڻ کي صحيح نہ ٿو سمجهان. اهو نظريو هڙاپا ۽ بين اترين شهرن (31) جي سلسلي ۾ خواهہ ڪيتريقدر بہ ظاهري طور معقول ۽ ممڪن نظر ايندو هجي، پر سنڌوءَ جي هيٺانهين علائقي وارن شهرن سان انهيءَ نظريي کي وابستہ ڪرڻ ۾ ڪيترائي سنگين اعتراض موجود آهن.

رگِ ويد اندر ملندڙ داخلي شهادت مان ائين پيو معلوم ٿئي ته ان جي اشلوڪن جو وڏو ڪُرو ڪيشتر جي "پاڪ" سرزمين تي، ستلج ۽ جمنا ندين جي درميان واقعي سرسوتي نديءَ جي آسپاس جوڙيو ويو هو. پنجاب فتح ڪيو ويوهو، ان جا درياءَ مشهور و معروف هئا، نہ فقط اتان جي قديم نسل لوڪن سان جنگيون جهيڙا ٿي هئا، بلڪہ خود آرين جي درميان قبائلي لڙائي پڻ ٿي گذري هئي. اِهي ۽ اشلوڪن ۾ ذڪر ٿيل ڪي مخصوص ڳالهيون ٻڌائين ٿيون تہ اهي اشلوڪ هندوستان جي سرزمين ۾ پوءِ مرتب ڪيا ويا هئا، پر انهن ۾ ڪو بہ اهڙو ثبوت ڪونهي تہ حملہ آور ڪي سمنڊ تي بہ پهتا هئا. انهن ۾ ڪم آيل لفظ "سموندر" بظاهر سنڌو نديءَ ۽ (32) پنجند وارن درياهن جي ملڻ واري هنڌ کان هڪدم هيٺ ان جي اتل سان تعلق رکي ٿو. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ چيتو، جيڪو سنڌوءَ جي هيٺئين علائقي ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل جانور هو، تنهن جو رگ ويد ۾ ڪٿي بہ ذڪر آيل ڪونهي، ۽ مڇي مارڻ ڪي، جنهن کي سنڌ ۾ وڏي اهميت حاصل هئي، بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. (33) انهيءَ ڪري هيءَ ڳالهہ انتهائي حد تائين غيرامڪاني نظر اچي ٿي تہ جنهن زماني ۾ رگ ويد مڪمل ڪيو ويو هو، جيڪو آرين جي پنجاب ۾ وارد ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا بہ

صديون پوءِ لکيو ويو هوندو، تڏهن سنڌ جو ملک کو آرين جي قبضي ۾ هو، يا اهي اجا انهيءَ ملک اندر داخل ئي ٿيا هئا. اشلوڪن جي مرتب ٿيڻ کان گهڻو اڳي، "الهندي وارا وحشي" چانهو دڙي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ آباد ٿي چڪا هئا، ۽ اهي ماڻهو، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، واضح طور بلوچستان کان سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا. پروفيسر پگٽ ڏيکاري ٿو ته هن باري ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ دليل آهن ته نئين آيل قوم وارن "سنڌو" جي ڪاريگرن جي پاڻ وٽ جبري پرتي ڪئي هئي، ۽ اهو ممکن آهي ته سنڌو لوڪن مان ڪي ٻيا عناصر، خاص طور آبادگار پڻ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهجي پيا هوندا. جتي هو پنهنجي هنن "وحشي" آقائن لاءِ سهولت سان فصل پوکي ۽ ٻي ڪار ڪرت ڪري پئي سگهيا.

انهيءَ دوران، ويران ۽ پڙپانگ ٿيل موهن جي دڙي ۾ ريت ۽ مٽيءَ چڙهڻ جو عمل شروع ٿي چڪو هو-اهو ساڳيو عمل، جنهن سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ عمارتن ۽ شهرن جي ڦٽل نشانن تي ساڳئي قسم جي خاڪي ۽ ميٽوڙي رنگ جي مٽيءَ جي چادر چاڙهي ڇڏي هئي- ڪنهن خيالي ڊنڊ جي مٽيءَ ۾ ڊڪجي ۽ ڄڪڙجي وڃڻ جو عمل نه، بلک ڌوڙين ۽ مٽيءَ جي آنڌين جي ڪلهن تي سوار ٿي ايندڙ دز ۽ واريءَ ۾ درجي بدرجي وڪوڙجي ٻوساٽجڻ، ۽ انهيءَ طرح سان نهيل دڙن جي مٿان پوندڙ برسات سبب ڄمي پڪي ٿي وڃڻ جو عمل. (34)

ساڳئي ئي طريقي سان، هڪ هزار کان به وڌيڪ سالن کان پوءِ، اُر شهر جي نئين سر آبادڪاريءَ جو خاتمو واقع ٿيو هو. فرات نديءَ اهو پيٽ بدلائي ڇڏيو، جنهن تي اُر شهر جي زندگيءَ جو هميشه انحصار رهندو آيو هو-"جڏهن نديءَ پنهنجو پيٽ بدلايو..... تڏهن ان جي پراڻي تري جي مٿي چڙهي خشڪ ٿيڻ جو نتيجو هيءُ ٿيو، ته پاڻيءَ تي ٿيندڙ آمدرفت جو خاتمو ٿي ويو.....۽ ساڳئي وقت زراعت به ختم ٿي ويئي. انهيءَ بدنصيب فاقه ڪش شهر ڪي ان کان پوءِ وجود ۾ رهڻ جو ڪو به سبب ڪو نه هو.... گهرن جون جايون پيچي پُري ڪري پيون. هوائون پوءِ خشڪ ٿيل ۽ ويران ميدانن مان لنگهندي پاڻ سان ريتيءَ جا گهاٽا ڪڪر کڻي ايندون رهيون، جن ڪي اهي ڍنل جاين جي باقي بيٺل پٽين جي

پنيان سٽينديون ۽ ڳڌ ڪنديون رهيون، ۽ جيڪو ڪنهن زماني ۾ هڪ عظيم شهر هو، سو نيٺ ويران برپٽ بنجي ويو. (35)"

# حوالا


(1) سر جان مارشل "موهن جو دڙو ائنڊ دي انڊس سولائيزيشن" ج 1، صفحا 10، 103.

(2) سرايل-وولي، الالخ "رپورٽس آف دي ريسرچ ڪاميٽي آف دي سوسائٽي آف ائنٽي ڪئيريز آف لنڊن"، نمبر 18 صفحا 10، 304، 8، 377.

(3) وهيلر، ص:94. "دي انڊس سوليزيشن" ٽيون ڇاپو 1968ع. مئڪي، ص:11. "ازلي انڊس سولائيزيشن" (ٻيو ڇاپو)

(4) ايم. ايس. واٽس. "ايڪس ڪئويشنس ائٽ هڙاپا" 1 ص:324. ايل وولي. ص: 116 "ايڪس ڪئويشنس ائٽ أر" ٻيو ڇاپو 1955ع. وولي. "دي سميرينس" ص:52، 44.

(5) پگٽ، ص:151"پري هسٽارڪ انڊيا"

(6) وهيلر، حوالو ڏنل ص:151.

(7) وهيلر بحوالہ ايضاً.

(8) اي مئڪي "فردر ايڪس ڪئويشن ائٽ موهن جو دڙو" دهلي 1938ع، ج.1، صفحا 8-7

ايل وولي،"ايڪس ڪئويشنس ائٽ أر" ص:8-771.

(9) ڊي . اي هومز "دي ريسينٽ هسٽري آف دي انڊس جاگرافيڪل جرنل 134 ڀاڱي 3 ۾ (سيپٽمبر 1968) ص:382_367.

(10) سر ڪلاڊ انگليز"دي بهيوير ائنڊ ڪنٽرول آف رورس ائنڊ ڪئنالس" وغيره. گورنمينٽ آف انڊيا ريسرچ پبليڪيشن نمبر 13، پونا 1949، ج. 1، ص: 172، مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص:7.

(11) مارشل،ص:103.

(12) مئڪي، ”فردر ايڪس ڪئويشنس“ وغيره ص:xiv, 102

(13) اهڙين گهٽين ئي ڪاهين جو بيان مئڪي طرفان ”فردر ايڪس ڪنويشنس“ ص:1 کان 5 ۾ ڏنو ويو آهي. انهن منجهان ڇهن جي جاءِ وقوع صاف ظاهر نظر اچي ٿو. ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ٻين ڪاهين جا تفصيل هن طرح آهن.

(الف) ڊي.ڪي دڙي جي اترينءَ ڪنڊ کان اٽڪل 40 فوٽ، مئڪي ص:2، ان هنڌ تي ميدان جي مٿاڇري جي سطح سمنڊ جي مٿاڇري کان اٽڪل 159 فوٽ مٿي آهي.

(ب)ايل دڙي ۽......استوپا دڙي جي ڏاکڻين لاهيءَ جي درميان، مئڪي، ص: 3، سلاميءَ ۾ دوباره داخل ٿيندڙ رستي طور بيٺل آهي،جنهن جي ڪري دري واري ڪوٽ کي ذري گهٽ ٻن اڌن ۾ ورهائي بيني آهي، سلاميءَ جو مٿاڇرو هن هنڌ تي سمنڊ جي سطح کان اٽڪل روءِ 6_55- آهي ۽ اها آسپاس واري ميدان جي سراسري اوچائي آهي.

(14) مئڪي، ”فردر ايڪس ڪئويشنس“، ص:2.

ايس.پگٽ، نوٽس وغيره ”ائنشنٽ انڊيا“ نمبر 4 (48-1948ع) ۾ مئڪي جي کوٽائي ۽ سندس طرفان ڏنل ارضي تهن جي خاڪي جي حوالن سان لکي ٿو، ”(تعميراتي سطحن جي) هڪ ٻئي جي اڳيان پنيان اچڻ جي حالت ۾ هڪ اهم ڳالهه، مختلف سطحن تي دريائي ريٽ جي ٿن جدا جدا ٿلهن تهن جي موجودگي آهي.“

فقط هڪ کان سواءِ ريٽ جي انهن ٽنهي تهن منجهان ڪو به شهر جي آباديءَ واري علائقي ۾ ڪونه هو، پر اهي ته ٻاهرئين طرف ڪوتيل ڪاهين ۾ موجود هئا.

(15) مئڪي، ساڳيو ڪتاب ص 44.

(16) سن 1929ع واري وڏي ٻوڏ، شيئاڪ نديءَ تي واقع اهڙي ئي برفاني بند جي ٽٽڻ جو نتيجو هئي.

(17) مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص 125.

مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص 142، 43

(18) مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص 21.

مئڪي ۽ مارشل، ص 265.

(19) مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص 2، 180، 181

(20) مئڪي ۽ مارشل حوالو ڏنل ڪتاب ص 265.

(21) مئڪي "فردر ائڪس ڪئويشنس"، ص Xiii، ص 6 (فٽ نوٽ)، تصوير XX.

(22) مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص 6.

(23) مئڪي، اڳي ڏنل حوالو.

(24) مئڪي، "چانهو دڙو ائڪس ڪئويشن" (نيو هئوين، ڪنيڪٽيڪٽ 1943ع) ص 18،59،63.

(25) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص 192-4، 214-5.

(26) هن تاريخ جي جلد I جو حوالو، "سنڌ اي جنرل انٽروڊڪشن" ص 5-34.

سي ايف: ڊي. اي هومز، "دي ريسينٽ هسٽري آف دي اندس" جاگرافيڪل جرنل، سيپٽمبر 1968ع ص 375 ۾ "ائنٽي ڪئٽي 19" 1945ع)، ڊورو ٽي مئڪي، "اينشنٽ رور بيڊس ائنڊ ديڊ سٽيز".

(27) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص 229،228.

(28) ايس. پگٽ، حوالوڏنل ڪتاب ص 226، 223.

(29) راما پرساد چندا: "دي اندس وئلي ان دي ويدڪ پيريڊ"، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، نمبر 31 (1926ع) ص 4 جي ميمايرس ۾ ۽ "سروائيول آف دي پري هسٽارڪ سويليزيشن آف دي اندس وئلي"، ايم. اي. ايس. آءِ، نمبر 41 (1929ع) رنگ آچاريہ جي 'ويدڪ انڊيا'، ڀاڱو I ص 148، 169-181، ۾ "هسٽري آف دي پري-مسلمان انڊيا".

(30) ٽي. برو، "جرنل آف انڊين هسٽري"، اپريل 1963ع، ص 163-5 ۾ "لفظ 'آرما' جي اهميت بابت" ۾.

(31) ايضاً 161-20. ٻن سوترن ۾ سرسوتي ۽ دريشاوتي ندين جي ڪنارن سان برباد ۽ ويران آبادين جو ذڪر آيو آهي.

(32) مئڪوڊونيل ائنڊ ڪيٿ، ”ويلڪ انڊيڪس آف نيمس ائنڊ سبجيڪٽس“ ص 432، ”ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا I“ ص 79.

ان جي ابتڙ، ڏسو راما پرساد چندا ايم. ايس، ايس، آءِنمبر 31 (1926ع)، ص 5-2“ ۾.

(33) ”ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا“ ص 101.

(34) ايچ. ٽي لئمبرڪ، ”دي انڊس فلڊ، پلين ائنڊ دي انڊس سوليزيشن“، جاگرافيڪل جرنل، ڊسمبر 1967ع، ص 491-49 ۾.

(35) سر ايل. وولي، ”ايڪس ڪئويشنس ائٽ أر“ ص 248.

(ترجمو:سومار علي سومرو)

تاج صحرائي

# سنڌو تهذيب جا خالق

انسان جي سڀيتا جي ڪهاڻي برف واري دور سان شروع ٿئي ٿي. برف وارو دور اڪثر ڪري محققن ڇهن لکن کان اسي هزار سالن تائين مقرر ڪيو آهي. پر ڌرتي و گيان (Geology) جي ماهرن جي ابتڙ قديم عمريون يا وقت جون حدون مقرر نہ ڪيون آهن، ڇاڪاڻ تہ پٿر، ٽامي، بنگار ۽ لوهہ جي اوزارن جو استعمال دنيا جي هر هڪ خطي ۾ هڪ ئي وقت نہ ٿيو آهي. ڪٿي اڳي ۽ ڪٿي پوءِ ٿيو آهي. نڪي انهن اوزارن جي استعمال جي مدت، هر خطي ۾ هڪ جيتري رهي آهي. هڪ فرانسيسي محقق ڪرسچن ٿامس (ChristianTomson) جي لکڻ موجب، پٿر جو زمانو انسان جي ڌرتي مٿان ماهڻ واري زماني جو ٽوَ ڀاڱي ڏهہ حصو آهي. ان ڊگهي عرصي کي سولائي سان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهي ٿو.

1- پراڻي پٿر (Palaeolithic) وارو زمانو جيڪو ٽيهن لکن کان (Three million) ويهہ هزار سال ق. م تائين ڇيو وڃي ٿو.

2- وچون دور (Medolithic) جيڪو ويهن هزارن کان ٻارنهن هزار سالن تائين ڪٿيو ويو آهي.

3- نئين پٿر (Neolithic) وارو زمانو ٻارنهن هزار سالن کان پنج هزار سال ق. م تائين ڳڻيو وڃي ٿو پر ان پٿر واري زماني کان اڳ يعني (Pre-palaeolithic) وارو زمانو بہ ڳڻپ ۾ آڻي سگهجي ٿو، جنهن جو عرصو اجا طئي ٿي نہ سگهيو آهي. ساڳئي وقت ڪن محققن وٽ اها ڳالهہ بہ اجا تحقيق طلب آهي تہ رواجي پٿرن ۽ چقمق پٿرن مان ٺهيل اوزار، انسان جي هٿن جي ڪاريگريءَ جو ڏيک ۽ ثبوت آهن يا قدرتي عمل جو نتيجو. ان ڪان سواءِ ان پٿر واري زماني کان اڳ ۽ پٿر واري زماني جي وچ ۾ جيڪو عرصو اچي ٿو. ان کي پٿر جي پرڀات (Eolithic) وارو زمانو سڏيو ويو آهي. ان دور ۾ انسان اجا مس مس هٿن جي شروعاتي حرڪتن سان ابتن سبتن، ڏنگن ڦڏن، مُڏن سُڏن اوزارن گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

اهو تاريخ کان اڳ وارو دور، حقيقت ۾ انسان جي عمل جو گهڻو ڏگهو ۽ وڏيڪ ڪمائتو زمانو هو، انسان پنهنجون سموريون بنيادي ڪوجنائون ان دور ۾ ڪيون. انسان هٿن کي استعمال ڪرڻ ان دور ۾ سکيو. انسان باهه ٻارڻ ان دور ۾ سکيو ۽ انسان پناهه جون جايون ناهڻ يا گهڙڻ به ان درو ۾ ئي سکيو. ان دور ۾ انسان شڪار ڪرڻ، مال چارڻ ۽ پالڻ ۽ پوکي راهي ڪرڻ به سکيو. ان کان سواءِ تصويري لکت (Pictographic script) لکڻ به ان ساڳي عرصي ۾ سکيو. ان پوئين هنر لاءِ انسان غارن ۾ چٽن کي استعمال ڪيو ۽ پوءِ پن، ڦرها، مٽي ۽ پٿر جون تختيون يا سليٽون ۽ جانورن جون کلون، لکڻ ۾ ڪم آنديون. سلطنت اسيريا يا سور جي بادشاهن کي تاريخ نويسي سان ڏاڍو چاهه هو. مٽي ۽ پٿر جون سليٽون يا تختيون/ڦرهيون نهرائي، انهن تي ميخي خط (Cuiniform script) ۾، ان وقت جون حالتون، ٻيا واقعا پنهنجا فرمان لکارائي محفوظ ڪندا هئا. اسور جي گهڻن بادشاهن کي نقاشي سان شوق هو. ڪيترين تختين تي بادشاهن جي شڪار جا نقش تراشيل مليا آهن، ڪيترن بادشاهن شوق مان لئبريريون قائم ڪيون. اسير بنيپال کي (227 ق.م) فخر هو ته هو لکي پڙهي سگهيو ٿي، هن هڪ شاندار لئبريري ميخي خط جي تختين سان لکيل، قائم ڪئي. هن اها لئبريري پنهنجي گادي واري شهر نينوا ۾ سن 250 ق.م ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ قائم ڪئي.

He became a great collector of the clay monurcment of the past and his library, which has been unearthed, is now the most precious source of historical material in the world.

هڪ صدي پوءِ بابل جي پوئين شهنشاهه فبوينداس جي شهزادي بيل شاتي تازو بابل ۾ هڪ عجائب گهر تعمير ڪيو، جنهن ۾ ان وقت جون نوادرات جمع ڪيون ويون هيون، پر ان کان به ڇهه-ست صديون اڳ ۾ 1200 ق.م سنڌ جي ڪنارن تي ويد لکيا ويا هئا.

سنڌين متعلق مسٽر پٽاوالا جو لکڻ آهي ته سنڌ جي اصل ۽ بنيادي رهواسين بابت يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته انهن متعلق ڪنهن لکٽيءَ مان ڪا به ثابتي ميسر ٿي نه سگهي آهي. مگر

قرين قياس اهو آهي ته سنڌ ۾ رهڻ وارا اصل ۾ خانه بدوش هئا جن جو مکيه ڏنڌو شڪار ڪرڻ هو. اهي سنڌ ۾ پٿر واري زماني کان ئي وٺي آباد هئا. پراڻي پٿر ۽ نئين پٿر وارن دورن ۾ انهن جو ڌنڌو کيتي هو ۽ مڇي سندن مکيه کاڌو هئي.

...... they were nomadic hunters of the Stone Age, and that both in paleolithic and in early Neolithic periods, agriculture was part of the life of the people and fish one of their important foods. (Historical Geography of Sindh-p.19)

ان کان پوءِ سنڌ جي بنيادي ۽ اصلوڪن رهاڪن کي نون حملن ڪندڙن زير ڪيو، جنهن ڪري انهن پوءِ وڃي پرپاسي واريون ٽڪريون ۽ ٻيلا وسايا. ڀيل، ڪولهي ۽ ميد انهن جي اولاد آهن.

ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته ”عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي ته موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندوستان وسايو، سي هاٺوڪن ڪولهين، سنٿالن، ڀيلن ۽ ميد لوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ به هئا يا نه، تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪانه هئي پر پوءِ ڪن جون ڪوپڙيون سيوهڻ جي پريان لڌيون هيون. 1922-1923ع ۾ ڪن ڪولن ۽ سنٿالن جون ڪوپڙيون موئن جي دڙي مان لڌيون، جا ڳالهه آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل ڄاڻائي آهي. ايئن هاڻي خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ به هئا، تنهنڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اهي ليکڻ گهرجن.“ (قديم سنڌ ص-51)

تاريخ تمدن سنڌ جو لائق مصنف رحميداد مولائي لکي ٿو ته ”هاڻي سوال آهي ته جن سنڌين موئن جي دڙي واري تهذيب جو بنياد وڌو هو. اهي ڪهڙي قوم مان هئا؟ محققن جي دماغي ڪاوشن ثابت ڪيو آهي ته اهي آڳاٽا دراوڙ هئا، جن دکن مان نڪري، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪلدانيا تائين ٻينڪون وڌيون هيون. ڪن محققن جو رايو آهي ته يونچ سمنڊ (Mediterian sea) جي ڪناري تي رهندا هئا، جتان نڪري سنڌ ۾ پهتا.... سندن بدني ساخت متعلق محقق رزلي (Risley) جو بيان آهي ته برصغير هند جا رهاڪو ڊرويڊي (drivadians) آهن جن جو

رنگ ڪارو، نڪ ويڪرو، وار ڪارا ۽ قدري گهنڊيدار، ڪارين اکين وارا ۽ قد ۾ بندرا هئا. جن ڪان پوءِ آرين، سٿين ۽ مغل قومون گڏجي ويون. ليڪن آڳاٽن دروبڊين متعلق مسٽر ٿرسٽن (Thurston) جو بيان هيٺ ڏيون ٿا. آڳاٽن دروبڊن ۽ پوئين دروبڊن ۾ ايترو فرق آهي تہ آڳاٽن دروبڊن جا نڪ ويڪرا ڪونہ هئا، نہ وري قد ۾ بندرا هئا. اهي سيلان جي ويراس (Verons) سلبيس جي تولاز (Tolas) سوماترا جي باتين (Batin) ۽ آسٽريلين سان مشابهت رکندڙ هئا.“ (تمدن سنڌ، ص: 16)

ڪاڪي ڀيرومل جي راءِ سان اتفاق ۽ جناب مولائي شيدائي جي مٿين بيان سان اختلاف ڪندي حڪيم نياز حسين همايوني پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي طبي تاريخ“ جي صفحي 52-53 تي پروفيسر باشم جي حوالي سان لکي ٿو تہ ”هندي ڏاکڻين علائقي ۾ جيڪو دراوڙي نسل آباد ٿيو ۽ اجا تائين آهي، سو ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان اندر آباد ٿيل هو. صرف اتي ئي نہ پر پوري هند ۾ دراوڙن جون عام آباديون هيون ۽ جيئن جيئن ٻاهريان حملي آور سنڌ، بلوچستان سان گڏ اتر اولهہ جي سرحدي علائقن تي ڏاڪ جمائيندا آيا، تيئن دراوڙي قبيلا پٺتي هٽندا ويا. انهن ڳالهين مان بہ ثبوت ملن ٿا هڪ تہ دراوڙ سنڌ جا اصلوڪا ماڻهو هئا ۽ ٻيو تہ انهن جي لڏپلاڻ ٻاهرين جي ڪاهن ڪري ٿي هئي.“

سيد سبط حسن لکي ٿو تہ: موئن جو دڙو، هڙپا ۽ ٻين جڳهين جي کوٽائي مان اجا تائين فقط چاليهہ ماڻهن جا ڍانچا مليا آهن. انهن ڍانچن جي معائني مان، محقق ان نتيجي تي پهتا آهن تہ سنڌوماتري جي رهاڪن جا قد ننڍا مگر مٿا وڏا هئا. رنگ جا ڪارا گهنگهرو وارن وارا، ويڪري نڪ ۽ پريل چپن وارا هئا. ان بنياد تي چيو وڃي ٿو تہ انهن ماڻهن جو تعلق دراوڙ نسل سان هو. ڪي ڍانچا يونچ سمنڊ (Maditerian Sea) جي اوپر ڪنارن تي رهڻ وارن قديم ماڻهن سان مشابهت وارا آهن. هڪ ڍانچو ڪنهن منگول جو بہ آهي. اهي بروهڪي سان ملندڙ دراوڙي زبان ڳالهائيندا هئا. بروهي قوم جا ماڻهو جي قلات، لس ٻيلي، ڪاران ۽ چغائي ۾ آباد آهن، سي سنڌو ماتري جي قديم ماڻهن جي اولاد آهن.“ (پاڪستان ۾ تهذيب ڪا ارتقا، ص: 66-67 ).

Here was a civilization which from the first seems to have grown up upon its own roots and with a character of its own. It was cut off from the civilization of the west and to the east by vast mountain barriers and desert regions... They (Aryans) found a civilization already scattered over India, The Dravidian civilization. This has arisen independantly, just as the sumrian, cretan, and Egyptian civilizations seem to have arisen. (P-386).

هندوستان ۾ هڪ تهذيب جيڪا منڍ کان وٺي پنهنجن پاڙن مان اُپري ۽ اُسري هئي ۽ جنهن کي پنهنجون مخصوص خصلتون هيون، ان تهذيب جو مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن سان، بلند پهاڙن ۽ ريگستانن جي ڪري ڪو بہ تعلق نہ هو. آرين کي هن ملڪ ۾ اڳي ئي هڪ ٽڙيل پکڙيل تهذيب نظر آئي جنهن کي دراوڙي تهذيب سڏيو وڃي ٿو. اها تهذيب اتي ئي ڄمي ۽ نپني هئي جيئن سميري، ڪريٽي ۽ مصري تهذيبون پاڻ هرتو ۽ پاڻ مرادو اسريون هيون.

وري ونسنيٽ اي ـ سمٿ دراوڙن بابت پنهنجي ڪتاب . "هندوستان جي قديم تاريخ" ۾ صفحي 429 تي لکي ٿو تہ:

"Dravidian in the English from of the adjective Drivida, with meaning belonging to Dravida, or the tamil country. It is applied with propriety to the territory, people, or language of the extreme south, but is wholly inapplicable to the gonds, kals, Bhars, and other so called non Aryan aribes of central India and the north. The word dravida is said to be an oragnized form of Tamil, meaning nice or sweet, as applied to the language.

مٿين لکت موجب دراوڙن جو اصل وطن درويدا يعني تامل (ڏکڻ هندوستان) هو، دراوڙ لفظ گونڊ، ڪولن، ڀارن، ڀيلن ۽ وچ هندوستان ۽ اُتر هندوستان جي ٻين غير آرين گروهن، قبيلن ۽ قومن لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي، دروِيد جي معنيٰ آهي سنو ۽ سهڻو.

ايف. جي. پٽرس جو رايو آهي تہ آرين کان اڳي سنٿال ۽ گونڊ وچ هندستان جا رهاڪو، انهن قديم ۽ تمام قديم قبيلن جو اولاد آهن، جن هندوستان تي ڏکڻ مان ڪاهيو هو. اهي ڪاهون اٽڪل ويهن کان پندرهن هزار سال اڳ پٿر واري زماني ۾ ٿيون هيون. اهي ماڻهو تهذيب جي

ڪنهن به دور ۾ ڳُٽڻ ۽ لکڻ واري منزل تي نه پهتا. اهي فقط شڪاري ۽ مالوند ٿي رهجي ويا. پر ٻيا وري آهن دراوڙ، جيڪي هن وقت ونڌيا جبلن جي ڏکڻ ۾ رهن ٿا. دراوڙ هندوستان ۾ اتر اولهه کان خيبر لڪ هماليه کان نه پر ايران جي ڏاکڻين پرڳڻن مان سنڌ ۾ داخل ٿيا. اهي گهٽو ڪري اج کان ڇهه هزار سال اڳي آيا. ان وقت ايران ۽ اتر اولهه هندوستان جي آبهوا وڌيڪ گهميل ۽ برساتي هئي. ان زماني ۾ سنڌ هڪ ريگستان نه پر سرسبز هئي ۽ انهن حملي آورن جي مستقبل آبادي ۽ قيام لاءِ موزون علائقو هئي. اهي قبيلا انهن ئي قبيلن مان هئا، جن فرات ۽ دجله ندين جي ماٿرين ۾ سمير تهذيب جو بنياد وڌو هو. ڪيترا ڳهٺا ۽ مٽيءَ جا برتن جي أر (UR) مان لڌا ويا آهن، سنڌو ماٿري جي ڳهٽن ۽ مٽيءَ جي ٿانون سان مشابهت رکن ٿا.

(Outline of history of civilization. P94-9

We might say that the first great cultural synathesis and fusion took place between the incoming aryans and dradvidians, who were probably the represen tatives Discovery of the Indus valley civiliazation. (The discovery of India-Nehro.P-6o-61)

پنڊت جواهر لعل نهرو جو چوڻ آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب جا نمائندا دراوڙ آهن."هڙاپا ۾ موهن جي دڙو جو خطو" نالي ڪتاب جي مصنف جي. آر. هنٽر جو رايو آهي ته موهن ۽ هڙاپا ۾ آباد ٿيل دراوڙ، سمنڊ رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ سنڌن پهريان ماڳ بلوچستان جا ساموندي علائقا هئا. جي. آر. هنٽر جي خيالن جي ابتڙ ايس. وي. ونڪٽ سوميرا جو رايو آهي ته دراوڙ قبيلا سمنڊ رستي يا خيبر لڪ جي رستي سنڌ ۾ داخل نه ٿيا هئا، پر اهي سنڌ ڌرتي جا اصلي رهاڪو هئا.

مون مٿي ڪيترن ئي محققن جا خيال، رايا ۽ حوالا ان ڪري پيش ڪيا آهن ته جيئن ڪنهن پڪي ۽ پختي نتيجي تي پهچي سگهجي ته سنڌو تهذيب جا خالق ڪير هئا ۽ اڪثر محققن جو فيصلو اهو آهي ته دراوڙ سنڌي هئا ۽ سنڌ ۽ هندوستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳي آباد هئا ۽ انهن جون وسنديون سموري هندوستان ۾ پکڙيل هيون. ڪن صاحبن جو رايو آهي ته دراوڙ سنڌ ڌرتي تي ڄميا، نپنا ۽ وڌا ٿي پوءِ مشرق ۽ مغرب

۽ شمال ۽ جنوب ۾ پکڙيا. ڪن مفڪرن جو چوڻ آهي ته دراوڙ ڏکڻ هندوستان ۾ سلون ۽ سوماترا کان داخل ٿيا ۽ پوءِ سنڌ ۾ آباد ٿيا. ڪن مورخن جو وري رايو آهي ته دراوڙ اصل ۾ يونچ سمنڊ ۾ ڪريٽ تهذيب وارن ٻيٽن ۾ آباد هئا، جتان پوءِ فرات ۽ دجله مان هلي ايران ۾ وارد ٿيا ۽ اتان پوءِ سمنڊ يا خشڪي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ آرين جي اچڻ تائين سموري هندستان ۾ ٽڙي پکڙي ويا، يا ٽڙجي پوءِ ڏکڻ هندوستان ۾ تامل علائقي کي پنهنجو وطن بنايو. انهن سڀني محققن جي تحقيق، ڪاوش ۽ ڪوشش تحسين ۽ داد جي قابل آهي.

سيوهڻ، لڪي، بزن ڪوٽ، ڪائي، نئنگ ۽ ڪن ٻين جابلو غارن ۽ آسپاس جي ماحول، نئن گاج، نئن موهن، نئن باران ۽ ٻين نئين جي ماٿرين، سنڌو، هاڪڙو، مهراڻو سنڌ ۽ ڪنپ درياهن جي وهڪرن، منڇر ۽ ٻين ڍنڍن ڍورن جي ڪنڌين ۽ ڪنڌين مٿان وسنڌين، پراڻن ڪوٽن، قلعن، ڪوٽيرن، دڙن ۽ ٻنين، سنڌ جي سرزمين جي ورنن، خطن ۽ پهاڙي سلسلن جي مطالعي کان پوءِ مان ذاتي طور هن نتيجي تي پهتو آهيان ته سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو سنڌي هئا. جي هن ڌرتي مٿان جاوا، أسريا ۽ ارتقا جون منزلون طئي ڪري آمري، ڪوٽ ڏيجي ۽ موهن تهذيبن جا خالق ٿيا. انهن کي اوهان ائبرو جينز چئو (Abrigines) جهنگلي شڪاري (Jungle Hunters) چئو مهن يا ميهڻ يا دراوڙ چئو. پر اهي اصلي ۽ بنيادي طور سنڌي هئا ۽ جن جي جسماني، محنت ۽ مشقت سان ۽ ذهني آسودگي ۽ پختگي سان، هن سرزمين تي دنيا قديم ترين، شاهوڪار ترين ۽ مهذب ترين تهذيب جي آبياري ٿي. ان سلسلي ۾ هينيان دليل خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو:

1- جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻاهران يعني ڏکڻ هندوستان يا يونچ سمنڊ کان ڪي به گروهه ۽ قبيلا اچي آباد ٿين ها ته پوءِ سنڌ ۾ انساني عمل ۽ استعمال هيٺ آيل ڪن به غارن ۽ غفائن جو وجود نه ملي ها. غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جو تعلق گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن هزار سال ق.م کان واري زماني سان آهي ۽ جو پراڻي پٿر واري زماني جو آخري ۽ پويون دور سمجهيو وڃي ٿو. پراڻي پٿر وارو زمانو اٽڪل ٽيهه لک سال پراڻو شمار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انسان پاڻي ۾ لڙهندڙ ننڍڙن گول مول

پٿرن سان حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. انسان جي رلڻ گهمڻ وارو زمانو تڏهن کان شروع ٿيو آهي، جڏهن هن پاڻ کي قوي، ڪجهه نه ڪجهه هنر مند ۽ جهنگلي جانورن سان وڙهڻ ۽ انهن جي شڪار ڪرڻ جهيڙو سمجهيو هو. اهو دور به ٻارنهن سؤ سال ق.م تائين اچي ختم ٿي ويو. ساڳئي وقت اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پراڻي پٿر واري زماني ۾ يا ان جي پوئين دور تائين انسان ورلي ملڻ ۽ ڏسڻ ۾ اچڻ وارو جانور هو.

It is a point that few people grasp that until the later palaeolithilic age, man was an extremely rate animal. (H.G Wells. Page-150)

اهو هڪ نقطو آهي جيڪو تمام ٿورن يا فقط ڪن ماڻهن جي سمجهه ۾ ايندو ته پراڻي پٿر واري دور جي پڇاڙي تائين انسان بلڪل اڻ لڀ جانور هو.

2- پراڻي پٿر واري زماني جو ماڻهو جيتوڻيڪ تمام گهٽ باشعور هو تنهن هوندي به هن کي شڪل، صورت، ادا ۽ انداز جي گهري ۽ پختي سمجهه ضرور هئي. ايئن به چيو ويو آهي ته انسان پنهنجي خيالن ۽ اڌمن جو اظهار اشارن رستي ڪندو هو، ان دور وارو انسان آوازن، واڪن ۽ رڙين وسيلي هڪ قدم جي گفتگو ڪرڻ سکيو هو. اهي آواز ۽ رڙيون هو جانورن، پکين، هوائن ۽ طوفانن، گوڙين ۽ گجگوڙين، زلزلن ۽ آبشارن وغيره کان سکيو. ان سلسلي ۾ ماهرن جو چوڻ آهي ته منڍ واريون ٻوليون فقط ڪن اسمن (نالن) ۽ حرف ندائن جو مجموعو هيون ۽ پوءِ آهستي آهستي انسان جي ذهن، جسماني اشارن ۽ حرڪتن جا طور طريقا ۽ انهن وچ ۾ رسمي لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو جوڙڻ ۽ پيدا ڪرڻ سکيو. ٻولين جي ماهرن، دنيا جي سڀني ٻولين کي اٽڪل روءِ ستن-اٺن خانن ۾ ورهايو آهي. ساڳئي طرح قديم گروهن ۽ قبيلن جون ٻوليون جي ڪهڙي به شڪل، صورت، ڍنگ ڍول، بيهڪ ۽ ويهڪ، بڻ بنياد واريون هيون يا آهن سي سڀ هن مهل تائين پوري طرح پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچي نه سگهي آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جا اصلوڪا ۽ پراڻا جهونا ڏوٻي سنڌي ٻولي جا اکر 'مارڪن' جي صورت ۾ ڪپڙن تي سڃاڻپ خاطر لکندا اچن ٿا، نه فقط ايترو پر سن 32 -1930ع تائين سنڌ جا واپاري ۽ سکر جا ماڻهو هندين ۽ دستاويزن تي پنهنجين صحين بدران پنهنجا

مخصوص مقرر ڪيل قديم مارڪا يا نشان هٽندا هئا، جن جي سرڪاري ۽ واپاري حيثيت قبول ۽ تسليم ڪيل هئي.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان سرويلر، جي لکڻ سبب 396 ۽ اي-ڊي-پسالڪر موجب چئن سون کان ڪجهه مٿي عام رايي موجب اٽڪل اٺ سؤ مهرون ۽ ٽائٽ لڌا ويا آهن ۽ اسڪوپار پولا جي ڳڻپ مطابق سنڌو لکت جا هزارين نشان مليا آهن، جن تي مختلف شڪليون شبيهون ۽ نشانيون اڪريل آهن. انهن تصويرن ۽ نشانين جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ ٻولين جي ماهرن ڪوششون ڪيون آهن، مگر مڪمل ڪاميابي اڃا ڪنهن جي نصيب ۾ نه آئي آهي. ان سلسلي ۾ ايس-سمٿ، سي-جي گئڊ، ارنيسٽ مئڪي، ڪي-اين-ڊڪشٽ، فادر هيريس، جي-آر هنٽر ۽ ايس-لئنگڊن جا نالا ذڪر جي قابل آهن. ’سنڌ صدين ڪان‘ جيڪو جڳ مشهور سيمينار ڪراچي ۾ مارچ 1958ع ۾ منعقد ٿيو هو، ان ۾ هڪ مشهور محقق اسڪوپار پولا ’سنڌو لکت جو اڀياس‘ جي عنوان سان هڪ تحقيقاتي مقالو پيش ڪيو هو. ان مقالي ۾ هن وقت تائين جيڪي ڪوجنائون سنڌي ٻولي بابت ڪيون ويون آهن، انهن جو اختصار سان مگر جامع جائزو پيش ڪيو ويو هو. مقالي جي پڇاڙي ۾ فاضل مصنف اها اميد ظاهر ڪئي هئي ته ”ليڪن هڪ ڳالهه جا صاف نظر اچي ٿي اها هي آهي ته سنڌو لکت جي مطالعي ۾ هاڻي نهايت دلچسپي جو اظهار ڪيو وڃي ٿو ۽ مون کي يقين آهي ته انهي شوق ۽ جستجو ۾ ڪيترا ۽ نئين قسم جا ڪارگر ۽ اثرائتا قدم کنيا ويندا ته جيئن سنڌو لکت جي ڳجهارتن کي گوشئه راز مان ٻاهر ڪڍي، صفحئه هستي تي نروار ڪيو وڃي.“ (سنڌ صدين ڪان ص-146)

اڄ انهيءَ اميد کي ٻه ڏهه سال گذري ويا آهن مگر ڳالهه اتي ئي بيٺي آهي. محترم سراج سنڌي ٻولي تي هڪ ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ جي نالي سان سن 1946ع ۾ لکي ڇپايو هو. ان ڪتاب ۾ فاضل مصنت سنڌي کي ٻين هند يورپي زبانن سان ڀيٽي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ”سنڌي هڪ مکيه ٻولي آهي جنهن مان اڪثر هند يورپي ٻوليون ’سنسڪرت‘ سميت جڙيون آهن، ان مان اهو ثبوت ملي ٿو ته سنڌي زبان ۽ ٻولي پنهنجي جوڙ جڪ ۽ بڻ بڻياد جي لحاظ کان، دنيا

جي شايد اها واحد ٻولي آهي جنهن جو ڪنهن بہ ٻولي سان بنيادي تعلق نہ هئڻ جي برابر آهي. ان باري ۾ مان محترم ابراهيم جويي کي هڪ سند طور پيش ڪريان ٿو. جويو صاحب لکي ٿو تہ ”ٻولي ئي آهي، جنهن جي بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ عليحده وجود نهي ٿو ۽ قائم رهي ٿو. سون هزارن بلڪ لکن سالن جي تاريخي پس منظر ۾ هي ٻولي پنهنجي مستقبل ۽ عليحده صورت اختيار ڪري ۽ قائم رکي سگهي ٿي. قومون پڻ پنهنجي تاريخ ۾ ايتريون ئي قديم آهن جيتريون سندن عليحده عليحده ٻوليون. ان ڪانسواءِ سنڌي زبان ۽ ادب جي هڪ ٻئي ڄاڻو ۽ سڄاڻ ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي، تہ سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ ئي تيار ٿيو. ان جو بڻ بنياد، ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، ساڳئي طرح فنس ۽ روسي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ”موهن جي دڙي جي ٻولي“ دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد آهي.“

3- سنڌ جي تهذيبي تاريخ جا ڪي اهڙا نمايان باب آهن جيڪي هن ملڪ جي تهذيب کي مصر، عراق، يونان، ايران ۽ روم جي پراڻين تهذيبن کان مٿانهون ڪن ٿا. هنن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ حقيقت وارو باب اهو آهي جو اهي سڀ قديم تهذيبون مري ڪپي ويون ۽ پويان فقط پنهنجا قديم آثار کنڊرن جي صورت ۾ ڇڏي ويون. اڄ جي مصر کي احرامن واري مصر 3188 ق.م سان، اڄ جي يوناني کي ڪريٽ 2400 ق.م ۽ ڊلفيا ۽ اولمپا واري يونان سان، اڄ جي روميءَ کي آڪاڙن ۽ رٿن واري روم سان 750 ق.م اڄ جي شامي، عراقي ۽ ايرانيءَ کي حمورابي (2100 کان 1792 ق.م) ۽ اسر بنيپال (668ق.م) جي تختين ۽ لنين سان ڪو بہ تعلق ۽ ڪنهن بہ قسم جو سبنڌ نہ رهيو آهي، مگر ان جي ابتڙ اها ڪيرٿر سنڌ يعني جابلو ۽ ميداني تهذيب ئي دنيا جي واحد تهذيب بچي آهي، جنهن جو اڄ ڏينهن تائين هن سرزمين تي رهڻ وارن انسانن سان سلسلو، لاڳاپو ۽ واسطو رهندو اچي ٿو، جيتوڻيڪ اهو تعلق بہ اوترو ئي پراڻو ۽ جهونو آهي. ان باري ۾ سَنَدَ طور ڊاڪا يونيورسٽي جي هڪ سابق وائس چانسلر صاحب آر-سي مجمدار جو بيان هيٺ پيش ڪريان ٿو:

سهرا ۽ ڳيچ، دهل شرنايون، ٿول ۽ ٽليون، ٽڙ ۽ ناڌ، نفليون، ٻوڙيندو ۽ چنگ چوڏيل ۽ ڦرٽيون، نوٽڻ ۽ ونجهوٽيون، رلڪا ۽ رليون، پٽڪا ۽ سٽڻون، پوتيون ۽ چنيون، مکڻ ۽ مانڌاڻيون، گنديون ۽ پليون، ڏِلا ۽ چاڏيون وغيره سڀ ڪجهه ڪالهه وانگر اڄ به سماج ۾ مروج آهن، اهي سڀ حقيقتون آر-سي مجمدر جي بيان کي سچو ثابت ڪن ٿيون ته سنڌ جي اڄ واري ثقافت ۽ تهذيب کي ماضي جي تهذيب ۽ ثقافت سان ساڳيو رشتو ۽ تعلق آهي، هڪ نه متجنڌڙ تسلسل!

ساڳي وقت سر ويلر وري هڪ وڏيڪ اهميت واري ڳالهه ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته:

.... the Indus civilization can claim a larger area then any other of the known pre historic or preclassical civilizations, he further writes, behind so vast a uniformity must be an administration and economic discipline how ever exercised, of any impressive kind. P-3 publication.

ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر رفيق مغل ڪري ٿو ته:

The evidence shows that the area covered by the Indus civilization was larger than any of the known civilization of the ancient world.

Dr. Mughal further writes, the picture of the Indus civilization as presented to us through many years excavation, is that of highly disciplined society possesing sufficient economic wealth to moblize labour and to support full time craftsmen. It also possessed resources to engage in long distance trade or exchange of products. The existence of interrelated but highly developed sociopolitical and religious institution as reflected through their well planned cities, public buildings large fortifications, granaries and standarization of material equipment through mass productaion is evident.

(Present State of Research on Indus Valley civilization).

سر ويلر ۽ ڊاڪٽر مغل جي مٿي ڏنل لکڻين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو، سنڌو تهذيب پنهنجي اوج ۽ عروج واري زماني ۾ دنيا جي، سڀني متمدن ۽ مشهور تهذيبن جي مقابلي ۾ وڏيڪ ۽ تمام وسيع علائقي ۾ ڦهليل هئي. ان کان سواءِ اها تصوير جيڪا سنڌو تهذيب جي وڏيڪ

ڪوٽائين مان مليو تي، ان مان موهن جي دڙي ۾ هر هڪ گهر ۾ کوهه مليو ٿو. ان کان سواءِ هڪ وڏو تلاءُ يا حوض ۽ سنڌ جي هر ڳوٺ جي پرسان ننڍي وڏي ڍنڍ، ڍوري يا ڪڏ جو هجڻ ثابت ڪري ٿو ته سنڌ هڪ گرم ملڪ آهي جنهن ۾ فقط ٻه مندون ٿين ٿيون. هڪ اونهارو ۽ ٻي سياري جي مند. سيارو ويهين نومبر کان وٺي ويهين فيبروري تي ختم ٿئي ٿو ۽ باقي سال جا نو مهينا اونهارو آهي. سياري ۾ ٿڌ گهٽي پوي ۽ اونهاري ۾ گرمي. ان سلسلي ۾ پٽاوالا صاحب جا هيٺيان جملا ثابتي يا سند طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

The temperature of the air however seems to have been the same, if not higher than at present because cotton was grown and cotton clothes were worn, the great bath is also a proof that summer days were hot and the growth.

صاف ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌو تهذيب وارو سماج هڪ منظم سماج هو. اهو سماج، جو اقتصادي طور تي شاهوڪار هو، جنهن وٽ تمام گهڻا وسيلا هئا، جنهن ڪري تمام گهڻو تعداد پورهيتن ۽ هنرمندن جو ڪم ۾ لڳائي ٿي سگهيو. ان کان سواءِ ڏور ڏيساورن سان واپاري ناتا ۽ شين جي مٽا سٽا جو بندوبست به ڪري سگهيو ٿي. پڪيون ۽ پڪيون گهٽيون ۽ ڊرمي شاندار عمارتون، شهرن جي بيهڪ ۽ اڏاوت، شهر پناهون، اناج جا گدام، وهنجڻ جون جايون ۽ عام جام گهرو استعمال جون شيون ڪليل ۽ صاف دليل آهن ته سنڌ يا سنڌو سماج هڪ صاف سٿرو، شاهوڪار، فلاحي منظم ۽ موثر سماج هو. اهو ته تاريخ کان اڳ واري دور جو سماج هو، جڏهن تاريخ جي وچين دور 'روزانو وهنجڻ' شاهوڪار ۽ وڏن گهراڻن ۾ عيب سمجهيو ويندو هو.

Aristocarats in medivieval times considered bathing a sign of poverty and the need to labour, and many boosted. They had never taken a bath. (Daily Star-16th May 1985).

4. سنڌ جي آبهوا متعلق سر ارل اسٽين، ايلس ورٿ، سر جان مارشل جا رايا آهن ته سنڌ ۾ اڄ جي مقابلي ۾ اڳي تمام گهڻو ۽ جهجهو پاڻي موجود هو. ان جو سبب گهڻي برسات (؟) ۽ گهڻين ندين ۽ نئين جو

وهڻ هو. سنڌ کي ندين جو ملڪ "The land of Rivers" به سڏيو ويو آهي، جنهن ڪري ان زماني ۾ سنڌ وڌيڪ آباد ۽ شاداب هئي. موسميات ڪاتي جي هڪ سربراهه جو حوالو پٺاوالا جي ڪتاب "هسٽاريڪل جاگرافي آف سنڌ" (صفحو 24) ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر سي-ڊبليو-نارمنڊ چيو آهي ته:

More rains in the summer months was possible in Sindh and Balochistan at the time for the Indus valley civilization.

تمام گهٽي ۽ جهجهي پاڻي هئڻ جي حقيقت ان ڳالهه مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ گهاٽا ٻيلا ۽ وڏا جهنگ هئا، جن ۾ مينهون، چيتا، شينهن، ڦاڙها ۽ هاتي تمام وڏي تعداد ۾ رهندا هئا، جن جا پنڊ پهڻ (Fossils) به ملن ٿا. ساڳيءَ طرح درياهن ۾ ٻلهڻ ۽ واڳون به رهندا هئا. ان ڪري ڪن عرب مؤرخن نيل ۽ سنڌو درياهن جو پاڻ ۾ تعلق به ڏيکاريو آهي. درياهن ۽ ڍنڍن ۾ مڇي به جام هوندي هئي، جنهن ڪري سنڌين کي مڇي کائو (Fish Eaters) به سڏيندا هئا ۽ سنڌي اڄ به مڇي کائو آهن.

5- جناب مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "تاريخ تمدن سنڌ" جي صفحي 97 تي سنڌين جي فوجي قوت واري باب ۾ لکي ٿو ته: "دارا اعظم جنهن جي شهنشاهيت سنڌ کان حبش تائين 127 صوبن ۾ ورهايل هئي...... سنڌي سوار ۽ پيدل فوج جا سپاهي هئا. سنڌن پوشاڪ سوٽي ڪپڙي جي هئي ۽ سنڌن هٿيار تير ڪمان هئا، تير ڪانن ۽ ٻيدن جا جڙيل هئا، جن جا مٿا لوهه جا هئا. اهي پاڻ سان هلڪا رٿ به ڪٽندا هئا."

ساڳي ڳالهه پٺاوالا، هيروڊوٽس جي حوالي سان ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

The Indians wheat is a sign of winter cold sufficient for the corn to thrive hastly, the rhino ceras existed always in an almost steamy heat. Actually more often under the equator then anywhere else. (Historical Geography of Sindh P-5)

پٺاوالا صاحب لکي ٿو ته سنڌ ۾ جيڪو گرمي جو پد آهي، سو گهٽو ڪري ساڳيو آهي، هتي ڪپهه (وئونڻ) پوکي وڃي ٿي ۽ سوٽي ڪپڙو پهريو وڃي ٿو. ڪڻڪ جي پوکي سردي جي ثابتي آهي ۽ رائنا سيرس يعني "گينڊو" خط استوا جي گرمي پد کي ثابت ڪري ٿو. اها به

حقيقت آهي ته ڪٽڪ پهرين سنڌ ۾ پوکي ويئي ۽ چين ۾ پوءِ يعني 2700 ق. م ۾، مون وٽ ڪٽڪ جو مڇو پهڻ جي صورت ۾ حالت ۾ موجود آهي.

آبهوا جي انهن حالتن کي سامهون رکي، سنڌ جي سڀني پراڻن شهرن ۾، اسان اڄ تائين پنهنجن گهرن جا منهن اوڀر طرفن ڏانهن ڪندا آيا آهيون ته جيئن اونهاري ۾ سنڌ جي تيز ۽ سخت گرم ڪرڻ کان ۽ سياري جي سرد هوائن کان بچائي رکون. ان کان سواءِ اسان وٽ وٽندڙ ٽڏيون هيرون هميشه ڏکڻ ۽ اوڀر کان لڳنديون آهن. عام چوڻ آهي ته "آءُ ڏکڻ ڏيهي، پيچ مڇرن جي پيهي." گهرن جي ان طريقي جي اڏاوتن سبب، اسان جا ڳوٺ ۽ شهر ڏکڻ- اوڀر طرفن ڏانهن وڌيا ۽ ڦهليا آهن. سنڌ جي پراڻن دڙن، ڪوٽيرن ۽ بنين وغيره جي بيهڪ به اسان جي اڄ جي قديم پراڻن شهرن جي اڏاوتن مطابق آهي. مان اهو ڏسي حيران ٿيس ته سنڌ ۾ جيڪي به غارن ۾ رهڻ وارن انسانن جون رهائشي غارون سلامت آهن انهن جا منهن به گهڻو ڪري اوڀر ۽ ڏکڻ طرفن ڏانهن آهن. اوهان ڪنهن ماٿري ۾ پالڪي تيرٿ جي چشمن پرسان موجود غارون گهمي ڏسو. ڊاڪٽر خان چوي ٿو ته "سنڌو تهذيب جو تهذيبي وهڪرو ڏکڻ اوڀر ڏانهن ويو آهي، وجوء انهن جي گهٽين ۾ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليون گهٽين جي وچ ۾ نهيل آهن. سيوهڻ، بوبڪ، شڪارپور وغيره پراڻن شهرن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو ساڳيو بندوبست آهي. گويا اسان جي گهرن، گهٽين ۽ شهرن ڏانهن اڏاوت ساڳي نموني جي آهي، جيڪا صديون اڳي اسان جي ابن، ڏاڏن ۽ انهن جي وڏن جي زماني ۾ هئي" حڪيم نياز همايوني سنڌ جي طبي تاريخ جي صفحي 62 تي هڪ محقق جو حوالو پيش ڪيو آهي ته خشتي ڪتبن ۾ سنڌ جي شهر رهواسين بابت لکيو ويو آهي ته "هي اهو شهر آهي، جتي ڪنواريون ڇوڪريون گهرن ۽ گهٽين ۾ گندو پاڻي نٿيون هارين."

Were garments of tree wool (Cotton) and carried bows of reed and iron tipped arrows of the same (Historical Geography of Sindh P-58)

پروفيسر چيتن ماڙيوالو، صديقي م-ادريس ۽ حڪيم نياز به پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌ جي ڪپهه جو ذڪر ڪيو آهي. سڀني لکيو آهي ته

ڪپهه ۽ ان مان ٺهيل سوٽي ڪپڙي کي سوميري "سنڌو" يوناني "سنڊان" ۽ مصري "سينڊال" ڪري سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ڪپهه ان دور ۾ فقط سنڌ ۾ پوکي ويندي هئي. ايران، سمير، يونان ۽ مصر ملڪن کي ڪپهه جي ڄاڻ 465 ۽ 330 ق. م تائين ڪانہ هئي. ايراني ۽ سميري ان کي Tree Wool ڪري سمجهندا هئا. هوروڊوٽس (474-429 ق م) بہ ڪپهہ لاءِ ٽري وول لفظ استعمال ڪيو آهي، جو اصل ۾ ڪپهہ لاءِ جرمن لفظ آهي.

6- موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي، دڙي جي مٿين تهن مان مٽيءَ کي هڪ اهڙي مهر دستياب ٿي جنهن تي ٻيڙي جي شڪل گهڙيل آهي. وري راءِ صاحب کي گجرات ۾ سنڌو تهذيب جي هڪ مکيہ ۽ مرڪزي شهر لوٿل مان، پڪل، مٽي جا ٺهيل ٻيڙين جا ڪي نمونا مليا آهن. اهي ٻوتا ٽن قسمن جا آهن. انهن مان هڪ تمام سهڻي ماڊل واري ٻيڙي آهي. جنهن کي تري ۾ تلو ۽ نوڪدار ڪنڊو Keel، ڇهنبدار ڪَمان ۽ سخت پاڇل آهن. پاڇل ۾ هڪ سوراخ آهي جنهن ۾ سڙهہ چاڙهڻ لاءِ لڪڙو کوڙيو ويندو هوندو. نہ فقط اهو پر راءِ صاحب کي هڪ اهڙي ٺڪري بہ ملي آهي، جنهن جي شڪلين مان منڇر تي رهڻ وارن مير بحرن جي ٻيڙين، ڪارين ۽ پاليل پکين جو نظارو اکين اڳيان تري ٿو اچي. ڊاڪٽر فيئر سروس موهن جي دڙي مان لڌل مهر واري ٻيڙي کي مسر ۽ سمير جي تهذيبن واري ٻيڙي سان مشابهت ڏني آهي، مگر مان ذاتي طور ان خيال جو آهيان تہ اها ٻيڙي سمنڊ تي سفر ڪرڻ واري ٿي سگهي ٿي. سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارن ٻيڙين ۽ غورابن جا پاسا آڳل ۽ پاڇل مٿي-اڀيون رکيون وينديون هونديون تہ جيئن سامونڊي لهرن کان سولائي سان بچاءُ ڪري سگهجي.

سنڌ ۽ سمير جي وچ ۾ تمام گهڻو سامونڊي واپار هلندو هو جنهن جو ذڪر هر هڪ محقق ڪيو آهي. سر ويلر لکي ٿو تہ:

...... reference may be made to certain Sumerian and akkadin cuneiform documents which refer to a land called dilmun or telmun. This was in one sense regarded as an other worldly paradise.

A place where the sun rises i.e some where to the east to summer, but it was a substantial source of material goods: ships of dilmun brought wood to ur nanshe of lagash about 2450 B.C.

سمير ۽ اڪار جي ڪن تختين تي ڪنهن هڪ اهڙي سرزمين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي سلمون يا تلمون سڏيو ويندو هو. يعني اها سرزمين جنهن مان يا جتان سج ابري ٿو، جيڪا سمير جي اوڀر ۾ آهي، جتان تمام مال ۽ سامان اچي ٿو. دلمون جا ٻيڙا ڪاٺ ڪٽي لاگاش جي اُر بندر تي آڻيندا هئا. اهو واپار 2450 ق. م ۾ هلندو هو.

اين.جي مجمدر لکي ٿو ته:"سيوهڻ شهر ۾ عقيق ۾ ڪِرڙ جي ڪاني سان اهڙي جڙاوت ڪئي ويندي هئي جا ان قيمتي پٿر جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ کان سواءِ ٻاهر نه نڪرندي هئي، اهي عقيق جا مڻيا ٻهمن آباد، موهن جي دڙي، چانهو جي دڙي ۽ هندوستان جي ٻين قديم شهرن مان لڌا ويا آهن. سمير تهذيب جي هڪ قديم شهر ڪش (Kish) مان به ان قسم جا مڻيا مليا آهن. سيوهڻ شهر ۾ ڪنهن وقت صراف ۽ جوڙيگر بزاريون هيون، اڄ ڪنڊرن جي حالت ۾ به نظر نٿيون اچن.

7- سنڌ جي طبعي جاگرافي جي مطالعي ڪرڻ سان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اهڙا بند يا بنڌڙيون، ماهرن کي ڏسڻ ۾ آيون آهن جن ماهرن کي حيرت جي عميق درياهه ۾ اڇلي ڇڏيو آهي. انهن بندن جي قدامت، ساخت ۽ افاديت اڄ جي پڙهيل ڳڙهيل انجنيئرن لاءِ عبرت جو باعث آهي. انهن بندن کي عام طور گبر بند سڏيو وڃي ٿو. انهن بندن بابت ايچ.ٽي.لئمبرڪ جو رايو غور طلب آهي:

The circumstantial evidence for the belief that the gobar bands outdated the persian monarchy is on the whole stronger in the first place, it is obvious that there must have been some that connection between them and the numerous remains of settlement, in their vicinity, these works enabled agriculture on scale sufficient of support a population for larger and more stable then that of the present time. Man of the mounds indicate by their very height a long period of probably continuous habitation. Excavations of them, up to the time of writing, has not proceeded experimental trenching except in a few

instance, but the relics recovered all belong to one of other of the bronze Age peasant.

Cultures which were scattered through out western asia between 3000 to 1000B.C...the same prehistoric people who long inhabited the numerous village sites in the region were skilful agricultural engineers, and devoted much hlabour to adapting the possible cultivation.

(Sindh A Genral Introduction p-54)

ايڇ- ٽي لئمبرڪ موجب، اهي گبر بند ايراني حڪمرانن جي دور کان اڳ جا آهن. انهن بندن ۽ بندن جي ويجهو جيڪي وسنديون لڌيون ويون آهن، تن وچ ۾ گهرو تعلق آهي جا ڳالهه صاف ظاهر آهي. انهن بندن جي وسيلي زراعت کي وڌي هٽي تي ملي ۽ ججهي آبادي ۽ آدم لاءِ خود ڪفيل هئا. بندن جي ويجهو جيڪي دڙا ۽ بنيون لڌيون ويون آهن سي ايتري قدر تہ مٽي اوچيون آهن جو ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ اتي ڪافي گهٽي وقت تائين ماڻهن جون وسنديون هيون.... اهي تاريخ کان اڳ واري دور جا هن ڌرتي تي رهندڙ ۽ هوشيار ماهر زراعت پيشي وارا انجنيئر هئا ۽ انهن جو گهڻو وقت، محنت ۽ آسپاس وارين زمينن کي پوکي لائق بنائڻ ۾ صرف ٿيندو هو. اڳتي هلي لئمبرڪ لکيو آهي تہ ايراني حاڪمن پنهنجي اقتدار واري زماني ۾، انهن بندن جي مرمت، پنهنجي آمدني ۽ خرچ جي واڌاري جي خيال کان ٿي سگهي ٿو تہ ڪرائي هجي. اهو ئي سبب آهي جو ايراني حاڪمن وٽ وڏي ۾ وڏو زرخيز، اپت ۽ خراج ڏيڻ وارو صوبو سنڌ هو، جتان کين تازه دم فوج بہ ميسر ٿي سگهي ٿي. ان قسم جا بند پونوچ سمنڊ، يا تامل يا ايراني ۽ عراقي علائقن ۾ نظر نہ آيا آهن. انهن بندن جا معمار خالص سنڌي هنرمند، پورهيت ۽ پوکي ڪرڻ وارا هئا.

8- هاڻي مان صدين جي پراڻي ڪريل، گندي، خود غرضي ۽ حسد ۽ ڪيني واري هڪ روايت جو ذڪر ڪندس. جيڪا سنڌين جي مزاج جي ترجماني ڪندي. جيتوڻيڪ هر هڪ سمجهدار سنڌي جو، ان سبب ڪري شرم وچان ڪنڌ جهڪيو وڃي. سڪندراعظم 356-323 ق.م جي اميرالبحر نيرڪس جي سفرنامي تي تبصرو ڪندي وليم ونسينٽ لکي ٿو تہ:

اها حقيقت به پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح ۽ درست آهي ته وڏيڪ شاهوڪار تهذيبن پنهنجا اثر ۽ نشان، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي طور گهڻ شاهوڪار تهذيبن تي ڇڏيا آهن. جيئن اي-ڊي پسالڪر پنهنجي مضمون ”دي انڊس وئلي سوليزيشن“ ۾ لکيو آهي ته:

The most important piece cf e'idence tesifyies to the influence of the Indus valley on summer is the fashion of hair dressing adopted by sumerian women from the Indus valley.

هڪ مکيه ثابتي جنهن موجب سنڌو تهذيب جو سميرين مٿان اثر ظاهر ٿئي ٿو اسا آهي وارن جي سينگارڻ جو فن- جيڪو سنڌو تهذيب وارن سمير تهذيب وارن کي سيکاريو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سمير تهذيب سنڌو تهذيب کان گهڻو ڪجهه پرايو ۽ ورتو ۽ موٽ ۾ ڪي معمولي واپاري شيون سنڌو تهذيب وارن کي وڪڻيون، مٿيون حوالي پسالڪر صاحب، ڪارلٽن جي ڪتاب (Buried Empires) مدفون شهنشاهتون تان قلمبند ڪيو آهي.

ساڳي طرح پسالڪر صاحب ان دعويٰ کي به رد ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب جا خالق (Authors) ڪي سميري يا آرين آهن. هو صاحب البت ان ڳالهه کي قبول ڪري ٿو ته سنڌو تهذيب جي پڄاڻي ۽ پڇاڙي واري دور ۾ آرين جو ڪجهه اثر ڪن ماڳن تي نظر اچي ٿو ۽ بس، ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر ايف. اي. خان ڪري ٿو.

خان صاحب لکي ٿو ته:

If the liks between the Indus and the sumerin civilization are simply due to trade and do not point to a common origion, then the discovery of the Indus civilization is even more significant, because it reveals a high degree of cultural development which occurred independently in the Indus vally.

ڊاڪٽر خان صاحب ”If“ جو جواب مان اڳي ئي مٿي پسالڪر جي حوالي سان پيش ڪري آيو آهيان.

ٽن چئن سالن کان هڪ جرمن محققن جي ٽيم ڊاڪٽر م- جينسن Dr. Michcal jansen جي رهبريءَ ۽ ٻي ٽيم اٽلي جي ماهرن جي ڊاڪٽر م- توزي (Dr. Maurizio Tasi) جي رهنمائي هيٺ، گڏيل محنتن سان موهن جي

دڙي تي ڪم ڪري رهيون آهن. انهن ٽيمن جي محنت ۽ تحقيق جي ڳڻيل رپورٽ، بلڪل ويجهڙائي ۾ شايع ٿي آهي. ان رپورٽ ۾ هنن صاحبن موهن جي دڙي مان حاصل ٿيل پٿرن جي مجسمن تي به تحقيق ڪيل مواد شايع ڪيو آهي. ان رپورٽ ۾ واضح ۽ صاف لفظن ۾ لکيو ويو آهي ته پٿر جي مجسمن يا ٻين گهڙڻ جو فن، موهين تهذيب وارن جو پنهنجو هو. بادشاهه پروهت وغيره وارا بوتا سنڌين پنهنجي تخيل ۽ محنت سان گهڙيا آهن. اهي نه ميسوپوٽيميا نڪي هلمند وارين تهذيبن کان حاصل ڪيا ويا آهن. ان تحقيق اهو به ثابت ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب، سنڌو ماتري ۾ ئي اپري ۽ اسري هئي ۽ سنڌ ۾ رهڻ وارا سنڌو تهذيب جا خالق ۽ معمار آهن. مان ان رپورٽ مان به ٽڪرا (Extracts) پيش ڪري رهيو آهيان:

Obviously certain characteristics like the headband and the hair style of the divided bun and the two plaits gave reason to assume cultural contacts with helmand civilization and more west with the mesopatamia, but the essential significance of the images must not be necessarily be equivalent. The iconographic attributes show despite their similarities to heighbouring countries mush individualism in their composition so that this is one more argument for the distinct character of the Harappan civilization.

It was the trefoil design on the garment of the "King-Priest" which initiated the interpreation as image of a divine individual and the so called Kidney-Shaped Kidney-Shaped from of the ears underlines in our regard the important meaning of the bust-A careful examination of the position if it is slightly extented right arm could, on the background of the posture of the other full length scluptures, allow a reconstruction of the fragment in to a "squatting figure" with hands resting on the knees. In this way, the number of stone sculptures from Mohan Jo Daro would extend to a total of eight figures, whose typical attribute is the Pase of prostration. The subject matter several seals may elucidate the ritual context in which we have to imagine the stone sculpture." (Interim Report vol.II SMEO-Aachen-University Mission, P-154)

مٽئي مٽي جي هئا، تن چٽن ڦيريم چٽُ،
هار ڪتيندس هوڏ ۾، نبيهه ٿيندم نت،
ڪونرو جو ڪرت، مونهان مٿانهون ٿيو.

۽ دل سنڌوءَ جي انهن ڪاريگر ڪنڀارن کي سؤ سؤ سلام ڪندي آهي جن جي چٽن منهنجو منهن ۽ مانُ مٿي ڪيو آهي ۽ من موهيو آهي. اهي چٽ جتي اسان جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي فن، هنر، آسودگي، خوشحالي، خوش مزاجي، منظم ۽ موثر سماج جي شاهدي ڏين ٿا، اُتي اسان جي تاريخي قدامت ۽ ان سماج ۽ سڀيتا جي اولاد ۽ وارث هئڻ جي به ساک ڀرين ٿا.

مان هتي هڪ ٻي ثقافتي اهڃاڻ جو ذڪر ڪرڻ به ضروري سمجهان ٿو اهو آهي اجرڪ ۽ جُتي. موهن جي دڙي مان جيڪو پروهت بادشاهه يا ٻين لفظن ۾ سُکر ماڻهو جو مجسمو (Bust) حاصل ٿيو آهي ان کي سوٽي اجرڪ پهريل آهي جنهن تي "ٽڪلو" ڇاپو يا چِر جو ڪم ٿيل آهي. ان ساڳئي قسم جي گلن وارو اجرڪ صدين کان وٺي اڄ تائين، اسان وٽ استعمال ۾ ايندو رهي ٿو ۽ مقبول آهي جڏهن ته موهن جي دڙي جي ڪوتائي ڪالهه جي ڳالهه آهي. ساڳي طرح سُکر عورتون تن گلن وارين جتيون به استعمال ڪنديون هيون ۽ ڪن گهراڻن ۾ اڃا تائين استعمال ۾ آهن. تن گلن واري جتي مان سُکر پڻي، سونهن ۽ سوڀيا جو اظهار ٿئي ٿو ۽ سنڌي عورت جي وقار ۽ شخصيت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان جتي ۽ اجرڪ مان اسان جو تشخص ظاهر ٿئي ٿو.

ان کان سواءِ کير-مکڻ يا ڦٽي ۽ ڏڌ، ڇاڏي ۽ مانڌاڻي، ڳوٺائي سماج ۽ زندگي ۾ برڪت ۽ آسودگي جون نشانيون سمجهيون وينديون آهن. ان ڪري مالوند کي پاڳيو يعني پاڳ وارو ڪري سڏيو ويو آهي. سو پاڳيا کير مان وڌيڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مانڌاڻي يا ڇاڏي جي ڪني سان تائيت ۽ تعويذ ٻڌي ڇڏيندا آهن، اها رسم اسان وٽ ڪا نئين نه آهي. فقط عقيدي ۽ اعتقاد جي ڳالهه آهي، ۽ عقيدا انسان جو شعور ۽ سماج جي ارتقا سان گڏ بدلجندا آهن. اسان جا وڏا ۽ انهن جا وڏا اڄ کان پنج ڇهه هزار سال اڳ ڇاڏين تي مکڻ جي وڌيڪ اپت لاءِ ديوين کي ڇاپي يا چٽي ڇڏيندا هئا ۽ ڇاڪاڻ ته کير ڏيڻ وارا جانور جهڙوڪ مينهن، ڳئون

۽ ٻڪري سڱن وارا جانور آهن. ان ڪري ڇاڏي مٿان ديوي کي سڱن سوڌو ڇٽيو ويو آهي، جنهن کي قديم آثارن جي ماهرن سڱن واري ديوي (Horned deities) جي نالي سان قلمبند ڪيو آهي. ان ديوي جي ڇٽن واريون ڇاڏيون، ماهرن کي ڪوٽ ڏجي جي ڪوٺائي مان حاصل ٿيون جي ڇٽن کان سواءِ باقي صورت، شڪل ۽ بيهڪ ۾ اڄ جي ڇاڏين جهڙيون آهن يا ٿوري گهٽي ڦير گهير اٿن.

اهو سڀ ڪجهه اسان جي ابن ڏاڏن، وڏن ۽ وڏڙن جو ورثو ۽ دستور، ڇٽ ۽ ڇٽساليون، فن ۽ هنر، ريتون ۽ رسمون، اسان اڄ تائين ڪمال سعادتمندي سان لاشعوري طور ڪنيو ۽ سنڀاليو اچون ٿا. هاڻي جيڪڏهن اسان پاڻ کي سنڌو تهذيب جا خالق ۽ معمار ۽ موروثي وارث نه سمجهون يا پنهنجي ان شاندار تاريخي ۽ ثقافتي دور جي ماضيءَ کان انڪار ڪريون ته اها اسان جي بدبختي، جهالت ۽ ڪوتاهه انديشي کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿي. اها صدين جي پراڻي تهذيب ئي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان سان ئي اسان جو تشخص آهي.

جيڪڏهن دنيا جا عالم ۽ محقق ان نتيجي تي پهتا آهن جيئن سر پي-آر ڪوڊيل چوي ٿو ته ٽالمي جي لفظ "مناگر" سنڌو جي ماڻهن لاءِ ۽ ڪاٺياواڙ جي مناس لاءِ استعمال ٿيو آهي. رائل ايشاٽڪ سوسائٽي جي سال 1938ع واري جنرل ۾ سر ڪوڊيل ڏانهن هڪ حوالو منسوب ڪيو ويو آهي.

Sir, P.R Codell ascribes Miniaar (Mentioned by Ptolemy) to the aboriginal tribe of the Muhanes of Sindh and minas of Kathyawar.

ان لکت موجب سنڌ جا اصلوڪا رهندڙ سنڌ جا مهاڻا آهن، يا وري جيئن هڪ ٻئي محقق چيو آهي ته:

"Taking the totality of available evidence, the hypothesis of a ravidian authorship of the Harappan civilization seems to offer the most promising line of investigation." (Ancienct cities of Indus. P-262)

ساڳيءَ طرح جواهر لعل نهرو به چيو آهي ته اسان کي هاڻ ڪنهن دستوري ۽ عملي مقصدن لاءِ دراوڙن کي ئي سنڌ جا اصلوڪا رهواسي سمجهڻ گهرجي.

هو صاحب لکي ٿو ته:

"Who were these people of the Indus valley civilization and when had they come? We do not Know Yet."

It is quite possible, and even probable, that their culture was an indigenous culture and its roots and off shoots may be even in southern India for all practical porposes we can treat them as the indigenous inhabitants of India.

(Discovery of India P:60,61)

پنڊت نهرو جي ان خيال سان اختلاف ڪرڻ هڪ لازمي ۽ ضروري ڳالهه آهي ته سنڌو تهذيب جون پاڙون ڪو ڏکڻ هندوستان ۾ هيون ۽ دراوڙن جو تعلق ڏکڻ هندستان سان هو. البت اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي درست آهي ته آرين جي، اچڻ کان پوءِ سنڌو جا اصلوڪا رهواسي لڏي ڏکڻ هندوستان ۾ ڀين پاسي ويا هيا ۽ اهي جتي ويا اتي پنهنجي مادري تهذيب جون باقيات به پاڻ سان کڻي ويا.

ڪن محققن ۽ مفڪرن جو چوڻ آهي ته سنڌو تهذيب جو ٻيو نالو ويدن واري تهذيب آهي. انهن محققن رگ ويد جي لکتن کي دليل طور پيش ڪيو آهي، مگر سر جان مارشل ان دعويٰ کي به مؤثر ۽ وزندار دليلن سان رد ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته سنڌو تهذيب، ويدن يا آرين واري تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي ۽ ٻنهي تهذيبن جي وچ ۾ هزارسالن جي وڇوٽي آهي. ويدن واري تهذيب سنڌو تهذيب جي پڄاڻيءَ ۽ پڇاڙيءَ واري دور ۾ وجود ۾ آئي. ان ڪري ان تهذيب، سنڌو تهذيب جون ڪي مکيه روايتون، ڌرمي رسمون ۽ ڪن رواج پنهنجي تهذيبي ورثي ۾ شامل ڪيا. باقي جيتري قدر سنڌو تهذيب جو تعلق آهي ته ان جي هڪ مجيل جداگانه حيثيت آهي، ان حقيقت جو اظهار پنڊت نهرو هيٺين جملن ۾ ڪيو آهي.

It is interesting to note that at this dawn of Indian's story, she does not appear as a puling infant but already grown up in many ways. She is not oblivious of lifes ways lost in dreams of a vague and unrealizable supernatural world, but has made considerable technical progress in the arts and amenitis of life,

creationg not only things of beauty, but also the utiliterian and more typically emblems of modern civilization good baths, and drain systems (Discovery of India p-60)

پنڊت نهرو جو اعتراف ته سنڌو تهذيب، فن ۽ هنر ۾ زندگي جي ضروري آسائشن ۽ سهولتن ۾ حسين شين جي ايجاد ۾، سٺريل سماج جي سوڌ واري ڪمن ۾ سٺريل هنري ۽ ڪاريگري جا اپاءَ ورتا- يعني صاف سٺريون وهنجڻ جون ڪوٺيون ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون.

ڪيترن عالمن جو اهو رايو آهي ته هن ويهين صديءَ ۾ جيڪڏهن قديم آثارن جي ماهرن کان ڪا عظيم تاريخي کوجنا ٿي آهي ته اها آهي "سنڌو تهذيب جي دريافت"، ان تهذيب جي قدامت بابت صحيح فيصلو نه ٿي سگهيو آهي ڇاڪاڻ ته تهذيب جي مکيه ۽ مرڪز موهن جي دڙي ۾ زير زمين پاڻي (Sub-soil water) جي نڪري اچڻ جي (Mahen) ڪري هيٺ ڪوٽائي وڌن خطرن کان خالي نه آهي ۽ جيستائين مڪمل کوٽائي نه ٿي آهي تيستائين ان تهذيب جي عمر ڪٿڻ يا مقرر ڪري چئڻ هڪ ڏکيو مسئلو آهي. بهرحال هن مهل تائين ڊاڪٽر مهتا ان جي عمر ست هزار سال، مسٽر چلڊ ان جي عمر حضرت نوح جي طوفان کان وڌيڪ قديم، مسٽر منشي ڇهه هزار سال ۽ مشهور محقق ايچ جي- ويلس جي خليج فارس ۾ جهاز راني واري تحقيق موجب ڏهه هزار سال يعني اٺ هزار ق.م تائين ڪٿي سگهجي ٿي. مهر ڳڙهه جي دريافت ۽ کوٽائي ست هزار سال ق. م تائين پهتي آهي.

گذريل آڪٽوبر مهيني ۾ اسلام آباد ۾ ڇهين اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائي جنهن مون کي لوڏي ڇڏيو. يعني "اصحاب رس" قرآن شريف ۾ ان قوم جو ذڪر سوره فرقان ۽ سوره ق- م عاد شمود ۽ ٻين قومن سان گڏ آيو آهي. سيد قاسم محمود پنهنجي ضخيم ڪتاب اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ۾ اصحاب رس جو حوالو صفحي 174 تي قلمبند ڪيو آهي ۽ لکي ٿو ته

اصحاب رس ان قبيلي يا ماڻهن لاءِ چيو ويو جن جو کوهه يا کوهن سان تعلق هو. جيڪڏهن اهو حوالو کوهن ڏانهن آهي ته پوءِ کوهن وارا شهر، دنيا ۾ سنڌو تهذيب وارا ئي شمار ڪيا ويا آهن؟ ان بابت وڌيڪ ڪجهه لکڻ کان قاصرآهيان.

11- ”اصحاب رس“ متعلق مطالعو ڪندي، منهنجي نظرن مان ڪن اهڙن محققن جا مضمون گذريا جن سمير وارن جي تحريرن جو غور سان مطالعو ڪيو هو. انهن جي تحريرن ۾ دلمون ”Dilmun“ يا تلمون ”Telmun“، ماڪن ”Makkan“، ۽ ميلوها ”Meluha“ شهرن جو احوال مليو. دلمون بابت چيو وڃي ٿو ته ”دلمون جي زمين پاڪ (Holy) آهي. دلمون جي زمين صاف ستري آهي. هتي ڪانو رڙيون (ڪان ڪان) نه ٿا ڪن. هتي شينهن ڪنهن کي ڦاڙين چيرين نه ٿا. هتي بگهڙ رڍ کي نه ٿو کڻي. هتي ڪنهن به ننڍڙي ساهه واري تي ڪتو نه ٿو ٻونڪي. هتي جهنگلي جانور سوئر پوکون نه ٿا پٽين. هتي ڪوئن تي بيواهن طرفان هاريل جَوَ پکي به نه ٿا کائين. نڪي ڪنهن کي اکين ۾ سور پوي ٿو. هتي عمر رسيد مرد يا عورت پاڻ کي ضعيف ۽ پوڙهو نه ٿو/ ٿي سمجهي. هتي ڇوڪريون گهٽين ۾ گندو پاڻي نه ٿيون هارين. هتي ڪنهن به ڪنواري ڇوڪري کي (سنت سبب) وهنجڻو نه ٿو پوي. هتي ندي اڪرڻ (شايد وقت يا حياتيءَ جو سفر) واري کي ڪنجهڻو نه ٿو پوي. هتي مرثيو پڙهڻ وارو ڪونهي، نڪي پروهت کي ڦيرا پائي گوڙها وهائڻا پون ٿا. دلمون ۾ مٺي پاڻيءَ جا کوهه ۽ چشما آهن. دلمون ۾ ٻنيون سرسبز فصل اپائين ٿيون. دلمون جا ٻيڙا ڏيساور ڏانهن مال نين ۽ آڻين ٿا، جنهن شهر جي رکوالي ماتا (ننسيڪلا) ڪري ٿي. اهو شهر سمير جي اوڀر ۾ آهي جتان سج ابري ٿو.“ اهو ڪتبو به هزار سال ق. م پراڻو آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ”اهو ملڪ يا شهر ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.“ سنڌ يا ڪو ٻيو. ڪن عالمن بحرين کي اهو ملڪ ٺهرايو آهي. انهن جي راءِ کي سيموئل-اين-ڪريمر رد ڪندي لکيو آهي ته اهو ملڪ فقط سنڌ جي سرزمين آهي. هو صاحب لکي ٿو ته:

To be sure dilmun has been identified by most scholars with the island of Behrein in the persian gulf and a large and highly competent expedition has been excavating there for last two decades because of its faith in the indentification.

But the discoveries at bahrein to date have hardly justified this faith, and the description of dilmun as the place where the sunrise in the Sumerian flood story speaks definately against the bahrein Dilmun identificaltion.

(Ancient cities of the Indus. P-173)

جڏهن سمير وارا خود، ڪنهن ٻئي ملڪ ”دلمون“ جو ذڪر ڪن ٿا ته اهو ملڪ سمير ته ٿي نه ٿو سگهي ۽ پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ملڪ سنڌ آهي. ٻي ڳالهه ان تحرير مان اها پڌري ٿئي ٿي ته ان ذڪر ڪيل تهذيب جا باني‍ڪار خود سمير وارا نه آهن ته سنڌو جي سرزمين تي رهڻ وارن سنڌين کان سواءِ ٻيو ڪري ٿي سگهي ٿو؟

ڪاڪي پيرومل پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ ۾ صفحي 51 تي لکيو آهي ته سنڌو تهذيب جي شهرن کي جن قديم ماڻهن وسايو سي هاٿوڪن ڪولهين، پيلن، سنٿالن ۽ منڊ لوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. هن صاحب جو اهو وڏيڪ چوڻ آهي ته انهن ماڻهن مان ڪن جون ڪوپڙيون لکي-سيوهڻ ۽ شاهه بلاول نوراني واري واٽ تان لڌيون ويون آهن. ٻي طرف سنڌو تهذيب جي مکيه مرڪزن موهين جو دڙو، هڙاپا ۽ لوٿل مان جن به ماڻهن جا ڍانچا قبرن مان يا ڪن ڪونين ۽ ڳلين مان مليا آهن، سي سڀ ڪنهن هڪ نسل سان تعلق نه ٿا رکن. ان ڪري يقين سان انهن بابت ڪا حتمي راءِ ڏيڻ قبل از وقت ٿيندو. دراصل سنڌو جا مکيه شهر واپاري مرڪز هئا، جتي پانت پانت جا ماڻهو ايندو ويندا هئا. اهي گڏيل قومن جا بين الاقوامي شهر (Cosmopolatan) هئا. سنڌو تهذيب جي ساک ان ڪري ديسان ديس پکڙي هئي. سنڌ جا ڪي شهر ساڳي حيثيت اڄ به رکن ٿا.

12- باقي ڪاڪي پيرومل جن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي يعني پيل، ڪولي، سنٿال ۽ منڊ. اهي نالا حقيقت ۾ آرين جي اچڻ ۽ ذات سان ڳڏ

ڏنڏن، ڪمن ۽ ڪرتين جي جنم وٺڻ کان پوءِ، آرين کن سنڌي قبيلن مٿان گهڙيا ۽ انهن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو. سنڌو تهذيب واري دور ۾ انهن جو وجود ڪونه هو. ان ڏس ۾ نيريڪس جو حوالو تمام وزندار ثابت ٿيندو. نيريڪس جي لکڻ موجب سنڌ ۾ ان وقت فقط ٻه گروهه يا قبيلا رهندا هئا. هڪ ميداني علائقن ۾ ڍنڍن ۽ درياهن جي ڪناري تي ۽ ٻيو جبلن ۽ ماٿرين ۾. ايئن انسان جي لڏ پلاڻ وارو عمل هزارها سالن ۽ صدين کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. چيني مفڪر لن يو تانگ جي قول مطابق "ان لڏپلاڻ جي ڪري ئي تهذيبون هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه ڏانهن وڌيون ۽ دنيا ۾ پکڙيون آهن." مان جيڪر ايئن چوان ته اها آواره گردي ۽ صحرا نوردي واري خوءِ انسان ذات جي بقا ۽ ارتقا جو بنيادي ڪارڻ آهي.

13- اها حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌو تهذيب جنهن کي موهن ۽ هڙاپا واري تهذيب سڏيو وڃي ٿو. ان جي بالغ (Mature) ٿيڻ کان اڳي منڍ واري دور ۾ به سنڌو جي ڌرتي تي آمري، ڪوٽ ڏجي ۽ ڪي ٻيون تهذيبون (cultures) اڳيئي اڀريون اسريون هيون ۽ جي ڪوهستانين ۽ ريگستاني علائقن ۾ سڌريل ڳوٺاڻي سماجن جي صورت اختيار ڪري چڪيون هيون. سنڌو تهذيب کي جنم ڏيڻ وارا حقيقت ۾ اهي ڳوٺاڻا سماج هئا. انهن ڳوٺاڻن سماجن گڏجي کن وڏن شهري سماجن کي جٽيو، جنهن کي سنڌو تهذيب سڏيون ٿا. هتي ڊاڪٽر ايف-اي خان جو رايو سند طور پيش ڪري رهيو آهيان. هو صاحب چوي ٿو ته:

It does suggest that the Indus civilization was an indegenous development that arase out of the evolution of developed village culteres in a favourable environment. In emphasized the sub continuntal roats and the consequent style, which gives the civilization its uniqueness.

ڊاڪٽر والٽر فيئر سروس ان حقيقت جي تائيد وري هن ريت ڪري ٿو ته:

برنگي چٽ ۽ شڪليون ٺهيل تي چٽيون، جن کي ڏسي اڄ بہ دليون هرکيو پون. جنهن تهذيب ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اڏاوتون، ماحول ۽ حالتن مطابق، ترتيب ۽ ضابطي سان ٺاهيون ٺهيل تي ويون ۽ جو سماج سچ تہ فلاحي، خوشحال، امن پسند ۽ انسان دوست هو.

هن سموري مقالي ۾ ڪيل بحث مباحثي جو خاص مطلب هيٺين ٽن نقطن ۾ سموئي سگهجي ٿو.

1. سنڌو تهذيب ڪا نئين ۽ اوچتي وارد ٿيل نہ آهي، پر اها تهذيب آهي جنهن کي سنڌ جي منڍ وارن ننڍن ننڍن ڳوٺاڻي سماجن گڏجي وڏايو ۽ پوءِ هڪ ٿي، هڪ ٻئي کي هٿ ڏيئي، دنيا جي سڀ کان وڌيڪ متمدن، شاهوڪار، سڌريل، فلاحي ۽ وسيع ۽ ويڪري سماج جي شڪل بخشي. منڍ وارا ڳوٺاڻا سماج ڪوهستاني ۽ ريگستاني هئا. مگر سنڌو تهذيب انهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سڌريل، وڌيڪ سڄاڳ، وڌيڪ هنرمند، وڌيڪ پيداواري ۽ واپاري سماج هو، جو درياهن جي ڪپن (Banks) سمنڊن جي ڪنارن (Shores) سان وڌندو ويو. ان جا آثار ۽ اهڃاڻ سنڌ، بلوچستان، چولستان، ساهيوال، راجستان، ڪڇ ۽ گجرات وارن علائقن ۾ ملن ٿا. وڌيڪ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ سنڌو تهذيب جي هر ڪنهن مرڪز جي کوٽاين مان مٿين تهن مان بالغ ۽ منڍ يا ابتدائي سنڌو تهذيب جون باقيات حاصل ٿين ٿيون مگر هيٺين تهن مان جيڪي باقيات ملن ٿيون تن جو تعلق سنڌو جي وڌيڪ پراڻن ڳوٺاڻي سماجن جهڙوڪ: ڪوٽ ڏيجي، آمري وغيره سان آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو تهذيب اڪيلي ۽ يڪسر نہ ابري آهي ۽ نہ اوچتو مٿان ڪنهن ٻئي خطي مان نازل ٿي آهي. ان ڪري سنڌو تهذيب (Indus Civilization) بلڪل سؤ فيصد خالص ”ميڊ ان سنڌ“ آهي ۽ نہ امپورٽيڊ يا ميڊائز سمير ۽ مصر آهي.

2. سنڌو تهذيب ۾ روح آهي، جان آهي زنده رهڻ جون صلاحيتون ۽ قوتون آهن. ان ڪري ان ۾ هڪ نہ مٽجڻ وارو تسلسل آهي. هن تهذيب ۾ تاريخي لساني ۽ ثقافتي صدين وارا پراڻا مگر ساڳيا مضبوط پڪا ڪيل يعني ڪنساليڊيٽيڊ (Consolidated) عنصر (Elements) ۽ اثر (Effects and

Impressions) ۽ ارڪان (Traits) موجود آهن جيڪي شعوري ۽ لاشعوري طور اڄ بہ سنڌي پنهنجي ٻولي، ثقافت، سماجي، زرعي ۽ ٻين ريتن ۽ رسمن ۾ سانديو ڪٽندا ٿا اچن ۽ بنيادي سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ، کاڌي پيتي ۽ روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ سائنسي ايجادن انهن ۾ ڪي قدر تبديلي آندي آهي، جو هڪ سپاويڪ عمل آهي.

3. سنڌي تهذيب جي منڍ وارن ننڍن ننڍن ڳوٺاڻن ڳڏيل سماجن جا ۽ پوءِ سڌريل شهري سماج جا خالق ۽ معمار بنيادي طور، بنيادي سنڌي ڳوٺاڻا آهن، جن سنڌ جي زمين، پاڻي، آبهوا ۽ ٻين قدرتي نعمتن، ماحول ۽ حالتن (Atmosphere and environment) مطابق، پاڻي کي هر دور ۾ نهڪائي، آهستي آهستي ذهني شعور ۽ جسماني طاقت موافق، سماجي ارتقا جون منزلون طئي ڪيون. تاريخ ۾ انهن آئبري جينيز (Aborigines) کي ڪول، ڀيل، سنٿال، منڊ ۽ دراوڙ ڪري لکيو ويو آهي. سماج انهن کي شڪاري، هاري، ناري، مهاڻا، ميربحر، ڪنيار ۽ ڪاريگر ڪري سڏيو آهي، پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل ۽ ابدي سچ (External truth) آهي تہ سنڌوماٿري ۾ صدين کان رهڻ وارا بنيادي سنڌي هئا ۽ اُهي ئي سنڌو ٿي سيني تهذيبن (Cultures and Civilizations) جا خالق ۽ معمار آهن.

آخر ۾ قديم آثارن جي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن کي عرض ڪندس، تہ سنڌو تهذيب جي مختلف پهلوئن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي جو، ڳوٺاڻي سماج ۽ ماحول جو بہ مطالعو ڪن مثال طور: اها هڪ بلڪل نئين ۽ نکور دريافت ٿي آهي تہ موهن جي دڙي ۾ جيڪو اسٽوپا ۽ آسپاس وارو شهر (Citadel) آهي اهو سرن جي پليٽ فارم مٿان تعمير ٿيل آهي. حقيقت ۾ اسان وٽ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. اسان وٽ اهي ننڍا وڏا ڳوٺ جن کي هر وقت ٻوڏ جو خطرو پيو رهيو آهي، سي مڏن (Plies) مٿان اڏيل آهن ۽ اسان انهن مان ڪن کي "ماڏو" نالو رکي سڏيو آهي. ٻوبڪ شهر اڄ بہ ان تاريخي حقيقت لاءِ ثبوت طور موجود آهي. ان کان سواءِ قديم آثارن وارن ماڳن جا نالا بہ

درست ڪري لکيا وجن. پوکڻ باران ماٿري ۾ واقع آهي ۽ رڪارڊن ۾ ان کي پوکدان لکيو ويو آهي وغيره. ان کان سواءِ قديم آثارن جي ماڳن لاءِ به جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن. ٻي صوت ۾ دادو ضلعي ۾ لهڻ دڙي ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ دڙي وانگر ڪيترائي ٻيا شاهوڪار ماڳ انساني هٿ چراند جي ڪري مٽجي ختم ٿي ويندا ۽ اسان مڪين وانگر مٿو پٽيندا ئي رهجي ويندا سين. ساڳئي وقت قديم نالن کي نہ بدلايو وڃي. ائين تہ اسان پنهنجي تاريخ کي پاڻ ڪهندا رهنداسين، جو زنده ۽ باوقار قومن جو شيوو نہ آهي.

محمد يوسف ابڙو "شاڪر"

# موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو؟

دنيا جي هن تختي تي قادر ڪيئي قومون پيدا ڪيون. سڪندر مقدوني، چنگيز خان، نادر ايراني ۽ مدد خان پٺاڻ جهڙا ڪي ئي ظالم، ڪلاليو، ويلسلي ۽ ٻين فرنگي قومن جهڙا لالچي ۽ دغاباز پيدا ٿيا، جن پنهنجي ظلمن، ڏاڍاين ۽ چالاڪين سان ڪيترن ئي آباد ۽ وسندڙ شهرن ۽ بستين کي لٽي، ماري، ڦري رهاڪن مان ڪن کي قتل ڪري ۽ گهڻن ماڻهن کي ٻچائي گهرن کي باهيون ڏيئي کنڊر ۽ دڙا بنائي ڇڏيا. هن اسان جي سنڌڙيءَ ۾ به اهڙا بيشمار دڙا آهن جي اڄ به اکين وارن لاءِ عبرت جو عڪس بنيا بيٺا آهن. رڳو اسان جي تعلقي ٽنڊي الهيار يا پرپاسي ۾ اهڙن ڦٽل شهر جا 15-20 دڙا آهن، جن مان نصرپور جي پراڻي شهر جا دڙا، اٻل جو دڙو، ليلا جو لهوڙ، اگهاماڻي جا دڙا، ٽوُرڙيءَ جو دڙو، ماريجي ديهه جو مارو، پوريءَ جو پڙو (دڙو) مشهور آهن. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ موهن جو دڙو (صحيح نالي جي خبر نه آهي) ڪاهوءَ جو دڙو، اروڙ، ٻرهمڻ آباد، رڪڻ جو ٿل، سڌ سڌيرن جو دڙو، ڏولرن، هگورن جون ماڙيون ۽ ٻيا ڪيترائي ڦٽل شهرن جا نشان آهن، جي يا ته ڪن ظالمن جي ظلم جو نشان بنجي پنهنجو فرياد آسمان وارن اڳيان پيش ڪري رهيا آهن، يا اتي جي رهاڪن جا ظلم ۽ ڏنگا ڪم حد کان وڌي ويا جنهن ڪري قدرت جي قهر جو نشان بنجي پاڙيوارن لاءِ عبرت جا آثار بنيا بيٺا آهن. هنن سڀني مان موهن يا مرئن جو دڙو گهڻو اڳاتو ۽ مشهور آهي، جنهن جي هاڪ ۽ واڪاڻ مشرق کان نڪري مغرب تائين پهچي چڪي آهي. تازو اقوام متحده پاران به ڪي وڏا عالم ۽ ڄاڻو هن ماضي بعيد جي نشان کي قائم رکڻ لاءِ ڪجهه رٿون رٿڻ ۽ پاڪستان حڪومت کي صلاح مصلحت ڏيڻ لاءِ آيا هئا. اهڙي جڳ مشهور يادگار کي ڪو صحيح ۽ بامعنيٰ نالو نه هجي، تنهن لاءِ جيترو افسوس ڪجي سو ٿورو آهي.

(1) موهن جو دڙو نالو سڏڻ بلڪل غلط آهي، ان متعلق عالمن جو بحث پيش ڪجي ٿو:

هڪ هندو ليکڪ پائي دوارڪا پرساد روچيرام شرما پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جو پراچين اتهاس“ ڀاڱو ٻيو صفحو 47 تي لکي ٿو تہ ”سنڌ جي هن قابل فخر ڪنڊر تي مهن جو دڙو نالو ڪيئن پيو؟ سنسڪرت جي انهيءَ مش اکر کي پراڪرت ڀاشا ۾ مهہ چيو ٿو وڃي. مهہ عدد واحد آهي. هن جي جمع کي ماهن يا مهن چيو ٿو وڃي. انهيءَ آڌار تي ”مهن جو دڙو“ معنيٰ قتل ٿيل ماڻهن جو دڙو يا ڍير. هن معنيٰ کي قبول ڪرڻ کان پوءِ اسان کي اهو ئي انومان ڪڍڻو پوندو تہ هن ڪنڊر تي مهن جو دڙو نالو انهيءَ ڪري پيو، جو ماڻهن جي دلين ۾ اهو وشواس ويٺل هو تہ انهيءَ ڪنڊر ۾ قتل ٿيل (مهن) موجود آهن. باقي هيءُ جو اڄڪلهہ عام ريت سنڌ جي هن جهوني ڪنڊر کي موهن جي دڙي جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي سو سراسر غلط آهي. سر جان مارشل، مسٽر بئنرجي، ڊاڪٽر مئڪي وغيره سڀني ودوانن هن ڪنڊر کي مئل ماڻهن جو دڙو ظاهر ڪيو آهي، انهن حالتن هيٺ بہ ان کي موهن جو دڙو چوڻ سراسر غلط ٿيندو.“ هيءُ ٽڪر مٿي ڄاڻايل ڪتاب جي 47 ۽ 48 صفحن جي تيرهن سٽن جو هوبهو نقل آهي، جنهن موجب موهن (شري ڪرشن مهراج جي هڪ نالي) يا ٻئي ڪنهن بہ اهڙي هندو راجا وغيره جي ”نالي جو دڙو“ چوڻ بلڪل غلط آهي.

اسان جي سنڌڙيءَ تي آريہ سماج هلچل جو بہ گهڻو اثر پيو. پهرين مهاڀاري جنگ ختم ٿيڻ تي ترڪي خلافت جي ختم ٿيڻ سبب سڄي ملڪ ۾ خلافت هلچل گهڻو زور ورتي ويئي ان وقت جي مسلمان ليڊرن جي اثر رسوخ سان هندو اڳواڻ بہ گهڻي ڀاڱي مسلمانن سان مليا ويا. انگريزن ان هندو-مسلم اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ آريہ سماجي هلچل کي زور ورتايو ۽ فساد ڪرائي ٻنهي قومن جي وچ ۾ ويڇن کي وڌايو. ان وقت هندو آريہ پاڻ کي هٽلر وانگر دنيا جي سڀني قومن کان اوچي ۽ سڌريل قوم (قديم آريہ قوم) سمجهندا هئا ۽ دنيا جي هر ملڪ ۽ شهر کي آرين جو يادگار ثابت ڪرڻ تي زور ڏيندا هئا. آئرلئنڊ کي آريہ لئنڊ، ايران کي آريان، پشاور کي پرشرام پور، سبيءَ کي شوي، سيوهڻ کي شوآستان وغيره نالا ڏيئي دل خوش ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ان وقت ڌاري (1925-1930) هيءُ دڙو بہ شري ڪرشن مهراج جي ٻئي نالي پنيان موهن جو

دڙو بنجي ويو جنهن کي خود هڪ هندو ودوان دليلن مان ثابت ڪري رهيو آهي.

باقي رهيو مئن (قتل ٿيلن جو ڍير) جو دڙو، ان لاءِ ساڳي ڪتاب جي 48 ۽ 49 صفحن تي لکيل آهي ته ”پر جيڪڏهن انهيءَ افواهي ڳالهه کي اتهاسڪ ڪسوٽيءَ تي ڪسيو ويندو ته اها ڳالهه بنهه بي بنياد پيئي نظر ايندي. ڇاڪاڻ ته هن کنڊر جي کوٽائي ڪندي سواءِ ٻن-ٽن هنڌن جي ٻئي ڪنهن هنڌان ڪنهن حادثي ۾ مري ويل ماڻهن جا هڏا نه لڌا ويا آهن. جيڪڏهن عام ماڻهن جي چوڻ موجب راجا دلو راءِ جي ظلمن سبب هڪ ئي رات ۾ طوفان لڳڻ ۽ ڌرتيءَ ڌٻڻ تي هيءُ وسندڙ شهر غرق ٿي ويو هجي ته هوند ان جي هر ڪنهن گهر، گهٽيءَ ۽ پاڙي مان اٽپوريل لاش نظر اچن، پر هتي اهڙي ڳالهه نظر ڪانه ٿي اچي. سنه 1925ع ۽ 1926ع ۾ هن کنڊر کي کوٽائي ڪندڙ مسٽر هار گريوز ۽ مسٽر وٽس هڪ وڏي ڪمري ۾ چوڏهن ۽ هڪ گهٽيءَ مان ڇهن ماڻهن جا لاش هٿ ڪيا....ٻي هڪ عورت جو لاش لڌو ويو، جنهن گهٽي کي پار ڪيو هو، مگر ڏاڪڻ جي اڌ تي مري ويئي هئي.“ هاڻي هيڏي ساري ايراضيءَ ۾ سٺن ٿهن ۾ هيٺ مٿي پکڙيل شهر مان لاشا نڪرن ڳاڻ ڳڻيا، تنهن کي مُهن جو دڙو (قتل ٿيل ماڻهن جو ڍير) يا موئن (مري ويل ماڻهن جو دڙو) سڏڻ ڪيتري قدر صحيح ٿيندو، سو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن.

ڪتاب قديم مشرق جلد دوم (مڪتبه فريدي اردو ڪاليج، اردو روڊ ڪراچي طبع اول) صفحه 194 تي پڻ قبول ڪيل آهي ته ”چوڏهن لاش لڌا آهن.“ ڪتاب آئينه قديم سنڌ (مصنف شمس الدين رڪن الدين قريشي، ڇپائيندڙ آر-ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، دفعو پهريون 1956ع) صفحه 159-160 تي هن دڙي بابت لکيل تو ته ”مئن جي دڙي کي کوٽيندي آرڪيالاجي وارن جو چوڻ آهي ته هيءُ دڙو ٽن شهرن جو کنڊر آهي.“.... بني اسرائيلن پنهنجي دور حڪومت ۾ ان کي تباهه ڪيو. تنهن کان پوءِ بني اسرائيل جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد ٽيون شهر ٻڌو ويو. جو عربن جي زماني تائين قائم رهيل آهي. جنهن کي محمد بن قاسم ”موج“ شهر جي نالي سان سيوستان جو قلعو چئي فتح ڪيو. ابن حوقل ان شهر کي ”منج ابري“ ڪري لکيو آهي. جو لب درياءَ تي هو. هن شهر جي

متئين سطح واري شهر جو اصل نالو مئوج يا منج چيل آهي، جنهن مان "مهنج دڙو" ٿيو. جو محاوري ۾ "مهن جو دڙو" ڪري سڏيو ويو ٿي، جنهن کي هاڻي پاڪستان سرڪار مئن جودڙو يعني مري ويلن جو دڙو نالو ڏنو آهي."

شايد ڪن ٻين پراڻين تاريخن ۾ به ڪي اهڙا احوال ڏنل هجن، جن تائين منهنجو هٿ پهچي نہ سگهيو آهي، مگر منهنجي راءِ انهن سيني حوالي ڪان ٻي طرح آهي منهنجو خيال آهي تہ:

(1) "موهن جو دڙو" سڏڻ بلڪل غلط آهي، اهو نالو 25-1930ع يا ان کان پوءِ جو ايجاد ٿيل آهي.

(2) مئن جو دڙو (مري ويلن جو دڙو) سڏڻ بہ صحيح ڪونہ ٿو لڳي، ڇو تہ سنڌ ۾ اهڙا دڙا تمام گهڻا آهن، انهن سيني مان ڪيترائي لاش هٿ آيا آهن پوءِ تہ هر هڪ دڙي (برهمڻ آباد، اروڙ يا الور، ڪاهو، ڇنهہ، جهُڪَر، اٻل سڌ سڏيرين، ڪوٽ ڏيجي، آمري، وغيره جي دڙن يا ڪنڊرن کي بہ مئن جو دڙو سڏڻو پوندو. ڇو تہ انهن سيني مان لاشن (هڏن) جا پڃرا لڌا آهن. هن دڙي مان رڳو چوڏهن يا ٻہ چار وڌيڪ لاش ملي سگهيا آهن.

منهنجي خيال ۾ هن دڙي جو "ميهن جو دڙو" (ميهہ مهاڻ قوم) جو قِتل شهر آهي. سنڌ ۾ قديم زماني ۾ بہ وڏيون ۽ زبردست قومون رهنديون هيون. (1) هڪڙي جاٽ، جا انن جي وڳن سان سنڌ جي واورياسن ميدانن ۾ رهندڙ هئي، جا قوم هميشہ عرب حاڪمن سان وڙهندي رهندي هئي. عربن هن قوم جي ڪيترن راڄن کي ديس نيڪالي ڏيئي ايران ۽ عراق جي ڪن ڀاڱن ۾ آباد ڪيو هو، جتان هيءَ قوم اڳتي وڌي يورپ تائين پهچي ويئي ۽ جت، زط، زوطي، جپسي، هيپي وغيره جي نالن سان سڏجڻ ۾ آئي ۽ ٻي مِهي يا ميد قوم جا دريائن ۽ سمنڊن تي مڇي مارڻ ۽ ٻيڙا ڪاهي واپار ڪرڻ ۾ مشغول رهندي هئي.

ميد قوم کي سنڌ جي پراڻي تاريخ (جا عربن جي لکيل آهي) ۾ چور، ذاڙيل، وغيره سڏيو ويو آهي (ڏسو فتح نامو سنڌ عرف چچ نامو ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون (1954ع).

چچ نامي جي ص 124 جي پوين سٽن ۾ هن قوم بابت لکيل آهي ته ”سرانديپ جي راجا جون سوکڙيون وغيره کڻي ويندڙ جهاز مخالف واءُ اٿڻ سبب توائي تي وڃي ديبل جي ڪناري کان نڪتا. هڪ چورن جو ٽولو جن کي نکامره (2) چوندا هئا ۽ ديبل جا رهاڪو هئا، سي انن ئي جهازن کي پڪڙي ويا....“ ساڳئي صفحي تي هيٺ فوٽ نوٽ نمبر 2 ۾ - ن. ب: لڪامره، تنڪارمره،ح: لگامره، س: بکامره ڏنل آهي.“ صفحي 126 تي راجا ڏاهر حجاج بن يوسف جي خط جي جواب ۾ چيو آهي، ”هي ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور ڪو ڪونہ آهي. اسان جي پڻ تابعداري ڪانہ ڪندا آهن“ صفحي 436-439 تائين فوٽ نوٽ نمبر 124(89) ۾ پڻ هن قوم بابت ڊگهو نوٽ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ بہ هن قوم کي عرب فاتحن، چور ۽ ڏاڙيل ڪري لکيو آهي (بلاذري ص 435) هن ٽولي کي ميدن هڪڙي (قوم مِن ميد) ڪري ڄاڻايو آهي، جن ٻيڙين ۾ چڙهي حملو ڪري اڇي جهاز ڦريو هو. اڳتي لکيل آهي تہ ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مورخن جي لکتن مان سمجهجي ٿو تہ مڪران، سنڌ ۽ ڪانياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون، جن جو پيشو ئي سمنڊ تي هلندڙ ٻيڙيون ۽ جهاز ڦرڻ هو، تِن مڙني کي ”ميد“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

چچ نامي جي هن ڊگهي نوٽ ۽ سنڌ جو پراچين اتهاس حصي ٻئي (ليکڪ دوارڪا پرساد) هن دڙي جي کنڊرن بابت اٽڪل هڪ سؤ کن صفحن ۾ بحث ڪندي جيڪي بہ لکيو آهي ان مان اِهو چڱيءَ طرح وسهان ٿو تہ هن قتل شهر ۾ اصل هيءَ قوم (اصل سنڌي اچار مهاڻا، جنهن کي عربن بگاڙي نکامره، وغيره کيو آهي) رهندي هئي. جنهن جون بستيون سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هيون ۽ هن جا ٻيڙا عربي سمنڊ تي مڪران، ملبار، سرانديپ کان ڦِرندا اُيرندي وارن ٻيٽن تائين ويندا هئا. جنهن لاءِ شاهہ جي رسالي جو سُر سامونڊي شاهد آهي. هيءَ بهادر ۽ باهمت قوم ميد جي نالي سان مشهور هئي. مي لفظ مي، مهي،

ميہ وغيره نموني بہ استعمال ٿيل آهي. جيئن شاهہ جي رسالي سُر ڪاموڏ ۾ ڪيترين جاين تي ڪم آيل آهي، مثلاً:

* پسي ميڻڪي ڏيءُ، متان ماڱر مٿئين،
* تون تماچي تڙ ڏٽي، آءٌ مهاڻي ميي،

عربن جي هن پاسي اچڻ کان اڳ يقيناً هيءَ قوم هندستان جي پوري الهندي ڪناري کان اُپرندي وارن پٽن تائين سامونڊي واپار تي قابض هئي ۽ عربي سمنڊ تي هنن جا ئي ٻيڙا ۽ غوراب پنهنجون، ڏچائون ڦڙڪائيندا رهندا هئا. عربن جي هن پاسي اچڻ کان پوءِ هن ئي قوم عربن جو مقابلو ڪيو هوندو، جنهن ڪري هيءَ سڄي قوم فاتحن جي نظر ۾ ذليل، چور، ڌاڙيل، باغي، غدار وغيره بنجي پئي. جيئن اڳي آرين جي اچڻ تي اصلوڪا رهاڪو مليڇ، شودر ۽ داس وغيره ٿيا يا گذريل ٿوري وقت ۾ فرنگين جو مثال تازو موجود آهي. انهن سفيد وحشي ۽ لالچي لٽيرن کي، جن بہ وطن دوست ماڻهن ملڪ مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، سي انهن جي نظرن ۾ باغي هئا. نواب سراج الدولهہ، سلطان ٽيپو شهيد ۽ ٻيا بيشمار شهيد مجاهد، مولانا فضل الحق خير آبادي، مولانا شريعت الله، تيتو مير شهيد، حضرت حاجي امداد الله مهاجرمڪي، محمد قاسم نانوتوي، رشيد احمد گنگوهي، ابوالڪلام آزاد، شيخ الهند محمود الحسن ۽ ٻيا ڪيترائي رباني عالم، بال گنگا ڌر تلڪ، مهاتما گانڌي، نهرو، بومس، ڀڳت سنگهہ، هيمون ڪالاڻي وغيره آزاديءَ لاءِ جانيون قربان ڪندڙ سمورا بزرگ انگريزن جي رڪارڊ ۾ باغي ۽ غدار هئا، تہ پوءِ عرب فاتحن سنڌ جي هن باهمت ۽ دلير قوم (جا ورهين جا ورهيہ سمنڊ تي عرب) سوداگرن سان ڀرپور مقابلو ڪندي رهي (اوچتا گوريلا نموني حملا ڪري کين تنگ ڪندي رهي) کي چور ڌاڙيل ڪري سڏيو تہ ڪهڙي نئين ڳالهہ ٿي پيئي. مي يا ميد قوم جو ڪم ئي هو مڇيون مارڻ يا مال جا ٻيڙا پرائي ڏورانهين ڏيهن تائين رسائڻ.

چچ نامي ۾ ص 438 تي لانگ ورٿس ڊيمس جي ڪتاب "بلوچ قوم" ص 17 جي حوالي سان لکيل آهي ته "ميهه يا ميڊ سنڌ ۽ مڪران جي (ساموندي) ڪنارن جا قديم مهاڻا آهن ۽ نالو درياءَ جي مهاڻن سان لاڳو آهي ۽ اڪثر "ميد ۽ ماڇي" ٻيئي نالا گڏ استعمال ٿيندا آهن."

ساڳئي صفحي تي ٿورو اڳتي لکيل آهي ته "سنڌجا ميهه غالباً سنڌ جي ساموندي ساحل جا ميربحر هئا. هاڻوڪو لفظ ميهه شايد ميد جي بدليل صورت هجي. اجا تائين ڪاري طرف حقارتن چوندا آهن ته "تون ته ڪو ميد آهين يا تون ڪو ميهه آهين." يا "تون ڪو مي آهين."

مطلب ته ميهه يا ميد اها ئي ساموندي واپاري قوم آهي جا سنڌو ندي خواه عربي سمنڊ جي الهندي ڪناري تي وسندڙ هئي. هڙاپا ۽ ميهن جو دڙو سندن خاص مرڪز هئا. اهي ئي هئا جيڪي ٻيڙا پري جاوا ٻيٽن تائين ڪارو ڪيڙيندا هئا. هنن ئي عربن سان جهيڙا ڪيا ۽ سندن جهاز ڦريا وغيره. هنن جي مرڪزن تي وقت بوقت ٻاهرين ۽ ڌارين حملا ڪيا جن مان بني اسرائيلن جا حملا مشهور آهن. جيئن" آئينهٔ قديم سنڌ" ۾ ڏيڪاريل آهي. مگر هنن ماڻهن هر بار موٽي اچي پئي شهر آباد ڪيو آهي. 22-24 صفحن جو هڪ ننڍو ماهوار رسالو جو "سنڌي ساهت سوسائٽي" جي ايڊيٽر لالچند امر ڏنومل ڄڳتياڻي جي نظرداريءَ هيٺ ڪراچيءَ مان نڪرندو هو ۽ اين- ايچ پنجابي اينڊ ڪمپني بندر روڊ وارا ڇپائيندا هئا، تنهن جي "سنڌي ٻولي" (جو 1925ع جي ڪنهن مهيني ۾ نڪتل آهي) رسالي جي صفحي 20 تي "سنڌي ساهت" سري هيٺ هن دڙي کي "مهي جي دڙي" جي نالي سان لکيو آهي.

ازانسواءِ ٿورا ڏينهن ٿيندا ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻن ـــ ٽِئن دوستن سان ڪچهري ڪندي هن دڙي جي نالي بابت ذڪر نڪتو ته انهن وينلن مان هڪ دوست، جنهن جو شايد آثار قديمه سان واسطو هو، تنهن ڳالهه ڪئي ته هن دڙي مان جيڪي مهرون نڪتيون آهن ۽ جن تي اُن وقت جا اکر لکيل آهن. سي هن وقت جا ماهر پڙهي ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهن هيستائين جيڪي لفظ سمجهيا آهن، تن مان هڪڙو لفظ "مي" يا "مهي" معنيٰ مڇي آهي.

لساني تحقيق:

موهن جي دڙي مان لڌل مهرن وغيره جي ٻولي سمجهڻ جي دعويٰ ڪندڙ مسٽر سراج الحق ميمڻ پنهنجي تصنيف ”سنڌي ٻولي“ ڇاپو پهريون (اپريل 1964) صفحي 25 تي لکي ٿو ته ”ڊاڪٽر نوح ڪريمر جو اهو رايو منهنجي نظريي جي تائيد ڪري ٿو. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۾ ٽي-چار مهرون اهڙيون آهن، جن تي منهنجي پڙهڻيءَ موجب ”ڪوٽ مون“ ”ڪوٽ ٿُل مون“ ۽ ”ڪوٽ مهن“ لفظ اچن ٿا. منهنجي خيال ۾ موهن جي دڙي جي پوئين دور ۾ ٻئي يا ٽئين تهه واري ڪنهن شهر کي ”ٿل مهن“ يا ”ٿل مون“ سڏيندا هئا، جنهن کي سميرين 1800 ق.م ۾ ”دل مون“ (دلمون) سڏيو ٿو ٿو ڀانئجي.“

ساڳئي مصنف ساڳئي ڪتاب ۾ صحفي 100 کان پڇاڙيءَ (158) تائين ٻن بابن ۾ هن دڙي جي ٻوليءَ بابت گهڻو بحث ڪيو آهي. صحفي 119 کان باب پنجون شروع ٿئي ”موهن جي دڙي جي نالي“ سان ڪيو اٿس. جيئن ڏسو ته هن باب شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهان ٿو ته اسان جي ڪن عالمن محض تنگدليءَ جي ڪري موهن جي دڙي جو نالو مٽائي ”موئن جو دڙو“ لکڻ ۽ چوڻ شروع ڪيو آهي. سندن استدلال اهو آهي ته تاريخي طرح موهن نالي ڪو به راجا سنڌ جي تاريخ ۾ نه گذريو آهي ۽ ٻيو ته ان دڙي کي اهو نالو هندن جو ڏنل آهي. ان ڪري اهو نالو مٽائي ”موئن جو دڙو“ رکڻ گهرجي. جنهن مان اها معنيٰ نڪرندي ته اهو مئل ماڻهن جو دڙو آهي. اهڙي قسم جي هلڪڙي مذهبي تنگدليءَ جي بنياد تي سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ويل وهائڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. هندن ان تاريخ کي هندو بنائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمانن ان کي اسلام قبولايو. موهن جي دڙي ۾ ته هروڀرو هندو نالو ”موهن“ ڳولڻ جي تڪليف ورتي ويئي آهي. ان لفظ ”موهن“ جو هندو نالي ”موهن“ سان ڪو پري جو به واسطو ڪونهي. هي نالو اصل ۾ هڪ قبيلي جو نالو آهي ۽ ان دڙي جو اصل نالو هو ”مُهن جو دڙو“ جو وقت گذرڻ سان اچار ۾ وڏي واڌ ڪائي مُهن- مُوهن — موهن بنيو آهي. مهن هڪ قبيلي جو نالو هو جو مڇيءَ تي گذران ڪندو هو ۽ ٻيڙين ذريعي وڏي توڙي ننڍي پيماني تي مڇي ماري پنهنجو گذر ڪندو هو.

موهن جي دڙي ۾ جتي ڪٿي انهن جي لياتي نشاني (Totem) ملي ٿي. اهو ئي قبيلو هزارن سالن کان اڄ تائين سنڌ ۾ رهندو اچي. ان ساڳئي قبيلي کي شاهه ”مهاڻن“ جو قبيلو سڏيو آهي. ان قبيلي جون شاخون يا ذاتيون ”مي“ ”مهاڻا“ وغيره اوهان کي سنڌ ۾ اڄا تائين ملندا. اڄ تائين، ماڇر، دادو وغيره طرف وينل غريب مهاڻن جي ڪن ذاتين وٽ اوهان کي اها نياتي نشاني نڪر جي ٽانون ۽ ويندي ٻيڙين جي پاسن تي کوٽيل ۽ اڪريل ملندي. موهن جي دڙي جو تمدن ان قبيلي جي نالي پويان اسان وٽ ڪنهن طرح مشهور ٿي ويو. ان ڪري ئي اسان جي اڳاٽن ڪتابن ۾ ان کي ”مُهن جو دڙو“ سڏيو ويو آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن ۾ ملي ٿو ۽ اڄ ٻه ان نالي سان ڏوڪري ۽ ان جي آسپاس جا ماڻهو ان دڙي کي سڏين ٿا. ان ”مُهن“ جو هندو نالي موهن سان ڪو به واسطو نه آهي. ان جي باوجود، جيڪي صاحب محض تنگدليءَ جي ڪري موهن کي”موئن“ بنائڻ تي سندرو ٻڌي چڪا آهن. انهن کي ٻيو نه ته به ايترو ته ضرور سوچڻ گهرجي ته پراڻين تهذيبن جا جيڪي به دفن ٿيل شهر سنڌ ۾ ملن ٿا، سي سمورا هڪ طرح سان مئلن جا ۽ موئن جا دڙا آهن. پوءِ انهن سمورن دڙن کي ”ڪاهوءَ جي دڙي“ آمريءَ جي دڙي، بدران موئن جو دڙو نمبر ٻيو سڏٹو پوندو!“ (سنڌي ٻولي، سراج الحق ميمڻ).

مطلب ته پراڻين تاريخن ۾ هن قوم جو احوال پڙهي ۽ هن آثار قديمه واري دوست جي زباني ڳالهه ٻڌي منهنجي خيال موجب هي دڙو ۽ کنڊر سنڌ جي هڪ قديم زبردست ۽ باهمت قوم ”ميد“ جو مرڪز هئي جنهن کي ”مي يا مهي“ به سڏيو ويندو هو. تنهنڪري هن دڙي جو نالو ”ميهن جو دڙو“ هئڻ کپي.

وڏيڪ ڪو نوجوان عالم ۽ ٻولين جو ماهر هن سوال تي روشنيون وجهندو ته بهتر ٿيندو. مون رڳو پنهنجي ٿورڙي سمجهه ۽ معلومات موجب پنهنجي راءِ ظاهر ڪري هن قصي جي شروعات ڪئي آهي.

(ورتل نه ماهي ”مهراڻ“ جنوري 1974ع).

سبط حسن

# سنڌو ماٿر جي عظيم سڀيتا

هڙپا جي تهذيب (جنهن کي عام طور تي سنڌو ماٿر جي تهذيب چوندا آهن) پاڪستان ۾ ڪانسي جي دور جي عروج تي هئي. اها تهذيب هماليه جبل جي دامن کان ڪوئٽه تائين ۽ ڪوئٽه کان راجپوتانه تائين پکڙيل هئي. اها دنيا جي سڀ کان وڏي تهذيبي وحدت هئي، ڇا لاءِ ته سنڌس دائرو همعصر مصري، سميري ۽ ايراني تهذيبن کان گهڻو وسيع هيو. اها تهذيب لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن تائين (2500- 1500 ق. م) وڏي شان ۽ مان سان زنده رهي. ان جا هن وقت تائين سٺ (60) کان وڌيڪ آثار ملي چڪا آهن. انهن ۾ ٻه وڏا شهر موهن جودڙو ۽ هڙپا آهن ۽ باقي ننڍيون ننڍيون وستيون جيڪي پوري سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پکڙيون پيون آهن. موهن جودڙو سنڌو درياهه جي ڪپ تي آباد هيو ۽ هڙپا، راوي درياهه جي ڪناري. گمان آهي ته هي ٻئي شهر سنڌو ماٿري جي گادي جا هنڌ هئا. سوهن جو دڙو واپاري بندرگاهه به هيو، جنهن جي آبادي هڪ لک جي لڳ ڀڳ هئي.

موهن جو دڙو، هڙپا ۽ ٻين ماڳن جي کوٽائي مان هن وقت تائين فقط چاليهه (40) ڍانچا مليا آهن. انهن ڍانچن جي معائني مان محقق ان نتيجي تي پهتا آهن ته سنڌو ماٿر جي رهاڪن جا قد ننڍا، مٿا وڏا، رنگ ڪارو، وار گهنڊي هئا، نڪ ويرو، ڦٽل ۽ چپ پريل پر اڀٽي لڙڪيل هئن. انهيءَ بنياد تي چيو ويندو آهي ته انهن ماڻهن جو تعلق دراوڙ نسل سان هيو. ڪجهه ڍانچا بحر روم جي اوڀارين ڪناري جي پراڻن رهاڪن سان ملندڙ آهن ۽ هڪڙو ڍانچو ڪنهن منگول جو پڻ آهي. اهي براهوئي(براهوي/بروهي) سان ملندڙ جلندڙ ڪائي دراوڙي زبان ڳالهائيندا هئا. (براهوئي قوم جا ماڻهو جيڪي قلات، لس ٻيلي، ڪاران ۽چغتائي ۾ آباد آهن. سنڌو ماٿر جي قديم رهاڪن جو ئي اولاد آهن.)

اڄڪلهه وانگر ان زماني ۾ به سنڌو ماٿر جي رهاڪن جي وڏي اڪثريت ڳوٺن ۾ رهندي هئي ۽ هارپو ڪندي هئي. اهي ماڻهو جيڪي

رائي ۽ ترن جي پوکي ڪندا هئا. ڳئون، ڍڳا، مينهون، ٻڪريون، اٺ، گهوڙا، گڏهه ۽ ڪتا پاليندا هئا. ڪپهه پوکيندا ۽ سوٽي ڪپڙا پائيندا هئا. ڪپهه سندن اجاره داري هئي، تنهنڪري اهي ٻه اسان وانگر ڪپهه ۽ سوٽي سامان پرڏيهه موڪلي "زرمبادلو" ڪمائيندا هئا. ڪپهه ان زماني ۾ رڳو سنڌ ۾ ھوندي هئي، تنهنڪري سنسڪرت ۾ ڪپهه کي "سنڌو" ۽ يوناني ۾ "سندون" ڪري سڏيندا آهن. يوناني مورخ هيرو ڊوٽس (484 — 425 ق. م) کي تہ وڏي حيرت هئي تہ سنڌو ماٿر ۾ هڪ عجيب و غريب ٻوٽو هوندو آهي، جنهن ۾ چانديءَ جا اڇا گل ٽڙندا آهن.

انهن ماڻهن کي هر جو استعمال نہ ايندو هو. بلڪ هو ٻنين ۾ ڏانداريون ڦيريندا هئا. ڪاٺي جي ڏندن واري ان اوزار جا ڦر زمين ۾ گهرا ڪيجي نہ سگهندا هئا، تنهنڪري انُ ايڏي وڏي مقدار ۾ نہ اپائجي سگهندو هو، جو شهرين کي خوراڪ ڏئي سگهجي. سنڌو ماٿر ۾ شهرن جي گهٽ هجڻ جو بنيادي سبب اهو ئي آهي. زمين ڪنهن بہ فرد جي ذاتي ملڪيت نہ هئي، بلڪ پوري وستيءَ يا ڪٽنب جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي. زراعت جو اهو اشتراڪي نظام آرين جي غلبي ڪان پوءِ بہ اڳي جيان جاري رهيو. سڪندر اعظم جي حملي (327 ق. م) جو مورخ استرابو لکي ٿو تہ:

"هتي زمين جي پوکي گڏيل ٿيندي آهي. فصلن جي ڪٽائي ٿيڻ تي هر ماڻهو پنهنجي سڄي سال جي ضرورت جي لاءِ انُ ڪٽي ويندو هو ۽ باقي پيداوار ساڙي ويندي هئي."

ان جو ساڙڻ اندازي ڪان ٻاهر آهي. استرابو هارين کي گاهہ ٻوٽا ساڙيندي ڏٺو هوندو، (ٻاڻ ناهڻ جي لاءِ) ۽ اهو سمجهيو هوندو تہ وڌيڪ انُ ساڙيو پيو وڃي. بارش جو ساليانو مقدار اڄڪلهہ ڪان وڌيڪ هيو پر بہ وڌيڪ آبپاشي جي ضرورت پوندي هئي. ان ڪري درياهن ۽ ندين ۾ بند ٻڌي پاڻي جي سطح آسپاس جي زمين ڪان مٿي ڪئي ويندي هئي. رگ ويد ۾ آرين جي فتوحات جي داستان ۾ انهن بندن جي ٽوڙڻ کي اندر جو عظيم ڪارنامو قرار ڏنو ويو آهي. اندر جيڪو سنڌو ماٿر جي راڪاسن (راڪشسن) ورِتر، اُهي ۽ نموچي (لفظي معني رڪاوٽ، بند، نانگ) کي قتل ڪري درياهن جي پاڻي کي "آزاد" ڪري ڇڏيندو هو.

”راڪاس ڪاريهر نانگ وانگر درياهه جي هن پار ڪان هُن پار تائين ليٽيو پيو هو.“ (رگ ويد 19:4)

سنڌو ماٿر جا ٽانو ٺپا عام طور مٽيءَ جا هوندا هئا. انهي طريقي جا جهڙا اڄڪلهه ٺهندا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي ڇنسالي ۾ ٽي هزار سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ به ڪوئي فرق نه آيو آهي. انهن ماڻهن کي سون، چاندي، ٽامي، ٽين ۽ جست کي ڳاري اوزار ۽ زيور ناهڻ ايندا هئا. ٽامو ۽ جست راجپوتانه کان ايندو هيو ۽ چاندي ٽين ۽ نيم قيمتي پٿر ايران کان. وڏ گهراڻين عورتن کي ناهه نوهه (هار سينگار) جو وڏو شوق هيو، تنهن ڪري هڙپا ۽ موئن جو دڙو مان سون ۽ چاندي جا هار، مالائون، گلوبند، ڪڙا، جهومر، ٽڪا، نڪ جون ڪليون ۽ سرمي داڻيون وڏي تعداد ۾ مليون آهن. ٽامي جي اوزارن ۾ ڪهاڙيون، پاڪيون، چاقو، ۽ بلم ڀالن جا ننڍا ننڍا ڦر ملي سگهيا آهن. البته ڍال، تلوار، خود، زرهه ۽ بڪتر يعني جنگي اسلحو هڪ به نه مليو آهي، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿر جو معاشرو نهايت محفوظ معاشرو هيو. ماڻهو وڏا امن پسند ۽ صلح جو هيا. ڦرمار، قتل و غارت گري سنڌن وڙ نه هيو. هو نه ته سپاهه ۽ لشڪر رکندا هئا ۽ نه ئي ورِي ڪنهن ملڪ تي حملو ڪندا هئا. جيتوڻيڪ ايران، عراق، مصر ۾ انهن ڏينهن ۾ جيڪي بادشاهتون قائم هيون انهن جو اهو روز جو مشغلو هيو، سنڌن فوجون پاڙيسري ملڪن تي حملا ڪنديون هيون ۽ شهرن کي ڦري، شهرين کي قتل ڪري يا غلام بڻائي ويندا هيون. نه صرف اهو پر عمارتن ۽ فصلن کي باهه لڳائي ڇڏينديون هيون ۽ ان مهل ڪاميابي جا ترانا ڳوندي وطن واپس اينديون هيون. سنڌن محلن ۽ مقبرن جي شان و شوڪت ۽ بازارن جي سڄي رونق مال غنيمت ۽ خراج جي ڪري ئي هئي. ان جي ابتڙ سنڌو ماٿر جي تهذيب ان تي فخر ڪري سگهي ٿي ته سندس تخليقات ۽ تعميرات ۾ ڪنهن ٻي قوم جو پگهر شامل نه آهي. اهو بالڪل صحيح آهي ته موئن جو دڙو ۽ هڙپا وارن يادگاري عمارتون نه ڇڏيون آهن. نه محل ۽ ايوان نه عاليشان عبادت گاهون ۽ مقبرا، پر ڪوئي مٿائن اهو الزام نه ٿو لڳائي سگهي ته تو پنهنجي عظمت جا مينار انسانن جي کوپڙن تي

بيهاريا آهن يا غلامن کان ڪوڙا هڻي نهرايا آهن. اهي اڄ جي معيار کان به وڌيڪ مهذب ۽ شائسته ماڻهو هئا.

موئن جو دڙو ۽ هڙپا جي حوالي سان سنڌو ماٿر جي شهري زندگي جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. هي ٻئي شهر اصل ۾ تجارتي مرڪز هئا. ملڪ جي وڌيڪ خام پيداوار ۽ شيون انهن ئي جڳهن کان ڏساور موڪليون وينديون هيون. هڙپا کان تجارتي قافلا خشڪي جي رستي کان اتر ايران تائين ويندا هئا ۽ پاڻيءَ واري رستي کان موهن جو دڙو تائين. موهن جو دڙو هڙپا کان وڏو مرڪز هيو، جو ته هتان کان تجارتي ٻيڙيون عربي سمنڊ کي عبور ڪندي ڏکڻ ايران ۽ عراق جي بندرگاهن تائين وينديون هيون. انهن شهرن جي امتيازي خصوصيت اها آهي ته اهي پنهنجي دور جا واحد شهر آهن جيڪي باقاعده منصوبي هيٺ ٺاهيا ويا هئا. انهن جون سڀ عمارتون پڪ سريون هيون. سڙڪون سڌيون ۽ متوازي هيون. گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ زمين دوز ناليون کوٽيون ويون هيون. گند ڪچري لاءِ هر گهٽيءَ جي منڍ ۾ پڪيون گند پيٽيون ٺاهيل هيون ۽ انهن جي صفائي لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا ويا هيا. گهر سڀيتائيپ سان قطارن ۾ تعمير ڪيا ويا هئا ۽ گهر ۾ غسل خانو موجود هيو. انهن انتظامن مان خبر پوي ٿي ته هن شهر جو انتظام جن جي هٿن ۾ هيو انهن کي صحت ۽ صفائي جي تقاضن جو پورو پورو احساس هيو. يادگار عمارتن جي غيرموجودگي مان اهو نتيجو حاصل ڪري سگهجي ٿو ته هي شهر ڪنهن راجا مهاراجا جو دارالحڪومت نه هيو ۽ نه وري عراق ۽ مصر وانگر هتي مندر جا پروهت ديوتائن جي آڙ ۾ بادشاهن وانگر حڪومت ڪندا هئا. بلڪ واپارين جي ڪائي انتظامي مجلس هوندي هئي، جيڪا شهر جي انتظام جي نگراني ڪندي هئي.

اهي ماڻهو لکڻ جي فن کان چڱيءَ ريت واقف هئا، پر شايد وڻن جي چوڏن يا پتن تي لکندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو عراق ۽ مصر جي ابتڙ هتي هڪ به باضابطه تحرير نه ملي آهي ۽ نه ئي وري آئينده ڪائي اميد آهي، البته مٽي تي ڪوتيل لفظ ضرور ملي سگهيا آهن. انهن نقشن جو تعداد ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ انهن تي تقريبن ٽي سؤ علامتون موجود آهن. ٽي حصا علامتون اهڙيون آهن جن جو تڪرار ڏهه

پيرا ٿيو آهي، ٻه درزن علامتن جو سَوَ دفعا البته هڪ علامت اهڙي آهي جنهن جو تڪرار 800 پيرا ٿيو آهي. اهي تاجرن جون ذاتي مهرون هيون، جن سان سندن مال اسباب جي سجاڻپ ٿيندي هئي. انهن مهرن تي ڏڳي، هاٿي، گينڊي، هرڻ، مڇي جي ڪنڊي، ڏانداري، جهاز، تير، ڪمان، ڪپهه جي گل، ڦٽي، دهل، هٽ، ڦيٽي، جبل وغيره جون علامتون نهيل آهن. ان کان سواءِ ڪجهه رسمن جي نقاشي به ڪئي وئي آهي. انهن رسمن جو تعلق پوکن جي واڍ ويجهه سان هيو.

آثارن جا ماهر گنريل اڄ صديءَ کان انهن علامتن جون معنائون ۽ مفهوم متعين ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. انهيءَ سلسلي ۾ 1965ع ۾ سوويت يونين جي ٻن محققن ڪجهه علامتن کي پڙهيو ۽ انهي مفروضي جي بنياد تي ته سنڌو ماٿري جي زبان دراوڙي هئي، ان نتيجي تي پهتا ته مڇي جي علامت لفظ ”من“ جي نمائندگي ڪري ۽ ان جي معنيٰ آهي مڇي، ستارو ۽ چمڪڻ. اهڙي طرح ڪپهه جي علامت ”اِل“ (ڪپهه يا گهر) عورت جي علامت ”اما“ (ماءُ، سرخ يا ديوي) ڦٽي جي علامت ”پنتي“ (ڦٽي يا عورت) ڏانداريءَ جي علامت ”ميتي“ (هر، پوک، سردار) جي نمائندگي ڪري ٿي، پر نقشن جو تعداد ايڏو گهٽ آهي جو انهن جي مدد سان هتان جي قديم ٻولي جي آواز ۽ لفظن جو تعين نه ٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري ان جي لغت يا گرامر ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار نقش گهربل هوندا.

سنڌو ماٿر ۾ وزنن ۽ ماپ تور جو به باقاعده نظام رائج هيو. اهي وزن (وٽ) پڪل مٽي جا هوندا هئا ۽ سڄي ملڪ ۾ هڪ جهڙائي استعمال ٿيندا هئا. انهن ۾ پاڻ ۾ اهڙي طرح سورنهن جي نسبت هئي جهڙي اسان جي وٽن ۾ هوندي آهي. فٽ 13انچن کان ڪجهه وڌو ۽ ”هٿ“ تقريباً 21 انچن جو هوندو هيو. ماڻهن کي برج شناسي جو فن به ايندو هيو. تنهن ڪري مهرن تي مڇي، ڪيڪڙن، وڇن ۽ ڪجهه ٻين افسانوي جانورن جون جيڪي شڪليون نهيل آهن اهي راس منڊل سان تعلق رکن ٿيون. سمنڊن ۽ صحرائن ۾ سفر ڪرڻ وارن واپاري ماڻهن جي لاءِ ستارن جي چرپر کان واقفيت اڻ ٿيٽي ڳالهه نه آهي.

آثار قديمه جي انهن شهادتن مان سنڌو ماٿر جو جيڪو نقشو اڀري سامهون اچي ٿو اهو نهايت امن پسند ۽ ڪاروباري معاشري جو آهي، جيڪي گهڻا دولتمند نه هيا، ڇا لاءِ ته پيداوار جي اوازن جي گهٽتائي سبب وڌيڪ پيداوار جو مقدار گهٽو نه هيو. ملڪ ۾ ونڊ ورڇ جي اصولن تي سختي سان عمل ٿيندو هيو. سونارا، ڪنڀر، ناناراءِ ڍڪڻ، لوهر، رنگريز، وينجهار، دڪاندار ۽ واپاري سڀن جون برادريون نهي ويون هيون ۽ سڄو سماج طبقن ۾ ورهائجي ويو هو. لکڻ پڙهڻ جو هنر بين تهذيبن وانگر هتي پڻ جادو منتر ڪرڻ وارن پروهتن ۽ وڏ گهراڻن جي چند ماڻهن تائين محدود هيو.

سنڌو ماٿر ۾ اموي نظام قائم هيو يعني حسب نسب ۽ ورهاست جو سلسلو ماءُ جي طرف کان هلندو هو. تنهنڪري معاشري ۾ عورت جو مرتبو مرد کان مٿانهون هيو ۽ عورتن جي مورتين جي گهڻائي ان ڳالهه جو دليل آهي ته هتان جي رهاڪن جي نظر ۾ عورت جي ذات فصل ۽ نسل جي پالنا جو محرڪ به هئي تنهنڪري سندن سمورا عقيدا ۽ رسمون ڌرتي ماتا جي محور جي چوڌاري ڦرندا هئا.

سنڌو ماٿر جي سڀيتا جو سڀ کان حيرت انگيز پاسو سندس هڪ جهڙائي ۽ جمود آهي. ان هڪ جهڙائي ۽ جمود جي نوعيت افقي به هئي ۽ عمودي به. مثلاً اتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهه تائين پوري ملڪ ۾ هڪ ئي قسم جا آلات ۽ اوزار، هڪ ئي قسم جا ٽانو ٽپا ۽ ٻارن جا رانديڪا، هڪ ئي ڍنگ جا زيور، وٽ، تور ماپ جا اوزار ۽ رسم الخط رائج هيا. روزانو جي استعمال جي شين جي هڪ جهڙائي مان اهو نتيجو ڪڍڻ مشڪل ناهي ته سنڌو ماٿر جي اهڙي ڪائي مرڪزي طاقت ضرور موجود هئي جنهن جي اطاعت ملڪ جي هر ڪنڊ ۾ هڪ جيتري ٿيندي هئي. معاشرتي جمود جو اندازو ان ڳالهه مان ٿئي ٿو ته هزار سالن جي ڊگهي عرصي ۾ هتان جي سماجي زندگي ۾ ڪائي واضح تبديلي نه آئي. نه آلات ۽ اوزار مٽيا نه طرز تعمير ۽ نه ئي وري فني تخليقات جي ماهيت يا شڪل و صورت ۾ ڪوئي فرق آيو، تنهنڪري ڪوٽائي ۾ هاڻي تائين آبادي جا نوَ تهه نروار ٿي چڪا آهن پر هڪ تهه جي آثارن ۽ ٻي تهه جي آثارن ۾ ڪوئي فرق نظر نه ٿو اچي. جيتوڻيڪ زندهه ۽

متحرڪ معاشري ۾ زماني سان گڏوگڏ ٿوريون گهڻيون تبديليون ضرور اينديون آهن. هتي جمود جو اهو عالم آهي ته هزار ڏيڍ هزار سالن تائين رسم الخط به جيئن جو تيئن رهي. اهو جمود به ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هتان جا واڳ ڌڻي بادشاهت کان به وڌيڪ سگهارا ۽ قدامت پرست هئا، جيڪي نه پاڻ تبديل ٿيندا هئا ۽ نه ئي وري معاشري ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي جي اجازت ڏيندا هئا، پر اها ڪهڙي سگهه هئي؟

هر طبقاتي معاشري ۾ عوام کي اطاعت تي مجبور ڪرڻ لاءِ ٻن قسمن جا حربا استعمال ڪيا ويندا آهن. پهريون مادي، ٻيو ذهني ۽ اخلاقي. مادي حربن ۾ جبر ۽ تشدد جا آلات ۽ هٿيار، فوج، پوليس ۽ قيد خاني ۽ جزا ۽ سزا جو عدالتي نظام شامل آهي، پر اقتدار ۽ استحصال جي بقا لاءِ اهي مادي حربا ڪافي نه هوندا آهن، پر جيڪڏهن ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪنهن به طريقي سان اها ڳالهه ويهاري وڃي ته فلاڻي فلاڻي ديوتا جي پوڄا سان يا فلاڻين فلاڻين رسمن ادا ڪرڻ سان تنهنجو نسل وڌندو، تنهنجو فصل سٺو ٿيندو ۽ تون زميني ۽ آسماني آفتن کان پناهه ۾ هوندين ته ڪم ڏاڍو سولو ٿي پوندو آهي. سنڌو ماٿر ۾ جبر و تشدد جي اوزارن جي کوٽ ۽ ديوي ماتا جي مورتين جي گهڻائي مان ملائي سلائي اهو ئي نتيجو نڪري ٿو ته هتان جي حڪمران طبقي ماڻهن جي فڪر ۽ احساس جي نظام کي ايڏي ڪاميابي سان پنهنجي اطاعت هيٺ آڻي ڇڏيو هو جو جبر۽ تشدد جا مادي حربا به استعمال نه ڪرڻا پوندا هئا. رڳو جيڪڏهن ايڏيون سٺري وڃن جو چاريندڙ جي هڪ هڪل ئي انهن لاءِ ڪافي هجي ته ڪتن کان ڪم ڇو وٺجي.

ان فڪر و احساس جي نظام کي سمجهڻ ۾ ويدڪ لٽريچر کان وڏي مدد ملي ٿي ڇو ته رگ ويد ۽ لاڳاپيل لکتن ۾ آرين جي وڏائي ثابت ڪرڻ لاءِ سندن رشين پنهنجي قوم جي عقيدن ۽ رسم و رواج جو مقابلو جا بجا مقامي رهاڪن جي عقيدن ۽ رسم و رواج منجهان ڪيو آهي.

(ڪتاب”پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا“ جي هڪ باب جو اختصار)

(ترجمو: احسان دانش)

جين فيئرلي

# موهن جي دڙي وارو ملڪ

هيءَ اڻويهين صديءَ جي ڳالھ آهي تہ برٽن نالي هڪ انگريز انجنيئر پنجاب ريلوي جي پٽڙي وڇائي رهيو هو جيڪا ملتان کان لاهور تائين اچ وڃ لاءِ ڪم آڻڻي هئي. سندس چوڻ مطابق: ڪيس ڪو ڀاڳ پيڙو ڏنو جو دال مان سيرو تي پيو. ريل پٽڙيءَ پرسان ڪيس هڪ دڙو ملي ويو، جنهن مان لڌل پراڻيون سرون پڇي پٽڙي تي ڪانڪريٽ طور ڪم آنديون ويون هيون. ان ڪان فقط ستر سال پوءِ قديم آثارن جي ماهرن ڏنو تہ برٽن جن کي پراڻيون قديم سرون سمجهي رهيو هو، سي ڪنهن شهر جي تعمير جون باقيات هيون. اهو ماڳ هڙاپا آهي جيڪو راويءَ جي ڪنار سان ملتان ۽ الهور جي وچ تي آهي.

هڙاپا سن 1921ع ۾ دريافت ٿيو. ان ڪان هڪ سال پوءِ سنڌوءَ جي ڪننار سان موهن جو دڙو دريافت ڪيو ويو، جيڪو هڙاپا ڪان ڏکڻ-اولهہ طرف آهي، جنهن کي مئل ماڻهن جو دڙو بہ سڏيو ويندو آهي. هندستان اندر اهڙيون روايتون جام ملنديون تہ هتان جي تهذيب ۽ ثقافت تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿي. ثبوت نہ هجڻ سبب عالم اهڙيون ڳالهيون هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيندا آيا، پر نيٺ اهڙو ثبوت ملي چڪو هو. چاڪاڻ تہ موهن جودڙو ۽ هڙاپا ان اڻ ڄاتل پر مڪمل تهذيب ۽ ثقافت جون اهڙيون سچيون شاهديون هئا، جن ۾ شڪ ڪرڻ جو ڪو سوال ئي ڪو نہ هو جيڪا اڄ ڪان چار هزار سال اڳ پنهنجي اوج تي پهتل هئي.

هن ڪان پوءِ مختلف سالن ۾ ٻيون بہ ڪيتريون دريافتون ٿيون. هاڻي پنجاب ڪان وٺي سامونڊي ڪناري تائين ستر ڪن پراڻا ماڳ مليا آهن، جيڪي راوي ۽ ستلج جي ڪنارن سان هزار ميلن ۽ سامونڊي ڪناري سان چار سؤ ميلن ۾ پکڙيل آهن. پکيڙ جي لحاظ کان اها تمام وڏي ايراضي آهي. اجا ڪي اهڙا ماڳ بہ آهن جيڪي اڳتي هلي دريافت

ٿيندا. ڪي ماڳ اهڙا به آهن جيڪي دريافت ته ٿيا آهن پرانهن جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪا نه ٿي آهي. مثال طور موهن جو دڙو آهي جنهن جو هيٺيون تهه جَرَ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي. ان جي کوٽائي ۽ کوجنا فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿي جڏهن ٽيوب ويلن ذريعي ان پاڻيءَ کي ٻاهر ڪڍي پاڻي جي هيٺئينءَ سطح کي اجا به گهٽو هيٺ نه ٿو ڪيو وڃي. تنهنڪري پتو ڪونه آهي ته سنڌس صفا هيٺيون حصو ڪهڙي دور سان واسطو رکي ٿو. هن قديم شهر جي تعمير ٿيل هڪ جهڙين جاين، شهرن جي رٿابندي، ڳهن ڳنن، مهرن، رانديڪن، ٻتن، مورتين ۽ ٻين شين مان لڳي ٿو ته اهي هڪ ٻئي کان پرڀريون اڏيل انساني وسنديون وڻج واپار، انتظامي ۽ سياسي نقط نظر کان پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون. تازا لڌل قديم شهر موهن جي دڙي ۽ هڙاپا کان وڏا ڪونه آهن. اُن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻئي شهر اتر ۽ ڏکڻ صوبن جون راڄڌانيون هئا. اهو پتو ڪونه ٿو پوي ته سنڌس نظام حڪومت ڪهڙو هو. هتي ڪنهن مقبري جو نانءُ نشان ڪونه آهي يا ٻيو ڪو اهڙو اهڃاڻ ڪونه آهي، جنهن مان محسوس ٿي سگهي ته هتي بادشاهي نظام حڪومت هو. اهڙيون مورتيون ضرور لڌيون ويون آهن جن کي پنڊت-راجا (King priest) چئي سگهجي ٿو. جن هتان جي وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل ننڍن وڏن شهرن تي هڪ هزار سالن تائين حڪومت ڪئي هئي. قديم آثارن جا ماهر هن تهذيب کي 2500 ق.م کان 1500 ق.م قديم سمجهن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته، اهي گهٽ قديم هجن ۽ سنڌس واسطو 2300 ق.م کان 1750 ق.م تائين هجي، پر ائين سمجهڻ لاءِ اجا به ڪن اهم شاهدين جي ضرورت آهي.

سنڌو تهذيب جي هڪ مڪمل تصوير ناهڻ لاءِ ڪافي مواد کوٽجي ٻاهر آيو آهي. سنڌس اهم خاصيت اها آهي ته منجهس اعليٰ قسم جي تنظيم موجود هئي. موهن جو دڙو ۽ هڙاپا ٻئي هڪ جهڙا ماڳ آهن جيڪي شهر جي منصوبه بندي جي افاديت جا اعليٰ مثال آهن. سڀ گهٽيون ۽ بازارون هڪ ٻئي سان گوني ڪنڊ تي ملن ٿيون. ننڍڙو قلعو، اناج جا گدام ۽ وهنجڻ جا حوض بلڪل مناسب جاين تي تعمير ڪيا ويا

آهن. گهر پڪين سرن سان اوساريل نظر ايندا ۽ اهي سرون ماپ ۽ شڪل شبيهه ۾ بلڪل اهڙيون آهن جهڙيون موجوده دور ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪتب آنديون وينديون آهن. ڪاريگر، هنرمند ۽ پورهيت طبقي لاءِ شهر ۾ هڪ جدا علائقو مخصوص هو ۽ اهي ننڍن گهرن ۾ رهندا هئا. سکيا ستابا ڏن دولت وارا ماڻهو شهر جي ٻئي حصي ۾ رهندا هئا ۽ سندن گهر ڪشادا هوندا هئا. کوهه تمام گهڻا هوندا هئا ۽ ماڻهو حوضن ۽ انهن جي پاڻيءَ جي نيڪال جي بندوبست کان بلڪل مطمئن هئا. گهرن تي ڪا به سنجت ۽ چٽسالي ڪا نه آهي، پر گهڻن جي حوضن ۽ دڪن تي نهيل پيلون (Lavatorics) هيون. گندي پاڻيءَ جي نيڪال واسطي پڪيون ناليون ۽ صفائي جي نظرداري لاءِ ڍڪيل پوڻ (Traps) تعمير ٿيل هئا. اهڙيون گنديون ڍڪيل ناليون هر گهٽيءَ جي پاسي سان ناهيون ويون هيون. شهر جي ميونسپل اختيارين طرفان ڪرفتي جي نيڪال واسطي موريون ناهيل هيون، جن جي صفائي جو به جوڳو بندوبست هوندو هو. پاڪستان جي مصنف لکيو آهي ته ”گندي پاڻيءَ جي نيڪال واريون ناليون گهڻو ڪري سنيون ڪو نه هونديون آهن پر سنڌو ماتري جا قديم شهر انهن ڳالهين ۾ ڪيرون لهڻن.“ هنن شهرن ۾ ڪو خالي ميدان يا پبلڪ پارڪ نه وري ٿيئٽر يا عوامي وندر لاءِ ڪا جڳهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هر شيءِ مان محنت جو اهڃاڻ ملي ٿو ۽ اهو محسوس ٿئي ٿو ته سنڌو ماتريءَ وارو سماج باضابطه زندگي گذاري رهيو هو. برطانيه جي قديم آثارن جي هڪ ماهر پنهنجي خيالن جو هن ريت اظهار ڪيو آهي:

”انهن بيشمار گهٽين جو اندازو لڳايو، ساڙيندڙ سج جي گرميءَ تي ويچاريو. اهي ماڻهو ماڪوڙين جي ميڙ جيان منظم هئا. هر ڪم ۾ ڦڙت ۽ چالاڪ هئا. مٿن هڪ مرڪزي ۽ طاقتور حڪومت نظرداري ڪري رهي هئي. هڪ اهڙي تهذيب جنهن ۾ عيش عشرت گهٽ پر پورهئي ۾ ايمان وڌيڪ هو. مادي شين جي تيار ڪرڻ ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو منجهن جڻ جنون هو. جديد دور ۾ اهڙيون نشانيون ملي سگهن ٿيون پر اهو زمانو ق. م جو هو.“

هنن وڏن شهرن جي کاڌي خوراڪ جو دارومدار پنهنجي ڏيهي اپت تي هو. ڪڻڪ، جَوَ، ڪارڪون، ڪپهه ۽ ڪنڌ هتان جي مکيه پيداوار هئي جن جو ڏيهي طور واپار به هلندو هو ۽ انهن جنسن جي ٻاهرين تجارت به قائم هئي. سنڌو سڀيتا سان تعلق رکندڙ مهرون، ڪاري پٿر جا لسايل تور جا وَٽَ ۽ ٺڪر جا ٿانوَ ايراني نار ۽ عراق مان لڌا ويا آهن. ساموندي ڪناري پرسان قائم ڪيل اهڙا شهر انهن جنسن جي ٻاهرين تجارت جي مقصد سان اڏيا ويا هئا. پتو نه آهي ته سنڌو ماٿريءَ جي شهرن جي رهواسين جو مذهب ڪهڙو هو. ڇاڪاڻ ته هتي ڪنهن مندر يا تيرٿ جو اهڃاڻ ڪو نه ٿو ملي، پر ڪي مٽيءَ جون پڪل مورتيون مليون آهن. جن مان پاڻئجي ٿو ته ماتا ديويءَ جي پوڄا ڪئي ويندي هوندي. ان ڪان علاوه گهڻين ٻانهن وارن ديوتائن جون پڻ مورتيون آهن، جيڪي ممڪن آهي ته هندو ڌرم جي هاٿوڪن ديوتائن جي قديم شڪل هجن. هڪ مورتيءَ جو ڌڙ لڌو ويو آهي جنهن لاءِ قديم آثارن جي ماهرن جو خيال آهي ته اهو پنڊت- راجا جو مجسمو آهي جنهن ڪي ڏسي ماڻهو ڏاڍو متاثر ٿي ويندو آهي، پر اهو ايڏو دلڪش ڪو نه آهي. مٿو وينل، چپ ٿلها، مڇون ڪوڙيل، سهڻي صاف ننڍڙي ڏاڙهي، وچ تي سينڌ، پاسن وارا وار ڪنن ڏانهن موڙيل ۽ مٿي چوڏاري ٻڌل پٽي. وڏيون ڇيروليون اکيون- اهو ماڻهو ڪير به آهي پر ڏسڻ ۾ ڏاڍو هنيلو، ڪنور ۽ ظالم لڳي ٿو.

ٻين مورتين جي چهرن تي ڪل خوشيءَ جو احساس معلوم ٿئي ٿو. هڪ جهونڙي جي مورتي آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو ڏاڍو شرير ۽ چالاڪ آهي. ڪنجهي جي ٺهيل ڇوڪريءَ جي هڪ مورتي آهي جنهن کي ناچڻي سمجهيو ويندو آهي. جنهن کي ڏسي ايئن ڀائنبو آهي جڻ سندس ڊاڪون ناچ ڪندي ٿڙڪي ۽ ڦڙڪي رهيون هجن. ڪيتريون مورتيون ٿلهيون ٻي ڊوليون به آهن. ڪي رانديڪا ته ڏاڍي ڏاهپ ۽ سچيتائي سان ناهيا ويا آهن. ڏاند جي مورتيءَ ۾ پاتل سڳي کي جيڪڏهن ڇڪبو ته ان جي منڍي لڏڻ شروع ڪري ڇڏيندي. پکين جي

ننڍڙين مورتين کي سيٺيءَ جيان وڃائي سگهجي ٿو. ڏاند گاڏي جهڙو هڪ رانديڪو آهي، جنهن کي ڏاندن جو جوڙو ڇڪي رهيو آهي. اهڙيون گاڏيون اڄ به سنڌ اندر استعمال هيٺ آهن جن جي ڪنڊن تي ڪلا لڳل آهن. انهن مان ڪيتريون ڪليل آهن ۽ ڪي وري ڪارين جيان واٽيل آهن. موهن جي دڙي مان هٿ آيل رانديڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته گاڏين جا پير نهرا آهن. شايد مٽي جي ڦيٿن کي سوراخ ڪڍڻ يا اڪر ڪرڻ ڏکيو هو. ڇاڪاڻ ته ڪاٺ جي ڦيٿي جي سرائي واري سوراخ جي ٻن پاسن کان ڦيٿي وارين ونگين جي وچ تي اندرين پاسي به ڳڙڪا هوندا آهن جيڪي مٽيءَ واري ڦيٿي ۾ ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿا اچن. قديم دور جي ڏاند گاڏي جيان ڪاٺ مان نهيل حقيقي گاڏي جا ڦيٿا سرائي وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا. هلڻ وقت اها سرائي ڦيٿن سان گڏ ڦرندي آهي. جن کي جهلي بيهڻ لاءِ هينيان ڪاٺ جا به ڪلا (جهالو ۽ ڇيڪو) لڳل هوندا آهن ۽ گاڏي جو بار به کين جهلڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جيڪڏهن گاڏيءَ کي مٽي ڪٽبو ته به ڦيٿا ۽ سرائي هڪ ئي شڪل ۾ الڳ تي پوندا آهن. گاڏي جڏهن هلندي ۽ ڦيٿن سان گڏ سرائي ڦرندي آهي ته ڏاڍا چيڪاٽ ٽيندا آهن. سنڌ جي هر ڪچي ۽ پڪي رستي سان صبح سويل ۽ سانجهيءَ مهل گاڏين جا چيڪاٽ سدائين پيا ٻرندا آهن.

هن قديم شهر جا ماڻهو عام هڏن، عاج، سنڪن ۽ مٽيءَ مان نهيل پڪا ڳهه پائيندا هئا. ڇڪي جي مدد سان شطرنج جهڙي راند ڪندا هئا جنهن جي چال ۾ ڳوٽون يا ساريون ڪم آنديون وينديون هيون. ان راند جي بساط چورس هوندي هئي جيڪا وري هر چورس خانن ۾ ورهايل هئي. ٿالي ۽ ڪنجهي مان ٺانو ۽ مورتيون ٺاهڻ جا ماهر هئا.

سنڌو سڀيتا جي باقيات ۾ پون پٿر (Stealite Stone) جون نهيل مهرون به آهن جن جي ماپ اڌ انچ هر چورس ٿيندي. مٿن سنڌو لکت جون نشانيون اڪريل آهن جن کي اڃا ڪير به سمجهي ڪو نه سگهيو آهي. انهن مان گهڻن تي ساهوارن جهڙوڪ: چيتي، هڪ سڱي ڍڳي، هرڻ، واڳونءَ، مينهن ۽ هاٿيءَ وغيره جون شڪليون آهن، تنهنڪري

چئي سگهجي ٿو تہ اهي ڏاريل آهن. هن وڏي جانور کي ايتري قديم دور ۾ دنيا جي ڪنهن بہ قوم ڏارڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. مهرن جو ڪارج ڪهڙو هو؟ تنهن جو پڻ اجا تائين پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. ممڪن آهي تہ انهن کي ڪنهن مال تي هڻڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو هجي يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن کي شخصي سڃاڻ جي مقصد سان استعمال ڪيو ويندو هجي. سنڌو ماٿريءَ جي ماڻهن جو قديم لکت جي نقطئہ نگاهہ کان. فقط انهي قسم جو مواد تباهہ ٿيڻ کان رهجي ويو آهي ۽ دنيا جا ماهر اها ڳجهارت پيچڻ لاءِ گذريل پنجاهہ سالن کان متا مونا هٽي رهيا آهن. هاڻي تازو سنڌو لکت کي پرکڻ جي موضوع تي هڪ مقالو آيو آهي، جنهن جو عنوان آهي ”سنڌو لکت جي پاچ“ (Indus Script Deciphered) جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها لکت (Crosscoord Puzzle) جيان هڪ لفظ جي ڳجهارت مثل آهي. اها پاچ لفظن جي ٻٽين معنائن تي بينل آهي. ساڳيءَ لکت جو نمونو تصويرن سان گڏ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙي ڳالهہ دل سان ڪانہ ٿي آئڙي هت ايڏي سڌريل ۽ ترقي يافتہ ثقافت جيڪا راندين کان وٺي صفائي ۽ سنائي ڏانهن توجهہ ڏئي ٿي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڍڪيل ناليون ناهي ٿي تنهن وٽ پنهنجي لکت ايتري منجهيل هوندي.

هن سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي ماڻهن جي اصليت جو بہ پتو ڪونہ ٿو پوي، اهي هتان جا هئا يا ڪٿا لڏپلاڻ ڪري هتي پهتا هئا. گهڻو ڪري اهي جابلو پونن تان اولهہ کان آيا ٿا پائنجن. جيڪي ندين جي ڪنڌين ڪناري سان سکي ستابي ۽ سکر سٺائي واري جوءِ ڏسي هتي آباد ٿي ويهي رهيا. موهن جي دڙي کان هڪ سؤ ميل کن اولهہ پاسي مڪران ۾ پاڻيءَ جا اهڙا پراچين ڪَس آهن جيڪي اونهن کوهن سان ڳنڍيل آهن. رستي ۾ جيڪڏهن جبل اچي ويو آهي تہ ان مان سرنگهہ هٽي ڪس کي اڳتي وڌايو ويو آهي. امڪان آهي تہ ڪس تعمير ڪندڙ هي قوم سنڌو ماٿريءَ وارن ماڻهن جي ابن ڏاڏن مان هجي. چو تہ جيڪا قوم درياءَ جي ڪنار سان رهندي آهي، سا پر واري علائقي ۾ پوڪي

راهي جي مقصد سان درياءَ جي ٻوڏ واري پاڻيءَ کي بند ڏئي، پاڻي پاسي واري ٻنيءَ ڏانهن وهائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. سر مورٽيمر ويلر سنڌو ماٿري جي ڪيترن ٿرڙن (ڪنڊرن) جي کوٽائي ڪئي آهي. سنڌن بيان آهي ته، ”انساني سوسائٽي جيڪا ميداني علائقي مان فائدي وٺڻ جا جتن ڪندي تنهن کي ضرور سوچ ۽ سمجهه به هوندي، تنهن ضرور ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ وارو وايو منڊل پيدا ڪيو هوندو ۽ ان جي شروعات ٿي ايئن ٿي هوندي. سنڌو سڀيتا لاءِ ايئن چئي ڪونه ٿو سگهجي ته اها سست رفتاري ۽ مانار واري ماحول ۾ اڀٽي وڏي هوندي. سندس فتحن جا موقعا به ان مسئلن جيان هڪ ئي وقت پيدا ٿي پيا هوندا. هن قسم جي فتحن جو جيڪو قديم آثارن جي ماهرن اشارو ڏنو آهي سو هن بنياد تي بينل نظر اچي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي وجود ۾ اچڻ کان ٿورو پهريان ميسوپوٽاميا ۽ مصر جون تهذيبون قائم ٿي چڪيون هيون. خيالن کي به پڪين جهڙا پر هوندا آهن. سنڌو سڀيتا جي بنياد رکندڙ شروعاتي ماڻهن پنهنجن مسئلن کي منهن ڏيڻ واسطي هنن مصر يا ميسوپوٽاميا ڏانهن ڏٺو هوندو ته هُنن اهڙن مسئلن کي نبيرڻ واسطي ڪهڙا طريقا ڪتب آندا هئا ۽ ڪين اهو شعور هو ته اهڙا مسئلا يا انهن جهڙا ڪي ٻيا مسئلا اڳي به حل ٿي چڪا آهن.“

اٽڪل 1500 ق.م يا ان کان ٿورو پهريائين سنڌو سڀيتا پنهنجي زوال کي پهتي هئي. اهڙي صورتحال کان اڳ هن ڪيتريون هيٺ مٿايون به ڏٺيو هونديون. گهٽ ۾ گهٽ موهن جي دڙي ۾ ته ضرور ايئن ٿيو هوندو ڇاڪاڻ ته اتان جي جڳهن جي تعمير جي فن ۾ زوال جا ٽي مرحلا چٽا آهن. اهڙي تعمير جي طريقي ڪار ۽ طرز ۾ موجود فرق کان سواءِ ڪي طبعي اهڃاڻ به ملن ٿا. اڌ ڊزن کن انساني ڍانچا اهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن تي ڪيل تشدد جي ثابتي ملي ٿي. ڪو به ماڻهو پڪ سان ٻڌائي ڪونه ٿو سگهي ته سنڌو سڀيتا جي زوال جا ڪهڙا ڪارڻ هئا. ان زوال جا ڪيترا سبب ٻڌايا به ويا آهن. زوال جي آخري جهٽڪي سان گڏ ڪي قدرتي عنصر به ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي سنڌو درياءَ سان لاڳاپيل

معلوم ٿين ٿا. معلوم ٿئي ٿو تہ ان ساڳئي دور ۾ موهن جي دڙي کان 200 ميل هيٺ سامونڊي ڪناري سان ڌرتي ڏڏي هئي ۽ ان کان پوءِ هيءَ ماڳ هميشہ لاءِ ڀڙڀانگ ٿي ويو. جيڪڏهن سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن ڦاٽن کي ٿوري وقت لاءِ بند ڪبو تہ ان ڪان مٿئين پاسي سنڌو وسيع علائقي ۾ هڪ خطرناڪ قسم جي ٻوڏ آڻي ڇڏيندي.

معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن موهن جي دڙي واري شهر جو بنياد رکيو ويو هو تہ ان زماني ۾ سنڌو درياءُ ان جي بلڪل ڀرسان وهندو هو. هاڻي اهو وهڪرو هن ماڳ کان ٽي ميل اوپر آهي. درياءَ جي رخ مٽائڻ ڪري هن شهر جي زراعتي اقتصاديات ضرور متاثر ٿي هوندي سنڌوءَ ۾ ان وقت جيڪا درياهي تجارتي اچ وڃ جاري هئي تنهن کي بہ ڪاپاري ڌڪ رسيو هوندو. سکر ۽ سٽائي واري زماني ۾ هن شهر جي آبادي تمام گهٽجي وڃي وئي هوندي. ڏڪار وارن ڏينهن ۾ سندن کاڌي خوراڪ جو ڏچو پيدا ٿي پيو هوندو. شهر جا ماڻهو ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ وڪوڙيل هوندا تہ بلوچستان ۽ مڪران جي جبلن ۾ رهندڙ ماڻهن هنن مٿان اچي حملا ڪيا هوندا. هنن جابلو قبائلين جي موهن جي دڙي جي ماڻهن ۾ اڳي ئي اک هوندي هئي، جيڪي سنڌوءَ جي ڪنار سان موجوده پلين ٻنين ۾ پوکي راهي ڪري رهيا هئا. سندن ڪمزوريءَ کي محسوس ڪندي هن سندن ٻنين ۽ چوپائي مال تي قبضو ڪيو هوندو. اهو بہ امڪان آهي تہ سرندي وارن ماڻهن شهر جي خراب حالت ڏسي ڪنهن ٻئي هنڌ وسڻ جو خيال ڪري اتان لڏپلاڻ ڪئي هجي. موهن جي دڙي مان جيڪي انساني پڃرا لڌا ويا آهن سي ٻارڙن ۽ ٻيڏڙن جا آهن. جڏهن موهن جي دڙي واري شهر کي ڇڏي نڪرڻ جو آخري فيصلو ڪيو ويو هو تہ اتان جا ماڻهو ٻارڙن ۽ ٻيڏڙن کي پوئتي شهر ۾ ڇڏي پاڻ سر بچائڻ خاطر تڪڙ ۾ ڇڏي هليا ويا هئا. ٻئي پاسي، اتر-اولهہ طرف کان آرين بہ وڏي تعداد ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. امڪان آهي تہ انهن هٿيارن جي زور تي سنڌوءَ جي ڪنار سان آباد انهن شهرن جي والار ڪئي هجي پر جيڪڏهن اها حقيقي ايئن هجي ها تہ انساني پڃرا ايترا

ٿورا ڇو هجن ها جن جو اٽڪل اندازو چاليهه ڪن مس آهي. اهو به نظر اچي ٿو ته اهي انساني پڃرا فوجي ماڻهن جا به ڪونه آهن.

جهڙيءَ ريت هن سڀيتا جي زوال جي دور جو پتو ڪونه آهي تهڙي ريت هن جي شروعات جي زماني جي به معلومات ڪانه آهي ۽ ان جي اهڙي پڪ جوڳي معلومات ملڻ جا امڪان به گهٽ آهن. هن سڀيتا جي باقيات ۾ ڀُتيل گهرن جي تعمير گوني‍ءَ ڪنڌ تي پاڻ ۾ ملندڙ شهر جون سڌيون گهٽيون، وڏين عمارتن، وڏي حوض ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ تعمير ٿيل نالن جا ڪنبر ۽ بس. معلوم ٿئي ٿو ته هتي نظر ايندڙ ٻڌ اسٽوپا جي تعمير شهر جي ڦٽي وڃڻ کان هڪ هزار پوءِ واري دور سان تعلق رکي ٿي. هيءَ اڏاوت ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ستر فوٽ مٿي آهي. جيڪڏهن هتان بيهي ڏسڻ سان ته سنڌو جي چانديءَ جهڙي وهڪري تي مس نظر پوي ٿي جيڪو هتان کان اوير پاسو ڏئي وهي رهيو آهي. هن ماڳ جي چوڌاري سنئون سڌو پَٽُ آهي، جنهن ۾ ڪٿي ننڍا وڻ ۽ ڪٿي ڪلراٺي زمين جي اڇاڻ ڏسبي آهي. سنڌوءَ جي ڪنار ويجهو ٻين علائقن جيان موهن جي دڙي واري جوءِ کي به سر ۽ ڪلر ورائي ويو آهي. کوٽائي جي پهرئين مرحلي دوران جَرَ جي پاڻي جي ماپ ورتي هئي ۽ هاڻوڪي ورتل ماپ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو پاڻي پورا پندرنهن فوٽ مٿي چڙهي آيو آهي. ڪلر ته ايتري قدر وڌي ويو آهي جو جاين ۾ ڪتب آندل سرون پرنديون اٿو ٿينديون پيون وڃن. سر مورٽيمر ويلر جو خيال آهي ته موهن جي دڙي ۾ موجود ڪي يادگار ته ڪلر ڳاري ناس ڪري ڇڏيا آهن ۽ ٻين يادگارن جي حالت ڏاڍي خراب آهي. وقت جي اهم ضرورت اها آهي ته جر واري پاڻيءَ جي سطح کي گهٽو هيٺ رکيو وڃي. هن رٿا تي تمام گهڻو خرچ ايندو، پر جيڪڏهن ائين ٿيو ته ڏاڍو فائدي وارو ثابت ٿيندو. چاڪاڻ ته هن پراڻي ماڳ جو قديم موجوده مٿاڇري کان ٽيهه فوٽ هيٺ آهي. جيڪو هينئر جر جي پاڻيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن اهو هيٺ لهي ويندو ته ان هينئين تهه جي کوٽائي ممڪن ٿي پوندي ۽ ماڳ جي اصل قدامت جو صحيح پتو لڳي سگهندو.

سنڌوءَ سڀيتا جا ڪي وڏا شهر ڪن قبائلي جابلو ماڻهن جي حملن جي ور چڙهي ويا ٿا پائنجن. جيڪي آرين لوڪن کان پهريائين اولهه کان وچ ايشيا مان آيا هئا. جڏهن آريا پنهنجن رٿن تي چڙهي هتي پهتا ته سڄي سڀيتا کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيائون. هڙاپا کي موهن جي دڙي کان هڪ نسل پهريائين نهوڙي ناس ڪيو ويو هو. جڏهن آريا ڪنهن درياهه جي ماٿريءَ ۾ پهچندا هئا ته شهرن جي قرلت آخري مرحلي ۾ ڪندا هئا. آريا جهنگلي ۽ لاڏائو ماڻهو هئا. شهري زندگي کان واقف ڪونه هئا. سندن طبيعت جنگجو هئي. هتان جي آبهوا سان هوريان هوريان پيٽ ٿيا ۽ بعد ۾ پوکي راهيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو هئائون. ننڍا وڏا ڳوٺ جوڙيائون ۽ اتر هندوستان ۾ پنهنجون حڪومتون به قائم ڪري ورتائون.

سنڌ ۾ آريا سنڌو جي ڪنار سان اچي آباد ٿيا هئا. امڪان آهي ته انهن اولهه سان تجارتي ناتا قائم ڪري ورتا هجن. سنڌو سڀيتا جي زوال ۽ عرب حملي جي وچ ۾ ٻن هزارن سالن جي.وڏي وٿي موجود آهي. هندو ڌرم جي مندر ۽ ٻڌن جي استوپائن جا هنڌين ماڳين ڪنڌر نظر ايندا. اهڙي تباهي ماڻهن هتان به ٿي آهي ۽ قدرت به پنهنجو ڪم ڏيکاريو آهي. قديم آثارن جي ماهرن کي تحقيق لاءِ ضروري فنڊ مهيا ڪيا ويا ته ممڪن آهي هو گند ڪچري جي ڍيرن مان اهڙي سڀيتا کي ضرور دريافت ڪرڻ ۾ سوپارا ٿيندا، جيڪا نيل ۽ فرات جي تهذيبن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ويهڻ جهڙي هوندي. هن معاملي ۾ ڏسجي ٿو ته سنڌوءَ جي وهڪري واري هيٺين پاسي ڏانهن ڪنهن به قسم جو ڌيان ئي ڪونه ڏنو ويو آهي. اسڪائيليڪس جي ڪوجنائي سفر کان پوءِ ايران جي شهنشاهه سنڌوءَ جي روائتي بدران حقيقي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سڪندر ۽ نيرڪس جي سفر جي احوالن مان پتو پوي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن ساڻن ڏاڍيون جنگيون ڪيون ۽ انهن به سنڌ مان گذرڻ وارو سارو وقت جنگين ۾ مصروف گذاريو هو. سنڌ وارن جي ڪپڙن کي ڏسڻ جو ٿورو وقت ضرور ملي سگهيو هو. سندس بيان مان

معلوم ٿئي ٿو ته هندستاني ماڻهو سوٽي ڪپڙا به پهريندا هئا ۽ اها ڪپهه وٽن ئي ٿيندي هئي. هتان جي ڪپهه ٻين ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ سفيد هئي. ممڪن آهي ته هتان جا ماڻهو سانورا هئا، تنهنڪري سندس پاتل سوٽي ڪپڙن جو رنگ وڌيڪ اڇو نظر ايندو هجي. لباس ٻن حصن ۾ ورهايل هو. هيٺيون حصو مُرن کان ٿورو مٿي تائين پهچندو هو. جڏهن ته مٿيون ڪپڙو ڪلهن کان هيٺ هوندو هو ۽ ان جو ڪجهه حصو مٿي سان ٻڌل هوندو هو. هتان جا ماڻهو ڪنن ۾ عام جام عاج جا والا پائيندا هئا، پر اهڙا ڳهه سرندي وارا ڪتب آڻيندا هئا. گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڇٽيون به استعمال ڪندا هئا. پيرن ۾ جتيون پائيندا هئا، جيڪي سفيد چمڙي جون ٺهيل هيون. جن جي ڪٺ ڏاڍي سهڻي نموني ڪئي ويندي هئي. انهن جا ترا ڏاڍا ٿلها هئا ۽ جُتي پائڻ سان ماڻهو وڌيڪ قد آور لڳندو هو. هڪ چيني سياح يوان چواڱ به سن 640ع ڌاري سنڌ منجهان گذريو هو. سندس بيان آهي هتان جو ملڪ آزاد هو جنهن ۾ چار صوبا شامل هئا. امڪان آهي ته اهي پنجند تائين پکڙيل هجن. ملڪ ۾ اناج جام پيدا ٿيندو هو. ڌاتو به گهڻو ليندو هو. ڳائو، ريڍو ۽ اوٺو مال بيشمار ۽ خچرن جو تعداد به تمام گهڻو هو. هن جن شهرن جو بيان ڪيو آهي تن جو پتو ڪونه ٿو پوي. ان کان پوءِ سن 711ع ۾ عربن سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي کان سنڌ تي حملو ڪيو جن جو احوال پڙهڻ سان سنڌ جي حالتن جو پورو پتو پئجي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

# لاڙڪاڻي ضلعي جي آثار قديمہ جي

## تاريخ ۽ موهن جو دڙو

تاريخ جي ورقن ۽ آثار قديمہ جي تحقيقي رپورٽن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ لاڙڪاڻي وارو علائقو سنڌو ماٿر جي پروقار ۽ عظيم تهذيب ۽ تمدن جو هنڌ هو. علم الارضيات جا ماهر ۽ تاريخ نويس لکن ٿا تہ هزارين ورهيہ اڳ، تاريخ واري زماني کان بہ اڳ ڪي اهڙا سڀاوا هنڌ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ بہ ٿي هئا، جتي تهذيب ۽ سڀيتا جا سلا اول اپريا، جي پوءِ وڌي وڻ ٿيا. هڪڙو مصر ملڪ ۾، "نيل نديءَ جي ماٿري" ٻيو ميسوپوٽيميا ڏي "فرات ۽ دجلہ ندين جي ماٿري" ٽيون چين ولايت ۾ "هونگ هو ۽ يانگ تسيڪانگ" واري ماٿر ۽ چوٿون سنڌ ۽ پنجاب ۾ سنڌو نديءَ واري ماٿر."

شروع شروع ۾ مٿي ذڪر ڪيل ندين جي ڪناري پاڻيءَ جي سهنج سبب گروهن جي شڪل ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهن پنهنجون بستيون قائم ڪيون، جن اڳتي هلي تمدن ۽ تهذيب جي صورت اختيار ڪئي.

مذڪوره تهذيبن جي ايرڻ کان اڳ، گهڻو اڳ ڌرتيءَ جي ڦرندڙ گولي تي برفاني دور (Ice Age) جو جڏهن خاتمو ٿيو تڏهن زمين پاڻي سان ڍڪجي وئي ڪنهن زمان کان پوءِ وري زمين جو پاڻي کان آجي ٿيڻ وارو دور"Tertiary age" جو آغاز ٿيو.

عام طور تي هي تصور موجود آهي تہ نيلگون آسمان جي هيٺان ڌرتيءَ تي چار پاڳوند قومون هيون. سنڌي (هيني لوڪ)، مصري، سميري ۽ چيني. انهن قومن کي قدرتي طور پاڻيءَ جي سهنج ڪري عاليشان ۽ پروقار تهذيبن جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي ايرڻ ۽ اسرڻ جو موقعو مليو.

سنڌونديءَ جي جرڪندڙ، ڪڙڪات ڪندڙ ۽ اجهل پاڻي سنڌ واري ايراضي جي زمين جي خشڪ حصن کي ريجڻ شروع ڪري ڏنو،

نتيجي ۾ نيٺ ناريندڙ ساوا گاهه ڦٽي پيا ۽ اهڙي ريت اپاٽهار جي قدرت سان هيءُ ڌرتي سون ورني ٿي پئي.

سنڌ جي اترين ٽڪريءَ تي خصوصاً ضلعي لاڙڪاڻي واري ايراضي ۽ تاريخ جي دور کان اڳ هڪ عاليشان تهذيب ڪر ڪڍيو. انهيءَ تهذيب ۽ تمدن کي هن وقت ”واديءِ سنڌ جي تهذيب“ يا سنڌو ماتري جي آڳاٽي سڀيتا سڏيو وڃي ٿو.

## موئن جو دڙو:

موئن جو دڙو ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري جي ريلوي اسٽيشن کان تقريباً ٻارهن ٻارهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اوڀر ۾ واقع آهي. ”سنڌوسونيئر“ جو ليکڪ گنگارام سمرات لکي ٿو:

”ڀارت جو پرانتو (Archaelogy) کاتي جي شري رکلداس بينرجي 1918ع کان 1922ع تائين ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ اليگزينڊر جي يادگارن جي تلاش ڪري رهيو هو. هن سنڌ جي کير ساگر (کيرٿر جبل) کان سنڌو ندي تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ اٽڪل 27 وڏن ڦٽل کنڊرن جي کوٽائي ڪئي، پر اهي سڀ ئي ٻڌ يادگار نڪتا. ايئن اتفاق سان ”موئن جو دڙو“ هتان هڪ ٻڌ اسٽوپا تي اچي پهتو“ جنهن جي کوٽائي ڪندي کيس اتان پٿر جا ڪپ هٿ آيا، جي اڍائي ٽي هزار ورهيه عيسوي سن کان اڳ جا هئا. بس اتان کان وٺي هن سنڌو سنسڪرتيءَ جو چنڊ اڀريو.“

سنڌ جيڪا اتهاسڪ گرنٿن ۾ نظر انداز ڪئي ويندي هئي، سا هنن ٻيجان مٽيءَ جي دڙن مان برندڙ جبل جي لاوي جيان ڌرتي ڏاري ٻاهر نڪري آئي ۽ سنڌ گهٽ ۾ گهٽ ”سنڌ“ نالي سان چمڪي اٿي.

(2) دنيا جي تهذيبن ۾ موئن جي دڙي مٿان چڙهيل رئي ۽ مٽيءَ جي تهن هيٺان جنهن سنڌو تهذيب جو ظهور ٿيو، تنهن (Pre-Historic) جي تهذيبن واري نظريي ۾ وڏو ڦيرو آندو. اتهاس، ليکڪن طرفان اڳ ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته آريه لوڪ ڀارت ۾ چار سؤ هزار ورهيه اڳ آيا هئا يعني لوهه يگ ۾ آيا هئا ۽ هتي جي جهنگلي، ڪارن ۽ اڻ سڌريل لوڪن کي جيتي تانيڪا تي وينا. آرين کان اڳ هتي ڪا به سڀيتا ڪانه هئي، جنهن جو ذڪر ڪري سگهجي.

ان رايي (Theory) کي هاڻي رد ڪرڻو پوندو. موهن جي دڙي جي کوج ثابت ٿي ڪري ته آرين جيءَ اچڻ کان اڳ (آريا آيا ڪونه پر موهن جي دڙي وارا خود آريا هئا.) سنڌ ۾ تمام اتم درجي جي نهايت انتي ڪيل سڀيتا موجود هئي، جيڪا ان وقت جي ايلام، ميسوپوٽيميا، بئبيلونيا ۽ ايجپٽ جي آرين کان به گهڻو انت هئي“ (3)

سنڌو ماٿر جي هن عاليشان تهذيب جي برآمد ٿيڻ کان پوءِ ان جي اوج کان ويندي انت تائين مختلف علمن جي ماهرن جي وڏي تيڪا ٽپڻي ٿيل آهي ۽ انهيءَ موضوع تي غير سائنسي ۽ غير منطقي مفروضن جي ڀرمار لڳي پئي آهي.

ڏيهي عالمن مان خاص طور هندن، جن جو ايمان ويدن ۽ رگ ويدن تي رهيو آهي، تن ”سنڌو“ جي تهذيب کي هندستان جي گڏيل تهذيب يعني سنسڪرتي اظهار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي مقابلي ۾ پرڏيهي عالمن ۽ ماهرن قديم تهذيبن جو تقابلي جائزو وٺي، جيڪي ڪجهه خيال ظاهر ڪيو آهي، تنهن ۾ هنن ٿورو احتياط کان ڪم ورتو آهي. انهن مان ڪيترن سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي طريقن تحت بنا ڪنهن جذباتي لڳاءَ جي خيال ظاهر ڪيا آهن. اهڙن عالمن موئن جي دڙي مان هر هڪ لڌل وٿ کي ”عمل حقريات“ ذريعي باريڪ بينيءَ سان پرکيو ۽ پسيو آهي، تنهن کان سواءِ پون وگيان جي اصولن موجب، تاريخ جي اڳ ۽ پٺ جي دورن جي ڀيٽ ڪري سنڌ سڀيتا جي قدامت، ان جي سماجي حالتن ۽ جاگرافيائي ڦيرن گهيرن تي روشني وڌي آهي.

*موئن جي دڙي مان آڳاٽي سنڌو ماٿر جي تهذيب جي دريافت،*

”واديءِ سنڌ جي آثارن جا اشارا ان جي کوٽائيءَ کان گهڻو اڳ دستياب هئا. پهريون ڀيرو اهي پنجاب واري علائقي ۾ سن 1852ع ۾، تنهن بعد 1853ع ۾. انهن مان ڪن مهرن جون تصويرون 1875ع ۾ شايع ڪيون ويون“ (4) تنهن بعد واديءِ سنڌ جي تهذيب جا آثار ۽ اشارا وڌيڪ دريافت ٿيڻ لڳا. انهن اشارن مان ڪي اشارا ان وقت دستياب ٿيا، جڏهن ڪراچيءَ کان لاهور تائين نارٿ ويسٽرن ريلوي (N.W.R) لائن وڇائڻ جي شروعات 1850ع ۾ ٿي. چيو وڃي ٿو ته اهڙن اشارن جي معلومات هڪ

انگريز آفيسر جي ياداشت مان اوچتو هٿ آئي، جيڪو ريلوي لائن وڇائڻ کان اڳ ريلوي آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ جاين ۽ ڪوارٽرن جي تعمير جي ڪم تي مامور ٿيل هو. سندس نالو جان بروٽنن (Johan Burunton) هو. هن اهڙي ياداشت پنهنجي ڀاءُ وليم بروٽنن کي خط ذريعي موڪلي هئي. ياداشت ۾ ڄاڻايل هو تہ ڪيس هتي جي ڪنهن آڳاٽي تهذيب جي آثارن سان گڏ کوٽائي ڪندي ڪي نوادرات بہ دستياب ٿيا آهن.

1921ع ۾ راءِ بهادر ديارام شاني جي اڳواڻي هيٺ جديد سائنسي طريقن کان ڪم وٺي واديءِ سنڌ جي آثارن جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪو ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيندو ويو.

1922ع ۾ ”ٻڌ مڙهي“ استوپا (Stopa) جي کوٽائي ٿي. هن استوپا، يعني ٻڌ مڙهيءَ جو تعلق ٻهرين صدي قبل مسيح سان هو، مگر جيئن استوپا جي کوٽائي هيٺ گهري ٿيندي وئي تہ کوٽائي ڪندڙ ٽيم کي آڳاٽي تهذيب جا آثار واضح طور نظر اچڻ لڳا. هنن آثارن جي دستيابي جون رپورٽون هندستان ۾ مقيم آثار قديمہ جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل کي پيش ڪيون ويون. جنهن پنهنجي نگرانيءَ ۾ 1922ع ۾ موئن جي دڙي جي کوٽائي جو منصوبو تيار ڪيو.

موئن جي دڙي جي کوٽائي جو ڪم جان مارشل جي نگرانيءَ ۾ 1927ع تائين جاري رهيو. بعد ۾ انهيءَ ڪم ۾ ڊاڪٽر ميڪي (Dr.E.J.H.Mackay) کي شامل ڪيو ويو، جنهن 1930ع تائين کوٽائي جي ڪم کي جاري رکيو جنهن ۾ چانهوءَ جي دڙي جي کوٽائي بہ ڪئي. بعد ۾ دريافت ڪندڙن ۾ مارٽيمر وهيلر (Martimer Wheeler) ۽ جارج ڊيلز (Dalese) پڻ باقي آثارن جي کوٽائي تي مامور ٿيا.

مٿي ذڪر ڪيل ماهرن سان گڏ مسٽر سي جي گاڊ، محمد ادريس صديقي ۽ برٽش ميوزيم جو هڪ ماهر مسٽر سڊني سمٿ بہ دڙي جي کوجنا واري ڪم ۾ شريڪ ٿيا هئا. انهن عالمن جي کوجنا وارين رپورٽن، سنڌو ماٿر جي آڳاٽي شانائتي تهذيب کي سڄي دنيا آڏو پيش ڪيو. هن تهذيب جي اسرڻ واري زماني، تهذيب جي انحطاط ۽ خاتمي واري زماني ۽ دستياب ٿيل رسم الخط، بين الاقوامي طور تي قديم تهذيبن سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن ۽ عالمن کي محو حيرت ڪيو.

## سنڌو ماٿر جي تهذيب موئن جو دڙو ڪيئن ٿي.

موئن جي دڙي جي باري ۾ ٻولين ۽ ادب جي عالمن کان وڌيڪ غور طلب ۽ قابل قبول حقائق علماءِ آثار قديم جا آهن.

”قديم آثار، زير زمين ڪيئن ٿين ٿا ۽ انهن کي نئين سر کوٽي ڪڍڻ جي ضرورت ڪهڙي سبب ڪري پيش اچي ٿي. جايون ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ زمين ۾ ڪيئن دفن ٿي وڃن ٿا.“ درحقيقت اهي دفن نٿا ٿين، پر زمين ۽ مٽيءَ جي سطح بلند ٿي انهن کي ڍڪي ڇڏي ٿي. اهڙي قسم جو عمل روزانو اسان جي چوڌاري ٿئي ٿو. اهو عمل ايترو ته عام آهي جو، ان جي باري ۾ ڪڏهن سوچڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. لاهور، ٺٽو، اچ، سيوهڻ ۽ ملتان جون موجوده بستيون پنهنجي قديم بستين جي آثارن تي اڏيل آهن. هتي آڳاٽين عمارتن جا دفن ٿيل آثار سولائي سان ڏسي سگهجن ٿا.“ (5)

”پراڻي زماني ۾ جڏهن ڪا جاءِ ڪرندي هئي تڏهن ان جي نئين اڏاوت گهڻو ڪري ان جي پراڻن بنيادن کي هموار ڪري، ان جي مٿان مٽيءَ جي ڍير تي ڪئي ويندي هئي. اهڙي قسم جو عمل لاڳيتو جاري رهندو هو. ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن ته جيتريون پٽيون زمين جي مٿان هونديون هيون، اوتريون زمين اندر پرجي وينديون هيون.

مشرق قريب ۾ جتي عام طور تي ڪچين سرن سان اوساري ڪئي ويندي آهي ۽ انهن کي وري ڪافي ٿلهو ڪيو ويندو آهي، اتي اهڙي قسم جو عمل تڪڙو ٿيندو آهي. جڏهن اهڙيون پٽيون ڪري پونديون آهن، تڏهن انهن جو پنجو گهڻو ڳڻ ٿيندو آهي. چاڪاڻ ته ان پنجوءَ کي ڍوئڻ هڪ وڏو مسئلو ٿي پوندو آهي، تنهنڪري پنجوءَ کي ساڳي هنڌ وڇائي سنوت ڪري مٿس ساڳين بنيادن تي نئين تعمير ڪئي ويندي آهي. اهڙي ريت زمين جي سطح ويندي آهي مٿي بلند ٿيندي ۽ پراڻا ڳوٺ ويندا آهن مٿي چڙهندا. ان ڏس ۾ جيڪي بستيون برباد ٿي وينديون آهن، يا ماڻهو انهن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي سٺائي هنڌ لڏي ويندا آهن، تڏهن زماني گذرڻ کان پوءِ انهن جون پٽيون ڊهي پونديون آهن، جتيون ڪري مٽيءَ جا ڍير ٿي پونديون آهن. جن کي وري اڏائيندڙ تکيون هوائون، مٽي ۽ واريءَ جي ذرن سان هموار ڪري ڇڏينديون آهن.

مينهن وري ان مٽيءَ کي آلو ڪري ڇڏيندو آهي. خشڪ ٿيڻ کان پوءِ اها مٽي ڇمي سخت ٿي پوندي آهي، جڏهن هزارن سالن جي عرصي کان پوءِ دڙن جي کوٽائي ڪري پراڻيون بستيون کوٽي نروار ڪيون وينديون آهن، تڏهن ائين پيو لڳندو آهي تہ ڄڻ زمين هينان شهر کوٽي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي.

مختلف سببن کان شهر آباد ۽ برباد ٿيندا رهندا آهن، وري برباد ٿيل شهرن جي مٿان ويندا آهن، نوان شهر اڏبا، اهڙي ريت ڪيترا ڀيرا برباد ٿيڻ ۽ وري وري اڏجڻ ڪري انهن جا مختلف تہ ٺهندا رهندا آهن اهڙن تهن جي وڏي اهميت آهي ڇاڪاڻ تہ اهي مختلف زمانن گذرڻ بعد ٺهن ٿا. هر هڪ تہ ڪنهن خاص جُڳ جي نمائندگي ڪري ٿو (6) ۽ انهن تهن مان لڌل وٿن جي جاچ ۽ کوجنا ڪري تاريخي نتيجا ڪڍڻ ۾ پون وڳيان ۽ آثار قديمہ جا ماهر تمام گهڻو مددگار ثابت ٿين ٿا.

”ضلعي لاڙڪاڻي جي سرزمين تي قائم موهن جي دڙي جي آثارن ۽ آڳاٽن سنڌي پٽي لوڪن جي شانائتي تهذيب ٻڌجڻ کان اڳ اٽڪل ڇئن کان پنجن هزارن سالن جو هڪ وڏو عرصو، جيڪو تاريخ جي دورن کان اڳ اٽڪل ستن جڳن تي مشتمل آهي، گذاريو هو.“ (7) تنهنڪري زمانن جي وهڪري ۾ وهي هلندڙ هن سنڌو ماٿر جي تهذيب جي انت جا ڪيئي اسباب بحث هيٺ آيل آهن. جهڙوڪ:

ٻوڏون.

سماجي طور تي زوال پذير ٿيڻ ۽ تعميري پيچ ڊاهہ وغيره ئي علم الارضيات ۽ علم الآثار قديمہ جي ماهرن جي خيالن موجب اهي مڙئي گڏيل سبب آهن، يا ٿي سگهن ٿا.

سنڌوءَ ڪناري آباد ڪلچر جي تباهي تي ايچ ٽي لئمبرڪ جيڪو تحقيقي مقالو لکيو آهي، تنهن ۾ هن تاريخ واري زماني کان اڳ ۾ آيل ڦهري ٻوڏن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن کي پڻ موئن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن جي تباهي جو اهم سبب ڄاڻايو آهي، هن جي خيالن موجب ڪيترا ڀيرا لاڳيتو آيل ڦهري ٻوڏن سبب اهو ”شاهہ شهر“ (موئن جو دڙو) پاڻي جي وچ ۾ گهيريل اپيٽ ٿي ويو هو. ڇڻڪ اهو شهر ڪنهن ڍنڍ جي وچ ۾ اچي ويو هجي. اهڙي زماني ۾ هتان جا پٽي لوڪ

جن جي هٿن ۾ تمدن جي خوشحالي هئي، هتان لڏي ويا هوندا“ (8) تنهن کان پوءِ شهر جي زندگي جو اهو پهريون ڏنڌلو دؤر اهڙي وقت تي نئين سر آباد ڪاري جي صورت ۾ شروع ٿيو. جڏهن اهو ڪافي گهٽي عرصي لاءِ ان کان اڳ مڪمل طور يا جزوي طور تي خالي ڪيو ويو هوندو. سو بہ سنڌو لوڪن جي طرفان. ”ڦهري ڀوڏن کان علاه لئمبرڪ ڪن حملي ڪندڙ وحشي لوڪن جو بہ ذڪر ڪري ٿو. ”سنڌو ڪناري آباد ڪلچر وارا جڏهن انحطاطي، پر جهد البقا واري دور مان لنگهي رهيا هوندا تڏهن حملي ڪندڙ وحشي لوڪن انهن امن پسند ۽ ڏتڙيل ماڻهن تي آخري زبرو حملو ڪيو هوندو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جو قتل عام پڻ ڪيو ويو هوندو. اهڙي حملي جي نتيجي ۾ انساني هڏن جي پڃرن جا ڍڳ جن تي ڌڪن ۽ گهائن جا نشان صاف ظاهر اچن ٿا. موهن جي دڙي جي مختلف حصن ۾ هڪ ئي هنڌ تي ڪنا ملن ٿا ۽ انهن مان اڪثر شهر جي بلڪل آبادي وارين سطحن مان دستياب ٿيا آهن. اهي شهري انتهائي پوئين دؤر تي مشتمل حملن ۾ ماريل هوندا.“ (10) ان يگ ۾ جنهن جو اندازو تقريباً 2300 قبل مسيح آهي، موئن جي دڙي ۾ رهندڙ شهرين جي آدمشماري 35000 ماڻهن کان مٿي ڪانہ هوندي. (11)

قتل عام کان پوءِ ويران ۽ پڙپانگ دڙي ۾ واري ۽ مٽي چڙهڻ جو عمل شروع ٿي چڪو هو. اهو ساڳيو عمل جنهن سنڌ جي تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ عمارتن ۽ شهرن جي قتل نشانين تي ساڳئي قسم جي خاڪي ۽ ميٽوڙي رنگ جي مٽي جي چادر چاڙهي ڇڏي هئي. ڪنهن خيالي ڊنڊ جي مٽيءَ ۾ ڍڪجي ۽ جڪڙجي وڃڻ جو عمل نہ بلڪ ڏوڙين ۽ مٽيءَ جي آندين جي ڪلهي تي سوار ٿي ايندڙ دز ۽ دڙن مٿان پوندڙ برسات سبب مٽيءَ جو جمڻ ۽ پڪي ٿي وڃڻ جو عمل جاري رهيو. اهڙين حالتن جي منهن ڪرڻ کان پوءِ ”انهيءَ بدنصيب فاقہ ڪش شهر ڪي ان کان پوءِ وجود ۾ رهڻ جو ڪو بہ سبب ڪونہ هو گهر ۽ جايون پيچي پري ويون. هوائون پوءِ خشڪ ۽ ويران ميدانن مان لنگهندي پاڻ سان واري مٽي جا گهاٽا ڪڪر ڪٽي ايندیون هيون، جن ڪي اهي دٻل جاين جي باقي بيٺل ڀتين، ۾ ستيندیون ۽ گڏ ڪنديون رهيون ۽ جيڪو

ڪنهن زماني ۾ هڪ عظيم شهر هو سو نيٺ ويران برپٽ بنجي ويو.“ (12) موئن جي دڙي جي زوال کان پوءِ هڪ اهڙو اونداهو دؤر گذريو آهي جنهن بابت ڪا معلومات ڪانهي.

## حوالا

1. پيرومل آڏواڻي ”قديم سنڌ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1980ع، ص:49.
2.گنگارام سمرات (سنڌو سووينئر) سهجپور بوگها احمد آباد پارت 1979ع، ص: 121.
3. گنگارام سمرات (سنڌو سووينئر) سهجپور بوگها احمد آباد پارت 1979ع، ص:121.
4. Emst Dolbhofer “Voice in Stone” Augustus Eclley Publisher Chifion New Jersury 1973 P. 301.
5. محمد ادريس صديقي ”واديءِ سنڌ ڪي تهذيب“ محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان 1959ع (تمهيد)
6. محمد ادريس صديقي ”واديءِ سنڌ ڪي تهذيب“ محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان 1959ع (تهميد)، ص 9 کان 11.
7. ايچ.ٽي لئمبرڪ ”سنڌ، مسلمانن جي فتح کان اڳ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1984ع، ص: 81.
8. ايچ.ٽي لئمبرڪ ”سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1984ع، ص:81.
9. ايچ.ٽي لئمبرڪ ”سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1982ع، ص:88.
10. ايچ.ٽي لئمبرڪ ”سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1982ع، ص: 88.
11. Dr.M.H.Panhwar “Chronological Dicionary of Sindh.
12. ايچ.ٽي لئمبرڪ ”سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1984ع، ص:91 ۽ 92.

پيرومل مهر چند آڏواڻي

# مهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ ان جي عاليشان سڀيتا

سرزمين جو ذڪر:

لاڙڪاڻي ضلعي جي لبدريا تعلقي ۾، لاڙڪاڻي جي شهر کان پنهجويهه ميل پري ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان فقط ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي تي، هڪ ويرانو آهي، جو عام طرح " مهن جو دڙو" سڏجي ٿو. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن انهيءَ نالي جي معنيٰ ڄاڻائي آهي." Mound of the dead" هن مان ظاهر آهي ته هو سمجهن ٿا ته اهو نالو اصل ۾ آهي "مئن جو دڙو" ۽ رڳو ڇُڪ کان "مئن" بدران "موهن" لکيو اٿن. سرزمين تي وڃي کو پڇا ڪندو، ته پڪ ٿيندس ته صحيح اچار آهي "مهن جو دڙو" ۽ ڪي "مهين جو دڙو" به چون ٿا. بنهي جي معنيٰ آهي "مات ٿيلن جو دڙو." (1)

قديم زماني ۾ سنڌو ندي مهن جي دڙي وٽان وهندي هئي. اتي جو اصلوڪو شهر سنڌو نديءَ ۽ الهندي ناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هو. سر زمين ڄاڃڻ سان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي، ته اتي اصل پنج ٻيٽ هئا، جي پوءِ نديءَ جي اتان رخ ڦيرائڻ ۽ مٿان واري وري وڃڻ سبب گڏجي ويا ۽ هاڻي ٻيٽن جو گويا هڪ ڇڳو تي پيا آهن. هينئر اتي دڙا ئي دڙا لڳا پيا آهن، جي اٽڪل اڍائي سؤ ايڪڙ زمين جا والاري بينا آهن. ڪي دڙا ويهه ته ڪي ٽيهه فوٽ اوچا آهن. انهن جي وچ ۾ هڪ وڏو دڙو اٽڪل ستر فوٽ اوچو آهي، تنهن تي هڪ مندر اڏيل هو، جو ڪيترن ورهين کان ڊنو پيو هو، پر هاڻي چڱي مشهوري ملي اٿس.

تباهيءَ جا سبب:

مهن جي دڙي واري زمين تي اصل هڪ عاليشان شهر بڌل هو، جنهن جي نالي جي ڪنهن کي به سڌ ڪانهي. اهو شهر پوءِ ڊهي دڙو ٿي پيو ۽ اتي جا رهاڪو منجهس دبجي مري ويا، تنهنڪري "مهن جو دڙو" سڏجڻ ۾ آيو. اهو شهر ڪيئن تباهه ٿيو، تن بابت ڪن جو چوڻ

آهي ته سنڌو نديءَ جي سيلاب يا ٻوڏن سبب ۽ پڻ وارن جبلن تان برسات جي پاڻيءَ جي ڇرن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. دڙي جي اندران جيڪي جايون هيٺئر لڌيون آهن، تن ۾ ڪن هنڌ باهه لڳڻ جا آثار به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر هن طرف جا رهاڪو هن وسيل شهر جي ويران ٿيڻ بابت عام هيٺين ڳالهه ڪن ٿا.

استاني ڏند ڪٿا (Local Tradition):

سومرن جي صاحبيءَ ۾ دلو راءِ نالي هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڪيترائي ڪلور ڪيا هئا، هن ڪي هيءَ وٺ هئي، ته سنڌس صاحبيءَ ۾ جيڪا به جوان ڇوڪري پرڻبي هئي، سا پهرينءَ رات پاڻ وٽ گهرائي وٺندو هو. هن قهر جي ڪم ڪري رعيتي ماڻهن جي رڳ رڳ ڪيس پئي پٽيو. ڪنهن وقت خود سنڌس سڳي ڀاڻيجي ٿي پرڻي، ته ان لاءِ به حڪم ٿيو ته پهرينءَ رات سنڌس محلات ۾ موڪلي وڃي. انهيءَ تي پيٽس ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي، وڃي پيرن تي ڪريس ۽ هٿ ٻڌي، ليلائي چيائينس ته "منهنجي آندي ڄائيءَ کي پنهنجي نياڻي سمجهه. سنڌس ست نه بگاڙيو!" پر هي مادئمهرو ڪين مڙيو. هو پنهنجي ڳالهه تي هوڏ ٻڌي بيٺو ته هي ماءُ ڌيءُ ٻئي لوساڻجي ويون ۽ اوچنگارون ڏيئي زار زار روئڻ لڳيون. سچ چيو اٿن ته "آهه غريبان قهر خدائي!" هنن ابلائن جي آهه عرش تائين پهتي، ته ڏسو قادر جي قدرت، جو دلو راءِ جي بڇڙي مراد پوري ٿيڻ کان اڳي ئي اهڙو سخت طوفان لڳو، جنهن ڌرتي ۽ آسمان گڏ هڪ ڪري ڇڏيا. اوڏيءَ مهل اوڙڪون به اهڙيون وسيون، جي نه ڪنهن ڏٺيون نه ٻڌيون. اوچتو شهر جي مٿان وڄ ڪري ۽ ڌرتي به ڌٻي، جنهن ڪري دلو راءِ جي نگري (برهمڻ آباد) ناس ٿي ويئي ۽ ٻيا ڪيترا وسيل شهر جي سنڌس صاحبيءَ ۾ ٻلي ٻلي هئا، سي سڀ ويران ٿي ويا. (2) انهيءَ الاهي آفت وقت لاڙڪاڻي طرف هن وسيع شهر جون جايون زمين دوز ٿيون ۽ ڪئين ماڻهو دٻجي مري ويا. اهو ماهو ٿيو، تنهنڪري اهو "مهن جو دڙو" يعني مات ٿيلن جو دڙو سڏجڻ ۾ آيو.

ڊڙي جي کوٽائي:

انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ هن قِسم جون کوجنائون رڳو الور، برهمڻ آباد ۽ ٻين ٿورن هنڌ ٿيون هيون، جو تن ڏينهن ۾ اهي هنڌ نهايت آڳاٽا ليکبا هئا. سن 1910ع ۾ ميرپور خاص جي نزديڪ ڪا هوءَ دڙي جي کوٽائي، مسٽر هينري ڪزنس آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ ڪرائي، اتان ٻڌ ڌرمي واري زماني جون ڪي حقيقتون معلوم ٿيون. مهن جي دڙي جي سڌ جيتوڻيڪ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن، توڙي لاڙڪاڻي ضلع جي روينيو عملدارن کي اڳي ئي هئي، پر ڪنهن نهاريس به ڪونه ٿي. هتي پوءِ سن 1922ع ۾ کوٽائي ٿي ۽ ان لاءِ هڪ اتفاقي سبب اچي بڻيو.

سن 1918ع کان وٺي مسٽر رکلداس بئنرجي، ايم- اي آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ بهاولپور رياست جا گشت ڪندو، مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل پيٽ جاچيندو، سنڌ ۾ آيو. واٽ تي بهاولپور رياست ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ سنڌو نديءَ جا ارڙهن سڪل پيٽ نظر آيس! انهن کان سواءِ ٻڌ ڌرم واري زماني جي ستاويهن وڏن ۽ ٽيونجاهه ننڍن شهرن جا ويرانا سرحد سنڌ، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڏٺائين.(3) اهي سڀ هنڌ اک مان ڪڍندو سن 1922ع ۾ لاڙڪاڻي طرف مهن جي دڙي وٽ اچي بيٺو. ان وقت هڪ اوچي دڙي تي ڊنل نل ۽ ٻڌ ڌرم وارن جو هڪ مٺ (مندر) هو، جنهن جون پيتيون سنڌو نديءَ جي سپاٽ (سطح) کان چائيتاليهه فوٽ اُتاهيون هيون. مندر جي چوڌاري ڀيڪشن (ٻڌ ڌرم جي ساڌن) جي رهڻ جي لاءِ ڪوٺيون هيون ۽ انهن ڪوٺين جي وچ ۾ مندر واري عمارت هئي. اتان مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ هئي ۽ پنيان ٻئي طرف کان هيٺ لهڻ لاءِ به ڏاڪڻ هئي. اتي هڪ وڏو تلهو هو، جنهن تي نل بينل هو. ان جي پاسي وارين پٽين جي مٿان به سوڙهيون ڏاڪڻيون هيون، جن مان هڪڙي اتر نه ٻي ڏکڻ طرف ٿي وئي. اتي هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ گوتم ٻڌ جو پتلو رکيل هو. چون ٿا ته انهيءَ پتلي تي اڳي سوني پني چڙهيل هئي، پر وارا ڳوناٽا پائيندا هئا ته هتي کو ڏن پوريل آهي، سي هتي اچي، وقت بوقت، زمين کوٽيندا هئا. سرون ڪپنديون هين، ته اهي هتان ڪڍي کڻي ويندا هئا.

مسٽر بئنرجيءَ هتي اچي، پير سان ٻهر اٿلايو، تہ ٺڪر جي ٽانون ٽپن جا ٺڪر ٽوٽا ڏٺائين، جن تي نهايت عمدو ۽ عجيب ڪم ٿيل هو. ڪي پٿر جون نهيل چريون بہ هٿ آيس. جي نئين پٿر واري زماني جون هيون. هن سڃاڻي انهن ٿورين شين لهڻ شرط سمجهيو تہ هيءَ هنڌ کوٽائڻ جي لائق آهي. خود ڪيس اوڏيءَ مهل اها ڳالهہ من نڪا چٽ هئي تہ هتان اهڙي سڀيتا جو پتو پوندو، جا اڳ ڪنهن بہ ڳولي نہ لڌي آهي، پر هتي جي زمين جا پنجن هزارن ورهين جي جهوني سڀيتا پنهنجي پيٽ ۾ پائي ويني هئي، سا ڪوڏر جي پهرئين ئي لپي سان پڌري ڪرڻ لڳي، جنهن ڪري مسٽر بئنرجيءَ جي هيڪاري دل وري.(4) آرڪيالاجيڪل کاتي وارا کوٽائيءَ جو ڪم ڪرائيندا ئي سياري ۾ آهن. مسٽر بئنرجيءَ سن 22-1923ع وارو سيارو تہ اُتي کوٽائي ڪرائي، پر ٻئي سياري ۾ بہ اُتي اچي، زمين وڏيڪ کوٽايائين ۽ سندس لايا سڃايا ٿيا.

## چئن زمانن جون عمارتون ۽ لڌل شيون.س

مسٽر بئنرجيءَ مهن جي دڙي بابت جيڪي رپورٽون ٻنهي سالن ۾ سرڪار کي موڪليون، سي آرڪيالاجيڪل کاتن جي ساليانين رپورٽن ۾ ڇپيل آهن. انهن ۾ ڄاڻايو اٿس، تہ دڙي کوٽيندي معلوم ٿيو، تہ ان ۾ چئن جدا جدا زمانن جون عمارتون آهن. انهن عمارتن اندران جدا جدا زمانن جا سڪا، چقمق جا ٺڪر، ڪچ جون ڪنگڻيون، راند ڪرڻ لاءِ ڍارا، اڇي سنگ مرمر جون نهيل ڏوپ چٽيون ۽ پتلا لڌا آهن. هڪ چٽسالي ٿيل مورتي لڌي آهي، جا ڪنهن ڏاڙهيءَ سان مڙس جي سسي آهي ۽ مٿي تي ڪوپريءَ جي شڪل جهڙي ٽوپي اٿس. دڙي جي اندر مردا بہ پوريل هئا ۽ مُردن دفن ڪرڻ جا نمونا بہ نرالا هئا. مسٽر بئنرجيءَ هتي جي عمارتن مان جيڪي شيون لڌيون، تن ۾ ٽنٽ مال پٿر، عاج ۽ چٺو جون نهيل مهرون آهن، جن تي قسمين قسمين جانورن جون شڪليون اُڪريل آهن. انهن تي ڪي اکر بہ اُڪريل آهن. جي هاٿوڪيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي صورتخطيءَ سان ملي نٿا اچن. اهي اکر اڄ تائين ڪو پوريءَ ريت پڙهي ڪونہ سگهيو آهي، پر انهن اکرن سمجهڻ جي ڪوشش گهڻا ئي عالم ڪن پيا.(5) مسٽر بئنرجي اهي مهرون ڏسي گد گد ٿيو، جو سمجهيائين تہ ڪا شيءِ لڌي اٿم. ايئن سمجهڻ لاءِ سبب هئس.

ان وقت هندوستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل هو. هڙپا ۽ مهن جي دڙي مان لڌل شيون گهرائي، پاڻ تپاسيائين، هو صاحب يڪدم سمجهي ويو، ته ههڙي کوجنا پنجاب ۽ سنڌ ۾ اڳي ڪنهن به ڪانه ڪئي آهي. مهرن تي جيڪي اکر اڪريل هئا، سي جيتوڻيڪ پاڻ به پڙهي ڪونه تي سگهيو، ته به ايترو سمجهيائين ته انهن مهرن تي جيڪي اکر اُڪريل آهن ۽ شڪليون نڪتل آهن، سي يونوچ سمنڊ وارن ملڪن جي قديم سڀيتا سان ڪجهه قدر ملي ٿيون اچن، پوءِ ته چا ڪيائين جو مهن جي دڙي مان لڌل عمارتن ۽ شين ۽ سيني مهرن جا فوٽا "السٽريٽڊ لنڊن نيوز" ۾ ڇپائي پڌرا ڪيائين، ته من ڪو عالم هنن نين شين تي ڪا روشني وجهي سگهي. سندس اهو ليک فوٽن (تصويرن) سميت "السٽريٽيڊ نيوز" جي 20 سيپٽمبر 1924ع واري پرچي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، ته نيڪ ٻئي هفتي ساڳي مخزن ۾ پروفيسر اي.ايچ.سئس ظاهر ڪيو ته انهيءَ ساڳي سڀيتا جا اهڃاڻ ميسوپوٽيميا طرف به مليا آهن. مهرون به ساڳيون ته عمارتن جي اڏاوت جو نمونو به ساڳيو! سگهوئي پوءِ ايران طرفان به انهيءَ ساڳيءَ سڀيتا جون ثابتيون مليون، جنهن ڪري آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو ته پنجاب ۽ سنڌ کان وٺي ايران، عراق ۽ ميسوپوٽيميا تائين ڪنهن قديم زماني ۾ هڪڙي ئي تهذيب هئي. هن نئينءَ کوجنا ڪيترن ئي هنڌن جي عالمن جو گهڻو ڌيان ڇڪيو. هندوستان، يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيڪي به اخبارون ۽ مخزنون ڇپجن ٿيون، تن سيني ۾ مهن جي دڙي بابت ليکن پنيان ليک ڇپيا، جنهن ڪري مهن جو دڙو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي ويو!

سر جان مارشل پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ مهن جي دڙي جي وڏيک کوٽائي ڪرائڻ لاءِ ڪجهه وقت پاڻ اُتي وڃي رهيو. ڏوڪري اسٽيشن کان وٺي مهن جي دڙي تائين رستو نهرايائين، عملي لاءِ جايون جوڙايائين ۽ اٽڪل هڪ هزار مزور دڙي جي کوٽڻ لاءِ رکيائين، جن مان ڪيترائي بروهي هئا، جي پنهنجون پنگيون اڏي اتي رهيا. ايئن مهن جي دڙي وٽ

هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو. سر جان مارشل پنهنجي سر مزدورن کي سمجهائيندو هو ته کوٽائي ڪيئن ڪجي. مزدورن جي لاءِ هيءُ نئون ڪم هو، پر اهڙو ته هري ويا جو اُن جو ڏاڏو به لهندا هئا، ته اهو به آڻي ڏيندا هئس. دڙي مان گهڻيون ئي شيون لڌيون.

جيئن جيئن نيون شيون پئي لڌيون تيئن تيئن انهن جو مختصر ذڪر اخبارن ۽ مخزنن ۾ پئي ڇپيو. آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن عالمن پيچ پچا لاتي ته اسان کي چٽيءَ ريت کولي ٻڌايو ته اتان ڇا ڇا لڌو اٿوَ! سر جان مارشل سنڌين اُٽنڻ لاهڻ لاءِ پنهنجي صحيح سان ”السٽريٽيڊ لنڊن نيوز“ ۽ ٻين مخزنن ۾ ليک لکيا. آخر هڪ وڏو سهڻو ڪتاب، ٻن جلدن ۾، باتصوير، مهن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا بابت ڇپيائين، جنهن جي قيمت ڏهه گنيون (ڏيڍ سؤ روپيا، اجان به وڌيڪ) آهي. سن 1922ع کان وٺي 1927ع تائين جيڪا کوٽائي ٿي تنهن جو سربستو ذڪر ان ۾ ڪيو اٿس. انهيءَ کان پوءِ به دڙو کوٽايو اٿن. مسٽر بئنرجي جنهن پهريائين اهو دڙو کوٽايو هو، تنهن مهن جي دڙي بابت ڌار ڪتاب لکيو. مسٽر دڪشت ۽ مسٽر مئڪي به ڪيترو وقت پنهنجي نظرداريءَ هيٺ دڙو کوٽايو هو. مسٽر مئڪي به ڌار ڪتاب لکيو آهي. انهيءَ ريت مهن جي دڙي بابت ٻين به ڪتاب لکيا آهن.

### مهن جي دڙي وارن جي شڪل شبيهه پوشاڪ ۽ زيور:

شڪل شبيهه: مهن جي دڙي مان جيڪي پتلا هٿ آيا آهن، تن مان قديم سنڌين جي شڪل ۽ مهاندن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هو قد جا بندرا ۽ بت ۾ سٺروٺرا هئا. چپ پريل ۽ اکيون سوڙهيون هين. اهي مهاندا فقط مهن جي دڙي جي رهاڪن جا هئا، يا عام طرح سيني سنڌين جا هئا، تنهن بابت ڪا به ڪافي ثابتي ڪانهي. سيني پتلن ۾ ڏسجي ٿو ته ماٿهن جو ڪنڌ ٿلهو ۽ پر پريو آهي ۽ ڳِڃن جا هڏا چپٽا اٿن. پتلن مان هيءُ ڳالهه به ظاهر آهي ته مرد ننڍيون ڏاڙهيون رکائيندا هئا. مڇون ڪن جون ڪوڙيل، ته ڪن جون رکيل هونديون هيون. مٿي جا وار پيشاني

قيمتي پٿر:

مهن جي دڙي مان جيڪي زيورات هٿ آيا آهن، تنهن مان پتو پوي ٿو ته قديم سنڌ جا رهاڪو عقيق يا سنگ سليماني (Agate)، نيلم، فيروز ۽ ٻيا قيمتي پٿر، هار جي داڻن توڙي زيورن لاءِ جڙت طور ڪم آڻيندا هئا. هڙپا توڙي مهن جي دڙي مان شيشو ڪونه لڌو آهي، پر انهيءَ زمانيءَ ۾ ڪاريگر هڪ اهڙو ليپ ٺاهيندا هئا، جو سڪڻ کان پوءِ شيشي وانگر ٻڪندو هو. انهيءَ مان داڻا ٺهيندا هئا، جي قيمتي پٿرن بدران ڪم آڻيندا هئا. سن 24- 1995ع ۾ هڪ سهڻو هار لڌو، جو خود ساک ڀيو پري ته ڪنهن قابل ڪاريگر جو جوڙيل آهي.

مسٽر رکلداس بئنرجي، جنهن مهن جو دڙو پهريائين پهريائين کوٽايو هو، سو ته وينجهارن جي ساراهه مان ڍاپي ئي نٿو. ڇي رگ ويد ۾ جن آرين جو ذڪر آهي، تن کي به اهڙو هنر ڪونه هو جهڙو مهن جي دڙي جي ڪاريگرن کي هو. سر جان مارشل به انهيءَ هار جي گهڻي ساک ڪئي آهي.

ڪيتي ۽ ٻيا هنر:

پوک: قديم سنڌ جي پوکي راهيءَ بابت گهڻو پتو ڪونه پيو آهي، باقي مهن جي دڙي مان ڪڻڪ ۽ جَوَ لڌا آهن، جيتوڻيڪ ترن جو هڪ داڻو به ڪونه لڌو آهي، ته به ايئن وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته، ترن جي پوک به ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ ته رگويد مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ پنجاب ۽ سنڌ ۾ ترن ۽ جَوَن جا فصل پيلا ٿيندا هئا، هن وقت اَنَ پيهڻ لاءِ جيڪي جنڊ ڪم اچن ٿا، سي عيسوي سن کان به صديون ڪن اڳي چالو ٿيا هئا. اڳي جنڊن جو نمونو ئي ٻيو هوندو هو. اهي ائور نموني جا جنڊ مهن جي دڙي مان تمام گهڻا لڌا اهن. انهيءَ مان مسٽر مئڪي اهو انومان ڪڍيو آهي ته اَن جي پوکي گهڻي ٿيندي هئي، جنهن ڪري ماڻهن وٽ جنڊ به گهڻا هوندا هئا.

ڪاڌو:

ڪڻڪ، جَوَن کان سواءِ ماڻهو کجور به کائيندا هئا. کارڪن جون ککڙيون کوٽائي ڪندي هٿ آيون آهن. ان وقت ماڻهو مڇي ماس، بلڪ

ڳائو گوشت بہ کائيندا هئا. درياهہ جي مڇيءَ جا تہ خوراکي هئا، پر ڪچئون ۽ ڪميون بہ ڪين ڇڏيندا هئا!

ڪتڻ ۽ اُڻڻ جو هنر:

ڪيترا ائٽ ۽ ٽڪ لڌا آهن: ڪي سادا تہ ڪي اڇا، انهيءَ مان سمجهجي ٿو تہ غريبن توڙي شاهوڪارن جي گهرن ۾ چرخي چورڻ جو رواج هو. دڙي منجهان هڪ چانديءَ جو ٿانءُ جواهرات ۽ مٽين سان ڀريل لڌو، جو اُچيءَ طرح اٽيل ڪپڙي سان ويڙهيل هو. ان ۾ ديسي ڪپهہ ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌ ۾ وونٽڻ جي پوک ٿيندي هئي ۽ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي سنڌي ماڻهن وٽ ڪپڙي اُڻڻ لاءِ آڏاڻا بہ هئا.

ڌاتو:

قديم زماني جي ماڻهن وانگر، مهن جي دڙي جا رهاڪو، پٿر جا اوزار ۽ ٿانءَ ٿپا تہ ڪم آڻيندا هئا، پر ٽامي جي سُڌ هين، جنهن مان پڻ باسڻ برتن، اوزار بلڪ ڪي ڳهڻا بہ جوڙيندا هئا ۽ لوهہ جو ذرو بہ ڪونہ لڌو آهي، پر هيءَ زمانو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ ماڻهن کي لوهہ مارڻ جو عقل اڃا آيو ئي ڪونہ هو. قلعي بہ ڏار ڪانہ لڌي آهي. باقي رڳو ٽامي سان گڏيل هٿ آئي آهي. مهن جي دڙي وارا ٽامو ۽ قلعي گڏي "برائنز" (Bronze) ناهيندا هئا، جنهن مان بہ ٿانءَ ٿپا ۽ اوزار جوڙيندا هئا. مسٽر محمد ثناءُ الله، هند سرڪار جو آرڪيالاجيڪل ڪيمسٽ چوي ٿو تہ ٽامي ۽ قلعي مان "برانز" جوڙڻ جي سُڌ سنڌو ماٿر جي ماڻهن کي عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيہ اڳ بلڪ انهيءَ کان بہ اڳي هئي.

هٿيار:

مهن جي دڙي مان ٽوريون پٿر ۽ ٽامي جون نهيل گدائون (Maces)، ٽورا ڀالا، ڪٽاريون، تير ۽ ڪمانون هٿ آيون آهن. ترار جوڙڻ جو تہ رواج ئي گهٽو پوءِ پيو، تنهنڪري ترار ڪانہ لڌي آهي، شهر ڪي عالم پناهہ ڪانهي. ڪا زرهہ بہ ڪانہ لڌي آهي، جنهن ڪري پائنجي ٿو تہ ملڪ ۾ لڙائي اڪثر ڪانہ لڳندي هئي ۽ ماڻهو صلح سانت ۾ گذاريندا هئا.

## وٿ ۽ ماپا.

وٿ ۽ ماپا قسمين قسمين لڌا آهن. اُهي اڪثر نازڪ ۽ ننڍڙا آهن. ڪي مخروطي شڪل جا وڏا پٿر لڌا آهن، جن ۾ مٿان سوراخ آهي. انهن سوراخن مان ڏور لنگهائي سگهجي ٿي. اهي پٿر تور مهل وٿ ڪري ڪم آڻيندا هئا. ڪي ننڍا وٿ خاڪي رنگ جي سليٽ جا، پيپ جي شڪل جهڙا آهن، جي ايلم ۽ ميسوپوٽيميا جي وٿن سان مشابهت رکن ٿا. مسٽر اي-ايس مئڪي چوي ٿو تہ مهن جي دڙي جا اهي وٿ ايلم ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم وٿن کان وڌيڪ سوڌا ۽ پورا آهن.

## ڪنيار ڪو هنر ۽ ڪاشيءَ جو ڪم.

مهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ چانديءَ ۽ ٽامي جي ٿانون ۽ چمڪيدار ليپ جون ٺهيل گلاباشيون وغيره هونديون هيون، پر رواجي ٿانءُ ٺپا اڪثر ٺڪر جا هوندا هئا. سنڌ ۾ ٿانون ٺپن جوڙڻ جو هنر جڳن کان عام هو، پر مهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌي ماڻهو ڪنيارڪي هنر ۾ اهڙا تہ پڙ ٿي ويا هئا، جو چٽساليءَ سان ٿانءُ ٺپا جوڙيندا هئا! ڪي ٿانءُ اهڙا تہ نفيس جوڙيندا هئا، جو اهي عام طرح ”ڪاغذي“ سڏجن ٿا. ڪاشيءَ جي ڪم جا آڳاٽا نمونا بہ رڳو مهن جي دڙي مان مليا آهن. مسٽر ارنيسٽ مئڪي چوي ٿو تہ ”رومن جي وقت کان اڳ مصر ملڪ ۾ انهيءَ هنر جي مصري ماڻهن کي ڪل بہ ڪانہ هئي.“ ڪن ٺڪر جي ٿانون تي جانورن جون شڪليون اهڙيون نڪتل آهن. جهڙيون لڌل مهرن تي آهن.

## سنگتراشيءَ اُڪر جو ڪم.

سنگتراشيءَ ۽ اُڪر جي ڪم ۾ مهن جي دڙي جي رهاڪن پنهنجيءَ قابليت جو چڱو ثبوت ڏنو آهي. ڍڳن، گينڊي ۽ ٻين جانورن جون شڪليون نهايت عمديءَ ريت مهرن تي ڪڍيون اٿن. ڪي شڪليون نوريئڙن جون آهن. جن ۾ نوريئڙا پڃ مٽي ڪيو بيٺا آهن ۽ اکين چنبن سان ڪا شيءِ وات ڏي ڪيو، چڪيو چورو پيا ڪن! انهن جي ديگهہ بہ انچ مس آهي. هڪ ڏاڙهي تي ٽن ٻاندرن جي شڪل آهي، جن جي منهن مان سندن شوخي پئي ظاهر ٿئي، پر ٻانهون ورائي هڪ ٻئي

ڪي ڀاڪر پائي بيٺا آهن! اهو ڏاڍو ايڏو آهي، جو اڪثر ڀت جي ڪل ۾ جيڪر سمائجي وڃي. ”مئنچيسٽر گارڊين“ ۾ مسٽر بريلسوفروڊ لکيو آهي ته هتان جيڪي ماڻهو ۽ ٻين ساهوارن جون شڪليون لڌيون آهن سي ان وقت جي ميسوپوٽيميا طرف جي ڪاريگريءَ کي شهه ڏيئي بيٺيون آهن.

## مهرون:

مهن جي دڙي مان جملي 558 علحدن علحدن ڊولن ۽ قدن جون لڌيون آهن. ڪي ويلڻ جي شڪل جهڙيون ته ڪي چورس، ڪي ٻيڙي وانگر ته ڪي گونيءَ ڪنڊ واريون، ڪي ننڍڙيون ۽ نفيس ته ڪي وڏيون وڏيڪ ڇٽيون، ڪي عاج جون ٺهيل ته ڪي صابوني پٿر جون. ٿوريون مهرون ٺڪر جون آهن. ڪن مهرن کي سوراخ آهي جنهن مان ڏاڳو لنگهائي سگهجي ٿو. پائنجي ٿو ته مهن جي دڙي جا ماڻهو اهي مهرون ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا، يا ڪرائيءَ ۽ ٻانهن تي تائٽ وانگر ٻڌندا هئا. انهن مهرن تي شڪليون نڪتل آهن، جن مان ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو. انهن مهرن تي اٽيل ڇٽ آهن، تن مان سمجهجي ٿو ته سيل مهر ڪرڻ مهل به اهي مهرون ڪم آڻيندا هئا. قديم زماني ۾ دستور هو ته ماڻهو ڪيڏانهن ٻاهر ويندا هئا، ته دروازن جي ٻاهران مهرون هڻندا هئا. هر هڪ مهر تي ديوتا جي شڪل نڪتل هوندي هئي. اهو ديوتا ڄڻ ته گهر جي نگاهه ڪندو هو ۽ سندين ملڪيت کي ڪو به هٿ ڪونه لائيندو هو. مهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ به شايد اهو ئي دستور هو.

## لکڻ جو هنر:

مهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي جانورن جي شڪلين کان سواءِ هڪ به سٽ به لکيل آهي، پر اکر تصويرن جي صورت ۾ آهن. سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي آئيوويٽائون چالو آهن، تن جا اکر اڪثر اهڙين تصويري لکيتن مان ٺهيل آهن. اڳي اکرن بدران جانورن وغيره جون شڪليون ڪيندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي هاڻوڪا اکر ٿيا آهن. مهرن ۾ اهڙن اکرن جي وچ ۾ ڪٽي ڪٽي، ديوناگريءَ جي

نمونا ماترائون يا لاڪنائون (اعرابون) آهن جن مان سمجهجي ٿو تہ هتي لکڻ جي هنر جي ترقي چڱي قدر ٿي هئي. اهڙي قسم جون مهرون ميسوپوٽيما طرفان بہ لڌيون آهن. جي عيسوي سن کان ٽي هزار کن ورهيہ اڳ جون آهن. انهيءَ مان سر جان مارشل انومان ڪڍيو آهي تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا بہ انهيءَ قديم زماني جي آهي.

## راندين ۽ رانديڪا:

مهن جي دڙي مان سنگ سليماني ۽ ٻين پٿرن جون نهيل گوليون، شطرنج ۽ ڏارا لڌا آهن. اهي هاٿوڪن ڏارن وانگر ڏگها نہ، پر ڪعب شڪل جا آهن. هن مان ظاهر آهي تہ ماڻهن جي واندڪائي جي وندر اهي رانديون هيون. ان وقت جي ماڻهن کي پنهنجي ٻارن جي وندر جو بہ جهجهو اونو هوندو هو. جو ڪيترن قسمن جا رانديڪا بہ لڌا آهن، جي ماڻهن ، ڍڳن ۽ گهوڙن جون شڪليون آهن. هڪ ڍڳي جو پيچ چڪجي ٿو تہ ڪنڌ پيو لوڏي! هڪ هاٿي آهي، جو جهنجهٽو ٽي ڪم اچي ٿو. مهن جي دڙي مان هڪ نڪر جي نهيل گاڏي چيڪلن سان لڌي آهي. انهيءَ قسم جون گاڏيون عيسوي سن کان ٻٽيهہ سؤ ورهيہ اڳي ميسوپوٽيميا طرف چالو هيون، جنهنڪري چئبو تہ گاڏين جو هي جهوني ۾ جهونو نمونو آهي.(7)

## طبابت ۽ دوائون:

مهن جي دڙي مان ٿورو سلاجيت لڌو آهي. سلاجيت ٻن قسمن جو ٿئي ٿو. هڪڙو اڇو ۽ ٻيو ڪارو. هتان ڪارو سلاجيت لڌو آهي، جو بدهاضمي، ادرار، جيري ۽ هيانچي جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. هرڻ جا سڱ هتان لڌا آهن، جي پڻ شايد دوائن ۾ ڪم ايندا هئا. هندن جي ڌرمي پستڪن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم زماني کان وٺي طب مان واقف هئا ۽ ڪيترين ڪارائتن ٻوٽين جي سڌ هين.

## تهذيب جي قدامت:

سر جان مارشل ظاهر ڪيو آهي تہ مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون هٿ آيون آهن، تن مان ڪي عيسوي سن کان 2758ع ورهيہ تہ ڪي 3250 ورهيہ اڳ جون آهن، يعني انهيءَ تهذيب جي ڄمار اٽڪل پنج

هزار ورهيہ اڳ آهي، ڪي چون ٿا پنج هزار ورهيہ اڳي اها تهذيب ههڙي اعليٰ درجي کي رسيل هئي، تنهن مان ئي ظاهر آهي ته اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳي انهيءَ تهذيب جو پايو پيو هوندو. جنهن ڪري چئبو ته اها تهذيب اڄ کان ست هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿي هوندي. تازو آڪٽوبر 1938ع ۾ نامور عالم ريورنڊ فادر ايچ-هيرس مدراس يونيورسٽيءَ جي سهاري هيٺ هن مضمون تي تقرير ڪندي جيڪي چيو آهي تنهن مان ظاهر آهي ته مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن جون لکتون هو ڪجهہ قدر سمجهي سگهيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته ڪيترن مهرن ۾ سورج منڊل تي راسين ۽ نکشترن جو سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح اشارو آهي ۽ هڪ مهر تي مکيہ راس بابت لکيل آهي ته ”ان جي رفتار تيز آهي“ پوءِ جوتش جي حساب موجب ڄاڻايو اٿس ته مهرن مان سمجهي سگهجي ٿو ته قديم سنڌ جي ماڻهن کي جوتش وديا جي سڌ عيسوي سن کان 561ورهيہ اڳي هئي ۽ ميسوپوٽيميا طرف جا ماڻهو اها وديا پوءِ سکيا ۽ لکڻ جو هنر بہ هنن هندوستان جي ماڻهن وٽان پوءِ پرايو، ميسوپوٽيميا جي ماڻهن پوءِ اهو هنر يورپ طرف ڦهلايو. مطلب ته فادر هيرس جي چوڻ موجب يورپ جي ماڻهن تي هندوستان سڀيتا جو اڳاٽي زماني ۾ گهڻو اثر ٿيو هو. (8)

### قديم سنڌين جي لهہ وچڙ:

مهن جي دڙي مان جيڪي شيون لڌيون آهن، تن مان رڳو ٿورين شين تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو ته پنج هزار ورهيہ اڳي قديم سنڌين جي لهہ وچڙ ڪهڙن ڪهڙن هنڌن جي ماڻهن سان هئي.

مهن جي دڙي مان ڪي ٽامي جا باسڻ ۽ اوزار لڌا آهن. سنڌ ۾ لڪيءَ جي جبلن مان ڪنهن ڪنهن هنڌان ٽامو ٿورڙي انداز ۾ لڀي ٿو، پر اها ڪچي ڌاتو ايتري ڪانهي، جنهن مان عام طرح باسڻ ٺاهي ڪم آڻجن. مطلب ته ٽامي جون ڪاٺيون سنڌ ۾ ڪينهن، تنهنڪري اهو ڌاتو قديم سنڌين ضرور ٻاهران آندو هوندو. هندوستان ۾ ان جي پر وارن ملڪن جي جاگرافيءَ جي جنهن کي سڌ هوندي. سو جهٽ سمجهي سگهندو ته قديم سنڌين پنهنجي روزمرهہ جي ڪپ لاءِ ٽامو ضرور مدراس، راڄپوتانا يا ڪشمير مان آندو هوندو، يا ته ايران ۾ ڏکڻ

افغانستان مان آندو هوندائون، جو اُتي بہ ٽامي جون کاڻيون آهن. اهڙيءَ طرح رڳو ٽامي جي باسڻن ۽ اوزارن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌ جا رهاڪو مدراس، راجپوتانا، ڪشمير، ايران ۽ ڏکڻ هندوستان يا انهن ڪن هنڌن جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ هئا، جنهنڪري ٽامو ملي سگهندو هو، جنهن مان پنهنجي گهرج جون شيون جوڙيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳ سنڌ ۾ قابل ٺاٺارا هوندا هئا، جي ههڙا عمده باسڻ جوڙي سگهندا هئا.

مهن جي دڙي مان ڪي سونا زيور بہ لڌا آهن، سون جو ذڪر رگويد ۾ گهڻن ئي هنڌ آهي. آڳاٽن رشين سنڌو نديءَ کي "سوني" ڪوٺيو آهي هن جو سبب هيءُ آهي تہ سنڌو نديءَ جي واريءَ مان اڻ تائين سون جا ذرا لڀن ٿا. حقيقتن سيني وڏين ندين جي واريءَ مان سون جا جزا لڀن ٿا. مطلب تہ سنڌي ماڻهن کي سنڌو نديءَ منجهان ئي سون ملندو هو، پر اهو ڪيتري قدر ملندو هون، سو چئي نٿو سگهجي. سون هٿ ڪرڻ لاءِ قديم سنڌين کي بہ واٽ هئي.

مهن جي دڙي مان هڪ پتلو لڌو آهي، جنهن تي گيڙوءَ يا داءَ سان چٽسالي نڪتل آهي. سنڌ ۾ گيڙو يا داءُ ٿئي ئي ڪونہ. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو هنڌ، جتان گيڙو ججهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو، سو لڪپت جو شهر آهي. وچ هندوستان مان بہ ڪيترن هنڌان گيڙو ملي سگهي ٿو، پر آڳاٽي وقت کان ونئي ايراني نار طرفان سنڌ ۽ ڀين پاسن ڏي گيڙو ججهي انداز ۾ پئي آيو آهي. جو انهيءَ پاسي گيڙو، رنگ جو وڏيڪ تڪو آهي. قديم سنڌ جو واپار مغربي ملڪن سان گهڻو هلندو ئي ايراني نار جي رستي هو. حاصل مطلب تہ مهن جي دڙي مان لڌل شين مان رڳو انهن ٿورڙين شين تي ويچار ڪجي ٿو تہ ايئن وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ آڳاٽي زماني ۾ جيتوڻيڪ آڳ ڳاڏيون ڪين هيون، تہ بہ سنڌ جو وڻج واپار هيڏانهن ڪشمير ۽ قنڌار، هوڏانهن وچ هندوستان توڙي ڏکڻ هندوستان طرف سان هلندو هو. اسان جي پرڳڻي کي قادر پنهنجي قدرت سان سمنڊ توڙي خشڪيءَ جي رستي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ طرف وارن سان آڳاٽن سنڌين جي لهہ وچڙ انهن ئي واٽن کان ٿيندي هئي.

سڀيتا جا باني‌ڪار.

مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي اندران ڪي کوپريون به لڌيون آهن جن جي چڱيءَ ريت چڪاس ڪري ڪرنل آر.بي سيويل هندوستان جي زولاجيڪل سروي جي ڊائريڪٽر ۽ سندس همڪار ڊاڪٽر بي.ايس گوها ظاهر ڪيو ته منهن جي دڙي ۾ گهٽ ته چئن قومن جا ماڻهو رهندا هئا، جن مان هڪڙا ڪول ۽ سنٿال ٻيا دراوڙ، ٽيان آپائين چوٿان منگول قوم جا هئا. انهن جدا جدا قومن جي ماڻهن مان مهن جي دڙي واري تهذيب يا سڀيتا جو پايو ڪهڙيءَ قوم جي ماڻهن وڌو، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، پر وڌيڪ وزن آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جي راءِ لهڻو.

مسٽر رکلداس بئنرجي، آرڪيالاجيڪل کاتي جو سپرٽينڊنٽ، جنهن پهريائين پهريائين منهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي، تنهن جو توڙي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جو چوڻ آهي ته مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙ لوڪن جي آهي ۽ اهي ئي انهيءَ سڀيتا جا باني‌ڪار آهن.

راءِ بهادر راما پرساد چند، سپرٽينڊنٽ، آرڪيالاجيڪل سيڪشن، انڊين ميوزمر، ڪلڪتي وارو چوي ٿو ته ”هيستائين جيڪي شيون لڌيون آهن، تن مان اهڙي ڪا ثابتي ملي ئي ڪانه ٿي، جنهن مان سمجهي سگهجي ته هڙپا ۽ مهن جي دڙي وارا شهر جن اڏيا، تن جي سڀيتا رگويد وارن آرين جهڙي هئي. اٽلندو هيءَ ثابتي ملي آهي ته انهيءَ آڳاٽي سڀيتا جا باني‌ڪار ويدن جا مجيندڙ نه هئا.“ وڌيڪ هيئن به چيو اٿس ته ”اهي ”پڻي“ يعني واپاري لوڪ هئا، جن هڙپا ۽ مهن جي دڙي وارا شهر ٻڌا.“ رگ ويد ۾ ”پڻي“ لوڪن جو ذڪر آهي. راءِ بهادر جي چوڻ موجب اهي پڻي لوڪ دراوڙ هئا ۽ سندن قلعا آريه لوڪن اچي ڊانا جيئن رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي.(9) مطلب ته هيستائين جيڪي ثابتيون مليون آهن، تن مان آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي ايئن سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته مهن جي دڙي جي سڀيتا ويدن جي مجيندڙ آرين کان اڳ جي آهي ۽ ان جو شرف دراوڙ لوڪن کي ڏين ٿا. فادر هيرس جو به اهو ئي چوڻ آهي

ته هيءَ قديم دراوڙن جي سڀيتا آهي، جنهن جو پتو اسان کي اڃا هاڻ پيو آهي.(15)

### مهن جي دڙي جي اهميت

سنڌ ۾ مهن جي دڙي ۽ پنجاب ۾ هڙپا جي کوٽائي ٿيڻ کان اڳ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرفان اعليٰ درجي جي تهذيب جي اهڃاڻ معلوم ڪيا هئا ۽ اهڙو ڪو اهڃاڻ هندوستان مان اڃا معلوم ڪونه ٿيو هون. انهيءَ سبب اهو ئي اثر دلين تي ويٺل هون ته قديم مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرف جي رهاڪن جڏهن اعليٰ درجي جي ترقي ڪئي هئي تڏهن هندوستان جي ماڻهن جي حالت جهنگلين يا اڻ سڌريلن کان گهڻو بهتر نه هئي. هينئر مهن جي دڙي مان جيڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن، تن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جا ڪپاٽ کوليا آهن ۽ اڳوڻي غلط فهمي هينئر بنهه دور ٿي ويئي آهي. ڪيترائي عالم هينئر قبول ڪرڻ لڳا آهن ته اهو زمانو گذري ويو جو قديم مصر ۽ قديم يونان جي سڀيتا سيني کان آڳاٽي ليکي ويندي هئي. اهو وقت ويو، جو فرات ۽ نيل ندين جي ڪنني وٺ جيڪي ڪم ٿي گذريا سي سڄيءَ دنيا ۾ آڳاٽا ليکبا هئا. هينئر پهريون نمبر اسان جي سنڌو ماٿر سمجهڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي قديم سڀيتا انهن سيني هنڌن جي قديم سڀيتا کي شهه ڏيئي بيني آهي. هن مان هيڪاري ظاهر آهي ته قديم سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سڀيتا جو پايو پاڻيهي وڌو هو ۽ ٻين تان نقل ڪونه ڪيو هئائون. هن وقت جيڪڏهن ڪو دنيا جي تاريخ لکندو، ته ڪيس ضرور پنهنجي تاريخ سنڌ جي قديم سڀيتا جي ساک سان شروع ڪرڻي پوندي. تازو مسٽر ڊبليو-ايچ-موئر لنڊ ۽ بابو اتلچندر چٽرجي قديم هندوستان جي تاريخ ڇپائي پڌري ڪئي آهي ته شروع ئي سنڌو ماٿر جي قديم سڀيتا سان ڪئي اٿن. ٻين ڪن يورپي ۽ ڏيهي عالمن به ائين ڪيو آهي. هينئر ڪرڻو ئي ائين پوندو، جو مشرق جي سيني ملڪن ۾ اڄ جو دڙو اهميت وارو هنڌ آهي.

مصنف جو شخصي رايو.

مهن جي دڙي ۽ هڙپا مان جهڙيون مهرون هٿ آيون آهن، تهڙيون ساڳيون ميسوپوٽيميا طرفان بہ هٿ آيون آهن ۽ انهن مان ڪي عيسوي سنہ کان 3250 ورهيہ اڳ جون آهن. انهيءَ سبب سر جان مارشل جو چوڻ آهي تہ مهن جي دڙي جي تهذيب جي ڄمار پنج هزار ورهيہ آهي، جيڪڏهن ميسوپوٽيميا طرفان اَٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳ جون مهرون هٿ اچن ها ۽ اهي مهن جي دڙي وارين مهرن سان ملي اچن ها تہ پوءِ خود سر جان مارشل چوي ها تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا بہ اٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳ جي آهي. مطلب تہ تهذيب جي ڄمار جو تخمينو لڏل مهرن تي بڌل آهي، جنهن ڪري مصنف جي خيال موجب اهو تخمينو اڃا پورو نہ سمجهڻ گهرجي. هن لاءِ ٻيو بہ سبب آهي.

سر جان مارشل ۽ ٻين آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جو چوڻ آهي تہ مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙ لوڪن جي آهي جو آرين جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ هئا. اتهاسڪ (تاريخي) زماني جي احوال ڏيندي. اسين ڪيترا حوالا ۽ سندون ڏيئي ڄاڻائينداسون تہ مها ڀارت واريءَ لڙائيءَ کي اڄ پنج هزار کن ورهيہ ٿيا آهن، جيڪڏهن مهن جي دڙي واري سڀيتا جي ڄمار بہ پنج هزار ورهيہ آهي، تہ چئبو تہ اها مها ڀارت واري زماني جي سڀيتا آهي. جنهن صورت ۾ آرين جي هندوستان ۾ حڪومت مها ڀارت واري زماني کان گهڻو اڳي هئي، تنهن صورت ۾ چئبو تہ هن سڀيتا جا باني‌ڪار آريہ لوڪ هئا. جيڪڏهن سچ پچ اها دراوڙن جي سڀيتا آهي، تہ پوءِ چئبو تہ انهيءَ سپتا جي ڄمار پنج هزار ورهيہ نہ، پر ان کا ٻيٽي ٽيٽي آهي. انهيءَ سبب مصنف جو شخصي رايو آهي تہ جيستائين ڪي پڪيون پختيون ثابتيون نہ مليون آهن، تيستائين سڀيتا جي ڄمار ۽ باني‌ڪار جي حال لٻيءَ ۾ رهڻ گهرجي

(اصل مقابلي جو اختصار)

## حوالا ۽ حاشيا

1. سنڌيءَ ۾ "ماهو" معنيٰ خون يا ڪوس، ڪٿي لٺ لڳندي آهي ۽ ڪي ماڻهو اقت مري ويندا آهن تہ چئبو آهي تہ "ماهو" ٿيو. ساڳيءَ

طرح جنگين ۾ زلزلن سبب به ماهو ٿئي ٿو، "ماهو جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "مش" معنيٰ ڪهڻ يا ناس ڪرڻ، پراڪرت ۾ ان جو اچار آهي "ميهه". سنڌيءَ ۾ چئون "مهو-ماهو" ان جو ڦيرو ڪبو ته عام صورت واحد ۾ چئبو "مهي- ماهي" جمع "مهن- ماهن" پر "مهين" به چئبو آهي: انهيءَ سبب " مهن جو دڙو" معنيٰ "مات يا خون ٿيلن جو دڙو" (Mound of the killed)

2. تحفة الڪرام" موجب برهمڻ آباد، ينيور ۾ اهڙا بيا شهر عيسوي انين صديءَ جي وچ ڌاري ويران ٿيا هئا.

3. Dr. Suniti Kumar Chatteji: Modern Review, December, 1924.

4. "Mr. Banerji, one of the greatest scholars that India has ever produced, at oncee realized the great importance of that discovery (at Mohan Jo Daro). The civilization the relice of which so accidently came into his hands. Was totally unknown civilization, not only in India, but all over the world. That was the beginning of the discovery of a new period in the history of man. " Re. I Hearas: Journal of Indian History, April 1937 P-1.

3. فادر هئرس جو چوڻ آهي ته پاڻ اهي لکتيون سمجهي سگهيو آهي، پر جيڪي سمجهيو اتس سو برابر آهي يا نه تنهن ڳالهه جي تصديق اڃ تائين ڪنهن ڪانه ڪئي آهي. ڏسو صفحو 66-67 هيٺان انگريزي نوٽ.

6. Sir John Marshall: Mohan-Jo-Daro and Indus civilization Vol:1 P.36-37.

7. Sir John MarshallL Mohan-Jo-Daro and Indus civilization Vol:1 P. 395.

8. Sindh Observe Karachi, Wednesday, 27 october 1937, P-7.

9. Memoir of the Archeaological Survery of India No. 31,P-5

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# ڪوهن وارو شهر_ موهن جو دڙو

موهن جو دڙو، ڏوڪري اسٽيشن (موجوده نالو موهن جو دڙو اسٽيشن) کان 14 ڪلوميٽر پري آهي. هن دڙي وارو پراڻو شهر ڪيترائي ڀيرا ناس ٿيو آهي، ۽ ٻيهر آباد پئي ٿيو آهي. اندازو آهي ته ست ڀيرا ڊٺو ۽ وري ٺهيو. مٿئين طبقي جو زمانو 1700 ق.م ۽ هيٺئين تهه جو زمانو 2500 ق.م يا 3000 ق.م مقرر ڪيو ويو آهي. يعني پراڻو شهر پنج هزار سال يا ساڍا چار هزار سال اڳ هڪ پريو، ڀاڳو شهر هو.

1918ع کان اڳ هن دڙي جي اهميت جي ڪنهن کي به خبر نه هئي. 1918ع ۾ هن دڙي مان ڪي اهڙيون مهرون هٿ آيون، جن مان معلوم پئي ٿيو، ته انهن هنڌن تي ضرور ڪو قديم شهر آباد هوندو، جيڪو هينئر دڙن جي صورت ۾ آهي. مسٽر آر. ڪي. بئنرجي ۽ آثار قديم کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل دلچسپي وٺي 1922ع ۾ دڙي جي کوٽائي ڪرائي. 1931ع تائين کوٽائي هلندي رهي. ان کان پوءِ فنڊن جي کميءَ جي ڪري ڪم رڪجي ويو. کوٽائي ڪندي جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو، ان مان ثابت ٿيو ته اهي هڪ وڏي عاليشان ۽ مهذب شهر جا آثار هئا، جيڪو عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ آباد هو. ان مان معلوم ٿيو ته آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو نهايت مهذب زندگي گذاريندا هئا، ۽ منجهن شهريت جو شعور هو. موهن جي دڙي کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي دڙا ۽ پڙا سنڌ جي قديم تهذيب جا نشان آهن. هن دڙي کي موهن يا موئن جو دڙو سڏيو وڃي ٿو، پر دڙي جي پسگردائيءَ وارا ماڻهو هن کي ”مُنهين جو دڙو“ يا ”منهين جي ماڙي“ سڏيندا آهن.

دڙي جي کوٽائيءَ سان جيڪي انسانن جون کوپريون، هڏاوان پڃرا ۽ ٻيا اهڃاڻ مليا آهن، انهن کي ڏسي ماهرن اندازو لڳايو آهي، ته انهن ڏينهن ۾ دراوڙ نسل جا ماڻهو رهندا هئا، پر سمورا ماڻهو دراوڙ نسل جا نه هئا. انهن محققن جو خيال آهي، ته مختلف نسلن جا ماڻهو آباد هئا. گهٽ ۾ گهٽ چئن نسلن جي ماڻهن جا چٽا آثار ملن ٿا. دڙي جي کوٽائيءَ

مان جيڪي آثار ۽ اهڃاڻ مليا آهن، ۽ انهن جي آڌار تي سنڌ جي تهذيب بابت جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو آهي ان جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## حڪومت جو نظام:

معلوم ٿئي ٿو تہ هتي مذهبي طبقي جي حڪومت هئي، ۽ راجا جي ناهيل قانونن تي ڪنهن کي بہ اعتراض ڪونہ هوندو هو. انهيءَ ڪري ملڪ ۾ امن امان هو، ۽ هر ڪو خوش هو. وڏن ڏڻن تي راجا پيڪيدار ڪپڙا پائي، چيلهہ سان تلوار ٻڌي، هاٿيءَ تي سوار ٿي پرجا کي درشن ڪرائيندو هو. ان بعد مندر ۾ راجا ۽ پرجا گڏجي پوڄا ڪندا هئا، ۽ راجا پرجا جي وچ ۾ ويڇو وڇاندر ڪونہ رهندو هو. اهڙن موقعن تي راڳ روپ ۽ چرچي ڀوڳ جي هر ڪنهن کي اجازت هوندي هئي. عدل ۽ انصاف جو پورو پورو خيال رکيو ويندو هو.

ملڪ جو انتظام نهايت مناسب ۽ معقول هو، ۽ پرجا ان جي سختيءَ سان پابندي ڪندي هئي. خاص طرح سان شهر جو انتظام تہ مقرر ڪيل قاعدن ۽ قانونن موجب هلندڙ هو. ائين ٿو ڀانئجي تہ شهر جي انتظام ۽ سڌاري لاءِ باقاعده مونسپالٽيءَ جهڙو ادارو هو، جنهن جي رٿا موجب جايون جڙنديون هيون. گهٽيون ۽ ڪني پاڻيءَ جون ناليون نهنديون هيون، ۽ ڪوهہ ڪوٺيا ويندا هئا. ماڻهو صفائي پسند هئا ۽ قانون جي سختيءَ سان پابندي ڪندا هئا. ڪوبہ گهر يا ڪا ذاتي جاءِ وڏي سڙڪ يا ٻين عام پلي جي هنڌن تي نہ ناهي ويندي هئي. اهوئي سبب آهي، جو سڙڪون ڪليل آهن. وڏي سڙڪ ٿيٽيهہ فوٽ ويڪري آهي. ٻہ-واٽي ياڇو-واٽي تي هڪ سڙڪ ٻيءَ سڙڪ کي گوني ڪنڊ تي ڪراس ڪري ٿي. گهٽيون بہ نهايت سڌيون ۽ ڪشاديون آهن، ڪٿي بہ ڪو دخل ڪونهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهو قانون جا سخت پابند هئا.

گهرن جي ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڍڪيل نالين جو بندوبست آهي. انهن نالين ناهڻ وقت صحت جي اصولن جو پورو پورو خيال رکيو ويو آهي، ايتريقدر جو نالين جو پاڻي نہ گهٽين ۾ گندگي پيدا ڪندو هو، نہ بانس ٿيندي هئي، ۽ نہ گهٽيءَ مان لنگهندڙ ماڻهن جا ڪنهن بہ موقعي تي ڪپڙا خراب ٿي سگهندا هئا. نالين جو پاڻي وهي وڃي وڏي سڙڪ ڏانهن وڏي ناليءَ ۾ پوندو هو.

رهڻ جون جايون به ستيل رٽا موجب نهيل نظر اچن ٿيون. گهرن جا اڱڻ ڪشادا آهن، ۽ روشنيءَ جو پورو پورو خيال رکيل آهي. گهر، گهر ۾ کوهه ۽ غسلخانو آهي. گهڻو ڪري سيني گهرن ۾ پائخانه به آهن. غسلخانا ۽ پائخانا اڪثر هيٺين منزل تي آهن، پر ڪن جاين ۾ ٻيءَ منزل تي به انهن جا نشان ملن ٿا. ٻنهي حالتن ۾ گهر جي انهيءَ حصي ۾ آهن، جيڪي سڙڪ يا گهٽيءَ جي بلڪل لڳ آهي، ۽ انهن جا فرش لهوارا آهن، ته جيئن پاڻي سولائيءَ سان نيڪال ٿي وڃي.

شهر جي حفاظت لاءِ، شهر کي چوڌاري اٺ فوٽ ٿلهي پٿ ڏنل هئي، جنهن کي ڪيترن هنڌن تان وڏا در هوندا هئا. رات جو اهي بند ڪيا ويندا هئا، ۽ حڪومت پاران انهن تي چوڪيدار مقرر ڪيل هئا. شهر جي پوري وچ تي هڪ وڏو هال آهي، جيڪو شايد ميونسپالٽيءَ جهڙي اداري جي آفيس هئي. ان ڪان سواءِ شهرين جي صحت، صفائي، تفريح ۽ وهنجڻ لاءِ تلاءِ سرڪاري اسپتالون ۽ باغ هوندا هئا. اهو ڏيکاري ٿو، ته حڪمران طبقي کي عوام جي سهوليت ۽ بهبود جو هر وقت خيال هوندو هو.

اهي رٿائون ۽ سٽائون، انتظام ۽ اصول ڏسي آثار قديمه جا ماهر دنگ رهجي ويا. هنن کي انهيءَ ڳالهه تي حيرت آهي ته اج ڪان اٽڪل پنج هزار سال اڳ شهر جي هڪ ميونسپالٽي هئي، جيڪا شهرين جي صحت ۽ صفائي، وندر ۽ ورونهن-مطلب ته هر ڳالهه جو خيال رکندي هئي ۽ عوام به ايترو مهذب، متمدن ۽ شائسته هو، جو انهن قاعدن جو سختيءَ سان پابند هو.

مذهب:

موهن جي دڙي جي ماڻهن جي مذهب بابت ڪابه يقيني راءِ قائم نه ڪئي ويئي آهي. ڪابه اهڙي جاءِ نه ملي آهي، جنهن لاءِ يقيني طور چئي سگهجي ته اهو مندر يا عبادتگاهه هو. عبادتگاهه ضرور هوندا، پر جيئن ته جاين جي سٽاءُ هڪجهڙي آهي، انهيءَ ڪري نشاندهي ٿي نه ٿي سگهي. وڏي حمام (Great Bath ) کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته شايد ڪنهن خاص ڏڻ تي سڀ ماڻهو گڏجي سنان ڪندا هئا. اها رسم ضرور سندن مذهبي رسم هوندي.

مهرن جي تصويرن ۽ صورتن کي ڏسي اندازو لڳايو ويو آهي ته هو فطرت پرست هئا ۽ بت پرستيءَ کي سنڌن مذهب ۾ دخل نه هو. ڪي اهڃاڻ اهڙا به مليا آهن، جن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته ڪنهن وقت هو توحيد پرست به هئا. ان کان پوءِ سنڌن مذهب ۾ بگاڙو آيو ۽ هو ديوين ۽ ديوتائن ۽ جانورن جا پوڄاري بنجي ويا.

مهرن تي ديوين جون تصويرون ملن ٿيون. ان مان اندازو لڳايو ويو آهي ته هو "مانا" يا ديويءَ جا پوڄاري هئا. ان کان سواءِ ڪي شڪليون ديوتائن جون به مليون آهن، جن جي مٿي تي ڏاند يا ٻڪر وانگر سنگ آهن. ان مان اندازو لڳايو ويو آهي ته شايد ڏاند ۽ ٻڪر انهن جي مذهب ۾ مقدس سمجهيا ويندا هئا. ڪن مهرن تي ديوتائن سان گڏ جانورن جون شڪليون ڏيکاريون ويون آهن. ڪي اهڙيون به مورتيون مليون آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ديوتائن کي جانورن جي شڪل ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي.

انساني شڪلين کان سواءِ ڪن مهرن تي پپر، انجير ۽ ٻير جا وڻ به ملن ٿا. ائين ٿو ڀانئجي ته اهي وڻ مقدس سمجهيا ويندا هئا ۽ انهن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. "لنگ پوڄا" جان نشان به هتان مليا آهن. کوٽائيءَ مان ڪي تعويذ به مليا آهن، جن تي عام طرح جانورن جون تصويرون نڪتل آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته بابل جي ماڻهن وانگر هو به دعا تعويذ ۽ سڳي ڌاڳي ۾ يقين رکندا هئا. هتان ڪي به اهڙا نشان نه مليا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ته هتي جا ماڻهو مُردن کي پوريندا هئا يا ساڙيندا هئا. اندازو آهي ته هو مُردن کي پوريندا هئا، پر قبرن جا نشان متجي ويا آهن. جيئن ته ماڻهو صفائي ۽ سترائيءَ سان رهندا هئا، انهيءَ ڪري اندازو لڳايو ويو آهي، ته انهيءَ ڳالهه ۾ يقين رکندا هئا ته روح ٻيو روپ وٺي ٿو.

انهن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته هندو ڌرم جي ڪيترين ڳالهين جو تصور سنڌ جي قديم مذهب تان ورتل آهي: مثلاً درگا ديويءَ جي پوڄا، "شو ديوتا" جي پوڄا، ڳانءِ پوڄا، پپر کي پاڪ سمجهڻ، لنگ پوڄا، جوڻ جو عقيدو وغيره.

سماج:
موهن جي دڙي مان جيڪي مهرون نڪيتون آهن، انهن تي اکر لکيل آهن. جيئن ته اهي اکر پڙهڻ ۾ نه تا اچن، انهيءَ ڪري سنڌ جي تهذيب جون ڪيتريون ڳالهيون اڃا تائين اونداهيءَ ۾ آهن. تازو خبر آئي آهي ته ”فنلئنڊ“ جي ماهرن، مهرن جا اکر پڙهيا آهن. انهن جون پڙهٽيون ۽ ڪڍيل نتيجا اڃا تائين اسان وٽ نه پهتا آهن. البت ايترو معلوم ٿيو آهي ته ”فنشن“ ماهرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ان زماني ۾ سماج چئن ذاتن يا طبقن تي مشتمل هو. اها ڳالهه ثابت ٿي ڪري ته هندن جي چئن ذاتين وارو تصور اتان ورتل آهي. جيتوڻيڪ موهن جي دڙي جي ماڻهن ۾ چار ذاتيون هيون، ان هوندي به منجهن نفرت ۽ نفاق ڪونه هو. هو امن پسند هئا ۽ ايڪي اتفاق سان رهندا هئا. دڙي جي کوٽائي مان ڪنهن به قسم جا هٿيار هٿ نه آيا آهن. اهو ڏيکاري ٿو ته هو جنگجو ۽ جهيڙاڪر نه هئا.

دڙي جا اڪثر ماڻهو زراعت پيشه هئا، پر شهر ۾ ڪمي ڪاسبي، سونارا ۽ لوهار، ڪوري ۽ نيرولي، رازا ۽ واڍا، موچي ۽ سوچي به موجود هئا. ڳئون، مينهن، رڍ، ٻڪري، ڪتو، ڪڪڙ ۽ مور گهرن ۾ پاليندا هئا. گهوڙي جي نسل جا نشان ڪونه مليا آهن. ڪپهه ۽ سوٽي ڪپڙي جا نشان مليا آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪپهه پوکي ويندي هئي ۽ سوٽي ڪپڙو اُڻيو ويندو هو. البت اوني ڪپڙي جا اهڃاڻ ڪونه تا ملن. مردن جا گهڻو ڪري پنا اگهاڙا هوندا هئا ۽ ڌوتي يا گوڏ ٻڌڻ جو رواج عام هو. ان مان پائنجي ٿو ته گوڏ ٻڌڻ جو رواج سنڌ ۾ قديم زماني کان هليو اچي. اجرڪ نما چادر ويڙهڻ جو رواج به موجود هو. اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌ ۾ اجرڪ جو راوج به قديم زماني کان موجود آهي. نيرولين جي دوڪانن جا اهڃاڻ به مليا آهن. اڄ به سنڌ جا ماڻهو نير ۾ ٻڌل ڪپڙا خاص طرح سان گوڏيون پائيندا آهن.

ڪي مرد مٿي تي وٽيل پڳڙي ۽ بدن تي جهولڙي (قميص يا صدري جو هڪ قسم) پائيندا هئا. ان مان پائنجي ٿو ته مٿي تي پڳڙي ۽ قميص يا چولي جي بدران هلڪي صدري پائڻ جو رواج به سنڌ ۾ قديم زماني کان هليو اچي. عورتون جڏهن ٻاهر نڪرنديون هيون، ته هڪ ڊگهي چادر

سان سڄو جسم ڍڪي ڇڏينديون هيون. اڄ به سنڌ جي ٻهراڙيءَ جون عورتون اجرڪ يا ڏڳهي چادر سان سڄو بدن ڍڪي، فقط اکيون ظاهر ڪري نڪرنديون آهن. عورتن سان گڏ مرد به وڏا وار رکندا هئا. اڄ به ٻهراڙيءَ جا ڪيترا مرد وڏا وار رکائيندا آهن. ڪي مرد وري پوئتان وار ڪٽائي ٻنونئڙو نمونو ڪرائي ڇڏيندا هئا. عورتون ۽ مرد ٻئي زيور پائيندا هئا. مرد ڪنن ۾ والا پائڻ فخر سمجهندا هئا. اڄ به ٻهراڙيءَ ۾ ڪي مرد ڪنن ۾ واليون پائيندا آهن. عورتون موتين، مٽين ۽ ڪوڏن جا هار، پيرن ۾ جهانجهرن جي نموني جو زيور، نڪ ۾ بولو، ٻانهن ۾ ڪنگٽيون ۽ آڱرين ۾ ڇلا پائينديون هيون.

مرد ڏاڙهيون رکائيندا هئا. ڪن جون ڏاڙهيون وڏيون هونديون هيون ۽ ڪن جون وري شرعي نموني خط ورتل هونديون هيون. ڪي وري ڏاڙهيون رکائي مڇون صاف ڪرائي ڇڏيندا هئا. ڪي وري ڏاڙهي صفا ڪوڙائي ڇڏيندا هئا. عورتون چوٽي به ڪنديون هيون، ته ڪڏهن وري اڳڙي يا ڏاڳي سان وار ٻڌي ڇڏينديون هيون.

عورتون سينگار به ڪنديون هيون ۽ وارن ۾ ڦڻي به ڏينديون هيون. ڪاٺ جون ڦڻيون به مليون آهن، جن جو رواج اڄ به سنڌ ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ عاج جون ڦڻيون به هٿ آيون آهن. سرائي سرميداڻي به ملي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ماڻهو سرمو پائيندا هئا. ڌات جا آئينا به مليا آهن، پائوڊر نموني جي شيءِ به ملي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته عورتون منهن کي پائوڊر لڳائينديون هيون. سندر ڪم آڻڻ جا اهڃاڻ به مليا آهن.

واندڪائيءَ ۾ عورتون ائٽ ويهي ڪتينديون هيون ۽ مرد وري وندر ۽ ورونهه لاءِ چونڪ ۽ چوپڙ راند ڪندا هئا. هڪ مهري، يڪتاري ۽ ڍولڪ وڄائڻ جي به ملي آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته هتي جا ماڻهو راڳ ۽ ناچ سان دل وندرائيندا هئا. ٿي سگهي ٿو، ته راڳ ۽ ناچ سندن مذهب جو حصو هجي. ڪڪڙن وڙهائڻ جو رواج به موجود هو. ٻارن لاءِ رانديڪا به موجود هئا ۽ ٻارن جي راندين جو رواج به هو. ڇدي راند ۽ اٽي ڏڪر جو رواج انهن ڏينهن کان هليو اچي. رانديڪا گهڻو ڪري مٽيءَ مان ناهي پچايا ويندا هئا. اهڙن رانديڪن ۾ بيل گاڏيون، جانورن ۽

پکين جون مورتون مليون آهن. اهڙي قسم جي رانديڪن جو رواج اڄ تائين سنڌ جي ٻهراڙين ۾ موجود آهي. جوڳياڻيون اهي رانديڪا ٺاهي ڪٽي اينديون آهن ۽ اَن لپ جي بدلي ٻارن کي ڏيئي وينديون آهن.

صنعت وحرفت:

مٽي ذڪر اچي چڪو آهي، تہ هتي هر قسم جا ڪاريگر موجود هئا. عورتون گهرن ۾ سٽ ڪتينديون رهنديون هيون. ڪپڙو اُڻيو بہ ويندو هو، تہ رڱيو بہ ويندو هو. نير جي ڪپڙن جو رواج عام هو. سونارا موجود هئا، جيڪي چاندي ۽ سون مان بہ زيور ٺاهيندا هئا. عقيق، سنگ سليمان ۽ سنگ پشپ سان مڻيا بہ ٺاهيا ويندا هئا. ان کان سواءِ اڇي ۽ نيري مسالي مان بہ مڻيا ٺاهيا ويندا هئا. اهڙن مڻين جو رواج اڄا تائين سنڌ ۾ موجود آهي. اسٽائيٽ ۽ چينيءَ جا مڻيا بہ مليا آهن. سوزن ڪاري ۽ ڪتائيءَ جي هنر ۾ بہ ماهر هئا. زردوزي ۽ ڪشيده ڪاري جي ڪم کان بہ واقف هئا. سبڻ ۽ پرڻ جون سُيون بہ مليون آهن، جن جي مٽي کان ڏاڳي وجهڻ جي جاءِ بہ آهي.

ٺڪر جي ٿانون جو گهڻو استعمال هو. ڪنير چڪ تي ڪيترن ئي قسمن جا ٿانو ٺاهيندا هئا. جهڙوڪ: دلا، مٽ، ڪُنا ۽ پاٽيون وغيره. ڪي ٿانو هٿ جا ٺهيل بہ آهن. چڪ تي ٿانو ٺاهڻ کان پوءِ هڪ مسالي سان ٿانون کي رڱيو ويندو هو، جيڪو مٽي ۽ لوهہ مان ٺاهيو ويندو هو. ان کان پوءِ ڪاري يا ڪارسري ڳاڙهي مسالي سان چٽسالي ڪرڻ جو رواج اڄا تائين سنڌ ۾ موجود آهي. چٽساليءَ ۾ گول ۽ جاميٽريءَ جي ڊزائين ۾ چٽ بہ آهن، تہ وڻ ٻوٽا بہ نڪتل آهن. ان کان سواءِ پکين ۽ جانورن جون شڪليون بہ آهن، تہ اپريل سج بہ ڏيکاريل آهي. چٽسالي پختي بہ آهي، تہ ان ۾ لطافت ۽ نزاڪت بہ آهي. وڻ جا پن نهايت احتياط سان ڪڍيل آهن ۽ جانورن کي پنهنجي فطري ماحول ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سج جي شڪل ڦٽيءَ جي نموني تي ڪڍي ويئي آهي. ڦٽيءَ جا ڏنڊا ڄڻ سج جا ڪرڻا آهن.

ٺڪر جي ٿانون کان سواءِ ٺڪر جون گُنديون، ٺڪر جا نلڪا، ٺڪر جا ڪوٺا مار، ٺڪر جا ڦيٿا، ائٽ، چوڙيون، ديوين، ديوتائن، جانورن ۽ پکين جون مورتون بہ ٺڪر جون مليون آهن.

موهن جي دڙي جا ڪاريگر ڌات کي پگھاري يا ڪٽي مختلف شين ناهڻ ۾ به مهارت رکندا هئا. هو چاندي، سون، ٽامي، ڪٽ ۽ پٽل مان شيون ناهي سگھندا هئا. خاص طرح سان ٽامي مان گھڻو ڪم ورتو ويندو هو. ٽامي جا ٿانو، ڪهاڙيون، خنجر، چاقو، چوڙيون، منڊيون ۽ واليون وغيره ناهيون وينديون هيون. ڪٽ مان ٺهيل گلدان، پيالا، تسريون ۽ ڍڪڻ سوڌيون ڊيگڙيون مليون آهن. ڪي ٿانو ڍالي تيار ڪيا ويا آهن، ته ڪي وري ڪٽي بنايا ويا آهن. ڌات جي ٿانون تي چٽسالي به ٿيل آهي. ڪن تي جانورن جون تصويرون به چاپيل آهن. ڌات مان مهرون به ٺهيل آهن، جن تي اکر ۽ تصويرون اڪريل آهن. مڇيءَ جي شڪار جون ڪُنڍيون به مليون آهن، جيڪي ٽامي جون ٺهيل آهن.

ڌات مان ٺهيل مورتيون به مليون آهن، جيڪي ٽامي ۽ ڪٽ مان نهايت نفاست سان ناهيون ويون آهن. هڪ ناچڻيءَ جي مورتي به ملي آهي، جيڪا اهڙي قسم جي فنڪاريءَ جو اعليٰ نمونو آهي. ان ڪان سواءِ جانورن جون مورتون به مليون آهن. ان سلسلي ۾ مينهن جي مورتي قابل ذڪر آهي.

پٿر سان ٺهيل شيون تمام گھٽ مليون آهن. ان هوندي به ڪجھ شيون مليون آهن، جهڙوڪ: مورتيون، مهرون، اٽي پيهڻ جا جنڊ، تور جا وٽ، ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا وغيره.

سنڌ جا ڪاريگر، مهرن ناهڻ ۾ ڏاڍا ماهر هئا. هتان وڏي تعداد ۾ مهرون مليون آهن، جيڪي ”استيائيٽ“ مان ناهيون ويون آهن، ۽ مختلف سائيزن ۾ آهن. انهن تي جانورن جون تصويرون به آهن، ته اکر به اڪريل آهن. معلوم ٿو ٿئي ته اهي مهرون وڏن پٿرن کي ڪٽي ناهيون ويون هونديون. ان ڪم لاءِ ضرور ڪا ڪارائي ڪتب آندي ويئي هوندي. ائين ٿو ڀانئجي ته اهي مهرون گھٽي قدر نپي هڻڻ لاءِ ڪتب آنديون وينديون هونديون. ڪن مهرن تي ڏاڳي ٻڌڻ جي جاءِ ڪيل آهن. ڀانئجي ٿو، ته اهي مهرون تعويذ طور ڳچيءَ ۾ يا ڏوري ۾ ٻڌيون وينديون هونديون.

## عمارت سازي:

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ جيڪي گھر ۽ پٽيون نڪتيون آهن، انهن کي ڏسي حيرت وٺيو وڃي. شهر ۽ ان جون جايون

باقاعده سٺاءِ رٿا سان ٺهيل آهن. سڄي شهر جون جايون مضبوط پڪين سرن جون ٺهيل آهن. سرون قالبن جون ٺهيل آهن، ۽ ايتريون ته پختيون آهن، جو اڄ ائين پيون نظر اچن، ڄڻ تازيون ٺهيل آهن. جايون چوڪنديون ۽ گوني ڪنڊ تي پوريون ٺهيل آهن. ڪٿي به ڪو ور يا ڏنگ نظر نٿو اچي. گهر جون جايون ننڍيون به آهن ته وڏيون به آهن. سڀ کان ننڍي جاءِ ٻن ڪمرن واري آهي، ۽ سڀ کان وڏي جاءِ 34 هزار فوٽن تي ڦهليل آهي.

جايون عام طور تي هڪٻئي کان الڳ ٺهيل آهن. گهرن ۾ وڏا اڱڻ آهن. ڪيتريون جايون ٻه ماڙ آهن، ۽ مٿاهينءَ تي ٺهيل آهن. وڏين جاين ۾ ٻاهرئين در جي لڳ جدا ڪوٺي به آهي، جيڪا شايد نوڪرن ۽ دربانن لاءِ آهي. هر گهر ۾ گهڻو ڪري کوهه آهي، جيڪي نهايت ڪاريگريءَ سان ٺهيل آهن. گهرن وارا کوهه ڪي ته اهڙا سوڙها آهن، جو سولائيءَ سان ڍڪي سگهجن ٿا. وڏين جاين ۾ درين ۽ روشندانن جا نشان ملن ٿا. ٻيءَ ماڙ تي چڙهڻ لاءِ سرن جون ٺهيل سوڙهيون ڏاڪڻيون آهن. ڪي ڏاڪڻيون ته تمام سوڙهيون آهن. جاين جا در تمام تنگ ۽ ننڍا آهن. تمام وڏين جاين جا در به اهڙا ئي سوڙها ۽ ننڍا آهن. ڪنهن گهر جو ٻاهريون در يا ڪا دري سڙڪ طرف نٿي کلي، ان مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي، ته انهن جون عورتون سخت پردو ڪنديون هيون.

عام رهائشي گهرن کانسواءِ شهر جي مختلف حصن ۾ وڏيون جايون به آهن. ماهرن جو خيال آهي، ته يا ته اهي سرڪاري آفيسون هونديون يا حڪمران طبقي يا وڏن ماڻهن جا محلات هوندا. شهر جي اتر ۾ هڪ جاءِ آهي، جيڪا 242 فوٽ ڊگهي، ۽ 112 فوٽ ويڪري آهي. ڏکڻ ۾ هڪ جاءِ آهي، جيڪا 422 فوٽ ڊگهي ۽ 150 فوٽ ويڪري آهي. شهر جي هڪ طرف چورسي جاءِ آهي، جنهن جو هر هڪ پاسو 85 فوٽ آهي. ان ۾ دڪانن وانگر ننڍا ننڍا ڪمرا ٺهيل آهن. ڀانئجي ٿو ته اهي دڪان هوندا، جتي خريد فروخت ٿيندي هوندي.

شهر جي ڏکڻ-اولهه طرف هڪ غير معمولي وسيع ۽ دلچسپ وهنجڻ جو تلاءُ آهي، جيڪو پڪين سرن جو نهايت ڪاريگريءَ سان ٺهيل آهي. انهيءَ عمارت جي وچ ۾ هڪ حوض آهي، جيڪو 29 فوٽ

ڏکھو، 23 فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونھو آهي. حوض ۾ لھڻ لاءِ ڪنڌن تي ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. حوض جي لڳ ڪوٺيون آهن، جيڪي ڪپڙن بدلڻ لاءِ ٺاهيون ويون هيون. سڄي عمارت جي ڊيگھه 180 فوٽ ۽ ويڪر 108 فوٽ آهي. ان جي پٽ 8 فوٽ ٿلهي آهي. عمارت جي چوڌاري 15 فوٽ ويڪرو رستو آهي، جيڪو هڪ ٻاهرين ست فوٽ ٿلهي پٽ سان گھيريل آهي. هر ڪمري ۾ مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻين جا نشان آهن. هڪ ڪمري ۾ هڪ تمام وڏو کوهه آهي، جنهن مان پاڻي ڪڍي تلاءُ ڀريو ويندو هو. پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هڪ وڏو نالو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل جاين جي اڏاوت ۽ پاڻيءَ جي نالين جي بناوت ظاهر ڪري ٿي، تہ موهن جي دڙي جا ماڻھو عمارت سازيءَ ۾ وڏا ماهر هئا. هنن جي اڏاوت جي فن ۾ سادگي آهي؛ پر پختگي، سٺا ۽ سلجهاءُ آهي. فقط امير ۽ حاڪم سنيون جايون نہ ٺهرائيندا هئا، پر گھڻو ڪري سڀ شهري هڪ ئي نموني جي سنين ۽ پڪين جاين ۾ رهندا هئا. ڪنهن بہ پُرشڪوه ۽ جاهه و جلال واري جڳھه جو نشان نہ مليو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سڀ ماڻھو لڳ ڀڳ هڪجهڙي زندگي گذاريندا هئا. ائين ڪو نہ هو، تہ هڪ پاسي تمام وڏا امير هئا، ۽ ٻئي پاسي صفا غريب ماڻھو هئا.

زراعت ۽ خوراڪ:

زراعت جا اوزار گھٽ مليا آهن. فقط بہ هر ٽامي جا ٺهيل آهن. ان مان پائنجي ٿو تہ شايد زراعت جا اوزار ڪاٺ مان ٺاهيندا هئا، جيڪي ڳري ويا آهن. البتہ اها ڳالھه ثابت ٿيل آهي، تہ هو پوکي راهي ڪندا هئا، ۽ ڏاندن سان هر ڏيندا هئا. ڪڻڪ، ڪپهہ، جو ۽ گدرا پوکيندا هئا، چاڪاڻ جو انهن شين جا ٻج مليا آهن. ڪارڪن جون ڪوڪڙيون بہ مليون آهن. ان مان پائنجي ٿو، تہ ڪجيون بہ ملڪ ۾ ٿينديون هيون. ڳئون، مينهون ۽ ٻڪريون پاليندا هئا، ۽ انهن جو کير، مکڻ، ڏڌ ۽ ڏؤنرو ڪم آڻيندا هئا. انهن شين کان سواءِ مڇي ۽ ميوو بہ کائيندا هئا. اندازو آهي تہ گوشت بہ کائيندا هئا.

بار ڍوئڻ ۽ ٻئي ڪم لاءِ وٽن بيل گاڏيون هونديون هيون، جنهن ۾ بہ ڏاند ٻڌندا هئا. گاڏيءَ جي بناوت بلڪل اهڙي ئي هئي، جهڙي هينئر اتر

سنڌ جي بيل گاڏين جي آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ موجوده بيل گاڏي موهن جي دڙي جي زماني کان هلي اچي. درياءَ جي ذريعي ٻيڙين تي سفر بہ ڪندا هئا. هنن ڪي سني نموني جون ٻيڙيون ٺاهڻ اينديون هيون.

## کوهہ

موهن جي دڙي جي پٽري پٽ سجاڻ ان جا کوهہ آهن. هونئن بہ سڄيءَ سنڌ ۾ هنڌين ماڳين کوهہ هئا، جيڪي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ بہ ڪم ايندا هئا، تہ آبپاشيءَ لاءِ بہ استعمال ٿيندا هئا. سنڌي زبان ۾ ڪچي کوهہ کي "واءِ" ۽ گهر واري ننڍي کوهہ کي "کوهي" چيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي سرزمين کوهن جي سرزمين رهي آهي، ان هوندي بہ جنهن نموني جا کوهہ ۽ جيتري تعداد ۾ کوهن موهن جي دڙي واري شهر ۾ ملن ٿا، اهڙي نموني جا ۽ ايتري تعداد جا کوهہ ماضي قريب ۾ توڙي ماضي بعيد ۾ ڪڏهن بہ سنڌ جي ڪنهن بہ شهر ۾ نہ رهيا آهن. جڻ موهن جي دڙي واري شهر جي ويرانيءَ کان پوءِ اهڙي نوعيت جي کوهہ جو رواج سنڌ مان ختم ٿي ويو. جنهن جو مطلب آهي تہ سنڌ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ شهر ۾ اهڙا ايترا کوهہ رواج ۾ نہ رهيا. هونئن تہ کوهہ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ هوندا هئا ۽ ڪن گهرن ۾ بہ کوهہ ۽ کوهيون هونديون هيون، پر هر گهر ۾ اهڙي قسم جي کوهن جو رواج ڪو نہ رهيو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ اهي ماڻهو جيڪي اهڙن کوهن جا شوقين هئا ۽ اهي ماڻهو جيڪي اهڙا نفيس کوهہ تعمير ڪندا هئا، يا تہ صفحہءِ هستيءَ تان مٽجي ۽ ميسارجي ويا، يا لڏپلاڻ ڪري هليا ويا، يا وري انهن جا پونير زماني جي لاهن چاڙهن سبب يا ڌارين جي ظلم ۽ ڏاڍ سبب پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ هنرن کان محروم ٿي، هيناهين طبي جي حيثيت ۾ رهيا. مطلب تہ کوهہ، موهن جي دڙي جي امتيازي خصوصيت آهن: هزارين سال گذرڻ جي باوجود صحيح سلامت موجود آهن ۽ هڪ عجيب منظر پيش ڪري رهيا آهن. هر گهر ۾ کوهہ ملي ٿو. ان کان سواءِ ڪيترين ئي جاين، سڙڪن ۽ گهٽين جي ڪنارن تي بہ کوهہ ملن ٿا. ڪي ڪي کوهہ تہ مٽي تائين هليا وڃن ٿا. ٻيو پيرو شهر آباد ٿيو آهي، تہ کوهن جي ڪنارن کي مٽي ڪيو ويو آهي. گهڻي قدر کوهہ گول آهن ۽ ننڍي منهن وارا آهن. هڪ کوهہ جو منهن ايترو تہ ننڍو آهي، جو ان جو

قطر فقط هڪ فوٽ ڏهه انچ آهي. ٻن ٽن جاين تي بيضوي منهن وارا کوهه به موجود آهن. سنڌ ۾ اهڙا بيضوي منهن وارا کوهه ٻين هنڌن تي به نظر آيا آهن. اهڙا کوهه اڳين زماني ۾ درٻيلو ۽ ڀيرلوءِ ۾ به هئا.

موهن جي دڙي جي تازي کوٽائيءَ مان هڪ اهڙو منفرد نوعيت جو کوهه به مليو آهي، جنهن جو منهن پيپل جي پن جهڙو آهي. جيئن ته ان جاءِ تي بند ٻڌو ويو آهي، انهيءَ ڪري کوهه کي لٽي ڇڏيو ويو آهي. ان جون سرون ڪڍي ميوزم جي ٻاهران رکيون ويون آهن. آثار قديم وارن جو چوڻ آهي، ته اهڙي قسم جو کوهه انهن ئي سرن سان ٻيهر اڏيو ويندو، پر خبر نه آهي ته ڪڏهن؟

انهن کوهن جي ڪري ممڪن آهي، ته ٻاهرين ملڪن ۾ سنڌ، ٻين شين سان گڏ "کوهن" جي ڪري به مشهور هجي، ڇاڪاڻ جو ايترن کوهن جو رواج دنيا ۾ ٻيو ڪٿي به ڪو نه رهيو آهي. مطلب ته سنڌ جي هڪ سڃاڻ ان جا کوهه به هوندي. انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو، ته دنيا ۾ موهن جي دڙي کي قديم زماني ۾ "کوهن وارو شهر" به سڏيو ويندو هجي. هونئن به اسان وٽ "کوهارا" ذات آهي، جنهن جو مطلب آهي"کوهه وارا". ڪيترا "کوهارا" ته موهن جي دڙي جي پرسان وارن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. پر ان جو مطلب هرو ڀرو اهو نه آهي، ته هي ڪي موهن جي دڙي وارا ماڻهو آهن. هي پاڻ کي ڪلهوڙا (عباسي) سڏائين ٿا. ذات جي اصل نسل کي ڇڏي اسان ايترو چئي سگهون ٿا، ته سنڌي زبان ۾ "کوهه وارا" مان "کوهارا" لفظ جوڙيو آهي ۽ هن وقت تائين موجود آهي.

قديم آثار ۽ اهڃاڻ ٻڌائين ٿا ته عراق، ايران، يمن ۽ ٻين عرب ملڪن سان موهن جي دڙي جي ماڻهن جا تجارتي ۽ ثقافتي تعلقات رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ ايندا ويندا رهيا آهن. ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو جڏهن هتي آيا هوندا، ته هتي جي کوهن کان ضرور متاثر ٿي ويا هوندا. انهيءَ نسبت جي ڪري، ٿي سگهي ٿو ته موهن جي دڙي واري شهر يا سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي ٻوليءَ جي ترڪيب ۾ کوهن وارا سڏيندا هجن.

اصحاب الرس(کوهن وارا).

قرآن حڪيم ۾ هڪ قديم قوم کي ”اصحاب الرس“ سڏيو ويو آهي. سوره ”الفرقان“ ۽ ”ق“ ۾ ان قديم قوم جو نالو آيو آهي. سوره ”ق“ ۾ قديم ترين قومن عاد ۽ ثمود سان گڏ ”اصحاب الرس“ جو ذڪر به آيو آهي:

”ڪذبت قبلهم قوم نوح و اصحاب الرس وثمود و ه عاد و فرعون و اخوان لوطة ه و اصحاب الايڪة و قوم تبع ڪل ڪذب الرسل فحق وعيد“ (ق. 11-14)

(ان کان اڳ ۾ نوح جي قوم ۽ کوهه وارن ثمود ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي ڀائرن، اصحاب ايڪة ۽ تبع جي قوم-انهن سڀني رسولن کي ڪوڙو ڪيو. پوءِ انهن تي عذاب لازم ٿيو) قرآن ڪريم ۾ ٻي هنڌ آيو آهي:

و قوم نوح لما ڪذبوا الرسل اغرقنٰهم و جعلنٰهم للناس آية و اعتدنا للظالمين عذابا اليما ه و ه عادا و ه ثمودا و اصحاب الرس و قرونا بين ذالڪ ڪثيرا (الفرقان. 36-38) (اهوئي حال نوح جي قوم جو ٿيو، جڏهن انهن رسولن کي ڪوڙو ڪيو. اسان انهن کي غرق ڪري ڇڏيو، ۽ دنيا جي ماڻهن لاءِ هڪ عبرت جو اهڃاڻ بنايو، ۽ انهن ظالمن لاءِ اسان هڪ دردناڪ عذاب مهيا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح عاد، ثمود ۽ اصحاب الرس ۽ وچ واري زماني جا ڪيترائي ماڻهو تباهه ڪيا ويا. انهن مان هر هڪ قوم کي اسان (اڳين قومن جي تباهه ٿيڻ جا) مثال ڏئي سمجهايو ۽ آخرڪار هر هڪ کي غارت ڪري ڇڏيو.)

”رس“ جي معنيٰ عربي زبان ۾ کوهه، ٻڌو کوهه، پراڻو کوهه ۽ ڪچو کوهه آهي. ان کان سواءِ غار، کاڻ، اهڃاڻ ۽ منڍ يا شروعات کي به ”رس“ چيو ويندو آهي.

علامه يوسف علي پنهنجي قرآن شريف جي انگريزي ترجمي جي تفسيري حاشئي ۾ ”رس“ جي معنيٰ کوهه کان سواءِ ”مئل ماڻهن جو مدفن“ به ڄاڻايو آهي. ”مئن جو دڙو“ جي به اها ئي معنيٰ آهي. قرآن

حڪيم جي سيني مترجمن ۽ مفسرن ”رس“ جي معنيٰ ”کوھہ“ ڄاڻائي آهي.

عاد ۽ ثمود قومن جي ويران ماڳن ۽ مڪانن جا اهڃاڻ ۽ آثار واضح صورت ۾ ملن ٿا. قرآن مجيد جي مفسرن، مورخن، محققن، سياحن ۽ آثار قديمہ جي ماهرن ان تي تفصيل سان روشني وڌي آهي.

عاد، حضرت نوح جي قوم کان پوءِ ٻي قديم قوم آهي، جنهن تي الله تعاليٰ جو عذاب نازل ٿيو. انهن جو وطن ”احقاف“ جو علائقو هو. هينئر ”احقاف“ عربستان جي ريگستان جي ڏکڻ-اولهہ واري حصي جو نالو آهي، جيڪو سوين ميلن تائين پکڙيل آهي. هي وسيع رڻ پٽ حجاز، يمن ۽ يمامہ جي وچ ۾ آهي. عاد قوم هن علائقي ۾ ايري، اسري ۽ ترقي ڪري اولهائين ساموندي ڪناري، عمان، حضرموت ۽ عراق تائين پکڙجي وئي. هن قوم پنهنجي ترقي جي دور ۾ وڏن ٿنڀن واريون عمارتون تعمير ڪيون هيون. حضرت هود عليہ السلام هن قوم ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو، جنهن جو هنن انڪار ڪيو ۽ غرور ۽ تڪبر جو مظاهرو ڪيو. آخر مٿن هولناڪ عذاب نازل ٿيو. اٺ ڏينهن ۽ ست راتيون اهڙي تيز هوا لڳي، جنهن هنن جي آباديءَ کي ناس ڪري ڇڏيو. حضرت هود ۽ سندس پوئلڳن کي الله تعاليٰ انهيءَ عذاب کان بچائي ورتو.

ثمود قوم بہ هڪ قديم قوم هئي، جنهن قوم عاد کان پوءِ وڏي ترقي ڪئي. هو جبلن کي ٽُڪي جايون ناهيندا هئا. انهن جا آثار بہ ملن ٿا. هيءَ قوم سرزمين عرب ۾ آباد هئي. مدائن صالح ۾ اڄ تائين انهن جي اڏيل عمارتن مان ڪجهہ موجود آهن. حضرت صالح عليہ السلام کي هن قوم ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو، جنهن جو هنن انڪار ڪيو. آخر مٿن الله تعاليٰ جو عذاب نازل ٿيو. البت الله تعاليٰ جا فرمانبردار ٻانها انهيءَ گرفت کان محفوظ رهيا.

قديم ترين قوم حضرت نوح جي قوم سان بہ اصحاب الرس جو نالو آيو آهي. دنيا جي هر ملڪ ۾ هڪ عظيم ۽ عالمگير طوفان جون

روايتون موجود آهن. موجوده دور جي ماهرين آثار قديم عراق جي سرزمين تي کوٽايون ڪري ثابت ڪيو آهي، تہ ڪنهن زماني ۾ عظيم طوفان آيو هو ۽ هي علائقو ٻوڏ هيٺ اچي ويو هو. عراق جي مختلف قديم شهرن جي کوٽائين مان ڪيتريون ئي سميري پٽيون نڪتيون آهن، جن مان ڪجهہ 1500 ق.م کان 2500 ق.م جي دور جون آهن. 3-1902ع ۾ جرمن آثار قديم جي ماهرن موجوده "فارا" واري جاءِ جي کوٽائي ڪئي، جتي سميري دور ۾ "شروپڪ" نالي شهر آباد هو. اتان جيڪي لکيل پٽيون نڪتيون، انهن تي انهيءَ وڏيءَ ٻوڏ جي ڪهاڻي لکيل آهي. "اشوربني پال" جي لائبريريءَ مان جيڪي پٽيون نڪتيون آهن، انهن تي بہ هڪ رزميہ لکيل آهي، جنهن ۾ هيءُ وڏو واقعو بيان ٿيل آهي. انگلينڊ جي محڪم آثار قديم جي سابق ڊائريڪٽر جنرل سر ليونارڊ وولي پنهنجي ڪتاب ("ار" ۾ کوٽايون) ۾ هن عظيم ٻوڏ بابت لکيو آهي:

"اسان ثابت ڪري چڪا آهيون، تہ طوفان واقعي آيو هو، انهيءَ ڪري انهيءَ چوڻ جي ضرورت نہ آهي، تہ هي فقط سميري حڪمرانن جي فهرست ۾ شامل هڪ داستان آهي، يا سميرين جي من گهڙت ڪهاڻي آهي، يا بائيبل ۾ بيان ٿيل هڪ روايت وارو طوفان آهي."

مطلب هي آهي تہ مٿي قرآن حڪيم جي سورتن ۾ جن قديم قومن جا نالا آيا آهن، انهن مان حضرت نوح جي قوم، عاد ۽ ثمود جا قديم آثار ۽ اهڃاڻ موجود آهن ۽ عالمن، ماهرن ۽ مفسرن انهن جي نشاندهي ڪئي آهي. البت "اصحاب الرس" بابت عالم ۽ مفسر ڪنهن هڪ ڳالهہ تي متفق نہ آهن. ڪن جو چوڻ آهي، تہ هيءَ هڪ قديم قوم هئي، جيڪا تباهہ ٿي وئي. ڪن جو چوڻ آهي، تہ هن قوم جو شهر "يمامہ" جي علائقي ۾ هو. هي ماڻهو ثمود قوم جو ڪو قبيلو هو. موجوده نقشي ۾ هي هنڌ وادي رُمہ جي علائقي ۾ آهي. اصحاب الرس کي ثمود قوم جو قبيلو يا انهن جا پونير مڃڻ صحيح نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ جو قرآن مجيد ۾

عاد ۽ ثمود قوم سان گڏ اصحاب الرس جو نالو به آيو آهي ۽ ان مان ائين ثو ظاهر ٿئي، ته هيءَ قوم عاد ۽ ثمود کان جدا ٻي قوم هئي.

اصحاب الرس بابت جيڪي روايتون ملن ٿيون، اهي به جدا جدا نوعيت جون آهن. انهن مان ڪن ۾ وڏاءُ معلوم ٿئي ٿو ۽ ڪي روايتون روايت جي ڪسوٽيءَ تي پوريون ڪو نه ٿيون بيهن. انهن مان هيٺيون ڳالهيون البت ڌيان ڇڪائين ٿيون:

(1) اصحاب الرس مان مراد آهي، کوهه وارا ماڻهو.

(2) هن قوم ڏانهن نبي موڪليو ويو، جنهن جو هنن انڪار ڪيو. نه فقط ايترو، پر هن نبيءَ کي کوهه ۾ وجهي مٿان ڍڪ ڏيئي ڇڏيو.

(3) هي ماڻهو صنوبر جي وڻ جي پوڄا ڪندا هئا.

(4) هڪ ڪاري رنگ جي ماڻهوءَ انهيءَ نبيءَ تي ايمان آندو هو. هو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري، انهن جي ملهه مان ماني وٺي ايندو هو ۽ کوهه جو ڍڪ لاهي، نبيءَ کي ماني کارائيندو هو.

(5) هي ماڻهو پهريائين الله کي هڪ ڪري مڃيندا هئا ۽ نيڪيءَ جي راهه تي هئا، پر پوءِ منجهن ٻي راهه روي آئي. الله جي ذات سان شرڪ ڪرڻ لڳا ۽ الله جي حڪمن جا نافرمان ٿي پيا. هو الله جي موڪليل نبيءَ جي چئي تي نه هليا ۽ ان کي تڪليفون ڏنائون. آخر مٿن عذاب نازل ٿيو.

مٿين ڳالهين کي خيال ۾ رکي، جڏهن موهن جي دڙي جي آثارن ۽ اهڃاڻن تي نظر وجهجي ٿي، ته ائين پائنجي ٿو ته اصحاب الرس وارا اهي ”موهن جي دڙي“ وارا ئي ماڻهو آهن. اهو جائزو ڪجهه هن طرح پيش ڪري سگهجي ٿو:

1- کوهن جي لحاظ کان سڄي دنيا ۾ موهن جو دڙو امتيازي خصوصيت رکي ٿو ۽ کوهه موهن جي دڙي جي سڃاڻ آهن.

2- اهڙا کوهه جيڪي سولائيءَ سان ڍڪي سگهجن ٿا، اهي موهن جي دڙي ۾ ئي آهن.

3- پپل جو پن، صنوبر جي پن جھڙو آهي، فقط تمام هلڪو فرق آهي. پپل جي پن کي ڏانڊيءَ وٽ چگهه ٿئي ٿو ۽ صنوبر جي پن ۾ ڏانڊيءَ وٽ سڌو سنئون آهي. باقي شڪل شبيهه ۾ هڪجهڙا آهن. موهن جي دڙي جي آثارن مان صاف ثابت ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو پپل جي پوڄا ڪندا هئا، ايتري قدر جو ڪوهہ جو منهن پپل جي پن جھڙو ناهيو هئائون، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. انهيءَ لحاظ کان ٿي سگهي ٿو تہ پپل جي وڻ جي بدران روايت ۾ صنوبر جو نالو آيو هجي.

4- نبيءَ تي جنهن ماڻهو ايمان آندو هو، اهو ڪاري رنگ جو ٻڌايو ويو آهي. موهن جي دڙي ۾ جيڪي دراوڙ نسل جا ماڻهو هئا، اهي بہ ڪاري رنگ جا هئا.

5- دنيا جي تهذيبن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن بہ ماڻهن مادي ترقي ڪئي آهي، تہ انهن ۾ تن آساني، عياشي ۽ بي راهہ روي پيدا ٿي آهي. نتيجي ۾ اها تهذيب زوال پذير ٿيندي ٿيندي، ڪنهن نہ ڪنهن سبب جي ڪري ختم ٿي آهي. موهن جي دڙي جا آثار ۽ اهڃاڻ بہ اهوئي ڪجھ ٻڌائين ٿا. معلوم ائين ٿو ٿئي، تہ تمام قديم زماني ۾ هو هڪ خدا جي پوڄا ڪندا هئا. مولانا ابو الڪلام آزاد پنهنجي تفسير ”ام الڪتاب“ ۾ بہ موهن جي دڙي جي قديم ترين ماڻهن لاءِ اهڙو رايو ظاهر ڪيو آهي. بعد ۾ هنن ۾ بت پرستي ۽ وڻ-پوڄا آئي آهي. مادي ترقيءَ سبب منجهن جيڪا عياشي ۽ بي راهہ روي پيدا ٿي هئي، ان جا آثار ۽ اهڃاڻ بہ ملن ٿا.

اهڙين حالتن ۾ الله تعاليٰ ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ نبي يا رسول موڪليا آهن: اهي ڪنهن هڪ خطي يا ڪنهن هڪ زماني تائين محدود نہ هئا: پر هر خطي ۽ هر زماني ۾ ايندا رهيا. آخر نبي ڪريم مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ تي اهو سلسلو ختم ٿيو. پاڻ سڳورا آخري نبي آهن ۽ هر زماني ۾ هر ملڪ لاءِ آهن. ڪائنات پوءِ ڪو بہ نبي يا رسول اچڻو نہ آهي.

ٿي سگهي ٿو، الله تعاليٰ پنهنجي انهيءَ سنت موجب موهن جي دڙي قوم ڏانهن به نبي موڪليو هجي ۽ انهن ان جو انڪار ڪري، ان ڪي ڪوهه ۾ وجهي، ان جي مٿان ڍڪ ڏئي ڇڏيو هجي.

6- جيڪڏهن ”رس“ جي معنيٰ ”مري ويلن جو مدفن“ ونجي ٿي، ته اها به موئن جي دڙي جي معنيٰ سان نهڪي اچي ٿي. ”موئن جو دڙو“ جي معنيٰ به اهائي آهي، يعني مري ويل ماڻهن جو دڙو.

7- مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي پنهنجي ڪتاب قصص القرآن جلد سوم ۾ اصحاب الرس بابت آيل روايتن جو جائزو وٺندي، ان جي قدامت جو يقين ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته ”هي قوم حضرت عيسيٰ کان ته اڳ جي آهي، پر قديم العهد جي قوم آهي.“ (ص 103).

دنيا ۾ موهن جي دڙي جا آثار به قديم ترين دور جا ڇپيا وڃن ٿا. انهن مڙني ڳالهين جي مدنظر هي رايو به ٿي سگهي ٿو، ته ”اصحاب الرس“ مان مراد موهن جي دڙي وارا ماڻهو هجن. هي هڪ اندازو آهي، وڌيڪ الله کي علم آهي. مفسرن، سياحن، راوين ۽ مورخن جو ڌيان سنڌ ڏانهن ۽ موهن جي دڙي ڏانهن انهيءَ ڪري نه ويو آهي، جو هنن هن قوم جا ماڳ ۽ مڪان به حضرت نوح جي قوم، عاد ۽ ثمود وانگر عراق، حجاز، يمن ۽ عربستان جي بين علائقن ۾ پئي ڳوليا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو هو هن قوم جو ماڳ تعين ڪري نه سگهيا آهن. ان کان سوا موهن جي دڙي جا آثار ۽ اهڃاڻ به ويهين صديءَ کان اڳ دڙي هيٺ دفن هئا: ۽ انهن جي اهميت جي ڪنهن کي به ڪَل ڪانه هئي.

## موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو؟

موهن جي دڙي جي نالي بابت به اختلاف راءِ آهي. ڪي ان کي ”موهن جو دڙو، ڪي ”موئن جو دڙو“، ڪي ”مهن جو دڙو“ ۽ ڪي ”مُهين جو دڙو“ چون ٿا. بهرحال آريائي مذهب جي پيشوا ”موهن“ سان هن جي ڪا به نسبت ڪانهي، ڇاڪاڻ جو ”موهن جو دڙو“ آريائي دور کان اڳ جو آهي.

سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ ”مهن“ جي معنيٰ آهي: ”ولوڙو“. دراوڙي بوليءَ ۾ ”ما“ جي معنيٰ آهي: زمين جو ٽڪرو، يا آبادي“. ”هن“ جي معنيٰ آهي مارڻ، ڪهڻ، مارينڌڙ، ڪهندڙ، موت، ڪوس. ڏکڻ هندستان جي دراوڙي علائقي جي سوني سڪي جو نالو به ”هن“ آهي. انهيءَ لحاظ کان ”ماهن“ يا ”موهن“ جي معنيٰ ”ڪوس جي جاءِ“ به ٿي سگهي ٿي،.تہ ”دولتمند شهر“ به ٿي سگهي ٿو. بئي معنائون موهن جي دڙي سان ٺهڪي اچن ٿيون. يعني موهن/ماهون/مهن ۾ عربي لفظ ”رس“ جي بي معنيٰ ۾ سمايل آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

ENGLISH:

1. The Holy Quran. Text, Translation and Commentary: A. Yousuf ali

2. Arabic-English Dictionary. Sang-e-Meel Publishers, Lahore, 1979.

3. The Bible, The Quran and Science: Maurice Bucaile, (English Translation).

4. Early Indus Civilization-Earnest Mackay, Landon, 1948.

5. Five Thousand Years of Pakistan, Sir Mortimer Wheeler, London, 1950.

6. Mohen-jo-Daro and the Indus civilization, sir john Marshall, 3 Vols: London, 1931.

7. Excavations at Harapa: Madho Sarup, Culcutta, 1940.

8. Explorations in sind: N. C. Mujamdar, Reprint Karachi 1981.

9. The Indus Civilizations: M. Wheeler, U. K. 1979.

10. Harapan Civilizations: Edited by Gregory L. Posschl. Oxford and IBH Publishing Co: New Delhi, 1982.

11. A History of summer and Akkad: Leonard W. King, London, 1910.

12, History of Babylon: Leonard W.King, London. 1915

13. Sumerian Literature and the Bible: S.N. Kramer, 1959.

14. Ancient Mesopotamia: Al oppentiem, Chicago, 1964.

15. Ancient Semitic Civilization: S. Morcati, New York, 1960.

16. Encyclopeadia Bratinicca.

17. Twin Rivers: Seaton Lyod, London, 1947.

18. The Decline and Fall of Roma Empire, Edward Gibbon.

19. The Wonder that was India: A. L. Basham, London 1985.

21. قرآن مجيد، سنڌي ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي.

22. قرآن حڪيم: ترجمو ۽ تفسير مولانا عبدالماجد دريا آبادي، تاج ڪمپني ڪراچي 1952ع.

23. تفهيم القرآن: تفسير قرآن مجيد: مولانا ابوالاعليٰ مودودي، جلد سوم، مڪتبہ تعمير انسانيت لاهور، طبع هفتم 1947ع.

24. معارف القران: تفسير قرآن ڪريم، مولانا مفتي محمد شفيع، اداره المعارف، ڪراچي، 1983ع.

25. قصص القرآن: مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي، جلد سوم، ناشران قرآن لاهور.

26. مصباح اللغات، عربي-اردو لغت، مولانا عبدالحفيظ، ڪراچي.

27. اُم الڪتاب: مولانا ابوالڪلام آزاد، شعاع ادب لاهور، 1962ع.

28. واديءِ سنڌ ڪي تهذيب: محمد ادريس صديقي، محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان، 1959ع.

29. ارض القرآن: مولانا سيد سليمان ندوي، جلد اول، اعظم ڳڙهہ، 1955ع.

محمد ادريس صديقي

# موهن جي دڙي جون بستيون ۽ شهري اڏاوت جي رٿابندي

سنڌوماٿريءَ جي تهذيب هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ علائقي ۾ پکڙيل هئي. ان جي اثر جو دائرو بابلي تهذيب کان چوٽي ۽ مصري تهذيب کان ٻيڻي علائقي تائين پکڙيل هو ۽ جيئن جيئن باقياتي کوجنا اڳتي وڌندي رهي ٿي، تيئن تيئن ان جا پلاند پري کان پري تائين پهچندا رهن ٿا. ان وسيع علائقي ۾ هزارين بستيون آباد رهيون هونديون، جن مان ڪيترين جا پار پتا لڌا ويا آهن. انهن بستين ۾، باقياتي دريافت جي خيال کان، موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهوءَ جو دڙو، ستڪاجن جو دڙو، علي مراد، آمري، دبر ڪوٽ ۽ ڪوٽ ڏيجي وڌيڪ مکيه آهن.

## موهن جو دڙو

موهن جي دڙي جو مقامي نالو "مئن جو دڙو" آهي (1). ڪوٿائي ڪرڻ وارا ماڻهو مڪاني زبان نہ ڄاڻندا هئا، تن ڪي "موهن" لفظ وڌيڪ سهڻو لڳو تنهنڪري انهن "مئن" جي بجاءِ "موهن" جو لفظ استعمال ڪيو. هينئر اُهو ايترو تہ عام ٿي ويو آهي، جو اصل نالي جي اهميت ئي نہ رهي آهي. سنڌ ۾ باوجود هِن جي تہ اڳينءَ حڪومت جي سرڪاري گزيٽ ۾ اصل نالي کي قانوني حيثيت ڏني ويئي هئي. پر جيڪو غلط استعمال عوام ۾ عام ٿي ويو، سو اڄ مشهور آهي ۽ بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

موهن جو دڙو اُتر سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾، ڪراچي ڪوئيٽا ريلوي لائين ڏوڪري اسٽيشن کان 6 ميل پري آهي. ڏوڪريءَ کان موهن جي دڙي تائين پڪو رستو آهي. سنڌو درياءُ ان جي اوير طرف وهي ٿو. ڪنهن مٿاهينءَ جاءِ تي بيهي، جيڪڏهن سڄيءَ بستيءَ تي نظر ڦيرائي وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ هن بستيءَ ۾ ڇهہ ست محلا هئا ۽ هر هڪ محلو اتر ڏکڻ 1200 ۽ اوير اولهہ 700 فوٽ ايراضيءَ ۾ پکڙيل

هو. انهن محلن کي ڪشادا رستا هڪ ٻئي کان جدا ڪندا هئا. هيءُ شهر شڪل ۽ صورت جي لحاظ کان برطانوي ٻيٽن جي شڪل سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ جهڙيءَ طرح آئرلينڊ جو سمنڊ انگلينڊ ۽ آئرلينڊ کي جدا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح شايد سنڌو درياءَ جي ڪنهن اوائلي ليٽ هن جي بستيءَ جي اسٽوپا ايراضي کي ٻين ايراضين کان جدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هينئر اُهي ڪنڊر ٻن وڏن حصن ۾ يعني ”مٿيون شهر“ ۽ ”هينيون شهر“ ۾ ورهايل آهن. ”مٿيون شهر“ هڪ بيضوي شڪل جي دڙي تي قديم آباديءَ جي اولهه واريءَ ڪنڊ جي مُنهن وٽ آهي انهيءَ ۾ اسٽوپا هڪ وڏو حوض، جامعه يا مدرسو ۽ ٿنڀن وارو هال گهڻو مشهور آهن.

”هينئين شهر“ ۾ رهڻ جون جايون، دوڪان، ڪشادا رستا ۽ ڳليون آهن. شهر جو هيءُ حصو ايچ. آر. ايريا (2) وي. ايس ايريا (3) ۽ ڊي.ڪي ايريا (4) جي مختلف نالن سان بيان ڪيو ويندو آهي.

اسٽوپا:

اسٽوپا ٻڌ زماني جي عمارت آهي، جنهن جي بلنديءَ ۽ ڪشش آثار قديمه جي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو. ڇڻ ته ان عظيم الشان تهذيب جي دريافت جو سبب ئي هيءَ عمارت آهي. اسٽوپا زمين جي سطح کان سٺر فوٽ مٿي آهي. ان جو گنبذ ڪري پيو آهي ۽ سندس ڊانچي جو باقي اڌ حصو وڃي بچيو آهي، جو عمارت جي بنياد کان 8 فوٽ 4 انچ مٿانهين چبوتري تي قائم آهي. انهيءَ ڊانچي جو قطر 33 فوٽ 6 انچ آهي. اهو اندران خالي ۽ پورو آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪنهن شخص هيرن جواهرن جي تلاش ۾ ان جي اندران چوڏهن فوٽ اونهي کڏ کوٽي هئي ۽ شايد انهيءَ شخص کي اتان سنگ جراحت جو نهيل هڪ خاڪدان مليو هو، جنهن کي بيڪار ڄاڻي، ان جا ٽڪر هن اتي ئي اڇلائي ڇڏيا هئا، جي پوءِ آثارِ قديمه جي محڪمي طرفان ڪوٽائي ڪندڙن کي مليا. هتان ئي ڪنول جي گل جي آسن تي ويٺل مهاتما ٻڌ جي پٿر جي مورتيءَ جا ٻه ڪجهه ٽڪر مليا هئا. اسٽوپا جي عمارت سنڌو ماٿري جي قديم عمارتن جي سِرن ۽ گاري وغيره مان تيار ڪيل آهي. ڏکڻ پاسي جتي ان جو بنياد ڏسڻ ۾ ٿو اچي، اهو صاف نظر ٿو اچي، ته ان جي تعمير سنڌو ماٿريءَ جي قديم عمارتن جي بنياد تي مٿان بيهاريل آهي.

وِهار (مَٺَ) جي چوڌطرف هڪ ويڪرو پڌر آهي، ان جي پاسن کان ڀڪشن جي رهڻ لاءِ پڪ سرا حجرا ٺهيل آهن. انهن حجرن ۾ ٻه حصا آهن، جن مان اندريون حصو شايد سمهڻ لاءِ ٻاهريون حصو ويهڻ ۽ ٻئي ضروري ڪم لاءِ هو. انهن حجرن مان چوڪندا سِڪا به لڌا هئا. اُهي سڪا ڪُشان دور جي راجا واسديو (156-173ع) جي زماني جا آهن ۽ غالباً سنڌ ۾ ٺئي ناهيا ويا آهن، جو ته جهڪر (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ موهن جي دڙي کان سواءِ اهڙا سڪا برصغير هند-پاڪ ۾ ٻئي ڪنهن هنڌان نه لڌا آهن.

### وڏو حوض:

اسٽوپا جي اُتر اوڀر واريءَ ڪنڊ کان اسين هيٺ حوض ۾ لهون ٿا. اسٽوپا ۽ حوض جي وچ ۾ هڪ ڳلي آهي، جنهن کي ”شاهراهه الهايه“ (5) چون ٿا. هيءَ حوض سنڌو تهذيب جي وچ واري دور جي عمارت آهي. هِن جو نقشو تمام سادو آهي. مستطيل شڪل جو آهي ۽ 29 فوٽ ڊيگهه ۽ 23 فوٽ ويڪر اٿس. منجهس اندر لهڻ لاءِ اتر ۽ ڏکڻ کان ڏاڪا ٺهيل آهن. حوض ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو پوريءَ طرح ۽ باقاعده انتظام هو. هڪ زير زمين نالي اُن جي ڏکڻ اولهه واريءَ ڪنڊ ۾ واقع آهي، جنهن جي اوچائي تقريباً 6 فوٽ 6 انچ آهي. حوض جي چئن پاسن کان ورانڊو آهي. ورانڊي جي اُتر ڏکڻ ۽ اوڀر پاسي مختلف ڪمرا ۽ دالان آهن. ڏکڻ واريءَ ڊگهيءَ گئلريءَ جي ٻنهي پاسن وارا ۽ اوڀر پاسي وارا ڪمرا ننڍا آهن. انهن ڪمرن جي وچ واري ڪمري، جنهن کي ڪمرو نمبر 16 چون ٿا، هڪ کوهه آهي، جنهن تي ٻٽي پڳ تعمير ڪئي ويئي آهي. اندازو ڪيو ويو آهي ته انهيءَ کوهه جي پاڻيءَ سان حوض ڀريو ويندو هو، پر ٿي سگهي ٿو ته حوض ڀرڻ سان بين کوهن جو پاڻي استعمال ڪيو ويندو هجي.

حوض جو پاڻي ويڪريءَ وڏاوڙي (Corbelled) ناليءَ رستي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. هيءَ نالي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. ڏکڻ اولهه واريءَ ڪنڊ کان آهي. ڪمري نمبر 19 مان هڪ ڏاڪڻ مٿي وجي ٿي ۽ مٿينءَ منزل جي پاڻي هيٺ آڻڻ وارين نالين جا پتين تي، جي اجا سوڌا نشان بيٺا آهن. انهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته اها عمارت ٻه ماڙ هئي. حوض جي

ناهڻ ۾ ڪافي محنت کان ڪم ورتو ويو آهي. سرون چلي چڱيءَ طرح مصالحو لڳائي، جڙيون ويون آهن. انهن کي جڙڻ لاءِ گاري جي پلستر بجاءِ ڦتو ڪم آندو ويو آهي. پوسل ۽ پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ فرش جي هيٺان هڪ انچ ٿلهو پلستر وڇايو ويو آهي.

وڏي حوض جي ڏاکڻي پاسي، ٿورو پريان، ٻه فوٽ ويڪري گهٽيءَ جي ٻنهي پاسن کان ساڍا 9 فوٽ ڊگها ۽ 11 فوٽ ويڪرا اٺ غسلخانا ٺهيل آهن. انهن جا فرش وڏيءَ خبرداريءَ سان مضبوط ٺاهيا ويا آهن. انهن غسلخانن جي ناهڻ ۾ پرده داريءَ جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئڻ جي باوجود انهن جا دروازا اهڙيءَ طرح کلن ٿا. جو بي پردگي نه ٿي ٿئي ۽ گهٽيءَ جي هڪ پاسي وارن غسلخانن جي درن ۾ بيهي گهٽيءَ جي ٻئي پاسي وارن غسلخانن ۾ نٿو ڏسي سگهجي. هر غسلخاني ۾ مٿي وڃڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جون پٽيون ٿلهيون آهن، تنهنڪري اِهو اندازو ڪيو ويو آهي ته جايون ٻه ماڙ هيون. انهن غسلخانن جو ميرو پاڻي گهٽيءَ ۾ هڪ ناليءَ ۾ گڏ ٿي مٿي ذڪر ڪيل وڏاوڙي واريءَ نالي ۾ وڃي پوندو هو.

ائين معلوم ٿو ٿئي ته هي غسلخانا وڏي حوض جي سلسلي جو هڪ حصو آهن. گهٽو ڪري انهن ۾ خاص خاص ماڻهو، مثلاً پنڊت ۽ پوڄاري، تڙ پاڻي ڪندا هوندا. ٿي سگهي ٿو ته هي پروهت مٿينءَ ماڙ تي رهندا هجن. موهن جي دڙي ۾ گهڻو ڪري هر وڏيءَ جاءِ ۾ غسلخانا موجود آهن، جنهن مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته انهيءَ زماني جا ماڻهو تڙ پاڻي جو خاص خيال رکندا هئا. ڪن محققن جي هيءَ راءِ ٻه آهي ته هندن ۾ جا روزانه شنان ڪرڻ جي رسم آهي، اها وٽن سنڌو تهذيب جو ئي ورثو آهي

جامعه.

ذڪر ڪيل غسلخانن ۽ اسٽوپا جي وچ ۾ هڪ تمام وڏي عمارت آهي، جا وڏي حوض جي عمارت کان وڌيڪ وڏي ويڪري آهي، جنهن جي ڊيگهه 235 فوٽ 7 انچ ۽ ويڪري 78 فوٽ 15 انچ آهي. انهيءَ جو وڏو در اولهه پاسي هو. ايئن ٿو خيال ڪيو وڃي ته هيءَ يا ته ڪنهن وڏي پنڊت جو هو يا ڪنهن پروهت جو، يا ته ڪو وڏو پاٺ شالو هوندو.

ان جا ايترا گهٽا ڪمرا، خاص بينڪ جي ٿلهن جون ٿلهيون ۽ مضبوط پٽيون ۽ خاص طرح ٻاهريون پٽيون جي ڪن ڪن هنڌن تان تہ 4 فوٽ ٿلهيون آهن، سي سڀ انهي ڳالهہ جو ثبوت ٿيون ڏين تہ هيءَ عمارت ٻہ ماڙ يا تہ ماڙ هوندي. وڏي در مان لنگهي اچجي تہ هڪ هالُ ايندو جو 23 فوٽ ڊگهو ۽ چار انچ ويڪرو آهي. انهيءَ جي ڪابي پاسي هڪ ويڪري در ڪانپوءِ هڪ فوٽ اڳڻ آهي، جنهن ڪي چئن ئي طرفن ڪان پٽيون آهن. انهيءَ جي چئن پاسن ڪان وري گهٽا ئي ڪمرا آهن، جي شايد ڪنهن زماني ۾ پاٺ شالي جي پرنسپال جي رهائش جا ڪمرا هوندا. هال جي سڄي پاسي ڪانَ ٻہ ڳليون آهن. هڪ ننڍي اڳڻ طرف ٿي وڃي، جنهن جي چئن ئي پاسن ڪان وري ننڍا ننڍا ٻہ ماڙ ڪمرا آهن. انهيءَ ئي پاسي ڪيترا ٻيا ٻہ اڳڻ ۽ ڪمرا آهن جن ۾ شايد شاگرد رهندا هوندا. مٿينءَ ماڙ تي وڃڻ لاءِ ٻہ ڏاڪڻيون آهن. سمجهيو وڃي ٿو تہ پروهت جي اچ وڃ لاءِ ڏاڪڻي ۽ اولهہ پاسي در هوندا.

هيٺيون شهر:

استوپا ايراضيءَ ڪان هڪ رستو ڏکڻ اوڀر طرف ٿو وڃي، جو ٿورڙو ئي ٻري وڃي، اوڀر پاسي مُڙي، اوڀر واري وڏيءَ سڙڪ سان ملي ٿو. اوڀر واري وڏي سڙڪ ڪوٽيل علائقي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. سڙڪ جي ڏکڻ پاسي ايچ. آر ايراضي آهي ۽ اتر طرف وي. ايس ايراضي آهي. مشرق واريءَ وڏيءَ سڙڪ کي پهرين وڏي سڙڪ گوني ڪنڊ تي ڪاٽي ٿي ۽ وي. ايس ۽ ايچ. آر ايراضين کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي، ڊي.ڪي ايراضيءَ تائين وڃي ٿي.

انهن علائقن ۾ هزارين گهر، تمام گهٽيون ڳليون ۽ بيشمار کوهہ آهن. هي گهر خاص بيهڪ جا آهن. ايچ. ار ايراضيءَ جي گهر نمبر 8 جي بناوت ڏاڍي دلچسپ آهي. هيءُ هڪ وچولي درجي جو گهر آهي ۽ موهن جي دڙي جي وچين دور جي اڏاوت آهي ۽ هاءِ لين (6) تي واقع آهي. ان گهر جي اوچائي 75 فوٽ ۽ ويڪر 97 فوٽ آهي. ان جون ٻاهريون پٽيون 4-5 فوٽ ٿلهيون ۽ ٻاهرئين پاسي ڪان مخروطي آهن. انهي جو وڏو در پهريائين ڏهہ فوٽ ويڪرو هو، پر پوءِ ان جي پر واريءَ ڪنڊ ۾ هڪ ٿنڀو ناهيو ويو هو، جنهن ڪري در جي ويڪر 7 فوٽ 6 انچ باقي

بچيل آهي. وڏي در ۾ داخل ٿيندي وقت ٻُهه ڳَڏيل مٽيءَ سان پلستر ڪيل اولهه واريءَ پٽ جو ٽڪرو ڏسبو، جو جيئن جو تيئن اجا بيٺل آهي. در جي ٺيڪ سامهون ٿورو پريان هڪ ننڍو ڪمرو آهي، جنهن جو در ٻاهر واري وڏي دروازي جي آمهون سامهون آهي. ان جي اندر ساڄي هٿ تي 32 چورس فوٽ اڱڻ آهي، جو سِرن جو ٺهيل آهي. فرش جي پاسي کان اتر کان اولهه طرف زمين جي اندر هڪ نالي آهي، جنهن جي اتر واريءَ ڪنڌ سان مٿينءَ ماڙ جو ميرو پاڻي آٽيندڙ نالي اچي ملي ٿي ۽ عجب جي ڳالهه آهي، جو انهيءَ ناليءَ جو پاڻي ڳليءَ جي ڪنهن ناليءَ ۾ ڪونہ ويندو هو پر اڱڻ ۾ هيٺ زمين ۾ اندر پوريل هڪ مٽي جي مَٽ ۾ وڃيو پوندو هو. اڱڻ جي چئن ئي پاسن کان ڪمرا آهن. ڏکڻ اوڀر واري پاسي جي ڪمري ۾، جنهن کي ڪمرو نمبر 6 چيو ٿو وڃي، هڪ کوهہ آهي. پرسان واري ڪمري جي وچينءَ پٽ ۾ هڪ ڪليل دري آهي، جنهن مان پاڻيءَ جو ٿانءُ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃي اچي سگهي ٿو. هينئين طبقي جا سيئي ڪمرا گهڻو ڪري سامان رکڻ ۽ بورچي خاني وغيره جي ڪم ايندا هوندا. مٿينءَ ماڙ جا ڪمرا جن ۾ پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل آهي. سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا هوندا.

پهرينءَ وڏي سڙڪ جي ٻئي پاسي بيضوي شڪل جو هڪ ٻَنو آهي. هي 7 فوٽ ڊگهو ۽ 5 فوٽ ويڪرو آهي ۽ ان جو منهن، جو ڏکڻ طرف آهي تنهن جي ويڪر 13 انچ آهي. ايڇ. آر ايراضيءَ جي اتر ۾ اوڀر واري سڙڪ آهي جنهن جي ورڻي ٻئي پاسي کان وي. ايس ايراضي آهي. هن سڙڪ جي ڪناري کان فرش تي پڪ سِرا گول ٿالهہ جي شڪل جا ٽڪرا ٺهيل آهن. جن ۾ V شڪل جون سِرون جڙيل آهن. هي سرن جا ٿالهہ موهن جي دڙي جي انهن مٽن رکڻ لاءِ ٺهرايا ويا هئا، جن جا ٿَر ڇهنبائتا هوندا هئا. ڪن جو خيال آهي تہ هيءُ ڪو ميخانو هو ۽ ڪِن جو چوڻ آهي تہ هيءَ ڪا سبيل هئي. ان جي پرسان هڪ کوهہ آهي، جنهن جو قطر 6 فوٽ 8 انچ آهي ۽ اٽڪل 35 فوٽ اونهو آهي. انهيءَ ۾ پڻ V شڪل جون سرون ڪم آندل آهن. ان کوهہ جو پليٽ فارم ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ٺهيل آهي ۽ ان جي سِرن جي اوساري نهايت مضبوطيءَ ۽ خيال سان ڪئي ويئي آهي.

کوھ جي گھاٽ تي گھڻي وقت تائين پاڻيءَ چڪڻ ڪري، رسن رگڙ جا نشان اڄ بہ موجود آهن. ان سان گڏ کوھ جي ڪنارن واري فرش تي دلن رکڻ جا نشان بہ موجود آهن. انهيءَ کوھ تان پاڻي ڀرڻ وقت جيڪو پاڻي ڇلڪي ڪري پوندو هو، اُهو انهيءَ پليٽ فارم يا پڳ هينان هڪ پڪ سري حوض ۾ جمع ٿيندو هو ۽ اُتان وري هڪ ناليءَ رستي ٻاهر نيڪال ڪيو ويندو هو!

وي.ايس ايراضيءَ جي اُتر ۾ ٿورو پريان ڏي. ڪي ايراضي آهي. هيءُ علائقو شايد هتان جي اميرن جي بستي هئي. هِن جي تعمير ٽن جدا جدا دورن ۾ ٿي. شروع، وِچين ۽ آخري دور جا آثار صاف نظر اچن ٿا ۽ عجب ڳالھ تہ هيءَ آهي جو اسين جڏهن شروع واري زماني جي تعميراتي ڪم جي آخري دور جي تعميرات سان ڀيٽ ڪريون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ شروعاتي تعميري فن درجي بدرجي بگڙندو پئي ويو آهي! هِن ايراضيٰ ۾ تمام گھٽيون ڪشاديون، وڏيون ۽ ويڪريون جايون آهن، جتي متانهينءَ سطح کان اٽڪل 35 فوٽن تائين کوٽائي ڪيل آهي، هتي تمام وڏيون اوچيون ڀتيون ۽ ڳليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن علائقي ۾ بيشمار کوھ آهن، جن جي چئن ئي پاسن جي مٽي کوٽائي ڪندي ڪڍي ويئي آهي ۽ هينئر اُهي زمين کان ٻاهر ڪارخانن جي چمنين وانگر بيٺا نظر اچن ٿا.

گذريل ڪن سالن جي کوٽائيءَ ۽ کوجنا جي نتيجي ۾ سنڌو ماٿريءَ جي قديم رهواسين جو ڪافي بي مثل ورثو دريافت ٿيو آهي ۽ ورثي جي روشنيءَ ۾ ان قديم تهذيب جون ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون کلي ظاهر ٿيون آهن. خاص طرح سنڌن اڏاوت جي فن جا ڪيترائي اهڙا پهلو اڄ اسان کي معلوم آهن، جن تي پوري غور ڪرڻ بعد اسين آسانيءَ سان چئي سگھون ٿا تہ هي ماڻهو اڏاوت جي ڪم ۾ وڏي قابليت رکندا هئا. سنڌن گھر، دڪان، مڪتب، کوھ، رستا مطلب تہ سڀ اڏاوتي ڪم پوريءَ رٿا هيٺ عمل ۾ ايندا هئا. موهن جي دڙي جي کنڊرن ۾ شهري اڏاوت جي هنن شاندار نشانن کي ڏسي، جيڪي اڄ بہ جديد کان جديد پيا لڳن. هڪ انگريز مصنف ايئن لکڻ لاءِ مجبور ٿي پيو تہ هن اُتي بيهي ايئن ٿي محسوس ڪيو جڻ هو اڄ جي لنڪا شهر جي

ڪنڌرن ۾ بيٺو هو. وڏيڪ چيائين ته موهن جي دڙي جي شاهراهه اول (7) ۽ شاهراهه مشرق (8) جي ميلاپ وارو هنڌ ته ڪيس آڪسفورڊ سرڪس جو چوراهو (9) تي معلوم ٿيو. (10) ڏسڻ ۾ ته هي ڳالهيون ڇڻ خوش فهميءَ وارزيون پيون پائنجن، پر حقيقتن جي اونهيءَ اڀياس مان پتو پوي ٿو ته اِهي دلڪش تشبيهون بي بنياد نه آهن.

هڪ اعليٰ رٿابنديءَ هيٺ آباد ٿيل شهر جو پهريون بنيادي اصول هيءُ آهي ته اهو جنهن هنڌ تي اڏيل هجي، اهو ٻاهرين ۽ اندرين بندش کان آجو هجي، ٻي خاص ضرورت ان لاءِ هڪ اهڙي مرڪزي بااختيار انتظام جي آهي، جنهن ۾ رستن ۽ ڳلين جي سنڀال، عوام لاءِ کوهن جو بندوبست، گندي پاڻيءَ جو نيڪال، صحت صفائيءَ جي اصولن جي پابندي ۽ گهرن جي بيهڪ جي رٿابندي آسانيءَ سان ٿي سگهي ۽ ان لاءِ شهر واسين جو تعاون خوشيءَ توڙي رنج سان حاصل ڪري سگهجي. موهن جي دڙي مان لڌل شهر ۾ اِهي بيئي ڳالهيون موجود هيون.

سرون ناهڻ.

برصغير هند-پاڪ جي اڏاوتي فن جي تاريخ ۾ سنڌو ماٿريءَ جي هن دور جون سِرون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هتي غالباً ڪنهن به پوءِ جي دور ۾ هنن سرن کان وڌيڪ ڪارائتيون سرون ڪونه نهيون آهن. هنن سرن جي ماپ 1/3 :1/2 :1 جي نسبت ۾ هوندي هئي.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ گهڻو ڪري پڪيون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. سواءِ ڪن جاين جي، جتي ڪچيون ۽ پڪيون سِرون هڪ خاص سلسلي سان اوساريءَ ۾ يا بنياد ۾ ڪم آندل آهن. هنن سرن جي ڊيگهه ويهڪ کان ٻيڻي ۽ ٿولهه ويڪر جو اڌ رکيل آهي. هي سرون 25ع 2 × 5 × 25ع 10 انچن کان وٺي 5ع 2 × 85 × 65ع 25 انچن جي جدا جدا ماپ جون ناهيون ويون آهن اجا به وڏيءَ ماپ جون سرون خاص خاص استعمال، مثال طور نالين کي ڍڪڻ وغيره لاءِ ناهيون وينديون هيون. عام طرح هتي 25 25x2 11x5 انچن جي سرن جو استعمال ٿيل آهي. اهي سرون هاٺوڪي طريقي تي ڪاٺ جي ڪليل چوڪنڊي سانچن ۾ ناهيل آهن. چوڪنڊن سرن کان سواءِ ٻين شڪلين جون سرون به

ٿاهيون ويندڙيون هيون. ڪوهن ٿاهڻ لاءِ V شڪل جون سرون خاص طرح ٿاهيون ويندڙيون هيون. فرش جي جڙت سادي هوندي هئي، ان ۾ ڪنهن قسم جي چٽسالي يا ڊزائين وغيره جو خيال ڪونه ڪيو ويندو هو. البت غسلخانن جي ڪنڊن ۾ ڪٿي ڪٿي L شڪل جون سرون ڪم آندل آهن. سرون مٽيءَ جي گاري سان لنبيل آهن ۽ هزارن سالن جون اهي وڏيون وڏيون پٽيون اڄ بہ مضبوط بيٺيون آهن.

گهر:

موهن جي دڙي جا گهر سادا ۽ آرام وارا آهن. جن کي اڏڻ وقت خوبصورتيءَ ناهہ ٺوهہ کان وڌيڪ انهن جي مضبوطيءَ ۽ پائداريءَ جو خيال رکيو ويو هو. هتي ايڏيون شاندار ۽ سينگاريل عمارتون ڪونہ ٿيون ملن، جهڙيون مصر، سمير ۽ ٻين قديم تهذيبن وٽان لڌيون آهن، هتي ڪن ڳالهين جو خاص طرح خيال رکيو ويو آهي. مثلاً: هتان جي عمارتن جي پيڙهہ ڪافي اونهي ۽ مضبوط رکي ويئي آهي ۽ ان ۾ نڪر نوبر ۽ ڪڪري وجهي، پوريءَ طرح ان کي پڪو ڪيو ويو آهي. عمارتن کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ انهن جي اڏو مٽيءَ جا وڏا ٿلها بنايا ويندا هئا. اڪثر پٽين ۾ ترتيب سان، انگلش بانڊ (11) جي طرز تي، اڀين ۽ وچايل سرن جون اوساريون ڪيل آهن. (12) وڌيڪ ٿلهين پٽين ٺاهڻ لاءِ ٻاهران ۽ اندران سرن جي اوساري ڪري، ان جي اندر مٽي، گارو ۽ نڪريون سروٽا پري ڇڏيندا هئا.

ڪوٽائيءَ ۾ لڌل عمارتن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) رهائشي گهر (2) وڏيون عمارتون جن جي اڏاوت جو ڪارج پوريءَ طرح سمجهہ ۾ اچي نہ سگهيو آهي ۽ (3) غسلخانہ ڻ حمام.

رهائشي گهر ٻن ڪوٺين کان وٺي، ايترا تہ وڏا ويڪرا آهن، جو انهن کي ڏسي، محلن جو ڏوڪو ٿئي ٿو. انهن جون ٻاهريون پٽيون بلڪل ساديون آهن. انهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪي در آهن، سي وڏن ڪشادن رستن جي پاسي ڪلڻ بدران ڳلين ۾ ٿا کلن. عام گهر 27-30 فوٽن جا هوندا هئا، جن ۾ 4 يا 5 ڪوٺيون هونديون هيون. وڏا گهر انهن کان ٻيڻا ڪشادا هوندا هئا ۽ انهيءَ اندازي مطابق انهن ۾ وڌيڪ ڪمرا بہ هوندا هئا ايتري قدر جو ڪن گهرن ۾ 35 ڪمرا بہ ڏٺا ويا آهن. موهن

جي دڙي جي وڏي ۾ وڏي جاءِ 282 فوٽ ڊگهي ۽ 112 فوٽ ويڪري آهي. ان ۾ ڪيترائي صحن آهن، جن جي چوڌاري رهائشي ڪمرا ۽ گودام وغيره آهن. انهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته هن جاءِ جو مالڪ حيثيت ۽ آڪهه وارو هوندو.

هنن جاين جو نقشو مجموعي طور مشرقي ملڪن جي جاين، خاص ڪري بابل ۽ برصغير هند-پاڪ جي اترين علائقي جي شهرين جي جاين سان ملي جلي ٿو يعني هر جاءِ جي وچ ۾ اڱڻ هوندو هو ۽ اڱڻ جي چئني طرفن ڪوٺيون ٺاهيون وينديون هيون. اڱڻ جي ڪنهن هڪ ڪنڊ ۾ ڪير ڏيندڙ جانور ٻڌا ويندا هئا ۽ ٻيءَ ڪنڊ ۾ رڌڻو هوندو هو. وڏين جاين ۾ گڏيل ڪٽنب رهندا هئا. ڪن جاين ۾ وچان آيل پردي جون اهڙيون پٽيون به مليون آهن، جي جاءِ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائين ٿيون. دروازا گهڻو ڪري ڪاٺ جا ٺاهيا ويندا هئا، جيڪي چو-ڪاٺي جي وچ ۾ فٽ ڪرڻ بدران مٿينءَ ايس ۽ چائنٺ ۾ ڦاسايا ويندا هئا. ٻاهرين پٽين ۾ دريون ڪي اتفاق سان هونديون هيون.

مٿين ماڙين ڏانهن وڃڻ واريون ڏاڪڻيون اُڀيون سنهيون ۽ سوڙهيون آهن، ڪن ڪن ڏاڪن جي اوچائي 15 انچ ۽ ويڪر فقط 5 انچ آهي، جن تي چڙهڻ لاءِ وڏي خبرداري ڪرڻي پوندي هوندي، پر ڪي ڏاڪڻيون اهڙيون به مليون آهن، جيڪي بلڪل پوريءَ ۽ مناسب ماپ جون ٺهيل آهن. هڪ وڏيءَ جاءِ ۾ به ڏاڪا سوا به انچ اوچا سوا اٺ انچ ويڪرا آهن. ڪن جاين ۾، مٿينءَ ماڙيءَ تي وڃڻ لاءِ ٻاهرينءَ گهٽيءَ مان ڏاڪڻيون تيار ڪيون ويون آهن.

رستا ۽ گهٽيون:

موهن جي دڙي جا رستا ۽ گهٽيون اتر-ڏکڻ ۽ اوڀر-اولهه تي ٺهيل آهن. هي رستا هڪ ٻئي کي گونيءَ ڪنڊ تي ڪٽيندي، اڳتي وڌن ٿا. گمان آهي ته رستن جا اهي طرف هوائن جي رخ کي نگاهه ۾ رکندي رٿيا ويا هوندا ۽ اتر يا ڏکڻ جي طرفن کان ايندڙ تازيون هوائون، ويڪرن ٻلين جي گهٽيل گنديءَ هوا کي به ڪٽي وينديون هونديون. اهڙيءَ ريت گهڻو ڪري هر هنڌ تازيءَ هوا جو گذر ٿيندو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته رستن جي طرفن جي هيءَ بيهڪ اتفاقي ڳالهه هجي ۽ ان جو هوائن جي

رخ سان ڪو بہ واسطو نہ هجي، پر هوا ڪان ڪم ونڻ جو اهڙو ساڳيو انتظام بابلي تهذيب جي ڪن شهرن ۾ بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي.

موهن جي دڙي جا سمورا رستا ۽ گهٽيون ڪافي کوٽائيءَ ڪان پوءِ دريافت ٿيا آهن ۽ ڪن هنڌن تي تہ مٿاڇري ڪان 35 فوٽ هيٺ تائين کوٽائي ڪئي ويئي آهي.

وڏن رستن جي پيٽ ۾ ننڍيون گهٽيون وڏيڪ سالم حالت ۾ آهن. انهيءَ ڪري جو اهي وڏن رستن تان گهٽ استعمال ٿيون هونديون ۽ شهر جي تباهيءَ وقت جلد ئي مٽيءَ ۾ دٻجي ويون هونديون. انهن گهٽين جي ويڪرهينان ڪان مٿئين طرف وڌندڙ آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ ٻنهي طرفن وارين جاين جون ٻاهريون ديواريون مٿان ڪان هيٺ لهواريون ٺهيل آهن.

ڪن رستن جي موڙ تي پٿين سان ماڻهن جي ڪپڙن ۽ سامان سان لڏيل جانورن جي رڳڙجڻ جا نشان بہ ملن ٿا، ڪن هنڌن تي رستي جي موڙ تي پٿين ۾ اهڙيون سرون استعمال ڪيون ويون آهن، جن جون ڪنڊون گولائيءَ تي چلهيل آهن تہ جيئن سامان سان لڏيل جانور انهن جي ڪنڊن ۾ ڦاسي نہ پون. هن نموني جا موڙ اُر جي جاين جي پٿين ۾ بہ ڏنا ويا آهن. (13)

## کوهہ:

کوهہ موهن جي دڙي جي هڪ تمام وڏي خصوصيت آهن. هي کوهہ گهڻو ڪري هر وڏي گهر ۾ موجود آهن. ڪن ماڻهن تہ کوهن کوٽائڻ وقت هن ڳالهہ جو بہ خيال رکيو هو تہ جيئن گهر ۾ پردو بہ رهي ۽ ٻاهريان ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت جاءِ جي ٻاهرينءَ پٽ جي ويجهو کوهہ کوٽائي، ان کي اهڙيءَ طرح پٽ ڏني ويئي آهي، جو جاءِ جي اندران توڙي ٻاهران گهٽيءَ مان بہ پاڻي پري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪان سواءِ هنڌين هنڌين رستن ۽ گهٽين جي پرپاسي ۾ بہ کوهہ کٽايا ويا آهن. گهڻو ڪري سيپئي کوهہ مٿان ڪان تر تائين پڪا ٺهيل آهن. بيضوي شڪل جا کوهہ پنهنجي ڏيک ۾ نرالا آهن ۽ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ ڏنا ويا آهن. هڪ کوهہ ايترو تہ سوڙهو آهي، جو ان جو گهيرو فقط هڪ فوٽ ۽ ڏهہ انچ آهي. کوهن جي پڳ تي رسيءَ جي رڳڙ سان پيل

نشان هنڌين هنڌين نظر اچن ٿا. ڪيترن هنڌن تي گول ۽ گهرا نشان بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن، جي هر هر دلي رکڻ جي مهٽ سببان ٿيا آهن. ڪوٺائيءَ ۾ ٻارن جي راند جون مٽيءَ جون چرخيون بہ هٿ آيون آهن، جن مان هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي تہ کوهن تي پاڻي ڪڍڻ لاءِ وڏيون چرخيون لڳايون وينديون هيون.

هزارين سالن کان هن پراڻيءَ بستيءَ جو مٽاڇرو ڏينهون ڏينهن مٿي اٿندو رهيو آهي ۽ سنڌو نديءَ ۾ هڪ ٻئي پنيان ٻوڏن اچڻ ۽ زمين جي هيٺئين پاڻيءَ جي مٽاڇري ۾ ڦير گهير اچڻ سببان، هنن کوهن جي پٽ کي مٿي ڪيو ويو هوندو. ڪن کوهن ۾ اهڙا مختلف دور صاف نظر اچن ٿا، جتي انهن جي مٿئين حصي کي بنياد بنائي، ڪيترا پيرا اوچو بہ ڪيو ويو آهي.

ڇاڪاڻ تہ زير زمين پاڻيءَ هيٺئين مٽاڇري جي وچ ۾ مفاصلو ويهن فوٽن جو آهي، انهيءَ ڪري اجا تائين ڪنهن بہ کوهہ جي تر تائين پهچڻ ممڪن ڪين ٿي سگهيو آهي.

صفائي:

سنڌو ماٿريءَ جا رهواسي صفائيءَ جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. رستن، کوهن ۽ گهٽين مان گندي پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ جو بندوبست فقط موهن جي دڙي ۾ ئي نظر اچي ٿو. انهيءَ ڳالهہ کي سامهون رکندي جيڪڏهن هيءَ دعويٰ ڪئي وڃي تہ همعصر تهذيبن ۾ بہ ڪا بہ قوم هن باري ۾ ان جو مٽ ڪانہ هئي، تہ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو. گهڻو ڪري هر گهٽيءَ ۾ پڪين سرن جون هوديون ۽ گهٽيءَ جي ٻنهي طرفن جاين مان گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نهيل موريون پنهنجو مثال پاڻ آهن. ننڍيون موريون وڏين نالين ۾ وڃي ٿيون پون، جيڪي 19 انچ اونهيون ۽ 8 انچ ويڪريون هونديون هيون. پاڻيءَ جي مقدار جي خيال کان انهن جي اونهائي ۽ ويڪر جدا جدا آهي. اهڙيءَ طرح کي نالين ماپ ۾ بيٺيون آهن. هي ناليون معمولي پڪين سرن مان ٺاهيون وينديون هيون ۽ مٽيءَ جي گاري سان انهن جي اوساري ڪئي ويندي هئي. پر، ڪن ڪن نالين ۾ ڏامر استعمال ڪيو ويو آهي تہ جيئن پاڻي مٽيءَ ۾ جذب ٿي نہ سگهي ۽ آسانيءَ سان وهي وڃي. انهن نالين کي سرن سان ڍڪيو

ويندو هو ۽ انهن کي گاري سان لمبي ڪو نہ ڇڏيندا هئا، تہ جيئن سرن کي مٿي کڻي ناليون آسانيءَ سان صاف ڪري سگهجن. وڏيڪ ويڪريون ناليون پٿر جي پڙڇن سان بند ڪيون ويندڀون هيون. ڪٿي ڪٿي انهيءَ مقصد لاءِ وڏيون ۽ ويڪريون سرون بہ استعمال ڪيون ويون آهن، پر ڇاڪاڻ تہ وڏيون سرون بار پوڻ سان ڀڄي پونديون هيون، انهيءَ ڪري ان ڪم لاءِ پٿر جي پڙڇن کي وڏيڪ پسند ڪيو ويندو هو.

گهرن جو گندو پاڻي يا مينهن جو پاڻي نالين ۾ سنئون سڌو ڪيئن اچي پوندو هو، پر پهريائين ننڍا نارا هڪ ننڍي حوض ۾ پوندا هئا، جتي گند ڪچرو، نڪر، پٿر حوض جي تر ۾ وجي ويهندا هئا ۽ خالي پاڻي آسانيءَ سان نالين ۾ وهي ويندو هو. انهيءَ طريقي وڏيون ناليون گند ڪچري کان صاف رهنديون هيون ۽ پاڻيءَ جي نيڪال ۾ رڪاوٽ ڪا نہ ٿيندي هئي. حوضن کي بار بار صاف ڪيو ويندو هو. ڪن جاين جا مالڪ جيڪي گندي پاڻيءَ لاءِ حوض نهرائي نہ ٿي سگهيا، سي جاين جي نارن جي آخري ڇيڙي وٽ مٽ پوري ڇڏيندا هئا، جن ۾ گندو پاڻي گڏ ٿيندو هو. انهن مٽن جي تري ۾ سوراخ هوندو هو، جنهن مان پاڻي آهستي آهستي وهي، زمين ۾ چوسبو رهندو هيو.

ڪن ڏگهين نالين ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي وڏيون هوديون ٺهيل آهن، جن ۾ اندر گهڙڻ لاءِ باقاعدي ڏاڪا ٺهيل آهن ۽ انهن کي ڪاٺ جي تلهن تختن سان ڍڪيو ويندو هو. انهن هودين جو مٿاڇرو نالين سان سڌائيءَ ۾ يا ڪجهہ هيٺ ڀرو ڪيو ويندو هو. انهن کي وڏيءَ آسانيءَ سان صفا ڪري سگهبو هو، انهن جي اندر بيهي نالين کي، جن جو پاڻي ان ۾ پوندو هو، بانس يا ٻئي لڪڙي وسيلي صفا ڪري سگهبو هو. هن قسم جي صفائيءَ جو انتظام غالباً شهر جي صفائي جي داروغي جي نظرداريءَ هيٺ ٿيندو هو.

جن هنڌن تي مٿانهينءَ تي ڪا وهندڙ نالي، هيٺانهينءَ ۾ وهندڙ ناليءَ سان ملندي هئي، تہ اتي هڪ ننڍڙي هودي بنائي ويندي هئي تہ جيئن هڪ ناليءَ جو پاڻي، ٻيءَ نالي ۾ مٿان کان هيٺ ڪرڻ بدران ان هوديءَ ۾ پوي ۽ ڦنگون نہ اڏامن، جنهن سببان پرَ واري زمين آلي نہ ٿئي ۽ گندگي نہ ڦهلجي ۽ جتي هڪ نالي ٻيءَ ناليءَ سان ملي ٿي، اتي

گوني ڪنڊ يا عمودي شڪل ۾ گڏجڻ بدران نالين ۾ گولائي پيدا ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪري تہ جيئن وهندڙ پاڻيءَ جو زور گهٽجي وڃي. شهر جي ٻاهران اهڙا زير زمين نالا ٺاهيا ويا آهن، جن جي ذريعي شهر جو گندو پاڻي ٻاهر نڪرندو هو. انهن مان ڪي نالا تہ اڍائي فوٽ ويڪرا ۽ چار يا پنج فوٽ اونها آهن. شهر جي گندي پاڻيءَ جو هيءُ اعليٰ انتظام سنڌو ماٿريءَ جي قديم رهاڪن جي اعليٰ تعميري صلاحيتن جي شاهدي ڏئي ٿو.

غسلخانا.

سنڌوماٿريءَ جا ماڻهو وهنجڻ کي وڏي اهميت ڏيندا هئا ۽ گهڻو ڪري روزانو وهنجڻ جي منجهن عادت هئي، ڇاڪاڻ تہ گهڻو ڪري هتان جي هر هڪ جاءِ ۾ غسلخانا ٺهيل هئا، جن جي نهرائڻ ۾ خاص فني بندوبست رکيا ويندا هئا. اهي گهڻو ڪري ٻاهرينءَ گهٽيءَ طرفان ٺاهيا ويندا هئا ۽ چورس يا مستطيل هوندا هئا. انهن جو فرش پڪو هوندو هو، جنهن جو لاهہ ٻاهرينءَ ديوار طرف هوندو هو. انهن غسلخانن جي نيڪال جون ناليون گهٽيءَ جي نالين سان مليل ٿيون. ڪن جاين ۾ مٿينءَ ماڙي کان هيٺ تائين گندي پاڻي ڪيڻ لاءِ مٽي جا ٺهيل پڪا گول ”پائيپ“ لڳل ڏسڻ ۾ آيا آهن. ممڪن آهي تہ جاين جي مٿين ماڙين تي بہ غسلخانا موجود هجن.

حمام.

موهن جي دڙي ۾ ڪي اهڙيون جايون بہ ڏسڻ ۾ آيون آهن، جن لاءِ گمان ٿو ٿئي تہ اهي عام حمامن طور ڪم ايندڙيون هيون. انهن جاين جي پتين ۾ هر هنڌ اهڙا ”نل“ لڳل آهن، جن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ انهن وسيلي گرم پاڻي موجود رکيو ويندو هوندو. انهن جاين جي اندران رک ۽ ڪوئلو بہ هٿ آيا آهن، جنهن مان اهو گمان وڌيڪ پڪو ٿو ٿئي تہ اهي جايون حمام جو ڪم ڏينديون هيون، پر ڪنهن بہ اهڙي خاص حمام جي موجودگي بهرحال ڪنهن يقين جي حد تائين ثابت ٿي نہ سگهي آهي.

مٿي ڄاڻايل مثالن مان هيءُ اندازو ٿئي ٿو تہ سنڌو ماٿريءَ جي رهاڪن، شهري اڏاوت جي رٿابنديءَ تعميري فن ۾، وڏي ترقي ڪئي

هئي چاڪاڻ تہ هن تهذيب جي تباهيءَ کان پوءِ اٽڪل هڪ يا ڏيڍ هزار سالن تائين برصغير هند_ پاڪ ۾ نہ ڪي تہ اهڙيون شاندار عمارتون بنايون ويون ۽ نہ ڪي وري ڪنهن اهڙي سليقي سان شهري رٿابندي ئي ڪئي وئي،پر هتي فطري طور هيءُ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ فن تعمير ۾ هنن ماڻهن ڪي هيءُ اوج ڪيئن حاصل ٿيو؟ ايئن چوڻ صحيح ڪين ٿيندو تہ هتي هنن ماڻهن کان اڳ ڪا بہ مهذب قوم آباد هئي جنهن کان هي تعميري ورثو هنن کي مليو ۽ جنهن کي هنن ترقي ڏني، چاڪاڻ تہ موجوده تحقيق ڪنهن بہ اهڙيءَ اڳ رهندڙ قوم جو پتو ڪو نہ ٿي ڏئي ۽ نہ ئي وري ڪنهن اهڙي اڳ جي تهذيبي ورثي جو ئي ڪو ڏس اسان کي ملي ٿو، جو هن سلسلي ۾ اسان کي مطمئن ڪري سگهي. بهرحال هيءُ تسليم ڪرڻو پوي ٿو تہ شهري رٿابندي ۽ اڏاوتي فن جو هيءُ مزاج سنڌو ماٿريءَ جي قديم فرزندن جي صدين جي لاڳيتين عملي ڪوششن جو نتيجو هو. البت هن ڳالهہ جو وڌيءَ کوجنا ڪرڻ کان پوءِ پتو پوندو تہ هنن جون هي حاصلاتون ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ طرح بين علائقن ۾ پهتيون ۽ ڪانئن پوءِ وارن نسلن انهن مان ڪيتريءَ حد تائين فائدو حاصل ڪيو.

## حوالا ۽ فوٽ نوٽ

(1) موهن جي دڙي جي نالي تي ڪافي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهي آهي. ڪن عالمن جي خيال ۾ هيءُ نالو "مُهن جو دڙو" يا "مَهَن جو دڙو" آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ "ناس" يا "تڪليف ۾ آيل" جو دڙو آهي. (مترجم)

(2) ايڇ. آر. ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري مسٽر هار گريوز جي نالي پٺيان رکيل آهي.

(3) وي.ايس.ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري مسٽر ماڌو سروپ وٽس جي نالي پٺيان رکيل آهي.

(4) ڊي. ڪي.ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري مسٽر ڪي. ايڊ ڪشٽ جي نالي پٺيان رکيل آهي.

(5) Divinity Street.

(6) جيئن تہ هيءَ ڳلي گهٽي اوچائيءَ تي آهي، تنهنڪري هڪ آثار قديمہ جي ماهر سمجهڻ سمجهائڻ لاءِ ان جو نالو High Lane يعني مٿاهين گهٽي رکيو آهي.

پر هڙپا مان لڌل انهيءَ بوتي کي شِو جو مجسمو چوڻ مناسب نہ ٿو لڳي.

(7) First Street (8) East Street (9) Oxford Circus (10) The vedic age — vol. 1 of the history and culture of Indian people P-169.

(11) English Bond (12) Vedic Age. P-171.

(13) Machay-Earnest, The Indus Civilization. P — 26.

(ترجمو: شمس سرڪي)

رحيمداد خان مولائي شيدائي

# موئن جي دڙي واري قديم تهذيب

دنيا جي متمدن قومن جي تاريخ، تهذيب، رسم ۽ رواج، هيئت ۽ سماج، جسماني ۽ دماغي ترقين، معاشرت جي مدارج، صنعت ۽ حرفت، اعتقادن ۽ جغرافيائي حيثيت تي بيشمار معلوماتي سرمايو گڏ ٿي چڪو آهي. روزمره اخبارن ۽ رسالن ۾ انهن متعلق اسين بيشمار ليک پڙهي رهيا آهيون. يونان، روم، مصر، عرب، بابل ڪلديا، ايران ۽ هندي تمدن کان اسين واقف آهيون. مگر وطن مالوف سنڌ جي تمدن کان ايترو واقف نہ آهيون، حالانڪ مٿين قومن جي مقابلي ۾ سنڌي تمدن جو معيار ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ڪونہ آهي. حقيقت ۾ اسان سنڌين جي تمدن جي تاريخ گهڻي دلچسپ آهي. ان جو مکيہ سبب هي آهي تہ تمدن سنڌ متعلق اڄ تائين اهڙو ڪو بہ ڪتاب شايع ڪونہ ٿيو آهي، جنهن مان هر دور جي خبر پئجي سگهي. سنڌين جو تمدن 5000 ورهيہ ق.م جهونو آهي، جو عراق ۽ مصر سان مقابلوڪندو هو ۽ جنهن جي روشني مغربي ايشيا تائين پکڙجي ويئي. هتي جي رهاڪن جي هنر ۽ واپار جو اثر متمدن دنيا تي هر دور ۾ پوندو رهيو.

هاڻي سوال آهي تہ اهڙي عظيم الشان تمدن جو بنياد ڪيئن پيو ۽ ڪيئن سنڌين اهڙي عظيم الشان حڪومت قائم ڪئي؟ سندن انحطاط جا ڪهڙا اسباب هئا؟ اهي اهڙا سوال آهن، جن جي جواب ڏيڻ کان اسان جون تاريخون قطعي خاموش آهن؟ تنهن جي معنيٰ تہ اسين تحقيقات ڪرڻ ڏانهن اڃا رجوع ڪونہ ٿيا آهيون. اڄ اسان وٽ جيڪو تحقيقاتي سرمايو آهي، سو مغربين معرفت اسان وٽ پهچي ٿو. حالانڪہ مغربين هن وقت جيڪا ترقي ڪئي آهي، ان ترقيءَ مشرق ۾ جنم ورتو. دور ماضي ۾ جيڪي بہ عظيم الشان واقعات رونما ٿيا، تن جي ڪنجي بہ مشرق جي زمين آهي، دنيا ۾ هن وقت جيڪي بہ مذهب رائج آهن، تن مشرق ۾ جنم ورتو. اڄ ميمفس، ٿيبس، صور، نينويٰ، موئن جو دڙو، ٽئڪسلا، سرنات، ڪارلي، گيا ۽ سانچي، جيڪي اڳ تهذيب جا علمبر دار هئا، سي بلڪل خاموش آهن ۽ مشرق ۽ مغرب ۾ وڏي وڇوٽي پيل آهي.

سنڌ جي قديم رهاڪن جا نالا مورخن ۽ محققن بينا، تاڪ، مينا ۽ نابميا ڏنا آهن. سندن اوزار پٿرن جا هئا، آثار قديمه جي ماهرن اهي شيون حب کان وٺي الور تائين ڳولي هٿ ڪيون آهن. سندن فيصلي موجب انهن قومن جو گذران مڇي تي هو. (1) مسلمان مورخن فقط ايترو لکيو آهي ته سنڌ ۽ هند ٻه ڀائر هئا، جن جي نالن ڪري سنڌ ۽ هند نالا پيا، حام بن نوح عليه السلام جا فرزند هئا. (2) هي زمانو حجريه سڏجي ٿو جڏهن انسان غارن ۾ رهندا هئا. سندن هٿيار نرم پٿر جا گهڙيل ۽ اڻ گهڙيل هئا. سندن گذران مڇين ۽ چوپائي مال جي شڪار تي هو. مٿيون ڳالهيون ان زماني جون آهن جڏهن موئن جي دڙي جي دنيا کي خبر ڪانه هئي ته واديءِ سنڌ جي مٿيءَ هيٺان ڇا ڇا پوريل آهي.

مصر جي وحشي، قبطين، باب، اشور ۽ ڪلديا جي سيما طيقي قومن، ايرانين، يونان ۽ روم جي قومن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون. انهن قومن مان مصرين، عراقين ۽ يمن جي حميرين ۽ سبائن جي ترقيءَ جو مدار نيل، فرات، دجلہ ۽ يمن جي سد عرم تي منحصر هو، جن دريائن ۽ پاڻي جي بندن ڪري تجارت، صنعت ۽ زراعت ۾ بهرو ورتو. سندن علمن ۽ فنن کان فنيقيا، يونان ۽ رومن روشني ورتي. ساڳيءَ طرح سنڌو جي وجود ڪري، هتي جي قديم قومن ترقي ڪئي هئي. سنڌ ۾ اٽڪل سنيڪو قديم آثار آهن. جهڙوڪ: ونجوٽ، الور ۽ ٻڌڪي ٽڪري (روهڙي کان 3 ميل پري ڏکڻ اوڀر طرف) ليمو جو دڙو (شڪارپور کان 40 ميل الهندي)، بادھ جو دڙو (موهن جي دڙي کان 5 ميل الهندي)، لوهم جو دڙو، (نارو شاهہ کان 15 ميل الهندي)، برهمڻ آباد (شهدادپور تعلقو)، ڪاري (ڪوٽڙي کان 8 ميل ڏکڻ)، ڪاهو جو دڙو (ٿرپارڪر)، پنيور (ٺٽي کان 20 ميل الهندي)، گجو (ٺٽي کان 10 ميل الهندي). عامري (سيوهڻ کان 8 ميل ڏکڻ وغيره جهونا آثار آهن، مگر اهي ٻڌ جي زماني جا آهن. منجهائن مهرون، سڪا، زيور، برتن ۽ ٻيون شيون هٿ لڳيون آهن.

موئن جي دڙي واري تهذيب، جا ڪلديا، عراق ۽ مصر جي تمدن جي همعصر هئي. 250 ورهيه ق.م تائين جاري رهي. اهو دڙو سنڌ جي باغ پرڳڻي ۾ لاڙڪاڻي کان 25 ميل اتر ڏکڻ ۾ ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان 7 ميل پري الهندي ناري ۽ مهراڻ جي وچ ۾ 240 ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي

۽ 70 فوٽن جي بلنديءَ تي آهي. (3) ڇيو وجي ٿو ته اهو دڙو قديم زماني جي ويران ٿيل هڪ شهر يا گهڻن شهرن جي قطار جو هڪ ڀاڱو آهي. ڀانئجي ٿو ته اڳ اتان سنڌو نديءَ جو وهڪرو هو، جنهن جي ڪناري تي قديم سنڌين جا مندر هئا، جي هن وقت دڙن جي صورت ۾ پکڙيا پيا آهن. موئن جي دڙي جي کوجنا ڪرڻ کان اڳ قديم آثارن جي ماهرن جي نظر ۾ ٽئڪسلا، پاٽنا، رانچي، پلسيا، سرناٿ، متراء گيا، ايجنٽا ۽ مدورا جا آثار جهونا شمار ٿيندا هئا. سنڌو ۾ سڀ کان پهريان جهونن شهرن مان الور، برهمڻ آباد، ڪاهو جي دڙي ۽ بين دڙن جي کوٽائي جوڪم قدري ڪيو ويو هو. باقي موئن جي دڙي جو پتو اگرچه محڪمه آثار قديمه وارن کي اڳ ۾ ئي هو مگر ان جي کوٽائي جو ڪم مسٽر آرجي بئنرجي 1922ع ۾ شروع ڪيو، جنهن ڪري ڪيترين جهوني دنيا جون شيون دستياب ٿيون آهن. (4)

هي به ظاهر آهي ته سنڌ تي مسلمانن جي ڪاهه کان اڳ سنڌ جي تاريخ جو ڪو به پتو ڪونه هو. مگر هن دڙي جي کوٽائيءَ مان سنڌ جي جهوني اتهاس تي ڪجهه قدر روشني پوي ٿي. (5)

لڌل شيون:

سڀ کان پهريائين موئن جي دڙي ۾ جنهن ڦٽل جاءِ مسٽر بئنرجي جو ڌيان ڇڪايو، سو ٻڌ ڌرم جو هڪ مندر هو، جتان هن کي ڳولها ۾ هڪ پٿر جي ڇري، جا چقمق مان ٺهيل هئي، هٿ آئي. ان ڪانپوءِ هن تي هنڌ مقرر ڪري 1922ع ۽ 1923ع ۾ سردي جي موسم ۾ کوٽائي شروع ڪئي. هن کي گمان ئي ڪونه هو ته ڪو هتان پنج هزار ورهين جون جهونيون تاريخي شيون هٿ اينديون، جي ماڻهن جي دل تان هميشه لاءِ لهي چڪيون هيون. سڀ کان وڏي دڙي جي کوٽائي وقت ٻڌ ڌرم جي هڪ مندر جي چوٽيءَ تي هڪ نقارو هٿ آيو، جنهن مندر جون ديوارون سنڌو نديءَ جي مٽاڇري کان چائيتاليهه فوٽ اتاهيون هيون. مندر جي چؤطرف عبادت گذارن جا حجرا هئا ۽ وچ ۾ مندر جي عمارت هئي. مٿي چڙهڻ لاءِ هڪ چونٽري مان ڏاڪڻ آهي جا ٻئي طرف کان هيٺ لهي ٿي. انهيءَ مندر جي وچ ۾ هڪ پليٽ فارم آهي جنهن جي ويڪر 63 فوٽ ۽ ڊيگهه 71 فوٽ آهي. پليٽ فارم جي چوڌاري ڪيري جا ڍير لڳا هئا جنهن

مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مندر باھہ لڳڻ ڪري ويران ٿي ويو آهي. مندر تي نقاشي جو ڪم ڪيل هو ۽ اها چٽسالي ساڳي نموني جي آهي جا سر آلرسٽين صاحب کي چينائي ترڪستان جي ڪن هنڌن جي کوٽائي ڪندي ڏسڻ ۾ آئي. ان باري ۾ سر آلرسٽين، مسٽر هار گريوز چينائي ترڪستان، نال، ميهي ۽ ڪولي (Kuli) رياست ڪلات جي آثارن مان معلوم ڪيو تہ سنڌ جي تهذيب ايران جي مٿانهين پٽ تائين رائج هئي. (6) مسٽر اين — جي مجمدر جي جنهن محڪمہ آثار قديمہ پاران 1927ع کان 1931ع تائين سنڌ جي ضلعن جو پن هزار ميلن ۾ دورو ڪري آثار ڳولهي لڌا، جن جو بيان مٿي ڪري چڪا آهيون، تنهن جي رپورٽ موجب اهي موئن جي دڙي وانگر جهونا آهن. (8) مگر موئن جي دڙي کان سواءِ ٻين آثارن جون شيون ڪاٺياواڙ، لمبدي ۽ رامپور رياست جي آثارن مان نڪتل شين سان مشابهت رکن ٿيون. موئن جي دڙي واري مندر جي نقاشي اهڙي سني ۽ پائدار نموني جي آهي جو هزارها سالن گذرڻ ۽ برساتن پوڻ ۽ أس لڳڻ ڪري بہ ان کي نقصان ڪونہ رسيو آهي، جنهن مان انهيءَ زماني جي سنڌين جي ڪاريگري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ديوارين جي گچ تي ڪي اکر خروشتي زبان ۾ لکيل آهن، جا هندوستان، پنجاب، سنڌ ۽ ايران ۾ بہ رائج هئي.

## ڇئن زمانن جون عمارتون:

مسٽر بئنرجي موئن جي دڙي بابت جيڪا سرڪاري رپورٽ پيش ڪئي هئي، تنهن ۾ ڏيکاريل اٿس تہ وڏي دڙي جي کوٽائيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ مختلف ڇئن زمانن جون عمارتون موجود آسن. کوٽائي ڪندي مٿان مٿان جيڪي سڪا هٿ آيا آهن تن تي ڊڳن جي مورتي آهي. جا راجا واسديو پهرين جي راڄ ۾ چالو هئي ۽ مندر جون ديوارون بہ انهيءَ ساڳئي زماني جون آهن ۽ ان جي هيٺان اهڙي زماني جا سڪا هٿ آيا، جن تي ڪجهہ بہ لکيل نہ هو. ان کانپوءِ وري نئين زماني جون ديوارون ڏسڻ ۾ آيون. جتان هزارين ٿلها چوڪندا پتل جا سڪا لڌا ويا، جي ٽئڪسلا ۽ عراق جي دڙي مان لڌل سڪن سان ملن ٿا. ان کان پوءِ بلڪل اوائلي زماني جون ديوارون ملن ٿيون، جي تمام هيٺ بيٺل آهن، جتان 4 ٿلها سڪا ۽ 2 انچ ڊگها لڌا ويا آهن. ان کان اڃا هيٺ کوٽائي

ڪندي اهڙيون ڇيون مليون جن جو لاڳاپو حجري (پٿر) جي زماني سان آهي. انهيءَ مندر جي پاسن جي کوٽائيءَ مان چقمق، پاهڻ جا ٽڪر، سنگ مرمر جا ڏارا، سنگ مرمر جون دريون، ڪچ جون ڪنگڻيون ۽ ٻيا زيور مختلف پٿرن جا مليا. پوريءَ لڪڙيءَ جون نليون لوهه جون شيخون ۽ جدا جدا نمونن جي ٺڪرن جا ٿانوَ بہ لڌا ويا آهن. ٺئين زماني جي ديوارن وٽان موتين جا لسا ۽ چمڪندڙ ٺڪر مليا آهن. اتان هڪ اهڙي مورتي ڏاڙهي ۽ ايپي ٽوپي سان ملي آهي، جهڙي ٽئڪسلا جي دڙي مان هٿ لڳي هئي. شهرن جون ڪشاديون ناليون ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ زمين دوز ناليون، جاين اندر کوهہ، پبلڪ جي وهنجڻ لاءِ تلاءَ. اهي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ تاريخ جي زماني کان گهٽو اڳ قديم سنڌي، فن عمارت سازيءَ کان پوريءَ طرح واقف هئا. جيئن سر جان مارشل لکي ٿو تہ :

”اسان کي اوچتو هيءَ ڳالهہ معلوم ٿي آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳ سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو متمدن ماڻهن وانگر خوبصورت پڪن شهرن ۾ رهندا هئا. سندن تمدن، هنر ۽ ڪاريگري بلند درجي تي پهتل هئي. سندن اڪر لکڻ جو نمونو بہ سڌريل ڍنگ جو هو. انهيءَ شهر جي پتي لڳڻ کان پوءِ ساري دنيا ان شهر ۽ اتي جي لڌل شين ۾ دلچسپي وٺي رهي آهي.“(8)

جيئن مصر جي ڊيلٽا تي ميمفس هينانهين مصر جو تختگاهہ هو ۽ مصر جي سري ۾ ٿيبس تختگاهہ هو. تيئن سنڌ جي ميدان جي ڏاکڻي پاڱي ۾ موئن جو دڙو برک شهر هو ۽ پنجاب ۾ موئن جي دڙي کان ٽن سون ميلن تي مانٽگومري ضلعي ۾ هڙپا سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شهر هو، جنهن جي تهذيب موئن جي دڙي سان مشابهت رکي ٿي. هي شهر موئن جي دڙي وانگي پڪين سرن جو جڙيل هو. قديم زماني وارن سنڌين جي فن معماري لاءِ مٿين ٻن شهرن ۽ ٻين ويران شهر کان سواءِ ڪيرٿر جبل جي وادين ۾ ٽڪرين جي وچ ۾ اسان وٽ پٿرن جا بند موجود آهن. ان قسم جا بند سڄي بلوچستان ۾ خاران تائين موجود آهن، جن کي بلوچستان جا رهاڪو ”ڪافربند“ يا ”گبر بند“ چون ٿا (9) سنڌين اهي بند مينهن جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ تعمير ڪيا هئا. هن بيان مان

صاف ظاهر آهي تہ تاريخ جي زماني کان اڳ، اچ ڪلھ جي هارين ڪان سنڌي هاري گهڻو محنتي هئا. پاڻيءَ کي بندن ذريعي روڪڻ ۽ آبپاشيءَ جي فن کان واقف هئا. سنڌ جي آبادي جو مدار مهراڻ ڪان سواءِ مينهن تي آهي.

لاش دفن ڪرڻ جي رسم:

مسٽر بئنرجي هي بہ معلوم ڪيو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ مُردن کي دفن ڪيو ويندو هو، جنهن مان ظاهر آهي تہ جهوني زماني جا بت پرست لاشن کي دفن ڪندا هئا ۽ ساڙڻ جو زمانو پوءِ شروع ٿيو. سر جان مارشل مردن کي دفنائڻ جا ٽي نمونا ڏيکاريا آهن: (1) پوري لاش کي دفن ڪرڻ (2) لاش جي ڪنهن حصي کي پورڻ (3) ساڙڻ کان پوءِ دفن ڪرڻ، 1924ع ۾ ڊاڪٽر ايس-ڪي-چٽرجي قديم لاشن کي دفنائڻ جا چار نمونا ڏيکاريا آهن: (1) سرن جي ڪوٺي وانگر قبر ٺاهي ان ۾ دفن ڪرڻ (2) لاش کي صندوق يا مٽي جي آهر ۾ بند ڪري پورڻ (3) گنديءَ ۾ پورڻ (4) سڙيل هڏيون ۽ لاش جي خاڪ کي ٿانو ۾ وجهي پورڻ. هندن جي مقدس ڪتاب ”ويد“ ۾ مُردن جي دفن ڪرڻ جا اهي سمورا نمونا موجود آهن.

موئن جي دڙي مان ڪٽڪ، جَوَ، ململ جو ڪپڙو، ڳڙ جهڙي هڪ شيءِ ۽ ٿانون جا قسم مليا آهن، جي لاش سان گڏ دفن ڪيا ويندا هئا. شايد انهيءَ زماني جي ماڻهن جو قديم مصرين وانگر خيال رهيو آهي تہ مئي کان پوءِ روح کي انهن سڀني شين جي ضروت پوي ٿي، جي حياتي ۾ ان لاءِ گهربل آهن، جنهن ڪري قديم مصري مُردن سان زندگي جون سموريون ضروري شيون دفن ڪندا هئا. ڪن قبرن مان اهڙا هٿيار بہ هٿ لڳا جي مصر ۽ ڪريٽ ۾ جهونين قبرن مان مليا آهن. ڪن قبرن مان پٿر جي ڪهاڙين جا ڦر ۽ سنگ مرمر جا لنين جا مُنيا مليا. ڪن قبرن مان اهڙا لاش مليا جن جي هڏن تي ٽامي جا زيور پاتل ها. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ لاشن کي زيورن سميت دفنايو ويندو هو. ڪن قبرن مان ڪنجهي ۽ پتل مان نهيل پيالا بہ لڌا آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ اهو اهڙو زمانو هو جڏهن سنڌي، ڌاتن جو عام جام استعمال ڪندا هئا. (9)

# حوالا ۽ حاشيا

(1) cousens. H. Antiquities of sindh. P. 41 1929, Elliot. H. (Dowson). History of India, vol. 1. P. 503 London 1867.

ايلٽ صاحب انهن کي پوءِ جي زماني جا ستين ڏيکاري ٿو، جيڪي خراسان کان نڪري سنڌ ۾ وارد ٿيا. ڪرنل جيمس ٽاڊ ٽاڪ (تڪشت) قوم بابت لکي ٿو ته اها پاڻ کي ناگابنسي جو نسل راجپوت سڏائڻ لڳي.

J. Tod: The Annals and Antiquities of Rajistan, Vol. I, P. 53, Calcuta 1867.

(2) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، جلد 3، مطبع ناصري، بمبئي

(3) James L.T Hugh Report on the pargona of Chanduka in upper Sind Sel, Rec, Bom, Govt No. VIII part II PP 711-12

(4) ڊاڪٽر بئنرجي 1918ع کان وٺي 1922ع تائين سنڌ ۽ پنجاب ۾ هن ارادي سان کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ته سڪندر اعظم 324 ق.م ۾ سنڌ مان موٽيو هو ته هن جيڪي 12 ٿنيا نصب ڪري مٿن يوناني ۽ هندي زبانن ۾ ڪتبا لکرايا هئا، تن کي ڳولهي لهي. مسٽر بئنرجي بهاولپور رياست کان وٺي جتان هاڪڙو نديءَ جو وهڪرو معلوم ٿئي ٿو، ويندي ڪيرٿر جبل جي قطارن تائين 18 جاين تي سنڌو نديءَ جي جهوني وهڪري جا رخ معلوم ڪيا. اپر سنڌ جي سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 28 وڏن ۽ 53 ننڍن ويران ڳوٺن جو پتو ڪڍيو. اهي ٻڌ جي زماني جا هئا ۽ نڪتل سڪا عيسوي ٻي صدي جا هئا.

(5) هندو دعويٰ ڪن ٿا ته ويد ۽ پر ان سندن جهونيون تاريخون آهن ۽ وٽن نلندا يونيورسٽي هئي. هندن جي دعويٰ غلط آهي، ڇو ته هندوستان ۾ فن تاريخ جي ابتدا مسلمانن کان ٿي. ويدن ۽ پرانن جا بيان محض ڏند ڪٿائون آهن. نلندا يونيورسٽي ۾ تعليم زباني هئي. لکڻ جو رواج ڪونه هو. (تمدن – هند، از ڊاڪٽر گستائولي بان ) مترجم سيد علي بلگرامي، حيدرآباد دکن.

(6) Stein Sira Joua, Roy, Arch Soc. Vol. Lxix 1934 Calcuta.

(7) Mujmuder, N.G: Exploration in sind, Mem, Arch Sura, Ind, No : 48 P.P 145-154 (1934)

(8) Illustrated London News: September 20,1924 London.

(9) مصري لوڪ مُردن کي طبيبن وٽ ڪٽي ويندا هئا. اُهي دوائن ذريعي مردن جو ميجالو نڪ ذريعي ڪڍي، پيٽ چيري، آنڊا ڪڍي، مردن کي ڪجور جي شراب سان ڌوئي کي ڏهاڙا دوائون ڏيئي رکندا هئا. پوءِ نير ۾ بڏل باريڪ ڪپڙي جون پٽيون مُردي کي ويڙهي احرامن ۾ رکندا هئا ۽ پنهجي مذهبي عقيدي موجب زندگيءَ جون ضروري شيون به مُردي سان گڏ دفنائيندا هئا. بادشاهن جي ممين سان قيمتي شيون پوريندا هئا. يورپ وارن انهن کي کوٽي اهي قيمتي شيون هٿ ڪيون آهن، جي سندن عجائب خانن ۽ مصر جي عجائب خاني ۾ رکيل آهن.

غلام قادر بروهي

# سنڌو ماتريءَ جي تهذيب

## موهن جو دڙو

موهن جو دڙو جي ڳولا هڪ اتفاقي ڳالهه هئي. مسٽر رکلداس بئنرجي دراصل ٻڌ ڌرم جي مندرن ۽ سڪندر اعظم جي نهرايل ٺلن جي تلاش ۾ نڪتو هو. بئنرجي جڏهن موهن جي دڙي جي سرزمين تي پهتو تڏهن هن هڪ اونچي دڙي تي هڪ ٻڌ ڌرم جو مندر ڏٺو. جنهن جي چوڌاري پوڄارين جون ڪوٺيون ٺهيل هيون ۽ لهڻ چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻيون به هيون.

بئنرجي پنهنجي بوٽ جي نڪي سان زمين کي رهندان ڏٺيون، جنهن مان هن کي ٽانون ٺپن جا ٽڪر ٽوٽا هٿ لڳا جن تي نهايت عمدو ۽ عجيب ڪم ٿيل هو. ڪي پٿرن جون چريون به دستاب ٿيون، جي پٿر واري زماني (Stone age) جون هيون. ڪيس ڪهڙي خبر ته سنڌ جي پيٽ ۾ پنج هزار ورهيه پراڻي بي مثال تهذيب پوريل آهي. هن سپورنج سڀ ڪجهه سمجهي ورتو. دڙي جي کوٽائي جو ڪم هن 23- 1922ع جي سياري ۾ شروع ڪرايو. ڪوڏر جي پهرين لپي دنيا کي لوڏي ڇڏيو ۽ هر ڪو حيرت ۾ پئجي ويو. 1925ع کان اڳتي دڙي جي کوٽائي جو ڪم سر جان مارشل، جو ان وقت آرڪيالاجي کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هيو، پنهنجي زير نگرانيءَ ۾ ڪرايو، جو ڪيئي سال جاري رهيو ۽ ساڳئي وقت هڙاپا جي کوٽائيءَ جي رپورٽ سر جان مارشل تيار ڪرائي جيڪو ان وقت (1920ع کان وٺي 1931ع تائين) آرڪيالاجي جو ڊائرڪيٽر جنرل هو. کوٽائي اٺ، ڏهه سال هلي. ٻيون آرڪيالاجي کاتي جون شخصتيون (Archaeologists) جن کوٽائيءَ ۾ بهرو ورتو سي هيا: (1) مسٽر ايم.ايس وئٽس (2) ڪي-اين ڊڪشٽ (3) مسٽر ارنيسٽ مئڪي (4) مسٽر اين-جي مجمدار (5) سر مارٽيمر ويلر (6) ڊاڪٽر ڊيل.

سر مارٽيمر ويلر 1924ع ۾ آرڪيالاجيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو جنهن خاص ڪري 1950ع ۾ موهن جي دڙي جي هڪ حصي مان ڪوٺائي ڪرائيندي ان جو پاندو (Granary) ظاهر ڪيو.

هڪ واقعو نهايت افسوس سان بيان ڪرڻو ٿو پوي ته 1938ع ۾ مسٽر مجمدار جو سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي ڪوٺائي ڪرائي رهيو هيو ته ڪيرٿر جبلن ڪان ايندڙ بروهي ڏاڙيلن ڪيس قتل ڪيو. مجمدار جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ سنڌو تهذيب جي نروار ٿيڻ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. موهن جي دڙي جي وڏيڪ ڪوٺائي رڪجي وئي. سنڌ ۾ چاهونءَ، جهڪر جي دڙي ۽ ٻين هنڌن تي جيڪي ڪوٺايون 36-1935ع ۾ شروع ٿيون هيون اهي سڀ روڪجي ويون.

ڪاٿوڪيو ويو آهي ته هڙاپا ۽ موئن جي دڙي جا ٻئي شهر گهيري (Circumference) ۾ ٽن ميلن ڪان مٿي هئا. خاص ڪري پوئين دور ۾ موهن جو دڙو گهاٽيءَ آباديءَ وارو (Thickly Populated) هنڌ هيو. هڪ ننڍي گهر جي اگڻ جي ايراضي 28 30 فوٽ هئي. ڊاڪٽر مئڪيءَ جو انومان هيو ته رهڻ جون توڙي ٻيون جايون گهٽو ڪري ٻه ٻه ٽي ٽي ماڙ هيون.

موهن جي دڙي جي آدم شماري بابت عالمن جو اختلاف راءِ (Controversy) آهي. رهڻ جون جايون ڳتيل آهن ۽ عموماً انهن کي دريون ڪو نه آهن، ان مان اندازو آهي ته آبهوا موافق هئي ۽ جايون پڻ ٻه ٻه ماڙ ۽ ٽي ٽي ماڙ هيون، ان ڪري ماڻهو تمام گهڻا رهندا هوندا. عالمن جو اندازو آهي ته موهن جي دڙي جي آدمشماري هڪ لک جي لڳ ڀڳ هئي ۽ اهڙيءَ طرح هڙاپا جي به آدمشماري لک جي قريب هئي.

خوراڪ ۽ زراعت (Food & Agriculture):

هاڻوڪي دور وانگر اوائلي زماني ۾ به واديءَ سنڌ جي رهاڪن جو وڏو حصو ٻهراڙين ۾ رهندو هيو، جو پوک راهه تي گذران ڪندو هو. هي ماڻهو ڪڻڪ، جَوَ، ڪپهه ۽ کجور پوکيندا هئا ۽ ڳئون، ڏاند، مينهون، ٻڪريون، رڍون، اٺ، گهوڙا، گڏهه ۽ ڪتا پاليندا هئا. ڪپهه مان ڪپڙو ناهي پهريندا هئا.

موهن جي دڙي مان ڪٽڪ جا داڻا، ڪتل جون ڪکڙيون، ڪپڙي جا ٽڪر ۽ هڙاپا مان ڪٽڪ، جَون ۽ ترن جا داڻا مليا آهن. تاريخ کان اڳ جي زماني ۾ پوکي جي مکيه مند ربيع جي هوندي هئي، جا سيلابي نموني جي هوندي هئي. سيلابي پوک ۾ چا ٿيندو آهي ته درياءَ جي چاڙهه ڪري پاڻي پاسي وارا حصا (ڪچو) ٻوڙي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن وري پاڻي لهي ويندو آهي تڏهن انهن هنڌن تي ٻج ڇٽبو آهي. اهڙيءَ ريت سڄيءَ ڪارروائيءَ ۾ نه ته ڪو گهڻو هنر پورهيو ڪرڻو پوين پيو ۽ نه ئي وري اوزارن جو استعمال.

انَ جي پيهڻ جا جنڊ موهن جي دڙي مان تمام گهڻا لڌا آهن. ان مان مستر مئڪيءَ اهو انومان ڪڍيو آهي ته اَنَ جي پوکي گهڻي ٿيندي هئي. ماڻهو ڪٽڪ، جَوَ ۽ کجور کائيندا هئا ۽ ان سان گڏ گوشت مڇي به مزو ڪري کائيندا هئا.

اَنَ جا پاندا (Granary) :

سر مارٽيمر ويلر موهن جي دڙي تي ملٽري جي ڪوٽ ( Military Fortification) واري حصي مان پاندو دريافت ڪيو، جنهن مان ملڪ جي اقتصاديات تي روشني پوي ٿي. پاندي کي ملٽريءَ جي پٽين سان گڏ رکيو ويو آهي، جنهن مان ان جي اهميت جو پتو پوي ٿو. اهڙو ئي پاندو ان کان اڳ هڙاپا مان لڌو ويو هيو.

اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ ڍل جنس ۾ ورتي ويندي هوندي ۽ رياست عملدارن کي پگهار به جنس ۾ ڏني ويندي هوندي. اهو بندوبست هڪ ٻي ناٽي دور ۾ اڻ ٽر تي سگهي ٿو. پر ٽالپرن جي صاحبي ۾ به سنڌ اندر ساڳيو دستور رهيو. ويندي انگريزن جي حڪومت جي پهرين ڏهن سالن ۾ ڪنهن حد تائين اهو بندوبست رهيو.

موهن جي دڙي ۾ انَ جي پاندي جي فرش جي جاءِ 12 هزار چورس فوٽ هئي. جڏهن ان جي اونهائي 10 فوٽ ورتي وڃي ته سڄي پاندي ۾ اٽڪل 85 هزار مڻ ان ماپي ويندو. اهو پاندو جڏهن سڄو ڀريل هوندو

تڏهن موهن جي دڙي جي ڪل آدمشماريءَ ۾ جنهن جو انگ اڳي ئي 25 هزار وني چڪا آهيون. هر ماڻهوءَ ڪي سوا ٻه مڻ ان ملي سگهندو هوندو.

جيئن موهن جي دڙي ۾ هڙاپا جا ڪافي حصا رهيل آهن جن جي کوٽائي ڪا نه ٿي آهي. ٿي سگهي ٿو ته انهن هنڌن تي اجا ان جا پاندا لڀن.

درياهه جي ڪناري تي لڳ بندرگاهه (Port on the Indus) :

موهن جي دڙي جي ويجهو رهندڙ دوستن مان اهو معلوم ٿيو آهي ته تقريباً 25-30 سال اڳ جڏهن درياهه ڪجهه پرڀرو وهندو هيو، ته هڪ پٽ اتر کان ڏکڻ تقريباً 4 سؤ فوٽ ڊگهي پڪن سرن جي ظاهر ٿي پئي هئي ۽ ان دڪي جي ويجهو ڪانو پور جو ڳوٺ هيو جو هن وقت درياهه جي پيٽ ۾ آهي. اندازو ٿئي ٿو ته اها پٽ پراڻي بندرگاهه جي هئي جيڪو موهن جي دڙي جي اوپر ۾ وهندڙ درياهه تي هلندڙ ٻيڙن جي لنگر انداز ٿيڻ ۽ مال لاهڻ چاڙهڻ لاءِ دڪي يا گهاٽ (Docks) جو ڪم ڏيندو هيو. خبر نه آهي ته اهو دڪو هن وقت درياهه جي واريءَ هيٺ دٻيل آهي يا ان کي ڪنهن ويجهي دور ۾ درياهه پائي ڪٽي ويو آهي.

ماڻهو (People) :

موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين هنڌن تي کوٽائي ڪرڻ کان پوءِ اڄ تائين فقط 40 لاش مليا آهن. انهن هڏائن پڃرن جي معائني ڪرڻ کان پوءِ محققين هن نتيجي تي پهتا ته سنڌو ماتريءَ جي باشندن جو قد ننڍو، مٿو وڏو، وار گهنڊيدار ۽ رنگ ڪارو هيو. نڪ ويڪرو ۽ چپترو هين، چپ ٿلها ۽ هيٺ لڙڪيل هين ۽ مجسمن مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته هنن جو ڪنڌ ٿلهو ۽ اکيون ننڍيون هيون. مرد ننڍيون ڏاڙهيون رکائيندا هئا. مڇون ڪن جون ڪوڙيل ته ڪن جون رکيل هيون. ڪي ڍانچا بحر روم جي اوپارين ڪناري جي باشندن سان ملن پيا ۽ هڪ ڍانچو ڪنهن منگول جو به آهي. انهيءَ مان پتو پوي ٿو ته گهڻن ئي قسمن جون قومون رهن پيون ۽ هنن جو ميل جول، وڻج واپار، اچڻ وڃڻ ۽ اٿڻ ويهڻ پوري دنيا جي ماڻهن سان هيو.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واريءَ تهذيب کي ڪانجهي جو دور (Bronze age) چئجي ٿو. ڪانجهي جي تهذيب جو انداز فڪر ۽ احساس

گهڻو ترقي يافته هيو، جو ته ڪانجهي جي دور ۾ پيداواري اوزارن ۾ گهڻي ترقي ٿي ٿئي. زرعي پيداوار ۽ آدمشماريءَ ۾ خاصو اضافو آيل هيو. ڪمن جي ورهاست (Divison of Labour) ۾ ڪافي سڌارو ۽ واڌارو اچي چڪو هيو. پٿر جي زماني (Stone age) جو معاشرو خانه بدوش ۽ شڪاري نوعيت جو هيو. ڪانجهي جو دور زرعي ۽ هنري معاشرو هيو. مصر، يونان، وادي دجله فرات، واديءِ سنڌ، وادي گنگا، جمنا ۽ ايران جون پراڻيون تهذيبون ڪانجهي جي دور (Bronze age) جون تهذيبون هيون. انهن جي عظيم الشان تخليقي ڪارنامن کي بيان ڪرڻ لاءِ وڏا دفتر درڪار ٿيندا. ڪانجهي جي دور جو انسان ڏاندن ۽ هر جي مدد سان پوک راهه ڪندو هيو. ان کي اهو تجربو ٿي ويو هيو ته جيڪو پوکيندس اهو لڻندس. زمين کي کوٽڻ لاءِ هَرُ، ٺِڪر جي ٿانو ناهڻ لاءِ ڪنڀر جو چڪ، قيمتي واريون ڳاڏيون، سُٽُ ۽ ڪتڻ جا ايٽ، ڌاتن کي ڳارڻ، ڪپڙا اُڻڻ، عمارتون ناهڻ، شهر ٻڌڻ ۽ ٺِڪرن، وڻن جي پنن، جانورن جي کلن تي تحريري علامتون نقش ڪرڻ (فن تحرير جي ايجاد) انهن جو هنر رهيو. قصو ڪوتاهه ته انسان پهريون ڀيرو ڪانجهي جي دور ۾ قسمن قسمن جي مادي تخليقات تي خود قادر ٿيو. گويا هو پهريون ڀيرو صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻيو.

زوال (Decline):

هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب اٽڪل هڪ هزار سال (2500 ق. م کان 1500 ق. م تائين) وڏي اوج تي هئي. تنهن کان پوءِ سندن ترقي ۽ واڌاري ۾ ڪمي اچڻ سان گڏ زوال شروع ٿيڻ لڳو. اهڙي ثابتي هڙاپا، موئن جي دڙي ۽ ڪالي بنگن جي کوٽاين مان ملي آهي. ان پوئين دور ۾ جاين جي اڏاوت جو ڪم ڪنهن جامع منصوبه بندي سان ڪو نه ڪيو ويندو هو. وڏي اهميت واريون جايون تباهه ٿي چڪيون هيون ۽ انهن هنڌن تي ننڍيون ۽ معمولي جايون ٺهڻ لڳيون. ڏيساور کي به ڏاڍو ڌڪ لڳو. ٻاهرين سوداگري سست ٿي وئي ۽ گهرو هنر به گهڻو گهٽجي ويو.

سوال ٿو اٿي ته سنڌو ماترِيءَ جا شهر ڇو اهڙي تباهيءَ ۾ داخل ٿيا؟ ان بابت ماهرن جو سخت اختلاف راءِ (Fierce Controversy) آهي. گهڻي

وقت کان وٺي عالمن جي اها راءِ هئي ته هن وسيع تهذيب جي تباهي آريه قبيلن آندي هئي. ويجهڙائي ۾ کوجنا مان پتو پيو آهي ته هنن شهرن جي تباهي ٻاهرين حملن جي ڪري نه ٿي هئي ۽ اهو سڀ ڪجهه اندروني رخنن ۽ تبديلين جو نتيجو هيو جيئن ته زمين جي زرخيزي ختم ٿي وڃڻ، درياهه جي اٿل (Floods)، راجپوتانا بيابان جي حد دخلي (Enchroachment) يعني ساموندي حصو خشڪ ٿي وڃڻ ۽ سنڌو درياهه جي رخ ۾ تبديلي. مطلب ته هي درياءُ يا ته هنن شهرن کي گهٽو پري ڇڏي، ٻئي هنڌان وهڻ لڳو هو. پوءِ هي شهر سوڪ سبب تباهه ٿيا آهن، يا وري هنن شهرن کي ٻوڙي ڊڙا ڪري ڇڏيو اٿس.

موهن جي دڙي جي زير زمين پاڻيءَ جي اڀياس ( Hydrological Research) کان پوءِ، عالم انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن، ته قديم زماني ۾ اهو شهر ڌرتي ڌڏڻ جي مرڪزي لائين کان ايترو پري ڪو نه هو. جو تباهه ٿي نه سگهي.

ٻيا ماهر وري انهيءَ خيال جا آهن ته ٻوڏون (Floods) موهن جي دڙي جي تباهيءَ جو مکيه سبب هيون. درياهه جي چاڙهه ڪري هي شهر ڪيترا ڀيرا ٻڏو هوندو جنهن ڪري هتان جا ماڻهو گهر ڇڏي ٻئي پاسي هليا ويا هوندا ۽ پاڻي هٽي وڃڻ کان پوءِ وري اچي شهر ٻڌو هوندائون. اهو ممڪن هوندو ته ٻيا به ڪيترائي شهر اهڙي نموني اٿل سبب نقصان هيٺ آيا هوندا. ويجهڙائيءَ ۾ هڪ جديد متي (Theory) جي وضاحت ڪئي وئي آهي، جنهن مطابق موهن جي دڙي جي تباهيءَ جو ڪارڻ سنڌو درياءَ جي رخ ۾ تبديلي ڇئي ويئي آهي، جنهن سبب سخت ڏڪر پيو هوندو. شهر واسين جي حالت پست ٿي وئي هوندي جن تي ٻاهرين حملي آورن آسانيءَ سان قبضو ڪري، انهن جو انت آندو هوندو.

هي سڀ متا (Theories) ڪن خاص بينڪن ۽ شهرن سان واسطو رکن ٿا، پر اهو واضع ڪو نه ٿا ڪن ته چو ارڙهين ۽ سترهين صدي ق. م ۾ سنڌو ماتريءَ جي تهذيب زوال طرف گامزن ٿي هئي. اهو ممڪن آهي ته هڙاپا معاشري ۾ ڪافي تبديليون اچي چڪيون هونديون، چو ته هن جون حدون (Teritories) گهٽو وڌي ويون هونديون، جنهن ڪري خانه

بدوش ماڻهو گهڻا تي پيا هوندا ۽ پنهنجي پيل علائقا به هن تهذيب ۾ شامل ٿي پيا هوندا.

هن شعبه ۾ هڪ وڏيڪ کوجنا ڪرڻ کپي ۽ تباهيءَ جي اصل سببن معلوم ڪرڻ سان گڏ ملڪ جي تاريخ آثار قديمه جي آڌار تي نئين سر مرتب (Reconotruct) ڪئي وڃي ته نه رڳو گهڻو بهتر ٿيندو، پر ايندڙ نسل جي لاءِ صحيح حقيقت جو آغاز ٿيندو.

سنڌو ماتريءَ جي تاريخ ڪئين هزار سال پراڻي آهي جا اجان دڙن اندر دفن ٿيل آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪيترن هنڌن جي کوٽائيءَ کان پوءِ ڪو تاريخ جو نئون باب کلي پوي ۽ ڪيترن ئي حقيقتن تان پردو هٽي وڃي ۽ ان سان گڏ گهڻيون ئي غلط فهميون دور ٿي وڃن.

اوائلي تاريخ جوڙڻ لاءِ آثار قديمه هڪ اهم وسيلو سمجهيو وڃي ٿو. هن شعبي ۾ ريڊيو ڪاربان وسيلي قديم دورن (Ancient Ages) جي دريافت ڪري سگهجي ٿي. هن وسيلي ڪنهن به قديم دڙي مان لڌل شين جي عمر جو ڪاٿو ڪري سگهجي ٿو. آثار قديمه جي ماهر ڊاڪٽر ايف اي خان، ڪوٽ ڏجي جي دڙي بابت ٻڌايو آهي ته ڏکڻ ايشيا ۾ اها پهرين زرعي وسندي هئي جيڪا موهن جي دڙي کان ٽي سؤ ورهيه اڳ آباد هئي. اها تاريخ ريڊيو ڪاربان وسيلي هن ڪي معلوم ٿي آهي. اسان چئي سگهون ٿا ته برصغير ته ڇا پر سڄي دنيا ۾ زراعت جو وجود آڻيندڙ سنڌي ماڻهو هئا.

هي حقيقتون سائنسي تجربن مان معلوم ٿيون آهن تنهنڪري غير يقيني نه ٿيون ٿي سگهن. تنهنڪري اهو ضروري آهي ته سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ ڪوڙن قصن بيان ڪرڻ کان گريز ڪئي وڃي، سائنسي کوجنا جي آڌار تي سچيون ۽ پوريون حقيقتون قلم بند ڪجن، ٻيءَ حالت ۾ اڳئين وقت جا ڳجهه ۽ غير يقيني قصا سنڌ جي تاريخ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندا.

هينئر سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ تاريخ نويسن جو اهو فرض آهي ته آثار قديمه جي مدد سان حقيقتاً جي ڇنڊڇاڻ ڪري صحيح مواد پيش ڪن. سنڌ جي تاريخ کي 8 عيسوي صدي کان شروع ڪا نه ٿي ٿئي، پر سنڌ جي تاريخ اڄ کان اٺ هزار ورهيه پراڻي آهي ۽ سنڌي قديمي زماني کان

مهذب قوم هئا. موهن جي دڙي جي تهذيب کي 5 هزار ورهيه پنتي موٽڻو پوندو ۽ اهڙي تاريخ کي سهيڙڻ لاءِ اسان کي اٽڪل اٺ هزار ورهيه پنتي موٽڻو پوندو ۽ اهڙي تاريخ ڳاهڻ لاءِ آثار قديمه لوڪ ادب، روايتون، رسمون ۽ رواج، ثقافت ۽ انساني اڀياس جو علم (Anthropology) تاريخ نويسن لاءِ مکيه وسيلا ۽ ڪچي مال جي حيثيت رکن ٿا. ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ سنڌ تي تاريخي مواد بلڪل گهٽ آهي ۽ اهڙي خال ڀرڻ لاءِ اسان جي نوجوان طبقي کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي.

(اصل مقالي جو اختصار)

آصف رضا موريو

# قديم سنڌي ڪاريگر

## سينگار جا اولين خالق

شروع کان وٺي پنهنجو پاڻ کي سنوارڻ انسان ذات جي اولين خواهش رهي آهي، پنهنجي ارتقائي دور ۾ به اهي پاڻ کي ٺهيل نڪيل فطرتي ۽ قدرتي نمونن جيئن سُڪل گاهه، بوٽن ۽ وڻن جي پنن، چوڏن، جانورن جي هڏن، نهن، ڪلن، پکين جي کنين، سپين، گهنگهن، پٿرن ۽ مختلف رنگن جي ٻجن وغيره سان سجائيندا هيا. ارتقا جي انهيءَ سفر ۾ ڪوڙ ساري عرصي کان پوءِ حضرت انسان پنهنجي اڳوٽي سينگار جي سامان جهڙيون شيون ڪاٺين، هڏن ۽ پٿرن مان ناهڻ شروع ڪيون ۽ وقت جي رٿ تي سوار انساني ذهن اجا اڳتي هلي سون، چاندي سان گڏ ٽامي ۽ ٻين ڌاتن مان ان جهڙا ئي زيورات ناهڻ شروع ڪيا، جهڙا هن جا ابا ڏاڏا پهريندا هئا.

جنهن وقت مهين جي دڙي وارو هي شهر پنهنجي عروج تي هيو ته اتان جا باشندا ارتقائي هنرمندي جون منزلون لتاڙيندي سون، چاندي، پتل، ٻنگار سان گڏ عاج گري، رتن جوتي، جواهر سازي ۽ هر قسم جي آرائشي ڪرت ۽ ڪاريگر کي به ڪمال تي رسايو.

مهين جي دڙي مان هٿ آيل ساز و سامان جي هنرمندي کي ويڇهڙائي اسان پرکڻ مان انهن ڏاهن ڪاريگرن متعلق سولائي سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ناهڻ ۽ واپرائڻ وارا سماجي طور تي ڪيڏو نه سائنسي مزاج رکندڙ هوندا. شهري آباديون ڏيک، نماءَ ۽ خوش پوشاڪي ۾ گهٽيون سجاڳ هيون. ان لاءِ ئي سنڌي هنرمند، آبادي جي ضرورتن پٽاندڙ نئين کان نوان نقشا ۽ سينگار جو سامان جوڙيندا رهندا هيا.

هنر جا مخصوص نمونا شهر جي مختلف طبقن جي نمائندگي ڪرڻ سان سماجي گروهه کي ٻئي سماجي ٽولي سان ڳنڍيندا ۽ جدا جدا پڻ ڪندا هيا. يعني مختلف سامان سان آبادي جي طبقن جي درجه بندي ڪئي ويندي هئي. اهڙي طرح سنڌي مذهب ۽ تهذيب جون علامتون

ٺڪر جي سامان، سينگار ۽ روزمره جي استعمال ٿيندڙ شين تي چٽيون ۽ اُڪريون ويندڙيون هيون ته جيئن معاشري جي مختلف گروهن سان گڏ شهري ۽ ڏورانهين (ڳوٺاڻي) آبادين وچ ۾ ڳانڍاپو قائم رکيو وڃي. شناختي علامتن، شڪلين ۽ نمونن جي نئين سر پيداواري ۽ مختلف خام مال جو استعمال آبادي جي مختلف گروهن کي هڪ ئي تهذيب ۽ عقيدي ۾ پروئڻ ۾ به مددگار ٿيندو هيو. هتي مختلف هنرن ۽ اڻ لڀ سامگري سان حاڪم طبقي يا نوابي گهراڻن لاءِ پهرڻ سجائڻ جا خوبصورت شهڪار جوڙيا ويندا هئا.

سنڌوماٿر جي هن شهر جي جواني واري عرصي دوران مذهبي ۽ سياسي رتبي جي ڏيکاءَ ۽ سجاوٽ لاءِ دلچسپ شيون ٺاهڻ جي ڊوڙ ڪيترين ئي نين ڪاريگرين ۽ هنرن کي جنم ڏنو، جيئن سائي رنگ جي پٿر جي ٻڙن کي رڱڻ جو هنر، مختلف پٿرن ۽ هڏن مان ڪڙا ڪولابا ٺاهڻ. جڏهن ته پراڻين حرفتن ۾ نوان نوان لاڙا متعارف ڪرايا ويندا رهيا. فيانسي جي هنر کي وڌيڪ ڪارائتو ۽ بهتر بڻايو ويو. ڪُٽِ جي پيداوار ۾ نوان طور طريقا منظرِ عام تي آيا. اهي ترقي يافته ساز و سامان سنڌو ماٿري جي پري پري تائين پکڙيل سمورن علائقن تائين تجارت خاطر اماڻيا ويندا هئا.

هتان هٿ آيل خوبصورت زيور چمڪندڙ ڪُٽِ ۽ فيانسي جون شيون، مختلف هٽرادو مرڪب قيمتي ۽ عام پٿرن تي ٿيل اڪري ۽ تراشي جو ڪم ڪار، ڪاريگري ۽ مهارت سان ٺاهيو ويندو هيو. تن جو معيار ڏسندڙن کي اچرج ۾ وجهيو ڇڏي. جو ته اهڙي جوڙجڪ ۽ خوبصورتي اڄڪلهه جي سائنسي دور، ۾ بيهارڻ به ڏکي پئي لڳي. هزارين سالن جي جفاڪش پورهين ڪان پوءِ سنڌي ڪاريگرن جيڪي هنر مندي جو اٽڪلون جوڙيون سي ڪٽي ايتريون ته سٽريل لڳن ٿيون جو اهي پنهنجي جوڙجڪ جي طور طريقن کي لڪائي پيون ڇڏين. جنهن سان ان سلسلي ۾ سنڌي ڪاريگري جي پروڙ ۽ پڙهائي مڪمل ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي.

مٽيا ٺاهڻ انساني حرفت ۾ تمام پراڻو فن آهي. هتي خوبصورت مٽيا يا مٽين جهڙا سينگار جا سامان پٽر، گهونگهي، هڏن، پڪل مٽي،

فيروزن ۽ نيري رنگ جي پٿر لاجورد مان ناهيا ويندا هئا. هر مٽيو جيڪو آرائشي ۽ نمائشي شين ۾ استعمال ٿيندو هيو سو پنهنجو پاڻ ۾ هنر جو پندار آهي. سخت پٿر جيئن عقيق ۽ سنگ يشم (پکراج جو قسم) به مٽيا ناهڻ لاءِ ڪتب آندا ويندا هئا. انهن ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ سخت ترين ٽامو، پٿر جا نهيل برما استعمال ڪيا ويندا هئا. مختلف قيمتي رنگدار پٿرن مان به ناهيا ويندا آهن جن مان ڪجهه پٿر اڄ به قيمتي ۽ نيم قيمتي جواهر، رتنن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

مٽيا ناهيندڙ سنڌي ڪاريگرن، گلابي رنگن جي قيمتي پٿرن کي گرمائش ڏئي سندن رنگ کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي نئين اٽڪل ايجاد ڪئي، ان کان علاوه جواهرن جا قدرتي خاڪا ۽ رنگ اجاگر ڪرڻ ۾ به اهي ماهر هئا. عقيقن جي افقي ۽ عمودي پٽن مان وڏي مهارت سان مٽيا نهيا ويندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن مختلف رنگن جي گهونگهن ۽ پٿرن مان انهن جا نقل پڻ تيار ڪيا ويندا هئا.

چيڪي مٽي، پڪي نڪر کان وني پٿرن سان نهيل سينگار جو سامان، سون چاندي ۽ عاج وغيره سان نهيل مختلف ڪڙا ڪولابا ۽ ڪيترن ئي نون مصالحن سان تيار ٿيل شيون سنڌي تهذيب جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آبادين ۾ مرد، عورتون، توڙي ٻار وڏي ذوق سان پهريندا هئا. هتان هٿ آيل ڪولابن جا طريقا ۽ نمونا پڻ ٻڌائن ٿا ته ڪيئن انهن وسيلي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ جاتن کي گڏ ۽ الڳ الڳ ڪيو ويندو هيو. ڪولابا يا ڪڙا اڪثر ڪري ٻانهن ۾ پاتا ويندا هئا. ٽي يا چار عموماً ڪرائي وٽ ۽ به يا وڌيڪ نونٽ ڪان مٿي، جڏهن ته ٻنهي ٻانهن ۾ هڪ جيترا ڪڙا پهريا ويندا هئا.

ڌات جي ڪڙن کي اڪثر ڪري ٻه طرف ڪلنڊڙ ڪنارا هوندا هيا، جن کي زور سان ڪولي ڪرائي ۾ سولائي سان پائي وري زور ڏئي ڪنارن جا ٻئي چيڙا برابر ڪيا ويندا هئا. ڪوڏين ۽ گهونگهن جا ڪڙا بظاهر علامتن طور استعمال ڪيا ويندا هئا، پر انهن ڪڙن جي محدود دريافت ظاهر ڪري ٿي ته اهي سماج جي سيني فردن لاءِ موجود نه هوندا هئا.

سون جو چڙو عورتن ۽ مردن لاءِ وارن ۾ لڳائڻ جو عام زيور لڳي ٿو. هڪ چڙو پاٽي جي ڦڙي جهڙو جنهن ۾ هڪ سائو رتن سون ۾ فريم ٿيل آهي ان کي ٻاهران ڏکهي نالي آهي. ڪاري ڏانهبر ڄا نشان ڏيان چڪرائن ٿا ته ڪڏهن ان کي ٻي ڪنهن شيءِ جي جڙت به هوندي، ممڪن آهي ته ننڍڙا مڻيا هجن، ان کي ڳچيءَ جي هار ۾ پويو ويندو هجي يا سينڌ تي ٽڪي وانگر، چو ته وچ نرڙ تي ٽڪي جهڙي شين جي استعمال جون ڪيتريون ئي نشانيون ملن ٿيون. اها ٽڪي جهڙي شيءِ اڪثر ڪري سون ۽ چاندي جي ٺهيل هوندي هئي. هتان هٿ آيل هڪ هار کي لڙڪندڙ مڻيا نيري فيئانسي، اڇي ياقوت ۽ سون سان ٺهيل آهن. هڪ ٻئي هار ۾ سخت ڪاغذ جهڙي سون جي ٽڪرن تي مڻيا جڙيل آهن. هڪ سوني هار کي مڻين جون ڇهه لڙيون آهن. هڪ ٻئي هار کي هلال، وٿيون ڪنڌڙ تان سان اندران پونرا سونا مڻيا آهن ۽ پيپ (بندوق جي نالي جهڙي) ساخت جو سائو رتن ڏکهي سنگ ٻِشم جي لڙڪندڙ ياقوتي مڻين سان ٻڌل آهي، سون جي سنهي تار سان ٻڌل آهن.

دڙي جي کوٽائي مان هٿ آيل پتل يا ٽڪر جي موتين تي ٺهيل زيورن ۽ وارن جو نمونو، انداز و اطورا ڏسي سولائي سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انهن ماڻهن وٽ ان وقت به ناهه نوهه ۽ سونهن سينگار جو معيار ڪيڏو نه اونچو هيو، چو ته اتان هٿ آيل سيني مورتين کي هار، چوڙيون، هسٽيون، ڪولابا ۽ والا وغيره پاتل ڏيکاريل آهن. ڪيترين ئي عورتن جون مورتيون ۽ مجسما اگهاڙا پر زيورات سان پريل ۽ وارن جي مخصوص اسٽائل سان مليا آهن. هتان هٿ آيل رقاصہ ڇوڪري جي مجسمي جو ئي مثال وٺو جيڪو آهي ته اگهاڙو پر هن جي ٻلي ۾ ڏکهو ايتري مقدار ۾ پهريل آهن جو سندس اوگهڙ ڍڪجي وئي آهي. سندس انداز سحر انگيز ۽ شوخي ٻين تهذيبن جي دريافتن کان مختلف آهي. اهڙي طرح ٻيا هٿ آيل مجسما به جوڙن، سربندن، ڳورين چوڙين، هارن، والن ۽ مختلف زيورن سان پوري طرح آراستہ مليا آهن، ديويون گهٽو ڪري ننڍڙو چولو پائينديون هيون، جڏهن ته پوڄاري عورتون گوڏن کان هيٺ تائين ڏگها لباس پهرينديون هيون. عام عورتون به پنهنجو پاڻ کي گهڻو سجائينديون هيون. هنن وٽ مختلف

قسم جا جوڙا ناهڻ جون ترڪيبون عام استعمال هيٺ هيون، تہ وار گهنديدار ڪرڻ جي طريقن کان بہ واقف هيون. سونهن لاءِ زيورن ۽ ڪپڙن جو نماءُ عورتن سان گڏ مردن ۾ بہ سرس پيو لڳي، هتان هٿ آيل پروهت جي مجسمي جي ٻنهي ڪلهن ۽ ڇاتيءَ تي اجرڪ جهڙي چادر پاتل آهي. جنهن تي ڪپهہ جي داڻن يا ڦتين جهڙو پرت پريل لڳي ٿو، سندس پيشاني ۽ ٻانهن تي گول تعويذ جهڙو گول زيرو بہ نمائشي ٻڌايو وڃي ٿو. سندس وارن کي سليقي سان وچان سينڌ آهي ۽ ڏاڙهي جا خط بہ ورتل ظاهر ٿين ٿا.

ان کان علاوه ڪيترائي ٻيا مختلف نمونن جا هار، سنڌي ڪاريگرن جي مهارتي لياقت کي ظاهر ڪن ٿا. اهي قيمتي شيون ظاهر ڪن ٿيون تہ هن تباهہ ٿيل شهر جا باشندا پنهنجي آرائش، سينگار ۽ نماءَ متلق باشعور ۽ خبردار رهيا هوندا.

سنڌي زيورات هتان جي باشندن ۽ نوابي گهراڻن جي هنري قدرن ۽ هنرمندن جي ڪاريگري حاصلات جا پرتو آهن جيڪي قيمتي جواهرن ۽ ڌاتن تي ڪم ڪندا هئا. انتظامي ۽ سياسي وارثن جا والي پنهنجي مان ۽ مرتبي جي حساب سان مهرن، زيورات ۽ ٻيو قيمتي سامان پهريندي شهر جي نمايان علائقن ۽ صاف عمارتن ۾ رهندا هوندا.

جڏهن تہ روايتي راڄن ۾ فيشن رڳو نماءُ نہ پر سماجي ڏڙن جي چڱي طرح وهنوار لاءِ بہ ضروري هوندو هئو. قيمتي پٿر ۽ ڌات اڪثر ڪري فيشن طور استعمال ٿيندا هئا، جن تي اهم رسمون، تهوار ۽ علامتي نشانيون اڪريون وينديون هيون. جيڪي پهريندڙ کي تحفظ ڏيڻ يا ان جي سماجي ۽ اقتصادي سڃاڻپ ڪنديون هيون ۽ ان صورت ۾ قيمتي شيون وٺي امير گهراڻا پنهنجي دولت جو ذخيرو پڻ ڪندا هيا. سينگار جي سامان جي معياري خاڪن ۽ نمونن سان سماجي ۽ مذهبي معنائون پڻ منسلڪ هونديون هيون ان لاءِ اهي گهڻي ئي عرصي لاءِ قابل تقليد ۽ پائدار هوندا هئا.

جيئن تہ مروجہ سينگارن لاءِ زيوارت لازمي جز هوندا هئا. ان لاءِ زيوارت جا سستا نقل ۽ نمونا بہ آساني سان ملي ويندا هئا. اصلي ۽ قيمتي پٿرن جي نقل ٿيل زيورن جو نماءُ بہ اصلي زيورن جيان ئي

ڪيو ويندو هيو ڇو ته اڄڪلهه جيان ان وقت به رڳو خوشحال طبقو ئي سون ۽ قيمتي جوهرن جي استعمال جو اهل هوندو هيو.

زيورن جو نماءُ لاءِ استعمال ايترو ئي پراڻو آهي جيتري بذات خود تهذيب. سنڌو ماٿري ۾ هن سوناري ڪم ۽ ڪسبي زيورات سازي جي ڪاريگري صدين کان ترقي ڪندي رهي آهي. سنڌي زيورن جو هن تهذيب جي تباهه شده شهرن مان لڀڻ ان ڳالهه جي ثبوت لاءِ ڪافي آهي جيڪو اسان جي گم ٿيل ماضي جو ورثو آهي.

قديم سنڌي زيورن جي ڪاريگري، گهڙت، خوبصورتي ۽ پائيداري اڄ به نه رڳو ڏسندڙ کي حيران ڪريو ڇڏي پر پنهنجي هنرمند خالقن جي مهارت جي، ضامن هجڻ سان گڏ استعمال ڪندڙ جي خوش ذوقي جي شاهدي پڻ ڏئي ٿي.

جمناداس اختر

# قديم سنڌ ۽ ان جا رابطا

برصغير ۾ تامل نادو ۾ رهڻ وارن دراوڙن، گجرات جي واپارين ۽ سنڌ جي واپارين، آرٽسٽن ۽ جهاز رانن تاريخ کان اڳ جي زماني ۾ ان کان پوءِ سوين هزارين ميل پري پنهنجي عظمت جو ثبوت ڏنو. ڪجهه مؤرخن جو ته ايتري تائين چوڻ آهي ته هڙاپا ۽ موهن جو دڙو جا رهاڪو دراوڙ نسل جا هئا. اصليت ڇا به هجي اجا تائين ڪجهه به واضح نه آهي. زمين پنهنجا لڪل راز آهستي آهستي ٻاهر اوڳاڇي رهي آهي ۽ نوان نوان انڪشاف سامهون اچي رهيا آهن. ڪجھ سال اڳ تائين ائين سمجهيو ويندو هيو ته اسرائيل ۾ "جيري چو" دنيا جو سڀ کان آڳاٽو خطو هيو پر هينئر اهو ثابت ٿي ويو آهي ته ڪوئٽه جي ويجهو موجود مهر ڳڙهه سڀ کان پهريان ذڪر ڪيل قصبي جو همعصر هيو. يعني ان جو بنياد اڄ کان لڳ ڀڳ 9 هزار سال پهريان رکيو ويو هو ۽ مهر ڳڙهه جي تمدن ئي ارتقائي منزلون طئي ڪندي موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي تمدن جو روپ ڌاريو. اهڙي ريت ڪجهه سال اڳ تائين هي ڄاتو ويندو هو ته موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي سلطنت جي ايراضي چاليهه هزار چورس ميل هئي پر هاڻي ڀارت ۾ مڌيا پرديش ۾ انهيءَ تمدن جو هڪ قصبو ڳولهڻ کان پوءِ هي نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته هيءَ سلطنت گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک چورس ميلن جي ايراضي جي لڳ ڀڳ موجود آهي. ان جو مطلب آهي ته هي سلطنت جنهن جو بنياد قديم سنڌ جي سپوتن رکيو هيو ڪنهن وقت ۾ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته ۽ مهذب سلطنت هئي.

اڄ جنهن جڳهه تي موهن جي دڙي جو هوائي اڏو ۽ ان جي سامهون سرڪاري عمارتون ٺهيل آهن. انهن جو بنياد کوٽڻ وقت اتان به موهن جو دڙو جي تمدن سان تعلق رکندڙ شيون مليون هيون، ان جو مطلب آهي ته هي علائقو چار ديواري کان ٻاهر هيو. ان ڪي موهن جو دڙو جي ٻاهرين وستي چيو ويندو آهي. موهن جو دڙو جي سڀ کان وڏي عمارت يعني ٻڌ اسٽوپا جي هيٺان يقيناً يا ته پنج هزار سال پهريان جي ڪا عبادت گاهه (پرستش گاهه) دفن ٿيل آهي يا عين ممڪن آهي ته مصر جي تلي امرنا

وانگر سرڪاري دستاويزن جو ذخيرو ملي. ان جڳهہ کي ڏسندي معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن وقت شهر جو هڪ حصو سنڌو درياهہ ۾ ٻڏي ويو هو.

جيتوڻيڪ هتي هن وقت تائين سميري طرز جي ڪائي ڊڪشنري يا ڪتاب نہ مليوآهي پر چا لاءِ تہ اجا شهر جي وڏي حصي جي کوٽائي ناهي ٿي تنهنڪري عين ممڪن آهي تہ اهڙا دستاويز ملي وڃن جن مان قديم سنڌين جي زبان جو پتو پئجي سگهي. فادر هيراس، فن لينڊ ۽ روس جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهي تامل زبان ڳالهائيندڙ هئا، جڏهن تہ مسٽر رائو جي دعويٰ آهي تہ اهي ماڻهو سنسڪرت زبان ڳالهائيندڙ هئا، پر قطعي طور تي ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. بروهڪي زبان ۾ تامل زبان جي ڪجهہ لفظن جي موجودگي مان ڪجهہ ماهرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ بروهي دراصل قديم سنڌين جي رهيل کهيل نشاني آهن. اهڙي طرح ڪجهہ ماهرن موهن جو دڙو ۽ عراق جي تجارتي رابطن جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ قديم عراقي سميري جا ڪيترائي لفظ دراصل پنج هزار سال پهريان جي سنڌين جي تامل زبان مان ورتا ويا آهن.

قديم عراق، سمير، شام قبرص، ايشاءِ ڪوچڪ، وسط ايشيا، يونان ۽ خليج جي رياستن ۾ جيڪي کوٽائيون ٿيون آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم سنڌ جا واپاري خشڪي ۽ سمنڊ جي رستن جو استعمال ڪندي انهن ملڪن سان واپار ڪندا هئا. دجلا ۽ فرات جي ڪنارن جي ويجهو شمرا، فرت جي قريب "باغوت" نالي هڪ جاءِ تي ۽ نينوا ۾ چار هزار سال اڳ جا ٽي ٽانوَ مليا آهن جن تي مورن جون تصويرون آهن انهن مان چار مور وات ۾ ڦريون جهلي بيٺا آهن ۽ وچ ۾ "سواستيڪا" جو نشان نهيل آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جي بيان جي مطابق مور برصغير جو پکي آهي. ان جو مطلب تہ ڇهہ هزار سال پهريان سنڌ جا متمدن تاجر مغربي ايشيا ۾ ٻين شين ڪان علاوه مور بہ برآمد ڪندا هئا. انجيل (Kings x 72, IX 76) مطابق حضرت سليمان ع پنهنجا تجارتي جهاز موڪلي "اوخير" مان هاٿي جا ڏند، باندر، مور ۽ ٻيون شيون گهرايون.

هاٿي جي ڏند، باندر ۽ مور جا عبراني نالا تامل ۽ سنسڪرت جي نالن سان ملندڙ جلندڙ آهن. عبراني زبان ۾ هڪ ڪپڙي جو نالو سادين (Sadin) آهي عربي ۾ ان کي ساتن ۽ يونان ۾ سنڌون

چوندا آهن، دراصل سنڌ جي سوٽي ڪپڙي جو نالو آهي. اسيريا جا حڪمران CENNO CHERIB—(704 کان 681 قبل مسيح) اسيريا ۾ سنڌي ڪپهہ جي پوک شروع ڪرائي هئي. اسيريا جا حڪمران اسر بني پالي (668 کان 277 قبل مسيح) جي لائبرري منجهان هڪ ڪتبو مليو آهي جنهن تي لفظ "سينڌو" (Sinthu) لکيل آهي. ان جو مطلب آهي تہ سنڌو جو سوٽي ڪپڙو اسيريا ۾ سپلاءِ ڪيو ويندو هو. عبراني زبان ۾ ڪپهہ جي لاءِ "ڪريس" جو لفظ ۽ يوناني زبان ۾ "ڪرپس واس" جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. دراصل هي سنڌي جو لفظ "ڪپهہ" ۽ سنسڪرت جو لفظ "ڪرپاس" آهي.

## موهن جي دڙي جو دور:

موهن جي دڙي جي کوٽائي مان جيڪا معلومات حاصل ٿي آهي ان تي ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون شايع ٿي چڪا آهن ان ڪري مون کي ان جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نہ آهي. 1979ع ۾ خاص طور تي آءٌ دهلي کان موهن جو دڙو ويو هوس، مون ڪجهہ اهڙيون شيون ڏٺيون جن جو ذڪر مارشل، وهيلر، استورات پگٽ ۽ ڊيلز جهڙن تاريخدانن بہ ناهي ڪيو. مثال طور موهن جي دڙي جي مشهور مهر ۾ هڪ ٻڪري جي قرباني جو منظر ڏيکاريو ويو آهي، نهايت اهم آهي ان ۾ ست رشي بہ بيٺا آهن. لفظ "ست" پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿو ڇو تہ اسان جو نظام شمسي ڇهن ستارن ۽ هڪ آفتاب تي مشتمل آهي. قديم هندن ۽ يونانين ۾ ست رشين جو ذڪر آهي. ان مهر ۾ بيٺل ست رشي مني جون تصويرون توهان خوردبيني سان ڏسندا تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ انهن کي پڳڙيون، ڪڙتا ۽ پاجاما پهريل آهن. ڪجهہ عرصو اڳ جڏهن مهر ڳڙهہ جي کوٽائي ۾ هڪ مهر کي ڏسي فرانسيسي مؤرخ ڇيرگ پنهنجي وس ۾ ڇرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا هئا تہ مهر ڳڙهہ جا ماڻهو پڳڙي جو استعمال ڪندا هئا پر آءٌ موهن جي دڙي جي ذڪر ڪيل مهر جو جائزو وٺڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ پنج ساڍا پنج هزار سال پهريان بہ سنڌ جا ماڻهو پڳڙي، ڪڙتو ۽ پاجامو استعمال ڪندا هئا.

موهن جو دڙو ۾ هڪ ننڍڙو ڪمرو اسڪول جي ٻارن جو آهي، هي هڪ اهڙو اسڪول هيو جنهن ۾ رفع حاجت لاءِ بہ جڳهہ نهيل هئي.

هڪ ننڍڙو کوهه به آهي جتان ٻار پاڻي پيئندا هئا. موهن جو دڙو ۾ پڪل مٽي مان ٺهيل پکين ۽ جانورن جا ڪئي نمونا مليا آهن. عام طور تي چيو ويندو آهي ته اهي رانديڪا آهن جن سان ٻار کيڏيندا هئا پر اهي ايترا ننڍڙا آهن جو انهن سان کيڏڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. دراصل استاد انهن وسيلي کين تعليم ڏيندا هئا. جيئن اڄڪلهه پرائمري اسڪولن ۾ "الف سان اڪ" "بي سان بدڪ" ۽ "ت سان تارو" پڙهايو ويندو آهي. مون موهن جو دڙو ۾ هڪ بلڊنگ ڏٺي جنهن ۾ رانديڪا وغيره تيار ڪرڻ جي فيڪٽري هئي.

موهن جو دڙو جا ماڻهو تمام گهڻا صفائي پسند هئا هر گهٽي جي ٻاهران روڊ جي هڪ پاسي گند ڪچرو اڇلائڻ جي لاءِ پڪين سرن جا ڪليل اسٽور ٺهيل هئا. ڇت تان مينهن جو پاڻي وهائڻ لاءِ پڪل مٽي جا پائيپ استعمال ڪيا ويندا هئا. تقريباً هر گهر ۾ کوهه ۽ غسلخانو هوندو هيو. غسل کان پوءِ ماڻهو جسم تي تيل جي مالش به ڪندا هئا. زمين جي هيٺان ٺهيل نالين وسيلي شهر جو سمورو گندو پاڻي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. عورتون وارن ناهڻ لاءِ هاٿي جي ڏندن واريون ڦڻيون استعمال ڪنديون هيون. ٻار جانورن ۽ پکين جي شڪل جي اهڙن رانديڪن سان کيڏندا هئا جن سان سيٽيون پڻ وڄائي سگهبيون هيون. رانديڪا تيار ڪرڻ لاءِ شهر ۾ هڪ فيڪٽري هئي. ان مان سانچا ۽ رنگ مليا آهن. امير ماڻهو ڌوٻين کان ڪپڙا ڌورائيندا هئا. تنهنڪري ان شهر ۾ هڪڙي گهر ۾ ڌوٻي جي ٻني اڄ به موجود آهي. چمني ذريعي ان جو دونهون ڇت جي رستي کان ٻاهر نڪرندو هو. هتان جا ماڻهو ڏاند گاڏين جي ڊوڙ ۽ ڏڳن جي ويڙهه ڏسڻ جا شوقين هئا. هاٿين تي به سواري ڪندا هئا. عورتون قيمتي مڻڪن جا هار ۽ سونا زيور پائينديون هيون. حڪمران جي بت (مجسمي) مان معلوم ٿئي ٿو ته حجامت ڪرائڻ جو رواج هيو. اهڙا ڪپڙا به استعمال ڪيا ويا هئا جن تي ڇارين ۽ ٽين شين جي شڪلين جا ٺپا لڳايا ويندا هئا.

انهن ماڻهن جو شهري نظام نهايت مستعد ۽ منظم هيو. گهٽين ۽ بازارن جي صفائي باقائدگي سان ڪئي ويندي هئي. اَن جا وڏا وڏا گدام ناهيا ويندا هئا. يا ته حڪومت پاڻ اَن جو واپار ڪندي هئي يا وري وڏا نظام کان واقف هيا. هڪ ايڪو سورنهن ۾ ورهايل هوندو هيو ۽ اهو

سسٽم گهڻو ڪري چنڊ جي مختلف شڪلين تي ڏاريل هيو. ان جو مطلب اهو به هيو ته قديم سنڌي چنڊ جي پوڄا ڪندا هئا. يا وري سنڌن مهينا چنڊ جي مختلف شڪلين تي مشتمل هئا. اهي ماڻهو شطرنج جا شوقين هئا. شطرنج جا مهرا ڪيترين ئي جاين تي مليا آهن. ماپڻ تورڻ جي لاءِ اڄڪلهه جهڙا ڦٽا/ تختا استعمال ڪندا هئا. انهن جا ماهر فن تعمير گهرن ۽ شهرن جي تعمير باضابطه طور تي منصوبه بندي مطابق ڪندا هئا. تنهنڪري قديم عراق (سمير) جي مقابلي ۾ موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي پلاننگ ڪافي بهتر آهي.

موهن جي دڙي جا ماڻهو ڏوم ڏامر سان خوشي ۽ غم جا ڏينهن ملهائيندا هئا. تلاءَ جي ڪناري ميلا لڳائيندا هئا جتي وهنجڻ کان پوءِ مذهبي رسمون ادا ڪيون ويندڙيون هيون. انهن تلائن ۾ عورتن جي لاءِ وهنجڻ جو الڳ انتظام هوندو هيو. اهي ماڻهو ناچ ۽ موسيقي جا شوقين هيا. ناچڻي جو هڪ مجسمو نچڻ واري صورت ۾ مليو آهي.

موهن جو دڙو هڪ قلعي ۾ بند ٿيل شهر هيو ان جي چوڏاري ديواريون ڪافي ويڪريون ۽ پڪين سرن سان ٺهيل آهن. ڌاڙيلن ۽ حملہ آورن جو پتو لڳائڻ جي لاءِ چوڏاري پٽين تي برج ٺهيل هئا. انهن تي هٿيار بند محافظ پهرو ڏيندا هئا. شهر جي صفائي، ان جي ورڇ، قلعہ بندي جي موجودگي جو مطلب آهي ته حڪومت پنهنجي انتظاميه جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ماڻهن کان ٽيڪس وٺندي هئي.

قديم سنڌ جا واپاري جتي ڪيترن ئي پرين جي ملڪن ۾ واپار سانگي ويندا هئا اتي انهن ملڪن ۾ پنهنجي نئين آبادي به قائم ڪندا هئا. جتي انهن جا پنهنجا ايجنٽ مختلف شين جو واپار ڪندا هئا. سنڌ مان جيڪو واپاري مال ٻاهر موڪليو ويندو هو. اهو ڪاني يا ڪپڙي جي ڳنڍين ۾ رکيو ويندو هيو ۽ هر ڳنڍ تي مال موڪلڻ واري جي مهر لڳل هوندي هئي ۽ موڪلڻ واري قوم يا واپاريءَ جو نالو لکيل هوندو هيو. عراق جي مختلف شهرن ۾ سنڌي واپارين جون مهرون مليون آهن. لڳ ڀڳ 3 هزار سال پهريان واري هڪ قبر ۾ به هڪ اهڙي مهر ملي آهي جنهن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته اها قبر ڪنهن سنڌي واپاري جي آهي.

(ترجمو: احسان دانش)

دادا سنڌي

# موهن جي دڙي جو پرڏيهي واپار

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، تہ سنڌ منڍ کان ئي تهذيب ۽ تمدن، ادب ۽ ڪلچر، صنعت ۽ حرفت تجارت ۽ ڪاريگري جو مرڪز پئي رهيو آهي ۽ ان قديم تهذيب، تمدن ۽ تجارت جي تاريخ بابت وچڙوٽ، موهن، ڏيتري ۽ ڪاهو جا دڙا واضح مثال آهن. آثار قديمہ جي ماهرن انهن دڙن ۽ پڙن کي ڏسي، سنڌ جي عظيم ماضي جو دل کولي اعتراف ڪيو آهي. مسٽر آر.جي.بينر چيو آهي تہ "تاريخ جي دور کان بہ گهڻو اڳ، هن ملڪ جي گود ۾، انساني تهذيب ۽ تمدن جنم ورتو". ڊاڪٽر نوحا ايس ڪريمر لکي ٿو تہ "بيشڪ تهذيب ۽ تمدن جو سرچشمو، جنهن مان، سڄي دنيا سيراب ٿي، علم ۽ عرفان جي وسعت ۾، قدم رکندي اڳتي وڌندي ويئي، سا ان تاريخي خاندان جي مرهون منت آهي، جنهن کي "واديءِ سنڌ" سڏيو وڃي ٿو- (1) قديم بابلي ادب ۽ تاريخ ۾، سنڌ کي"سج اڀرڻ جو ديس" سڏيو ويو آهي. نيپولين بونا پارٽ، درياءَ نيل کان درياءَ سنڌ تائين، واري خطي کي "دنيا جي دل" سڏيو آهي- (2) موهن جو دڙو، سنڌ جي ان قديم تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز هو، جنهن جي بين الاقوامي تجارت ۽ پرڏيهي واپار، دنيا ۾، پنهنجو ڌاڪو ڄمايو.

ان دور ۾، سنڌ جا بہ مشهور شهر، ڏکڻ ۾ موهن جو دڙو ۽ اتر ۾ هڙپا، مهراڻ جي ڪپ تي، جهاز راني سبب، اندروني ۽ بيروني واپار ڪري، دولتمند ۽ اعلي تهذيب جا مرڪز هئا. موهن جو دڙو، جيئن تہ هڪ متمدن ۽ ترقي يافتہ شهر هو، ان ڪري هت هرشيءِ جي فراواني هئي ۽ وڏي پائي تي واپار هلندو هو. مشهور مؤرخ مولائي شيدائي، موهن جي دڙي جي تجارتي اهميت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "موهن جو دڙو مهراڻ جو وڏو واپاري بندر ۽ مال جو مارڪيٽ هو. هت ٻاهريون واپاري قومون بہ رهنديون هيون. سنڌي واپاري ايماندار ۽ سچائي شعار هئا. ايمانداري ۽ حڪمت عملي ڪري، سندن واپار ترقي ڪئي. وٽن بئنڪن، ايجنٽن، دلالن، هنڊين، بيجڪن ۽ ليلين جو دستور هو. هر هڪ قافلي ۽ جهاز سان، واپاري جو ايجنٽ موجود رهندو هو. (3) جناب محمد

ادريس صديقي لکي ٿو ته ”موهن جو دڙو، قديم ترين زماني ۾، هڪ واپاري مرڪز هو. سنڌس خوشحالي جو سبب ان جو اندروني ۽ بيروني واپار ئي هو. سنڌونديءَ جي ڪناري تي، آباد هئڻ ڪري، هتي ٻيڙين وسيلي، ملڪ جي اندر پئدا ٿيندڙ سامان، آندو ۽ نيو ويندو هو. ....... قديم زماني ۾ هت ٻين ملڪن مان واپاري شيون گهرائي، گدامن ۾ رکندا هئا. (4)

پراڻي زماني ۾، موهن جو دڙو، ڪراچي وانگر هڪ بين الاقوامي تجارتي شهر هو، جتي ساري دنيا جا تاجر رهندا هئا، جن جي ثابتي انهن مختلف قومن ۽ نسلن جي هڏائن پڃرن ۽ کوپرين مان ملي ٿي، جن جي مالڪن هن سر زمين تي، رهائش اختيار ڪئي ۽ آخر هتي ئي مري کپي ويا. هت بين الاقوامي واپار ٻن رستن سان ٿيندو هو. پهريون خشڪي رستي: هي واپار وڏن قافلن جي صورت ۾ هلندو هو، جنهن ۾ بيل گاڏيون، اٺ، گهوڙا ۽ گڏهه ڪم ايندا هئا، جن تي گهٽو ڪري نهرن جسمن واريون شيون، ڪنيون ويندبون هيون، اهو واپار بلوچستان جي لڪن وسيلي، ايران ۽ اوپر قريب جي ملڪن سان هلندو هو. اهڙي طرح ڪانياواڙ ذڪڻ هندستان ۽ ٻين علائقن مان، هي تجارتي مال آڻڻ وارا قافلا ايندا هئا- (5)

ٻيو بحري رستي:

هي واپار، دريائن ۽ سمنڊ رستي هلندو هو. هي شهر جيئن ته سنڌو جي ڪناري تي هو، ان ڪري هت ٻيڙا ۽ جهاز، جام هئا سنڌ جي ٻين علائقن جو مال، ٻيڙين رستي هت پهچندو هو. پنجاب ۽ ٻين ندين وسيلي، چين ۽ ڪشمير جو مال هت پهچندو هو. اهي ٻيڙيون اعلي درجي جون نهيل هيون. مسافرن جي رهڻ لاءِ منجهن ڪمرا نهيل هئا ۽ مال ڪي مينهن ۽ اس کان بچائڻ لاءِ گدام هئا. اهي ٻيڙيون گهٽو ڪري، تراڪڙيون هونديون هيون- (6) هتان جا رهاڪو، ٻاهريون واپار، ساموندي جهاز رستي ڪندا هئا. اهي سنڌي، جهازن جوڙڻ ۽ جهاز راني جي فن ۾ نهايت پڙ هئا. هنن ساري دنيا کي، جهاز راني جي فن کان واقف ڪيو. ايچ.آر هال لکي ٿو ته ”سنڌين ئي، جهاز راني کي، دنيا سان روشناس ڪرايو“. قدرت الله فاطمي لکي ٿو ته ”قديم زماني کان، سنڌ

جا رهاڪو، بحري تجارت ڪندا هئا ۽ ٻيڙا يا جهاز ناهيندا هئا. هو درياءَ رستي، مال آڻڻ ۽ نيڻ کان واقف هئا. تجارت لاءِ مضبوط جهاز ناهيا ويندا هئا جيڪي اولهہ طرف نيل ندي ۽ ڳاڙهي سمنڊ ۾ ۽ اوڀر طرف گنگا ندي واري، دوآبي جي نهرن ۾، هلندڙ دنگين جهڙا هوندا هئا. (7)

موهن جي دڙي جي واپارين جا، ساري دنيا سان تجارتي ناتا هئا. سيني وڏن ۽ شاهوڪار ملڪن ۾، هنن جون بينڪون هيون. ان دور ۾ سنڌن واپار، مغربي ملڪن سان گهڻو ڪري ايراني نار رستي هلندو هو. اهي سنڌي واپاري هيڏانهن ڪشمير قنڌار ۽ ايران، تہ هوڏانهن وچ هندستان، مدراس ۽ راجپوتانا تائين ويندا هئا. ملبار سان بہ سنڌن واپاري ناتا هئا. جتان ڏونگهيون ۽ ناريل جي تاندورن مان ٺهيل رسيون آڻيندا هئا. ڊاڪٽر چندر باس لکي ٿو تہ ”انهن پڻي لوڪن مان ڪن ميسوپوٽيما ۾ بينڪون وڏيون ۽ سريا جي ساموںڊي ڪناري طرف ۽ پونچ سمنڊ جي، ٻيٽن ۾ وڃي رهيا. هو آفريڪا جي اترڏانهن بہ ويا. ميسوپوٽيما جا سميري ۽ بابلي ڪئلدي، اصل ۾ سنڌوماتري جا پڻي آهن. (8)

عراق، بابل، مصر، فونيقيہ ۽ فلسطين جي قديم آثارن مان صاف ظاهر آهي تہ، هنن شهرن جا موهن جي دڙي سان، تجارتي ناتا هئا. ڊاڪٽر ڊبليو هنٽر لکي ٿو تہ ”موهن جي دڙي جا آڳاٽا سنڌي، سينائي اپبيٽ ۽ سوئيز تائين پهتا. ميمفنس جي ديوارن تي انهن جون رنگين تصويرون، اڪريل آهن، جن اتي واپار سانگي بينڪون وڏيون هيون. (9) نارمن برائون جو خيال آهي تہ مصر، فونيقيہ ۽ عراق جون تهذيبون، سنڌين جي ڪري ئي ترقي ڪئي. هن دور ۾، سنڌ جو واپار وڏي پئماني تي، مصر سان هلندو هو. مصر جي ٽئين خاندان جي حڪومت جي زماني ۾، سنڌ جو مال، بابل کان، خشڪي رستي، ميمفنس پهچندو هو، جتان ٻيڙين وسيلي، اهو ڪريٽ ۽ يونان ويندو هو، جتان مصر ايندو هو. مصر جي يارهين خاندان جي دور ۾، اهرام تعمير ٿيا، تڏهن هتان جي واپار ترقي ڪئي (10) سنڌ مان جيڪي شيون مصر وينديون هيون، تن مان سوٽي ڪپڙو سرِ فهرست آهي. ان زماني ۾ هت تمام اوچو ڪپڙو ٺهندو هو، جنهن کي ”سنڌڻ ململ“ چئبو هو، سَر جان مارشل لکي ٿو تہ ”سنڌو ماٿر ۾، سوٽي ڪپڙي جي صنعت ايڏي تہ عروج تي هئي، جو اتان جي ٺهيل

ململ مصر ۽ يورپ ڏانهن ويندي هئي. (11) ان ڪانسواءِ مصر جا حڪمران جَو، ڪٽڪ ۽ ڪپهه به هتان گهرائيندا هئا. فنيقي جهازران، هتان ڪارڪن جو شراب ڪٽي مصر ۾ وڪڻندا هئا جو ته مصري جراح، مردن جي ممين ناهڻ وقت، پهريائين انهن کي هن قسم جي شراب سان ڌوئيندا هئا. اهڙي طرح لاک ۽ نير به هتان ويندو هو، جيڪو ممين ناهڻ ۾ ڪم ايندو هو. ان ڪانسواءِ مصالحو، سرهاڻ ۽ ناريل به مصر وڏي تعداد ۾ موڪليو ويندو هو.

مصر ڪانپوءِ، عراق، بابل ۽ فلسطين سان، موهن جي دڙي جو، وڏي پئماني تي واپار هلندو هو. عراق جي شهرن KISH ۽ URR مان، موهن جي دڙي جا سڪا لڌا آهن. ان دور ۾، هنن ملڪن سان، سنڌ جو واپار، خشڪي ۽ سامونڊي رستي هلندو هو. خشڪي جي رستي قافلا، عراق جي مارڪيٽن جو مال ڪٽي، سنڌ ۾ پهچائيندا هئا. عربي سمنڊ جي رستي، سنڌ جا غوراب بابل تائين ويندا هئا. ڪلداني، مصري، فنيقي ۽ عرب جا جهازران، ايراني نار ۽ مڪران جو ڪنارو ڏيئي سنڌ ۾ ايندا هئا. بابل تي موهن جي دڙي جا وڏا ٿورا هئا. ارنلڊ ونسن جو چوڻ آهي ته "بابل جي شهرت ۽ عظمت، صرف سنڌ جي ڪري ئي آهي. بابل ۾ هتان جي واپارين جون تجارتي ڪوٺيون هيون" (12) ان زماني ۾ بابل کي عمارتي ڪاٺ جي سخت ضرورت هئي، جيڪو سنڌ مان ئي گهرايو ويندو هو. HICOUSENS لکي ٿو ته "بابل ۽ اشور وارا سنڌ مان عمارتي ڪاٺ نير ۽ لاک گهرائيندا هئا." ٻي خاص جنس، "سنڌڻ ململ" هئي، جيڪا ايراني نار ڪان ايندي هئي، جتان يهودين کي سنڌ جي خبر پيئي ۽ هنن به هتان ململ ۽ ٻين جنسن جو واپار شروع ڪيو. عراق، بابل ۽ فلسطين وارا، سنڌ مان ڪپهه، اوني ڪپڙو، ناريل، انب، نارنگيون، ڪرمچي رنگ، چانور ۽ سرخي طور استعمال ٿيندڙ ڳاڙهو پائوڊر موهن جي دڙي مان گهرائيندا هئا. (13)

دمشق سان به هتان جو واپار وڏي پئماني هلندو هو. مسٽر ڪينيڊي لکي ٿو ته "ان زماني ۾، سنڌ جا مور، باندر ۽ عاج اوفير بندر تان، حضرت سليمان جي ٻيڙين ۾، بيت المقدس پهتا". سنڌ جا مور ڪنعان ڏانهن به موڪليا ويا هئا. هن دور ۾، فونيقيه جو شهر سنڌ جي

مال جي وڏي منڊي هو. حضرت سليمان، فونيقيہ جي شهر طور، جي ”بادشاھ حرم“ سان، ان ڪري ئي معاهدو ڪيو هو تہ فونيقي ٻيڙين جي مدد سان خليج فارس جي رستي، سنڌ مان سوٽي ڪپڙو، عاج، ٻولا ۽ سون وغيره، جهڙو تجارتي سامان، ملڪ سليمان پهچائي سگهجي. ان ۾ اسان جا واپاري جهاز ران بہ شامل هئا. اوفير سون جو مترادف آهي ۽ سنڌ جا واپاري جهازران، سون جهڙي قيمتي ڌاتو جو واپار ڪندا هئا. اوفير، سپارا ۽ پنور سنڌ جي پئداوار ڪري دولتمند هئا ۽ ٻاهرئين دنيا ۾، اهڙين قيمتي شين ڪري، سنڌ مشهور هئي. بخت نصر، فونيقيہ جي شهر طور ڪي، ان ڪري تباھ ڪيو، جو سنڌ جي تجارت سان، سندس شهر بابل، نينوا، دمشق وغيره، سڌو سنئون فائدو حاصل ڪري سگهن. جڏهن اهو تباھ ٿيو، تڏهن بابل جي رونق وڌي ويئي. هتان جي بازارن ۾، سنڌي تاجر، ڪثرت سان نظر ايندا هئا. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتان جا تاجر جهازران خليج فارس جي رستي، مٿين ملڪن ۾، تجارت جو سامان کڻي ويندا هئا. رالنسن لکي ٿو تہ ”اشوري شهنشاھ ٿئين جي زماني جي ڪيترن ئي ڪتبن تي ٻولن، هاٿين ۽ ٻين شين جون تصويرون آهن، جيڪي سنڌ ۾ ڪثرت سان ملن ٿيون ۽ هتان ئي، ان سرزمين تي پهتيون“. (14)

عراق سان بہ موهن جي دڙي جو واپار، وڏي پئماني تي هلندو هو. سمير عراق جو پراڻو نالو آهي. گارڊن چائلڊ لکي ٿو تہ ”سير مان، جيڪي بہ عجيب شيون مليون آهن، سي سڀ سنڌ مان اتي ويون“.ڊاڪٽر سيموئيل ڪريمر جو چوڻ آهي تہ ”سمير جي صحيفن ۾، جنهن دلمون جو ذڪر، وري وري آيل آهي، اهو سنڌ جو ئي ٻيو نالو آهي تہ سمير جو عظيم ديوتا، انيڪي ڪو، جيڪو سمير جو پهريون حاڪم هو، ڪي ان تي فخر هو تہ، دلمون جا جهاز هت لنگر انداز ٿيندا هئا. بادشاھ ارنانشي، جيڪو ساڍا چار هزار سال اڳ سمير تي راڄ ڪندو هو، تنهن سنڌ جي ڪانئن سان ڀريل جهاز جو، پنهنجي بندر لغاش ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. (15) سرغن اعظم ڪي بہ، ان تي فخر هو تہ، سنڌ جا جهاز ان جي بندرگاھ عڪاد ۾، ايندا هئا. عاج، ڪاٺ، سون، ٽامو، سوٽي ڪپڙو ۽ ڪپھ عام طور هتان سمير ويندڙيون هيون. موهن جي دڙي جي واپارين

جون، سمير ۾ ڪوئيون بہ هيون، جيڪي خليج فارس جي ڪناري ارض الهند، هندورابي ۽ هنديان جي نالي سان سڏبيون هيون.

موهن جي دڙي جا واپاري، دنيا جي ٻين ملڪن مان، ضرورت جون شيون سنڌ ۾ آڻيندا هئا. آمدني (Import) واري مال ۾ ڪيتريون ئي شيون اچي وڃن ٿيون. سَر ايدون پاسڪو، ان مال جي مڪمل فهرست ڏني آهي، جيڪا هن ريت آهي:

1- سون= ڏکڻ هندستان، افغانستان، ايران ۽ تبيٽ.

2- چاندي = ڏکڻ هندستان، افغانستان، ايران، آرمينيا، برما.

3- ٽامو = ڏکڻ هندستان، افغانستان، بلوچستان ۽ راجپوتانا.

4- قلعي = افغانستان، ايران ۽ راجپوتانا

5- لاجورد = افغانستان

6- فيروزا = ايران ۽ خراسان

7- سنگ جراحت = ڪانياواڙ ۽ بلوچستان.

8- ياقوت = ڏکڻ هندستان.

9- سليٽ جو پٿر = راجپوتانا ۽ راج پيلا.

10- عقيق (سنگ سليماني) = راجپوتانا، ڪانياواڙ، ڪشمير ۽ دکن.

11- يشب = راجپوتانا ۽ راج پيلا.

12- سائو پٿر = راجپوتانا، ڪرشنا، گوادر، ندين جا ڪنارا.

13- ڳِگر ۽ ڪارو چن = هرمز ٻيٽ، يوموسيٰ، هالدي ۽ لکپت.

14- سنگ مرمر = راجپوتانا (16)

موهن جي دڙي جا واپاري مصر، سوسا ۽ عراق مان ٽامون گهرائيندا هئا. قبرص ۾ بہ ٽامي ۽ ڪٽ جو استعمال ٿيندو هو. قلعي اتر اولهہ وارن ملڪن مان بہ گهرائي ويندي. هڪ قسم جو ٿلهو ڪپڙو ڪئسنوس، ايلام ۽ سمير کان هٿ ايندو هو. جناب محمد ادريس صديقي لکي ٿو تہ ”موهن جي دڙي جا واپاري سون هندستان ۽ افغانستان مان گهرائيندا هئا. لاجورد ۽ زمرد ميسوپوٽيمان ۽ بدخشان مان ايندو هو. سندور وڏي مقدار ۾، ٻيڙين رستي هرمز ۽ ايراني نار جي ٻين ٻيٽن مان ايندو هو. ڪوڏ ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي پاسن کان گهرائبا هئا. (17)

موهن جي دڙي ۾ تور ۽ ماپ جو بهترين سرشتو رائج هو. اهي وٽ ۽ ماپا ننڍڙا ۽ نازڪ هئا، جيڪي پٿرن جا ٺهيل هئا. اهي وٽ چورس، مخروطي ۽ ڍهل جي شڪلين جهڙا هئا. ننڍا وٽ، سوسا وانگر ٻڪي سان مناسبت رکن ٿا ۽ وڏا وٽ وري ڏهائي سان، وزن جي هڪ ايڪائي جو انداز 870 گرام آهي ۽ وڏو وزن 5975 گرام آهي. عام وزن 13464 گرام آهي. اهي واپاري مڻ کي "منا" سڏيندا هئا، جيڪو اصل ۾ بابل ۽ نينوا کان هت پهتو. هي تور ماپ جو سرشتو ساري دنيا ۾ مجيل مڃايل ۽ اعليٰ پائي جو هو. مسٽر اي مئڪي جو چوڻ آهي تہ "موهن جي دڙي جا اهي وٽ، ايلم ۽ ميسوپوٽيما جي، قديم وٽن کان، وڌيڪ سوڌا ۽ پورا هئا". (18)

واپار ۽ ڏيتي ليتي لاءِ، لکپڙهہ ۽ صورتخطي جو علم هجڻ ضروري آهي. موهن جي دڙي وارن وٽ مڪمل رسم الخط ۽ طرز تحرير موجود هئي. مؤرخ لکن ٿا تہ "اها رسم الخط سميري قوم، عراق ۽ پوءِ سڄي مشرق ۾ رائج ڪئي. ان کي ڪيونيفارم (خط ميخي) سڏبو هو. اها صورتخطي، سميرين پڪچر گراف کي سڌاري ناهي هئي. (19) چون ٿا تہ، ان جا اکر، ميخن ۽ تيرن وانگر هئا. خط ميخي ۾، 21 حرف آهن، ليڪن هڪڙي حرف کي ٻن ٽن طرحن سان لکيو وڃي ٿو. چون ٿا تہ حضرت ابراهيم عہ جو خط انهن اکرن ۾ هو. (20) نينيتيما جا واپاري، سامي آرائي خط استعمال ڪندا هئا، جيڪو مصري ۽ عراقي خط تان ورتل هو. اهو خط موهن جي دڙي جي، سنڌي واپارين وسيلي ننڍي کنڊ ۾ پکڙيو، هي خط، اتر الهندي هندستان ۽ چيني ترڪستان، تائين رائج هو. 2 صديون ق. م، عيسوي 2 صدي ق. م، ايراني سلطنت ۾ فرمان، هن خط ۾ لکيو ويو. هي ٻن نمونن ۾ لکيو ويندو هو. پهريون ساڄي کان کاٻي طرف، جنهن جا اکر يوناني ۽ هندي حڪمرانن جي سڪن تي استعمال ٿيندا هئا ۽ ٻيو خط کاٻي کان ساڄي لکيو ويندو هو، جنهن کي برهمڻي خط چئبو هو. ڪاغذ نہ هئڻ ڪري حساب ڪتاب، ڪپڙي تي لکيو ويندو هو. فنيقيا جي واپارين کان، موهن جي دڙي جا تاجر، حسابي انگن جو علم بہ سکيا.(21) ۽ اهڙي طرح تجارتي تاريخ ۾، پنهنجو خاص مقام حاصل ڪيائون.

موهن جي دڙي جي هي عظيمَ تجارت ۽ معيشيت اسان جي تاريخ جو اهم باب آهي ۽ ڏيکاري ٿي تہ ماضي ۾ سنڌ، هن ڏس ۾، بين الاقوامي لحاظ کان ڪيڏي نہ اهميت جي حامل هئي.شال، اسين پنهنجي تاريخ مان ڪجهہ هڙ حاصل ڪري سگهون.

## حوالا


(1) سنڌ جي طبي تاريخ-ج-اول نياز همايوني، ص 62

(2) حوالو روزانہ جنگ-سنڌ ايڊيشن، 1 جولاءِ 1971ع

(3) مهراڻ تي جهاز راني-روزانہ مهراڻ، سالگرهہ نمبر، 1960ع

(4) سنڌوماٿر جي سڀيتا-مترجم شمس نورالدين سرڪي، ص 16

(5) قديم سنڌ- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ص 165

(6) سنڌ جا ہ بندر-سنڌ صدين کان- ممتاز مرزا، ص 140

(7) ايضاً، ص 130

(8) بحوالہ قديم سنڌ، ص 82

(9) بحوالہ تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي، ص 50

(10) روزانہ مهراڻ سالگرهہ نمبر، 1960ع

(11) تاريخ تمدن سنڌ، ص 32

(12) تاريخ تمدن سنڌ، ص 152

(13) سنڌو ماٿر جي سڀيتا، ص 136

(14) سنڌ جي طبي تاريخ- جلد اول، ص 213

(15) سنڌ- مسلمانن کان اڳ، ايچ.ٽي.لئمبرڪ

(16) سنڌو ماٿر جي سڀيتا، ص 105

(17) ايضاً، ص 106

(18) ايضاً، ص 110

(19) ڊاڪٽر ممتاز پناڻ-نئين زندگي، فيبروري 1968

(20) تاريخ تمدن سنڌ، ص 19

(21) 21 عرب و هند ڪي تعلقات- سيد سليمان ندوي، ص 65

محمد ادريس صديقي

# موهن جي دڙي وارن جو مذهب

سنڌو ماٿريءَ جي رهواسين جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ ڪجهه چوڻ کان اڳ ٻن ڳالهين کي نظر ۾ رکڻ ضروري ٿي ٿو پوي. هڪ اها ته سنڌو ماٿريءَ جي ڪنهن به بستيءَ مان اهڙو ڪوئي دستاويز، ڪتبو يا تحرير نه لڌي آهي، جنهن جي آڌار تي اتان جي ماڻهن جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ ڪوئي يقيني فيصلو ڪري سگهجي. تنهنڪري انهن بستين مان لڌل مجسما، مهرون، پٿر ۽ نقش ئي انهيءَ ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن ٿا ۽ اهي ئي انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي قياس آرائين جا آڌار آهن. ٻي مکيه ڳالهه اها آهي ته سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب برصغير هند-پاڪ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. پر حيرت آهي، جو اهي لڌل باقياتي نشان برصغير هند- پاڪ جي جن تمام پراڻن مذهبن ۽ عقيدن تي روشني وجهن ٿا. انهن عقيدن جو چڱو حصو ويدڪ لٽريچر ۽ ويد جي زماني جي پوءِ جي ادب ۾ به اسان کي ملي ٿو. آرين جي شروع جي عقيدن جي خبر اسان کي سنڌن قديم ترين ڪتاب "رگ ويد" مان پوي ٿي، جنهن جي لاءِ مغربي لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي ته اهو صحيفو 1500 ۽ 1000 ق.م جي وچ ۾ لکيو ويو آهي.

سنڌوماٿريءَ جي ڪنهن به بستيءَ ۾ نه ته ڪو ئي مندر مليو آهي ۽ نه ڪو عبادت خانو. موهن جي دڙي جو اسٽوپا برابر هڪ مذهبي عمارت آهي. پر هيءَ 200 سال مسيح کان پوءِ جي تعمير آهي ۽ ان جو سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب سان ڪوئي واسطو ڪونهي. تحقيق ڪندڙن جو خيال آهي ته جيڪڏهن هتان جي ماڻهن جو ڪو عبادت خانو هوندو به، ته اهو اسٽوپا جي هيٺان دفن هوندو، ڇو ته تاريخ شاهد آهي ته زورآور قوم پنهنجي وڏائي ظاهر ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري هار کاڌل قوم جي عبادت خانن مٿان پنهنجن عبادت گاهن جو بنياد رکيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته جڏهن اسٽوپا ڪري يا تباهه ٿئي، تڏهن اسان سنڌو ماٿريءَ جي رهاڪن جا عبادت خانا لهي سگهون.

بت پرستي:

سنڌو ماٿريءَ جا رهاڪو بت پرست هئا. هتان هڪ ديويءَ جو بت گهڻن هنڌن تان لڌو ويو آهي، جنهن کي رڳو چيلهه مٿان ڪپڙي جي پٽي ٻڌل آهي، باقي سڄي عريان آهي. انهن بتن جي ڳچيءَ ۾ زيورن جون مالهائون تمام گهڻيون پيل آهن. سندن مٿي تي وچٽي جي شڪل جو هڪ انوکو اوڍڻو پيل ڏسجي ٿو ۽ ڪنن وٽ ڪٽورين جهڙا ٻه ڍڪ الڳ ڳنڍيا ويا آهن. ڪن بتن جي هنن ڪنن جي ڪٽورين ۾ دونهين جا نشان ڏٺا ويا آهن، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته لوبان يا ڪنهن ٻي سڳنڌ واري شيءِ جو واس ڌوپ ڏيندا هئا، ته ديويون خوش ٿين ۽ پوڄارين جي دل جا عرض اگهائين. هنن مجسمن جي پٺي سنئين سڌي نه آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو ته گهرن جي ڀتين ۾ يا طاقن ۾ انهن مورتين کي مٽيءَ سان ليپي بيهاري ڇڏيندا هئا. انهن مجسمن کي ”ڌرتي ماتا“ يا ”ماتا ديوي“ جا بت سڏيو ويو آهي.

سنڌوماٿريءَ جي تهذيب ۾ ”ماتا“ مان عقيدت جي شاهدي هڪ چورس مهر مان به ملي ٿي جنهن ۾ هڪ عورت جي شبيهه مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ڪيو بيٺي آهي ۽ سندس رحم مان وڻ نڪري رهيو آهي. اها مورت مهر جي پنيان کابي ڪناريءَ تي اڪريل آهي. ان جي ساڄي ڪناري تي تصويري تحرير جي ڇئن اکرن کان پوءِ ٻن راڪاسن جي شڪل نهيل آهي. مهر جي ٻئي پاسي به ساڳي تصوير تحرير آهي ۽ پرسان هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي تصوير اڪريل آهي، جنهن ۾ مرد جي هٿ ۾ ڏاتي جي شڪل جو چاقو آهي ۽ عورت هن جي اڳيان مٿي هٿ ڪيو ويني آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ڄڻ عورت مرد کان جان جي امان ٿي گهري ۽ مرد هن کي قتل ڪرڻ ٿو چاهي. هن مهر جي ڏسڻ سان هيءُ نتيجو ڪيجي سگهجي ٿو ته هن ۾ انساني قرباني ڏيکاريل آهي ۽ ان عورت جو ڌرتي ماتا جي اڳيان ٻليدان ڏنو پيو وڃي.(1)

ڌرتي ماتا سان گڏ هڪ ديوتا جي مورتي به سنڌو ماٿريءَ ۾ گهڻي ڏني وئي آهي. سر جان مارشل ان کي شِوَ سان مشابهت رکندڙ چئي ٿو. ممڪن آهي ته سنڌو ماٿري وارا ان جي ڪنهن ٻئي نالي سان پوڄا ڪندا هجن. پر هندو ديو مالا ۾ شو کي هڪ خاص درجو حاصل آهي ۽

ڪيتريون خاصيتون هن جي مورتي سان وابسته آهن. هڪ مهر مٿان هن جي شڪل تمام صاف ۽ چٽي اڪريل آهي. جنهن ۾ هن جا ٽي منهن آهن ۽ هوهڪ چوڪيءَ تي آسڻ ڄمايو ويٺو آهي.

هن مهر جي ٻي اهم خصوصيت شو جو يوگ آسڻ آهي. تاريخي دور جي عقيدي مطابق شو دراصل يوگين جو پيشوا آهي. ۽ تپسيا ۽ نفس ڪشيءَ جو پهريون استاد ۽ مظهر آهي. انهيءَ ڪري کيس ”مهاتپا“ ۽ ”مهايوگي“ به چيو ويندو آهي.

شِو جانورن جو پڻ پالڻهار مڃيو ويو آهي ۽ انهي ڪري هن کي پسو پتي،به سڏيو ويندو آهي مٿين مهر تي هاٿيءَ، گينڊي ۽ چيتي جي نڪتل تصويرن مان هن جي ”پسو پتي“ روپ جو اشارو ملي ٿو. تاريخي دور ۾ ”پسو پتي“ لقب جي معنيٰ ”چوپائي مال جو آقا“ ڪئي ويئي آهي.

شو جي صورت ڪيترين ئي مهرن تي اڪريل آهي. ٻن مهرن تي هي ديوتا سنگهاسن تي ويٺو آهي. هڪ مهر تي زمين تي ويٺو آهي، پر ٽنهي تصويرن ۾ سواءِ لنگوٽ جي سندس بدن تي ٻيو ڪو به ڪپڙو ڪو نه آهي. ٻن مهرن تي هن جا ٻه منهن آهن ۽ ٽينءَ تي رڳو هڪ. ٽنهي مهرن تي هن جي مٿي تي سڱ آهن. ٻن مهرن ۾ هن جي سڱن جي وچ ۾ گل ۽ پتيون نڪتل ڏيکاريل آهن. شايد اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ته شو نباتات جو ديوتا به آهي.

سندس سپنڊ ناچ سان به آهي، جو ته هندن جي ڪيترن ئي مجسمن ۾ هو نچڻ جي دلڪش ادا ۾ ڏيکاريل آهي. هن کي انهيءَ ڪري ”نٽ راج“ به چوندا آهن. حقيقت ۾ انهي ناچ مان ڪائنات جي نظام جي باقائده لئي يا تال (2) ڏانهن اشارو آهي. هڙاپا مان لڌل هڪ مجسمي جي باري ۾ به اهو خيال آهي ته اهو شو جي ”نٽ راج“ جو (3) روپ آهي.

وڻن جي پوڄا:

سنڌو ماٿريءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪيترائي ثبوت ملن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اتي جا رهاڪو وڻن کي پاڪ ڪري ليکيندا هئا. لڌل مهرن تي اڪريل نقشن مان اهو به معلوم ٿو ٿئي ته اتي جا ماڻهو وڻن کي شايد پوڄيندا پڻ هئا. هڪ مهر جي ساڄي پاسي واريءَ

ڪنڌ تي هڪ ٽالهه جي شڪل نڪتل آهي. جنهن ۾ به ٽاريون پپر جون پيل آهن. انهن ٻنهي ٽارين جي وچ ۾ هڪ ديويءَ جي شڪل نڪتل آهي، جنهن جي مٿي تي سڱ آهن. هڪ عورت انهيءَ ديويءَ کي مٿو ٽيڪي رهي آهي.

هڪ ٻي مهر تي وڻن جي هڪ ٽاري محراب جي شڪل وانگر نڪتل آهي، جنهن مان پن نڪري رهيا آهن. انهيءَ ٽاريءَ جي اندر هڪ ديوي بيٺي آهي. اهي نقش اهڙيءَ طرح نڪتل آهن جهڙوڪ ڪنهن بت کي پنن جي فريم ۾ ٻيهاريو ويو هجي. ڪن ٻين مهرن تي به وڻ ۽ ديوين جون مورتون اڪريل آهن.

پنجن مهرن تي وڻن جون شڪليون ڏاڍيءَ محنت ۽ خبرداريءَ سان ڪڍيل آهن. انهن مان ڪن وڻن جي آسپاس چلها ناهيا ويا آهن. اهڙي قسم جا چلها اوائلي تاريخي دور ۾ پاڪ وڻن جي چوڌاري ٺي ناهيندا هئا. مٽي جي ٿانون تي پڻ پپر جي پنن جون تصويرون نڪتل آهن. ڪن مهرن تي نم جو وڻ به نڪتل آهي. ممڪن آهي ته وڻن پپر کان سواءِ ٻيا وڻ به متبرڪ سمجهيا ويندا هجن.

هڪ مهر تي ٻن ماڻهن جي شڪل نڪتل آهي، جن جي هٿن ۾ نم جا وڻ آهن. وڻن جي وچ ۾ ديوي جي مورتي آهي. جنهن جا ٻئي هٿ ڪليل آهن. انهن وڻن جون پاڙون جدا جدا آهي. ۽ خيال آهن ته اهي وڻ ان ديوي جي تقدس ۾ لڳايا پئي ويا، جو ته مقدس وڻن جو پوکڻ به پراڻي زماني ۾ هڪ مذهبي فرض هو ۽ وڻن پوکڻ وارو ثواب جو حقدار سمجهيو ويندو هو. انهيءَ مهر جي ٻئي پاسي هڪ ماڻهوءَ جي تصوير آهي، جو نم جي وڻ کي سجدو ڪري رهيو آهي.

جانورن جي پوڄا.

وڻن جي پوڄا وانگر جانورن جي پوڄا به پراڻي رسم آهي، جنهن جو گهٽو ڪري هر ملڪ ۾ رواج هو. سنڌو ماتريءَ ۾ حيوانن جي پوڄا جو رواج وڻن جي پرستش کان وڌيڪ هو. ان جو ثبوت مهرن تي اڪريل جانورن جي تصويرن ۽ مٽيءَ ۽ پٿر جي ٺهيل جانورن جي بتن مان به ملي ٿو. سر جان مارشل انهن جانورن کي ٽن حصن ۾ ورهايو

آهي.(1) هڪ خيالي يا ڏند ڪٿائي جانور.(2) اهي جانور جن ڏند ڪٿائي حيثيت شڪي آهي ۽ (3) قدرتي جانور.

پهرئين قسم جا جانور تشبيهي ۽ مرڪب جانور آهن، مثال طور اهڙا جانور، جن جو هڪ حصو ٻڪريءَ يا دنبي جو، ٻيو اڌ ڍڳي جو ۽ منهن ۽ مٿو انسان جهڙو اٿن. موهن جي دڙي مان لڌل هڪ مهر تي عجيب و غريب جانور جي تصوير نڪتل آهي. هن جانور جا ٽي مٿا آهن. هڪ مٿي تي سانهه جا سڱ اٿس. ٻئي مٿي تي هرڻ جا ۽ ٽئين مٿي جا سڱ بجاءِ اندر مڙيل هئڻ جي ٻاهر مڙيل اٿس. هن جانور جو جسم ۽ ڪر ڍڳي جا آهن. اهڙي قسم جون ٽي سسيون هڪ ٻي مهر تي ٻہ نڪتل آهن. هڪ مهر تي شينهن جون ٽي سسيون نڪتل آهن. ٿي سگهي ٿو تہ انهن ٻنهي مهرن جي تصوير جو پاڻ ۾ ڪو تعلق هجي. هڪ ٻي مهر تي اڌ انسان ۽ اڌ ڍڳي جهڙي جانور جي تصوير اڪريل آهي، جو شينهن تي حملو ڪري رهيو آهي. ·

ٻين قسمن جي جانورن ۾ هڪ سڱا (4) ڍڳا آهن، جن جون شڪليون ڪيترين ئي مهرن تي چٽيل آهن. پر اهڙي قسم جي جانور جو وجود ڪٿي بہ ثابت ڪو نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو خيال گيندي ڪي ڏسي ذهن ۾ آندو ويو هجي. ان جانور جي ڪلهي تي هڪ زين ڏيڪاريل آهي، ڪن مهرن ۾ تہ ان جي ڳلي ۾ پٽا ۽ ماهنڊ وڌل ڏيکاريل آهن. ان جي منهن وٽ هڪ عجيب نموني جو ٿانو رکيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها لوبان داني هجي. انهن لوبان دانين جو هئڻ انهن جانور جي مذهبي حيثيت کي ثابت ٿو ڪري.

انهن کانسواءِ گهيٽا، سوئر، ڪتا، ڀولڙا، رڇ، سيهڙ ۽ نوريئڙا بہ دريافت ٿيا آهن، پر مهرن تي انهن جون تصويرون چٽيل نہ آهن. انهن جا مجسما ٺامي جي پٽرن تي نڪتل آهن يا وري مٽيءَ جا ٺهيل آهن. ايئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ اهي ٻارن جا رانديڪا هئا. انهن کان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل ٻين جانورن جي حيثيت ڪجهہ ڪجهہ طلسمي ٿي لڳي. مهرن تي اڪريل انهن جا نقش گهڻو ڪري هر گهر مان لڌا آهن. انهن جو مقصد ڇا ٿي ٿو سگهيِ؟ انهيءَ لاءِ ڪجهہ چوڻ مشڪل آهي. اهڙي قسم جي ٻين مهرن تي ديوين ۽ ديوتائن جون تصويرون بہ آهن، جنهن مان اهو

اندازو ٿئي ٿو تہ حقيقي،غير حقيقي يا نيم حقيقي جيترا بہ جانور آهن، انهن جي حيثيت هنن ماڻهن وٽ ٿوري يا گهڻي مذهبي ضرور هئي، پر انهن جي انهيءَ مذهبي اهميت ۽ رتبي جو تعين ڪرڻ مشڪل آهي. نٿو چئي سگهجي تہ ڪهڙو جانور وڌيڪ مقدس سمجهيو ويندو هوندو ۽ ڪهڙو گهٽ. ان لاءِ اسان وٽ ڪي بہ مضبوط دليل نہ آهن! تنهن ڪان سواءِ ڪنهن شيءِ جي مذهبي تقدس يا اهميت ۽ ان جي پوڄا ڪرڻ لازم ملزوم نہ آهن، ڇو تہ ڪنهن بہ جانورن کي سدورو يا ندورو سمجهي سگهجي ٿو، پر ضروري نہ آهي تہ ان جي پوڄا بہ ڪئي وڃي.

پر اهو گمان ڪرڻ غلط نہ ٿيندو تہ مرڪب جانورن جون مورتيون (جن جا منهن ماڻهن جهڙا آهن)، تہ منهيون مورتيون ۽ وٽن جون ديويون پوڄيون وينديون هيون. اهڙيءَ طرح وڏا جانور مثال طور هڪ سگ وارو ڏڳو، سانُهہ، چيتو، هاٿي، گينڊو ۽ واڳون وغيره کي ديوتا سمان سمجهيو ويندو هو. باقي ٻيا جانور ڪنهن نہ ڪنهن وهم جي ڪري بہ مذهبي اهميت رکندا هئا.

## حوالا ۽ حاشيا

(1) MARSHALL- MOHEN-JO-DARO, VOL:I.P.5.

(2) CASMIC RYTHEM

(3) VEDIC AGE, P.181

(4) ڪن مهرن تي اهڙن جانورن جا بہ سگ بہ ڏيکاريل آهن. ايئن بہ ممڪن آهي تہ جيئن تہ هنن جانورن جون شڪليون پاسيريون نڪتل آهن، تنهنڪري ٽي سگهي ٿو تہ هڪ سگ اوٽ ۾ اچي وڃڻ سبب پڌرو نہ ڪيو ويو هجي.

(ترجمو: شمس سرڪي)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

# سنڌي ثقافت جو سرچشمو

## موهن جو دڙو

قديم آثار:

تاريخ جي ورق گرداني سنڌ جي قديم ثقافتي ورثي کي سمجهڻ ۾ معاون ۽ مددگار نہ بہ هجي، تاهم آثارِ قديم جي ماهرن، قديم شهرن جي مٿان چڙهيل لَٽ ۽ مٽيءَ کي هٽائي ثقافتي ورثي کي سائنسي بنيادن تي پرکي ان کي سمجهڻ ۾ اسان سان وڏي مدد ڪئي آهي. (1) هيل تائين سنڌ مان جيڪي آڳاٽا آثار لڌا ويا آهن، اهي آهن: موهن جو دڙو، الور، برهمڻ آباد، ڀنڀور، سيوهڻ، سمانگر، ڪاهوءَ جو دڙو، هاڪڙي جي پيٽ وارا ويران شهر وغيره. (2) مگر انهن سڀني ۾ مرڪزي سنڌ جي شهر، موهن جي دڙي جو تہ مٽ ئي ڪونهي! (3) جنهن مان لڌل باقيات ۽ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ شين جي تجزيي، اسان کي اهو يقيني علم مهيا ڪيو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو عيسوي سن کان اڍائي هزار ورهيہ اڳ هڪ عاليشان ۽ سڌريل زندگي گذاري رهيا هئا.

دراوڙ ۽ آريا:

هن دڙي جي ثقافتي شين جي انڪشاف کان اڳ تاريخدان ايئن وسهندا هئا، تہ تاريخ جي ابتدا يونان کان ٿي، يورپ جا ڪي ليکڪ وري انهيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا هئا تہ برصغير جا ماڻهو تيسين جهالت ۽ اڻ ڄاڻائي جي چادر تاڻيو سمهيا پيا هئا، جيسين يورپي قومن جي ڏاڏي پوٽن (COUSINS) آرين غفلت جي ننڊ مان کين سجاڳ نہ ڪيو. (4) حالانڪ سنڌ ۾ آرين جي آمد کان تاريخ بلڪل بي خبر آهي. (5)

بعض تاريخ نويس ان خيال جا آهن تہ: "جيڪڏهن فرضي طور آرين جي آمد کي سنڌ ۾ قبول بہ ڪجي تہ پوءِ بہ اهي چوڏهن سؤ (1400) سال قبل مسيح ۾ آيا هوندا. (6) جڏهن تہ موهن جي دڙي جي عظيم ثقافت جو بنياد ٽي هزار (3000) سال قبل مسيح ۾ پئجي چڪو هو، جو آهستي

آهستي اڍائي هزار (2500) سال قبل مسيح اها ثقافت هڪ عاليشان تهذيب جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي.(7)

مورلينڊ (MORELAND) جو رايو آهي تہ "جيڪڏهن نام نهاد آرين جو وجود" سنڌ ۾ فرضي طور قبول بہ ڪيون تہ پوءِ بہ ايئن چوڻو پوندو تہ اهي سنڌو ماٿر جي عاليشان بادشاهت جي تباهيءَ جا ذميوار هئا ۽ نہ ان ڪي بنائڻ ۽ جوڙڻ جا مالڪ هئا. (8)

ڪن تاريخ نويس آرين کي مهذب ۽ شريف (NOBLEMAN) بہ سڏيو آهي. (9) ليڪن منير وليم (MINIER WILLIAM) "آريا" لفظ جو ڌاتو، سنسڪرت زبان جي "ري-آر" (RI-AR) معنيٰ هر هلائڻ، ليٽن زبان جي "ايراٽروم" (ARATRUM) معنيٰ هر هلائڻ ۽ ايريا (AREA) ورتو آهي. (10) هن نظريي موجب: آرين جو مطلب شريف يا مهذب (NOBLEMAN) ڪونہ آهي، پر هاري ماڻهو آهي يعني اهي ماڻهو جيڪي هر هلائن، کيتي ڪن ۽ چوپايو مال ڌارين. (11)

مورلينڊ ڊبليو، ايڇ (MORELAND W.H) بحث ڪندي ٻڌائي ٿو:

"اهو واضح ٿي چڪو آهي، تہ آريا بہ دراوڙن جيئن ٻوليءَ جو هڪ اصطلاح آهي ۽ نہ نسلي امتياز (12)

ڀيرومل بہ آرين متعلق بحث ڪندي، پروفيسر ملر (MAX MAELLER) جي حوالي سان آرين کي هاري سڏيو آهي (13)،

پر سندس عقيدت کيس مجبور پئي ڪيو آهي تہ هو هروڀرو بہ آرين کي "شريف يا وڏ گهراڻو" سڏي. (14)

ڀيرومل ساڳئي ئي ڪتاب ۾ دراوڙن کي بہ سنو سڏي ٿو، مگر سندسن انداز غير اندازي يقيني آهي. هو لکي ٿو:

"جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ قبول ڪجي تہ مُهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙن جي آهي، تہ پوءِ هنن بابت جيڪي تاريخن ۾ پڙهيو اٿئون سو سڀ وسارڻو پوندو ۽ قديم هندستان جي تاريخ وري نئين سر تيار ڪرڻي پوندي. (15)

ڀيرومل اهو بہ قبول ٿو ڪري تہ : "يورپ وارن هندستان جون تاريخون غلط لکيون آهن ۽ هندو عالم بہ يورپي عالمن سان انهيءَ ڳالهہ

۾ شامل راءِ هئا. جو هندو آڳاٽن آرين مان آهن ۽ سپاويڪ طرح پنهنجي نسل جو فخر اٿن. (16)

ڊاڪٽر بلوچ نبي بخش خان به ٻاهرين محققن ۽ عالمن لاءِ ساڳي راءِ رکي ٿو. هو آثارِ قديمه تي ٿيل ٻاهرين عالمن جي تحقيق تي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

"آثارِ قديمه جا ماهر ٻاهريان صاحب هئا. جن کي مقامي حالتن جي پوري سُڌ ڪانه هئي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جا پنهنجا ماڻهو تحقيق نه ڪندا آهن، ته پوءِ ٻاهريان پنهنجا اندازا لڳائڻ شروع ڪندا آهن.......

انهيءَ سلسلي ۾ ڪن ٻاهرين لکندڙن ديانتداريءَ کان به ڪم نه ورتو آهي. (17)

موهن جي دڙي جي تهذيب جو بنياد جن ماڻهن وڌو، انهن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خيال آهي ته اهي الهندي ملڪن کان آيا، هو لکي ٿو:

"سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي الهندي وارن ملڪن مان آيا ۽ انهن سنڌو درياءَ جي الهندي ڪناري واري ايراضيءَ ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. سنڌن تمدن جي انتهائيءَ ترقيءَ موهن جي دڙي واري تهذيب جي صورت اختيار ڪئي." (18)

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ مسٽر هال-آر-ايچ (MR. HALL R. H) جو بيان نقل ڪندي لکيو آهي ته: "سميري ماڻهو، جن بعد ۾ بابل جي سامي تهذيب جو بنياد رکيو، واديءِ سنڌ مان هجرت ڪري عراق ڏانهن هليا ويا هئا (19) ميڪڊونال (MECDONALL) کي يقين آهي ته اهڙي حيرت ڪن ثقافت سميري تهذيب جي پيداوار آهي. (20)

وولي (WOLLEY) جو چوڻ آهي ته سميرين ۽ سنڌين اها ثقافت بلوچستان جي ڪنهن خطي مان حاصل ڪئي هوندي. (21)

پيرومل ڪافي بحث ڪرڻ کان بعد پنهنجو رايو ڏيندي لکي ٿو:

" سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سڀيتا جو پايو پاڻ وڌو هو ۽ ٻين تان نقل ڪونه ڪيو هئائون. (22)

مورلينڊ (MORELAND) پنهنجو قطعي رايو ظاهر ڪندي ٻڌائي ٿو: "موهن جي دڙي جا ماڻهو، جيڪي اڍائي هزار سال قبل مسيح ۾

اهڙي طرح شاندار زندگي بسر ڪري رهيا هئا. يقيناً اهي سنڌي هئا، جن جي ثقافت ۽ زبان انفرادي حيثيت جي مالڪ هئي. (23)

ول ڊيورانٽ (WILL DURANT) موهن جي دڙي جي ثقافت متعلق پنهنجو رايو ڏيندي لکيو آهي، ته اها ثقافت ڪنهن به ٻاهرين قوم جي ايجاد نه آهي، پر سنڌين جي ذهن جي پيداوار آهي، خاص ڪري مهرون، جيڪي بابل مان به هٿ آيون آهن. اهي سنڌين جون نهيل آهن. (24)

اسلام جي آمد کان اڳ، سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب جو دامن هڪ وسيع دور تائين پکڙيل آهي، جنهن جو پتو تاريخي حقائق، آثارِ قديم سنڌ جي سماجي قدرن، ريتن ۽ رسمن مان ملي ٿو.

سنڌ ۾ اسلام 711ع ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ آيو. مگر، ان کان اڳ ۾ هتي برهمڻ ازم، ٻڌ ڌرم به آيا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پنهنجا پنهنجا اثرات ڇڏيو ويا. انهن مذهبن جي اثرات کي جاچڻ کان اڳ، اهو ڏسڻ به لازمي آهي ته سنڌ وارن جو ڪو پنهنجو عقيدو ثقافتي سازو سامان به هيو؟ ۽ اهو مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي ميل جول کان پوءِ ڪيتري قدر متاثر ٿيو ۽ انهي قديم ورثي پنهنجي وجود جي انفرادي حيثيت ڪيتري قدر باقي قائم رکي؟

مادي لحاظ کان ڏسجي ته: موهن جي دڙي مان هٿ آيل ساز و سامان، جهڙوڪ: اٽڻ، ڪپهه ۽ ان مان تيار ٿيندڙ ڪپڙو، ڪڻڪ ۽ ان جي آباد ڪرڻ جو طريقو، ڪنير جو چڪ ۽ ان تي نهندڙ نڪر جا ٿانءَ ۽ انهن جي چٽ سالي، ذڪڻ- منهان گهر ۽ تن ۾ استعمال ٿيندڙ پڪيون سرون، ڳهه ڳنا ۽ انهن جو جڙاءُ ڪاٺ جا ٻيڙا ۽ بيل گاڏيون ۽ زندگيءَ جي سفر جو مڙوئي سازو سامان اڄ به سنڌ ۾ پنهنجي وجود جون شاهديون پيش ڪري رهيو آهي ته ڌارين ثقافتن انهن زندگي جي مادي شين ۾ ڪا به تبديلي ڪا نه ڪئي.

غير مادي ثقافت، جنهن جي دائري ڪار ۾ روحاني، ذهني ۽ نفسياتي لاڙا- جمالياتي ۽ جذباتي ڪيفيتون اوليت جون حامل آهن. جيڪڏهن انهن جو جائزو وٺنداسون ته اهي به مختلف ثقافتن ۽ مذهبن جي ميل جول جي باوجود، هنگامہ آرائيءَ جو شڪار ڪونہ ٿيون. البتہ اهو ضرور ٿيو تہ جن ڳالهين کي بهتر ذهني هم آهنگيءَ جي قابل ڄاتو

ويو، يا جن روحاني ۽ اخلاقي قدرن ۾ قدرتي طور جاذبيت ۽ موزونيت هئي. انهن جا نشان يقيناً سنڌ جي ثقافت ۾ نمايان نظر ايندا. ليڪن بنيادي طور قديم ورثي به پنهنجي وجود کي فنا ٿيڻ نه ڏنو، جو اڄ به سنڌين جي فطرت ۾ موجود آهي.

## موهن جي دڙي وارن جو مذهب:

آثار قديمه جي ماهرن موهن جي دڙي مان هٿ آيل مختلف مهرن تي اڪريل تصويرن ۽ ڪن ٻين اهڃاڻن مان اهو اندازو ڪيو آهي ته سنڌو ماٿر جا قديم رهاڪو، وڻن، جانورن، پاڻي ۽ ماتا ديويءَ جي بت جي پوڄا ڪندا هئا. ان لاءِ محمد ادريس صديقي لکي ٿو:

”دنيا جي ٻين تهذيب يافته قومن وانگر هنن جو به هڪ مذهب هو، اندازو ڪيو ويو آهي ته ماتا ديوي جون مورتيون جيڪي باهه ۾ پڪل مٽيءَ جون آهن ۽ هڪ اهڙي شڪل جنهن کي شو جو ”تڙ ڏاڏو“ چئي سگهجي ٿو. انهن ماڻهن جا ديوتائون هئا. جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. بت پرستي سان گڏ انهن ماڻهن جي عقيدي ۾ وڻن ۽ حيوانن جي پوڄا ۽ ٻيا عقيدا پڻ شامل هئا. (25)

هن راءِ کي ڏسنداسون ته اهوهڪ مفروضو معلوم ٿيندو، جيڪو موهن جي دڙي مان هٿ آيل مورتين، رانديڪن ۽ رگويد جي ڪجهه حصن جي مطالعي مان قائم ڪيو ويو آهي، چو ته بعض ماهرن جو خيال آهي ته: ”ويدڪ ڌرم ۾ ناڪرن جي مورتين يا بتن پوڄڻ جي ڳالهه آهي ئي ڪا نه“ (26) ان ڪان سواءِ ڪي ماهر ائين به چون ٿا ته: ”سنڌو ماٿر جي ڪنهن به وسنديءَ مان نه ته ڪوئي مندر مليو آهي نه ئي ڪو عبادت خانو“ (27)

بيشڪ دنيا جي مڙني قومن ۾ ”عبديت ۽ عبادت“ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ رائج رهيا آهن، پر چاڪاڻ ته بت جي پوڄا جي پس منظر ۾ بت تراشيءَ جو ذوق يقيناً غالب نظر ٿو اچي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اهو طريقهءِ عبادت واديءِ سنڌ جي حصي ۾ نٿو اچي سگهي. چاڪاڻ ته سنڌ جي واريا سن ۾ چوني جي پهاڙن مان صنم جي تراش ۽ بت جي بناوت تقريباً ناممڪن آهي. انهيءَ ڪري موهن جي دڙي جي بهترين تعميرات جو تراشيل پٿر جي بجاءِ مٽيءَ جون پڪل سرون نظر اچن ٿيون.

بتن کان علاوه، واديءَ سنڌ جي رهواسين لاءِ وڻن جي عبادت جو مفروضو به آهي، مگر ان لاءِ به ٿورو ويچار ڪبو ته وڻن جي عبادت جو مفهوم سنڌ جي تمدني تصور ۾ سمائجي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته موهن جي دڙي جي آثارن مان ثبوت ملي چڪو آهي ته اهي ماڻهو زراعت ۾ مهارت حاصل ڪري چڪا هئا. هو فصل پوکڻ ۽ لڻڻ، باغ رکڻ ۽ انهن جي ميون مان مزن ماڻڻ جا هيراڪ ٿي چڪا هئا ان ڪري زرعي لحاظ سان ته اهو قابل قبول آهي ته وڻن پوکڻ ۽ انهن جي حفاظت جو گهڻو خيال ڪندا هئا، پر وڻن کي هندستان جي ٻين قومن وانگر ديوتا جو روپ ونرائڻ ۽ انهن جي پوڄا ڪرڻ سنڌين لاءِ موزون نٿو لڳي. وڻن ۾ گهڻو دليل پپل جي وڻ جو ڏنل آهي. (28) سنڌ جي سموري ايراضي کي ڏسندا ته منجهس ڪنڊيءَ، ٻير ۽ ڪيڙ جا وڻ ته جام نظر ايندا، پر پپل جي وڻ کي ته جڻ هيءَ زمين قٻائڻ کان به انڪار ڪيو بيٺي آهي، ان کان سواءِ جيئن ٻين قومن ۽ مذهبن ۾ ڪنهن نه ڪنهن وڻ کي مذهبي حيثيت حاصل آهي ۽ جنهن جو تقدس هزارن سالن کان پوءِ به قائم رهيو آهي، مثال: هندن جو ”سوم“ ايرانين جو ”هوم“ ناردڪ قوم جو ”ايش يگ ڊرازل“ يهودين جو ”شجر الحيات“ مسلمانن جو ”طوبيٰ“ ۽ عيسائين ۾ ”ڪرسمس ٽري“ (29) اڄ به اهڙا اهڃاڻ آهن، جن مان پتو پوي ٿو ته اهي قومون وڻن جي پوڄا ڪنديون هيون، مگر انهن جي برعڪس سنڌو تهذيب ۾ اهڙو ڪو به نشان زنده ڪونهي، جنهن مان خبر پوي ته هو وڻن جي پوڄا ڪندا هئا.

جانورن جي پوڄا جو اهم دليل اهو ڏنو ويو آهي ته: ڪن جانورن جي اڳيان ڪاڏي جا ڪونر رکيل آهن. (30) جن ۾ جانورن کي ڪاڏو ڏنو ويندو هو. ڪاڏو اڄ به سنڌ ۾ جانورن کي ”ڪونرن“ ۾ ڏنو ٿو وڃي ۽ اهو جانورن جي بهترين پالنا جو نمونو آهي، جو زرعي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي ۽ ان کي پوڄا جو نالو ڏيڻ قياس کان ٻاهر ٿو نظر اچي.

ماهر اهو به قبول ٿا ڪن ته: ڪنهن شيءِ جي اهميت ۽ قدر ڪرڻ، ان جي پوڄا ڪرڻ جو اهڃاڻ نه آهي. ڪنهن جانور کي سدورو يا ندورو سمجهي سگهجي ٿو، پر لازمي نه آهي ته ان جي پوڄا به ڪئي وڃي! (31)

رگويد جي ابتدائي حصن ۾ لکت مان معلوم ٿيو آهي تہ دراوڙ ۽ آريا فطري شين جا پوڄاري هئا. سندن عبادت جو طريقو محض حمد و ثنا هيو، سندن خيال هيو "فطري قوتون روح جون حامل آهن" ان ڪري انهن ماڻهن فطري قوتن کي معبود بنايو. (32)

فطري قوتن مان جنهن قوت کي قديم سنڌين معبود جي حيثيت سان قبول ڪيو، اهو هيو پاڻي. (33) سنڌو درياهہ هزارن سالن کان هن خطي جي رهندڙن جي قسمت کي سنوارڻ ۽ بگاڙڻ جو هڪ اهم ذريعو پئي رهيو آهي، ان ڪري هتي جي ماڻهن جي فطرت ۾ اهڙي ڪا اهميت حاصل ڪري ويو، جو ان جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. ماهرن کي ڪن اهڙن نشانن مان معلوم ٿيو آهي تہ آڳاٽا سنڌي پاڻيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. (34) ان لاءِ محمد ادريس صديقي پڻ لکيو آهي تہ:

"هيءَ راءِ بي بنياد ٿي نٿي سگهي تہ سنڌو ماترجا ماڻهو پڪ ئي پڪ سنڌو درياهہ کي پوڄا جي لائق سمجهندا هئا." (35)

جنهن جا اهڃاڻ اڄ بہ سنڌي ثقافت ۾ موجود آهن. الله ڏنو، رب ڏنو ۽ قادر ڏنو وغيره اهڙا نالا آهن، جي اسلامي ثقافت جي اثر جي نمائندگي ڪن ٿا، پر دريا خان، درياهہ ڏنو، درياهہ خاتون وري اهي اهڃاڻ آهن، جيڪي قديم سنڌين جي پرم جي دلالت ڪن ٿا ۽ اهي نالا اڄ بہ سنڌين جي زندگيءَ ۾ موجود آهن. جن تي ڪو بہ اعتراض نٿو ڪيو وڃي ۽ اهي پويان نالا مسلمانن توڙي هندن ۾ يڪسان موجود آهن.

فطري شين ۾ پاڻيءَ کان علاوه ٻي شيءِ جيڪا قديم سنڌ جي ماڻهن وٽ قابل پرستش هئي، اها هئي "ڌرتي ماتا"، برصغير ۾ "ماتا" جو تصور قديم زماني کان هڪ بنيادي عقيدو رهيو آهي. (36) جنهن ڌرتي تي انسان رهي ٿو، اها ڌرتي هن جي حياتيءَ جي بقا لاءِ هڪ مهربان ماءُ وانگر ان ۽ جل ڏئي ٿي، تنهنڪري اوائل کان وٺي زمين جي پوڄا شروع ٿي ۽ پوءِ ان کي "ڌرتي ماتا"، "ماتا ديوي"، "مادر فطرت" وغيره جي نالن سان سڏيو ويو. (37) بعد ۾ اهو عقيدو ساري دنيا تي عالمي حيثيت حاصل ڪري ويو. (38)

موهن جي دڙي وارن "ماتا ديوي" جو بہ ڪو اهڙو خوبصورت بت ناهي، ان جي پوڄا ڪا نہ ڪئي البتہ آثارن مان هڪ نکر جي مورتي

لڌي وئي آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها مورتي ماتا ديويءَ جي آهي. (39) حالانڪ ٻين رانديڪن وانگر اهو رانديڪو به ٿي سگهي ٿو.

آرين مذهب:

موهن جي دڙي وارن مهذب ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڦهريان ڦهريان خلل وجهندڙ "آريا" چيا وڃن ٿا. محققن جو چوڻ آهي ته:

"آريا اڻ سڌريل ۽ وحشي هئا، پر جنگي جوڌا هئا. هنن جڏهن برصغير پاڪ تي حملو ڪيو، تڏهن هتان جا رهاڪو جي نهايت سڌريل سڀاجها ۽ امن پسند هئا، سي هنن جي حملي کي منهن ڏيئي نه سگهيا ۽ هٿيار اڇلائي ڇڏيائون. جنگ کان پوءِ جڏهن فاتح ۽ مفتوح ۾ ميلاپ شروع ٿيو، تڏهن جيتيل قوم جو بلند اخلاق ۽ انهن جي تهذيب آرين جي وحشتپڻي تي اثرانداز ٿيڻ لڳي. تان جو ٻئي قومون ملي هڪ ٿي ويون ۽ هنن جي سنجوڳ مان هندو ڌرم جو بنياد پيو، جنهن جا اڪثر عقيدا سنڌو ماٿر جي رهاڪن جي عقيدن سان ملن ٿا. (40)

هي سنجوڳ ته گهٽو بعد جو آهي پر جڏهن آريا برصغير ۾ داخل ٿيا ته پاڻ سان ڪي عقيدا به هنن آندا، جن ۾ "اگني" (باهه) ديوتا کي مڃڻ جو عقيدو اهم هيو، آريا سرد علائقن جا رهواسي هئا (41) انڪري باهه جهڙي قدرتي عنصر جي کين سخت ضرورت هئي. ان ئي باهه کي برقرار رکڻ سان سندن گهر گرم رهي سگهيا ٿي. باهه جا اڪثر آتش ڪده به انهن ئي سرد علائقن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.(42)

سنڌ هڪ گرم علائقو هيو. هتي باهه ڪاڏي تيار ڪرڻ لاءِ ته ڪارگر ٿي سگهي ٿي، پر پاڻيءَ وانگر زندگيءَ کي دوام بخشي نه پئي سگهي. ان ڪري اڄ به سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۾ "باهه لڳڻ" "باهه جو ساڙي وجڻ" "اهو هنڌ سڙي، جتي باهه ٻري" ۽ "هوڏانهن باهه، هوڏانهن پٽ ڪاڏي وڃجي!؟" اهي اهڙا اصطلاح آهن، جو چڱي مفهوم ۾ استعمال ڪو نه ٿيندا آهن. ان ڪري قديم سنڌين کي آرين جا ديوتائون ايترو متاثر ڪونه ڪري سگهيا جيترو هتي جي قديم رهواسين جي ديوتائن آرين کي متاثر ڪيو.

تحقيق مان پتو پوي ٿو ته وقت گذرڻ سان انهن وحشي آرين مقامي ماڻهن جي ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي. سندن عقيدا سنڌو ماٿر جي اعتقادن کان بلڪل الڳ هئا، پر پوءِ هن سر زمين تي گهڄ

صديون رهڻ ۽ آباد ٿيڻ کان پوءِ سنڌن عقيدن ۾ زبردست انقلاب آيو ۽ اهي "اندر" جا پوڄاري آخر "شو" جي پوڄا ڪرڻ لڳا. (43)

محققن جو رايو آهي تہ: "سنڌو ماتري جي اعتقادن ۽ روحاني تصورات هن برصغير کي اهڙو تہ ورثو ڏنو، جنهن جوغلبو اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هتي هن سر زمين تي موجود آهي. (44)

## حوالا


1.RAPSON E.J. "THE CAMBRIDGE HISTORY OF INDIA" VOL.1, CAMBRIDGE UNIVERSITY PRESS, LONDON, 1922, P-57

2. مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السنڌ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1985ع ص: 24.

3. مغل محمد رفيق- ڊاڪٽر "مقالو" "سنڌ ۾ تهذيب جي شروعات" "ماهنامہ نئين زندگي" پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ، فيبروري 1975ع، ص: 75.

4. WILL DURANT: "THE STORY OF CIVILIZATION" PART I. OP:

5. GILES P. THE CAMBRIDGE HISTORY OF INDIA" VOL:I EDT: BY: E.J RAPSON, OP:-P-72

6. IBID. P-72

7. ايم-رفيق مغل، ڊاڪٽر، "مقالو" "سنڌ ۾ تهذيب جي شروعات" ماهنامہ نئين زندگي، حوالو اڳ ۾ ڏنل. ص:75.

8. MORE LAND W.H "A SHORT HISTORY OF INDIA" ILONGMANS LONDON, 1936, P-10.

9. IBID. P-73

10. MONIER WILLIAMS: "TAKEN FROM, THE STORY OF CIVILIZATION."

11.IBID. P-397

13. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1980 ص: 211

14. ايضاً-ص: 211.
15. ايضاً-ص: 211.
16. آڏواڻي، پيرومل مهر چند، "قديم سنڌ" حوالو اڳ ۾ ڏنل. ص: 168.
17. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "مقالو" "ڀنڀور-ديبل جو اصل ماڳ" ڀنڀور نيشنل سئمينار 1983ع ۾ پڙهيل مقالن جو مجموعو، ايم-خان پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ. 1986ع ص:9.
18. بلوچ نبي بخش خان "ڊاڪٽر" "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ. 1980ع.

19. H.R HALL:``ANCIENT HISTORY OF THE NEAR EAST (1954), P-174.

20. MAEDONALL: A.A "INDIA PAST:" TAKEN FROM "HISTORY OF CIVILIZATION FOOT NOTE, P-395, BY WILL DURANT.

21. IBID. P-395.

22.آڏواڻي، پيرومل مهرچند: "قديم سنڌ" حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي ص: 111.

23. MORELAND W.H "A SHORT HISTORY OF INDIA: OP: CIT: P-10.

24. WILL DURANT, THE STORY OF "CIVILIZATION" PARTONE, OP: CITL

FOOT NOTE, P- 395

25. صديقي محمد ادريس: "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" (سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1979ع. ص 193.

26. MORE MULLER PROF: CHIPS FROM A GERMAN WORKSHOP, P-38.

27. پيرومل جي ڪتاب "قديم سنڌ" ص: 472 تان ورتل.
28. صديقي محمد ادريس "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" (سنڌي) حوالو اڳ ۾ ڏنل.

29. غلام رسول چوڌري: ”مذاهب عالم ڪا تقابلي مطالعہ“ (اردو) علمي تب خانہ لاهور، 1978ع ص: 60.
30. صديقي محمد ادريس: ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ حوالو اڳ ۾ ڏنل. 146.
31. ايضاً-147.
32. ايضاً-131.
33. غلام رسول چوڌري: ”مذاهب عالم ڪا تقابلي مطالع“ (اردو) حوالو ڏنل آهي: ص: 61.
34. مولائي شيدائي رحيمداد خان: ”تاريخ تمدن سنڌ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. 1959ع ص: 237.
35. صديقي محمد ادريس: ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ حوالو ڏنل آهي. ص: 151-152.
36. ايضاً.
37. ايضاً-135.
38. غلام رسول چوڌري ”مذاهب عالم ڪا تقابلي مطالعہ“ (اردو) حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي. ص: 59.
39. حوالو پهريون ص: 133.
40. صديقي محمد ادريس: ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ ’سنڌي‘ حوالو ڏنل آهي. ص: 132.
41. غلام رسول چوڌري، ”مذاهب عالم ڪا تقابلي مطالع“ (اردو) حوالوڏنل آهي. ص: 100 ۽ ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي: ”قديم سنڌ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص: 114.
42. غلام رسول چوڌري، ”مذاهب عالم ڪا تقابلي مطالع“ حوالو ڏنل. ص: 116.
43. صديقي محمد ادريس: ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“ (سنڌي) حوالو ڏنل. ص: 198 ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ”قديم سنڌ“ حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي. ص: 189.
44. ايضاً: 198.

غلام مصطفيٰ شر

# موهن جي دڙي ۾ عمارت سازي تي تحقيق ۽ تنقيدي جائزو

موهن جو دڙو جنهن کي اتان جا ڳوناٽا مُهون ڪري چوندا آهن ۽ سرڪاري طرح موئن جو دڙو ڪري لکيو ويندو آهي. هي سنڌو تهذيب جا عاليشان شهري زندگي جا پراڻا آثار، هن تهذيب جو هر لحاظ کان مکيه ۽ مرڪزي حصو آهن. جاگرافيائي طور پنجاب، سنڌ ۽ گجرات جي درياهي لٽ واري سرسبز شاداب ميدان جي مرڪز ۾، سنڌو درياهه جي ڪنڌي تي هي شهر ان وقت سڄي دنيا جي شهرن کان وڏو شهر ٿي ويو. سندس ثاني ڪو شهر اجا نه لڌو آهي. سنڌو تهذيب جو علائقو جنهن جي اتر ۾ هماليا جبلن جون اوچيون چوٽيون جيڪي سنڌو نديءَ کي پاڻي مهيا ٿيون ڪن، اولهه ۾ سليمان جبل ۽ کيرٿر جون قطارون جيڪي قدرتي معدنيات سان گڏ ڍال وانگر حفاظت به ڪن ٿيون. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جنهن تي ٻيڙن ذريعي ٻاهريون واپار ٿيو هوندو ۽ اوپر ۾ ٿر جو رڻ پٽ ۽ روهڙيءَ جون ٽڪريون آهن. هنن ٽڪرين جو، CHERT STONE چقمق پٿر، پٿر جي اوزارن ناهڻ جو ذريعو آهي ۽ وهندڙ نديون زراعت جي زندگيءَ لاءِ اهم ضرورت واپار ۽ سفر ڪرڻ لاءِ شاهراهه جي حيثيت ۾ رهيون آهن.

موهن جي دڙي کي ڏسڻ وڃبو ته باغيچي ۾ ميوزيم جي وڏي عمارت ۾ نوادرات رکيل ملندا، ته وري سائيٽ تي عاليشان عمارتن جو ڳتيل شهر ملندو، جنهن ۾ هتان جا ماڻهو ان ورثي جي مالڪيت تي ويساهه ئي نه ڪندا آهن، جنهن کي يورپ جي ڪوتائي ڪندڙ عالمن نيويارڪ ۽ سندس گهٽين کي لينڪشائر ۽ آڪسفورڊ اسٽريٽ سان تشبيهه ڏني آهي. لڳندو ته جاين جا صرف شهتير ڳري ويا آهن باقي بلند ديوارون، باٿ روم، زير زمين نيڪال لاءِ ناليون، ڪوهه عروج واري زندگي جي جهلڪ ڏيندا.

موهن جي دڙي جون عمارتون جيڪي پاڻ وڏي ANTIQIQITY آهي سي 5000 سال اڳ واري سماج جو تصور پيدا ڪن ٿيون. هتي سوال اٿي ٿو تہ ان وقت جي سماج پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا ادارن لاءِ عمارتن جا ڪهڙا ڪهڙا نمونا ناهيا، انهن عمارتن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ڪهڙو سماجي رول ادا ڪيو. موهن جي دڙي جي انتظام واپار ۽ ماڻهن جي ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ تنظيم کي سمجهڻ لاءِ عمارتن جي ڪارج جو تجزيو ڪرڻ کان سواءِ موهن جي دڙي جي زندگيءَ جي باري ۾ تصوير چٽي نہ ٿي سگهندي. ان ڏس ۾ 60 سال گذري وڃڻ باوجود تحقيق نہ ٿي سگهي، پر 1980ع کان پوءِ موهن جي دڙي بابت کوجنا جو لاڳاپيل دور شروع ٿيو آهي. پر ان راهہ ۾ اڃا کي دشواريون آهن جن سبب موهن جي دڙي ۽ ان سان لاڳاپيل آثارن جي تباهي ٿي رهي آهي. ان جو مختصر ذڪر ڪندس.

موهن جي دڙي کان واقفيت جو سلسلو موهن جي دڙي تي ملندڙ رپورٽ مطابق سنہ 12-1911ع ۾ ڊي آر ڀنڊڪار سپرٽنڊنٽ آرڪيالاجسٽ ويسٽ سرڪل، جيڪو ٻڌ جي مندرن جي ڳولا ۾ آيو، ڪيس اُهي آثار نہ ملڻ تي مايوسي ٿي. ان کان پوءِ 20_1919ع ۾ رکل داس بئنرجي آيو، جنهن 22 _1921ع ۾ موهن جي دڙي تي پهرين کوٽائي ڪرائي. 20 سيپٽمبر 1924ع ۾ السٽريٽڊ لنڊن نيوز ۾ گهٽو وساريل تهذيب تي پهرين روشني PP528،32 جي عنوان سان سر جان مارشل بندر جي ڊسڪوريءَ جو مغرب جي حساس دنيا ۾ انڪشاف ڪيو.ان کان پوءِ هر سال 1928ع تائين جان مارشل پنهنجي نگراني ۾ قابل ماڻهن جي سٽ سان کوٽائي ڪرائي 8 سالن جي عرصي ۾ موهن جي دڙي جي اوچاين وارن دڙن جي 21 ايراضين جي کوٽائي ڪرائي، جنهن نموني تحقيقي کوٽائي ٿيڻ کپندي هئي ان جي ابتڙ مورتين، مهرن ۽ ٻين وڏين شين جي ڳولا ۾، ٻيون ڪافي شيون باهر ڍير ڪرائي غلطي ڪئي. صرف چند نگرانن جي وس کان اها ڳالهہ باهر هئي تہ هو هر مزدور جي کوٽائي تي نظر رکي سگهن ۽ ثابتيون رڪارڊ ڪري سگهن. ثقافتي سمجهہ نہ هئڻ ڪري ڪيتريون ئي شيون کوٽائي ڪندڙ مزدورن لڪائي ڇڏيون.

سر جان مارشل جي پنهنجي لکت مطابق تہ ”1925-26ع واري کوٽائي دوران 1000 کان 1200 مزدور ڪم تي لڳايا“ اهڙي صورتحال ۾ غير سائنسي کوٽائي نتيجي ۾ آثارن کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيدا ڪئي. جان مارشل 1928ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ موهن جي دڙي جو ڪم بند ٿيو. مارشل کان پوءِ هارگريوز ڊائريڪٽر جنرل ٿيو ۽ ان کان پوءِ 1931ع ۾ راءِ بهادر ديا رام ساهني 1937ع تائين ڊائريڪٽر جنرل ٿيو، هن صاحب جي دور ۾ سنڌ آرڪيالاجي کي ڪافي نقصان ٿيا. موهن جي دڙي ۾ هڪ اهم سائيٽ منير ايريا جنهن جي 1000 چورس ميٽرن جي کوٽائي مان لڌل سامان جو ڪو نالو نشان ڪونهي ۽ غائب ٿيل آهي پر ان بابت 1930-34ع ARASI ۾ مختصر ذڪر ڪيل هيو، جنهن ۾ معذرت ڪيل هئي تہ K.N. PURI ڪسٽوڊين موهن جو دڙو ۽ 1933-34Q.M. MUNEER ع ۾ هن سائيٽ جي کوٽائي ڪئي، جيئن تہ بدقسمتي سان اتي ڪو بہ فوٽو گرافر ۽ ڊرافٽسمين سائيٽ تي ڪونهي تنهنڪري تصويرون يا خاڪا نہ ٺا ڏئي سگهجن. ان مان معلوم ٿيو تہ مارشل کان پوءِ موهن جي دڙي جي بي قائدي کوٽائي جي حد هئي. موهن جي دڙي بابت تحقيقات ڪرڻ لاءِ ان جي همعصر ۽ ويجهڙائي وارين سائيٽن جي لاڳاپيل کوجنا ضروري آهي، ساڳئي مٿين صاحب جي وقت ۾ اهم شهر چانهو دڙو جي کوٽائي ارنسٽ مئڪي 1935-36ع ۾ ڪئي ان جي بہ ٽڙ ٽڪڙ واري کوٽائي وڏي ايريا کي نهوڙي وڌو. ارنسٽ مئڪي پنهنجي EXCAVATION REPORT جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي، ”آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ سان طئي ٿيو تہ ڊوئرائيءَ جي خرچ کان بچڻ لاءِ شين جي ورهاست سائيٽ تي ڪئي ويندي. مارچ 1936ع ۾ DR.C.L FABRI موهن جي دڙي کان ۽ N. DIKSHIT ان جو ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل بہ آيو. دوستاڻي سهڪار سان شين جي ورهاست ٿي. ننڍين شين جهڙوڪ: مهرن ۽ مٽين کان سواءِ ڇئن ڏينهن ۾ پوري ٿي. اسان ٻن ڪمن ۾ هياسي. هڪ اُهي شيون پيڪ ڪيون سين جيڪي فائن آرٽس ميوزيم بوسٽن کي ڏنيون ويون هيون، جيڪي وايا ڪراچي آمريڪا وڃڻيون هيون ۽ ٻيون اهي ننڍيون شيون جيڪي دهليءَ ۾ ورهاست لاءِ ڪٽيون هيون.

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ سر مارٽيمر ويلر 50-1949ع ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي، جيڪا رپورٽ ڪن سببن جي ڪري مڪمل شايع ٿي نه سگهي ۽ ان جو ٿورو حصو شايع ٿيو آهي.

1981ع ۾ موهن جي دڙي جي ڇوڏاري، يونيسڪو جي چئنل جي کوٽائيءَ دوران ڪيترائي آثار مليا جن کي مڪمل رڪارڊ نه ڪيو ويو. 1985ع ۾ درياهه کي بچاءَ بند ناهڻ وقت اوڀر طرف اٽڪل اڌ ڪلوميٽر تي موهن جي دڙي جو حصو ظاهر ٿيو جنهن کي بلڊوزرن جي تباهي کان اڳ ڪنهن رڪارڊ نه ڪيو.

1987ع ۾ درياهه جي ڪنڌي تي اٽڪل 2 ڪلوميٽر موهن جي دڙي جي مکيه سائيٽ کان اوڀر طرف موهن جي دڙي جو حصو مليو، جيڪو پڻ مڪمل رڪارڊ ٿي نه سگهيو. بلڊوزرن جي کوٽائي کان پوءِ ان ۾ پٿرن جو بند تعمير ڪيو ويو.

موهن جي دڙي ۾ روزمره زندگي لاءِ اڪثريت اوزارن جي چقمق پٿر CHERT STONE مان ٺهيل آهن، جن جو جڳ مشهور ذخيرو روهڙي جي ٽڪرين ۾ آهي. هنن پهاڙن جو سلسلو اٽڪل 60 ڪلوميٽر اتر کان ڏکڻ ڏگهائي ۾ ۽ اٽڪل 10 ڪلوميٽر اوڀر اولهه جي ويڪر ۾ آهي. هنن پهاڙن تي اوائلي پٿر جي دور EARLY PALACOLITHIC جا اوزار جيڪي 20 لک سال پراڻا آهن، مليا آهن، ته وچولي ۽ نئين دور جي پٿر جي زماني جا اوزار به مليا آهن. انهن سان گڏ موهن جي دڙي لاءِ ٺاهيل اوزارن جا ڪارخانا به مليا آهن. موهن جي دڙي جي اپياس لاءِ انهن جو اپياس به ضروري ٿي پوي ٿو، پر اسان جي بي توجهي جي ڪري اهي رڪارڊ ٿيڻ کان اڳ اتي موجود ڪريشرن جي تباهي جو شڪار ٿي رهيا آهن ۽ ڪجهه بجريءَ جي روڙيءَ طور جاين ۽ ڏامر جي رستن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن.

انهن سڀني مسئلن جو حل ناممڪن ناهي. آثارن جو بچاءَ ڪيو وڃي ۽ کوٽائي جي اجازت تڏهن ڏني وڃي جڏهن کوٽائي ڪندڙ ٽيم ۾ سڀني سائنس جي شناخت جا ماهر موجود هجن ۽ کوٽائي کان پوءِ انهن آثارن جي محفوظ ڪرڻ جي ضمانت ملي سگهي.

موجوده ريسرچ 1980ع کان ڊاڪٽر مائيڪل جينسن DR. MICHAEL JANSEN جي اڳواڻي ۾ جرمن ريسرچ پراجيڪٽ ڪم شروع ڪيو. ان جو مقصد هيو تہ موهن جي دڙي کي مڪمل تباهيءَ کان اڳ رڪارڊ ڪجي. ڊاڪٽر مائيڪل موهن جي دڙي جي نئين سر سروي ڪري اڳوڻن نقشن ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪيا. جديد طريقي سان عمودي ۽ سطحي فوٽو گرافي ڪئي آهي. گهڻي وقت کان گم ٿيل کوٽائي بابت مواد کي هٿ ڪيو آهي ان کان پوءِ هن ڍاڪي ۾، اڳ ڪيل کوٽائي ڪندڙن جا فيلڊ بوڪ بہ ملي ويا آهن، جيڪي جرمنيءَ ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ ڪيا ويا آهن، جن مان H.A.AREA. ايچ آر ايريا جو هڪ واليوم شايع ڪيو ويو آهي. هن فيلڊ بوڪ ۾ 6214 نوادرات جي داخلا ٿيل آهي. ان ۾ فيلڊ بوڪ نمبر، کوٽائي جي تاريخ، لوڪيشن ليول ۽ مختصر شين جي وصف ڏنل آهن. اڳ ۾ ڪيل ريسرچ ۾ ڪل لڌل نوادرات جو 20 سيڪڙو شايع ٿيل هو، جنهن سان صحيح کوجنا ممڪن نہ هئي. آرڪيٽيڪچر جي مقصد کي سمجهڻ لاءِ ان ۾ ٽہ رخي 3 DIMENSION ماڊل جي مدد ورتي وئي آهي، جيڪو ڏنل چارٽ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ عمارتن جي عمودي ۽ سطحي واڌ ٻيو عمارتن جي اڏاوت ۽ ٽيون نوادرات جي ان ۾ ساڳئي نموني ورهاست، ان ماڊل ۾ نوادرات جي اپياس لاءِ طريقو جيڪو جريش ۽ توزيءَ منڊيڪاڪ ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ اليڪيسزينڊار، اوٽا فرينڪ ۽ مائيڪل بہ استعمال ڪيو آهي ڪارگر آهي، سو هيٺ ڏجي ٿو.

گذران جون شيون، ڪاٺ، ٻارڻ، ڪپڙا/لباس ۽ اجهو اوزار. جنهن ۾ پيداوار وقت بچيل ناڪاره مال، اوزار يا هٿيار، وڏا ٿانو/ڪونر، عمارتن جو سامان، رنگ، سانچا ۽ ڪچو مال.

انتظاميہ، مهرون، لڳل مهرون، ماپا، معاشي ڏيتي ليتي جي داخلا ۽ ضابطي جا اوزار. شان شوڪت، مورتيون، مجسما، مڻيا يا هار، چوڙيون، منڊيون، جڙاوت جو ڪم.

شيون جن جو سڌي طرح معاشي مقصد نہ هجي. مٿين اپياس ڪرڻ سان جاين اندر ٿيندڙ ڪمن مان رهائشي، صنعتي ۽ انتظامي ۽ مذهبي

جاين جا نمونا ملي ويندا، جنهن سان شهري رٿا ۽ سياسي، اقتصادي ۽ سياسي نظام کي سمجهڻ ۾ رهنمائي ملندي. مٿين طريقي جي کوجنا کي بهتر ڪرڻ لاءِ موجوده سنڌي سماج جي پروڙ سان سني ڪسوٽي جو ماڊل ٺاهي سگهبو.

1982ع کان مٿين ذڪر ريسرچ پراجيڪٽ سان گڏ اٽالين آرڪيالاجيڪل مشن جنهن ISMEO طرفان پروفيسر توزي جي اڳواڻي ۾ ڪم شروع ڪيو. هن ٽيم اڳ ۾ سائيٽ جي مٿاڇري جي ڇڪاس SURFACE ANALYSIS سان موهن جي دڙي جي شهر ۾ ڪمن ۽ پئداواري حصن کي ڳولي لڌو، جنهن سان ڪارخانن جي قسمن ۽ مزدورن جي ڪم جي ورڇ ۽ ڪمن جي نوعيت جو اندازو لڳايو آهي. ميگنوميٽر سان زير زمين ديوارن کي ڳوليو آهي، جن سان سرن جو پليٽ فارم استوپا کان سواءِ هيٺين شهر يعني H.R جي اوير ۾ لڌو آهي، جنهن سان عالم پناهه واري نظريي کي مختلف نموني پيش ڪيو آهي، يا رد ڪيو آهي.

بدر اٻڙو

# قديم سنڌو ماتريءَ جي ديومالا

قديم عراق ۾ سڀ کان پراڻيون مورتيون جرمو ۽ حلاف ۾ مليون آهن ۽ اهي زرعي ۽ مادي دور جون آهن. انهن مورتين جو اپريل پيٽ ۽ پيون جسماني نشانيون کين گرڀ وتيون ظاهر ڪن ٿيون. سماج جي ارتقا واري علم جا ماهر ثابت ڪري چڪا آهن ته زراعت جي دريافت عورت جو ڪارنامو آهي، تنهنڪري اوائلي انسان "تخليق" لاءِ عورت کي ذميوار سمجهيو ۽ چاڪاڻ ته عورت ٻار پيدا ڪري ٿي تنهنڪري تخليق جي ڪائناتي عمل سان هڪ جهڙائي محسوس ڪندي اهو نظريو قائم ڪيو ويو ته عورت مرد کان وڌيڪ تخليق جي عمل بابت ڄاڻ رکي ٿي. جيمس فريزر، سندس ڪتاب ۾ آمريڪا جي "نيڪو" قبيلي جو ذڪر ڪندي ان نظرئي جي تصديق ڪئي آهي. هو چوي ٿو ته جڏهن هڪ پادري قبائلين کي اهو چوڻ چاهيو ته عورتن کان سخت اس ۾ زرعي ڪم وٺڻ ۽ انهن کي مردن طرفان مدد نه ملڻ ظلم آهي ته قبائلين کيس چيو ته، توهان اها ڳالهه نٿا سمجهو، چو ته عورتون ٻار پيدا ڪنديون آهن ۽ مرد ٻار پيدا نه ڪندا آهن، جڏهن عورتون ٻج پوکين ٿيون ته ٻيٽي ۽ نيٽي پيدائش ٿئي ٿي. توهان ٻڌايو ته ايئن چو آهي؟ ان ڪري جو عورت ٻار ڄڻڻ ڄاڻي ٿي. نيٺ به عورت کي پيدائش متعلق مرد کان وڌيڪ ڄاڻ آهي.

دراصل ڌرتي ماتا جون مورتيون انساني سماج ۾ مادري دور ۽ ابتدائي زرعي دور ۾ ايجاد ٿيون. مادري نظام تي پدري نظام ان وقت غالب ٿيو آهي جڏهن هَرُ ايجاد ٿيو ۽ زرعي دنيا ۾ انقلاب اچي ويو. هَرَ جي ايجاد سان زراعت جي شعبي تي مرد قابض ٿيو چاڪاڻ ته هر کيڙڻ لاءِ گهربل جسماني سگهه عورت وٽ نه هئي ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته مادري سماج ۾ عورت گهريلو معاملن کان زرعي پيداواري معاملن تائين اڳواڻي ڪندڙ هئي. جن مان پوئين شعبي جي اڳواڻي هر جي ايجاد کان پوءِ کسجي وئي. سر جان مارشل لکي ٿو مهن جي دڙي جو کوتائي مان لڌل مورتيون عراق، شام، فلسطين ۽ پين

علائقن مان ليجنڊ مورتين جهڙيون آهن. هو چوي ٿو ته ديوي ماتا جي پوڄا سڄي الهندي ايشيا ۾ دور دور تائين عام جام هئي ۽ سنڌوتهذيب جي مختلف آبادين ۽ بستين مان ٺڪر جا نهيل بلڪل اگهاڙي عورت جا جيڪي ننڍا مجسما لڌا ويا آهن سي شايد ان ئي ديوي جي نمائندگي ڪن ٿا. پر هن خيال لاءِ ڪو به سبب ڪونهي ته اهو مذهب الهندي طرف کان سنڌ ۾ درآمد ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته اهو ذري گهٽ سڄي هندستان جي اڻ سڌريل قومن ۾ اڄ تائين عام آهي. تنهنڪري ان کي ئي مقامي سمجهڻ گهرجي. ان جي برعڪس اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي ته "باهر" جي مٿانهين پٽن کان هتي وارد ٿيل نئين قوم هتان جي ميدانن ۾ اصل رهندڙ قديم قوم جي وچ ۾ سندس پهرين ٽڪراءَ کان گهڻو اڳ ۾ سندن مشترڪ پوڄا جي اها هڪ شيءِ موجود هئي (سنڌو تهذيب، ان جو اسرڻ ۽ ڦهلجڻ_لئمبرڪ).

مين دي فالن ايپ MAN THE FALLEN APE جي ليکڪ برانڪو بوڪن سنڌو ماتري جي تهذيب بابت پنهنجو خيال ظاهر ڪندي چيو آهي ته جڏهن هڙپه تهذيب پنهنجي عروج تي پهتي تڏهن (1700ق.م) اهو سن درست نه آهي. حقيقي دور 2300 ق.م کان 1800 ق.م تائين سمجهيو وڃي ٿو زندگي جو وهنوار عظيم ديوي جي هٿ ۾ هو. ڇاڪاڻ ته فقط مادري نظام واري سماج ۾ ئي ان حد تائين ڪم هلي سگهيو ٿي. فريزر ۽ سبط حسن ان جا قائل نظر اچن ٿا ته اهي مورتيون پوڄيون نه وينديون هيون پر انهن جو استعمال زرعي اپت وڌائڻ لاءِ سانن ۾ ٿي ٿيو. سبط، نڪوبار ٻيٽن جي ماڻهن جي اعتقاد جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن موجب جيڪڏهن ڪا ڳرڀ وتي ٻني ۾ ٻج پوکي ته فصل تمام پلو ٿيندو آهي. هڪ ٻئي مثال ۾ ڏکڻ اٽلي ۾ ساڳيو عقيدو ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته قديم يونان ۾ وهم پرست ماڻهو اناج ۽ زمين جي ديوي جي ڳرڀ وتي جي قرباني ڏيندا هئا. سبط حسن "مرڪنديه پوراڻ" ۾ پيداوار جي ديوي جا ٻول ڏنا آهن. جن ۾ هوءَ چوي ٿي ته "ان کان پوءِ اي ديوتا آئون سڄي جڳ کي زندگي ڏيندڙ ڀاڄيون ڏيندس. اهي ڀاڄيون تيز برسات ۾ منهنجي جسم مان ڦٽنديون ۽ مان زمين تي ساوڪ پيدا ڪندڙ سڏبيس." هي اهو ساڳيو تصور آهي، جيڪو ساڍا چار هزار سال اڳ

واري سنڌ ماتري جي ”ٻن مهرن“ تي اڪريل آهي، جنهن ۾ هڪ عورت ڪي مٿي پير ڏيڪاريو ويو آهي ۽ هن جي ٻنهي ٽنگن جي وچ مان ٻوٽو ڦٽي رهيو آهي. هڪ مهر تي هڪ مرد ۽ عورت جي تصوير آهي، جنهن ۾ مرد جي هٿ ۾ ڏاٽي جي شڪل وارو چاقو آهي ۽ عورت مرد کان زندگي جي امان پئي گهري. محققن ان تصور مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته عورت کي ڌرتي ماتا جي اڳيان قربان ڪيو پيو وڃي.

موهن جي دڙي واري تهذيب مان لڌل مهرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري سنڌوماتري جي تهذيب جا ڪي مکيہ جزا لهي سگهجن ٿا. جيڪڏهن لڌل مهرن تي تفصيلي نظر وجهبي ته صاف نظر ايندو ته انهن ۾ گهڻائي انهن مهرن جي آهي جن تي جانور يا وڻ اڪريل آهن. جانورن ۾ ڏاند سڀني کان واضع آهي، جيڪو سنڌ ۾ زراعت لاءِ انسان جو ٻانهہ ٻيلي آهي ۽ اهو ئي موهن جي دڙي جي ديوي توڙي ديوتا جي تاج ۾ مکيہ جاءِ والاري ٿو. لڌل مهرن ۾ نظر ايندڙ ديوي ۽ ديوتا جي مٿي مان ڏاند جهڙا سڱ نڪتل ڏيکاريل آهن. ڏڳو، سڄي دنيا ۾، خاص ڪري سنڌ ۾ زراعت سان لاڳاپيل جانور آهي. جيڪو هر ڪيڙڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ڏڳو شو مهاديو جي سواري بہ آهي. پاڪستان آرڪيالاجيٰ کاتي جي مسٽر عبدالعزيز فاروق سنڌس ليڪچر (DEVELOPMENT OF INDIAN CIVILIZATION ITS RELATIONSHIP WITH BRAHMANICAL CONCEPTS)

(8 مئي 1990ع ڪراچي نيشنل ميوزم) ڏڳي، شو ۽ مهن جي دڙي بابت تفصيلي بحث ۾ چيو آهي ته اڄ بہ شو جي مندرن ۾ ڏڳي جي پوڄا عام آهي ۽ ڏڳي جي اهميت زرعي ديوتا جهڙي آهي، جنهن جي مجسمن کي مندرن ۾ هار وڌا وڃن ٿا. سندس چوڻ آهي ته شو جي علامت ”لنگم“ هر سان مشابهت رکندڙ آهي، جڏهن ته لفظ ”لنگم“ سنسڪرت جي لنگولا LANGULA مان ورتل آهي. جن مان مهيشوارا، چندر سيڪرا، متن جاوا، سري ڪنتا ۽ ٻيا انيڪ نالا سندس زراعتي نالا آهن. هن پنهنجي ليڪچر ۾ ”وڻ پوڄا“ جو ذڪر ڪيو جيڪا اڄا تائين بنگال ۾ عام آهي. هن ديويءَ جي پوڄا لاءِ بهار جي مند واري وقت ڏانهن بہ ڌيان ڇڪايو، جيڪا اصل ۾ زراعت لاءِ مناسب

ڪيڙڻ گهڙي آهي. انهي ليڪچر مان ڪن تفصلين جو ذڪر هن پنهنجي مضمون NOTE ON EXAMUKHA "A STONE LINGA" ۾ بہ ڪيو آهي، جيڪو جرنل آف سينٽرل ايشيا واليوم XI نمبر 2 ڊسمبر 1977ع ۾ ڇپيو آهي.

هوڏانهن مئن جي دڙي وارن مهرن ۾ ڪي خيالي جانور بہ ڏيکاريل آهن، جيڪي يقيني طور تي مذهبي جاءِ والارين تا. عام جانورن ۾ سانُ، ڍڳو، هاٿي، شينهن، واڳون ۽ ٻڪر نظر اچن ٿا. جڏهن تہ هڪ خيالي جانور جي نراڙ مان هڪ سڱ ڦٽل آهي. ساڳيو هڪ سڱو جانور هڪ وڏيڪ سهڻي مهر تي نظر اچي ٿو. ان مهر ۾ گهيٽي جي سڱن وانگر وريل سڱن جون نوڪون اهڙي طرح ڏيکاريل آهن جو ٻنهي سڱن تي جدا جدا هڪ سڱو جانور نظر اچي ٿو. هڪ مهر ۾ اهڙو جانور ڏيکاريل آهي. جنهن کي ڏاند جهڙا سڱ، هاٿي جهڙي سونڊ، اوڳاريندڙ جانور جهڙا کُرَ ۽ جسم تي شينهن جهڙا پٽا آهن. هڪ مهر تي اهڙي ڍڳي جهڙو جانور آهي جنهن کي ٽي منڍيون آهن، جن مان هڪ منڍيءَ تي جابلو ٻڪر وانگر سڱ آهن، ٻي منڍيءَ جا سڱ اڳتي وريل آهن، جڏهن تہ ٽين منڍيءَ جا سڱ ڏاند جهڙا آهن. هڪ مهر ۾ بہ شينهن وڙهندي نظر پيا اچن جن مان هڪ ٻئي کي ڪيرائي وڌو آهي. هڪ مهر ۾ هڪ اهڙو خيالي جانور آهي، جنهن جو اڳيون ڌڙ انسان جهڙو ۽ پويون شينهن جهڙو آهي. اهڙي شبيهہ هندو ديو مالا ۾ نراسنگها جي آهي، جيڪو وشنوءَ جو اوتار هو.

مختلف مهرن ۾ فصل جي ديويءَ کي ٻڪر جي ڀيٽا ڏيندي ڏيکاريو ويوآهي. بہ اهڙيون مهرون بہ لڌيون ويو آهن جن کي "دي روٽس آف اينشنٽ انڊيا" جو ليڪڪ والٽر فيئر سروس ديوتا جهڙا سگهہ رکندڙ يا جانور جي روح کي ظاهر ڪندڙ چوي ٿو. انهن ۾ وچونءَ يا ڪنهن جيت کي مرڪزي حيثيت آهي. انهن مان هڪ مُهر شينهن، هاٿي، مينهن ۽ گينڊو وچونءَ جي ٻنهي پاسن کان ڏيکاريل آهن.

ڪي اهڙيون مُهرون بہ آهن جن مان قرباني جي رسمن جو پتو پوي ٿو. هڪ مهر ۾ هڪ ٻوٽو ڏيکاريل آهي. جنهن ۾ فصل جي ديوي بيٺل آهي. ٻانهن ۾ ٻانهيون ۽ مٿي تي ڏاند جي سڱن وارو ڇٽ اٿس، ٻوٽي

آڏو هڪ پوڄاري يا پوڄارڻ گوڏن پر جهڪيل آهي ۽ لڳي ٿو تہ اها ديويءَ کي قربانيءَ لاءِ آندل ٻڪر (جيڪو پوڄارڻ جي پويان بيٺل آهي) آڇي پئي، پوڄارڻ/پوڄاريءَ کي پڻ ديوي جهڙو چٽ پاتل آهي، ان منظر آڏو هڪ مهر ۾ ست ۽ ٻئي ۾ ڇهہ عورتون بيٺل آهن. (هڪ مهر ۾ عورتن کي چوٽيون بہ ڪيل آهن) ۽ اهي جانور آڇڻ واري رسم ڏسي رهيون آهن. ساڳي طرح گم ٿيل درياهہ سرسوتيءَ جي ڪناري ڪالي بينگن KALIBANGAN ماڳ مان لڌل ڪيڪ جهڙي هڪ نڪر تي ٻڪر جي قربانيءَ جو نقش اُڪريل آهي.

هڪ ٻي مهر ۾ هڪ وڻ، ڍڳي جي روپ ۾ ديوي ۽ هڪ شينهن اهڙي طرح ڏيکاريل آهن جنهن مان لڳي ٿو تہ اها ديوي (ڍڳي جهڙن) سڱن سان شينهن تي حملو ڪري رهي آهي ۽ شينهن مخالف رخ ۾ ڊنل حالت ۾ پيو وڃي، شينهن جو چهرو پوئتي، ديوي ڏانهن مڙيل آهي ۽ اڳيان پير هوا ۾ آهن. ديوي جي پويان بيٺل وڻ جون بہ ٽاريون ڪٽل آهن. جڏهن تہ شينهن جي مٿي سان بہ ٽاريون سڱن وانگر نظر اچن ٿيون جنهن مان اهو خيال ذهن ۾ ايري ٿو تہ وڻن ۾ واسو ڪيل بدي جي قوت وڻ کي نقصان پهچايو آهي ۽ ديوي ان کي مارڻ چاهي ٿي. هڪ ٻي مهر ۾ ساڳي ديوي فاتحاني انداز ۾ هڪ هٿ مٿي کڻي بيٺي آهي ٻنهي مهرن ۾ نظر ايندڙ هينيون ڏڙ ڏاند جهڙو آهي، جڏهن تہ مٿي تي سڱ بہ اٿس هڪ ٽين مهر ۾ هڪ طاقتور ڪردار (عورت يا مرد) ٻن شينهن کي نڙگهٽ مان جهلي بيٺو آهي ۽ ٻئي شينهن بيوس پيا ڏسجن. والٽر فيئر سروس ذڪر ڪيل پهرين ٻن مهرن ۾ نظر ايندڙ عورت (ديوي) کي خول پاتل سمجهي ٿو جڏهن تہ ٽئين تصوير کي ميسوپوٽيما مان ظاهر ٿيل هڪ ڪردار گلگميش سان هڪ جهڙائي رکندڙ طاقتور ماڻهو جهڙو سمجهي ٿو. هڪ مهر ۾ بيلي جهڙو ماحول آهي. مهر جي کاٻي پاسي ديويءَ واري وڻ جهڙو نشان چٽيل آهي ان جي پر ۾ هڪ شينهن آهي، جيڪو پوئتي مڙي ٻن سڱهارن ماڻهن وچ ۾ ٿيندڙ تڪرار (؟) ڏسي رهيو آهي. ٻنهي ماڻهن وڻ پاڙئون پٽي ڪلهن تي کنيا آهن ۽ الر واري انداز ۾ آهن. ٻنهي جي وچ ۾ ديوي بيٺل آهي ۽ ڪين وڙهڻ کان منع (؟)

پئي ڪري. مهر تي وچ ۾ هڪ وڻ آهي جيڪو ٻيلي جو ماحول پيدا پيو ڪري.

مهرن تي ملندڙ ڌرتي ماتا کان سواءِ ٻي اهم مرداني مورتي کي جان مارشل ” شو“ سان مشابهت رکندڙ قرار ڏئي ٿو. هن ديوتا کي لاڙي ڏٻي جهڙا سڱ آهن مٿي تي مهن جي دڙي مان لڌل ماتا جي نڪرائين مورتيءَ ۾ ڏيڪاريل چٽ جهڙو چٽ اٿس ۽ ٻنهي ٻانهن ۾ مڪمل ٻانهيون اٿس. اهڙي طرح ان راءِ کي هٿي ملي ٿي ته آرين جي آمد کان اڳ شو، جنهن ديوي جو همعصر آهي. اها ڌرتي ماتا آهي، جنهن جو وجود مهن جي دڙي ۾ به هو ۽ جيڪا هنگلاج ۾ به آهي.

مهن جي دڙي مان لڌل مهر تي ڇپيل هيءَ ديوتا هڪ ٽلهي تي پلٿي هڻي وينل آهي. ويهڻ جو سڄو انداز يوگ آسڻ وارو آهي. شو کي مهاتپا ۽ مها يوگي به چيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ ماهرن جي اها راءِ به آهي ته يوگ آرين کان اڳ جو تصور آهي جنهن سان اندر اجرو ٿئي ٿو. مهن جي دڙي واري پوڄاري جو مجسمو پڻ غور ۽ فڪر جي علامت آهي. هن ديوتا جي چوڌاري ڪيترائي جانور نظر اچن ٿا. جنهن مان ديوتا جي ”جانورن جو ديوتا“ هجڻ جو امڪان اُڀري ٿو، شو جو هڪ لقب ”پسو پتي“ آهي. جنهن جي معنيٰ جانورن جو پالڻهار آهي، مهر تي شينهن سانهه، گينڊو، هرڻ ۽ هاٿي ڏسي سگهجن ٿا. جڏهن ته جانورن سان گڏ انساني شبيهه ڪيس آرين کان اڳ چوپاين تي قدرت رکندڙ ديوتا ثابت ڪري ٿي، ”قرون وسطيٰ ۾ هندوستاني تهذيب“ نالي ڪتاب ۾ هيراچند اوجها سندس ليڪچر ”مذهب ۽ معاشرت“ واري باب ۾ چٽن اکرن ۾ لکي ٿو ته ”شو فرقي جا ماڻهو مهاديو کي عالم جو خالق، رازق ۽ هلاڪ ڪندڙ سمجهن ٿا. يوگ،اپياس ۽ رک ملڻ کي ضرور سمجهن ٿا ۽ نجات جا قائل آهن. ساڳئي باب ۾ اوجها ٻڌائي ٿو ته، شو جي پوڄارين جا ڇهه نشان آهن. مالا، زيور، ڪنڊل، رتن، رک ۽ جٽيو. مهن جي دڙي مان لڌل مهر تي شو جي تصوير مان اسان کي انهن مان اڪثر نشانيون نظر اچن ٿيون. جڏهن ته محترم تاج صحرائيءَ سندس ڪتاب ”سنڌو تهذيب“ ۾ ڪوٽڏيجي جي کوٽائي مان لڌل چٽن واري هڪ چاڏي تي چٽيل ”سڱن واري ديوي“ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪا خوشحالي جي خواهش کي

ظاهر ڪري ٿي ۽ ڏڌ واري چاڏي مان وڌيڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ خوشحالي واري "ديوي ماءُ" جي وجود کي پڌرو ڪري ٿي.

شو ۽ پاروتي جي زرخيزي سان منسوب هئڻ جو هڪ مثال جيمس فريزر "دي گولڊن بو" ۾ وڻن جي روح کي مارڻ واري باب ۾ ڄاڻايو آهي ته هندستان جي ڪانگڙا ضلعي ۾ چيٽ جي منڊ (مارچ — اپريل) ۾ هڪ رسم ملهائي ويندي آهي. جنهن کي "رالي ڪا ميلہ" سڏيو ويندو آهي. رالي شو يا پاروتيءَ جو مٽي مان ٺهيل ۽ چٽيل هڪ مجسمو هوندو آهي ۽ ڇوڪريون ان جا سنوڻ ادا ڪنديون آهن اها تقريب سڄو مهينو هلندي آهي، ان رسم ۾ واضع طور تي شو ۽ پاروتي کي زرخيزي جو ديوتا ۽ ديوي سمجهيو وڃي ٿو، جو سندن مجسمن کي سائي گاهہ، پنن ۽ ٽارين تي ويهاريو وڃي ٿو. ساڳي وقت هن رسم جو مقصد ڇوڪرين لاءِ مرضي موجب مڙس ڳولڻ بہ هوندو آهي. ڦڳڻ (مارچ- بهار) جي مهيني ۾ "شو راتڙي" وارو تهوار زرخيزي سان شو جي نسبت جو ٻيو مثال آهي جڏهن خاص شِو جي پوڄا ٿئي ٿي.

مهاشو راتڙي ڏڻ تي شِوِ جي پنهنجي مورتي جي پوڄا ڪئي ويندي آهي ۽ ان ڏينهن تي پوڄا کي وڌيڪ اتم سمجهيو ويندو آهي. خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان ڏينهن شوَ جي مورتي آڏو پنجا مرت يعني ڏڌ، کير، مکڻ، ماکي، کنڊ سان گڏ تلڪ، چانور، گل، ڏوب، ڏيئا، موسم جا ميوا، عطر عنبير وغيره پوڄا جا خاص سامان هوندا آهن.

"پسوپتي" ۽ ڌرتي ماتا" جا اهي تصور اڄ بہ ڪجهہ مختلف صورتن ۾ برقرار آهن. قديم مصر جي نظرئي واري عنوان هيٺ چيو ويو آهي تہ جڏهن ٻن تهذيبن وچ ۾ رابطو قائم ٿيو، تڏهن جيڪڏهن رضا ڪاراڻو الحاق ٿيو تہ ديوي يا ديوتا جي اهميت ۽ فضيلت برقرار پئي رهي پر جنگ جي صورت ۾ هارائڻ کان پوءِ هڪ قوم جا شيطان پئي بڻيا. ساڳيو مثال قديم سنڌ ۾ ديوتائن ۽ اسرن جي جنگ کان پوءِ جو آهي، جنهن ۾ هندن وٽ "ديو" خدا آهن پر پارسين وٽ شيطان ٿيا، جڏهن تہ اسر، هندن وٽ شيطان ۽ پارسين وٽ اهو مزد ٿيو. پر ڌرتي ماتا سان اهڙي صورتحال پيش نہ آئي ۽ هر قوم ۽ قبيلو جيڪو هنگلاج واري

قبرستان ۾ سڀ ڪان مڪيہ قبر تي نانگ ۽ لنگم اچ تائين رکيل آهن، جيڪي شو جا خاص نشان آهن.

والٽر فيئر سروس سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب بابت چوي ٿو تہ ”ان تهذيب مان ماڻهو جي ڄمر ڪان موت تائين جا نشان ڳولي سگهجن ٿا. جن ۾ لنگم وارو اهڃاڻ هڙپہ مان لڌل ڳرپ وتي چتسالي واري غير معمولي مهر جنهن تي ٻوٽي جو ڄمڻ ڏيکاريل آهي. هڙپہ مان ئي هڪ مٽ مان لڌل لنگم، عورتن ۽ ڏاندن جون شبيهون زرخيزي جي ديوي کي جانورن ۽ انسانن جي قرباني، ٻيهر جنم واري متي ڏانهن سختي سان خيال اپارين ٿيون. پختگي واري دور ۾ گڏيل عبادت، پروهت سرشتو، عمارتن جا محلاتي ڍانچا، نقابن جو استعمال، سڱن وارا متي جا خول، مورتين واراعنصر جهڙوڪ: ماڻهو شينهن يا ماڻهو ٻڪر واريون تشبيهون، وڻ واري ديوي، گلگميش جو خاڪو، مهرن تي چتسالي ٿيل ۽ سينگاريل جانور، ٿلهي تي وينل ماڻهو، جنهن آڏو ماڻهو گوڏا کوڙيل حالت ۾ آهن وغيره ڳتيل ڏند ڪٿائن، ANIMIN جشن ۽ مختلف سگهن سان تعلق رکندڙ آهن. فيئر سروس، تهذيب جي قدامت بابت چوي ٿو تہ ”تهذيب جي شروعاتي دورہ تدفين پراڻي نيوليٿڪ طرح سان نظر اچي ٿي چو تہ ايچ.آر.اي واري علائقي جي گهر ۾ اندر هڪ قبر ملي آهي. لاش ڪابي پاسي ليٽايل هو ۽ منهن اوپر ڏانهن ليٽايل هئس، هو چوي ٿو تہ هڙپہ تهذيب جو ڦهلاءُ اپکنڊ جي اولهہ وارن پاسن ڏانهن تڪڙو زوردار ۽ سڌو هو. تهذيب پنهنجي حقيقي جاگرافيائي حدن ڪان گهڻو ٻاهر تائين پکڙي، ان جو ڦهلاءُ مکيہ شاهراهن تي هو جن ۾ مڪران وارو ڪنارو، بولان لڪ ۽ ڊڪي شامل آهن. انهن علائقن تي هن تهذيب جا پنهنجا خاص اثر ڇڏيا ۽ مقامي ثقافتن سان گڏجي سڏجي وئي. اهو ميلاپ مستحڪم دائري ۾ ٿيو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ اها صورتحال ٿوري وقت لاءِ رهي. هوڏانهن سر ايم ويلر چوي ٿو تہ: ”سنڌو تهذيب ڪنهن ٻي جاتل پري ڪلاسيڪل تهذيب ڪان وڌيڪ وڏي علائقي تي پکڙيل هئي.“

# موهن جي دڙي جي ٻولي

اسڪوپارپولا

# سنڌو لکيت جو اڀياس

اڄ کان پوءِ هڪ سو سال اڳ، 1875ع ۾، سر اليگزانڊر ڪننگهام ”هڙپا“ مان لڌل هڪ ”عجيب و غريب چيز“ جي باري ۾ مضمون شايع ڪيو. اها چيز دراصل سنڌو تهذيب جي اولين مهر هئي. جا پنجاب جي آثار قديمه هڙپا مان هٿ ڪئي، جتي ڪننگهام 1953ع ۽ 1856ع ۾ ويل هو. هن پنهنجي مضمون ۾ ڄاڻايو ته ”ڪتبو ڇهن مختلف نوعيت وارن اکرن ۾ اڪريل آهي. جن جي مون کي ڪا ڄاڻ نه آهي، پر هي خاطري سان چئي ٿو سگهجي ته اهي ڪنهن به هندستاني ٻوليءَ جا اکر نه آهن، ڇاڪاڻ ته جنهن ڍڳي جي تصوير اکرن سان گڏ اڪريل آهي، ان جو ڪلهو اڀريل نه آهي. ان ڪري آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اها مهر هندستان سان نه، بلڪ ڪنهن ٻئي غير ملڪ سان تعلق رکي ٿي.“ ٻن سالن پڄاڻان، 1877ع ۾، هن پنهنجي اڳ ڄاڻايل خيال تي نظر ثاني ڪئي ۽ سردست مهر تي اڪريل اکرن جي پڙهڻي پڻ پيش ڪئي، جا سندس راءِ مطابق ”لا.ڇ.م.يا“ هئي. ان سلسلي ۾ هيءَ راءِ قائم ڪيائين ته مهر جي لکٽيءَ جو تعلق اهڙي ڪنهن قديم هندستاني ٻوليءَ سان هو، جا اڄڪلهه مروج نه آهي ۽ ان زماني سان واسطو رکندڙ هئي، جيڪو ”ٻڌ“ جي لڳ ڀڳ هو. سن 1884ع ڌاري هڪڙي ٻي مهر پڻ ڳولي ڪڍي ويئي. جنهن تي ساڳي نوعيت جا پنج اکر اڪريل هئا، ليڪن اکرن سان گڏ ڪنهن به ڍڳي جي شڪل اڪريل نه هئي. مذڪوره مهر، جي هاروي (J.HARVEY) طرفان هڙپا مان دريافت ڪئي ويئي ۽ ان بنسبت هڪ مضمون، ايم لانگورٿ (M.LONGWORTH) طرفان سن 1886ع ۾ شايع ڪيو ويو هو. هن صاحب 1912ع ڌاري ساڳي نوعيت واري ٽين مهر پڻ هڙپا مان دريافت ڪئي، جيڪا هن برطانوي عجائب گهر (BRITISH MUSEUM) کي تحفي طور ڏني، جتي اڳ جون لڌل مهرون پڻ محفوظ ٿيل آهن، انهن ٽنهي مهرن جا تفصيل ۽ عڪس

ساڳئي سال 1912ع ۾ مسٽر جي ايف فليٽ (J.F.FLEET) طرفان شايع ڪرايا ويا هئا.

ليڪن هڙپا جي کنڊرن جي باقاعدي کوٽائيءَ جو سلسلو، سر جان مارشل (SIR JOHAN MARSHAL) جي اصرار تي ديارام ساهنيءَ طرفان 1921ع ڌاري شروع ڪيو ويو. ابتدائي آزمائشي کوٽائي ۾ ئي ڪيتريون مهرون، نيون دريافت ڪيون ويون، جنهن مان اهو صاف ظاهر هو تہ اهي مهرون ڪنهن اهڙي نئين تهذيب سان تعلق رکندڙ هيون، جيڪا ”موريا“ گهراڻي واري زماني کي گهٽ ۾ گهٽ پنجين صدي اڳ جي ٿي ويئي، حالانڪ موريا گهراڻي واري دور کي هندستان جي تاريخ ۾ نهايت ئي پراڻوءِ قديم تصور ڪيو ٿي ويو.

اهو بہ هڪ عجيب اتفاق هو جو ساڳئي وقت، سن 1922ع ڌاري، راءِ بهادر بئنرجي، سنڌ ۾ ”موهن جي دڙي“ جي کوٽائي شروع ڪئي، آثار قديمہ جي هن پراڻي کنڊر جي جاچ تہ ڪافي ايامن کان هئي، ليڪن سمجهيو ائين ٿي ويو تہ هن دڙي جو تعلق عيسوي سن جي شروعاتي دور سان آهي، ڇاڪاڻ تہ دڙي جا ڪنگرا، جيڪي ڏير متان ظاهر آهن، سي گوتم ٻڌ جي نل ۽ ٻڌ عبادت گاهہ جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ عمارت سازي ۾ جيڪي سرون ڪتب آنديون ويون هيون، سي انهن سرن کان گهٽو مختلف نہ هيون، جي ويجهڙائي واري دور جي دڙن مان مليون هيون.

کوٽائيءَ دوران بئنرجي کي ڪجهہ تعداد ۾ مهرون مليون. هن يڪدم سڃاتو تہ اهي هڙپا مان دريافت ڪيل مهرن واري نوعيت جون هيون. اهڙي کوجنا بعد سن 1931ع ۽ 1934ع ڌاري ”هڙپا“ ۽ ”موهن جي دڙي“ جي وڏي پئماني تي کوٽائي شروع ڪرائي ويئي. کوٽائيءَ دوران جيڪا معلومات حاصل ڪئي ويئي، تنهن کي جامع صورت ۾ 1931ع، 1938ع ۽ 1940ع ۾ ستن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. انهن مضمونن ۾ تقريباً اڍائي هزار مهرن جا تفصيل، عڪس ۽ مختلف نپن تي اڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي مختلف اکر اڪريل هئا، تن جو ذڪر ڪيو ويو.

حقيقت هي آهي تہ انهن مهرن قديمہ سنڌو تهذيب جي کوجنا ۾ هڪ اهم ۽ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي.

حالانڪہ کوٽائي ۽ کوجنا ذريعي هن وقت تائين آثار قديمہ جي اڍائي سؤ کن ڪنڊرن جو جائزو ورتو ويو آهي. تڏهن بہ موهن جي دڙي ۽ هڙپا کان گهٽتا ننڍا فقط ٽي شهر اهڙا مليا آهن، جن ۾ مهرن ۽ ٻين ڪتبن جو مناسب انداز هو. انهن مان هڪ "چنهون جو دڙو" آهي، جو مسٽر ارنيسٽ مئڪي سن 1935-36ع ۾ کوٽايو هو ۽ کوٽائي جي رپورٽ 1943ع ۾ شايع ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ اهو بہ ڄاڻايو ويو هو تہ اسي (80) کن ڪتبا ملي سگهيا آهن. ٻيو "لوٿل جو ڪنڊر" جيڪو گجرات ۾ آهي، تنهن جي کوٽائي ايس. آر. راءِ سن 1954-61ع ۾ ڪئي هئي. کوٽائيءَ جي نتيجي ۾ ٻين چيزن سان گڏ هن 81 کن مهرون پڻ ڳولي لڌيون. جن جي هڪ پاسي تي (سٽ جي) نڙاندين ۽ ڏاڳي جا نشان، ۽ 12 اهڙيون مهرون جن جي پنئين طرف هڪجهڙي قسم جا نقش اڪريل هئا. اهي سڀ نادر چيزون هڪ سڙيل گدام جي ڍير مان دريافت ڪيون ويون. هن وقت تائين سرسري طور سنڌ کن ڪتبن متعلق اڌو گابريون رپورٽون لکيون ويون آهن. آخري مڪمل رپورٽ ۽ ڪجهہ ڪتبن جي اشاعت اڃا رهيل آهي، ان رپورٽ جو تعلق انهن کوٽاين سان آهي، جيڪا بي. بي. لال ۽ بي. ڪي.ٿپر، طرفان راجستان جي "ڪالي بنگن" ايراضيءَ ۾ ڪيون ويون هيون. ان هنڌ تي 145 اهڙا ڪتبن وارا ٺپا پڻ مطالعي جي لحاظ کان رکيا ويا آهن.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي شهرن جي ڪنڊرن مان اٽڪل بہ سؤ کن مهرون مليون آهن. انهن جو تعداد سنڌو تهذيب جي جملي ڳولي لڌل مهرن ۽ ڪتبن جو سٽ سيڪڙو آهي، ان کان سواءِ پندرنهن کن ٻين ننڍڙين ايراضين مان، جن جو تعلق هڙپا تهذيب سان آهي. 34 کن ڪتبا مليا آهن، جيڪي جملي تعداد جو هڪ سيڪڙو مس آهن. ازانسواءِ ڪيترا ٻيا اهڙا ڪنڊر پڻ ڏٺا ويا آهن، جيڪي نوان هئڻ سان گڏ وڏي رقبي تي پکڙيل آهن، جن جي کوٽائي پڻ قدري شروع ڪئي ويئي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ اڳاٽين مهرن ۽ ڪتبن جو هن وقت تائين جيڪو تعداد گڏ

ڪيو ويو آهي. تنهن ۾ رفتي رفتي اضافي ٿيڻ جو ڪافي امڪان آهي. خاص ڪري "موهن جو دڙو" هن ڏس ۾ انتهائي زرخيز ثابت ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته دڙي جي وڏين ايراضين کي بلڪل هٿ نه لاتو ويو آهي. سنه 1954ع ۾ جارج ڊيل طرفان جيڪا هڪ مختصر ۽ معمولي کوٽائي ڪئي ويئي هئي، ان جي نتيجي ۾ پڻ 22 ڪن ڪتبا برآمد ٿيا هئا، جن متعلق رپورٽ هاڻي زير طبع آهي.

آثار قديمه جي وقت بوقت رپورٽن ۽ رسالن ۾ جيڪي فوٽو گراف شايع ڪيا ويا آهن انهن کان علاوه فقط هڪ ڪتاب موجود آهي، جنهن ۾ اصلي عبارتون شامل آهن. اهو ڪتاب 1929ع ۾ لکيو ويو آهي، جڏهن جي. آر هنٽر طرفان سنڌس عالمانه مقالو مڪمل ڪيو ويو، جيڪو "هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي ٻولي ۽ سنڌس ٻين ٻولين جي لپين سان تعلق" جي نالي سان مشهور آهي. هن ڪتاب ۾، جيڪو پنج سال پوءِ 1934ع ۾ ڇپايو ويو، هنٽر پنهنجا دستخط، جي هن موقعي تي دڙي ۽ هڙپا جي ميوزيم ۾ مارچ ۽ اپريل 1927ع دوران ڪيا هئا، تن جا نقل پڻ شايع ٿيل آهن. ان وقت تائين فقط 800 ڪن ڪتبا ڳولي لڌا ويا هئا.

سن 1964ع ۾ جڏهن مون ۽ منهنجي دوستن، سنڌوءَ جي ڪتبن جو مطالعو شروع ڪيو، تڏهن اسان کي اهو پورو احساس ٿيو ته هن ڏس ۾ اها اسان جي ابتدائي ڪوشش ٿيندي ته جو ڪجهه مواد في الحال موجود آهي، اهو هڪ هنڌ گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏنو وڃي ته جيئن اڳتي هلي هڪ قابل اعتبار فهرست جو ڪم ڏئي سگهي. هن ڪم جي پورائي ۾ ڪافي رنڊڪون حائل آهن. انهن ۾ هڪ رڪاوٽ هي آهي ته صحيح ۽ درست پڙهڻيءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ، جن شايع ٿيل فوٽن جي ضرورت آهي، اهي اڪثر اڻپورا آهن يا وري ڪٽل آهن.

اهڙي صورتحال هئڻ ڪري اسين انهي لاءِ مجبور ٿياسون ته اسان وٽ جيڪي لکتون موجود آهن، تن کي انهن اصلي دستاويزن سان ڀيٽي خاطري ڪريون، جيڪي هندستان خواه پاڪستان جي عجائب گهرن ۾ رکيل هئا. اختياريءَ وارن جي اجازت سان مون هندستان ۽ پاڪستان جي انهن جملي دستاويزن کي نظر مان ڪڍيو، جن جي مون کي ڄاڻ ۽

سڃاڻ هئي. اهو قدم نهايت سودمند ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته نه فقط بي يقينيءَ واري ڪيفيت ختم ٿي، پر اٽڪل پنج سؤ کن اهڙا دستاويز جيڪي هيل تائين گمناميءَ ۾ هئا، سي نڪري نروار ٿيا. انهن مان اڪثريت اهڙن دستاويزن جي هئي، جي موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي نگران عملدارن طرفان ڪيل محدود کوٽاين ۾ دريافت ڪيا ويا هئا، ۽ جن متعلق آثار قديمه جي ”سروي آف انڊيا“ وارين سالياني رپورٽن ۾ مختصر خبر چار پڻ شايع ڪئي ويئي هئي. مون کي قوي اميد آهي ته آءٌ هاڻ انهن هڪ هزار کن دستاويزن جو آسانيءَ سان مطالعو ڪري ٿو سگهان، جن بنسبت 1971ع ڌاري فقط اهڙي به معلومات ڪا نه هئي ته اهي دستاويز ڪٿي موجود آهن. اهڙين سهولتن جي ميسر هئڻ ڪري هاڻي اهڙي تفصيلي فهرست تيار ڪري سگهجي ٿي، جا جلد شايع ڪئي ويندي. اهڙي فهرست ۾ دستخطي خواهه ڪمپيوٽر جون ترتيب ڏنل ڪاپيون پڻ شامل ڪيون وينديون. هيءَ تجويز پڻ خيال ۾ رکي ويئي آهي ته اهڙي ڪتاب ۾ ڪجهه وقت بعد اهڙا فوٽو شامل ڪيا ويندا جي سموري مواد جا نئين سر ورتل هجن. رٿيل ڪتاب ”يونيسڪو“ (UNESCO) جي زير سرپرستي شايع ڪيو ويندو. هن وقت تائين مون انهن چاليهارو کن دستاويزن جو ذڪر نه ڪيو آهي، جي سنڌو جي تهذيب سان نسبت رکن ٿا، جيڪي مشرق قريب کان مليل آهن. انهن مان ڪجهه دستاويز ته سنڌو تهذيب جي انهيءَ کوجنا کان ڪافي اڳ دريافت ڪيا ويا هئا، جڏهن سر جان مارشل سڀ کان پهرين اهڙو اعلان 20 سيپٽمبر 1924ع تي لنڊن جي مشهور اخبار ”السٽريٽيڊ ويڪلي“ ۾ ڪيو هو. انهن شين جي سڃاڻپ وقت ئي اهو محسوس ڪيو ٿي ويو ته سنڌن ميسوپوٽيميا جي تهذيب سان ڪو واسطو نه هو، ڇاڪاڻ ته اهي شيون زمين جي مٿاڇري واري سطح مان لڌيون ويون هيون. مثال طور سنڌو جي هڪ مهر، جا ڪش (KISH) مان ارنيسٽ مئڪي کوٽي ڪڍي هئي، تنهن ذريعي سنڌو سڀيتا جي اوج واري زماني متعلق نهايت اهم خبر چار مهيا ٿي سگهي. جنهن جي بنياد تي ۽ ٻين اهم ڪسوٽين جي مد نظر هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي ته اهو زمانو 2500-1800 سال قبل مسيح جو آهي. ياد رهي ته اهو ارنيسٽ مئڪي ساڳيو ئي آثار قديمه جو

ماهر آهي جنهن بعد ۾ موهن جي دڙي ۽ چنهون جي دڙي ۾ کوٽايون ڪرايون هيون.

هڪ مضمون جيڪو سموپارپولا، رابرٽ. ايچ. برونسوگ جونيئر ۽ مون ترتيب ڏنو آهي، ۽ ترت شايع ڪيو ويندو، تنهن ۾ اسان هي دستاويزي ثبوت پيش ڪيو آهي ته لاگاس ۾ ڪافي ايامن کان يعني 21 صدي ق.م ذاري ميلوها جي هڪ ڪالوني آباد هئي. ان کان علاوه اهڙي دستاويز ۾ اسان کي ميلوها جي رهاڪن جا شخصي نالا پڻ ڏسجڻ ۾ اچن ٿا، حالانڪ اهي سميرين جا نالا هئڻ ڪري اسان جي نراسائي جو سبب بڻجن ٿا، ليڪن ساڳئي وقت اهو مسئلو دلچسپيءَ کان به خالي نه آهي، ڇاڪاڻ ته ان مان هي ثابت ٿئي ٿو ته اهي ميلوها جا باشندا سمير ۾ ايتري طويل عرصي کان رهائش اختيار ڪندا رهيا هئا، جو سندن رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب پڻ سمير جي رهاڪن جهڙي ٿي ويل هئي. انهي صورتحال جي مدنظر اهو هڪ لازمي امر هو ته سندن طرفان سميرن جون ٻيون مقامي روايتون پڻ نقل ڪيون وڃن. مثلاً اهڙين مهرن جو استعمال جيڪي ويلڻ يا نڙاندي جي شڪل جيان هيون. جيڪڏهن مشرق قريب ۽ هڙپا ٻنهي جي جملي دستاويز مواد جي باريڪ بينيءَ سان مڪمل ڇڪاس ڪئي ويندي ته اهي سميرن جا نالا هن خيال تي جي. آر. هنٽر جي انهيءَ عالمانہ راءِ جنهن جو اظهار سندس طرفان 1932ع ۾ ڪيو ويو هئو. پنيرائي ڪن ٿا ته "مشرق قريب هڙپا جا نقش حالانڪ سنڌو لکت ۾ اڪريل آهن، تڏهن به هڪ ٻئي کان ايتريقدر مختلف آهن جو محسوس ايئن ٿو ٿئي ته ڄڻ جدا جدا ٻولين ۾ لکيل آهن. مثال طور سنڌو لکيت جو هڪ تصويري نشان جيڪو چوڏهن سئو (1400) دفعا استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ٻين اکرن جي مقابلي ۾ جلي هٿ آيل نشانن جي ڏهہ سيڪڙي برابر آهي، اهو اُر (UR) ۾ تلاش ڪيل مهرن ۾ فقط هڪ گول مهر ڏنو ويو آهي، جو پنهنجي همشڪل سان گڏ اڪريل آهي، گول مهر تي اهڙي لاثاني نقش جا نمونا مشرق قريب جي اهڙن هم چورس مهرن جي پيٺ ۾ عجيب محسوس ٿين ٿا، جن تي سنڌو ماتريءَ جا بلڪل عام ۽ معمولي نمونا چٽيل آهن. علاوه ان جي انهيءَ مهر جي نقش جي ٻولي سميرن ڏسجڻ ۾ اچي ٿي. انهيءَ ڪري تي سگهي ٿو ته

اهي ڳول مهرون اڳتي هلي شايد سنڌو لکيت جي ڳجهارت حل ڪرڻ ۾ وڏي آزمائش جو باعث ثابت ٿين.

”هيءَ معلومات ملڻ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي تہ ”ڪتبي“ جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا آهي.“ اهو سوال مسٽر لانگ ورٿ ڊيمس طرفان هڙپا وارين مهرن جي سلسلي ۾ 1886ع ڌاري اٿاريو ويو هو. انهن ڪتبن جي ٻولي سمجهڻ لاءِ هن وقت تائين جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، تن جو فقط ذڪر ڪرڻ ئي نهايت طويل ٿيندو، يا وري اهو سمجهائڻ تہ سنڌوءَ واري لکت براهمي يا ايسٽر جزيره واري لکت سان ڪهڙي سبب لاڳاپو نہ ٿي رکي، جيئن ڪن ماهرن جو خيال آهي، مون کي دراصل پاڻ کي هڪ محدود انتخاب تائين پابند رکڻو آهي. هن ڏس ۾ جا تازي تبديلي يا نئين صورتحال پيدا ٿي آهي، سا هيءَ آهي تہ 1974ع ۾ شام جي آثار قديمہ جي ماهر جي.وي. ڪنيئر طرفان هڪ مطالعي کي ڪتاب صورت ۾ شايع ڪيو ويو جنهن کي ”انڊو سميرين“ چيو وڃي ٿو. هن سنڌو لکيت جي مختصر ليکن سان شروعات ڪئي جيڪي ”الف“ جيان اڀا لکيا ٿي ويا ۽ جن ليکن کي الان، ايس. سي. راس 1938ع ۾ انگن جي حيثيت سان سڃاتو ٿي. ڪنيئر ولسن جو رايو هي آهي تہ سنڌو لکيت جا ڪي نمونا وڏي انداز جي انگن سمان ڪتب آندا ويا آهن، سي بطور ڪيترين شين جي ماپ جي. هن لکت سمجهڻ جو طريقو هي آهي تہ سنڌو لکيت جي نشانن کي ساڳي شڪل جي سميرين نشانن سان ڀيٽيو وڃي ۽ سنڌو لکيت جي مضمون وارن انگن جي ساڳي نوعيت واري سميرين معيشيت وارن مضمونن سان ڀيٽ ڪئي وڃي، جن ۾ انگ پڻ شامل آهن، بنيادي عنصر هي آهي تہ ٻئي لکتون ڪنهن قديمي زماني ۾ هڪ ئي جڙ مان ڦٽي نڪتل آهن، انهيءَ ڪري اصليت ٻنهي لکيتن ۾ هڪجهڙائي موجود ۽ محفوظ ٿيل آهي. انهن لفظن جي آواز تي مبني اچار سميرين وارا ڏنا ويا آهن.

جيستائين عنوان جو تعلق آهي تہ مسٽر ڪنيئر انهيءَ پراڻي بحث کي دهرايو ٿي، جو جان مارشل جي 1924ع واري اعلان بعد شروع ٿيو هو. هڪ هفتي بعد لنڊن جي ”السٽريٽيڊ ويڪلي“ ۾ مسٽر اي. ايچ. سائس جو هڪ مختصر خط شايع ٿيو، جنهن ۾ سنڌوءَ جي مهرن ۽ نڪر

جي ٽانون کي ايلامائيٽ جي نپن سان ۽ سوسا ۾ جيڪو ڪاشيءَ جو سامان تلاش ڪيل هو، تنهن سان ڀيٽيو ويو هو، ۽ ان لاءِ دليل هي ٿي پيش ڪيو ويو ته ٻئي عملي طور هڪجهڙا هئا. ان کان هڪ هفتي بعد ساڳئي هفت روزه ۾ مسٽر سي. جي. گلڊ ۽ سڊني سمٿ طرفان هڪ مضمون شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ هنن سنڌو ميسوپوٽيميا جي تهذيب جي ڪيترن پهلوئن درميان ڀيٽ ڪئي هئي، جنهن ۾ سنڌو ۽ سميرين شڪليون پڻ ڄاڻايون هيون، جن کي هنن بطور ”ڳوڙهي رشتي واري“ ثبوت جي پيش ٿي ڪيو. بمشڪل هڪ سال بعد ۾ يعني 1925ع ۾، مسٽر ايل. اي. وئڊل طرفان 146 صفحن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڇاپيو ويو، جنهن جو ٽائيٽل هو”هند ۽ سميرين مهرن جي لکيت جو راز فاش“ ۽ ان کان بعد ننڍي سرخي هيءَ هئي ته ”سنڌو ماتريءَ جي سميرين جي بطور فونيڪن، براتس، ڳوٺ ۽ مشهور ويدن جي زماني وارا آريا، جيڪي 3100-2300 ق.م هئا، جي کوجنا“ اها سرخي ان ڪتاب جي مضمون ۽ مواد جي ڪافي سڃاڻپ هئي، ۽ ڪتاب جي نامعلوم ٿيڻ جوصحيح سبب هو. ليڪن توڙي جو ڪنيئر ولسن جو ڪتاب ان کان علحده سطح تي آهي، تڏهن به سندس بنيادي نظريي جو قابل قبول هئڻ مشڪل آهي. حالانڪ جان مارشل 1926ع ۾ سنڌو تهذيب لاءِ انڊو سيمرين جو حوالو استعمال ڪيو هو. ليڪن هن ان ۾ هڪ شرط به شامل ڪيو هو ته اهڙو اصطلاح هن ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو ته جيئن ”فقط سنڌوءَ جي قبل از تاريخ تهذيب ۽ سمير جي قديمي تاريخ درميان جيڪي گهاٽا ثقافتي تعلقات هئا، تن کي عيان ڪيو وڃي ۽ نه هن مقصد لاءِ ته انهن ٻنهي تهذيبن جا ماڻهو هڪ ئي نسل جا هئا يا وري ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هئا.“

هن اهو صاف طور تي ظاهر ڪيو هو ته جيڪا ڀيٽ ڪيل هئي، ان کي انهيءَ ثبوت طور ڪڏهن به تسليم ڪري نه ٿو سگهجي ته سنڌو تهذيب جا ابا ڏاڏا سميرين هئا يا وري، ان جي ابتڙ، سميرين تهذيب سنڌوءَ واري تهذيب کان جنم ورتو. 1931ع ڌاري مارشل، انڊو-سميرين جو نالو هميشه جي لاءِ ترڪ ڪري ڇڏيو. موجوده وقت جا آثار قديمه جا ماهر پڻ انهيءَ راءِ جا آهن. ان کان علاوه گذريل زمانن دوران اهو چئيءَ

طرح تي واضح ٿي چڪو آهي تہ سنڌو تهذيب انهن قديمي سنڌو تهذيبن جي هڪ شاخ جي عروج جي نمائندگي ڪري ٿي. جي پاڻ ۾ گهٽيل هيون، پر مقامي طور تفاوت رکندڙ هيون ۽ تقريباً ساڳي ايراضي ۾ آباد هيون. ليڪن 3000 هزار سال کان 2500 سال ق.م دور ۾ اهي ثقافتي رجحان ڪئلڪولٿڪ تهذيب جي اوپر واري اپريل شاخ جي نمائندگي ڪن ٿا، جي ترڪستان جي ڏکڻ ۾ نمودار ٿيا هئا ۽ سندن شروعات قديمي ميسولٿڪ ۽ نيولٿڪ روايتن ذريعي ٿي هئي، ليڪن اهي اولهہ ايران ميسوپوٽيميا جي اثرات کان البت آزاد هئا، حالانڪ انهيءَ طرح ڪين اهم ثقافتي تاثر ميسر ٿي سگهيا ٿي.

ترڪستان جي زرخيز تهذيب واري اضافي حصي گيوڪيسر، سيستان، ڏکڻ اوپر افغانستان، اتر بلوچستان ۽ سنڌو ماٿري ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي پر نندي پئماني تي، جيڪا روز بروز وڌندي ٿي رهي. آثار قديمہ جا هڪجهڙا مثال ۽ ريڊيو ڪاربان سائنسي طريقي جيڪي تاريخون ملن ٿيون، اهي صاف ثابت ڪن ٿيون تہ ٽين صديءَ جي شروعات ۾ چوٿين صديءَ جي آخر ڌاري (ق.م) انهن ٻنهي ايراضين درميان سيستان، جيڪو ان ثقافتي دائري ۾ ڏکڻ اولهہ واري سرحد هئي ۽ ڏکڻ ايران، جو ايلان ۽ ميسوپوٽيميا واري ثقافتي اثر جي قربت ۾ هو، ٻنهي ملڪن درميان لاڳاپي هئڻ جو ڪو ثبوت موجود نہ آهي، سنہ 3000 ۽ 3500 ق. م درمياني حالتن ۾ ڦيرو آيو ۽ وسيع سنڌو علائقو ترڪستان کان ثقافتي طور علحده ٿي ويو ۽ سندس ثقافتي تعلقات ڏکڻ اولهہ ۽ ميسوپوٽيميا ڏانهن بدلجي ويا. آثارقديمہ جي اها صورتحال، جيڪا جارج ايف. ڊيل هڪ مضمون ذريعي 1972ع ڌاري شايع ڪئي، اهو ڪنيئر ولسن جي مقالي خلاف واحد دليل نہ آهي. مون قريب مشرقي سنڌوءَ جي مهرن واري ثبوت جو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪيو آهي ۽ هن راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ هڙپا جي ٻولي سميرين زبان کان بلڪل مختلف آهي. ليڪن ان کان وڌيڪ اهم هي اعتراض آهي تہ جيڪي سنڌوءَ جا ڪتبا ڪنيئر ولسن استعمال ڪيا هئا، انهن پٿر جي نهيل مهرن مٿان نقش ٿيل آهن جن لاءِ هي گمان غالب ٿئي ٿو تہ انهن تي انفرادي طور

ماڻهن جا عهدا يا نالا يا ادارن جا نالا اڪريل آهن ۽ انهيءَ سبب جي ڪري سمير وارن اقتصادي لڪتن سان پيٽي نہ تا سگهجن، جي مٽيءَ جي ٺپن تي لکيل آهن. ان ڪان سواءِ سميرين ۽ سنڌوءَ واري اکري شڪلين ۾ برابري ۽ هڪجهڙايون بلڪل ٿوريون ۽ مبهم آهن ۽ اهي اهڙيون خاطريءَ جهڙيون نہ آهن جو ڪين ۽ ”عام بنياد هئڻ“ جي ثبوت طور قابل اعتبار سمجهيو وڃي. خاص طرح جڏهن منجهن جيڪو فرق آهي، ان کي ويچار ۾ آندو وڃي تہ جيڪڏهن سنڌو لکيت ڪنهن ٻيءَ لکيت سان واسطو رکندڙ آهي تہ پوءِ گهٽي قدر اصلي يا اوائلي ايلامائيٽ جي تصديق ٿئي ٿي، جو ٺپي يحيٰ تائين اوپر ۾ پکڙيل آهي، جنهن سان قديم سنڌو تهذيب لاڳاپي ۾ پئي رهي آهي، جنهن جو ثبوت اهي ٻاهران آيل گلدان آهن، جي موهن جي دڙي جي اوائلي تلاش مان دستياب ٿيا هئا. ليڪن ڏسجڻ ۾ هي ٿو اچي تہ سنڌو لکيت گهٽي ياڳي آزاد تخليق آهي. جيتري قدر اصلي اکري شڪلين جو تعلق آهي، ان لکيت جي قبل از تاريخ واري حيثيت جو مسئلو تڏهن حل ٿي سگهندو جڏهن موهن جي دڙي واري هيٺين سطح جيڪا هاڻي زير زمين پاڻيءَ جي سطح برابر آهي، تنهن جي کوٽائي ڪئي ويندي، تنهن هوندي بہ سنڌوءَ واري لکيت جي اصليت تي ڪافي روشني وجهي سگهجي ٿي. جيڪڏهن قديم سنڌو تهذيب واري دور جي تهن کي کوٽيو وڃي جنهن متعلق محمد رفيق مغل جي قول مطابق ڪافي مواد اڳ ۾ ئي تيار ڪيل آهي ۽ شايع ٿيڻ وارو آهي.

جيڪڏهن سميرين وارو حل قابل قبول نہ آهي تہ ڇا ان ڪان بهتر ٻيو ڪو وسيلو آهي؟ 1968ع ڌاري بہ سنڌوءَ لکٽي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون هيون. اهي ٻين ماهرن ۽ سر مارٽيمر ويلر جي نقطء نظر موجب ناڪامياب ۽ بيڪار هيون. ”بقول مسٽر ويلر جي هن وقت اسين فقط ان سلسلي ۾ ڪي ٺلها اصول ئي تجويز ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان انهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکيو، مثلاً لکيت ۾ لفظن جو رخ وغيره.“ ان ڪان اڳ 1930ع ڌاري هنٽر ڳاڍ ۽ سمٿ طرفان ڪافي خيالن جو اظهار ڪيو هو، جن مطابق هي خاطري ضرور ٿي تہ

سنڌو لکڻي عام طور سچي کان کاٻي طرف لکي ويندي هئي. 1961ع ۾ ان حقيقت جي ثابتي بي.بي.لار طرفان ڏني ويئي، جنهن سڀ کان پهرين نڪر جي انهن ٻن ٿانون متعلق اعلان ڪيو، جن مٿان سينگار ۽ سهڻائي وارو رنگ روپ موجود آهي ۽ اهي ٿانو ”ڪالي بنگن“ جي کوٽائي ذريعي تازا هٿ آيل هئا. اهي ۽ بعد ۾ لڌل هڪ ٽيون نمونو پڻ مليو، جنهن ۾ باهه ڏيئي پچائڻ کان اڳ ۾ آلي مٽيءَ تي رهڙون ڏنل هيون، انهيءَ ڪري سنڌوءَ جي نشانن مٿان سندن عڪس اڇي چڪو هو، ازانسواءِ انهن نشانين مان لکڻ جو رخ صاف پئي بکيو، ليڪن جيستائين مڪمل پڙهڻي جي مسئلي متعلق بلڪل ناميدي آهي، جنهن جو اظهار مسٽر جانيسس فريڊرڪ طرفان 1966ع ۾ ڪيو ويو، جو قديم لکيتن پڙهڻ ۾ وڏو ماهر آهي، سندس خيال مطابق سنڌو لکيت سمجهه ۾ اچڻ ناممڪن آهي، جيستائين ان سلسلي ۾ ڪو نئون مواد مهيا نه ٿو ٿئي، هڪ ته ڪي به ڪتبا ٻن زبانن ۾ لکيل نه آهن، ٻيو هي ته ٻولي جي خبر نه آهي ته ڪهڙي آهي ۽ ڪتبن جي عبارت بلڪل مختصر آهي، يعني سراسري پنج نشانين وارو آهي. انهيءَ حيثيت جو ته ٻنان دير اعتراف ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن سنڌوءَ وارن ڪتبن جي ٻولي واقعي نامعلوم ٻولي آهي. انهيءَ خيال کان ته اها ٻولي ٻي ڪنهن به ڄاتل ٻولي جي ويجهي لڳ لاڳاپي ۾، جا ٻين ذريعن وسيلي عام جام هجي ته پوءِ ان جي (آواز واري) پڙهڻي ناممڪن آهي، جيتوڻيڪ اهو اجان به ممڪن ٿي سگهي ته لفظن جي مفهوم مطابق ڪجهه ڏڪا هنيا وڃن يا خيال آرائي ڪئي وڃي ته وري انهن جي ڇڪاس هرگز ٿي نه سگهندي ۽ اهڙا رايا هميشه لاءِ خيالي رهندا، اهو ايٽرسڪان جي ڪتبن واري حالت ۾ ثابت ٿي چڪو آهي، جي ڪافي حد تائين سمجهه ۾ اچن ٿا، حالانڪ اهي هڪ آسان پڙهڻي واري ”الف بي“ ۾ لکيل آهن ۽ جنهن جا اڻ ڳڻيا ترجما لاطيني زبان ۾ موجود آهن، پر جيڪڏهن هڙپا واري ٻولي يا رشتيدار ٻولين جا اهڃاڻ مناسب انداز ۾ تاريخي دورن تائين محفوظ رهيل آهن ته پوءِ سنڌوءَ واري لکيت جي محدود پڙهڻي سمجهڻ لاءِ اميد افزا موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا. اهو ذهن ۾ رکڻ بلڪل ضروري

آهي ته سيئي مسئلا فقط چند قديم ڪتبن جا حل ڪيا ويا آهن، تنهن هوندي به اڪثر حالتن ۾ مطالعي لاءِ جيڪو مواد موجود پئي رهيو آهي، اهو سنڌو لکيت واري حالت کان ڪافي زياده انداز ۾ آهي، سنڌو لکيت وارن نشانن ۾ وڏو انداز انهن نشانين جو آهي، جي ايڪڙ ٻيڪڙ استعمال ڪيا ويا آهن، ۽ انهن ۾ به گهٽائي انهن جي آهي جي شايد هميشه لاءِ ڳجهارت رهن، توڙي جو ان ڏس ۾ وڏي ڀاڱي ڪاميابي حاصل ڪئي وڃي.

عام طرح هن ڳالهه تي چڱي انداز ۾ اتفاق ڪيو وڃي ٿو ته رگ ويد ۾ جي ڏاريا لفظ ۽ ڏاري ٻوليءَ جي جيڪا ساخت استعمال ڪئي ويئي آهي. اهي ثابت ڪن ٿا ته ٻه هزار سال ق.م جي آخري صدين دوران سنڌو ماٿريءَ ۾ هڪ دراوڙي قسم جي ٻولي استعمال ۾ هئي، موجود وقت ۾ اهڙي قسم جي ٻي ٻولي ڪا به وجود ۾ نه آهي، جا تاريخي يا جاگرافيءَ جي ورڇ مطابق سنڌو تهذيب جي ٻولين جي قريبي موافقت ۾ هجي. اهڙي دراوڙي ٻوليءَ واري نظريي جا 1926 کان وٺي ڪافي حمايتي پئي رهيا آهن. جڏهن کان سر جان مارشل اهڙي راءِ جو پهريائين اظهار ڪيو. هن مثال طور بروهيءَ ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو جا دراوڙي زبان آهي ۽ بلوچستان جي جابلو علائقن ۽ افغانستان ۾ اڄ ڏينهن سوڌو هلندي رهي آهي. ممڪن آهي ته اها زبان آرين کان به اڳ واري زماني کان شروع ٿيندي اڄ سوڌو محفوظ رهي هجي. بعد ۾ مٿي ذڪر ڪيل دليل کان سواءِ ٻيا به ڪيترا دراوڙي نظريي جي حمايت ۾ سبب پئي ڄاڻايا ويا آهن، ليڪن اهي اهڙا ڪمزور نوعيت جا آهن،جو ذهن تسليم ڪري نه ٿو سگهي.

1934ع ۾ پيرو ميريگي طرفان هڪ مضمون شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌس نقطئه نظر بروهي (براهوئي) واحد زبان هئي، جنهن جو امڪان مناسب ٿي سگهي ٿو، ليڪن هن به اچارڻ جي مطلب سمجهڻ متعلق مايوسيءَ جو اظهار ڪيو، ڇاڪاڻ ته گذريل چئن هزارن سالن دوران بروهي زبان ڪافي حد تائين تبديليءَ جو شڪار ٿي چڪي آهي. انهيءَ ڪري هن فقط مفهوم جي مدنظر مطلب پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چاهيو ٿي ته مضمون واري گرامر جو سٽاءُ ۽ خاڪو سمجهه ۾ اچي وڃي.

چو تہ ان بعد جملن جي بناوت ظاهر ٿي پوندي. ان کان سواءِ اکري نشانن واريون شڪليون انهن مورتن ذريعي واضع ٿي ڪيائين جي اکرن جي پس منظر ۾ اڪريل هيون. ليڪن جيئن تہ سنڌوءَ واري لکيت هڪ انتهائي مقرر ۽ محڪم پيماني واري هئي، انهيءَ ڪري انهن شڪلين جي سڃاڻپ نهايت مشڪل ڪم آهي، جي نشانن ذريعي ذهن تي اچن ٿا. جيتوڻيڪ ميريگي جو مطالعو ڪافي خوبين وارو آهي، ليڪن هن جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، سي محض تصوراتي ۽ قياسي آهن.

هينري هيراس طرفان سندس مضمونن جو هڪ سلسلو، جنهن آخر وجي ڪتابي شڪل تي ڇيهہ ڪيو، جيڪو 1953ع ۾ شايع ڪيو ويو، ان جو نالو هو "اوائلي انڊو مديٽرينن تهذيب جو مطالعو". هن ڪتاب ۾ مصنف جي طرفان هڪ خيال ذهن ۾ رکندي تہ بنيادي طور ٻولي دراوڙي آهي سنڌوءَ واري لکيت جي پڙهڻي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي، هيراس پنهنجي ان قياس ۾ بلڪل صحيح هو تہ موجوده دراوڙي ٻوليءَ جي پيٽ سان ان قديم ۽ گم ٿيل ٻوليءَ جي دوباره تشڪيل ممڪن ٿي سگهندي. جا سڀني ٻولين جو بنياد هئي جنهن مان سڀ زبانون ڦٽي نڪتيون هيون.حالانڪہ لکت جي پڙهڻي لاءِ خود پاڻ جيڪا اوائلي دراوڙي زبان استعمال ڪرڻ جون ڪوششون ڪيائين، سي غلط هيون.

ياد رکڻ گهرجي تہ ٽي هزار سال ق.م لکڻ جا جيڪي سرشتا عروج هئا سي اهڙي نموني جي اکرن ۾ هئا، جنهن جي هر اکرن جون ٻہ چار يا وڌيڪ معنائون هيون. ٻہ هزار سال ق.م جيڪي اکر رائج هئا. تن ۾ فقط چونديل اکر هئا هڪ هزار سال ق.م وري انهن بجاءِ الف بي جيان حرف رائج هئا. جيڪي گڏجي هڪ لفظ جوڙيندا هئا. انهيءَ صورتحال جي مد نظر هيراس طرفان جيڪو ٻيو اصول طئي ڪيو ويو، اهو گهڻي قدر مناسب هو. مثال طور هن ڄاڻايو تہ موهن جي دڙي وارا نشان اکرن طور استعمال ٿيل نہ آهن ۽ نہ وري آلاپ يا آواز جي اچار لاءِ ڪتب آيل آهن، بلڪہ سمورين لفظن جو اظهار آهن. ان جي معنيٰ هي آهي تہ اهو قديم هئنئر کان ٻہ گهڻو اڳيرو آهي. ڄاڪاڻ تہ هن سنڌو لکيت جي ڪجهہ نشانن کي اچارڻ واري زير زبر سمجهندي اها راءِ قائمُ ڪئي هئي تہ اها

اکري نشان حرف علت جون علامتون آهن جيئن علامتي لکت ۾ اهڙي ترتيب موجود آهي هن به لئنگڊن جي پيروي ڪندي هي ٿي سمجهو ته براهمي ٻولي سنڌو لکت ۾ ڦٽي نڪتي آهي، جا سندس غلطي هئي. ڪتبن جي آخر ۾ سنڌو لکيت وارن جيڪا نشاني عام طور ۽ گهڻو ڪري نظر اچي ٿي. ان کي هيراس حرف اضافي ٿي سمجهيو ۽ سندس اهڙي خيال سان سنڌو لکت جي ماهر ان جي اڪثريت شامل راهه هئي. انهي سلسلي ۾ هيراس طرفان زماني واري هندستاني مهرن جو مثال پيش ڪيو ٿي ويو. جن جي لکت عام طور تي حرف اضافيءَ سان ئي ختم ٿئي ٿي. اهڙيءَ علامت کي هن "اتو" پڙهڻي قرار ڏنو، جا سندس نقطئہ نظر موجب اوائلي دراوڙيءَ جي حرف اضافت هئي. اهڙي حالت ۾ هن علامت کي مڪمل لفظ هرگز نه سمجهڻ گهرجي، جيئن هيراس ڄاتو ٿي، ان کي مرڪب يا مشترڪ محاوري واري لفظ تصور ڪرڻو آهي، جو اهو طريقو محاوري لکيت جي طريقي سان لازم ملزوم آهي.

انهي واحد مثال کان سواءِ هيراس طرفان سنڌو لکڻي وارين نشانين سان يا ته انهن دراوڙي لفظن جا اچار منصوب ڪيا ٿي ويا، جي علامتن جي شڪل سان نهڪي ٿي آيا، مثال طور هي نشان جو مڇيءَ جي شڪل وانگر آهي ۽ جنهن جو دراوڙي لفظ 'من' يعني مڇي آهي، يا وري اهڙن لفظن جا اچار ۽ پڙهڻيون لاڳو ٿي ڪيون، جي ٻن شڪلين وارين لکيتن جون هيون، جيئن ته سميرين مصري، هندي ۽ چينائي ٻولين لاءِ ڪيس غلط فهمي هئي ته اهي نسلي طور سنڌو واري لکت سان واسطو رکندر هيون. ظاهر آهي ته ٻين ٻولين جي لفظن کي هن طرف گهلي آڻڻ هڪ بي قاعدي ڪوشش آهي. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو سنڌو واري لکت جي ان مفهوم کي نظر مان ڪيندو جيڪو هيراس طرفان ڄاڻايو ويو هو ته اهو بخوبي سمجهي سگهندو ته ڪهڙي سبب هيراس واريون پڙهڻيون قابل قبول نه سمجهيون ويون. مثال طور سندس پڙهڻيون هن طور هيون "سال جي وچ مرڪز واري ماهُ گهمي رهي ٿي ماڪوڙيءَ مثلِ" يا "برساتي بادل جي ڦولدار درختن ۾ آهن ۽ اهي وڻ ملايم ملبار جا آهن." يا اجا به وري "ان جڳهه ۾ ڪا مجلس نه آهي جا ميناس جي ملڪ ٻاهرين آهي." ۽ ٿي مڇيون ان گندي علائقي جي جو ڪاٽ ڪٽي جو وطن آهي. ليڪن هيراس جي

ناڪاميابيءَ جو هروڀرو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ جو ڪجهہ منجهس شامل آهي، تنهن کي يا وري مٿي بيان ڪيل دراوڙي حل کي ڪنهن اهميت لائق ئي نہ سمجهڻ گهرجي.

مائيڪل وينٽرس 1952ع ڌاري جيڪو ليڪن واريءَ لکت جو حل تلاش ڪيو، اهو ڏيکاري ٿو تہ ڪنهن بہ پراڻي لکيت کي، سواءِ ڪنهن بہ ٻولي موجود هئڻ جي يا وري سواءِ ان ٻوليءَ جي اڳواٽ ڄاڻ هئڻ جي، جان ان لکيت جو بنياد آهي، پڙهڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو. ان ۾ ساخت جي ڍانچي جي جاچ پڙتال ڪرڻ کي خاص اهميت ڏني ويئي آهي، مگر تحقيق ڪرڻ وقت ان ٻوليءَ متعلق اڳواٽ ڪي خيال ذهن ۾ هرگز نہ رکڻ گهرجن. انهيءَ ڳالهہ جو احساس ذهن ۾ رکندي تہ نشانن جي اچارن جو مجموعو هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ، جيئن ليڪن واري لکيت جي طريقي ڳولڻ وقت ڪيو ويو هو، سنڌوءَ واري لکيت جي حالت ۾ ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو گهٽي ڀاڱي اهڙو منجهيل اکرن وارو سرشتو آهي، جو ليڪن واري لکيت کان زياده مشڪل آهي، انهيءَ ڪري جو ان ۾ اهڃاڻ ظاهر هئا ۽ هن ڪري پڻ تہ جيڪي ننڍا ۽ مختصر حوالا هوندا آهن، تن ۾ اهڙا اشارا هوندا ئي نہ آهن جي وينٽريس طرفان استعمال ڪيا ويا هئا. انهيءَ صورتحال جي مدنظر اسان جي فنش تحقيق واري جماعت پاڻمرادو ڇيد ڪرڻ وارو هڪ مشيني طريقو ڳولي ڪڍيو آهي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر مشينن ذريعي مضمون جي اکري نشانين وارين مختلف علامتن ۽ اکرن جي شڪل شبيهہ کي پيٽيو ويندو ۽ سندس انفرادي ماپ جو حساب ڪتاب ڪيو ويندو، اهو مطالعو جيڪو 1970ع ۾ شايع ڪيو ويو هو، سو ڪنهن حد تائين تہ ڪامياب رهيو، ڇاڪاڻ تہ ان طريقي سان آسان ڪم تڏهن ٿي ٿيو، جڏهن ان کي مختلف لکيتن وارن سرشتن جي انهن نمونن سان لاڳو ٿي ڪيو ويو، جن کي مناسب ۽ موزون اکري خاڪا موجود هئا.

لکيت جي تحقيق لاءِ انهي عملي ڇاڪوڙ سان گڏ اسان اهڙن طريقن جي تلاش شروع ڪئي، جي جديد طرز جا هجن ۽ زياده موزون

ثابت ٿين. بنسٽ نشاني جي فهرست ۽ نشانين وارن ڪتابن جي، جيڪي چاليهه سال اڳ لئنگڊان گاڊ، سمٿ، هنٽر ۽ وئش طرفان ترتيب ڏنا ويا هئا، سنڌو لکيت وارن ڪتبن جي اکري جوڙن جي فهرست، جا 1973ع ۾ شايع ٿيل هئي، ان کي ڪتابي سلسلي ۾ اولين جلد جي صورت ڏني ويئي آهي ۽ ان ڪتابي سلسلي جي ٻين جلدن ۾ راءِ زني ۽ اعداد شمار وارا حصا پڻ شامل هوندا. سنڌو لکيت جي حل تلاش ڪرڻ ۽ ڪتبن جي تحقيق ڪرڻ لاءِ اسين جيڪي ڪوششون ڪيون ٿا، سي هن طرح آهن: خودمختيار (ليڪن) جي سڃاڻپ-اهي نشان جي هڪ ماڻهوءَ ٻئي جي حيثيت ۾ چٽيا آهن-ڳنڍيندڙنشانن جا جزا ۽ سندس علامتن جي سمجهه-ڪتبن جي خودمختيار حرفن ۾ تقسيم- ڏنگن ۽ نيم گولائي وارن اکرن کي علحده رکڻ-همشڪل ۽ هم جنس نمونن جا نقشا ليکڻ-ڪتبن جي دائري اندر جي مختلف حيثيتن ۾ آهن، انهن جي موافقت وارا اُڇار علحده ڪرڻ ۽ ڪتبن جا جيڪي مختلف نمونا آهن، تن سان لاڳاپو رکندڙ لفظن کي جدا ڪرڻ.

بناوت واري تحقيق جو جيڪو خاڪو مٿي پيش ڪري چڪا آهيون، تنهن ذريعي اسان سنڌو ٻوليءَ جي گرامر واري سٽاءَ جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ جيڪي لچڪيدار ۽ ميلاپ واري ٻوليءَ جو اندازو ٿئي ٿو، جا دراوڙي نموني جي آهي، ليڪن ٻئي هر ڪنهن امڪان کي نظر انداز ڪري ٿي. ان کان سواءِ اسان هي پڻ ڪوشس ڪئي ته ڪن شڪلين جي اصلي مقصد ۽ مطلب کي سندن حوالن جي تحقيق ۽ جن لکيتن جي اسان کي ڄاڻ آهي، انهن جي مشابهت رکندڙ حوالن سان ڀيٽ ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. خاص طور سميرين ۽ هندوستاني مهرن جي ڪتبن وسيلي اهڙي ڪوشش ڪارگر ٿيڻ جي قوي اميد آهي. ان کان پوءِ اسان انهن شڪلين سان جيڪا معنيٰ آزمائشي طور وابسته ڪئي هئي. تنهن جي خاطري ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن ڪو به نشان اهڙي نموني ۾ استعمال نه ڪيو ويو آهي، جنهن کي سڌيءَ طرح ڪو اچار آهي ئي ڪونه، يعني جنهن چيز

ڪي ڄاڻايو ويو آهي، تنهن جو سڌو سنئون نشان، پر قديم لکيتن جي شڪلين ذريعي شين جا نالا ڄاڻائڻ واري اصول جي موافقت ۾ جنهن مطابق هر ٻيو لفظ بغير ڪنهن معنيٰ جي ائين ئي اچاريو ويو. جڏهن ته اهو ئي ان چيز جو نالو هو ته پوءِ اچار واري تفسير سمجهڻ لاءِ اميد ٿي سگهي ٿي ليڪن ان لاءِ ڪنهن اهڙي ٻوليءَ جي سڃاڻپ ضروري آهي، جنهن ۾ اچار واري مشابهت، لفظن کي مختلف معنيٰ سان ميلاپ ۾ آڻي ٿي ۽ خاص طور اهڙي هڪ ٻوليءَ جا عبارت مان اصل مقصد واري معنيٰ جو اظهار ڪري ٿي ۽ ٻي شڪلين واري ٻولي جا مورتين وارن نشانن ذريعي استعمال ڪئي ويندي هجي. اسان جي خيال مطابق دراوڙي اهڙين ڪيترين تشريح لاءِ بنياد پيدا ڪري سگهي ٿي. اهي تشريحون حالانڪ ڪيتري قدر به قياسي ڇو نه هجن، وجود ۾ رهن ٿيون، ان وقت تائين جيستائين منجهن الڳ رهڻ جي قوت آهي، پر جيڪڏهن مختلف تعبير هڪ نقطي تي رسن ٿا ۽ پاڻ ۾ چڱي سمجهه پيدا ڪن ٿا ته پوءِ ڪين اهڙي جائز حيثيت ميسر ٿئي ٿي، جنهن جو اختياريءَ ۾ جيئن جيئن ميل ميلاپ يا هم مرڪز وڌندا رهندا، تيئن تيئن اضافو ۽ ترقي ٿيندي رهندي. ليڪن ان لاءِ هي ضروري شرط آهي ته هر هڪ تشريح هر نقطهء نگاهه کان قابلِ قبول هئڻ گهرجي ۽ اها تشريح انهن شين جي مطابقت ۾ هئڻ گهرجي، جن تي ڪتبا لکيا ويا آهن ۽ سنڌو تهذيب جي تاريخي سلسلي سان همڪنار هجي.

1964ع ۾ روسي ماهرن جي هڪ جماعت سنڌو لکيت جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جو اڳواڻ يورجي ڪنوروزوف هو. 1950ع ۽ بعد جي چند سالن دوران، ڪمپيوٽر جي مدد سان ماين MAYAN شڪلين واري ٻولي جي تشريح ڪئي هئي. روسي جماعت پڻ ساڳئي زماني ۾ تحقيق جو ڪم شروع ڪيو، جڏهن اسان واري جماعت به ان ڪم ۾ رڌل هئي. روسي جماعت 1965ع ۾ پنهنجي ابتدائي رپورٽ جاري ڪئي جا روسي زبان ۾ هئي. تقريباً ساڳئي وقت يعني جنوري 1966ع ۾ اسان پنهنجي ڪيل ڪوشش کي سائيڪلو اسٽائيل ٿيل ڪاپين جي صورت ۾

تيار ڪري، اهي ڪاپيون ماهرن جي محدود دائري اندر ورهايون. انهيءَ هوندي بہ اسان جي روسي دوستن 1968ع کان بہ پوءِ پنهنجي حاصل ڪيل نتيجن تي نظرثاني ڪري انگريزي ٻوليءَ ۾ رپورٽ شايع ڪئي، اسان ٻنهي جي هڪ ٻئي سان واقفيت ۽ هڪ ٻئي جي اشاعتن جي ڄاڻ 1969ع ڌاري ٿي. انهن ٻنهي آزاد طور ٿيل تحقيقن جي پيٽ مان ظاهر آهي تہ ٻنهي جوعام رجحان ۽ تحقيقات جو اهم نتيجو تہ "ٻولي دراوڙي آهي" بلڪل هڪ جهڙو آهي جيستائين ڪم ڪرڻ جي طريقي جو سوال آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ راءِ زني ڪرڻ جي ڪافي گنجائش آهي. انگن کان علاوه اسين اچارن واري تشريح سان پڻ اتفاق ڪريون ٿا. جيئن تہ = نشاني جا مڇيءَ جهڙي آهي ۽ سندس هيراس واري پڙهڻي تسليم ڪريون ٿا، جا دراوڙي لفظ "من" آهي، جنهن جي معنيٰ مڇي آهي، پر ساڳئي وقت ستارو پڻ آهي.

روسي رپورٽ، جنهن جون سڌاريل اشاعتون 1970ع-1972ع ۾ ڇپيون آهن، تنهن ۾ مفيد ۽ قيمتي مشورا ڏنل آهن. اهو نهايت دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو تہ آيا اسان جا روسي دوست هن ڳالهہ لاءِ تيار آهن يا نہ، تہ جي تشريحن جا سلسلا، جن کي آءٌ اسان جي اهم تريم پيشڪش تصور ڪريان ٿو، اهي ڪين قبول آهن، خاص طور مڇيءَ وارين نشانين جي پڙهڻي، اختلاف رڪنڌڙ سڌارا ۽ محڪم ميلاپ، جيئن دراوڙي ستارن جا نالا، خاص طرح سيارن جا نالا، جي آءٌ سمجهان ٿو تہ هڙپا جي ديوتائن جي نمائندگي ڪن ٿا.

آخر ۾ ذڪر ڪيل تشريحون، جيڪي ستارن ۽ سيارن متعلق آهن، تن مون کي ان تي آماده ڪيو تہ آءٌ هندوستاني جوتش (ستارن جو علم) ۽ ڌرم جي دراوڙيءَ ۽ هڙپا جي ابتدائي نقطہ نظر جي تحقيق ڪريان. انهن مطالعن جا ڪجهہ سودمند نتيجا 1970ع ۽ 1973ع دوران ظاهر ڪيا ويا آهن ۽ اهو تحقيق جو سلسلو بدستور جاري آهي. هن تحقيق جي بدولت منهنجو ڌيان پڻ انهن وسيلن ڏانهن ڇڪيو آهي، جن جي طفيل هڙپا جون روايتون بعد جي نسلن کي حاصل ٿينديون رهيون. انهيءَ سبب ۽ ڪن

ٻين ٻَالهين جي ڪري مون اها ڪوشش ڪئي آهي تہ اوائلي تاريخ جي ٻن مکيہ ذريعن کي ملائي هڪ سطح تي آڻيان. اهي ٻئي ذريعا ساڳئي سرشتي جا حصا ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل چيزون آهن. اهي آهن آثارِ قديمہ ۽ ٻوليون واريون ثابتيون، جي ادبي ۽ مذهبي مشاهدن سان تعلق رکندڙ آهن. هن مطالعي جو شروعاتي نظريو جيڪو 1973ع کان وٺي پريس ۾ زيرِ اشاعت آهي، سو هي آهي تہ ڪي بہ مکيہ وجود يا چيزون، سواءِ ڪنهن نشان يا ثبوت اسان جي ذريعن ۾ ڇڏڻ جي، ڪڏهن بہ صفحہ هستيءَ تان متجي نہ ويون آهن. ٻين ڳالهين کان سواءِ هت آءٌ هي ڄاڻائڻ ٿو گهران تہ سنڌوتهذيب دوران جا ٻولي رواج ۾ هئي، اها اوائلي هئي، جا وري قديم سنڌو ثقافتن جي اوائلي دراوڙي نسل مان ڦُٽي نڪتي هئي، جيئن اوائلي مرڪزي دراوڙي جيڪا لال قلعي جي او.بي.پي سامان سان تعلق رکندڙ آهي ۽ اوائلي ڏاکڻي دراوڙي، جيڪا دکن جي (نيولٿڪ) پٿر جي آخري دور ۾ مروج هئي.

سنڌي ٻوليءَ سان دراوڙي رشتيداريءَ جو وڏيڪ ثبوت هي آهي جو ٻنهي ٻولين جا اشتقاق ساڳيا آهن، جي قديم تامل جي ڪن اهڙن محاورن ۾ محفوظ آهن، جي شهر ۽ ڳوٺن جي سڃاڻپ لاءِ نالو رکڻ ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا، جيئن تہ "تامي لڪم" يعني "تامي وارو علائقو" ويجهڙائيءَ ۾ اهڙي راءِ جو اظهار منهنجي ۽ سميرن نالي "ملوها" جو پڻ ذڪر ڪيل آهي، جيڪو سنسڪرت لفظ "مليپا" ۽ پالي زبان ۾ "ملاڪا" آهي، اهو دراوڙي آرين ۽ آريا دراوڙن جا لقب القاب آهن. هڪ ٻئي اهڙي مضمون ذريعي، جو پڻ پريس ۾ زيرِاشاعت آهي، مون هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي تہ هڙپا ايراضين جي ڪيترن شهرن جي نالن ۾، بعد واري زماني جا پڻ اهڙا عنصر موجود آهن، جن جا اشتقاق دراوڙي آهن، جي خاص طرح لفظ ڪوٽ ۾ اظهر من الشمس آهن. "ڪوٽ" لفظ پاڪستان ۾ بلڪل عام نالو آهي ۽ سنڌوءَ جي پراڻن آثارن جي نالن ۾ پڻ موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ ان نالي کي دراوڙي معنيٰ ۾ "اولهہ" سان نسبت آهي، جنهن سبب اسان کي هن سوال جي مناسب وضاحت حاصل ٿئي ٿي تہ

هڙپا جي عالم پناهه ۽ مورچن وارين آبادين جا قلعا هميشه الهندي رُخ ۾ تعمير ٿيل آهن. شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن رکڻ جي سلسلي ۾ آءٌ پنهنجي هڪ وڏيڪ مضمون جو ذڪر ڪندس جنهن ۾ هي ڄاڻايو ويو آهي .. سنڌ ۾ چنهوءَ واري دڙي جي شهر جو اوائلي نالو "پوتالا" هو، جيڪو نالو ..ان سوڏو ان ايراضيءَ جي پسگردائيءَ ۾ زنده آهي. هي نتيجو ان شڪل واري تشريح جي بنياد تي منحصر آهي، جو نشان چنهوءَ جي دڙي و.رن ڪتبن جو 15 سيڪڙو آهي. ليڪن ٻئي ڪنهن به هنڌ ان نشان جو د.. پتو ڪونه ٿو پوي، حالانڪه سنڌو لکت جا هزارها نشان لڌا ويا آهن.

مون کي هن ڳالهه جو پورو پورو احساس آهي ته هن جائزي ۾ مون گهڻو ڪجهه شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان حد تائين جو مضمون کي منجهائي ڇڏيو اٿم، ليڪن هڪ ڳالهه جا صاف نظر اچي ٿي، اها هي آهي ته سنڌو لکيت جي مطالعي ۾ هاڻ نهايت دلچسپيءَ ۾ ڪيترا ۽ نئين قسم جا ڪارگر ۽ اثرائتا قدم کنيا ويندا ته جيئن سنڌو لکيت جي ڳجهارتن کي گوشه راز مان ٻاهر ڪڍي صفحهءِ هستي تي نروار ڪيو وڃي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌ جي اوائلي ٻولي

قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي "سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دور" چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر "سنڌي ٻولي" جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃا ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻولي يا ٻولين تي سامي، دراوڙي ۽ آريائي ٻولين جو اثر پيو.

"مئن جي دڙي" جي آثار قديمه مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته، "سنڌ جي قديم ٻولي" شايد ڪا "سامي" زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي دراوڙي ۽ پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائن ٻولين مان، هن قديم زماني ۾ "سنڌي جي ٻولي" تي گهٽي ۾ گهٽو اثر ايراني ۽ دراوڙي ٻولين جو پيو، ۽ ان بعد پالي پراڪرت جي ذريعي سنسڪرت جو. اسان جي تحقيق جي لحاظ سان اهو صحيح نه آهي ته سنڌي ٻولي ڪو سنئون سڌو "سنسڪرت" مان نڪتي. هن غلط فهمي جا ٻه ٽي ڪارڻ آهن: اول ته لسانيات جا يورپي عالم، پنهنجي ابتدائي ۽ اجنبي تربيت سببان، هن اثر هيٺ رهيا ته هندستان جون جملي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن. انهيءَ گمان هندوستاني زبانن بابت سندن جانچ پڙتال تي اثر وڌو. هنن هر زبان ۾ سنسڪرت جي عڪس کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، سنڌي ٻولي جي سنسڪرت مان نڪتل لفظن جي بناءَ تي هنن سنڌي کي سنسڪرت مان نڪتل قرار ڏنو. سنڌي صرف نحو جي نرالي ۽ ڳوڙهي سٽا، جا هن ٻولي کي سنسڪرت خواهه ان جي پوٽين توڙي ڏهتين کان ممتاز ڪري ٿي ۽ سنڌي ٻولي کي هڪ جدا اصليت ۽ مستقل حيثيت ڏئي ٿي. توڙي ٻولي جون بيون "انفرادي خصوصيتون"، تن کي انهن يورپي محققن، مستثنات (EXCEPTIONS) جو نالو ڏيئي، ٽاري ڇڏيو. ازانسواءِ انهن محققن جيڪي دليل دلائل سنڌي جي سنسڪرت سان نسلي نسبت بابت ڏنا آهن، تن مان گهڻا رڳو گماني آهن: باقي جيڪي علمي آهن، سي به تنقيد جا محتاج آهن، ۽ اڃان زياده تحقيق طلب آهن. ٻيو ڪارڻ، سنڌي جي سنسڪرتي نسل واري

نظريي جو، ڪن هندن صاحبن جون لکيتون آهن، جن جي اڪثريت هن خيال جي وڌي تائيد ڪئي، مگر انهن لکيتن جي حيثيت تبليغي چئي سگهجي ٿي، ۽ نہ علمي ۽ تحقيقي، ٿيون ڪارڻ، سنڌي جي سنسڪرتي نسل جو، هڪ عام غلط فهمي آهي، تہ سنڌي ٻولي يا تہ سنسڪرت مان نڪتي آهي يا تہ عربي مان: جنهن صورت ۾ عربي زبان ٻاهران آئي، تنهن صورت ۾ سنڌي ٻولي پڪ سنسڪرت مان نڪتي هوندي ۽ اڪثر مسلمان صاحبن کي وري هيءُ حسن ظن آهي تہ سنڌي ٻولي عربي مان نڪتل آهي.

مئن جي دڙي جي ٻولي:

سرزمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي الهندي وارن ملڪن مان آيا ۽ انهن سنڌو درياءَ جي الهندي ڪناري واري ايراضي ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. سندن تمدن جي انتهائي ترقي "مئن جي دڙي" واري تهذيب جي صورت اختيار ڪئي. "مئن جي دڙي" جي آثار قديمہ جي انڪشاف مان قطعي ثبوت مليو ٿو تہ سنڌ جو هي قديم تمدن، مغربي "دريائي تمدن" يعني تہ دجلہ ۽ فرات دريائن جي سمير ۽ بابلي تمدن جو ساٿياري آهي. سر جان مارشل جي تحقيق موجب، "سنڌ، سمير ۽ بابل جي تهذيبن جي وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي: خصوصاً سنڌ ۽ عراق جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهاٽي اچ وڃ هئي، جا سمنڊ توڙي سيستان ۽ ايران مان خشڪيءَ ذريعي جاري هئي" (1) ازانسواءِ سنڌ جو هيءُ قديم تمدن هڪ قسم جو "غير آريائي تمدن" آهي (2) ۽ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو. قديم سنڌي تمدن جي ٻولي بہ ڪا غير آريائي، يا "سامي- صفت"(3) زبان هئي، جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبانن مان هئي. انهيءَ ٻولي جا مسخ شده نشان "مئن جي دڙي" مان لڌل مهرن تي موجود آهن. ڪن لکندڙن جي خيال مطابق "مڻ"، "ڪنجهو، ۽ هنجهہ" بابلي زبان جا الفاظ آهن: جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ غالباً اهي الفاظ سنڌي ۾ هن اوائلي دور ۾ داخل ٿيا. تازي تحقيق موجب قديم عراق جي "سمير تمدن" جي قديم لکيتن

۾ لفظ ”ادا“ بمعني ”پيءُ“ جي ملي ٿو ۽ ساڳيو لفظ، فقط سنڌي ٻولي ۾ ئي اڄ ڏينهن تائين ”پاءُ“ جي معني ۾ رائج آهي.

انهي دور ۾ سنڌ جي هن ”سامي- صفت“ زبان جي سنڌ جو امڪان هڪ طرف دراوڙي زبانن سان، ٻئي طرف ايراني زبانن ته ٽئين طرف ”ملتان کان ڪشمير“ ”وارين سنڌ وادي ٻولين“ سان ٿي سگهي ٿو. ازانسواءِ هندستان جي اتر- اولهه وارن پهاڙي لڪن مان به اتي جي داردي قومن جو ڪشمير کان ملتان تائين رهندڙ ماڻهن سان، اصل آريائي قرابت توڙي مسلسل هجرت ۽ آمدرفت سببان تعلق رهيو، جنهن ڪري هن سڄي اتر_ اولهه خطي تي داردي ٻولين جو پڻ اثر پيو. انهيءَ ڪري ڪشميري ملتاني ۽ سنڌي ٻولين جو رنگ ڍنگ ٻين هندي_ آريائي ٻولين کان نرالو ٿيو ۽ انهن ٽنهي ٻولين ۾ هڪ بنيادي نسبت پيدا ٿي.

آرين جي اچڻ کان اڳ دراوڙي ٻوليون هن برصغير جي گهڻي ڀاڱي ۾ رائج هيون. سنڌ سان لاڳو بلوچستان جي ڀاڱي ۾ ”بروهڪي ٻولي“ دراوڙي ٻولين جي قبيلي مان آهي. انهيءَ مناسبت سان ڪن جو گمان آهي ته شايد ”مئن جي دڙي“ واري ٻولي پڻ ”دراوڙي“ دفعي جي هجي. اسان مٿي چئي آيا آهيون ته ”مئن جي دڙي“ جي ٻولي شايد سامي سٽ مان هئي، ۽ ان دور جي پاڙيسري دراوڙي ٻولين سان ان جي لهه وچڙ ممڪن ٿي سگهي ٿي. دراوڙي اصليت وارا الفاظ جهڙيءَ طرح ٻين موجوده عوامي ٻولين ۾ ملن ٿا، اهڙيءَ طرح سنڌي ۾ پڻ موجود آهن.

جارج شرٽ ”سنڌي ٻولي جي بنياد“ بابت سن 1878ع ۾ هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ سنڌي جي مستقل لغوي ذخيري ۽ ٻين جداگانه نحوي خصوصيتن کان متاثر ٿي، هن سنڌي جي سنسڪرت مان نڪرڻ واري نظريي کان منهن موڙيو ۽ ان جي بجاءِ ”سنڌي جي دراوڙي بنياد“ واري نظريي جي پنيرائي ڪئي. سندس مضمون ”سنڌي ۾ دراوڙي جُز جا اهڃاڻ“ جي عنوان سان ”انڊين آينٽر ڪئري“ ۾ ڇپيو (3) جنهن ۾ اهو نئون نظريو پيش ڪيائين.

## سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولي:

هن قدم دور جي علمي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جنهن وقت آريائي قبيلا اول اول هندستان ۾ داخل ٿيا، ان وقت اسان جي هاڻوڪي سنڌ جو هيٺيون ڏاکڻيون ڀاڱو (لاڙ ۽ ٿر) شايد سمنڊ هيٺ آيل هو، ۽ سنڌو درياءَ جو دوآبو (ڊيلٽا) به مٽي وچ ڏاري هو، انهيءَ ڪري غالباً اوائلي آرين جون جيڪي بينڪون ٿيون، سي هاڻوڪي سنڌي خطي ۾ نه، بلڪ سنڌو نديءَ جي مٿئين ڀاڱي ۾ پنجاب واري ڪناري جي آسپاس ٿيون. ان بعد، اهي آريائي قومون اڀرندي طرف وڌيون، گنگا جمنا دوآبي ۾ سندن مستقل قيام جي دور ۾ ئي سنسڪرت زبان آهستي آهستي جوڙي راس ٿي. ملتان کان ڪشمير واري ايراضي جون پنهنجيون ساڳيون اصلي ٻوليون رهيون، جيڪي پوءِ هن خطي ۾ مسلسل لڏ پلاڻ ۾ "ايراني- آرين" جي هندستان طرف هجرت هڪ اهم واقعو هو، جنهن ڪري هتي جي ٻولين تي قديم ايراني ٻولي جو به اثر پيو.

ڌيان طلب ڳالهه هيءَ آهي ته هن قديم دور ۾، جنهن وقت گنگا جمنا دوآبي جي اردگرد، سنسڪرت پنهنجون ابتدائي ۽ آخري منزلون طئي ڪري رهي هئي، ۽ اتي جون پراڪرت زبانون ان جي زير اثر وڌي ويجهي رهيون هيون، ان وقت "ڪشمير کان سنڌ" واري خطي جي لساني نوعيت جداگانه هئي. اهو خطو پهريائين "هند ايراني" ۽ پوءِ "هند آريائي" ۽ دارديءَ زبانن جي زيراثر رهيو.

سنسڪرت پنهنجي ڪلاسيڪي (پراڻن واري) قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي ۽ ان جي زير اثر عوام جون ٻوليون پنهنجو اوائلي پراڪرتي دور ختم ڪرڻ واريون هيون. سنڌ ۾ انهيءَ ڪلاسيڪي سنسڪرت، توڙي اوائلي پراڪرت جي اثر جي نه پهچ هئي ۽ نه گنجائش، ڇو ته انهيءَ ساڳئي وقت سنڌ جي "موئن جي دڙي" واري دريائي تمدن جي "سامي- صفت" زبان سنڌ ۾ رائج هئي. ان بعد سنڌ تي تقريباً 600 ورهيه قبل مسيح تائين جيڪو اثر پوندو رهيو، سو ڪشمير- ملتان واري خطي مان داردي ٻولين جو، ۽ سنسڪرت جو. انهيءَ ڪري ئي بنيادي طورسنڌي ٻولي، داردي ٻولين سان قريب تر رهي. (5) داردي

ٻولين ۾ ٻن حرف علتن جي وچ ۾ ايندڙ ”ت“ منجي نٿي، اها ”داردي“ خصوصيت اڃا تائين ”سنڌو ماٿر وارين ٻولين“ (سنڌي، لهندا، پنجابي (لهندا جي اثر هيٺ) ۽ ڪوهستاني) ۾ موجود آهي. انهن ٻولين ۾ ”پيتو“، لاتو“، ”ڪيتا“، ”سيتا“، وغيره مروج آهن، حالانڪ ٻين هند-آريائي ٻولين ۾ اهي الفاظ ”پيا، ”لايا“، ”سيا“ بنجي چڪا آهن. (6) سنڌ کان ڪشمير تائين ”سنڌو ماٿر وارين ٻولين“ ۾ ”اسين“، ”اسان“، ”اسي“، وغيره مشترڪ الفاظ ”اسمي“ مان نڪتل آهن ۽ نہ سنسڪرت لفظ ”ويوئم“ مان (جنهن سان انگريزي لفظ WE بہ لاڳاپيل آهي.) اهو لفظ ”آسمي“، سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت واري زماني جي پراڪرت جو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ”پروٽو پراڪرت“ (-PROTO PRAKIT) چئجي تہ مناسب ٿيندو بهرحال، اهڙا الفاظ ”سنڌو ماٿر وارين ٻولين“ جي مشترڪ مگر سنسڪرت کان هڪ الڳ سرچشمي جو پتو ڏين ٿا.

سنڌ جي قديم تمدن جي زبان شايد سامي صفت هئي. ان تي جيڪي اوائلي اثرات پيا هوندا، سي خاص طرح منڊا، دراوڙي ۽ ايراني زبانن جا، ۽ بعد ۾ داردي زبانن جا. سنڌ جي ٻولي يا ٻولين تي سنسڪرت جو اثر دير سان پالي محاوري جي واسطي سان پيو، مگر انهيءَ عرصي ۾، مغربي ۽ شمالي زبانن. جهڙوڪ: ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي جو پڻ اثر پيو. انهن اثرن جي علاوه. سنڌ جي ٻولي يا ٻولين“ مان اسريل ”سنڌي ٻولي“ جي ذاتي اصليت خواهہ تاريخي حقيقت، سنسڪرت ۽ ان جي پراڪرت ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نوعيت ورتي. ٻيون پراڪرت ٻوليون، جيڪي پنهنجي ئي ارتقائي دور مان گذري وڏيڪ بگڙيون، انهن ٻولين کي اڳاٽين نحوين ”اپڀرنش“ سڏيو يعني ”معيار کان ڪريل“ انهن نحوين جي پرک جو معيار هو. ”سنسڪرت سان ويجهائپ ۽ مناسب“ مگر سنڌي ٻولي، جيڪا پنهنجي اصولن سنجٽ ۽ سٽاءَ ۾ نرالي هئي، ۽ جنهن تي هندستان پراڪ ترن جي ڀيٽ ۾ مغربي ۽ شمالي ٻولين جا اثر زياده پيا هئا. سا انهيءَ معياري پرک موجب تہ ”گهٽو گهٽو بگڙيل“ هئي. انهي ڪري ڪن محققن جي چوڻ موجب، جنهن ٻولي کي انهن

نحوين "وراچڊ اپڀرنش" يعني "گهڻو گهڻو بگڙيل" سڏيو ويو سا سنڌ جي ٻولي هئي حقيقت ۾ "وراچڊ اپڀرنش" جو نالو سنڌ کان گهڻو مٿي اتر واري خطي جي ڪنهن ٻولي تي اچي سگهي ٿو، ۽ نه سنڌي ٻولي تي، ڇا ڪاڻ ته "وارچڊ اپڀرنش" جي اصطلاح ۾ به "سنسڪرت سان مناسب" ملحوظ آهي. سنڌي ٻوليءَ جو ته معيار ئي انوکو هو. انهي ڪري پراڪرت ويا ڪرڻ جي جوڙيندڙ مارڪنڊيه جو قول ته وراچڊ کان به سنڌ جي ٻولي گهڻو ڦريل آهي. زياده وزندار ۽ قابل غور آهي. انهي قول جي تائيد لاءِ هڪ اهم ثبوت موجود آهي. مثلاً: "وراچڊ اپڀرنش ۾ "س" جو اچار ڦيرائي "ش" ڪندا هئا، سنڌ جي ماڻهن جي اها انوکي لساني خصوصيت پوءِ به ڪافي دير تائين باقي رهي، جيئن ته شاعر ابو عطا سنڌي جي هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر ٿيندو.

سنسڪرت. پراڪرت ۽ اپڀرنش.

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت پراڪرت ۽ اپڀرنش جي باهمي رشتي کي پڻ صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ضروري آهي: ڇاڪاڻ ته عموماً ائين ڄاتو ويو آهي ته سنڌي اپڀرنش مان نڪتي آهي، اپڀرنش پراڪرت مان، ۽ پراڪرت وري سنسڪرت مان.

اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق.

سنڌي ٻولي جي تاريخ ۽ خصوصي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ "اپڀرنش" ۽ سنڌي جي لاڳاپي واري نظريي کي صحيح طور سمجهڻ پڻ ضروري آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اول اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته "اپڀرنش" ڪنهن هڪ خاص ٻولي جو مخصوص نالو ڪونهي، بلڪ ساڳئي سلسلي جي ڀاشائن جومجموعي نالو آهي: يعني ته ڪا به اها ڀاشا يا ٻولي، جيڪا سنسڪرت جي صحيح معيار کان هٺيل هجي. انهيءَ لحاظ سان "اپڀرنش" برعظيم پاڪ هند جي عام مقبول زبانن جو نالو آهي. (8) هيمچندر ۽ مارڪنڊيه، جيڪي پراڪرت جي نحوين ۾ خاص درجو رکن ٿا، تن ٻنهي اپڀرنش بابت لکيو آهي. هيمچندر(1088-1176) اڳاٽو نحوي آهي ۽ هن پنهنجي گرامر "سڌ هيمچندر" ۾ "اپڀرنش" کي هڪ مجمل نالي طور استعمال ڪيو آهي. اپڀرنش بابت سندس چوٿين نمبر قائدي موجب،

اپڀرنش ۾ ڪ، ک، ٿ، پ، ڦ، اُچار اڪثر ڦري گ، گھ، د، ڌ، ب، ڀ، ٿين ٿا. انهيءَ قائدي جي بناءَ تي سنڌي کي ”اپڀرنش“ دفعي جي ٻولي ثابت ڪرڻ مشڪل آهي. مارڪنڊيه هڪ نامعلوم مصنف جي حوالي سان سڀيون ساريون ستاويهه ٻوليون ”اپڀرنش“ جي دفعي ۾ شمار ڪري ٿو. مارڪنڊيه ”اپڀرنش“ جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: هڪ ”ناگر“ جيڪا مڙني ۾ مکيه آهي، ٻي وراچڊ جا ناگر مان نڪتي ۽ ”سنڌو ديش“ ۾ جنم ورتائين ”سنڌو ديشي يو وراچڊ وپڀرنشتيه“ ٽين ”اپناگر“ جا ”ناگر“ ۽ ”وراچڊ“ جي سنگم مان اسري. مارڪنڊيه جي انهيءَ بيان مان گريئرسن ۽ ٻين ائين سمجهيو آهي ته ”وراچڊ“، سنڌ ۾ اسري، موجوده سنڌي ”وراچڊ“ مان نڪتي ۽ وراچڊ ”اپڀرنش“ مان. حقيقت ۾ مارڪنڊيه ۽ ٻين اڳاٽن لکندڙن جڏهن ”سنڌو“ يا ”سنڌو سووير“ جا نالا ڪنيا آهن، ته ان مان مراد موجوده ”سنڌ“ ڪانهي، بلڪ ملتان ۽ ڏکڻ- اولهه پنجاب وارو خطو آهي.(9)

انهيءَ ڪري اهو محض هڪ گماني نتيجو آهي ته موجوده سنڌ جي سنڌي ٻولي ”وراچڊ“ مان نڪتي، ڇو ته انهيءَ قسم جي نتيجي لاءِ ڪو به بنيادي عملي دليل ٿي نٿو سگهي. خود مارڪنڊيه جو ڏنل دليل غور طلب آهي: ”وراچڊ“ جي هڪ لغوي خصوصيت مارڪنڊيه اها ٻڌائي ٿو ته ان ۾ ”ج“ ۽ ”چ“ اچارن اڳو ”ي“ جو اچار اسريو. سنڌي ۾ حرف ”ج“ جي اڳو ”ي“ جي اچار اسرڻ جو گمان نڪري سگهي ٿو (جيڪڏهن اسان ”ج“ جي اڳو توڙي پويان ”ي“ کي ملائي ”يج“ يا ”جيا“ کي ”ج“ جي برابر سمجهون) پر ”چ“ جي اڳو توڙي پويان”ي“ جي اچار اسرڻ جو سنڌي ۾ ڪو به نشان ئي ڪونهي. مارڪنڊيه هڪ ٻي خصوصيت هيءَ ٻڌائي ته: ”ش“ ۽ ”س“ اچارڻ جو بدجلي وڃان هڪ نئون اچار بنجڻ. مگر اها ساڳي خصوصيت هو ”ماگڌي“ لاءِ پڻ بيان ڪري ٿو. هڪ ٻئي نحوي ”پرٿوي ڌر“ اها خصوصيت وري ”سنئه ڪار“ ٻولي جي ڄاڻائي آهي، جنهن جي معني ته اها ”وراچڊ“ سان مخصوص ڪانهي.

آخر ۾ خاص توجهه طلب ڳالهه هيءَ آهي ته مارڪنڊيه ڪويندر پنهنجا ڪتاب ”پراڪرت سر وسئو“ سنڌ ڪان سوين ڪوهه پري، اوڀر هندوستان (اوڙيسا) ۾ لکيو، جنهنڪري اولهه — هندستان جي ٻراٻن

بابت سندس راءِ کي ايترو وزن ڏيئي نٿو سگهجي. ٻيو تہ مارڪنڊيہ کو ٻنهہ آڳاٽو نحوي ڪونهي. هن پنهنجو ڪتاب ”راجا مڪند ديو“ جي حڪمرانيءَ ۾ لکيو، جنهن جو سال ڪن محققن 1664ع ڪري مڃيو آهي، مگر ڪن ٻين محققن جي راءِ موجب مارڪنڊيہ ٻهر صورت 15 صدي عيسوي جي پهرين پنجويهن سالن کان پوءِ ٿي گذريو، يعني تہ 1425ع بعد ٿي گذريو. سنڌ ۾ اهو سمن جي بادشاهي جو پهريون دور هو، جنهن وقت اسان کي سنڌي ٻولي جو شعر ”بيتن“ جي مڪمل صورت ۾ ملي ٿو. نہ فقط ايترو پر مارڪنڊيہ واري عرصي کان گهڻو اڳ سمن جي دور جي شروعات جا بيت پڻ ملن ٿا. جن ۾ موجوده ”سنڌي ٻولي“ پنهنجي مڪمل صورت ۾ نظر اچي ٿي. بلڪ ان کان بہ گهڻو اڳ سومرن جي پوئين دور جي ٻولي جا خدوخال پڻ ”ڳاهن“ جي صورت ۾ چٽا نظر اچن ٿا. جيڪڏهن موجوده سنڌي ٻولي ”وراچڊ“ مان اسري هوندي تہ اها سومرن جي اوائلي دور ۾ يا ان کان بہ اڳ هيمچندر سومرن جي دور جي شروعات جو نحوي آهي، پر هن صرف ”اپڀرنش“ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ”وراچڊ“ جو نالو بہ ڪو نہ ڪنيو آهي.

مٿئين تجزيي ۽ تحقيق، سدليلن ۽ مثالن جي بناءَ تي اسان هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا: سنڌ جي قبل از تاريخ قديم تهذيب جي ٻولي جا آثار مئن جي دڙي جي کنڊرات مان مليل مهرن ۾ محفوظ آهن. انهن قبل از تاريخي قديم ٻولي جي حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪا سامي صفت ”ٻولي هجي جيڪا عراق جي قديم سميري تهذيب“ جي ٻولي جي ساٿياري هئي. مقامي طور، ان جي دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي.موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي،بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پرا ڪريتن مان اسري اها هند_ آريائي ٻولي آهي لهندا (سرائيڪي- ٻهاولپور، ملتاني، ديري والي هندڪو) ڪشميري ۽ اترئين سنڌوماٿر جي داردي“ ٻوليون ان جون ڀينرون آهن. ٻودو باش جي لحاظ سان اهي مڙيئي

سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون هند- آريائي ٻوليون آهن، پر سنڌ تاريخ ارتقاءَ جي لحاظ سان اهي هن عظيم جي ٻين هند- آريائي ٻولين کان نراليون آهن، ڇا ڪاڻ ته انهن بناوت ۽ اوسر ۾ منڊا ۽ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند- ايراني ۽ اولهه کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي. سنڌ انهي وراڇڻ اپيرنش مان نڪتل ڪانهي جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌي جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو: ان جو بڻ بنياد ان جي پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي،جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري پروٽو- پيراڪرت يا پهرين پراڪرت تائين پهچي ٿي.

(اصل تان مختصر ڪيل)

## حوالا ۽ حاشيا

1. جان مارشل: محڪمہ آثار قديم هند، ساليانہ رپورٽ 27-1926ع.
2. "غيرآريائي تمدن" (A NON-ARYAN CIVILIZATION) ڏسو اسٽار رچرڊ جو ڪتاب POTTER INDUS VALLEY. ڇپيل پرنسٽن يونيورسٽي، پرنسٽن، آمريڪا، 1941ع.
3. سرياني، عبراني ۽ حبشي عربيءَ کي علم لغات جي اصطلاح ۾ "سامي زبانون" سڏيو ويو آهي. "سامي صفت" يعني انهن ٻولين جهڙي.

1. SHIRT, GEORGE: "TRACES OF DRAVIDIAN ELEMENT IN SINDHI, THE INDIAN ANTIQUARY, VOL: 1878. ( ISSUE OF DECEMBER 1878).
2. "SINDHI, ON THE COUNTRARY, CLAIMS A MUCH MORE CLEAR RELATIONSHIP TO THE DARDIC LANGUAGES (WHICH INFLUENCED IT FROM NORTHERN SIDE) BEING PROTECTED FROM THE EAST BY THE DESERT OF WESTERN RAJISTHAN."

( GRIRSON: LINGUISTIC SURVEY OF INDIA, VOL. VIII, P-I)

3. GRIRSON: LIGUISITIC SURVEY OF INDIA, VOL. I, P — 14)

7. تصديق لاءِ ڏسو، پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر." جرمن مان انگريزي ترجمو، دهلي، 1957ع، ص ص7,6

I AGREE WITH SENARTH THAT ALL THE PRAKRITS GO BACK TO POPULAR DIALECTS AS THIR SOURCE AND THIR ALL ESSENTIAL ELEMENTS ORIGINALLY DEVELOPED FROM THE LIVING SPEECHES (P-7) THIS SANSKRIT WAS NOT EH BASIS OF THE PRAKRIT (P-4). THE FACT THAT ALL THE NEW INDIAN LANGUAGES DO NOT GO BACK TO SANSKRIT TODAY NEEDS NO MORE PROOF (P-6) (R. PISCHEL: COMPARATIVE GRAMMAR OF THE PRAKRIT LANGUAGES: TRANSLATED FROM GERMAN SUBHADRA JHA MOTILAL BANARASIDASS PUBLISHERS: DELHI 1957, PP. 6-7)

8. تصديق لاءِ ڏسو، پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر" ، انگريزي ترجمو، دهلي 1957ع. ص 13.

9. محقق بيروني صاف ڪري سمجهايو آهي ته قديم "سووير، ساڳيو ملتان وارو علائقو هو. ("سووير هوالمولتان"، ڪتب ماللهند، حيدرآباد دکن ڇاپو، ص ص 253 ۽ 256ع.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# موهن جي دڙي واري ٻولي

موجوده دور ۾ سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد تي راءِ قائم ڪرڻ لاءِ دراصل نئين سر سوچڻ ۽ نئين سر قولها ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي، ڇو ته هيستائين فقط هن نظرئي جي روشنيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته سنڌي ٻولي آريائي خاندان جي هڪ شاخ آهي، پر ڪڏهن به هن نظرئي تي سوچڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن غيرآريائي ٻوليءَ سان به ناتو يا نسبت تي سگهي ٿي.

پراڪرت جي وياڪرڻ جي ماهرن برصغير جي ڏيهي ٻولين جو تمام گهرو مطالعو ڪيو آهي. انهن ويا ڪرڻين جي راءِ موجب ڏيهي ٻولين ۾ لفظن جو جيڪو به مواد موجود آهي، تنهن کي ٽئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جهڙوڪ: تتسم (سنسڪرت لفظ) تدڀو (سنسڪرت جهڙا لفظ) (ديسي يعني آرين جي آمد کان اڳ جي مقامي ٻوليءَ جا) ۽ وديشي يعني پرڏيهي (ڌارئين ملڪ) لفظ (1). ماهرن جي انهيءَ تقسيم مان ديسي لفظن وارو قسم ۽ انهن لفظن جو ذخيرو برصغير جي لسانيات جي ماهرن لاءِ عموماً ۽ سنڌ جي لاءِ خصوصاً توجهه لائق آهي ڇاڪاڻ ته ديسي لفظن جي ذخيري مان مراد، اهي لفظ يعني اُن ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪا آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

ڊاڪٽر ٽرومپ سنڌي ٻوليءَ ۾، جڏهن لفظن جي انهيءَ ذخيري يعني ”ديسي لفظن“ جي ذخيري جو مطالعو ڪيو، تڏهن ڪيس پنهنجي پهرين راءِ (سنڌي سنسڪرتي ٻولي آهي تي وري سوچڻو پيو، ۽ ڪيس پنهنجي اها راءِ بدلائڻي پيئي. هن پنهنجي ڪتاب، ”سنڌي گرامر“ ۾ هيءَ راءِ قائم ڪئي ته:

”ٻئي طرف اسان لفظن جو ڪجهه اهڙو به ذخيرو هٿ ڪيو آهي، جنهن کي قديم مقامي ٻوليءَ جا لفظ چئي سگهجي ٿو، جنهن (ٻولي) جي نالي جو اڄ اسان کي پتو پئجي نٿو سگهي، پر ممڪن آهي ته اها قديم ٻولي تاتار خاندان (TATAR STOCK) جي شاخ هئي ۽ جا آرين جي

اچڻ کان اڳ پوري برصغير تي ڇانيل هئي، ڇاڪاڻ ته برصغير جي مڙني ٻولين ۾ ساڳئي قسم جو غيرآريائي ذخيرو موجود آهي، جنهن کي پراڪرت جي پراڻي ويا ڪرڻين ”ديسي“ (PROVINCIAL) لفظ سڏيو ويو آهي“ (2).

ڊاڪٽر ٽرومپ جي هن راءِ ڏيهي ٻولين تي تحقيق ڪندڙن جي وڏي مدد ڪئي. دراوڙي ٻولين جي ماهر ۽ ان وقت جي مشهور محقق ڊاڪٽرت ڪالڊوي، ڊاڪٽر ٽرومپ جي هن راءِ کي پنهنجيءَ دعويٰ جي دليل طور ڪم آندو. ڊاڪٽر ڪالڊويل پنهنجيءَ مشهور تصنيف A COMPARATIVE GRAMMAR OF THE DRAVIDIAN OR SOUTH INDIAN FAMILY OF LANGUAGES ۾ لکي ٿو:

”ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو گرامر“ ۾ لکيو آهي ته اُترين صوبائي ٻولين غيرآريائي عنصر رکن ٿيون. هن جي خيال موجب هن ڪجهه اهڙو ذخيرو به هٿ ڪيو آهي جيڪو هتي جي مقامي ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي نالي جي خبر نه آهي، جيڪا ممڪن آهي ته تاتار خاندان مان هئي، جيڪا آرين جي اچڻ کان اڳ سڄي برصغير تي ڇانيل هئي.

اها مقامي ٻولي ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ ”سٿين“ خاندان جي ڇئي وڃي ٿي، پر جنهن کي هو (ٽرومپ) تاتار خاندان جي شاخ ڪوٺڻ وڌيڪ مناسب سمجهي ٿو.

ٽرومپ جي راءِ موجب اُهي لفظ جن ۾ موروثي آواز اچن ٿا، انهن لفظن جون ٿي پٽيون ان غيرآريائي زبان جون نشانيون آهن جيڪا هن خطي جي اصلي زبان هئي، جنهن کي ”سٿين“ سڏيو ويو آهي، پر جنهن ٻولي کي هو (ٽرومپ) تاتاري ٻولي ڪوٺڻ وڌيڪ مناسب ٿو سمجهي.“(3)

ڊاڪٽر ڪالڊويل آرين جي آمد کان اڳ وارين برصغير جي غيرآريائي ٻولين کي ديسي يا مقامي ٻوليون سڏيندي، لکي ٿو:

”ديسي ٻولين ۽ سنسڪرت جي ويا ڪرڻي سٽاءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي مقامي ٻوليون غيرآريائي ٻوليون آهن ۽ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهجي ٿو ته اتر- هند

جي ٻولين جو ويا ڪرڻ دراوڙي ٻولين جي ويا ڪرڻ سان هڪجهڙائي رکي ٿو.(4)

ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ کي جديد تحقيق ۽ جديد کوجنا جي روشني ۾ نئين سر پرکڻ کان پوءِ ۽ سنڌيءَ ۽ مکيه دراوڙي ٻولين(5) (تامل، تيليگو ۽ ڪناڙي) جي صوتي صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جي مطالعي کان پوءِ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ: سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. ان هن ڏس ۾ ڪوپن هيگن جي انسٽيٽيوٽ آف ايشيئن اسٽڊيز جي ماهرن ڊاڪٽرن پرپولا، سيموئل پرپولا وغيره ۽ روس جي عالمن، ڪمپيوٽرن جي ذريعي موهن جي دڙي جي قديم لکت کي پڙهڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪري، هن راز کي سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ماهرن جي دعويٰ آهي تہ موهن جي دڙي واري ٻولي دراوڙي ٻولين جي ماءُ ( PARENT LANGUAE) آهي، جنهن مان اهي دراوڙي ٻوليون اسريون آهن (6) هنن ماهرن ڪن مهرن جون پڙهٽيون بہ ڏنيون آهن. ڪي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جي ڪڍيل نتيجن ۽ پڙهڻ مان حل ڪيل لفظن مان بہ عام آهن(7).

مثال طور:

بهرحال تازين کوجنائن مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ دراوڙي ٻولين جو اصلي بنياد موهن جي دڙي واري ٻولي آهي. رشيئن ۽ ڊينمارڪ جي عالمن موهن جي دڙي جي مهرن واري لکت پڙهڻ کان پوءِ اها دعويٰ ڪئي آهي تہ موهن جي دڙي واري ٻوليءَ جي صرفي سٽاءَ — لفظن جوڙڻ لاءِ پڃاڙيون ملائڻ، عدد وغيره موجوده وقت واري سٽاءَ سان هوبهو هڪجهڙائي رکي ٿي تنهنڪري انهيءَ دعويٰ جي مدد سان اهو ثابت ٿيو آهي تہ دراوڙي زبانون موهن جي دڙي واري ٻوليءَ مان اُسريون هيون. هن سلسلي ۾ محترم سراج بہ انهيءَ راءِ جو آهي تہ سنڌي ٻولي دراوڙي ٻولين مان هڪ آهي، جيڪي موهن جي دڙي واري قديم ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن. سراج صاحب جو رايو آهي:-

”هيل تائين سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪي مفروضا قائم ٿيا آهن تن جو فقط اهو سبب آهي تہ ڪنهن بہ ماهر سنڌي ٻولي ۽ دراوڙي ٻولين جو

تقابلي جائزو نہ ورتو آهي. ان ڪري هروڀرو سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوٽن، اڳياڙين ۽ پڇاڙين ۽ لفظي جوڙجڪ کي سنسڪرت سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جن زبانن کي هن وقت آريائي زبانون چيو وڃي ٿو انهن سان بہ سنڌيءَ جا لاڳاپا رهيا آهن. پر انهن جو اثر محض معاشرتي ۽ تمدني رهيو آهي. جهڙوڪ سامي ٻولين، عربي وغيره جو رهيو آهي. اهو اثر مذهبي لاڳاپن جي حدن اندر هڪ مخصوص دائري ۾ وڌندو رهيو آهي." (8).

سراج صاحب مهاڻا، ملاڪا ۽ ملاح دراوڙي ذاتيون سڏيندي بحث جو اختتام ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ سنڌي دراوڙي ٻولي آهي.

ڪنهن زماني ۾ هي نظريو عام هوندو هو تہ آرين جي اچڻ وقت سنڌوماٿر جون قديم قومون، خوف ۽ هراس وچان ڪي ڏکڻ طرف پڇي ويئيون تہ ڪي اوپر طرف هليون ويئيون. اهو نظريو هرگز قبول ڪري نٿو سگهجي ڇو تہ آرين جي اچڻ وقت سيني ماڻهن جو ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃڻ ۽ ڪنهن جو بہ ملڪ ۾ نہ رهڻ ممڪن نہ آهي. سنڌ تي سدائين حملا ٿيندا رهيا آهن. حملہ آور قومون سنڌ ۾ هر دور ۾ اينديون رهيون آهن، پر ديسي ماڻهو سڀ ڪڏهن بہ ملڪ ڇڏي ڀڄي ڪو نہ ويا آهن. محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ جا ڪي لوهاڻا ڪٽنب سنڌ ڇڏي اوڀر طرف وارين هندو رياستن- بيڪانير، جيسلمير، جيپور ۽ جوڌپور- ۾ وڃي وينا، پر اڪثريت سنڌ ۾ ئي رهي، جن مان ڪي مسلمان ٿيا ۽ ٻيا پنهنجي هندو ڌرم تي قائم رهيا. اهڙيءَ طرح آرين جي اچڻ وقت بہ ڪي ڪٽنب ملڪ ڇڏي ويا هوندا، پر آباديءَ جي وڏي حصي آرين جي آڻ مڃي هوندي ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ رهڻ پسند ڪيو هوندو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ملڪ ڇڏي ويا هجن ها تہ پوءِ بروهي قوم جو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ وجود ئي نہ هجي ها. بروهين، اوڏن ۽ ٻين قديم قومن جو وجود ثابت ٿو ڪري تہ سڀ ماڻهو ملڪ ڇڏي ڪو نہ ويا هئا. انهيءَ ڪري قديم ديسي ماڻهن آرين جي تسلط هوندي بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجو روزانو ڪاروبار هلايو هوندو. سندن روزانہ زندگيءَ ۾، سندن ماحول اندر سندن ئي ٻولي قديم سنڌي ٻولي- چالو رهي هوندي، جا ڪين سندن ابن ڏاڏن کان، انهن کي انهن جي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هئي.

البت هيءَ ڳالهہ قبول ڪبي تہ انهي قديم ديسي باشندن جي ٻوليءَ تي آهستي آهستي آرين جي ٻوليءَ جو اثر ضرور ٿيو هوندو. حاڪمن جي ٻولي هئڻ جي ڪري، محڪوم ماڻهن يعني قديم رهاڪن آرين جي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتا هوندا، پر ائين ناممڪن آهي تہ انهن قديم ماڻهن پنهنجي سڌريل ۽ مهذب ٻوليءَ کي بلڪل ڇڏيو هوندو، البت سندن ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو گاڏڙ بنجي ويو هوندو، پر ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ آرين جي ٻوليءَ جو ايترو اثر ترت ٿيو هوندو، جو مقامي ٻوليءَ جو موت آيو هجي، يا اُها ٻولي ختم ٿي ويئي هجي، جيڪڏهن ائين ٿيو هجي ها تہ بروهڪي ٻولي بہ انهن سان گڏ ختم ٿي ويئي هجي ها. بروهڪي ٻولي باوجود انهيءَ جي تہ اها لکي نٿي وڃي تڏهن بہ پاڻ کي زنده رکندي اچي.

هت اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ دراوڙي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سٽاءُ لڳ ڀڳ ساڳيو آهي.

سنڌي ٻولي جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جي دراوڙي ٻولين- تامل- تيلگو ۽ ڪناڙي- صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ سان جڏهن ڀيٽ ڪجي ٿي تہ تڏهن منجهن- سنڌي ۽ دراوڙيءَ ۾ - بيشمار هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون ۽ هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ کي آريائي ٻولي سڏڻ سچ پچ تہ تاريخي حقيقت کي لڪائڻو آهي. سنڌي ٻولي، آريائي زبانن کان اڳاٽي موهن جي دڙي جي زبان ۽ دراوڙي ٻولين جو اصلي بڻ بنياد آهي. جيئن روسي ۽ فنس (FINIS) عالمن جو رايو آهي. حقيقت ۾ موهن جي دڙي واري قديم ”سئندو“ ٻولي (سنڌ جي ٻولي) تي، آرين جي اچڻ کان پوءِ آريائي، پراڪرت، داردي ۽ پوءِ پالي ٻوليءَ جو اثر ٿيو آهي. انهيءَ اثر جي باوجود پنج هزار سال گذرڻ کان پوءِ بہ، سنڌي ٻولي پنهنجي پراڻي ۽ اصلوڪي غيرآريائي صوتياتي صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ سواءِ ڪنهن معمولي اثر جي ٻي ڪا بہ بنيادي تبديلي ڪا نہ آندي آهي، البت پراڪرتي ڌاتن ۽ لفظن جو وڏو ذخيرو سنڌي زبان ۾ داخل ٿي ويو آهي ۽ انهن کي موجوده وقت ۾ سڃاڻڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ڪيترائي پراڻا مقامي ڌاتو متروڪ ٿي ويا، انهن جي جاءِ نون پراڪرتي ڌاتن ورتي، پر انهن اڌارن (تتسم ۽ تدڀو) ڌاتن

جي ڪري ٻوليءَ جي ڍانچي يا سٽاءَ ۾ ڪو به فرق ڪو نه آيو آهي.
(اصل تان مختصر ڪيل)

## حوالا


(1) PISCHIL, OP.CIT.P-97

(2)TRUMP, OP.CIT, INRODUCTION, P-111

(3)REV.ROBERT CALDWELL. "A COMPARATIVE GRAMMAR OF THE DRAVIDIAN OR SOUTH- INDIAN FAMILY OF LANGUAGES." TRUBNER CO: LUDGATE HOLL. LONDON. 1875 INTRODUCTION.P-6

(4) IBID, P-59

(5) ڪالڊويل لکي ٿو ته، دراوڙي ٻولين جي خاندان کي ڪنهن زماني ۾ يورپ جا ماهر (TARMUHAN) يا (TAMULIC) سڏيندا هئا، پر تامل، هڪ پراڻي ۽ مهذب ٻولي آهي. (مهاڳ، ص-) DRAVIDAN لفظ DRAVIDA مان نهيو آهي، اهو لفظ ڪنهن زماني ۾ تامل جي برابر هو.

(6) THE DAILY DAWN SUNDAY,JULY,20th,1969P_17

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ ملن ٿا. جن ۾ /ت/ حذف ٿي ويندو آهي.
/ن/ ۽ /ڻ/ جي تبديليءَ جا به گهڻائي مثال موجود آهن.

(8) IBID,P_18 ALSO SEE:

ASKO PARPOLA, SEPPO KOSKENNIEMI, SIMO PARPOLA AND PENTTI AALTO, DECIPHERMENT OF THE PROTO_DRAVIDIEN INSCRIPTION OF THE INDUS CIVILIZATION, THE SCANDINAVIAN INSTITUTE OF ASIAN STUDIES, COPENHAGEN,1969, PP, 5, 15, 23, 29, 30.

IBID, "PROGRESS IN THE DECIPHERMENT OF THE PROTO DRAVIDIAN INDUD SCRIPT", P_2

(9) GRIERSON, "LINGUISTIC SURVEY OF INDIA" VOL:I PART_1,1927,P_130

(10) MARIO, A.PEI, "THE WORLDS CHIEF LANGUAGES GEORGE" ALLEN & UNWIN, LTD, LONDON, THIRD EDITION, P_48

(11)CALDWELL,OP.CIT,P_57.

(12)IBID, P_525-P-525

(13)REF.1.INTRODUCTION P-64

(14) GANKOVSKY,YU,V. "THE PEOPLES OF PAKISTAN" PEOPLES PUBLISHING HOUSE,US.S.R ACADEMY OF SCIENCES, DRAVARY 26,SHAHRAH_E_QUAID-AZAM, LAHORE,P_33.

(15) روزانه هلال پاڪستان ڪراچي،30 مئي 1972ع ص 13،6،5،۽ 20 جون، 1972ع،ص 5.

سراج الحق ميمڻ

# سنڌي ٻولي

سنڌيءَ جي بڻ بڻياد بابت جيڪي نظريا اسان وٽ رائج رهيا آهن، تن کان اوهين واقف هوندا. ان جي تفصيل ۾ وڃڻ آءٌ ضروري ڪونہ ٿو پائيان. جيڪڏهن ان جي تفصيل ۾ وڃڻ گهرو تہ محترم غلام علي الانا جو ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد“ ان موضوع تي هڪ نهايت علمي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي. محترم عبدالجبار شام ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ سمورن نظرين جو اختصار سني نموني ۾ ڏنو آهي. البت اهو اختصار بنهہ مختصر آهي. بنيادي طرح ان بابت ٽي نظريا آهن: هڪڙو ڪلاسيڪي نظريو، جيڪو ڪاڪي ڀيرو مل سان منسوب ڪري سگهجي ٿو۽ جنهن کي ڪافي عرصي تائين حتمي سمجهيو ٿي ويو تہ سنڌي سنسڪرت جي پراڪرتن مان وراچڊ اپڀرنش مان اسري ۽ ان جي مڪمل شڪل ڏهين يارهين صديءَ ڌاري سامهون آئي. اهو نظريو سرگريئرسن ۽ ٽرنر جي آڌار تي اڏيو ويو. جيتوڻيڪ ان نظرئي جو هڪ مجيندڙ ڊاڪٽر ٽرمپ ان بابت پنهنجي شڪ شبهي کي واضح لفظن ۾ بيان ڪندي چيو تہ سنڌيءَ جون ڪي خصوصيتون اهڙيون آهن، جيڪي ان کي ان سٺ کان بنهہ ٻاهر ۽ عليحده ڪري ٿيون ڇڏين. ڪافي ورهين گذرڻ کان پوءِ، ان نظرئي جي بينل پاڻيءَ ۾، سنڌ جي هڪ نامور ۽ عظيم محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڦهريون پٿر اڇلايو. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب، تاريخ ۽ لسانيات جو هڪ اهڙو مينار آهي، جنهن جي عظمت ۽ خدمتن کان انڪار ممڪن نہ آهي.هن جيڪي ڪجهہ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ کي ڏنو آهي، سو مون جهڙن سوين سيڪڙاٽن جي سڄي عمر جي ڪئي کان وڌيڪ آهي. ڊاڪٽر صاحب جيڪو پٿر اڇلايو، ان جي نتيجي ۾ ئي سنڌي جي بڻ بڻياد بابت نئين ذهن سان سوچڻ جي فضا ۽ تحريڪ پيدا ٿي. هن اهو نظريو ڏنو تہ سنڌي سنسڪرت مان ڪانہ اسري آهي پر سنڌو ماٿر جي قديم ٻوليءَ مان اسري آهي، جيڪا لاشڪ سامي_سٺ جي ٻولي هئي ان ٻولي جي سٺاءَ ۾ سامي سٺ جي ٻولين

يعني سرياني، عبراني، حبشي ۽ عربي جا اجزاءَ آهن. البت ان جي جزئيات ۾ ويندي ڊاڪٽر صاحب کي اهڙيون ڳالهيون ڪري ويو، جي علمي ۽ سائنسي طرح تسلي بخش نہ هيون. مثلاً اهو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ سنڌي ۾ حرف علت نہ هئا، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب هاڻ انهن ڳالهين کي صحيح نٿو سمجهي. هڪ عالم جي اها ئي نشاني آهي تہ هو پنهنجي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار هجي.

بهرحال ان وقت ڊاڪٽر صاحب جي پيدا ڪيل فضا ۽ تحريڪ جي نتيجي ۾ مون بہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي لکيو، جيڪو ”سنڌي ٻولي“ ڪتاب ۾ ان کان اڳ ۾ پوءِ وارن مضمونن تي مشتمل آهي. منهنجي نظرئي جا ٽي بنيادي نقطا هئا: پهرين تہ سنڌي هن سر زمين تي ڄائي، نپني ۽ ٻاهران ڪانہ آئي. ان بنياد تي سنڌي سنسڪرت کان اڳ جي ٻولي آهي، جنهن جا آثار موهن جي دڙي جي کوٽاين مان نڪتل مهرن تي موجود آهن. ٻيو سنسڪرت يا سامي ٻولين جو اثر محض معاشرتي يا سماجي آهي، جنهن ۾ مذهب بہ شامل آهي. ان اثر هيٺ سنسڪرت ۽ عربيءَ جو اثر ٻيو ۽ اسان جي ٻولي هزارين لفظن کٽي وڏيڪ شاهوڪار ٿي. ٽيون تہ بجاءِ ان افساني جي تہ آريا يا اهڙو ڪو نسل ٻاهران آيو، جيڪو نظريو يورپي ۽ خاص طور جرمن ذهن جي اختراع هو ۽ جنهن جا مقصد سياسي هئا ۽ نہ عملي. ان جي برعڪس اڳاٽي تاريخ جو مطالعو اهو ٿو ڏيکاري تہ هتان لڏپلاڻ ڪري قبيلا اولهہ توڙي اوڀر ڏانهن ويا ۽ جهڙيءَ طرح پوءِ جي اينڊڙ قبيلن جي ڪري اسان وٽ انهن جي ٻولين جي اثر پيو، تهڙيءَ طرح سنڌيءَ جو قديم اثر ٻين زبانن تي پيو هو. انهن ٽنهي نقطن تي مون پنهنجي ڄاڻ آهر، ابتدائي مختصر خاڪا پڻ پيش ڪيا. سنڌي صوتيات يا آواز ڪيئن وجود ۾ آيا، ان جو ابتدائي خاڪو مٽي پاڻي باهہ يا قدرتي عناصرن جي آوازن جي بنياد تي پيش ڪيم. سنڌي جي بڻ بنياد بابت اهو مفروضو پيش ڪيم تہ قديم سنڌي ٻولي PROTO SINDHI قديم دراوڙي سٺ سان لاڳاپيل آهي، جنهن جا آثار موهن جي دڙي جي هڙاپا جي مهرن تي موجود آهن ۽ ٽئين نقطي لاءِ آرڪيالاجي توڙي لساني اثرن جو تقابل پيش ڪيم.

آءٌ اهو ورجائڻ ٿو گهران تہ مون مخص هڪ طالب علم جي حيثيت ۾ پنهنجي محدود ڄاڻ آهر، پنهنجي راءِ پيش ڪئي. ان راءِ جي صحت يا غلطين جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ گهڻائي ماهر موجود هئا ۽ آهن. آءٌ البت ايترو چوندس تہ محترم ڊاڪٽر بلوچ جيئن مانيءَ پاڻيءَ ۾ ڀِريون پٽر هڻي ٻُولا ۽ تحقيق جي دعوت ڏني ۽ فضا ۾ چوبول پيدا ڪيو ۽ ان تي وڌيڪ تلاش ۽ تحقيق جو دائرو وسيع ٿيو ۽ نوجوان ان ميدان ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا. ان سلسلي ۾ آءٌ خاص طرح ٻين عالمن جو ذڪر ڪندس. محترم علي نواز جتوئي، جنهن ڊاڪٽر صاحب جي حمايت ۾ منهنجي چڱي لاڪ لاٿي. محترم غلام علي الانا، جنهن منهنجي ڪيترين غلطين جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ ان نظريي کي اڳتي وڌايو تہ سنڌي جو بڻ بڻياد اجا ٻُولا جو مستحق آهي، ۽ شايد بنيادي طرح ان جو ڳانڍاپو دراوڙي سٽ سان آهي جن جو بڻ بڻياد وري توراني ٻولين ۾ ڳولڻو پوندو. پر وچ جي اهم ڪڙي موهن جي دڙي واري ٻولي آهي. ڀارت ۾ ليليٰ رچنداڻي، لڇمڻ خوبچنداڻي، ڪرشن جيٽلي ۽ ڊاڪٽر اجواڻيءَ بہ سنڌي ٻوليءَ تي قابل قدر مضمون ۽ مقالا لکيا آهن.

هاڻ مک ڳالهہ اها آهي تہ موهن جي دڙي جي ٻولي ڪهڙي هئي؟ جڏهن بہ ان تهذيب جي مهرن تي لکيون حتمي طرح پڙهيون ويون، تڏهن ئي سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد بابت ڪا حتمي راءِ قائم ڪري سگهبي تہ ڇا اها سنڌيءَ جي ئي ڪا قديم صورت هئي، جيئن آءٌ ٿو سمجهان يا ڪا اجا ئي ٻي ٻولي هئي. هت آءٌ مناسب ٿو سمجهان تہ اوهان اڳيان موهن جي دڙي جي ٻوليءَ بابت هلندڙ تحقيق جو مختصر جائزو پيش ڪريان.

سڀ کان پهرين 1875ع ۾ هڙاپا مان لڌل هڪ مهر سر اليگزنڊر ڪننگهم شايع ڪئي ۽ پراڻين هندستاني لپين جي مدد سان ان تي لکيل لفظ کي "لڇميہ" پڙهيائين، جيڪو هن جي خيال ۾ گوتم ٻڌ جي زماني جي حرفن ۾ لکيل هو. 1886ع ۾ لانگورٿ ڊيمس، جنهن بلوچ زبان تي بنيادي ڪم ڪيو آهي، بہ ٻيون مهرون هٿ ڪيون. اهي بہ هڙاپا مان لڌيون ويون هيون ۽ مسٽر فليٽ FLEET 1912ع ۾ شايع ڪيون. 1921ع ۾ هڙپا جي باقاعده کوٽائي شروع ٿي تہ ان مان ڪيتريون ئي نيون

مهرون لڌيون. 1922ع مسٽر آر ڊي بئنرجي موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي، جنهن صاحب کي بہ اهڙيون ڪئين مهرون مليون، جهڙيون هڙاپا مان مليو هيون. انهن مهرن دستياب ٿيڻ سان دلچسپي انتها تي پهچي ويئي ۽ بنهي هنڌن تي باقاعدي وسيع پيماني تي کوٽايون شروع ٿيون. انهن کوٽاين جون رپورٽون 1931ع کان 1940ع تائين شايع ٿينديون رهيون. انهن رپوٽن ذريعي اٽڪل اڍائي هزار لکيتون منظر عام تي آيو. 1935ع ۾ ارنيسٽ مئڪي چانهونءَ جي دڙي جي کوٽائي ڪئي، جنهن مان 80 کن مهرون لڌيون.پنجاهہ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ مسٽر ايس- آر راو هندستان ۾ گجرات جي لوٿل جي دڙي جي کوٽائي ۾ ايڪهتر مهرون لڌيون. ان کان پوءِ سٺ واري ڏهاڪي ۾ مسٽر بي_ ڪي ٿاپا راجستان ۾ ڪالي ٻنگن جي هنڌ تان بہ اهڙيون ئي ڪجهہ مهرون لڌيون. اسان وٽ آرڪيالاجي جو کاتو مختلف وقت تي ڪن ٻڙن جون کوٽائيون ڪندو رهيو آهي، ۽ ڪيئن اهم ۽ غير اهم شيون، سنڌو سيتيا جي ان دور سان لاڳاپيل هٿ ڪندو رهيو آهي، جن مان شايد سڀ کان اهم ڪراچيءَ جي ويجهو ”الهڏني جي ٻڙي“ مان موهن جي دڙي جهڙي هڪ لکيل مهر آهي. هن وقت ان ڪم ۾ سڀ کان بنيادي اهم ڪم ڊاڪٽر رفيق مغل ڪري رهيو آهي، جيڪو نہ رڳو کوٽائيون ڪري رهيو آهي پر سنڌو سڀيتا جي مختلف هنڌن جي نشاندهي ڪري، هڪ اهڙو خاڪو يا نقشو تيار ڪري رهيو آهي، جنهن مان ان تهذيب جي پکيڙ، ڦهلاءُ ۽ ڏس جو اندازو ٿي سگهي. تازو سڄل سيمينار تي ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل جو مقالو پڙهڻ وٽان آهي. سنڌي تهذيب جون ڪجهہ مهرون ميسوپوٽيميا مان لڌيون، جيڪي سر جان مارشل 1924ع ۾ شايع ڪيون. هڪڙي اهڙي مهر 1971ع ۾ مسٽر لئمرگ ڪارلو وسڪي کي ڏکڻ ايران ۾ ايلمائيٽ تهذيب جي هڪ دڙي جي کوٽائي ڪندي پڻ ملي آهي. انهن سان لاڳاپيل مواد وري ايراني نار جي علائقن ۾ بہ دستياب ٿيو آهي، جتي ڊئنش ماهرن کوٽايون ڪيون. خاس طرح بحرين ۽ فليڪ جي کوٽاين مان مليل مواد جي بنياد تي اهو خيال ڏيکاريو ويو آهي تہ موهن جي دڙي جي تهذيب وچ اوڀر ۾ ”دلمون“ جي نالي سان مشهور هئي ۽ ان جي ماڻهن

ڪي ”ملهه“، ”ميلهه“ ”ملوڪ“ يا ”ملوخ“ سڏيو ويندو آهي. لکتين جو سمورو مواد فنلئنڊ جي ماهرن خاص طرح سان ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، سندس ڀاءُ سهيڙي ولا ۽ سيپوڪوسڪينميءَ، ڪمپيوٽر جي مدد سان سهيڙي،

MATERIALS FOR THE STUDY OF THE INDUS SCRIPT. A CONCORDANCE TO THE INDUS INSCRIPTIONS

نالي سان 83-1984ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب تي جيڪا محنت ڪئي ويئي، ان جو اندزو فقط تحقيق ۽ کوجنا ڪندڙ عالم ئي لڳائي سگهن ٿا ۽ اهو سندن تحقيقي ڪم جو پهريون جلد آهي، جنهن جي بنياد تي هو موهن جي دڙي جي لکيتن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، هنن جو وڌيڪ تفصيلي ذڪر اڳيان ڪندس. ان سلسلي ۾ بين تحقيقن جو ذڪر بہ اڳيان ايندو.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي لکيتن کي پڙهڻ جي ڪوششن مان سڀ کان پهرين ڪوشش جو ذڪر اڳ ڪري آيو آهيان، جنهن ۾ سر ڪننگهم هڪڙي مهرکي هندستان جي قديم لپين جي مدد سان”لڇميہ“ ڪري پڙهيو. جڏهن شروعاتي کوٽاين جون رپورٽون شايع ٿيون، تڏهن سر جان مارشل پهرئين ان کي ”اندو- سميرين“ جو نالو ڏنو، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ هنن لکيتن ۽ سميري لکيتن ۾ گهرو رشتو نظر ٽي آيو. جڏهن وڌيڪ مواد شايع ٿيو، تڏهن هن اهو خيال ڏيکاريو تہ رگ — ويد ۾ ڪي اهڙا قديمي عنصر ملن ٿا، جيڪي سنسڪرت کان اڳ جا آهن. ٻيو تہ جنهن علائقي ۾ هي آثار دستياب ٿيا آهن، ان علائقي ۾ هڪ غير سنسڪرتي يا دراوڙي زبان ”بروهي“ موجود آهي. ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هنن لکيتن ۾ انهيءَ سان لاڳاپيل ڪا ٻولي هجي. ٻئي طرف تاريخي تسلسل کي سامهون رکندي، هنن ماهرن جو رايو اهو هو تہ انهن لکيتن مان ئي هندستان جو قديم ترين برهمي رسم الخط اسريو هجي تہ شڪ نہ آهي. سر جان مارشل جي راءِ کي سامهون رکي، 1934ع ۾ اٽليءَ جي هڪ عالم پيرو ميريگي PIERO MERAIGGI پڻ بروهيءَ جي فائدي ۾ هڪ تحقيقي مقالو لکيو، البت هن اهو چيو تہ اها زبان گذريل چئن هزار سالن ۾ ايترو بدلجي ويئي آهي، جو ان جي صوتياتي

پڙهڻي (PHONETIC DECIPHERMENT) ممڪن نہ آهي. ان ڪي هن مهرن جي شڪلين جي اصطلاحي ۽ معنوي (SEMANTIC) پڙهڻيءَ جي هڪ ڪوشش ڪئي تہ جيئن اها خبر پئجي سگهي تہ ان ۾ استعمال ڪيل اصطلاحن جو گهاڙيٽو ڪهڙيءَ شڪل جو آهي.

ٻئي طرف برهميءَ کي بنياد بڻائي، انهن لکيتن کي پڙهڻ جون ڪوششون بہ ميدان تي آيون، جن پروفيسر لئنگڊن، گئب، سمٿ ۽ هنٽر جون محنتون قابل قدر آهن. انهن مان بہ سڀ کان مڪمل ۽ مفصل پروفيسر جي آر هنٽر آهي، جنهن 1934ع ۾ سينڌي قديم رسم الخطن جي پيٽ ڪري، برهميءَ لپيءَ کي موهن جي دڙي جي رسم الخط مان اسريل ڏيکاري، انهن جي قديمي شڪيلن مان صوتياتي (PHONETIC) پڙهٽيون قائم ڪيون. سندس ڪتاب جو نالو آهي THE SCRIPT OF HARRAPA AND MOHEN JO DARO ۽ ميشرس ڪيگن پال وارن 1934ع ۾ ان جو پهريون ڇاپو شايع ڪيو. هنٽر جي پڙهٽين سان عالم متفق هجن يا نہ هجن پر هن جي ان تحقيق کي سينڌي قبول ڪيو آهي تہ هي لکيتون ساڄي کان کابي طرف لکيل آهن. آءٌ اعتراف اڳ بہ ڪري چڪو آهيان ۽ هن وقت بہ ڪريان ٿو، هنٽر جي بنيادي اصولن کي قبول ڪندي تہ هندستان جا قديم رسم الخط ارتقائي طرح سنڌي سڀيتا جي رسم الخط مان اسريا آهن، مون پنهنجون پڙهٽيون مقرر ڪيون، پر ان ۾ بہ بنيادي اعتراض هئم: هڪ تہ ان جي ٻولي صوتياتي عينيPHONETIC هجڻ بدران SYABLES تي مبني آهي ۽ ٻيو تہ اها ٻولي پروٽو- انڊو- جي بدران پراچين سنڌي پروٽو سنڌي آهي، جنهن جو ڳانڍاپو دراوڙي ست سان آهي، مون پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 86 تي فٽ نوٽ ۾ اهو چيو هو تہ اهي پڙهٽيون گماني آهن ۽ ان باري ۾ مون کي ڪا خوش فهمي ڪانهي. ممڪن آهي تہ اهي هڙئي غلط هجن يا منجهن ڪجهہ تجربا بار آور ثابت ٿين. ٻي ڳالهہ جا ان وقت مون کي ڌيان جوڳي لڳي هئي، سا اها تہ ان وقت جي سنڌي ٻولي ماءُ آدرشي سماج جو اولڙو ڏيکاري ٿي، اهو ئي سبب هو جو بنيادي رشتن جي اهم لفظن_ماءُ پيءُ ياءُ ڌيءُ ۽ سس سان ضميري نشانن جي ڳانڍاپي ۾ هڪ استثنيٰ نظر اچي ٿي، سا اها تہ وچ ۾ هڪ پد_ ٺهہ_ ايري ٿو اچي، جيئن

ضمير غائب ۾ ڏيءُ مان ڏيٺهس، ضمير حاضر ۾ پاءُ مان پاٺهين (غائب ۾ پاٺس) پيءُ لاءِ ساڳئي طرح پٺهس پٺهين، ماءُ مان ماٺهس ۽ ماٺهين وغيره.

منهنجي خيال ۾ اها صورت موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي اثر هيٺ آهي، جتي لفظن جي پدن جي وچ ۾ اٺهه- اٺس وغيره جو پد اپري ٿو اچي، جنهن جي شڪل مهرن تي ماٺهوءَ جي مختلف صورتن جي آهي ۽ جنهن ماٺهو جي مٿي تي ڪو چٽ يا سگ يا اهڙي ڪا ٻي نشاني آهي. ان اٺهه_اٺهس جو بڻ بڻياد مون کي سمجهه ۾ نه آيو هو. اچ جڏهن مون موهن جي دڙي جي پڙهڻين جو دراوڙي نظريو اڳيرو ٿيو آهي، تڏهن سمجهجي ٿو ته اهو پد آٺهه يا آڻ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ماٺهو، (A DRAVIDIAN ETY MOLOGICAL DICTIONARY) جي فهرست ۾ نمبر ڇهانوي ۽ ٽي سؤ ٻائيتاليهه وغيره ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. منهنجي نظرئي جي ڳالهه ته ائين ضمنن وچ ۾ اچي ويئي، نه ته ذڪر پئي هليو، سنڌي سڀيتا جي ٻوليءَ کي پڙهڻ جي تجرَبن جو. هنٽر واري تجربي ۽ نظرئي جي مقابلي ۾ ٻيو نظريو آهي. انهن لکيتن ۾ ڪنهن قديم دراوڙي (PROTODRAVIDIAN) ٻولي جي اهڃاڻن جو. ان لاءِ مون سر جان مارشل ۽ مسٽر ميريگيءَ جي اوائلي اشارن جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان نظرئي جو پهريون تفصيلي ذڪر هينري هيئرس پنهنجي مضمونن جي هڪ ڊگهي سلسلي ۾ ڪيو ۽ بالآخر پنهنجو ڪتاب 1953ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. هن جو خيال هو ته موجوده دراوڙي ٻولين کي پاڻ ۾ پيٽي، انهن جي بنيادي پراچين صورت کي انهن جي پڙهڻين لاءِ قائم ڪري سگهجي ٿو. هن خيال ڏيکاريو ته انهن مهرن ۾ نه صوتياتي طرح حرف صحيح جون نشانيون آهن ۽ نه ئي پدن جون نشانيون آهن، اُهي نشانيون دراصل مڪمل لفظن جي نمائندگي ڪن ٿيون. هن جي نظر ۾ جيڪا نشاني اڪثر مهرن جي تحريرن جي آخر ۾ اچي ٿي. اها اضافت لاءِ متصل نشاني آهي ۽ هن جو ملهه- اٽو- مقرر ڪيو، مڇيءَ جي نشانيءَ لاءِ هن ملهه مين- مين- مينڻ مقرر ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ مڪائيل وينٽرس MICHEL VENTRIS چڙي ٻوليءَ وارين لکيتن يعني LINEAR B. SCRIPT کي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو

۽ اها راهه ڏيکاري تہ تحريرون جيڪي چڙو هڪڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل هجن. اهي، بہ پڙهي سگهجن ٿيون. ان کان اڳ وارا سمورا رسم الخط انهي ڪري حل ٿي سگهيا جو انهن جا ڪي مثال ٻين ٻولين ۾ لکيل مليا هئا، جن مان هڪڙي اڳي چاتل سڃاتل هئي، جيئن مصري هيرو گلفس سان گڏ پراڻي يونانيءَ جي هڪڙي صورت ڪا — پٽڪ ۽ ڊسڪوٽڪ ۾ ليکل تحريرون مليون، جن سان مسٽر شئمپولن پٽالي ۽ ڪلوپاترا جا لفظ پڙهي، مصري نشانين جا ملهہ مقرر ڪيا، ان موضوع تي سڀ کان بهترين ڪتاب منهنجي نظر ۾ سرائلن گارڊينر جو EGYPTION GRAMMAR جيڪو 1950-51ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ وارن ڇپايو هو. اهو سنڌ يونيورسٽي جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي ۽ جن دوستن کي قديم رسم الخطن کي سمجهڻ جو ضبط آهي، انهن کي اهو ضرور پڙهڻ گهرجي. سميري ٻولي بہ انهيءَ طريقي سان پڙهي ويئي، ڪن صورتن ۾ وري ائين بہ ٿيو جو ساڳي تحرير ٻن رسم الخطن ۾ پر هڪڙي ئي ٻولي ۾ دستياب ٿي، جنهن مان هڪڙو رسم الخط اڳي ئي پڙهيل هو. جيئن سميري تحريرون مورتي يا تصويري رسم الخط ۾ بہ دستياب ٿيون تہ ڳالهہ ڪلي پئي، ڇا ڪاڻ تہ مخروطي رسم الخط چاتل سڃاتل هو.

هيرنس جي مقالن انهيءَ ڪوجنا کي وري هڪ نئون رخ ڏنو ۽ ٻن مختلف گروهن، ان نظريي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ متان سنڌو سڀيتا جي رسم الخط ۾ ڪا پراچين دراوڙي ٻولي هجي، هڪڙو گروهہ- روسي ماهرن جو هو ۽ ٻيو ڊنمارڪ جو SCANDINAVIAN INSTITUTE OF ASIAN ۾ ڪم ڪندڙ فنلئنڊ جي ماهرن جو گروهہ هو، جن ۾ بہ پائر بہ هئا يعني آسڪوپرپولا سيموپرپولا. ماهرن جا اهي ٻئي گروهہ هڪ ٻئي کان الڳ تقريباً ساڳئي مفروضي تي ڪم ڪري رهيا آهن تہ انهيءَ رسم الخط ۾ ڪا پراچين دراوڙي زبان سمايل آهي ۽ ڪي ابتدائي نتيجا ۽ پڙهٽيون ساڳيون قائم ڪيون اٿن. ٻنهي جون ابتدائي رپورٽون 1966ع کان 1969ع جي وچ ۾ شايع ٿيون. روسي ماهرن جون رپورٽون گهڻو ڪري رُوسي ٻولي ۾ هيون. ان ڪري اسان جهڙن جي سمجهہ کان ٻاهر هيون. سنڌن پهرين انگريزي رپورٽ 1967ع ۾ (PROTO-INDICA) جي

نالي سان ڇپي. پرپولا وارن 1965ع کان تحقيق شروع ڪئي ۽ 1966ع کان 1986ع تائين هنن جون ڪيتريون رپورٽون ۽ مقالا شايع ٿي چڪا آهن. 1970ع ۾ آسڪو پرپولا پهريون ڀيرو پاڪستان آيو ۽ منهنجو مهمان ٿي رهيو. وري 1973ع ۾ آيو، جڏهن سندن تحقيق جو پهريون جلد (CONCORDANCE) ڇپجي آيو هو. هن محسوس ڪيو ته ٻوليءَ جي تحقيق سان گڏ دراوڙي تهذيب جي ٻين اهڃاڻن —مثلن ريتن رسمن، قديم مذهبي ادب ۽ نام نهاد آريائي ٻولين سان دراوڙي ٻولين جي لهه وچڙ بابت وڌيڪ تفصيلي کوجنا جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ هو هندستان ويو ۽ ڪجھ عرصو ڏکڻ هندستان ۾ وڃي ۽ هندستاني عالمن سان گڏ جي دراوڙي قديم مذهب، علم نجوم وغيره تي قابل قدر مضمون شايع ڪيائين. 1976ع ۾ SINDII THROUGH THE CENTURIES واري سيمينار ۾ به حصو ورتائين ۽ سنڌي عالمن، ڊاڪٽر الانا، ڊڪٽر بلوچ، رباني ۽ ٻين سان ملاقاتون ڪيائين ۽ اڄ تائين مون سان لکپڙهه ڪندو رهي ٿو.

پرپولا وارن جي تحقيق سنڌ ۾ به موهن جي دڙي جي ٻوليءَ لاءِ نئين دلچسپي پيدا ڪئي آهي. هو پنهنجي نظرئي ۾ ڪيتري قدر صحيح آهي سو فيصلو اڃا نه ٿي سگهيو آهي. ان ڪري ڪيترا عالم انهيءَ نظرئي جي مثبت ڳالهين کي ساڻ کڻي، پنهنجي کوجنائن ۾ مصروف آهن. ان سلسلي ۾ هڪ قابل قدر اضافو ڪينئرولسن J. V. KINNER WILSON جو ڪتاب INDO SUMMERIAN A NEW APPROACH TO THE PROBLEM OF INDUS SCRIPT آهي، جيڪو 1974ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ وارن ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان ۾ هن نئين مواد کي سامهون رکي هڪ نئون رخ ورتو آهي ته انهن مهرن ۾ انگن ۽ تورن ۽ ماپن وارين مهرن کي سميري پڙهتيون ڏجن ته شايد سموريون لکيتون پڙهجي پون. جيتوڻيڪ هن جا مقرر ڪيل اصول ۽ ملهه قابل قدر آهن پر آخر ۾ هو وري به سميري مونجهارن جو شڪار ٿي ويو آهي.

ان سلسلي ۾ تازه ترين ڪوشش مسٽر والٽر فير سروس جونيئر ڪئي آهي، جنهن موهن جي دڙي جي انگن وارن نشانن کي ملهه ڏيئي هڪ سؤ کن مهرن جي پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ سندس خيال

موجب آهي ماڻهن جا نالا آهن. مثال طور هن ”آراپيريڪي“، ”آمبارا“، ”چارونڻ پڙهڻيون ڏنيون آهن. سندس ڏڳهي ۾ ڏڳهي هيٺ ڏجي ٿي. (چرپٽم بريا آراپيريڪي پٽوڪارن). اهو آهي موهن جي دڙي جي رسم الخط کي پڙهڻ جي ڪوشش جو هڪڙو جائزو. انهن ۾ سڀ کان منظم، مفصل ۽ سائنسي زاويو پرپولا جو آهي. هو اجا تائين حتمي ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهيا آهن. ان لاءِ بنيادي طرح تي چار اهم سبب آهن، جن کي آءٌ مختصر طرح بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

پهرين بنيادي لغزش منهنجي نظر ۾ اها آهي تہ هو سنڌي جي بڻ بڻياد کي هند- يورپي يا هندآريائي سمجهن ٿا. ان ڪري نشانين لاءِ جيڪي ملهہ مقرر ڪن ٿا، سي تامل جي بنياد تي قديم دراوڙي ڏاتن تي مبني ڪيا اٿن.

هتي آءٌ مناسب ٿو سمجهان تہ انهن ملهن مقرر ڪرڻ ۾ هنن جو بنيادي اصول اوهان کي ٻڌائيندو هلان، جيڪو اصول بين قديم رسم الخطن لاءِ پڻ ڪارگر آهي. ان اصول کي (REBUS PRINCIPLE) چئجي ٿو، جيڪو اسان وٽ سنڌي ڏورن ۽ ڳجهارتن ۾ عام آهي. يعني ڪنهن شڪل جي نشانيءَ لاءِ ڪو لفظ يا پد مقرر ٿئي ٿو، پر ان جي اها صورت اختيار ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي معنيٰ مختلف آهي. انهن کي (HOMOPHONE) يا هم آواز پد يا لفظ چئجي ٿو. جيئن مون عرض ڪيو تہ اسان وٽ لوڪ ادب ۾ ڏور ۽ ڳجهارت ۾ اهو اصول عام آهي. مون پرپولا کي بہ ان جا ڪئين مثال ڏنا هئا ۽ هلال پاڪستان ۾ مضمونن جي سلسلي ”رتيءَ جي رهاڻ“ ۾ بہ انهن جو ذڪر ڪيو هو. انهن مان هڪڙو مثال ياد ٿو اچيم تہ جيئن ڏورن ۾ ڪو نياپو موڪلجي تہ ڪالهہ مند نڪري ويئي. هاڻ مند جو هم آواز لفظ منڌ آهي. ان جملي جي عام معنيٰ تہ اها ٿي تہ ڪالهہ موسم پوري ٿي، پر نياپي پهچندڙ شخص کي جي ان اصول جي ڄاڻ هوندي تہ هو سمجهندو تہ ڪالهہ منڌ يعني نينگر نڪري وئي. اهو آهي ريبس جو اصول- ان اصول تي پرپولا وارن الاهي سارن لفظن جا ملهہ مقرر ڪيا آهن. مثلاً هنن ڦٽيءَ جي شڪل جي نشاني جو دراوڙي لفظ ڳوليو ”پڻتي“ ۽ ان جي هم آواز لفظ ”پڻٽ“ يعني زال (WOMAN) کي صحيح ملهہ ورتائون منهنجو

اعتراف اهو هو ۽ آهي ته ان ساڳئي ئي اصول تي ان نشانيءَ کي ”ڦٽي“ پڙهيو وڃي، جيڪا ڦٽيءَ سان ملي ٿي ۽ دراوڙي ٻڻ ٻٽياد جو لفظ آهي ۽ ان ئي (REBUS PRINCIPLE) تي ”ڦڻ“ (ننڍي حرف علت سان) مان نانگ يا نانگ جي ڦڻ يا ڇٽ جي معني اختيار ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڦٽي جي ڦ صوتيي کي پوءِ جي صورت سمجهيو وڃي ته پوءِ وسر گائي (ASPIRATION) ڪڍي پڻ پڙهيو وڃي جنهن جو (HOMOPHONE) پٽي يعني مٽي يا زمين جو ملهه مقرر ڪيو وڃي. آءٌ هڪڙي ئي مثال تي اڪتفا ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته هت مقصد صرف اصول سمجهائڻ جو آهي.

ان سلسلي ۾ آءٌ ڊاڪٽر الانا کي گذارش ڪندس ته هو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي جو ٻڻ ٻٽياد“ جو انگريزي ترجمو جلد ڇپائي ته اها نه رڳو سنڌيءَ جي خدمت ٿيندي پر موهن جي دڙي جي ٻولي جي پڙهڻ ۾ ماهرن کي ٻه مدد ملندي.

منهنجو ٻيو اعتراض نشانين جي سڃاڻپ آهي. منهنجي نظر ۾ ڪيترين نشانين کي پروپولا وارن صحيح نه پڙهيو آهي. مثلاً هڪ نشاني سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي زرعي ماحول ۾ استعمال ٿيندڙ ”ٻياني“ جي آهي، جنهن سان جهنگ جي ڪپيل ٻوڙن کي ڪٽي سٽيو ويندو آهي. پرپولا وارن ان کي ”هٿ“ (HAND OR FORE-ARM) سمجهيو آهي، جنهن لاءِ هنن مطابق دراوڙيءَ ۾ ”ڪئي“ لفظ آهي، جنهن جو (HOMOPHONE) ڪئي، يا ”ڪي“ معنيٰ ننڍي ٻيڻ، ننڍي عمر جي زال يا ڪنوار ورتي ويئي آهي. هاڻ هن نشانيءَ جي ڪنهن به صورت مان هٿ هجڻ جو گمان ڪو نه ٿو پوي. ان نشانيءَ مان ٻياني جي شڪل ظاهر ٿئي ٿي يا وري ڪمان سان گڏ تير جي. مسٽر ولسن ان کي تير ڪمان جي شڪل سمجهي ان کي سميري لفظ ”بان“ سان ملايو آهي. جڏهن ته مسٽر ولسن جو ڪتاب پئي پڙهيم، تڏهن مون کي هڪدم خيال آيو ته اسان جي سنڌيءَ ۾ به تير کي ”ٻاڻ“ چئجي ٿو. ان ”ٻاڻ“ کي ممڪن آهي ته ڪي دوست سنسڪرت جي ”ٻاڻ“ مان ڪڍن، جيئن ادبي بورڊ واري سنڌي لغت ۾ آهي، پر جيئن ته اهو لفظ سنسڪرت ڪان

گهڻو اڳ سميريءَ ۾ موجود آهي، ان ڪري ظاهر آهي تہ اهو سنسڪرت ۾ پوءِ آيو، يا سميريءَ مان سڌو سنئون يا سنڌيءَ جي ذريعي.

منهنجي خيال ۾ تہ اهو لفظ ”ٻيانو“ جو (HOMOPHONE) پڻ آهي. جا ان نشانيءَ جي صاف شڪل آهي، پر ان ڪان بہ وڌيڪ دلچسپ (HOMOPHONE) ”ٻانهون“ (SLAVE) آهي. اڳئين پراچين زماني ۾ ٻانها ئي زرعي ڪم ڪار ڪندا هئا ۽ ٻياني سان ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ ڪي ئي ”ٻانهو“ چيو ويندو هجي تہ شڪ نہ آهي. ٻانها ٻاڻ هڻڻ جو ڪم بہ ڪندا هئا. ان طرح هو نقطہ نظر ڪان ان شڪل جي پڙهڻي ٻانهو ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ وڌيڪ ثابتي اها بہ آهي تہ ڪيترين صورتن ۾ اها نشاني هڪ گولي يا چوديواريءَ اندر بند ٿيل ڏيکاري ويئي آهي، جنهن مان پڻ قيد اندر بند ماڻهو يعني ٻانهي جو تصور نڪري ٿو. هت وري اهو بہ عرض ڪريان تہ سنڌي لغت ۾، ٻانهون سنسڪرت ٻاهڪ مان نڪتل ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو يقيناً غلط آهي. ان نشاني کي اڪثر گول دائري يا گولي اندر بند ڏيکاريو ويو آهي. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ لفظ ”گولو“ دائري توڙي ٻانهي جي معنيٰ ۾ موجود آهي. ان ڪري صرف گولي واري نشاني وري گولي جي (HOMOPHONE) گولو يعني غلام يا ٻانهي جي معنيٰ رکي ٿي ۽ اها معنيٰ تہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي بازگشت آهي. دراوڙيءَ ٻولين ۾ گولسو، ڪوسو، زنجير کي چئبو آهي. جنهن لاءِ برو ۽ ايمنو جي فهرست نمبر 1775 کي ڏسي سگهجي ٿو.

منهنجو ٽيون اعتراض سماجي اهڃاڻن تي ٻڌل آهي. پرپولا وارن هندومت جي ديوتائن جي قديم صورتن ۽ انهن سان ڳانڍاپيل تارن ۽ گرهن جي اپياس کي پڻ قديم مذهب جي دائري ۾ هڪ بنياد مقرر ڪيو آهي. مثلاً انهن مڇيءَ لاءِ دراوڙي لفظ مين يا ميڻ مقرر ڪيو ۽ ان جو هرموفون يعني تارو يا ستارو مقرر ڪيو آهي. مڇيءَ لاءِ قديم سنڌي لفظ مي، مين، جيڪو مي هاڻن يعني مهاڻن ۾ موجود آهي. سنڌ جي ساموندي علائقي کي ٺٽي جي آس پاس يونانين مين نگر يا مينا نگر سڏيو هو. دراصل تاريخ ۾ هينري ڪزنس مطابق ٺٽي کي مينا نگر سڏيو ويندو هو جنهن ۾ اسان جي لفظ ماڱر ۽ ماجر جي صورت آهي.

ان ۾ مين_ مهاڻن ۽ ميربحرن جي ذات ۽ علائقي جي نالي ۾ موجود آهي. شاهه سائين جي سر گهاتو ۽ ڪاموڏ ۾ اوهان کي ان سان لاڳاپيل ڪوڙ لفظ ملندا. ساڳئي وقت_ مين ستارن يا روشن چمڪندڙ شين جي معنيٰ ۾ به اسان وٽ موجود آهي. سون مين ۽ ميناڪاري اصلاحن ۾ اوهان کي ان جو اهڃاڻ ملي ٿو. ان مڇي جي نشاني سان وري مختلف تعداد ۾ ننڍيون اڙيون، ٽي، ڇهه يا ست به اچن ٿيون، جن کي انگن جا دراوڙي لفظ ڏئي مومين، ٽي تارا، آرو مين ڇهه تارا ۽ ايڙو مين يعني ست- تارا ملهه بيهاريا آهن، جيڪي لفظ ڪن گرهن جا پراڻا تامل نالا آهن.

هنن جي نظر ۾ انهن گرهن جا وري خاص رنگ هئا ۽ ڪي قديم ديوتائون انهن رنگن جي نالن سان سڃاتا وڃن ٿا. مثلاً هنن جو هڪ قديم ديوتا بلرام جي دراوڙي نالو واليوٽ جي معنيٰ آهي اڇي رنگ وارو_مڇيءَ جي نشاني تي ڪجهه اڙين ڏيڻ سان انهن اڙين کي وارن سان مشابهه سمجهي، ان جو دراوڙي لفظ مقرر ڪيائون. وال وڏو مين يا والمين سڏيائون، جنهن جو HOMOPHONE وارمين معنيٰ اڇو تارو COMET ۽ اڇي رنگ جي مناسبت سان واليون يا والرام يا بلرام ديوتا جو تصور آندائون، جنهن لاءِ ڏند ڪٿا آهي ته وشنو شيش ديوتا ڦڻ تان اڇا وارپٽيا هئا ته هو بلرام سڏجڻ لڳو. ان طرح هنن ديومالا، تارن ۽ گرهن ۽ دراوڙي ASTRONOMICAL CALENDER کي ڳنڍي پنهنجي قائم ڪيل ملهن کي اڻ سڌي طرح سماجي ۽ معاشرتي يعني قديم مذهبي پس منظر سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها ڪوشش به نهايت قابل قدر آهي ۽ ماهر ئي ان لاءِ ڪا حتمي راءِ قائم ڪري سگهندا، پر منهنجي خيال ۾ اتي به هن کي سنڌي معاشرت، لوڪ ادب ۾ تارن ۽ گرهن جي نالن ۽ سنڌي ASTRONOMICAL CALENDAR مان مدد وٺڻ گهرجي.

سنڌي ۽ سنڌين کي پنهنجو ڪئلينڊر هو، جنهن ۾ جڳن جا جڳ ائين گرهن ۽ تارن جي بنياد تي ٻڌل آهن. اهو ڪئلينڊر وڪرما جيت جي ڪئلينڊر ۽ سنبت يا سماوت جي سن کان گهڻو اڳاٽو آهي. ان سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر بلوچ جو مقالو نهايت ئي قابل قدر آهي ۽ انگريزيءَ ۾

ئي شايع ٿيو هو. جنهن ۾ هن سنڌي سن کي عيسوي ۾ ٻين سنن سان ڀيٽي ڏيکاريو هو، اهو سمورو مواد ڊاڪٽر صاحب نهايت محنت ۽ جستجو کان پوءِ البيرونيءَ جي ڪتابن مان سوڌي ڪڍيو هو. ان طرح سموري سنڌي COSMOLOGY ASTROMYRHOLOGY COSMOLOGE ميدان مان مدد وٺڻ گهرجي ها.

منهنجو ڇوٿون اعتراض اهو آهي ته پرپولا وارن انهن نشانن جي ارتقائي صورتن کي بنهه نظر انداز ڪيو آهي. موهن جي دڙي ۾ موجود نشان، نشانيون، شڪليون، صورتون ائين اوچتو گم ڪو نه ٿي ويون. تهذيبون ائين گم نه ٿينديون آهن. ان سلسلي ۾ هڪ نهايت عمدو ڪتاب SERV̆IVALS OF THE HARAPP CULTERE ڇپيو هو. جيڪو هڪ دراوڙ ماهر ٽي۔ جي اروا موٿن T.G ARVAMUTHON ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ان ۾ هن پوءِ جي سڪن، مهرن ۽ مندرن ۽ قبن تي اڪريل نشانن ۽ صورتن سان سنڌو سڀيتا جي صورتن کي ڀيٽي اهو ثابت ڪيو ته انهن مان ڪيتريون صورتون پڌ ڌرم جي دور تائين ارتقا ڪنديون موجود رهنديون آيون. انهن مان ڪيتريون صورتون خود ميرپورخاص واري ڪاهوءَ جي دڙي مان لڌل نشانين تي به ملن ٿيون.

برادرم علي احمد بروهيءَ سنڌ، ڪوهستان ۽ بلوچستان جي قبرن تي موجود نشانن تي نهايت اعليٰ پائي جا مضمون تصويرن سان شايع ڪيو. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته انهن ۾ موجود ڪيترا نشان ۽ اهڃاڻ موهن جي دڙي جي نشانن ۽ اهڃاڻن جو ارتقائي صورتون آهن. ايتريقدر جو چوکنديءَ جي بنهه ويجهي دور جي قبرن تي به ڪي اهڙا نشان آهن، جيڪي هوبهو يا تقريباً موهن جي دڙي جي سماجي اهڃاڻن جهڙا آهن. نه رڳو انهن نشانن جي اجا ارتقائي صورت موجود آهي پر خود لکيتن جي نشانين جي ارتقائي صورت به پراڻن مخطوطن ۾ ملي ٿي. مون کي محترم سائين جي.ايم.سيد جي ذريعي فارسيءَ ۾ لکيل شعبدن ۽ جادوءَ جي ٽوٽڪن تي هڪ مخطوطو مليو. جنهن ۾ ڪافي نشانيون موهن جي دڙي جي رسم الخط جهڙيون آهن ۽ انهن نشانين جا اچار به موجود آهن.

اهڙا ٻيا فارسي مخطوطا برٽش ميوزيم ۽ پئرس ۾ بہ موجود آهن. مون اهو نسخو برادرم علي احمد بروهي کي ڏيکاريو هو ۽ هو بہ ان راءِ جو آهي تہ اهڙن مخطوطن مان يقيناً تحقيقن جو هڪڙو رخ يا زاويو ملي سگهي ٿو. اهو ڪتاب مون نقل ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ ان تي ڪجھہ ڪم بہ ڪيو اٿم.

پر آءٌ اوهان جي سامهون اهو اعتراف ڪرڻ گهران ٿو تہ تہ مون کي انهيءَ ڪم کي توڙ تائين نڀائڻ ۾ ڪي ورهيہ لڳي ويندا، ڇاڪاڻ تہ اسين تہ پارٽ ٽائيم طالب العلم آهيون، اسان جو سمورو ڏينهن گهڻي جي ڳولا ۾ گذريو وڃي ۽ پڙهڻ لکڻ جو ڪم فقط پنهنجي ميس مارڻ، وندر ورونهن ۽ زندهہ رهڻ لاءِ ٿا ڪيون. ههڙن ڪمن لاءِ وقت گهرجي . ادارا گهرجن ۽ فراغت گهرجي. هي ڪم محترم ڊاڪٽر بلوچ، محترم عبدالجبار شام صاحب ۽ ٻيا اهڙا استاد ۽ سندس شاگرد ڪري ٿا سگهن. هتي آءٌ اوهان جي ذريعي هڪڙي گذارش بہ ڪرڻ ٿو گهران تہ ڪجھہ سال اڳ سنڌين ۽ دراوڙي ذاتين جي پيٽ خاطر هڪ لغت تيار ڪرڻ جو سوچيو هوم. ان لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي شاهہ جي رسالي کي بنياد بنايم ۽ رسالي ۾ جيڪي بہ لفظ هئا، انهن مان هر هڪ لفظ کي جدا جدا چٽڪين تي لکارايم. ان لفظ سان گڏ صفحو نمبر، سر، بيت نمبر وغيره بہ لکايم جيئن لغت تيار ڪرڻ وقت لفظ جي (FREQUENCY) بہ معلوم ٿي سگهي تہ مثلاً لفظن ”۾“ يا ”ڪي“ رسالي ۾ گهڻا ڀيرا ڪم آيو آهي. ڪل لفظن جي ڳاڻيٽي ۾ ان لفظ جو سيڪڙو بہ نڪري ايندو. اهي چٽڪيون ٻن ٽن چمڙي جي پيٽين ۾ بند آهن ۽ هاڻ ڪاغذ ڳرڻ لڳو آهي. مون کي پنهنجي هڻ هٽان ۾ وقت ڪونہ ٿو ملي ۽ اها محنت رائگان وڃڻ جو خطرو آهي. جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي، سنڌالاجي يا سنڌي ادبي بورڊ ان ڪم کي هٿ ۾ کڻي ۽ ٻن ٽن شاگردن کي حوالي ڪري، جيئن اهي لسٽون ناهي ڏين.

يونيورسٽي يا سنڌالاجي پنهنجي نظر هيٺ انهن لفظن جي ذاتن کي مونيروليمس جي سنسڪرت ڊڪشنري يا ٽرنر جي COMPARATIVE DICTIONARY OF INDO-ARYAN LANGUAGE ۽ برو ۽ ايمبوجي

ETMOLOGICAL DICTIONARY OF DRAIDIA LANGUGE ۽ جي ڏاتن سان پيتائي ڪتاب تيار ڪرائي. جيڪڏهن اهي ڪتاب وٽن نہ هجن تہ آءٌ اهي ڪتاب ڪين عاريتاً ڏيڻ لاءِ تيار آهيان يا ان جي ٻي صورت اها آهي تہ فهرست جي ابتدائي ڪم ڪان پوءِ ڪو شاگرد مون سان گڏ هر هفتي گڏجي ويهي آءٌ ڏاتو پيتي پيتي حوالي ڪندو وڃان ۽ سمورو ڪم ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ادارو ان لغت ڪي ڇپائي. آءٌ پنهنجي طرفان ڪنهن اهڙي شاگرد ڪي اسڪالر شپ ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهيان، اميد تہ اهي تي ئي ادارا منهنجي هن گذارش تي ٿورو گهڻو توجهہ ڏيندا.

انيس انصاري

# سنڌو ماٿريءَ جو پراچين رسم الخط

اهو شخص ڪير هئو جنهن سڀ کان پهرين لکيو؟ پوءِ اها لکت ڪٺي بڙي يا ليڪ جي صورت ۾ ڇو نہ هجي. ان پهرين لکندڙ لکت ڪي ڇا سان ۽ ڇا تي لکيو؟ اهي ڳالهيون تاريخ جي حوالي سان ثابت تہ ڪري نہ ٿيون سگهجن، البت جدا جدا قومن لکڻ جي فن کي ايجاد ڪرڻ جو سهرو پنهنجي ڪنهن هيرو ديوتا يا پيغمبر جي سر تي ٻڌو آهي.

مصرين مطابق پهريان جن لکيو سي هئا ديوتا ٿهوت (THOT) ۽ ديوي ايسيز (ISIS)، بابل وارن لکڻ جو فن ايجاد ڪندڙ ديوتا نيبو (NEBU) قرار ڏنو آهي. يونانيں موجب ديوتا هرميس (HERMES) ۽ هندن موجب برهما ان فن جا ايجاد ڪندڙ هئا.

ارڙهين صديءَ جي انگلينڊ جي لکت جي ماهر جوزف چيمپن لکڻ جي فن کي ايجاد ڪندڙ خود خدا يا حضرت آدم کي مڃيو آهي.

ابن نديم ”الفهرست“ ۾ لکيو آهي، ”ڪعب، جنهن جي ڳالهہ سان مان اتفاق نہ ٿو ڪريان، چوي ٿو تہ پهريون ماڻهو جنهن عربي، فارسي ۽ هر قسم جي لکت کي واضع ڪيو سو آدم عليہ السلام هئو.

ڪوجنائن ثابت ڪيو آهي تہ حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان ويهہ هزار سال يا ان کان بہ اڳ تصويرن ناهڻ ۽ اڪرڻ جو ڪم ڪيو ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ لکڻ جي فن جي شروعات تصويرن سان ٿي هجي. ڍڳن، سانن، گهوڙن، هرڻن، ٻين جانورن ۽ ماڻهن جون تصويرون اسپين جي التميرا، فرانس جي لساڪس کان علاوه لبيا، آفريڪا ۽ ٻين هنڌن تي غارن ۾ ڏٺيون ويون آهن. انهن لاءِ عالمن جو چوڻ آهي تہ اهي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ناهيون ويون هيون. اهو خاص مقصد پيغام رساني بہ ٿي سگهي ٿو، تہ اهي موجوده تصويرون هن وقت پهرين لکت آهن. اهڙي طرح انهن تصويري لکتن سان گڏ پڪٽو گرام بہ وجود ۾ آيو.

چاڻ ڏيڻ جي طريقن مان هڪ طريقو اشارا به آهن. ڪنڌ کي خاص نموني لوڏڻ سان هاڪار يا ناڪار جو مطلب ادا ڪري سگهجي ٿو. هٿ کي ڪنهن طرف ڪڻڻ سان ڪنهن کي دڳ لائي سگهبو آهي. منهن تي خاص انداز جو تاثر پيدا ڪري خوشي، غم ۽ غصي وغيره جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح زمين تي ليڪ ڪڍي يا ليڪ کي هڪ طرف موڙ ڏئي يا گول، ٽڪنڊا، چورس، مستطيل يا جاميٽريءَ جي ٻي شڪل ٺاهي ماڻهو پنهنجي مدعا ٻڌائي سگهي ٿو. ان طرح جي اشارن مان آئيڊيوگرام (IDEOGRAM) لکت وجود ۾ آئي، جنهن ۾ لفظن جي بدران نشانين کي استعمال ڪيو ويو. اڄڪلهه جي رستي جون نشانيون (ROADSIGNS) آهن، تن کي موجوده وقت جو آئيڊيو گرام سمجهي سگهجي ٿو.

ان طرح اهو فن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو فونيٽڪ لکت ۾ ظاهر ٿيو. ان ۾ هر نشاني هڪ آواز لاءِ مقرر ڪئي ويئي. ايئن الف ب وجود ۾ آئي.

سنڌو ماٿري جي پراچين لکت مصري هيرو غلافيءَ وانگر پڪٽو گرام آهي. پڪٽو گرام ۽ آئيڊيو گرام ۾ فرق سمجهڻ لاءِ هيءُ مثال ڏئي سگهجي ٿو. سادي پڪٽو گرافيءَ ۾ گول، سج لاءِ ڪم آندو ويندو آهي، پر ساڳيو گول، آئڊيو گرافيءَ ۾ چمڪندڙ، روشن ڏينهن يا وقت لاءِ به ڪم اچي سگهي ٿو.

ٽي مکيه تهذيبون مصري، بابلي ۽ سنڌي، نيل ندي، فرات، دجله ۽ سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي وجود ۾ آيون ۽ ترقي ڪري اوج تي پهتيون. انهن ٽنهي تهذيبن کي پنهنجي لکت هئي. انهن لکتن مان قديم مصري ۽ بابلي لکتون ته عالمن پڙهيون آهن، پر سنڌي لکت باوجود ڪافي ڪوشش جي، اڃا پوري طرح پڙهي به نه وئي آهي. جيتوڻيڪ ڪيترن عالمن انهن کي پڙهڻ جي دعويٰ پڻ ڪئي آهي.

اهي ڪهڙا سبب آهن جو قديم مصري ۽ بابلي لکتون ته پڙهيون ويون پر سنڌي لکت پڙهجي نه سگهي، ان جو وستار هيٺ ڪجي ٿو.

پراڻي مصر ۾ هيرو غلافي طرز تحرير رائج هئي. هيءَ لکت پڪٽو گرام هئي جنهن ۾ پکين، جانورن، ماڻهن وغيره جي شڪلين کي ابلاغ (پيغام) جو ذريعو بڻايو ويو هو. وقت گذرڻ سان هيرو غلافي کي وڌيڪ سولو بڻائي هيراٽڪ لکت کي وجود ۾ آندو ويو. مصر جڏهن يونانين جي قبضي ۾ آئي ته اتي يوناني رسم الخط پڻ استعمال ٿيڻ لڳو.

سن 1799ع ۾ نيپولين جي فوج ۾ نوڪري ڪندڙ هڪ انجنيئر بوخارڊ کي نيل نديءَ جي ڊيلٽا ۾ روسيٽا جي جاءِ تي هڪ ڪارو پٿر هٿ آيو، جنهن کي هٿ اچڻ واري هنڌ جي نالي سان روسيٽا پٿر سڏيو ويو. ان پٿر تي ٽن زبانن ۾ تي متن اُڪريل هئا. ان تي 14 سٽون مصري هيرو غلافي ۾ 32 سٽون ڊيموٽڪ لکت ۾ ۽ 54 سٽون يوناني رسم الخط ۾ اڪريل هيون. بعد ۾ اهو پٿر انگلينڊ آندو ويو، جنهن تان پلاسٽر آف پيرس سان نقل بڻائي جدا جدا ملڪن ڏانهن موڪليا ويا، جتي مصريات جي ماهرن ان کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن مان فرانس جو هڪ عالم چيمپولين، جو مصر جي قبطي زبان جو ڄاڻو هو. ان پٿر تي يونان لپيءَ ۾ ان زبان ۾ اڪريل اکرن کي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان طرح مصر جي قديم زبان پڙهڻ ۾ ڪاميابي ٿي ۽ اتان جي رهڻي ڪهڻي ۽ تاريخ جي ڄاڻ حاصل ٿي.

مصر جي قديم لکت وانگر ميسوپوٽيما (بابلي تهذيب) جي لکت، جا خط ميخي، جنهن کي چپر واري لکت چيو ويندو آهي. ڪافي عرصي تائين پڙهجي نه سگهي. اها لکت آلي مٽيءَ جي تختين تي ڪنهن ڪاني يا ٻيءَ سخت چيز سان لکي ويندي هئي. ان ڪري ان لکت جو شروعاتي حصو ويڪرو ۽ آخري حصو سوڙهو نوڪدار هوندو هو. ان لکت جي، ميخ سان مشابهت ڪري ان کي خط ميخي چيو ويندو آهي. انهن تختين

ڪي لکڻ ڪان پوءِ باهہ ۾ پچايو ويندو هو. اهڙيون تختيون ڪافي تعداد ۾ پراڻن شهرن ارڪ، ڪش، لاگاش، پنور، اُر وغيره مان هٿ آيون آهن. انهيءَ لکت جي تختين کي خاص جڳهن ۾ رکيو ويندو هئو. جن هنڌن کي ان وقت جون لئبرريون چيو وڃي تہ بيجا نہ ٿيندو. خط ميخي کي پڙهڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون ويون پر ان کي چڱيءَ طرح پڙهڻ جو سهرو انگريز متسشرق سر هينري رانسن جو سر آهي.

ڪرمان شاهہ (ايران) کان اوڀر طرف 32 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هڪ بستي بهستون نالي آهي. جنهن جي پرسان هڪ پهاڙي ساڳي نالي واري آهي، ان ڪوهہ بهستون (شيرين فرهاد واري ڪهاڻي واري) تي دارا پهرين جي زماني ۾ مورتيون ۽ لکتون اڪيريون ويون هيون. ان ۾ خط ميخي ۾ ٽن زبانن پراچين، پارسي، بابلي ۽ ايلمي ۾ ساڳيو مضمون لکيو ويو آهي. 1835ع ۾ رانسن پاڻ کي خطري ۾ وجهي ان پهاڙيءَ تي چڙهي انهن لکتن کي نقل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪين پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر 1850ع ۾ ان لکت جو گهڻو حصو ٻين ڄاڻن جي مدد سان پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

جهڙي طرح قديم مصري هيرو غلافي ۽ قديم بابلي ڪيونيفارم لکتن لاءِ روسيٽا پٿر ۽ بهستون تي اکر، ڪنجيون ثابت ٿيون آهن. اهڙي طرح جي ڪا لکت جا سنڌو ماٿريءَ جي قديم لکت ۾ مدد ڪري هٿ اچي ڪا نہ سگهي آهي. تنهن هوندي بہ وقت جي عالمن ان لپيءَ جي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا آهن. ڪن اها دعويٰ ڪئي آهي تہ ان لکت کي هڪ نہ ٻي زبان ۾ پڙهيو آهي. اها دعوي ڪيتري حقيقت رکي ٿي سو وقت ٻڌائيندو.

قديم مصر ۾ ميسوپوٽيميا جون لکتون اسان کي گهڻ اکرين ۽ گهڻي تعداد ۾ جدا جدا شين تي مليون آهن. مصر ۾ اهي پيپرس ٻوٽي جي پنن تي مندرن ۽ گهرن جي ديوارن تي ۽ پٿرن تي لکيون يا اڪيريون ويون هيون. ان کان سواءِ اهي مٽيءَ جي تختين تي بہ لکيون

وينديون هيون. اهي لکتون واريءَ ۾ دٻيل رهڻ سبب ڪافي محفوظ آهن. ساڳي طرح ميسوپوٽيميا جون مٽيءَ جون تختيون محفوظ حالت ۾ هٿ آيون آهن.

سنڌي لکتون اسان کي هڪ خاص قسم جي پٿر پڪي مٽي ۽ ٽامي وغيره تي ملن ٿيون. اهي لکتون ٺورن اکرن ۾ تصويرن سان گڏ يا تصويرن کان سواءِ هٿ آيون آهن. سنڌي لکت نه ڪنهن ديوار تي لکيل هٿ آئي آهي ۽ نه ڪنهن ٺڪريءَ تي. ممڪن آهي ته پنن، ڪاٺ، ڪپڙي ۽ ٻين چيزن تي پڻ لکيو ويو هجي پر هتان جي موسم، مٽي، ڪلر ۽ بار بار ايندڙ ٻوڏن انهن کي ختم ڪري ڇڏيو هجي.

ان خاص پٿر جنهن تي سنڌو ماٿريءَ جا قديم اکر اڪريل آهن، ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڏکڻ راجپوتانا جي اريالي ٽڪرين مان آندو ويو هو. پٿر کي ڪارائيءَ سان ڪٽي مهر ٺاهي ان تي چيٽي ۽ متڪي سان تصويرون ۽ اکر اڪيريا ويا ڏسڻ ۾ تا اچن. ڪن حالتن ۾ ان پٿر کي چوني جو تهه چاڙهي باهه ۾ تپائي تيار ڪيو ويو آهي.

عالمن جو خيال آهي ته اهي مهرون ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي ملڪيت ڏيکارڻ لاءِ نپي طور استعمال ٿينديون هيون، ڪن مهرن جي پاسن ۾ ٽنگن جي موجودگي ٻڌائي ٿي ته انهن کي ڌاڳي ۾ پوئي ڏوري ۾ ٻڌو ويندو هو.

سنڌي لکت جي پهرين مهر سر اليگزينڊر ڪننگهام کي هڙاپا مان هٿ آئي، هو 1853ع ۽ 1856ع ۾ اتي ويل هو. ان مهر تي ڇهه مختلف نوعيت وارا اکر اڪريل هئا ۽ متس ڍڳي جي صورت به نهيل هئي. ان کي 1875ع ۾ ڪننگهام پنهنجي مضمون ۾ ”هڪ عجيب ۽ غريب چيز“ ڪري لکيو آهي.

سن 1884ع ۾ جي هاروي کي هڙپا مان هڪ ٻي مهر هٿ آئي، جنهن تي ساڳئي قسم جا پنج اکر اڪريل هئا پر ان تي ڍڳو نهيل ڪين هئون. اهڙي نموني جي ٽين مهر 1912ع ۾ پڻ هڙاپا مان هٿ آئي، انهن

ٺنهي مهرن جون تصويرون ۽ تفصيل 1912ع ۾ مسٽر جي ايف فليٽ شايع ڪرايا.

سن 1922ع ڌاري راءِ بهادر بئنرجي ڪي موهن جي دڙي جي کوٽائي کندي هڙاپا واري ساڳي نوعيت واريون ڪجهه مهرون هٿ آيون. ان بعد موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي وڏيڪ کوٽائي کندي ٻيون مهرون ٻه هٿ آيون آهن.

انهن ٻن ڦٽن کان سواءِ ان قسم جون مهرون ٻين هنڌان ٻه هٿ آيون آهن. سن 36-1935ع ۾ ارنيسٽ مئڪي چنهون دڙو کوٽايو، جنهن مان ڪيس اهڙيون 80 کن اڪريل چيزون مليون. سن 61-1954ع ۾ ايس آر راءِ سن، لوٿل جي کوٽائي ڪئي، جنهن ۾ ڪيس 71 مهرون مليون، لوٿل گجرات ۾ آهي. ساڳي طرح ڪالي بنگن (راجستان) مان بي بي لال ۽ بي ڪي ٿاپر کي کوٽائي ۾ اهڙيون مهرون مليون. ساڳي قسم جون مهرون مشرق قريب ۽ ٻين هنڌن تان پڻ هٿ آيون آهن.

واديءِ سنڌ جي قديم لکت بابت جدا جدا عالمن جا جدا جدا خيال آهن. انهن ڄاڻن مهرن کي جدا جدا ٻولين ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عالمن جو خيال آهي تہ اها لکت علامتي نشاني جي صورت ۾ آهي. ڊاڪٽر جي آر هنٽر انهن نشانين جو تعداد 253 ٻڌايو آهي. پروفيسر اسٽيفن لينگڊن انهن عددن 288، سي جي گئڊ 254، سڊني سمٿ 396 ۽ اسٽوئرٽ پگٽ 400 ڏنو آهي.

آرلين زائيڊ تقريباً 300 نشانيون قبول ڪيون آهن. مان بنيادي نشانين جو تعداد 250 آهي. سر جان مارشل پنهنجي ڪتاب ۾ 500 مهرن جا فوٽو ڏنا آهن ۽ ماڌهو سروپ وٽس هڙپا جي 900 مهرن جا، محمد اسحاق صديقي جدا جدا مهرن جو مطالعو ڪري هڪ فهرست تيار ڪئي آهي، جنهن موجب انهن مٿي ذڪر ڪيل چوڏهن سؤ مهرن تي ڪل 750 داخلائون آهن.

جي ايم باندي لکيو آهي ته مارشل ۽ مئڪي 43 پتل جي پترن کي ڇپايو آهي ۽ هنٽر پنهنجي مطالعي 1934ع ۾ چوويهه مهرون آنديون آهن. پابندي ڪل 123 ٽامي جي پترن جو ذڪر ڪيو آهي. سيد ايم اشفاق پاڪستان ۽ ڀارت مان هٿ آيل مهرن جو تعداد 200 ٻڌايو آهي.

سنڌوماتريءَ جي مهرن تي اکر اڪريل آهن سي پهرين سٽ ۾ سڄي کان کٻي ٻي سٽ ۾ کٻي کان سڄي پڙهيا وڃن ٿا. سنڌو ماتري جي قديم لکت جي زبان بابت پڻ اختلاف آهن. سنڌي عالم سراج ميمڻ ان کي خالص قديم سنڌي زبان تسليم ڪيو آهي.

منصور سليم لکيو آهي ته مهاڻا جي سنڌ ۾ رهن ٿا. انهن جي زبان جي مطالعي مان امڪان آهي ته سنڌي لکت تي ڪا روشني پئجي سگهي.

اي_ايچ داني لکيو آهي ته ڪن محققن ان لکت کي سنڌي تحرير سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان لکت کي خالص سنڌي زبان قبول ڪرائڻ لاءِ ٺوس دليل هٿ اچي ڪو نه سگهيو آهي. اهو به پتو نه آهي ته ان وقت جي سنڌي زبان جي شڪل، صورت ۽ هئيت ڇا هئي. سر اليگزينڊر ڪننگهام، ڊاڪٽر ڪي پي جيسوال ۽ راءِ بهادر بشن سروپ انهن نشانين کي سنسڪرت چئي ان زبان ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ڪاربن 14 ۽ ٻين تجربن ثابت ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جي سڀيتا آرين جي هندو پاڪ ۾ اچڻ کان اڳ جي آهي. ان ڪري آرلين زائيڊ پڻ تاريخي بنياد تي ان لکت کي سنسڪرت سان ڳنڍڻ غلط قرار ڏنو آهي.

منصور سليم لکي ٿو ته هڙپا جي زبان انڊو يورپي زبانن جي ڪٽنب مان نه آهي جو ان زبان ۾ لفظ جي شروعات ۽ پڇاڙي ساڳي قسم جي ڪين آهي. ان ڪري سنڌو ماتري جي زبان سنسڪرت يا ان سان لاڳاپيل زبان نه ٿي سگهي ٿي.

مهاديون لکي ٿو ته سنڌي لکت کي سائنسي طريقن سان جيڪا سنڌي ان فيصلي تي پهچي ٿو ته اها پنهنجي بناوت مان ئي غير يورپي زبان آهي ۽ سندس لاڳاپو دراوڙي زبان سان ٿي سگهي ٿو.

پروفيسر اسٽيفن لينگڊن ۽ سي جي گئڊ جي خيال مطابق سنڌي لکت جا نشان سميري لکت سان ملي اچن ٿا. ان کي ڊاڪٽر ايل.اي.ويڊل انهن مهرن کي سميري رسم الخط جي مدد سان پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته سنڌي سميري نو آبادي هئي. آرليند زائيڊ ان دعويٰ کي غلط چيو آهي ۽ ڪيس تاريخ کان نا واقفيت ۽ غير سائنسي قرار ڏنو آهي.

روزني، قديم سنڌي لکت کي هٽائيٽ زبان ۾ پڙهيو آهي. زائيڊ ان کي به تاريخي غلطي چيو آهي ڇو جو هٽائيٽ هيرو غلافي سنڌو لکت کان اٽڪل هڪ هزار سال بعد جي آهي.

ڊاڪٽر پران ناٿ سنڌي لکت کي برهمي حرفن سان مشابهت ڏئي ڪن مهرن کي پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ انهن ۾ ديوي ديوتائن جا نالا پڙهيا آهن. جن مان ڪن جو سميري قوم سان تعلق هئو ۽ ڪن جو پراڻ ۽ نانترڪ مذهب سان. ان ڳالهه جي ترديد ۾ اهو چوڻ آهي ته نانترڪ ۽ پراڻن جو مذهب سنڌو تهذيب جي وڏڻ وسڻ کان سون سالن پوءِ جو آهي.

هڪ حيرت انگيز انڪشاف جي ڊي هيوسي ڪيو آهي لکي ٿو ته ايسٽر ٻيٽن جي لکت جا ڪي نشان سنڌي لکت قديم سان ملي اچن ٿا. ان کان سواءِ ٻنهي لکتن ۾ پهرين سٽ سڄي کان ڪبي ۽ ٻي سٽ ڪبي کان سڄي لکي وڃي ٿي. ان طرح هن صاحب انهن ٻنهي لکتن جو موازنو ڪيو آهي. محمد اسحاق صديقي ان تي اعتراض ڪندي لکيو آهي ته ايسٽر ٻيٽ هتان کان هزارين ميل پري آهي. ان کان سواءِ سنڌي لکت پنج هزار سال اڳ رواج ۾ اچي چڪي هئي ۽ ايسٽر ٻيٽن جي لکت اڄ کان ٿورو وقت اڳ رواج ۾ هئي.

آرلينڊ زائيڊ لکي ٿو، سنڌو ماٿري جي لکت کي ايسٽر ٻيٽن جي لکت سان ملائڻ لاءِ جي هيوسي، هين جيلڊرن ۽ بليوموريا جي دليل ڏنا آهن سي غلط سوچ جو مظاهرو ڪن ٿا. زائيڊ جي خيال موجب ايسٽر ٻيٽن جون نشانيون لکت ئي نہ آهن. ان جو چوڻ آهي تہ ايسٽر ٻيٽن جي هزارن نشانين مان ٿوريون چونڊي انهن کي سنڌي لکت سان ڀيٽڻ غلط آهي.

ناروي جو مشهور سيلاني ٿيوڊر هيئر ڊال پنهنجي ڪتاب اڪواڪو ۾ ايسٽر ٻيٽن ۽ اتي ٻتن تي اڪريل نشانن جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙي ڪتاب جو ذڪر پڻ ڪيو آهي جنهن ۾ ان طرح جي لکت آهي. هيئر ڊال لکيو آهي تہ اها لکت گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين رائج هئي.

ڀڪوليءَ بابت ذڪر ڪندي زائيڊ لکيو آهي تہ ايٽر سڪان جي ڇڙوڇڙ 40 نشانين کي، جي برتنن تي نهيل هيون. سنڌي لکت سان مشابهت ڏيڻ هڪ وڏي غلطي آهي. هن خيال ڏيکاريو آهي تہ اهي نشانيون ڪنڀرن پنهنجي نهيل برتنن جي سڃاڻپ لاءِ ڏنيون هين.

لئنگڊن ۽ هينري هيراس جو خيال هو تہ برهمي ٻولي سنڌو لکت مان ٿني نڪتي آهي، پر آسڪو پارپولا اها سندن غلطي تسليم ڪئي آهي.

مولانا ابو الجلال ندوي جو مضمون ”قديم مهرين“ ماه نو ڪراچي ۾ آگسٽ کان ڊسمبر 56 تائين قسطوار ڇپيو، جنهن ۾ هن دعويٰ ڪئي آهي تہ پندرهن سو مهرون مون پڙهي ورتيون آهن“ انهن جي زبان عربي آهي ۽ رسم الخط جنوبي عرب جي سباءِ معين جي ابجد سان تعلق رکي ٿو.

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ پنهنجي مضمون ”سنڌي صورت خطي جو بڻ بڻياد“ ۾ لکيو آهي. موهن جو دڙو اصل ۾ معن جو دڙو آهي يعني معن قوم جو ڊنل شهر، معن قوم عرب البائره ۾ شامل آهي. جن عربستان

مان نڪري دنيا جي مختلف ملڪن تي حڪومت ڪئي آهي. ڪتبن مان ظاهر آهي تہ معن، تبع ۽ سباجي قومن جو راڄ هن ڪان سواءِ سنڌ، ايران، عراق ۽ حبش (ائبيسينا) تي رائج هو.

هينري هيراس پنهنجي ڪتاب ”اوائلي اندوميديٽرينين تهذيبي جو مطالعو“ (اشاعت 1953) ۾ لکيو آهي تہ موهن جي دڙي جي ٻولي دراوڙي آهي ۽ ان قديم سنڌي لکت کي ان ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. آسڪوپارپولا پنهنجو ويچار ظاهر ڪندي چيو آهي تہ هيراس پنهنجي ان قياس ۾ بلڪل صحيح هيو تہ موجوده دراوڙي ٻوليءَ جي ڀيٽ سان ان قديم ۽ گم ٿيل ٻوليءَ جي تشڪيل ممڪن ٿي سگهندي جا سڀني ٻولين جو بنياد هئي ۽ جنهن مان سڀ زبانون ڦٽي نڪتيون.

هيراس کان اول دراوڙي زبان جي شاخ بروهي زبان بابت اظهار ڪندي سر جان مارشل چيو هو تہ آرين جي اچڻ ڪان اول جا دراوڙي زبان رائج هئي ان جي شاخ بروهي ٻولي اڄا پنهنجو وجود قائم رکندي اچي ٿي ۽ اها زبان بلوچستان ۽ افغانستان جي جابلو حصن ۾ پنهنجي اصليت ڪافي حد تائين برقرار رکندي آئي آهي.

پيرد ميرگي پنهنجي هڪ مضمون (اشاعت 1934ع) ۾ قديم سنڌي لکت کي بروهي ٻوليءَ ۾ هجڻ جي امڪان جو ذڪر ڪيو آهي.

هڙپا جي قبرستان37- R مان لڌل انساني هڏن مان 50 ڪان مٿي ڍانچن جي تجزيي بعد ڊاڪٽر ڪينٽ ڪئينڊي ان نتيجي تي پهتو آهي تہ انهن جي جسماني جوڙجڪ پاڪستان جي موجوده قومن سان ملي اچي ٿي ۽ نہ ڏکڻ هندستان جي دراوڙين جي بدني جوڙجڪ سان.

پارپولا قديم سنڌي لکت کي بروهي ٻولي ۾ پڙهڻ جي نفي ڪندي لکي ٿو تہ گذريل چئن هزارن سالن جي دوران بروهي ٻولي ڪافي حد تائين تبديليءَ جو شڪار ٿي چڪي آهي. ان ڪري ان ٻوليءَ جي موجوده سٽاءَ مطابق سنڌي لکت کي پڙهڻ اجايو آهي.

والٽر فيئر سروس زبان جي 419 نشانين مان هڪ سو کي دراوڙي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ان کان سواءِ آسڪو پارپولا ۽ سندس اسڪينڊين ساٿين ڪمپيوٽر جي ذريعي ان کي دراوڙي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ڪن روسي ماهرن ۽ پارتي عالم مهاديون پڻ پراڻي سنڌي کي دراوڙين زبان ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مهاديون جو خيال آهي ته قديم سنڌي زبان ممڪن نه آهي ته پنهنجو اثر بعد ۾ اينڊڙ زبانن تي ڇڏيو هجي. ان ڳالهه کي بنياد بڻائي پراڻي سنڌي لکت کي ٻن ٻولين انڊو آرين ۽ دراوڙي زبان ۾ پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.

قديم سنڌي لکت کي ڪن ٻين ٻولين ۾ پڙهڻ جي ڪوشش به ڪئي ويئي آهي، پر ڪن عالمن جو اهو خيال پڻ آهي ته هڙپا جي ٻولي (قديم سنڌي) هڪ اهڙي زبان جي ڪٽنب مان آهي جا ڪي به تاريخي اهڃاڻ پنيان ڇڏڻ جي بدران معدوم ٿي وئي آهي.

آسڪو پارپولا (ASKO PARPOLA) جو هيلسنڪي (فن لينڊ) يونيورسٽيءَ ۾ سنسڪرت جو پروفيسر آهي، تنهن ساٿين جي مدد سان ڪمپيوٽر جي ذريعي قديم سنڌي لکت جي نشانين کي تهذيب جي نشانين سان ڀيٽي ڪين دراوڙي زبان ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجا نتيجا دنيا جي اڳيان پيش به ڪيا اٿائين، پر تنهن هوندي لکي ٿو، ”مون کي يقين آهي ته انهي شوق ۽ جستجو (سنڌو لکت جي مطالعي) ۾ هاڻي نهايت دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو وڃي ٿو ۽ مون کي يقين آهي ته انهيءَ شوق ۽ جستجو ۾ ڪيترا ۽ نئين قسم جا ڪارگر ۽ اثرائتا قدم کنيا ويندا ته جيئن سنڌي لکت جي ڳجهارتن کي گوشهءِ راز مان ٻاهر ڪڍي، صفحهءِ هستي تي نروار ڪيو وڃي.

سنڌو لکت جون ڳجهارتون ڪڏهن صفحهءِ هستي تي نروار ٿينديون ان لاءِ منصور سليم ڊان ۾ ڇپيل مضمون ”نقش ديوار جي ڳجهارت.“ “RIDLE OF THE WRITING ON THE WALL” ۾ لکي ٿو،

سنڌي لکت جي ڳجهارت حل ڪرڻ لاءِ ماهر آثار قديمه ان ڪوشش ۾ آهن، ته ”هڙپا ۾ ڪا اهڙي لئبريري هٿ اچي، جهڙي ميسوپوٽيميا ۾ هٿ آئي هئي يا روسيٽا پٿر وانگر ٻن يا ٽن ٻولين واري لکت هٿ اچي.“ سنڌس خيال موجب اهڙي لئبريري هڙپا ۾ موقع نمبر 2300 -2100 ۾ ڪنهن هنڌ هٿ اچي ويندي. ان طرح قديم سنڌي لکت کي يقيني طور پڙهي سگهبو.

هن وقت تائين سنڌي لکت (قديم) کي پڙهڻ جون ڪافي ڪوششون ڪيون ويون آهن، پر يقين سان نه ٿو چئي سگهجي ته عالمن جيڪي پڙهيٽون قائم ڪيون آهن، سي پڪ اهي آهن جي مهرن تي اڪريل آهن، پر اميد آهي ته عالمن جون سنڌي مهرن کي پڙهڻ جون ڪوششون يقين جي حد تائين بارآور ٿينديون ۽ دنيا جي اڳيان سنڌو ماٿري جي سيپيتا تاريخ، مذهب وغيره جو اهو باب کلندو جو اجا هڪ راز آهي.

## ڪتاب ۾ مضمون جن جو مطالعو ڪيو ويو


1. THE STORY OF HAND WRITING. BY FAIR BANKS.
2. THE INDUS VALLEY CIVILIZATION. WHEELER
3. ENCYCLOPAEDIA BRITANICA.
4. ENCYCLOPAEDIA AMERICANA.
5. CONSTELLATIONS IN THE HARAPPAN SEALS. SYED M.ASHFAQUE
6. A BRIF SERVEY OF WORK TO DATE ON THE INDIAN SCRIPTS. R.K ZIDE
7. INSCRIBED COPPER TABLETS FROM B.M.PANDE.

8. PAKISTAN ARCHEOLOGY NO. 10-22.
9. RIDDLE OF WRITING ON THE WALL. MANSOOR SALEEM.
10. HARAPPA SCRIPT, PARTLY DECIPHERED. IMTIAZ GUL.
11. RECENT DISCOVERIES HARAPPA. H. A. HAMID.
12. STUDY OF THE INDUS SCRIPTS.
13. INDO SUMERIAN SEALS DECIPHERED.
14. STUDIES IN PROTO INDO-MEDITARANIAN CULTURE VOL.1.
15. THE INDUS VALLEY SCRIPT. AHMED NABI KHAN.
16. STUDY OF INDU SCRIPT I. MHADEVAN.
17. 17.RECENT DEVELOPMENTS IN THE STUDY OF INDUS SCRIPT. ASKO PARPOLA.
18. INTERPRETING THE INDUS SCRIPT. ASKO PARPOLA.
19. TOPANYM IN THE HARAPPAN INSCRIPTION. ASKO PARPOLA.

20. الفهرست. ابن نديم
21. واديءِ سنڌ ڪا رسم الخط. محمد اسحاق
22. سنڌي صورتخطي جو بڻ بڻياد. ڊاڪٽر ممتاز پناڻ
23. واديءِ سنڌ ڪي قديم ترين تحرير. ڊاڪٽر اي. ايڇ. داني
24. سنڌي ٻولي. سراج